جنگناما

لوڪ ادب سلسلي جو اٺون ڪتاب

جنگناما

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٩٨٤ع/١٤٠٤ھ

سگند ڪتاب گهر لاڙڪاڻو

پهريون ڇاپو — سال ١٩٨٤ع — تعداد ٥٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت:

[اوچو ڪاغذ – ست روپيا ۽ سادو ڪاغذ – پنجاھ روپيا]

هيءُ ڪتاب ميان الله بچايي يوسفزئي، مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇاپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي شايع ڪيو.

عنوانن جي فهرست

مهاڳ 10-7

مقدمو 76-11

باب پهريون: آڳاٽو دؤر ١-١٦

سنڌ جو تاريخي شعر

لس ٻيلي جو تاريخي احوال

باب ٻيو: سومرن ۽ سمن جو دؤر ١٧-٢٤

ڄام هالي ۽ همير سومري جي جنگ

باب ٽيون: ارغونن-ترخانن جو دؤر ٢٥-٢٨

مريد خان بلوچ جو مرزا محمد صالح ترخان کي مارڻ ٢٥

باب چوٿون: مغلن جو دؤر ٢٩-٤٦

انڙپور واري جنگ ٢٩

مغلن ۽ چنن جي جنگ ٣٣ الف

لنڊي پاڌي واري جنگ ٣٤

ٽٺوٽ واري جنگ ٣٥

ٻڌي-ڀاٽي گهٽ واري جنگ ٣٦

لاشارين جي پڙجن سان جنگ ٣٨

برفتن جو گاڏيچن ۽ چهرن کان وير وٺڻ ٤١

جهوڪ واري جنگ ۽ شاھ عنايت الله صوفي جي شهادت ٤٢

باب پنجون: ڪلهوڙن جو دؤر ٤٧-١٥٦

مياں نور محمد ڪلهوڙي ۽ مير عبدالله خان جي جنگ ٤٧

جنگو خان جمالي ۽ ٻلي ٻڊاڻي جي جنگ ٦٦

مياں نور محمد جو ڪوسن کي ھڪالي ڪڍڻ ٧٥

گنديءِ منداڻي ۽ نومڙين جا مقابلا ٧٧
جنگي خان ۽ جمالين جي جنگ ٨٢
آچڻي واري جنگ ٨٣
ڪرين واري جنگ ٨٧
ٽڏي واري ڀي جنگ ٨٨
مڪلي جي ڀورين جنگ ٨٩
سيري يا اونگر واري جنگ ٩١
جوکين ۽ لاشارين جي جنگ ١٠٤
پنيور وٽ مقابلو ۽ مڙس جون ماهيون ١٠٦
ڪلهوڙن جي لشڪر جي ڪرمتين تي چڙهائي ١٠٧
الله ڀني واري جنگ يا جهل واري جنگ ١١٩
ٽاڙا ٽر جي جنگ ١٢١
بجار جوکيي ۽ راڻي ارجن جي جنگ ١٢٨
ڀيڇي جي ميان غلام شاهه سان جنگ ١٣٩
ڪڪرالي جي ڪيهرن سان جنگيون ١٤١
ميين عبدالرحيم گرهوڙي جي سامي سان جنگ ١٤٥

باب ڇهون: سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ جنگيون ١٥٧-٢١٥

رندن جو مگسين تي حملو: وڏيري عمر ۽
قنبر خان ڀنهور جو واهر ٿيڻ ۽ مارجڻ ١٥٧
رندن ۽ مگسين جو بنگاهه (جنگ) ١٦٠
مگسين، جمالين ۽ چانڊين جي جنگ ٢٠٣
چانڊين ۽ مگسين جي جنگ ٢٠٦
جتوين ۽ مرين جي جنگ ٢٠٩
پٺان ۽ بروڻ جي جنگ ٢١٢

باب ستون: ٽالپورن جي دؤر ۾ سنڌ جي لشڪر جون ٻاهرين حملي ڪندڙن سان جنگيون ٢١٦-٢٣٦

مير فتح علي خان جي تيمور شاهه جي ڪابلي لشڪر تي چڙهائي	٢١٦
اتمين واريون جنگيون	٢١٨
ڪرڙي واري جنگ	٢٢٦

باب اٺون: ٽالپورن جي دؤر جون جنگيون ٢٣٧-٣٥١

گهڪي واري جنگ	٢٣٧
قدمن واري جنگ	٢٤١
راهيجي واري جنگ	٢٤٤
ڪلي واري ٻي جنگ	٢٥٩
چورڙي واري جنگ	٢٧٧
مينهين پنهور جو مقابلو	٢٧٨
وسائي مهر جو مقابلو	٢٨١
لنجن جي ڪريڙ جي ٽڪرن تي چڙهائي	٢٨٢
جتن ۽ چانگن جي ڇاڻي واري جنگ	٢٨٥
ڀتاري واري جنگ	٣٠٩
مير ٽاري خان جي جنگ	٣١٥
نوحاڻين جو جهان خان پرڳڙي تي حملو	٣٣١
لغارين ۽ رندن جي جنگ	٣٤٣
احمد پور لما واري جنگ	٣٥٠

باب ناؤون: سنڌ جي سورهين جون انگريزن سان جنگيون ٣٥٢-٤٣٧

انگريزن طرفان ملڪ فتح ڪرڻ جي سازش ۽ قنڌار جي افغانن، بلوچستان جي خانن ۽ سنڌ جي ميرن جون انگريزن سان لڙايون	٣٥٢

سنڌ جي لشڪر جي انگريزن جي ڪئمپ تي ڪاهه ... ٣٦٥
مياڻي جي جنگ ٣٦٩
مير شير محمد خان (شير سنڌ) جون انگريزن سان جنگيون ٣٩٠
راڻيپور جي سوڍن جون انگريز تروت سان جنگيون ٤٠١
شادي خان ڪوسي جون انگريزن سان جنگيون ٤٠٨
حرن جون انگريزن خلاف بغاوتون ۽ جنگيون ٤١٢

باب ڏهون: انگريزن جي دور جا جهيڙا ۽ مقابلا ٤٣٨-٤٦١

اومڙين ۽ جوکين جي جنگ ٤٣٨
گبولن ۽ ڀُرن جو مقابلو ٤٤١
گبولن ۽ گبرن جو مقابلو ٤٤٤
سکڻ نئن وٽ لٽين واري لڙائي ٤٤٦
رندن ۽ هديه قبيلي وارن جي لٽين سان لڙائي... ٤٥٢
علي بخش نظاماڻي جا مير علي مراد جي پهلوان
سان مقابلا ؛ ٤٥٤

ضميمو

اوڏاڀُر جي جنگ ٤٦٢
جنگو خان جمالي ۽ ٻُگي ٻداڻي جي جنگ ٤٦٦

ماڻهن، قومن ۽ قبيلن جي نالن جي فهرست ٤٧٢
ماڳن جي نالن جي فهرست ٥٠٩

مهاڳ

سنڌ جي ”لوڪ ادب“ جي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنه ١٩٥٥ع ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي سامهون رکي ويئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو: انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙي مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ”سنڌي لغت آفيس“ سان گڏ ”لوڪ ادب“ جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيتي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بڻائين.

ٻهريان ٻه سال ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري، سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلو کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت، نمولي طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

ٻـيون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻولي جي عام ادب جون
اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ڀھراڙيءَ جي عوام ۾ عام
مقبول ۽ مروج آهن، تن کي ”لوڪ ادب“ جو ذخيرو تسليم ڪيو
ويو آهي. انهي ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ
شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ڏيهه اکريون، ڪافيون وغيره؛
مگر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ڀھراڙي ۾ عام مقبول ۽ مشهور
آهن، انهي ڪري انهن کي پڻ ”لوڪ ادب“ جي دائري ۾ شمار
ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل
”لوڪ ادب“ کي بعينہ ”فوڪ لور“ (*Folklore*) جي مغربي مفهوم
سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي
اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اُها
عام ملڪي تمدن جو يا ”معياري ادب“ جو سرچشمو بڻجي. سنڌي
زندگي جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ سنڌي ادب جو
وڏو ذخيرو اهوئي آهي جيڪو عوام جي زندگي جو آئينو آهي.
انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي ”لوڪ ادب“ ۽
”معياري ادب“ جي وچ ۾ ڪا فاصل قائم ڪري ٿي سگهجي.

پيو تہ هن تجويز ذريعي ”لوڪ ادب“ جو سمورو مواد گڏ
نہ ٿي سگهيو آهي: ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي ڪشالي ۽ ڪافي ذريعن
جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو گڏ ڪرڻ ڄڻ اٿاهه
سمنڊ سوجهي ٽڙيل موتين ۽ مائڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو
ٿوري وقت اندر ناممڪن آهي. البت جو ڪجهہ گڏ ٿي سگهيو آهي،
سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان
هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد تہ آئنده ڪوشش لاءِ نمايان
نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

”لوڪ ادب“ تجويز جيتوڻيڪ بنده جي طرفان پيش ٿي مگر ان جي
عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گھڻن ئي مخلصن جون ڪوششون
شامل آهن. اول تہ سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن کي جس ڄڃائي،

جن هن تجويز کي سنه ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد مواد ڳولي هٿ ڪرڻ، سهيڙيل مواد کي صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن پيلي ٿي بيٺا. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن ۽ خاص طور اُهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

هيءُ ڪتاب "لوڪ ادب" سلسلي جو اٺون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو مواد راقم سنڌ بابت تاريخي تحقيق جي ذوق سان ١٩٥٠ع کان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن کي پوءِ لوڪ ادب تجويز هيٺ مرتب ڪري ڪتابي صورت ڏني وئي، ۽ ان بعد وڌيڪ مواد جو اضافو ڪري، پريس ڪاپي تيار ڪئي وئي آهي.

هيءُ ڪتاب هن کان گهڻو اڳ تيار ٿي ڇپجي وڃي ها، مگر بدقسمتي سان لوڪ ادب جي تجويز جي تڪميل ۾ وقت بوقت ڪي نه ڪي رڪاوٽون پئي پيون آهن، جن جو ذڪر هن کان اڳ ڇپيل مهاڳن ۾ اچي چڪو آهي. هن ڪتاب اڳيون ڪتاب "رسمون رواج ۽ سون ساٽ" پنج سال اڳ سنه ١٩٦٨ع ۾ ڇپيو ۽ اهڙي طرح باقي رهيل پنجن ڪتابن مان به جيڪڏهن هر هڪ ڪتاب ايتري وقفي بعد ڇپيو ته راقم جي حياتي ۾ اهو ڪم پورو ٿي نه سگهندو. جڏهن محترم غلام رباني آگري بيهر بورڊ جي سيڪريٽري جو عهدو سنڀاليو، تڏهن ڪيس يادگيري ڏياريم ته بنده باوجود تڪليف جي، لوڪ ادب تجويز جي تڪميل جو ڳرو بار پنهنجي ذمي ڪيو هو، انهيءَ لاءِ ته سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي، جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي، ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب" جي چاليهن جلدن کي مڪمل ڪجي. اهو ڪم رات

ڏينهن محنت سان پورو ڪيو ويو، پر جيڪڏهن ڇپائي ۾ دير ٿي ته حياتي پوري ٿي ويندي ۽ ڪم رهجي ويندو.

هن وقت تائين لوڪ ادب تجويز هيٺ رٿيل ڪتابن مان جملي ڇٽيهه جلد ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سٺيهون جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي ته باقي رهيل ڪتابن جي ڇپائي مڪمل ڪرائي ڪم از ڪم چاليهن جلدن جي هن تحقيقي ڪارنامي کي توڙ تائين پهچايو ويندو.

هن ڪتاب جي مواد کي سهيڙڻ ۾ ڪيترن ئي دوستن پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي ۽ ڪيترن ئي سڄاڻ سگهڙن پنهنجي سيني به سيني سانڍيل روايتن جو ذخيرو مهيا ڪيو. انهن مان گهڻا هن وقت تائين ڏٺيءَ کي پيارا ٿي چڪا آهن. سندن نالا هر واقعي جي بيان هيٺ آندا ويا آهن- ته جئن سندن مدد جو حق ادا ٿي سگهي. ان سلسلي ۾ گهٽي ۾ گهٽيون خبرون ساڪري جي سڄاڻ سگهڙ حاجي محمد سوڍي بگهياڙ ڪان مليون، جنهن سان اسان جون گڏريل پنجيهن سالن کان وٺي قرب پريون ڪچهريون ٿيون آهن.

مرڪزي آفيس جي پين ڪارڪنن مان گڏ خاص طرح محترم محمد اسماعيل شيخ ۽ محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي آتاري يڪجا ڪرڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. محترم محمد اسماعيل شيخ پروفن جي نگراني ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ پريس جي مئنيجر محترم الله بچائي يوسف زئي هن ڪتاب جي ڇپائي جي پوري نگراني ڪئي. ڪتاب جي رٿا ۽ آخري سٽاء توڙي ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

اسلام آباد — خادم العلم

٨- ڊسمبر ١٩٨٣ع — نبي بخش

آمر للانسان ما تمنّىٰ ○ فلِلّٰه الاٰخرة والاولىٰ

مقدمه

هن ڪتاب جو موضوع ’جنگناما‘ آهي - يعني جنگين، معرڪن ۽ مقابلن جا اهڙا بيان، جن ۾ ڳاهون، بيت، نظم ۽ شعر هجن. ڪنهن جنگ جو خالي احوال ’جنگنامو‘ ناهي: پر جي اهو احوال سڄو منظوم آهي، يا ان ۾ بيان جي سهڻائي لاءِ ڪي ٿورا گهڻا شعر آهن ته اهو هن ڪتاب جي موضوع مطابق ’جنگنامو‘ آهي. پيو ته ’جنگنامي‘ جي اصطلاح ۾ ’جنگ‘ جي معنيٰ فقط حاڪمن ۽ حڪمرانن واري ’جنگ‘ ناهي، پر ان جو مفهوم وڌيڪ وسيع آهي: يعني ڪن به ٻن ڌرين، قبيلن، راڄن، راڄدارن، سردارن، حاڪمن ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ جيڪي ٻيرڻ مارڻ وارا جهيڙا جهڳڙا، معرڪا مقابلا، حملا ۽ لڙايون ٿيون، سي سڀ عام اصطلاح ۾ ’جنگيون‘ آهن. انهيءَ وسيع معنيٰ ۾ ’جنگ‘ جي برابر ٻيو لفظ ’ڪيڏارو‘ آهي، پر ڪيڏاري ۾ ٻيون معنائون پڻ سمايل آهن. جنگين ۾ جن سورهين سرهي ڪئي يا سِر ڏنا، تن ڪي ساراهڻ ۽ نازائڻ خاطر ڳاهون ۽ بيت چيا ويا ۽ پوءِ انهن کي سُر سان آلاپيو يا ڳايو ويو: انهيءَ ڪي ’جنگ جو سُر‘ يا ’ڪيڏارو‘ سڏيو ويو. وقت گذرڻ سان انهيءَ ’ڪيڏاري سُر‘ مان ’سنڌي راڳ ڪيڏارو‘ اسريو. اهڙيءَ طرح ’ڪيڏارو‘ ٽن معنائن ۾ استعمال ٿيو: يعني ’جنگ‘، ’جنگ جو سر‘ ۽ ’راڳ ڪيڏارو‘. ’جنگ نامو‘ معنيٰ جنگ جو سڄو منظوم بيان، يا اهڙو بيان جنهن ۾ ڪي ڳاهون، بيت ۽ شعر هجن. ’جنگنامو‘ ڪنهن به راڳ ۾ ڳائي سگهجي ٿو: يعني ته نه فقط ’جنگ جي سُر‘ ۾ يا ’ڪيڏاري‘ راڳ ۾، پر ٻئي ڪنهن راڳ ۾ به ڳائي سگهجي ٿو.

سنڌي 'جنگنامن' جي روايت ۾ دودي-چنيسر جي ڳالهه سميت ڪان پهريون ۽ وڏو 'جنگنامو' يا 'جنگ-ڪيڏارو' آهي، جنهن کي هن کان اڳ ٻن وڏن جلدن ۾ تفصيل سان شايع ڪيو ويو آهي(١). هن ڪتاب ۾ سومرن جي دور کان وٺي، ويندي انگريزن جي دور تائين 'جنگناما' شامل آهن، ۽ انهن جي اشاعت سان سنڌي 'جنگنامن' جي موضوع بابت بنيادي تحقيق جي ڪنهن حد تائين تڪميل ٿئي ٿي. لس ٻيلي جي جنگين جي بيانن کي جيڪي "ساڳئي وقت 'جنگناما' به آهن، ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' ۾ تحقيق سان شايع ڪيو ويو آهي(٢)، ۽ اتي اسان چيئي آيا آهيون ته ٻيلي جي شاعري ۽ جو جوهر 'جنگنامو' آهي. 'ٻيلاين جا ٻول' جي اشاعت کان پوءِ اسان کي "ٻڌي-ٻاني گهٽ واري جنگ"(٣) جا ڪي وڌيڪ بيت مليا، جن کي اسان هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي(٤). انهن بيتن کي 'ٻيلاين جا ٻول' جي باب ستين هيٺ ڏنل تفصيل سان ملائي پڙهڻ گهرجي. لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "واقعاتي بيت"(٥) ۾ حرن جون انگريزن سان جنگيون ۽ ٻڻ ڪن ٻين مقابلن وارا بيان 'جنگنامن' جي دفعي ۾ شامل آهن. حرن جي مقابلي جا ڪي وڌيڪ بيت باب نائين هيٺ شامل ڪيا ويا آهن.

موضوع توڙي مواد جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب 'جنگناما' هڪ مثالي ڪتاب آهي، جنهن جي مطالعي سان سنڌ جا تاريخي ادوار،

(١) 'دودو-چنيسر'، جلد-١، سنه ١٩٧٦ع ۾، ۽ جلد-٢ سنه ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيو.

(٢) ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' (ٻيو ڇاپو، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ ١٩٧٠ع) 'باب ستين' هيٺ، ڏهن جنگين بابت بيتن سان شامل بيان شايع ڪيا ويا آهن.

(٣) ڏسو 'ٻيلاين جا ٻول'، صفحا ١٦٦-١٧٠. (٤) ڏسو صفحو ٣٦.

(٥) 'واقعاتي بيت'، لوڪ ادب سلسلي جو نائون ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٦١ع.

سماجي اقدار ۽ جنگ جا جنسار سامهون اچن ٿا. جنگنامن وارو مواد سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي، بلڪ ڪنهن حد تائين وسريل باب، جيڪو لکيت ۾ محفوظ ناهي، پر جنهن جا ڪي ٽاڻا ۽ اهڃاڻ سنڌ جي سچاڻ سگهڙن جي شيني ٻه سيني روايتن ذريعي اسان تائين پهتا آهن. جنگ جي سببن اسبابن، صلح جي شرطن شروطن، مخالف ڌرين جي وعدن انجامن، مڙسن جي قولن ڪلامن، سورهين جي ساراهن، ڪانئرن جي ڪُوارڻ، ويرن ۽ ويڙهن، مهڙن ۽ ميارن ۾ سنڌ جي سماجي قدرن جو عڪس نمايان طور نظر اچي ٿو. مقابلي لاءِ ڌرين جي تيارين ۽ هٿيارن، ميدان ۾ صفن ۽ حملن، سورهين جي سٽن ۽ جُلهن مان جنگ جا سمان چٽا پڌرا ٿين ٿا. 'جنگناما' سنڌي ادب ۾ پڻ خاص اهميت رکن ٿا، ڇاڪاڻ جو اهي جنگنامي جي رزميه شاعري توڙي لغتَ جو پڻ قيمتي سرمايو آهن. هيٺ اسان هن ڪتاب ۾ شامل مواد جي تاريخي آثارن، جنگنامن ۾ سمايل سماجي قدرن ۽ جنگنامي جي جنسارن تي مختصر طور روشني وجهنداسون.

جنگنامن ۾ تاريخي مواد

هن ڪتاب ۾ شامل مواد تاريخي لحاظ سان نهايت قيمتي آهي، ڇاڪاڻ جو اهو سنڌ جي تاريخ جي ڪن وسريل ورقن کي وڌيڪ روشن ڪري ٿو. سومرن سمن جي دؤر کان وٺي انگريزن جي دؤر تائين، ذري گهٽ ڇهن صدين واري مدت جا ڪي اهڙا تاريخي ٽاڻا ۽ اهڃاڻ هنن جنگنامن جي روايتن ۾ ملن ٿا، جيڪي يا ته تاريخ جي ڪتابن ۾ ڏنل ناهن، ۽ جي آهن ته به ايترو تفصيل سان بيان ٿيل ناهن. هن مواد جي مطالعي مان، سومرن جي دؤر کان وٺي هر دور جي ڪن تاريخي واقعن سان گڏ، سنڌ جي ڪن مقامي رياستن، ڪن خاص قومن قبيلن ۽ سندن بود باش ۽ باهمي تعلقات تي روشني پوي ٿي.

پهريان ۾ تاريخي شعر.

جنگنامن جي تاريخي موضوع جي اهميت محسوس ڪندي، اسان شروع ۾ مهاڳ طور سنڌ جي سگهڙ حسين چارڻ ۽ اُن پيلي جي ناميارين نڀر فقير لنگهي جا 'تاريخي شعر' ڏنا آهن. ٻنهي جو شعر صاف ۽ سمجهڻ ۾ سولو آهي، جنهن ۾ هن لس ٻيلي جي حاڪمن جي مختلف گهراڻن جو سلسليوار ذڪر ڪيو آهي، جن تي اسان ڪتاب ''ٻيلاين جا ٻول'' ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي. سگهڙ حسين چارڻ جو تاريخي شعر ڪن نون حوالن جي لحاظ سان جيترو اهم آهي، اوترو ئي پيچيدو آهي، ۽ جيتوڻيڪ اسان ان شعر کي چارڻ فقيرن جي ٻن قلمي نسخن تان پيش آهي، تنهن هوندي به متن ۾ آيل ڪن ماڳن ۽ ماڻهن جي نالن کي صحيح طور پڙهڻ مشڪل آهي. پيو ته حسين فقير چارڻ سنڌ جي مکيه حڪمران گهراڻن توڙي ننڍين رياستن يا سردارين جي حڪمرانن کي گڏي بيان ڪيو آهي. تيون ته ڪي بيت ۽ سٽون هيٺ مٿي ٿيل آهن (۱) ۽ انهيءَ ڪري دور-وار سلسلو ثابت نه رهيو آهي. بهرحال شعر جي موجوده متن مطابق، مکيه حڪمران گهراڻن توڙي ننڍين رياستن ۽ سردارين جو سلسلو هيٺين ريت بيهي ٿو. سندس پنهنجي

(۱) بيت نمبر (۸) کان نمبر (۱۲) تائين بيتن جو سلسلو هيٺ مٿي ٿيل آهي ۽ ٻه وچ ۾ ڪافي ڪي بيت ڪٽيل آهن. بيت نمبر (۹) هيٺ ''ڏل ملهايا درهه خان'' واري سٽ ۽ بيت نمبر (۱۱) هيٺ ٻه سٽون جيڪي ''درهه دودو'' ۽ ''هن هن'' سان شروع ٿين ٿيون، سي مٿي سٽن واري دور بابت ڪنهن بيت جون آهن، ڇاڪاڻ جو انهن ۾ 'درياخان' (درهه خان) جو نالو اچي ٿو. بيت نمبر (۱۱) ۽ بيت نمبر (۱۲) جون سٽون هڪٻئي سان گڏجي وڃن آهن: انهن مان هڪ بيت غيبي خان بابت آهي، ۽ ٻيو سيرائين (ڪلهوڙن) جي زور ۽ غيبي خان کي مارڻ بابت.

ٻيان موجب اهو احوال ڪو اڻ-ڀڌو ڪونهي پر ’ٻڌل روايتن‘ مطابق آهي:

- ٿاريجن جي حڪومت: آمري ڪان ڦنڊار ٿاٿين
- سومرن جي حڪومت: روپاه، لاڙ پنگار ۾
- سمن جي حڪومت: سمن، سومرن کي ماريو
- چنن جي حڪومت: ڪڏهن ته سڄي سنڌ چنن جي هئي. ڪاڇي جي پنهي ڪنڌين سان سنڌن ڪوٽ هئا. زالن جي چور تي پاڻ ۾ وڙهيا ۽ مزار مارجي ويو. سپڙ آن کي ماراڻي ويچار ۾ پيو. هن ”هند“ مان وجي فوجون آنديون هيون، ۽ پاڻ بادشاهه ٿي ويٺو (١).
- ڪونريجن جي سرداري: چنا ۽ ڪونريجا چار پاڙيسري هئا. سگهه تان تڪرار ٿيو ۽ چگي ناالي چني سردار، ڪونريجي چام کي مارايو. ڪونريجا پوءِ ماڇي سردار جيسر راهه وٺ دانهين ويا.
- ماڇي جي سرداري: ڪونريجن پاران جيسر راو، چنن تي ڪاهه ڪئي ۽ چنا گهڻا سڀ مارجي ويا ۽ باقي کي توروڙا وجي ڀڄيا ۽ سندن ملڪ تي ماڇي جي سرداري قائم ٿي.
- ارغونن جي حڪومت: حسين ارغون (شاهه حسن ارغون) ڪاهه ڪري سمن کان حڪومت هٿ ڪئي.
- ترخانن جي حڪومت: سما به ترخانن جا سلامي هئا.

(١) ٻيان صاف ٿاهي. ٿي سگهي ٿو ته جيڪو حڪمران ماريو، تنهن کي صفاتي طور ’مزار‘ (=شينهن) سڏيو ويو هجي، ۽ اڳين نالي واري سڃ ضايع ٿي وئي هجي. اهو به ممڪن آهي ته ’مزار‘ صفت آهي ’سپڙ‘ جي، ۽ سپڙ کي ماراڻي-ويچار ۾ پيا. انهيءَ حالت ۾، سپڙ واري سڃ کان پوءِ ٻيءِ سڃ ڪٿل آهي، جنهن ۾ شايد اڻ شخص جو نالو هجي جنهن وجي ’هند‘ مان فوجون آنديون.

- ڪورائن جي چڙهائي: چنن ۽ ڪونريجن جي سرداري هئي جو ڪورائن (بلوچن)، چنن تي چڙهائي ڪئي. شريف خان وچان پيو ۽ 'اعظم' به ان سان گڏ آيو ۽ فتح خان اُنڙ ي سردار کي ماريائون.

[هن بيان ۾ متي ڪونريجن جي سرداري جي بيان وارين ستون هڪ جاء هجڻ بدران هيٺ متي ٿيون آهن]

- اُنڙا چام: انهن جي به چامائي هئي ۽ سندن نوبت نغارا وڳا.
- دريا خان ۽ چام ندو: دريا خان، چام ندي جو لاماچار وڏايو.

[هن بيان واريون ستون، متي 'سمن جي دور' واري ڪنهن بيت جون آهن، ۽ هيٺ متي ٿيون آهن.]

- چانڊين جي ڪاڇي ۾ سرداري: ميان جا مريد ٿيا، وار وڏا چڏيائون، ۽ 'سراين' (ڪلهوڙن) پاران چڙهايون ڪيائون. سندن سردار غيبي خان وڏا ڪارناما ڪيا.
- 'سراين' (ڪلهوڙن) جو زور ۽ حڪومت: سراين اوچتو حملو ڪري، چانڊيي سردار غيبي خان کي ان وقت ماريو، جڏهن هو ستل هو. سراين مان ميان نصير محمد 'پير' هو.
- مير پنهوار جي سرداري: سندس رياست سيوهڻ سان دنگئي هئي. بکر ڪوٽ سندس گادي جو هنڌ هو. هن ميان نصير محمد جي آڻ نه مڃي.
- مخدوئي پٽيار جي سرداري: هن سراين خلاف اورنگزيب وٽ دانهيو، پر 'پير' (ميان نصير محمد) پنهنجي پاران قاسم کي وڪيل ڪري موڪليو، جنهن لک روپيا ڏيئا ڪري صلح جو معاهدو ڪيو.
- اورنگزيب جي سپهه سالار شيخ جهان جي چڙهائي: اورنگزيب دکن مان 'شيخ جهان' کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. اهو آيو ته ڪيس مرزا خان جو پٽ مليو. فتح خان اُنڙو فوجدار به آيو،

'الهيار' آيو. 'قنبر' به اتي هو (جنهن کي الهيار چيو ته تون مغلن جي لشڪر کي سامهون ٿيءُ). مرزا خان جي پٽ دعا ڪري 'محمد جان' کي مارايو.

متين ٽائن مان محمد وٿي پٺيار(؟) ۽ شيخ جهان جي چڙهائي وارا بيان پورا صاف ناهن. پيو ته ٽاريجن جي قومي سرداري معلوم آهي، پر ٽاريجن جي حڪومت جو ذڪر ڪنهن به تاريخ يا روايت ۾ ڪونهي. بهرحال باوجود ڪوتاهين جي، هن شعر ۾ ذيل اهڃاڻ نهايت اهم آهن ۽ انهن کي تاريخي حوالن جي روشنيءَ ۾ توري تڪي سگهجي ٿو.

انهن ٻن 'تاريخي شعرن' کان پوءِ اسان اندر متن ۾ جملي مواد کي 'تاريخي دورن' مطابق ورڇي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ پر جيئن ته اڪثر جنگنامن ۾ ڪي به تاريخون موجود ناهن، انهيءَ ڪري انهن جي ورڇ گماني اندازن تي ڪئي ويئي آهي. متن ۾ هر جنگنامي جي مهاڳ ۾ ان جي تاريخي پس منظر کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هيٺ اسان (الف) پهريائين ڪن جنگنامن جي تاريخي پس منظر جي دور-وار وضاحت ڪنداسون، (ب) پوءِ ڪن قومن قبيلن جي تاريخي رياستن تي روشني وجهنداسون، ۽ (ج) ان بعد سنڌ جي ذڪرِ-الهندين ڀاڱي ۾ ڪوهستان، حب، ملير ۽ ساڪري جي ڪن مکيه قبيلن ۽ سندن قبائلي راڄدارين جو ذڪر ڪنداسون.

(الف) دور-وار وضاحت

سومرن جو دؤر

حسين فقير چارڻ جي شعر ۾ سومرن جي حڪومت، لاڙ طرف روپاه ۽ پنگار ۾ ڄاڻايل آهي. اهو سومرن جي حڪومت جو مرڪزي پرڳڻو هو. دودي-چنيسر جي ڳالهه ۽ ٻين روايتن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته غالباً سيوهڻ کان هيٺ سمنڊ تائين سڄو لاڙ ۽ مٿي آتر

ڏانهن سنڌو نديءَ جي اوڀر وارو پاسو وينديءَ بهاولپور تائين - يعني پڙاڻ ناري ۽ هاڪڙي جي آبادين وارا پرڳڻا سڀ سنئون سومرن جي حڪمراني هيٺ هئا. سومرن کان پوءِ سچي ڪاڇي تي اتر ۾ وينديءَ ڪڇي ۽ مولهه جي پاڻي تائين اتان جي قبائلي برادري جي حڪمراني هئي جنهن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ايندو.

سمن جو دور

سومرن جو خاتمو ۽ سمن جي حڪومت. 'چانر هالي ۽ همير سومري جي جنگ' وارن روايتن مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي ته سومرن جو آخري حاڪم 'همير' هو، جيڪو چانر هالي ۽ سنڌس پٽن جي اڳواڻي هيٺ ڪيل حملي ۾ مارجي ويو. تاريخي ماخذن مان اها تصديق ٿئي ٿي ته همير پٽ دودي جو سومرن جو آخري حڪمران هو ۽ سندس مارجڻ تي سلطان فيروزشاهه سمن تي چڙهائي ڪئي؛ پر غالباً ملتان جي بزرگن جي وچان پوڻ سببان صلح ٿيو، جنهن موجب سمن جي حڪومت قائم ٿي ۽ همير جي پٽ پاٽرن کي سلطان فيروزشاهه خانديش طرف جاگيرون ڏنيون ۽ هو سنڌ ڇڏي ويا(۱). تاريخن ۾ البت اهو ذڪر ڪونهي ته چانر هالي ۽ سندس پٽن جن جنگ ڪئي هئي ۽ جيڪي حڪومت جا حقدار هئا، تن جي بدران ڪيئن چانر الڙ ۽ چانر جوڻي حڪومت تي قبضو ڪيو! 'سمن جي نسبنامي'(۲) مان تصديق ٿئي ٿي ته هالو ساندائي (يعني هالو پٽ ساند جو) سمن جو 'چانر' (پڳدار) هو، ۽ هن پنهنجي پٽ هوتي کي پڳ ڏنائين؛ 'پاڳ' جي ڏني هوندي هو پر

---

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو ٽماهي رسالي مهراڻ (سنڌي ادبي بورڊ، نمبر ۳، سال ۱۹۸۱ع) ۾ هن موضوع تي راقم جو مضمون.

(۲) 'نسبناما' هڪ اهم تاريخي ماخذ آهي. راقم ڪجهه عرصي کان وٺي سنڌ جي 'نسبنامن' جو مطالعو پئي ڪيو آهي، ۽ جي حياتي وفا ڪئي ته ان بابت ڪيل تحقيق کي پورو ڪري شايع ڪيو ويندو.

هن 'واڳ' ڏلي سؤ ٽائي انڙ کي، جيڪو پوءِ بادشاهه ٿيو. اڳ 'ڄامائي' قوم جي پڳ سان هئي پر انڙ کان وٺي 'ڄامائي' حاڪم جي حوالي ٿي. نسبنامي جي هن روايت مان ظاهر آهي ته هالي ۽ سندس پٽن جي پيٽ ۾ انڙ ۽ جوڻو طاقت ۾ زور ٿي ويا. اهو سندن همت ۽ حڪمت عملي جو نتيجو هو جو ملتان جا بزرگ جيڪي وچان پيا تن غالباً سندن ئي فائدي ۾ راءِ ڏني. ان بعد ڄام هاليءَ جي اولاد (هاليپوٽن) جو اثر رسوخ گهٽيو، ۽ ڪين پاسي ٿي (ٿر يا ڪڇ ڏانهن) رکيو ويو. اتان پهاڪو مشهور ٿيو ته "ڪتي هڪڙن، ڪاڏي پين".

ارغونن ـ ترخانن جو دؤر

مريدخان بلوچ جو مرزا محمد صالح ترخان کي مارڻ وارو واقعو تاريخي آهي، ۽ مهيني شعبان سنه ٩٧٠ھ (١٥٦٣ع) ۾ ٿيو. مريدخان جا ڪيل قول اڄا تائين مشهور آهن: هڪ قول ائين ڪيائين ته

"پيٽيان پير پٽو ڪانڊيان ننگر نتو"

مرزا صالح کي ماڻس چيو ته: 'پڌان پئي ته ڪڪو ڪيهر شينهن چڙهيو اچي. ڏيان ڪجانءِ.' تڏهن مغرور مرزا صالح چيو ته:

"آءٌ زميني، آءٌ ظلمي، مون کي ماري ڪيرا"

مريد خان جي ڪيل قولن ۽ سنڌ جي حڪمران کي مارڻ واري قصد ۽ ڪاميابي مان ظاهر آهي ته هو وڏي حوصلي وارو قومي سربراه هو. هو 'رجيرا' قبيلي جي 'پاروائي' پاڙي مان هو. 'رجيرا' قبيلو هوت بلوچن جي نسل مان هو. ساڳئي نسل جي ڪن ٻين قبيلن والگر هي قبيلو به اصل مڪران ۾ هوتن جي 'ڪلمت رياست' جو رهندڙ هو، ۽ انهيءَ ڪري 'رجيرا' به 'ڪلمتي' (=ڪلمت جا) هئا ۽ سنڌ ۾ اهي 'ڪرمتي' سڏجڻ لڳا. 'ڪرمتين' مان، 'رجيرا' غالباً سڀ کان اول سنڌ ۾ آيا. 'پاروائي' وڏو

'پاڙو' هو ۽ ان جو اِهو نالو 'بلوچي' بدران 'سنڌي' ٻولي جو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته 'رڄيرا' سنڌ ۾ آڳاٽو آيا. غالباً اهي سلطان ڄام نظام الدين جي وقت ۾ لاشارين سان پيڙا ۽ مڱيٽا تيا، جيڪي ان وقت حب ۽ ملير جا سربراه هئا. ان جي تصديق نسبنامي جي روايتن مان ٿئي ٿي، جنهن موجب لاشاري سردار راميخان جو پٽ اسحاق رڄيرن مان پرڻيو، جنهن جو اولاد ٺهرائي لاشاري آهن. اسحاق حب ۽ ملير جو والي هو ۽ کيس سلطان ڄام نظام الدين جي طرفان 'ملڪ' جو خطاب مليل هو ۽ ان خطاب سان ئي هو "ملڪ اسحاق" جي نالي سان مشهور آهي. جب ۽ ملير وارا لاشاري ۽ رڄيرا ٿتي ڪسي ويجهو هئا ۽ طاقتور قبيلا هئا. سمن سلطانن جي دور ڪان وٺي لاشاري ۽ ٻيا ساٿي پيڙا قبيلا، ارغونن - ترخانن خلاف وڙهيا هئا. انهيءَ ڪري ترخانن جي دور ۾ مرزا محمد صالح ترخان طرفان انهن قبيلن تي سختي ٿي. ان دور جي معاصرانه روايت جيڪا مرزا محمد صالح جي ڀائٽي مرزا مظفر جي زباني 'تاريخ طاهري' ۾ بيان ٿيل آهي، ان مان صاف ظاهر آهي ته مرزا محمد صالح رڄيرا قبيلي وارن ڪي ماريو هو، ۽ مريد خان به پنهنجن قبيلي وارن عزيزن جي بدلي ۾ ئي مرزا محمد صالح کي ماريو.

مغلن جو ذڪر

هن دور وارن جنگنامن جي مهاڳن ۾ اسان مختلف واقعن تي روشني وڌي آهي. ڪن واقعن بابت ڪجهه وڌيڪ وضاحت جي ضرورت آهي.

مغلن ۽ چنن جي جنگ. ڪاڇي ۽ ڪڇي (سيوهڻ ڪان وٺي گنداوا) ۾ چنن ۽ ٻين هم نسل قبيلن جي آڳاٽي حڪومت ۽ رياست هئي. 'مغلن' مان مراد شايد ارغون هجي. هي جنگنامو تاريخي لحاظ سان توڙي ڳاهن جي ٻولي ۽ قدامت جي لحاظ سان اهم آهي. هيٺ اڳتي هلي، اسان هن جنگنامي جي روشني ۾، 'چنن ۽ ٻين شريڪ

قبيلن جي 'پنڌيا ۾ حڪومت ۽ رياست' جو وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪنداسون.

لاشارين، ڪرمتين ۽ پڙجن جي جنگ. لاشاري ملير ۽ حب جي اتر-اوڀر پاڳي ۽ گڏاپ واري اراضي ۾ آباد هئا، ۽ پڙج حب ۽ ملير جي هيٺين ڏکڻ الهندين اراضي ۾. مغلن جي دور ۾ ڪرمتين جي طاقت وڌڻ لڳي، ۽ ڪرمتين ۽ پڙجن جو ٽڪر شروع ٿيو، جنهن ۾ لاشارين، ڪرمتين جي مدد ڪئي. هيٺ اسان انهن ٽنهي قومن بابت وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪنداسون.

برفتن، گاڏيچن ۽ ڇيڙن جو ويڙهه. هي اهو وقت هو جڏهن حب-ملير ۾ ڪرمتي طاقتور ٿي چڪا هئا، ۽ برفت به ڪوهستان مان اتر-اوڀر طرف وڌي رهيا هئا. هن موقعي تي ڪرمتين ۽ برفتن جو پاڻ ۾ اتفاق هو، ۽ ڪرمتين جي مَلڪ برفتن جي سردار 'دائيد' جي مدد ڪئي، جنهنڪري بارڻ جي اتر-اولهه طرف گاڏيچن ۽ ڇيڙن جو زور ٽٽي ويو، ۽ بارڻ سڄي برفتن جي قبضي ۾ اچي وئي.

جهوڪ ۾ صوفي شاهه عنايت الله جي شهادت. هي مشهور تاريخي واقعو آهي جنهن جا ڪي ٽاٽا صوفي آسورام جي ڇپيل ڪتاب ۾ وڌيڪ روشن ٿين ٿا.

ڪلهوڙن جو دور

مغلن جي زوال ۽ ڪلهوڙن جي دور وارن جنگنامن ۾ جيڪي 'باب چوٿين' ۽ 'باب پنجين' هيٺ ڏنل آهن، ڪافي تاريخي مواد موجود آهي؛ جنهن مان خاص طور تي سنڌ جي اتر-الهندين پرڳڻن (موجوده ضلعي دادو کان وٺي جيڪب آباد ۽ ڪڇي ضلعن تائين) توڙي ڏکڻ الهندين علائقن (دادو ضلعي جو ڏکڻ، ڪوهستان ۽ بارڻ کان وٺي حب، ملير ۽ ڪراچي تائين) ۾ رهندڙ قومن، قبيلن، راڄن ۽ راڄدارن جي طاقت ۽ باهمي تعلقات توڙي سنڌ ۽ قلات جي حاڪمن ۽ لس ٻيلي جي خانن طرفان انهن قومن ۽ قبيلن جي حاڪمن ڏانهن اختيار ڪيل رخ تي روشني پوي ٿي.

ڪلهوڙن جي قوت ۽ طاقت جو بنياد ميان نصير محمد وڌو. سندن طاقت جو مرڪز موجوده دادو ضلعي جي آترئين ڀاڱي ۾ هو، ۽ بالآخر سندن پهريون گادي جو شهر خداآباد به انهيءَ علائقي جي ڏاکڻي ڀاڱي (موجوده دادو تعلقي) ۾ قائم ٿيو. انهيءَ ڪري اتي جي ڀاڙيسري قومن قبيلن تي سندن دٻاءُ پيو، خاص طرح پنهورن تي، جن جي مقامي طور رياست ۽ سرداري هئي.

انهيءَ ساڳئي دور ۾ سنه ١١٠٥هه ۾ برفتن جي سردار ڀاڳڙخان لس ٻيلي تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي، ۽ مٿي دادو جي اتر کان هيٺ وينديءَ تائين بولاخان کان اڳتي ڏکڻ طرف تائين، سڄي ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي سرحد لس ٻيلي سان ملندڙ هئي؛ پوءِ انهيءَ سڄي ايراضي ۾ برفتن ۽ سائن ٻين شريڪ قبيلن جو زور وڌڻ لڳو. ميان يار محمد ڪلهوڙي سنه ١١١٧هه ۾ ڀاڳڙخان کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ غالباً ڪو معاهدو ٿيو، جنهن موجب ڪلهوڙا حڪمران ۽ ڀاڳڙخان مٿي حب ۽ ملير طرف ڪرمتي ملڪن جي خلاف هم صلاح رهيا.

ڀاڳڙخان جي وفات کان پوءِ سنه ١١٥٥هه ۾ لس ٻيلي* جي حڪومت ڪُونريجن ڄامن جي هٿ ۾ آئي، جن برفتن جي مخالف قبيلن سان جوکين جي پٺڀرائي ڪئي. ڪلهوڙن به ائين ڪيو، جنهنڪري ڪوهستان، حب ۽ ملير طرف جوکين جي طاقت وڌي؛ ۽ برفتن ۽ ڪرمتين جي طاقت گهٽي، جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪنداسون.

هن دور ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ مير عبدالله خان جي جنگ، سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪمرانن جي وچ ۾ هڪ وڏي طاقت آزمائي هئي. فتح سنڌ جي لشڪر جي ٿي، پر قلات جو خان مير عبدالله خان جيڪو هن جنگ ۾ پاڻ سپهه سالار هو ۽ وڏو سورهيه ۽ بهادر هو، تنهن جو جنگ جي ميدان ۾ لاش نه مليو ۽ پوءِ به ڪو پتو نه پوڻ هڪ معمو بنجي ويو. ايتريقدر جو ان دور ۾ سنڌ جي ٻن ناميارن شاعرن جلال کتي ۽ جمن چارڻ انهيءَ باري ۾ هڪٻئي سان ڏي وٺ ڪئي. هن جنگ بابت جمن چارڻ جو چيل 'جنگنامو' هڪ تاريخي ۽ ادبي شاهڪار آهي.

مير علي شير قانع 'تحفة الڪرام' ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي وفات جي تاريخ ذرا شڪ شبهي سان هن طرح لکي آهي:

"روز دو شنبه يا سه شنبه پانزدهم
ذي قعده سال هزار وصد و سي و يک"

(يعني ته "آچر يا سومر ڏينهن تاريخ پندرهين ذوالقعده سنه ١١٣١هه")

مگر پندرهين تاريخ جمعي جو ڏينهن هو، ۽ نه آچر يا سومر. آچر تاريخ ڏهين هو ۽ سومر تاريخ يارهين. انهن پن مان ئي ڪا صحيح تاريخ ٿي سگهي ٿي. مٿن ۾ ڏنل جمن چارڻ جي بيت مان اهو تصديق سان معلوم ٿئي ٿو ته مياں يارمحمد ١١- تاريخ ذوالقعده سنه ١١٣١هه تي وفات ڪئي:

"تان ڪارهين سا ذوالقعد سنه ڪارهن سؤ ايڪٽيهه ورهيه
تنهن راتي رحلت ڪئي جو هو بانڊو بخت بنياد"
(ص ٥٠)

پن تاريخي ڪتابن 'دولت عباسيه' ۽ 'جواهر عباسيه' ۾ بہ صحيح تاريخ 'يارهين ذيقعده' ڏنل آهي.

ٽالپورن جو دؤر

هن دؤر جون جنگيون ۽ جنگناما 'باب ستين' ۽ 'باب اٺين' هيٺ بيان ٿيل آهن ۽ هرهڪ جي ٽائن ۽ اهڃاڻن تي آڏو مهاڳ ۾ روشني وڌي وئي آهي. ڪي وڌيڪ وضحتون هيٺ ڏجن ٿيون.

آتمين واريون جنگيون. 'آتمين' يا 'اتومين' بابت هڪ عام روايت اها آهي ته اهي سامونڊي ڦورو يا ڌاڙيل هئا، جيڪي اوچتو حملو ڪري 'آٺون يا مٺان' اچي پوندا هئا، ۽ انهيءَ ڪري 'اتومي' سڏيا ويا. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب 'يادگيريون' (ص ٨١) ۾ لکيو آهي ته: 'عطوفي' يا 'عطوبي' عربن جو هڪ قبيلو هو، جن ١٧٧٩ع يا ١٧٨١ع ۾ بحرين جا ٻيٽ يا موتين جون ڪاريون فتح

ڪيون هيون: هو مسقط ۽ ايران جا خراج بردار هئا. نائون مل جي 'دداشت (ڊائري) ۾ به ١٨٢٨ع ۾ 'عطوفي' نالي ساموئڊي ڌاڙيلن جو نالو اچي ٿو. غالباً اهي ساڳيا ئي 'عطوفي' يا 'عطوبي' هئا، جن کي سنڌ وارين روايتن ۾ 'آتومي' (=عطومي) سڏيو ويو. سنڌ ۾ بهرحال 'اتومي' نالو مشهور ٿيو جو حمل خان پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو آهي ته:

مڙگيان دے مُرچے مارئ آون،
جيوين آلـتـن آڙد اتومیان دي"

ٿي سگهي ٿو ته اصل صحيح نالو 'عطومي' هجي. لس ٻيلي جي جام مير خان اول جي دور (١٧٧٦-١٨١٤ع) ۾ مسقط جي 'راسل چشمه' جي رهندڙ ساموئڊي ڌاڙيلن سونمياڻي تي حملو ڪيو هو. ٻين حوالن مطابق ١٨٠٨ع ۾ 'جواسمي' عرب قورن سونمياڻي بندر تي حملو ڪيو ۽ ان کي ساڙي ڇڏيو. ٿي سگهي ٿو ته 'جواسمي' اصل ۾ 'چواشمي' ('چشمه وارن' جو جمع) هجي، پر سنڌ جي روايت ۾ انهن کي 'جيشمي' يا 'جاشمي' سڏيو ويو آهي:

"جر ۾ جيشمين جا ڊونڊ ڪيائين ڍير
مر سٽي جيسر مير، ته ڪرمتين ڪيڏي ڪيي"

ڪن سگهڙن پهرين سٽ ائين پڙهائي ته "جر ۾ جاشمين جا". البت ٻيءَ سٽ ۾ 'جيسر مير' وارو لفظ صحيح ناهي. ٿي سگهي ٿو ته 'چشمه' يا 'جواسمي' جي لحاظ سان، اهو نالو اصل ۾ 'جواسمير' يا 'چاشمير' هجي.

° ڪيرڙي جي جنگ، هن جنگ بابت ضروري معلومات جنگ جي مهاڳ وارن صفحن (٢٢٦-٢٢٩) ۾ ڏنا ويا آهن. وڌيڪ تفصيل خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي ۾ (صفحن ٢٧٤-٢٨٠ تي) آندل آهي. ٧-مارچ ١٩٦٩ع تي ميرپور ماٿيلي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اسان کي سگهڙ محمد خان گڏاڻي سنڌس پٽ ناني مرزي خان گڏاڻي

جو ڪرڙي واري جنگ بابت بلوچڪي ۾ چيل شعر پڙھيو. مرزو خان وڏو شاعر ھو ۽ ان جنگ واري دؤر ۾ بہ وڏو ھو. ھن شعر ۾ مير سھراب خان، مير رستم خان ۽ مير نصير خان جا نالا آندل آھن. پين اڳواڻن مان مير مبارڪ خان، گولي شاھ، نور شاھ ۽ بھادرخان ڪوڪر جا نالا آيل آھن. جنگ جي سپہ سالارن ۽ پين سپاھين ۽ بھادرن جن ميدان ملھايو ۽ سر ڏنا، تن مان ھي نالا اچن ٿا: غلام علي (جنھن چيو تہ، جيڪو سوٽ قبول ڪري سو نڪري اچي)، سيد قاسم شاھ، دوس محمد، لقمان ۽ پيا. لاشارين ۽ مرين جا لشڪر تن وڏا مقابلا ڪيا. پارھن پھلوان لاشاري پڙ جھلي بيٺا ۽ مري ويا پوئتي نہ ھٽيا. ٽيو ويھون پھلوان مرين مان مئا، جن مان عيسفاڻي ۽ ڏاھياڻي پاڙن جا گھڻا جوان ھئا. مرين جي لشڪر جو سپہ سالار جھان خان ھو. سندس بہ پٽ احمد ۽ محمد حسن، ۽ براھم، سوڍو، گل حسن ۽ پيا ميدان جھلي بيٺا ۽ ميدان ۾ مئا. مرزي خان گڏاڻي جو چيل ھي تاريخي شعر ڪافي ڊگھو آھي ۽ سگھڙ محمد خان کي ياد آھي. شروع واريون سٽون ھن طرح آھن:

ھر صبّواحان' ياد ڪاران' سنّوي پيغمبرا
دالدلے رازے زوّاران' چھار ياران جُنختگان

آخوند محمد عالم خيرپوري پڻ پنھنجي مختصر 'مثنوي شاھنامہ' (فارسي) ۾ 'ڪرڙي جي جنگ' بابت ڪي شعر ڏنا آھن، جيڪي ھيٺين طرح آھن:

سپاس است مر حضرت ذوالجلال
ڪريم الرحيم است قادر ڪمال (۱)

---

(۱) ھن ڪان پوءِ ۵۳ بيت ثنا ۽ تعريف جا آھن، ۽ ان بعد پيا ھيٺيان بيت.

عجب بِن ڪه ان بادشاهِ شجاع
ڪه از ملک آواره بود از نزاع
بيامد (۱) فقري شده پادشاه
رسيده تهي دست بادشاهگاه
قشون فرستاد آنکه آتش فشان
سمندر صفت با سمندر نشان
تفنگ افگنان لشکر فوج فوج
بلکه روي دريا شده موج موج
چو رُوئين تنان قوم روهيلها
فرود آمدند از جبل خليها
کمين گاهِ کردند از پشت کوه
ز توپ افگنان هم شدند آن ستوه

جتن ۽ چانگن جي چاڻيءَ واري جنگ. جتن مان راڌن جو سردار شيرخان هو ۽ ٽنيارن (۲) جو سردار ان وقت لاکو هو. شيرخان چانگ جو ڳوٺ 'وڏا چانگ' ۽ پيروزشاهه پوڙي جو ڳوٺ 'مزاواڻي چانگ' (تعلقو بدين) هو. هن جنگ ۾ جيڪي چانگ مئا تن کي 'رحمان پارهي' (رام پاراهي) جي مقام ۾ دفن ڪيائون. اهو مقام اسان وجي ڏٺو. شيرخان چانگ جي قبر ڏکڻ طرف ۽ پيروزخان پوڙي جي قبر اتر طرف آهي. وچين اراضي ۾ ڪين سرن جو چورس تل آهي، جنهن ۾ باقي سڀ چانگ ۽ پيا سندن طرفدار جيڪي مئا تن کي گڏي دفن ڪيائون. هن مقام ۾ هڪ پڪي پٿرائين قبر آهي، جنهن تي هيٺين عبارت لکيل آهي:

لشکرخان ولد شير
خان بن شهڪ قوم

---

(۱) بيامد، يعني شاهه شجاع آيو.
(۲) يعني ٽنيي وارا (ڳائي مال وارا).

چانگ تولد شد در سنہ ۱۱۰۳ رحلت
کرده در تاریخ پنجم ماه جماديالاول سنہ ۱۱۸۷ در
ايام حاکم ملک شد امير صاحب فتح علي تالپر.

شير خان چانگ جيکو جتن ۽ چانگن واري جنگ ۾ ماريو سو غالباً هن لشکر خان جو پٽ هو ۽ مٿس سندس ڏاڏي شيرخان جو نالو هو.

سنڌ جي سورهين جون انگريزن سان جنگيون

آزادي جي جدوجهد وارا اهي جنگناما 'باب ٽائين' هيٺ بيان ٿيل آهن. سنڌ جي سورهين پنهنجي ملڪي آزادي برقرار رکڻ خاطر انگريزن سان جيڪي مقابلا ڪيا تن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. انگريزن پنهنجا ڪيل عهد ناما ٽوڙيا، ۽ سرچارلس نيپئر فريب ۽ ڌوڪي سان مياڻي جي ميدان ۾ ڪامياب ٿيو، پر سنڌ جي سرويچ سورهين انگريزن جي غلامي نہ قبولي. سال ۱۸۴۳ع کان وٺي اينداز هڪ سؤ سالن تائين انگريزن سان وري وري مقابلا ٿيندا رهيا ۽ آخري مقابلو پي حُر تحريڪ دوران ۱۹۴۲-۱۹۴۳ع ٿيو ۽ پيرپاڳاري صبغت الله شاه جي اڳواڻي هيٺ سوين سورهيہ سر ڏيئي سرها ٿيا، پر انگريزن خلاف جنگ جاري رکيائون: تان جو ۱۹۴۷ع ۾ انگريزن پنهنجا ٽپڙ پڌا ۽ ملڪ خالي ڪيائون. آزادي جي جدوجهد وارن انهن جنگنامن مان هرهڪ جي مهاڳ ۾ وضاحتون ڪيل آهن.

(ب) سنڌ اندر ڪن قومن قبيلن جون تاريخي رياستون

سنڌ ۾ ڪن قومن ۽ قبيلن، پنهنجن سربراهن جي اڳواڻي هيٺ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ پنهنجيون حڪومتون، رياستون، سرداريون يا واڇداريون قائم ڪيون، ۽ سنڌ جي تاريخ جي لاهن چاڙهن ۾ ڪافي اهم ڪردار ادا ڪيو. هنن 'جنگنامن' ۾ انهن قومن قبيلن جي رياستن ۽ سردارين بابت ڪي اهڙا تفصيل ملن ٿا جيڪي تاريخي ڪتابن ۾ نہ آهن، ۽ جي آهن

تہ بہ رکیو کن نالن ۽ جملي تائين محدود آهن. انهن قومن قبيلن جي پنهنجن پنهنجن ماڳن تي طاقت ۽ توانائي، سنڌ جي مجموعي طاقت جو سرچشمو هئي. جڏهن سنڌ جي ڪن مدبر ۽ دور انديش حڪمرانن، باوجود پنهنجي وڏي طاقت جي، انهن قومن قبيلن ۽ ننڍن رياستن ۽ راڄدارين کي سنڌ جو ۽ پنهنجو ڪري سمجهيو، تہ سنڌ جي سياسي ۽ فوجي طاقت بہ اوج کي پهتي، پر جڏهن حڪمرانن پنهنجي طاقت جي نشي ۾ اڳرائي ڪري يا پنهنجي هيٺائي سببان خوفزده ٿي انهن تي حملا ڪيا ۽ انهن کي هيسائي ختم ڪيو، تہ سنڌن پنهنجي حڪومت ۽ طاقت جا بنياد بہ ڪمزور ٿي ويا. ڪن تاريخي حوالن، هن ڪتاب جي مواد ۾ سمايل تاريخي اهڃاڻن ۽ لوڪ ادب جي روايتن جي روشني ۾ چئي سگهجي ٿو تہ اڳين دور ۾ سلطان ڄام نظام الدين ۽ پوئين دور ۾ مير فتح علي خان، اهڙا عالي دماغ، وڏي دل وارا دورانديش ۽ عادل حڪمران هئا، جن سنڌ جي قومن ۽ قبيلن کي ملائي هڪ ڪيو. هنن باوجود پنهنجي وڏي طاقت جي ڪنهن بہ قوم ۽ قبيلي کي ڪونہ هيسايو؛ هنن پنهنجي ملڪ جي لائق سربراهن، راڄن ۽ راڄدارن کي عزت ڏني ۽ سندن همت افزائي ڪئي جنهنڪري سنڌ جي طاقت اوج کي پهتي.

جنگنامن جي اهڃاڻن، تاريخي حوالن ۽ ٻين روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي هيٺين قومن قبيلن جون پنهنجون ننڍيون مقامي رياستون يا سرداريون قائم هيون: ٻڍن، ڪاڪن، چنن ۽ ٻين هم شريڪ قبيلن جي رياست؛ سوڍن جي رياست؛ ننگامڙن جي رياست؛ پٺيارن جي سرداري؛ پنهورن جي رياست؛ ڪيهرن جي رياست؛ پڙهن جي سرداري؛ لاشارين جي سرداري؛ ڪرمتين جي سرداري؛ برفتن جي سرداري ۽ آخر ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ جوکين جي ڄامائي. انهن مقامي رياستن ۽ سردارين کان سواء سنڌ اندر مختلف تاريخي دورن ۾ ٻيون بہ ڪي اهڙيون رياستون يا سرداريون هيون- جيئن تہ گجرن جي رياست، آگرن جي رياست، سهتن جي رياست،

پٺاڻن جي سرداري- پر جيئن تہ جنگنامن جي موجوده مواد ۾ انهن جو ڪو خاص ذڪر نہ آيو آهي، انهيءَ ڪري في الحال فقط مٿي ڄاڻايل قبائلي رياستن ۽ سردارين جو مختصر طور روايتي انداز ۾ ذڪر ڪنداسون ۽ وڌيڪ مواد ملڻ بعد انهن تي آئنده تحقيقي بحث ڪنداسون.

ٻڌن، ڪاڪن، چنن جي رياست

اسلام کان اڳ واري دور ۾ سيوهڻ کان وٺي گنداوا تائين ٻڌيا جو ملڪ هو. غالباً ڪنهن وقت 'ٻڌ' قوم اتي گهڻائي ۾ هئي ۽ پڻ طاقتور هئي، انهيءَ ڪري ان ملڪ تي 'ٻڌيا' نالو پيو، جيئن ڪي پيا پرڳڻا بہ قومن قبيلن پويان لوهاڻا، لاکا، سما يا سهتا سڏيا هئا. اهي سڀ قومون ۽ قبيلا ڪن صدين کان وٺي ٻڌ مت جا پوئلڳ هئا، ۽ انهيءَ ڪري ملڪ تي چچ برهمڻ جي قبضي جي خلاف هئا. پوءِ چچ حملا ڪري طاقت جي زور سان انهن سڀني کي مڃايو. 'ٻڌيا' طرف هن پهريائين ملڪ جي ڏاکڻي ڀاڱي 'سيوستان-ڪاڪا راڄ' (ڪڪڙ) تي حملو ڪيو ۽ بعد ۾ اترئين 'ڪيڃي- گنداوا' واري ڀاڱي تي ڪاهيو. برهمڻ حڪومت جي خاتمي خاطر سنڌ جي مکيہ قومن قبيلن محمد بن قاسم جي آجيان ڪئي ۽ مدد ڪئي. ان وقت 'ٻڌيا' جي ڏاکڻي ڀاڱي (سيوستان ۽ ڪاڪا راڄ) ۾ ڪاڪا ۽ چنا مکيہ قبيلا هئا، جن محمد بن قاسم سان صلح ۽ معاهدا ڪيا ۽ پڻ اسلام قبوليو(١). نسل جي اعتبار سان، ڪاڪا ۽ چنا ساڳي برادري جا قبيلا هئا. اڄ کان ھ سؤ سال اڳ نسبنامي جي اهڙي ڪا

(١) فتحنامي (چچنامي) ۾ اهو ذڪر آهي، پر اڳ لفظ 'چنان' کي 'جتان' پڙهيو ويندو هو. قلمي نسخن جي پيٽ مان 'چنان' نالو صحيح ثابت ٿيو آهي (ڏسو ڊاڪٽر جي تحقيق سان 'فتحنامي' جو نئون متن، ص ٩١ (تاريخي تحقيقي ادارو، اسلام آباد، ١٩٨٣ع).

روايت موجود هئي، جو مير علي شير قانع 'تحفةالڪرام' ۾ ڄاڻايو ته محمد بن قاسم جي وقت جو سربراهه، جنهن جو نالو 'ڪاڪو' هو، سو به چنو هو. محمد بن قاسم پوءِ 'ٻڌيا' جي آترئين پاسي تائين ويو، جتي گنداوا (قندابيل) ۾ سندس دؤر کان اڳ، عرب فوج پهچي چڪي هئي. جڏهن 'ٻڌيا' جو سڄو ملڪ، سنڌ جي نئين عرب-اسلامي حڪومت ۾ اچي ويو ۽ سڀ قبيلا پڻ اسلام ۾ داخل ٿيا، ته به انتظامي لحاظ سان 'ٻڌيا' جي سڄي آلهندئين پاسي تي، جيڪو جبلن سان لاڳو هو، 'ٻڌيا' جي قبيلن جي رياست قائم رهي. عرب-اسلامي حڪومت جي زوال ۽ پوءِ سومرن واري دؤر ۾ اها رياست غالباً هڪ جدا حڪومت بنجي وئي. سمن جي دؤر ۾، خاص طرح ڄام نظام الدين جي وقت ۾، سنڌ حڪومت جي مرڪزي طاقت 'ٻڌيا' طرف وڌي ۽ پڻ بلوچ قبيلن جو ان طرف غلبو ٿيو، جنهن ڪري ٻڌيا جي قبيلن واري 'حڪومت' گهٽجي، هڪ ماتحت رياست بنجي وئي. سمن جي دؤر کان پوءِ اهي قبيلا ويتر وڌيڪ ڪمزور ٿيا.

تاريخي اعتبار سان، انهن قبيلن ۾ 'ٻڌ' قبيلو وڌيڪ آڳاٽو ۽ وڌيڪ طاقتور هو. ڪڇي ضلعي (بلوچستان) جي ناڙي واري ملڪ تي، سندن سرداري قائم رهي. هن وقت پڻ آتي 'مٺ' ٻڌن جو مرڪزي شهر آهي. ڪجهه اڳ هيٺ 'هاشم ٻڌ جي ڳوٺ' تائين ٻڌن جي زمين هئي، پر ٻڌن ۽ ٻرڙن واريءَ جنگ ۾، جڏهن هاشم ٻڌ ماريو ته ٻرڙن اتي قبضو ڪيو. محمد بن قاسم جي وقت ۾ ڪاڪا ۽ چنا قبيلا، هيٺ سنڌ ۾، سيوستان ۽ ڪاڪا راڄ طرف مکيه قبيلا هئا. ان ساڳئي دؤر ۾ ۽ پڻ پوءِ، سومرن جي دؤر تائين، مٿي ڪڇي جي ناڙي وري پرڳڻي ۾ گنداوا ۽ مولهه (موره) جي پاٽيءَ وارو علائقو چنا برادريءَ جي چنن، وڏن ۽ ماڪن قبيلن جي حڪمراني ۾ هو. آڳاٽي هڪ ڳاهه آهي ته:

„ چنا، وڏا، ماڪا، موره سنگ ڏئي(١).

(١) هڪ روايت موجب چنن جو 'ماڪا' قبيلو سردار گهر هو ۽ پين سڀني کان وڏو هو.

سمن بعد، انهن جي حڪمراني ختم ٿي، پر سرداريون غالباً قائم رهيون. سمن کان پوءِ ارغونن ـ ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت ٿي. ارغون بولان مان لنگهي، سبي ۽ ڪڇي وارن پرڳڻن مان ۽ پوءِ سنڌ جي ڪاڇي (جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جو الهنديون پاسو، جيڪو جبل سان لڳو آهي) مان ٿيندا، هيٺ سيوهڻ ڏانهن آيا، جنهن ڪري ارغونن ۽ چنا برادريءَ وارن قبيلن جو هڪٻئي سان منهن مقابل ٿيڻ قرين قياس نظر اچي ٿو. 'ٻداماڻي ٻنري واري ڳالهه'(١) توڙي "چنن ۽ مغلن جي جنگ"(٢) ۾ 'مغلن' جو ذڪر اچي ٿو، جن مان مراد 'ارغون' ٿي سگهن ٿا. چنا ۽ ٻيا جيڪي قديم 'ٻُڏيا' جا قبيلا هئا، سي سنڌ جي سمن کان الڳ هئا. سمن جي حڪومت ۾ سندن زور ٻيڪو هو. ارغونن سنڌ جي سمن جي حڪومت ٿي ڪاهيو، انهيءَ ڪري ڪڇيءَ ڪاڇي جي قبيلن ۽ ارغونن جي وچ ۾ صلح ۽ عهدناما ٿيڻ ممڪن هو. ان وقت جا مکيه برادر قبيلا پنج هئا: چنا، موڙا، ٻدوا، ليبا ۽ ٻدام(٣). سورهيه ٻنري جي ٻيءَ جو نالو 'ٻدام' هو ۽ سندس نڪاح ۾ هڪ 'مغلياڻي' به هئي، جيڪا ٻنري جي ماڻيجي ماءُ هئي؛ يعني ته مغلن سان هتان جي سردار گهر جو رشتو هو. اهو سردار گهر 'راءِ ڪنوچ' جو هو ۽ ارجڻ ان وقت گاديءَ تي هو. ٻني گهراڻي جو وڏو حيدر هو. اهو وقت شاهه حسن ارغون جي دور وارو ٿو ڀائنجي، جڏهن ارغونن جي سنڌ ۾ حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ۽ هو هتي وسي رسي چڪا هئا. ڳاهن ۾ البت دهليءَ جي بادشاهه جي چڙهائيءَ جو ذڪر ڏنل آهي، جيڪو پڻ

---

(١) هيءَ ڳالهه اسان لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "ڳاهن سان ڳالهيون" (سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ـ ٧، مطبوعه ١٩٦٤ع، صفحا ١٢٢ـ١٢٨) ۾ قلمبند ڪئي آهي.

(٢) ڏسو الدر صفحا (٣٤) الف ـ ٣٤ (ل).

(٣) 'ٻدوا' ساڳيو لفظ 'وڏوا' آهي، ۽ موجوده 'وڏا' قبيلو اصل ۾ 'وڏوا' يا 'ٻدوا' آهي.

غور طلب آهي. سنڌ جي روايتن ۾، مغلن کان اڳ، دهليءَ جي ترڪ سلطانن کي پڻ 'مغل' سڏيو ويو آهي. واءِ ڪنوچ واري وقت ۾ يا ان کان پوءِ چنا برادريءَ وارن قبيلن جا پاڻ ۾ وڏا نفاق ٿيا. ڪاڇي ۾ سندن ڪوٽ، ڳڙهه ۽ ڳڙهيون هيون، پر جڏهن پاڻ ۾ ڦٽا، تڏهن مغلن جي ترارين جو ڪاج ٿيا(۱):

چنن چوراسي ورهين ڪيو اوچل راڄ
جڏهن پيين پاڻ ۾، تڏهن ٿيا تهارين ڪاج

ٻيءَ روايت موجب:

چنا چوراسي راڄ، هتا ڪاڇي ڪنڌيين
جڏهن پيين پاڻ ۾، تڏهن ٿيا ترارين ڪاج.

مٿين پنهي ڳاهن مان 'چوراسي راڄ' واري روايت وڌيڪ وزندار آهي ۽ اسان ڪڇهرين ۾ سگهڙن کان اڪثر ائين ئي ٻڌو آهي. قبيلن جي گهٽائي وارو اهڃاڻ شروع وارين ڳاهن ۾ به موجود آهي، جتي چنن قبيلن جا ٺالا ڳڻيل آهن. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ پوئين دؤر جي قبائلي برادري واري رياست، جنهن جو سربراه 'واءِ ڪنوچ' جو گهراڻو هو، چوراسي سال هلي هجي ۽ 'چوراسي' وارو اشارو ان ڏانهن هجي، پر مجموعي طور سان اڳوڻي 'ٻڌيا' ملڪ جي قبيلن يعني ٻڌن، ڪاڪن، چنن جي حڪومت ۽ رياست اسلام واري دؤر کان اڳ شروع ٿي ۽ عرب اسلامي دور ۾، اها رياست طور قائم رهي. سومرن جو ان طرف تسلط قائم ڪونه ٿيو ۽ اها رياست خودمختار رهي. البت سمن جي دور ۾، ڄام نظام الدين جي وقت، سنڌ جي حڪومت نهايت مضبوط ٿي، جنهن ڪري ڪڇي-ڪاڇي واري قبائلي رياست جو

---

(۱) 'چنن ۽ مغلن جي جنگ' واريون ڳاهون ڪافي اڳاٽيون آهن، پر الهن جي اٿپوري روايت سببان، انهن ۾ ڏنل ڏاٿا ۽ اهڃاڻ سمجهڻ ۾ ڏکيا آهن. هي مختصر بيان انهن ڏاٿن مطابق آهي، پر گهڻي حد تائين گماني آهي.

اڳوڻو اوج ختم ٿيو. ان بعد ڇنا برادري وارن قبيلن (ڇنن، ٻڏون، لين، ماڙکن ۽ ٻدامن) جي زمينداريءَ ۽ سرداريءَ وارو دور شروع ٿيو، جيڪو ارغونن - ترخانن - مغلن وارو دور هو.

ڇنن ۽ ڪوُنريجن سردارن جو تڪرار، جنهن جو ذڪر حسين چارڻ واري تاريخي بيت ۾ آهي، سو غالباً انهيءَ پوئين دور ۾ ٿيو، جنهن ۾ ڪوُنريجن، جيسر راوُ ماڇي سردار کان مدد گهري، جنهن اڇي ڇنن جي ملڪ تي قبضو ڪيو. انهن واقعن جو تاريخي توڙي جغرافيائي پس منظر پيچيدو آهي، پر غالباً حسين فقير سنڌ جي سري واري اراضي جو ذڪر ڪيو آهي. جيسر راوُ ماڇي جي سرداري تعلقي ڪشمور ۽ تعلقي صادق آباد واري پاڳي ۾ هئي، جتي (تعلقي صادق آباد ۾) هن پوئين دور تائين، ماڇي جي سرداريءَ جو مرڪز رهيو آهي. ڪوُنريجا موجوده جيڪب آباد تعلقي ۽ ان سان لاڳو پاڳي ۾ آباد هئا، جتي وينڊي هن وقت تائين ڪونريجن جو راڄ ۽ شهر موجود آهي. ڇنا اتر طرف، ناڙي ۽ ان سان لاڳو پاڳن ۾ آباد هئا. انهيءَ پاڳي کان اتر، مٿيون گنداوا وارو ملڪ توڙي ڪڇي جو مولهه وارو پاڳو اڳ ئي لاشاري قبيلن جي قبضي هيٺ اچي چڪو هو، پر هيٺ ڪڇي ۽ ناڙي وارو ملڪ اڃا ڇنا قبيلن جي هٿ ۾ هو، جيڪو پوءِ اڇي ماڇي سردار جيسر راوُ هٿ ڪيو ۽ اتي پوءِ ماڇي قبيلا آباد ٿيا. ان جا آثار اڃا آهن، جو موجوده نصيرآباد ضلعي جي ناتال ۽ ڊيري مراد جماليءَ کان ڏکڻ - اولهه طرف 'مير پور بي بي واري' تائين، ماڇين جا چار - پنج شهر (مروڙ، لانڍي وغيره) آباد آهن. اڃا به اڳتي مولوي سعدالله ماڇي نئون شهر ٻڌايو، جيڪو اڄ تائين 'مولوي' سڏجي ۽ آباد آهي. شهر 'مولوي' کان اتران 'پنج وهڻ' واري اراضي آهي، جنهن تي اهو نالو 'پنجن برساتي واهن' (مولوي سعدالله واهه، صابري واهه، رونگها واهه، خان واهه ۽ راڄ واهه) تان پيو، جن مان هڪ مولوي سعدالله کڻايو. اسان هن سلسلي ۾ تحقيق ڪندي، شهر 'مولوي' ۾ قلات جي خان نصير خان جي سنه ۱۱۷۴ع - محرم

۱۱۰۴ھ تي ڏنل هڪ سَنَد ڏني، جنهن ۾ 'مولوي' شهر واري مڇي ديهه ماڇين سربراهن مان ملا آدم، طاهر، خضر، طيب، قبول، ڪرم ۽ صالح کي پڪي ڪري ڏنل هئي(۱). جنهن جي معني ته ۱۱۰۴ھ (۱۶۹۲ع) کان گهڻو اڳ جيسر واؤ ماڇي اهو ملڪ چنن قبيلن کان هٿ ڪيو.

سوڍن راڻن جي رياست

سنڌ جي ڏکڻ-اڀرندين تر واري ڀاڱي ۾ ڪنهن آڳاٽي دور کان وٺي سوڍن جي حڪمراني ۽ رياست قائم هئي. اصل نسل جي لحاظ سان هي 'پرمار' هئا، پر سنڌ ۾ هي سوڍا سڏجڻ ۾ آيا، ۽ سندن مُک اڳواڻ 'نڪر' ۽ راڻا ٿيا. 'فتحنامي' ۾ نڪرن اڳواڻن جو ذڪر آهي. عرب اسلامي دور کان وٺي سوڍا سنڌ جي مرڪزي حڪومت ۽ سنڌ جي حڪمرانن سان ڀيڙا ۽ شامل رهيا، ۽ مقامي طور سندن رياست قائم رهي. سومرن جي دور ۾، سوڍو راڻو مينڌرو، همير سومري جو وزير هو. ٻين تاريخي دورن ۾ سوڍن جو ذڪر مسلسل طور اچي ٿو، پر ارغونن-ترخانن-مغلن واري دور ۾ هنن ۾ قبائلي نفاق وڌيو، 'ويسي ۽ ويرسين' وارو وير پيو(۲). سنڌ جي حڪمرانن به طرفداري ڪري سندن اختلافن کي وڌايو، جنهن جي ڪري آخرڪار هنن جي جدا جدا لُڪن جون جدا جدا 'راڻپون' قائم ٿيون. ٽالپورن جي دور ۾ مقامي نظام ۽ انتظام جي مضبوطي جو

---

(۱) جناب مير شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي (محراب پور جمالي) جي محبت ۽ مدد سان اسان 'ناڙي' ملڪ جي آثارن جو مطالعو ڪيو ۽ اتي جو لوڪ ادب سهيڙيو. ۶- جنوري ۱۹۷۷ع تي اسان شهر 'مولوي' ۾ منزل ڪئي ۽ اتي فارسي ۾ لکيل اها اصل سَنَد ڏٺي، جيڪا ان وقت ارباب غلام قادر جويي وٽ هئي. اها زمين هاڻي ماڇين کان جوين ۽ ٻين مقامي ماڻهن خريد ڪئي.

(۲) ڪتاب 'بيگلار-نامي' مان ڏهين صدي هجري (سورهين عيسوي) ۾ سنڌ جي سوڍن جي اندروني اختلافن تي روشني پوي ٿي.

مدار راڻن جي رضا ۽ راڻن سان اتفاق تي وڪيل هو. حڪومت طرفان هر مکيه قوم ۽ قبيلي کي سنَدون، زمينون ۽ مقامي اختيار مليا. خاص طرح سرحدن تي ويٺل قومن ۽ قبيلن کي اندروني طور مڪمل آزادي ڏيئي سرحدن جو محافظ بڻايو ويو. ڏاکڻي سرحد تي راڻپور جي راڻن کي پڻ اندروني طور هڪ رياست وارا اختيار ڏنا ويا. کين سنَد ڏني وئي جنهن موجب هو راڻپور ۽ سوراچند جي ڳوٺن، اڌ شهر جي واپاري محصول ۽ سنڌ مان ڪڇ ۽ گجرات طرف ويندڙ مال ۽ واپار جي چونگي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيا. اهڙيءَ طرح ويرا واه جي راڻي کي مقامي اراضي معافي ۾ ڏني وئي ۽ هو ويرا واه جي اڌ شهري محصول جو حقدار ٿيو. سڄي علائقي جي ڍل جو چوٿون حصو به کيس مليو، ۽ موڪئي ڍڳ جي سڄي پيدايش سندس حوالي ٿي. انهيءَ رواداري ۽ فياضي جي ڪري هو سرحد جي حفاظت ۾ سنڌ جي حڪومت سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا.

سنڌ تي انگريزن جي غاصبانہ قبضي بعد، سنڌ جي خيرخواهه قومن قبيلن، سردارن ۽ سربراهن تي سختيون شروع ٿيون. انگريزن پڻ سردارن وانگر راڻن کي مليل رعايتن کي پڻ ڪٽيو، ۽ ١٨٥٩ع ۾ پارڪر جي راڻي ۽ مکب اڳواڻ توڙي ويرا واه جي ٺڪر جا حق ضبط ڪيا، ڇاڪاڻ جو انگريزن جي ڏاري حڪومت سان هنن تعاون نہ ڪيو. آن سال انگريزن ڏيئو مل کي ٺڪرپارڪر جو ڪاردار (مختيارڪار) مقرر ڪيو هو تہ اتي جي راڻن ۽ ٺڪرن جو زور ڀڃي. ڏيئو مل جي زبردستين سببان، راڻن جا انگريزن سان مقابلا شروع ٿيا، جن جو ذڪر باب ٽئين هيٺ "راڻپور ۽ ويرا واه جي سوڍن جون انگريزن سان جنگيون" واري 'جنگنامي' ۾ بيان ٿيل آهي.

١٥- اپريل ١٨٥٩ع تي راڻپور جي راڻي ڪرنجي ۽ سندس ڀاءُ پوپٽ سنگھ، ويرا واه جي راڻي لاڌي سنگھ، ڀهراڻي جي ٺڪر ۽ ٻين راڄدارن گڏجي انگريزن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو.

انگريزن جو پوليس ٿاڻو پٽي آڇلايائون ۽ ڪاردار جي آفيس کي ساڙي ڇڏيائون. پوءِ انگريزن جون فوجون حيدرآباد توڙي ڪڇ مان چڙهي آيون. ٣- مئي تي مقابلو ٿيو. انگريزن جي فوجي طاقت گهڻي هئي، انهيءَ ڪري راڻو ڪرڻجي ۽ لاڏو سنگ ۽ پيا گرفتار ٿيا. اهڙي طرح انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ سوڍن جي انهن سرحدي رياستن ۽ راڻن جو خاتمو ٿيو(١).

نگامرن جي رياست

نگامرن يا نگامرن جي قوم ساموندي ڪناري لڳ آباد هئي، ۽ هو اڪثر پيڙياتا ۽ ساموندي ناکئا هئا. ماهيگيري ۽ ساحلي واپار سندن خاص پيشو هو ۽ انهيءَ ڪري هو سکيا ستابا ٿيا. ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) ۾ هو ڪاري لڳ ڪناري وارن علائقن ۾ طاقتور هئا، جو فتحنامي (چچنامي) جي فارسي ترجمي ۾ علي ڪوفي سندن ذڪر ڪيو آهي ۽ هنجي گمان موجب ائين پاليو آهي ته جن 'ميدن' (ساموندي سرڪشن) مسلمانن جي ٻيڙين کي ڦريو هو سي لنگامرا هئا. سومرن جي آخري دور جي "آڏو ۽ هوٿل پري" واري مشهور عاشقاڻي داستان جي 'هوٿل پري' حقيقت ۾ نگامري شهزادي هئي ۽ آڏو ڪڪرالي جو ڪيهر ڄام هو(٢). اسلام جي اچڻ کان پوءِ نگامرا اسلام ۾ داخل ٿيا، ۽ اهي ساموندي ناکئا ۽ واپاري جن جو ذڪر شاهه جي رسالي جي 'سر ساموندي' ۾ آهي، تن مان غالباً گهڻا نگامرن مان ئي هئا. مغلن جي دور ۾ 'نگامرن جي رياستن' جو حڪمران راڻو عبيد هو. مغلن جي آخري

---

(١) ويرا واه جي پونجاڻي نڪرن بابت وڌيڪ احوال آنجهاني واڌچند جي "تاريخ ريگستان" ۾ ڏسڻ گهرجي.

(٢) لوڪ ادب جي ڪتاب "مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان -١" ۾ اسان هن افساني جي روايتن کي سهيڙي مرتب ڪيو آهي، ۽ پڻ مقدمي ۾ نگامرن جي راڻن ۽ سندن رياست تي روشني وڌي آهي، جنهن جو تفصيل اتي ڏسڻ گهرجي.

دور ۾ راڻو اِجمال ٿيو، ۽ ان بعد ويندي ڪلهوڙن جي دور تائين هن رياست جي حڪمراني راڻي اجمال جي پوين يعني 'اِجماليِن' جي هٿ ۾ رهي. اجمالي گهراڻي جي راڻن جي گادي پهريائين 'ڪتي ڪوٽ' ۾ هئي، پوءِ 'ڪُنڊي' واري ڪاري تي (رتي ڪوٽ ۾؟) ٿي، ۽ آخر ۾ سنڌن گادي ڏاراجا ۾ ٿي:

اول هئا 'ڪتي ڪوٽ' تي، پوءِ ويا 'ڪُنڊيءَ' پاس ڪٿي
الله! اجـمـالـيـن جـي اوچـي ڪـيـچ آئـي
ڏاراجـي ڏڏي، ڏسـي سـچ تـــ سـوتـيـا.

مياں نورمحمد ۽ مياں غلام شاهه جي دور ۾ 'ننگامرن جي رياست' ايڏي وڏي ڪانه هئي، تہ بہ هڪ مضبوط ننڍي رياست هئي ۽ راڻو ارجن ان جو حڪمران هو. مياں نورمحمد محض پنهنجي طاقت ڄمائڻ ۽ پنهنجي حڪومت جي حدن وڌائڻ خاطر راڻي ارجن ڪي حملن ذريعي هيسائڻ شروع ڪيو. مياں غلام شاهه پوءِ بجار جوکيي کي بچي راڻي ارجن کي بيدردي سان مارايو. اهڙيءَ طرح لنگامڙن جي هي آڳاٽي تاريخي رياست ڪلهوڙن جي دور ۾ ختم ٿي. اهو واقعو باب پنجين هيٺ "بجار جوکيي ۽ راڻي ارجن جي جنگ" بابت جنگنامي ۾ بيـان ٿيل آهي، جنهن جنو تاريخي پس منظر هيٺين ريت آهي.

بجار جوکيو اياڻ جوکين جو ڄام ڪونہ هو، پر وڏو ڏاڍو مڙس هو. مياں غلام شاهه جي اشاري تي بجار ۽ سنڌس ساٿين راڻي ارجن تي اوچتو حملو ڪيو، جنهن ۾ راڻو ارجن مارجي ويو. ان وقت ڪي ٿورا مڙس آتسي راڻي وٽ هئا، جن سامهون بجار تي حملو ڪيو. انهن مان ٽن جا نالا بيتن ۾ اچن ٿا. پيا جيڪي وڙهيا ۽ جن جو ذڪر پڻ بيتن ۾ آهي، سي غالباً تڏهن جڏهن ان کان اڳ ڪلهوڙن جي لشڪر راڻي جي ڪوٽ تي حملو ڪيو هو.

تحفة الڪرام جي هڪ بيان موجب ١١٥٦هه ۾ ڪڇ وقت لاءِ ٿتي جو انتظام مغلن جي شاهي وڪيل، ڏاراجہ جي راڻي ۽ 'ارباب

ساجن رانيهہ جي حوالي ڪيو ويو هو(١). انهيءَ ڪري راڻي جي ماڻهن جو ٺٽي طرف اچڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي، مگر تحفة الڪرام ۾ اڳتي چاٽايل آهي تہ سنہ ١١٦٠ھ ۾ ڏاراجہ جي راڻي جي چور تي جبل جي جنگجو ماڻهن مان ڪي ٻہ چار سؤ شهر ٺٽي جي ڀسڪرداٽي تي چڙهي آيا. ان وقت مَسَتُو فقير، ميان نورمحمد جي پاران ٺٽي جو حاڪم هو. سندس لشڪر مڪلي جي قبرستان جون قبرون لتاڙي حملي ڪندڙن کي سامهون ٿيو پر باوجود گهڻائي جي شڪست کاڌائون. پوءِ ميان نورمحمد جو پٽ محمد خداداد خان وڏي لشڪر سان چڙهي آيو ۽ مسو فقير کي معزول ڪري بلاول فقير لانچ کي ٺٽي تي مقرر ڪيائين. راڻو پنهنجو لشڪر قلعي جي بچاء لاءِ ڇڏي پاڻ درياء (بگهاڙ) ٽپي ٻئي طرف هليو ويو. راڻي جي انهيءَ ٿوري لشڪر اهڙو تہ مقابلو ڪيو جو لاچار ٿي خداداد خان هڪ ڪوڙو جعلي دستاويز ڏيکاري قلعي تي قبضو ڪيو. شاعر محسن ٺٽوي ان واقعي جي تاريخ هن طرح ڪئي:

دلبر از بهر سالش فکر مي کرد
خرد گفتا "بحق فتح مبين" است

١١٦١

ان واقعي کان ڪجهہ پوءِ، ٺٽي جي نائب شيخ شڪرالله، بجار جوکيي کي سڏائي راڻي کي مارڻ جو تاڪيد ڪيو. منصوبو رٿيل هو تہ راڻي کي صلح جي بهاني سان گهرائي، پوءِ حملو ڪري مارجي. پر ان بعد سنہ ١١٦٤ھ ۾ شيخ شڪرالله سندس ذريعي مسقط ڏانهن محمد مراديابخان کي وٺي اچڻ لاءِ روانو ٿيو، جو واٽ تي ٻيڙي ۾ ئي وفات ڪيائين. انهيءَ ڪري اهو منصوبو رهجي ويو، جيڪو

(١) مير علي شير قانع: تحفة الڪرام، فارسي متن، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧١، صفحا ٢٥٦-٢٥٨.

پوءِ ميان غلام شاهہ جي دور (١١٧٠-١١٨٦هہ) ۾ پورو ٿيو (١). بهرحال هن حملي ۽ راڻي جي مارجڻ جو جيترو تفصيلي بيان هن واقعي بابت جنگنامي جي روايتن ۾ آهي، اوترو ڪنهن بہ تاريخي ڪتاب ۾ ڪونهي.

پنهوارن جي رياست

سنڌ جي نسبنامن جي عام روايت مطابق 'پنهوارن' جا وڏا اصل ۾ هڪ عرب قبيلي مان هئا ۽ محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا. 'فتحنامي' جي بيانن، توڙي پين اڳين معتبر تاريخن مان اهو ثابت آهي تہ محمد بن قاسم پنهنجي فوج مان، جدا جدا قبيلن جي ڪن چونڊ ماڻهن کي، جدا جدا جاين تي رهايو، ۽ بعد ۾ خليفي سليمان هڪ عام حڪمنامو ڪڍيو تہ جيڪي بہ سپاهي سنڌ ۾ آهن، سي اتي ئي رهن، محنت ڪن ۽ زمينون آباد ڪري پنهنجو گذران ڪن. پنهورن جا وڏا، پنهنجي اصلي بدوي زندگيءَ کي ترجيح ڏيندي، شهرن کان ٻاهر وڃي رهيا ۽ رڍن ٻڪرين جا ڌڻ ڌاري گذران ڪيائون، جنهن ڪري وقت گذرڻ سان هو "پنهوار" (پهون = ٻڪريون. پهون + وار = ٻڪرين وارا) يا 'پنهور' سڏجڻ لڳا. سنڌ جو وڏو عالم ۽ محقق مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 'پنهور' هو، پر وٽس ڪي اهڙيون لکيتون يا پڪيون روايتون هيون، جو ٻاڻ کي پنهنجي نسبنامي جي اصليت جي لحاظ سان 'اسدي قريشي' ڪري لکيو اٿس (٢). انهيءَ عرب قبيلي وارا (جيڪي پوءِ 'پنهوار' سڏيا ويا)

---

(١) سنہ ١٨٨٨ع ۾ انگريزن جي وقت جي جاگيردارن، ڪاتيدارن، پٽي-دارن جي ياد داشت ۾ پڻ بجار جو حملو ۽ راڻي ارجن جو مارجڻ ميان غلام شاهہ جي دور ۾ ڄاڻايل آهي.

(٢) راقم، مخدوم صاحب جي ڪنهن ڪتاب ۾ سندس پنهنجن هٿ اکرين لکيل اهڙي عبارت ڏٺي آهي، پر هي سٺون لکندي چٽيءَ طرح ياد نٿو اچي تہ اها عبارت ڪهڙي ڪتاب ۾ هئي.

غالباً محمد بن قاسم جي دؤر ۾ 'سيوهڻ' يا 'ڪاڪا راڄ' (ڪڪڙ) طرف رهايا ويا ۽ انهيءَ علائقي ۾ سندن پوين (پنهوارن) جي مکيه مرڪزي آبادي قائم رهي. اندازاً سمن جي پوئين دؤر ۾، جڏهن ڪان ڪاڪن-چنن واري قبائلي برادريءَ جو زوال شروع ٿيو ته دادو ۽ چيني جي ڏکڻ-الهندين پاڱي تي پنهوارن جو ۽ دادو-سيوهڻ جي اپرندين علائقي تي ڪوريجن جو قبضو ٿيو. ميرزا قليچ بيگ جي گمان موجب "١٧٢٥ع ڌاري يا ان کان اڳ ڪاهري واري پاڱي ۾ پنهورن ۽ چنن جي حڪومت هئي. ڪاهري، سامتائي پرڳڻي جو صدر مقام هو" (يادگيريون، ص ٥٠). مگر غالباً اها ڳالهه ١٧٢٥ع کان گهڻو اڳ جي آهي.

حسين چارڻ جي تاريخي شعر ۾ مير پنهوار جي سرداري ۽ سنبڌس رياست جو ذڪر آهي، جيڪا سيوهڻ واري علائقي سان دلڳيل هئي. اهو مغلن جو آخري دؤر هو، جو دادو طرف ميان نصير محمد جي طاقت وڌي رهي هئي ۽ ڪلهوڙن طرفان پين مقامي قومن قبيلن جي رياستن تي دباءُ پوڻ شروع ٿيو، ۽ حسين چارڻ جي شعر جي شاهديءَ موجب مير پنهوار، ميان نصير محمد جي آڻ نه مڃي. غالباً اهو ئي سبب هو، جو ميان نصير محمد پنهوارن جي طاقت کي ٽوڙڻ جو پڪو پهه ڪيو. سنه ١١٠٣هه ۾ ميان دين محمد پنهورن تي حملو ڪيو ۽ مير پنهوار شڪست کاڌي، ۽ وري لشڪر گڏ ڪري لڙائيءَ جي تياري ڪيائين. مرڪپور وٽ جنگ لڳي، جنهن ۾ پنهورن هارايو ۽ ميان جي حڪم سان، پنهورن جي زمين تي قبضو ڪري ڪين پوريءَ طرح آڻ مڃائي وئي.

ميان نصير محمد جي فقيري ۽ فيض سان، گهڻا بلوچ قبيلا 'ميانوالي طريقي' ۾ داخل ٿي چڪا هئا. دادو ۽ جوهي وارن علائقن ۾ رهندڙ جمالي، شاهاڻي، رند ۽ کوسا سندس سڳيي ۾ هئا، جن مان کوسا، جيڪي ارڏا ۽ ڏاڍا هئا، سي چيني سان لاڳو ڏکڻ طرف رهندڙ هئا. کوسن، پنهوارن جي حد ۾ لوڙهيون هڻڻ شروع ڪيون.

ٻير پنهوار کان پوءِ پنهوارن ۾ ٻه شايد ٽي سرداريون ٿي ويون هيون: اصل مرڪز 'ماڻتاڻي' ۾ قيصر پنهوار سردار هو، ۽ مٿي اتر طرف 'اراڙي' ۾ حيدر پنهوار سردار هو. باوجود انهيءَ جي، مقابلي ۾ پنهوارن، ڪوسن جي سربراه گولي ڪوسي کي ماريو، پر هنن جا به گهڻا ماڻهو مئا ۽ پنهوار وڏيڪ هيڻا ٿي ويا. جنهن ڪري هنن لاچار منجهن وڏيڪ مقابلي جي طاقت نه رهي، انهيءَ ڪري هنن لاچار ميان نصير محمد جو فيصلو قبول ڪيو، جنهن موجب اولهه طرف جبل کان وٺي اوپر طرف 'ناري' تائين، پنهوارن جو سڄو علائقو سردار گولي ڪوسي جي قتل جي عيوض ڪوسن کي ڏنو ويو(١). انهيءَ فيصلي کان پوءِ پنهوارن جو زور ٽٽي ويو ۽ هو ميان جا مڪمل طور مطيع ٿي ويا. باوجود انهيءَ جي پنهورن کي بالڪل ئي بي دخل ڪرڻ ۽ تڙي ڪڍڻ خاطر ميان يار محمد مٿن حملو ڪيو. پنهورن پيغام موڪليو ته اسين ڪين وڙهنداسون ۽ سامهون ترار ڪانه کڻنداسون. تڏهن ميان يار محمد چيو ته: مٿن ڏنبن ۽ لٺين سان حملو ڪريو. ائين ڏنبن ۽ لٺين سان پنهورن کي ماري ڪڍي، ڪاهڙي تي قبضو ڪيائون(٢). انهيءَ تان ميان يار محمد

---

(١) ڏسو باب پنجون، "ميان نور محمد جو ڪوسن کي هڪالي ڪڍڻ". ڪوسا اڳئي زبردست هئا ۽ مات ڪري ويهڻ وارا ڪين هئا. جڏهن پاڙيسري قبيلن شاهاڻين ۽ جمالين سان وڙهيا، تڏهن ميان نور محمد خرد ڪوسن تي لشڪر چاڙهي، ڪين چني ۽ گنبڙانچ واري علائقي مان بي دخل ڪيو.

(٢) پنهورن جا سربراه پوءِ ماڻتاڻي ڇڏي ويا. ڪي درياءَ جي ڪڇي ۾ وڃي ويٺا، ڪي درياءَ ٽپي، اوپر طرف ويا ۽ ڪي دادوءَ لاڙڪاڻي جون حدون ٽپي، جيڪب آباد طرف هليا ويا. وڏيرو عمر پنهور ۽ وڏيرو قنبر پنهور پوءِ ٽالپورن جي دور ۾ ساماڻا، جن جو ذڪر "باب ڇهين" هيٺ "رندن جو مڪنين تي حملو" واري جنگنامي ۾ آيل آهي.

عام طرح "يارو ڏلاڻي" مشهور ٿيو ۽ اهو ڏنبو جيڪو ڪاهري تي ڪيل حملي ۾ سنڌس هٿ ۾ هو، سو پوءِ سنڌس قبي ۾ سنڀالي رکيو ويو، جنهن جو بچيل ٽڪر اسان واڻ وڃي ڏٺو. ميان يار محمد ڪاهري لڳ پنهنجو گادي ۽ جو نئون شهر 'خدا آباد' ٻڌايو. 'پنهوارن جي سامتائي رياست' انهن ڪلهوڙن جي دور ۾ ختم ٿي.

ڪڪرالي جي ڪيهرن جي رياست

سنڌ ۾ سمن جي حڪومت کان اڳ سنڌ جي سمن جي ڪڇ ۾ پنهنجي حڪومت قائم هئي، جنهن جو مرڪزي علائقو 'اڙاسيو' هو. اتان پوءِ چار مهڙ سنڌ جي ڪڪرالي پرڳڻي ۾ پنهنجي رياست قائم ڪئي، جيڪا سمن جي دور ۾ قائم رهي(۱). هيءَ رياست 'اوچتي' درياءَ جي ڏکڻ، ڪيٽي بندر کان اوپر سڄي سامونڊي ڪناري لاڳو علائقي ۾ وينديءَ 'بستا بندر' تائين پکڙيل هئي. شاهه بندر تعلقي (موجوده 'لاڏيون') واري اراضي هن رياست جو مرڪز هئي ۽ جاتي تعلقي جو اولهنديون پاڳو بہ هن ۾ شامل هو. سمن جي حڪومت کان پوءِ ڏهين صدي ۾ ڪڪرالي جو حڪمران چار جراڙ هو ۽ پوءِ چار ڏيسر ٿيو جنهن کان پوءِ چار هالو ٿيو. ترخانن جي دور کان وٺي هن رياست تي سنڌ جي حاڪمن جا حملا شروع ٿيا، جو اها نهايت آباد هئي، پر ڪيهرن بہ اڏو مقابلا ڪيا. مرزا عيسيٰ جي وقت ۾ 'هالو' ڪڪرالي جو چار هو. ۹۲۸هه/۱۵۲۱ع ۾ مرزا محمد باقي ڪڪرالي تي حملو ڪري خان پٽ ڏيسر کي ــ جيڪو ان وقت چار هو ــ شڪست ڏني ۽ هو مارجي ويو. پر اتان جي

(۱) چار مهڙ ۽ ڪڪرالي جي چارن بابت اسان ڪجهه تفصيل لوڪ ادب سلسلي جي اوڻيهين ڪتاب (مشهور سنڌي قصا ۽ سنڌ جا عشقيه داستان ــ ۱، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۳ع، مقدمو صفحا ۶ــ۵) ۾ ڏلو آهي جتي ڏسڻ گهرجي.

راڄدارن جن ۾ 'ڪوڙ' قبيلي وارا طاقت ۾ هئا، مقابلا جاري رکيا. ٩٨٠ ھ ۾ وري مرزا محمد باقي پنهنجو لشڪر چاڙهي موڪليو، جيڪو ڪڪرالي جي قبيلن جي گڏيل طاقت سان پڄي نہ سگهيو ۽ حڪومت وري ڄام ڏيسر جي حوالي ٿي. مغلن جي دور ۾ شهزادو خرم (شاه جهان)، جڏهن دهلي مان ڀڄي سان ڪاوڙجي سنڌ ۾ آيو. تہ ٺٽي جي مغل صوبہ دار ۽ ڪڪرالي جي ڄام سنڌس مخالفت ڪانہ ڪئي، جنهن جي معنيٰ تہ مغلن جي حڪومت سان ڪڪرالي جي ڄام جا صلح وارا معاهدا ٿيل هئا. ڪڪرالي جي گادي جو هنڌ 'ديرو' هو جيڪو ڏهين صدي هجري ۾ اوج تي هو. پيو مکيہ شهر 'ميليو' (ابن شاهہ جا ٽڪر) هو. غالباً ٻارهين صدي ۾ 'ڳڙهہ آباد' ٻڌايائون ۽ اتي پنهنجي گادي ڪيائون.

ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪڪرالي جي ڄامن خلاف وڏيڪ ڪارروايون شروع ٿيون، پر ميان نورمحمد جي حڪومت جي آخري دور ۾ ڪڪرالي جي ڄام ڏيسر (ننڍي) سان صلح جا معاهدا ٿيا. ڄام ڏيسر جو نالائق پٽ، پيءُ جي خلاف ميان محمد مراد ياب وٽ پهتو تہ جيئن کي 'ڄام' بنايو تہ ٿيون حصو ملڪ يا آمدني جو ڏيندس. ميان محمد مراد ياب پئسي جي لالچ واري هوس ۾ حڪم ڏنو تہ ڄام ڏيسر تي لشڪر چڙهائي ڪري. وڏن اميرن ۽ صلاحڪارن سان مير بهرام خان ۽ مراد خان ڪليري ميان کي سمجهايو پر هن مال ملڪيت جي لالچ ۾ ڄام ڏيسر تي حملي جو حڪم بحال رکيو. ميان جي انهيءَ روش ۽ پئسي جي هوس جو بيان ميرزا محمد علي 'ڪڪرالي' جي جنگ بابت پنهنجي مثنوي ۾ ڪيو آهي. محمد مراد ياب جي ڪم ظرفي بابت لکي ٿو تہ:

نه از ملک و از لشکرش آگهي
چنين باشد آن روزگار تهي
شدي گر بسويش کسي داد خواه

نمودي ز بيداد كارش تباه
نبودش بجز شغل كين پيشهٔ
نه جز فكر بيداد انديشهٔ

١١٦٧ھ کان حملا شروع ڪري چام ڏيسر کي پنهنجي گادي (ڳڙهه آباد؟) ڇڏائي 'ديره' ۾ وهاريائون، مگر محمد مراد ياب پوءِ جلد ئي معزول ٿيو ۽ چام ڏيسر پنهنجي رياست بدستور سنڀالي. ١١٧٣ھ ۾ وري ميان غلام شاهه، چام خلاف لشڪر چاڙهيو، ڇاڪاڻ جو ميان غلام شاهه جڏهن حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي، تڏهن چام ڏيسر سنڌس پوزي مدد ڪانہ ڪئي هئي. بالآخر ٧-صفر سنہ ١١٧٤ھ/١٧٦٠ع ۾ چام ڏيسر جي گادي جي شهر "آباد" تي ميان جي لشڪر قبضو ڪيو ۽ چام ڀڄي وڃي ڪڇ ۾ پناهه ورتي. چام جو پٽ بدستور پنهنجي پيءُ جي خلاف ميان صاحب جي نوڪري ۾ رهيو. اهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جي دور ۾ ميان غلام شاهه هٿان ڪيهر سمن جي قديم رياست ڪرالي جو خاتمو ٿيو.

(ج) ڪوهستان، حب، ملير ۽ ساڪري جا مکيہ قبيلا

سنڌ جي ڏکڻ-الهندين پاڱن ۾، ننڍن پارن کان اولهہ-ڏکڻ واري ڪوهستاني علائقي، نئن حب ۽ نئن ملير جي وادين، ڏکڻ-اوڀر طرف لئن گهگهر جي وادي، وتيجي، ڏاڀيجي ۽ اگهڙي سڄي ساڪري تائين برفت-نومڙيا، لاشاري، ڪرمتي (بلوچ) ۽ جوکيا مکيہ ۽ طاقتور قبيلا رهيا آهن، جن جو ذڪر ڪيترن ئي جنگنامن ۾ اچي ٿو. مختلف وقتن تي، ڪڏهن ڪن قبيلن جو پاڻ ۾ صلح ۽ دوستي وارو ناتو، تہ ڪڏهن مخالفت ۽ جنگ وارو سلسلو رهيو. آثارن ۽ روايتن کي مدنظر رکندي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سمن جي دور کان وٺي مغلن جي اوائلي دور تائين، لکي کان وٺي حب ندي جي ڪوهستان تائين برفت-لومڙيا قبيلا طاقتور رهيا: حب، ملير ۽ ساڪري واري

پاڳي ۾ لاشاري ۽ ڪرمتي قبيلا طاقتور رهيا، ۽ آخر ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ جوکيا طاقت ۾ آيا. پين انهن قبيلن مان پڙج، جاڪرا، سورا، ٻالاري، ڇڇر ۽ گاڏيچا پنهنجن پنهنجن ماڳن تي ٿوري گهڻي عرصي لاءِ مضبوط رهيا. هيٺ اسان ڪن مکيه قبيلن جي طاقت ۾ اچڻ جي تاريخوار سلسلي ۽ سندن هڪٻئي سان تعلقات تي مختصر طور روشني وجهنداسون.

لاشاري قبيلا

نائين صدي هجري (پندرهين عيسوي) ۾ بلوچن جي رند ۽ لاشاري قبيلن جي وڏي جنگ سالن جا سال هلي. رندن جو سردار مير چاڪر هو، جنهن جي حڪومت سبي ۽ فتحپور ۾ هئي ۽ لاشارين جو سردار مير گهرام هو جنهن جي حڪومت گنداوا ۾ هئي. دريا خان لاشاري قبيلي جو هڪ ذهين ۽ بهادر نوجوان هو، جنهن ٺٽي ۾ اچي نوڪري ڪئي هئي، جتي هو بالاخر سلطان ڄام نظام الدين جو وڏو وزير ۽ سپه سالار ٿيو ۽ 'مبارڪ خان' جي لقب سان مشهور ٿيو(١). دريا خان جي صلاح مشوري سان ئي سنڌ جي حڪومت لاشارين ۽ ساڻن شامل قبيلن جي پٺڀرائي ڪئي؛ ٻئي طرف رندن ۽ ساڻن شامل قبيلن ارغونن کان مدد ورتي. سنه ٨٩٨هه (١٤٩٢ع) ۾ دريا خان جي اڳواڻي هيٺ سنڌ جي لشڪر، جنهن ۾ لاشاري، چانڊيا، مگسي ۽ ٻيا قبيلا شامل هئا، ارغونن جي لشڪر کي شڪست ڏني، جنهن ۾ شاه بيگ ارغون جو ڀاءُ محمد بيگ مارجي ويو. ان کان پوءِ سلطان ڄام نظام الدين جي باقي دور (٨٩٨-٩١٤هه) ۾ لاشارين، چانڊين، مگسين ۽ ٻين قبيلن کي، جن ارغونن کي شڪست ڏني هئي ۽ جيڪي پوءِ به سنڌ جي فوجي طاقت جا مکيه سرواڻ رهيا، سلطان ڄام نظام الدين طرفان جاگيرون ۽ انعام اڪرام مليا. لاشاري قبيلي

---

(١) دريا خان جي حسب نسب بابت تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو مضمون ص ٩٩، سماهي مهراڻ، نمبر ١-٢، ١٩٨٠ع، سنڌي ادبي بورڊ.

جي سربراهن کي گادي جي شهر ٺٽي جي آسپاس وارن علائقن ۾ جاگيرون مليون. نسبنامي جي روايتن، تاريخي اهڃاڻن، آثارن (قبرستانن) ۽ جنگنامن جي ڪن روايتن مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته لاشاري سردار سونديل حب ـ ملير ۽ پير پٺي وارن ماڳن تي آباد ٿيا. سردار مير گهرام لاشاري جو پوٽو مير اسحاق (وڏو) غالباً دريا خان جي لشڪر سان گڏ سنڌ ۾ آيو ۽ سلطان ڄام نظام الدين طرفان کيس 'ملڪ' جو خطاب مليو. هن رڄيرن ڪرمتين مان شادي ڪئي ۽ حب ـ ملير ۾ رهيو. ڄام نظام الدين جي وفات بعد، ڄام فيروز جي دور ۾ سمن جي حڪومت جو زوال شروع ٿيو ۽ ۹۲۷ هه (۱۵۲۰ع) ۾ دريا خان جي شهادت بعد ارغونن جو سنڌ تي غلبو ٿيو ۽ ان سان گڏ لاشارين ۽ ساڻن ٻين شامل قبيلن تي ارغونن جي لشڪر چڙهايون ڪيون. ان وقت مير گهرام جو پٽ مير رامين سنڌ ۾ هو. هو پير پٺي وٽ ارغونن جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو ۽ پير پٺي تي دفن ٿيو(۱). ٻيءَ روايت موجب انهن حملن ڪان اڳ هو گجرات طرف هليو ويو هو، ۽ لاشارين سنڌس پٽ ملڪ اسحاق جي اڳواڻي هيٺ سونڊن وٽ ارغونن جي لشڪر جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ ملڪ اسحاق ۽ ٻيا وڏا سربراه شهيد ٿيا، جن جون چٽسالي ۽ تصويرن سان آڪريل وڏيون شاهي قبرون سونڊن جي مقام ۾ موجود آهن. حب ۽ ملير ۾ لاشاري قبيلن مان ڪي بچي ويا، جن مان مغلن جي اوائلي دور ۾ مير عالي سردار هو، جنهن جو اولاد موجوده 'عالياڻي' لاشاري آهن. ٻئي مکيه قبيلي 'سلطاناڻي' بابت هڪ روايت ائين آهي ته سندن وڏا دريا خان جي دور ۾ 'سلطان' ڄام نظام الدين جي محافظ دستي جا خاص ماڻهو هئا ۽ انهيءَ ڪري 'سلطاناڻي' سڏيا ويا. مير عالي جي وقت ۾ ڪرمتي قبيلا هيٺين ملير واري اراضي ۾ پکڙيل

---

(۱) هڪ ٻي روايت موجب هو ڪلان ڪوٽ تي ماريو، پر اها روايت صحيح نٿي لڳي.

۽ مير عالي سندن مدد ڪئي. ’سلطاناڻي‘ ۽ ’عالياڻي‘ لاشارين جا رئيس پاڙا ٿيا. اهي ٽوڙي پيا لاشاري پاڙا جن جو سلسلو مٿان سمن جي دور کان شروع ٿيو، سي پوءِ مقامي عرف عام ۾ ’سُنڌيَرَ‘ سڏجڻ لڳا. جڏهن ٻرڄن جي ڪرمتين ۽ لاشارين سان جنگ ٿي، تڏهن لاشاري آتر طرف ملير، حب ۽ گڏاپ ۾ سوُنگل واري علائقي ۾ آباد هئا ۽ عمرخان سندن سردار هو. مغلن جي زوال واري دور ۾ لاشارين جو سردار ’عالياڻي‘ پاڙي مان ٻنگي خان هو، جنهن سان ٻجار جي سربراهيءَ هيٺ جوکين جو راڄ پيڙو ٿيو، ۽ ٻنگي خان انهن جي حب واري علائقي ۾ آباد ٿيڻ ۾ مدد ڪئي.

ٻرَڙَج قبيلا

ٻرَڙَجن جي هڪ ننڍي قوم غالباً سومرن جي دوُر کان وٺي حب-ملير کان هيٺ گهاري ڏانئين ۽ گهاري کان ڏکڻ-اولهه ڪيراٽي واري علائقي ۾ آباد هئي. ان وقت سنڌو نديءَ جو هڪ هيٺيون چوڙ ڦٽو درياءُ هو، جيڪو گهاري کان ڏکڻ-اولهه طرف وهندو هو. موجوده ’ڪيراٽي ديهه‘ ٻرڙجن جو پيلو هو. ’ماڙي موررڙو‘ جنهن جا ڪنڊر ڪيراٽي ديهه ۾ آهن ۽ پيو ’ٿنين واري مسجد‘ جي شهر جا ڪنڊر ٻرڙجن جي وقت جا يادگار آهن. مٿان درياءَ جي رخ بدلڻ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سببان ٻرڙجن وارو اهو علائقو ويران ٿيو، انهيءَ ڪري ڪي قبيلا هيٺ ساڪري ۽ گهوڙاٻاري طرف ويا ۽ ٻيا سندن مٿئين حب ۽ ملير واري ساڳ ڏانهن ويا، جتي هو پنهنجي لاءِ وڏيڪ علائقو هٿ ڪرڻ لڳا. انهيءَ ڪري ٻرڙجن جو، اتي جي لاشارين ۽ ڪرمتين قبيلن سان ٽڪر ٿيو، جنهن ۾ سندن زور ٽٽو ۽ کين حب ۽ ملير واري علائقي مان بي دخل ٿيڻو پيو. اهو مغلن وارو اوائلي دوُر هو. ان وقت ڪرمتين جو سردار ملڪ حاجي هو، جنهن ٻرڙجن کان ملير وارو علائقو هٿ ڪيو. ڪي هڪ ٻه راڄ ٻرڙجن جا حب واري پاسي رهيا، ۽ جڏهن جوکيا راڄ ’ڪنگوري‘ واري پاسي کان سندن سربراه ٻجار جي اڳواڻيءَ هيٺ حب واري علائقي ۾ آيا تہ

پڙهن جي راڄدارن ۾ اچان ايتري همت هئي، جو جوکين کي پنهنجي اراضي طرف وڌڻ نه ڏنائون ۽ پٽر (روهي) کوڙي دنگ ڪيائون ته جئن جوکيا اڳتي نه وڌن. هڪ روايت موجب تڏهن ٻنگي خان جوکين جي مدد ڪئي.

ڪرمتي قبيلا

'ڪرمتي' هوت بلوچ آهن، جيڪي ڪنهن آڳاٽي وقت کان مڪران ۾ سامونڊي ڪناري لڳ 'ڪلمت' واري علائقي ۾ آباد ٿيا ۽ 'ڪلماتي' يا 'ڪلمتي' سڏجڻ لڳا. سنڌ ۾ آيا ته (سنڌي اچار موجب) 'ڪرمتي' مشهور ٿيا. نائين-ڏهين صدي هجري (١٥-١٦ عيسوي) ۾ هوت قبيلن جي ڪلمت ۾ پنهنجي خود مختار رياست قائم هئي. ڏهين صدي هجري (١٦- صدي عيسوي) ۾ هن رياست جو حڪمران حمل خان پٽ جيئند خان هو، جنهن پورچوگيزن جي سامونڊي حملن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو. ان کان اڳ غالباً ٩- صدي هجري ۾ ڪي ڪرمتي قبيلا هنگلاج ۽ هگور نديءَ واري وات سان سنڌ ڏانهن آيا ۽ پهريائين هو لس ٻيلي جي ڪارڙي ۽ پتواني وارن علائقن ۾ رهيا، جتي سندن قديم قبرستان موجود آهن. پوءِ حب نديءَ ڏانهن وڌيا. سندن سردار تڏهن 'راڏا' گهراڻي مان هئا. راڏين سردار حاجي (بن لوتڪ بن عالي بن عمر بن بجار بن هوت بن جلال خان) پهريائين حب وارو علائقو ٻرن کان هٿ ڪيو ۽ پوءِ ملير پڙهن کان هٿ ڪيو. پڻ مغلن کان وڏيڪ وڏي اراضي مال لاءِ مقاطعي تي ورتائين، جنهن ۾ ڪارڙي جو لڪ، پپوٽي، لوهار جو لنگهه، سوزينگ، ٻولاڙي (ڪونڪر وٽ)، جرندو ۽ گوربان شامل هئا. حاجي غالباً مغلن جي اوائلي دؤر ۾ ٿيو. ملڪ حاجي کان پوءِ ملڪ براهم، ملڪ اسحاق، ملڪ طوطا، ملڪ حسن ۽ ملڪ زردار سردار ٿيا. راڏن جو اثر رسوخ حب ۽ ملير کان اڳتي گهگهر نئن تائين وڌيو. سندن آخري پڳ وڏيجي کان چار ميل ڪن اولهه طرف هو، جو سندن سرداري ختم ٿي. ان بعد پڳ راڏن مان

ڦيري پئي قبيلي ۾ آئي، جن مان ملڪ براهم (بن شيهڪ بن ڏگهار بن براهم بن ٻبر بن نوت) ٿيو. ملڪ حاجي جا ٻه پيا پاءُ لوزبندغ ۽ بلوچ هئا. نوزبندغ کي ٻه پٽ ٿيا، هڪ نوت ۽ ٻيو گيانداز. نوت جا پٽ هديه ۽ ٻبر، جيڪي سردار ٿيا. گياندار جو اولاد 'پوا' ٿيا (١).

سنڌ جي ساڪري واري علائقي ۾ سمن جي دور کان وٺي 'لنگاهڙن جي رياست' قائم هئي. لنگامڙا پيڙياتا يا ناڪئا هئا ۽ مٿي مڪران تائين ايندڙ ويندڙ هئا. ڪلمتي به ساموندي پيڙن وارا هئا ۽ غالباً الهيءَ وقت کان وٺي ڪي ڪلمتي ساڪري ۾ لنگامڙن جي راڻي جي رياست ۾ آباد ٿيا. بعد ۾ جڏهن ڪي ڪرمتي قبيلا حب ۽ ملير کان سنڌ ساڪري ۾ آيا ته انهن جو به راڻي سان رس رهيو، بلڪ هو راڻي جي لشڪر جا سپهه سالار ٿيا، ۽ رياست سان لاڳيتو بگهياڙ جي پاڻيءَ تي پنهنجون آباد پون وڏايائون ۽ بستيون قائم ڪيائون جنهن ڪري 'بگهياڙ' سڏجڻ لڳا.

اورنگزيب بادشاهه جي دور ۾ ڪرمتي قبيلا 'مير پور ساڪري ۽ بگهياڙ واري علائقن ۾ طاقتور هئا، ۽ سنڌ سردارن ببر (ٻبر) ۽ بڄار کي، جيڪي پئي سوٽ هئا، اورنگزيب بادشاهه کان ٢٠- رجب ١١٠٣هه (١٦٩١ع) تي شاهي سند ۽ ساڪري واري اراضي العام ۽ معاوضي طور مليا، جنهن جي عيوض هنن ساڪري کان پوڏيسر ڏانهن ويندڙ قافلن جي سلامتي جي ذميداري پاڻ تي کئي. ملير ۽ حب وارن ڪرمتين جو سردار ان وقت يا ان کان اڳ ملڪ طوطا (وڏو) هو، جنهن جي نالي سان دابيجي کان ٻه ميل اتر طرف "ملڪ طوطا

---

(١) هي نسبنامو راقم کي ١٩٥٠ع ۾ ملير جي 'لٿينگ' (بلوچن جي پاڙي جي پير مرد (ان وقت عمر ٧٢ سال) حاجي شاهه علي وٽان مليو. راڪا ڪرمتي ملڪ، تن جون قبرون ملير ۾ ٿڏي جي لڳ ملڪ طوطا واري مقام ۾ هڪ چٽي هيٺ هيون، جيڪا اجا بيٺل هئي جڏهن اسان ڏٺي ۽ قبرن تي آڪريل لالا قلمبند ڪيا.

جو تلاءُ آهي. ملڪ طوطا جو شاهي قبرستان، جنهن ۾ وڏي چئسالي سان قبرون آهن، سو ٺٽي جي ننڍ لڳ آهي(۱).

ارغونن ۽ ترخانن واري دؤر ۾ لاشارين سان گڏ ڪرمتين تي به چڙهايون ٿيون، خاص طرح رجيرن جي قبيلي تي، جنهن مان ملڪ اسحاق لاشاري شادي ڪئي هئي. مرزا محمد صالح، رجيرن ڪي ئي ماريو هو جيڪي مريد خان جا عزيز هئا، جنهن پوءِ مرزا محمد صالح کي ماريو. هڪ روايت موجب مرزا محمد صالح، مائي گوڏئي جو سڱ گهريو هو، جيڪا ڪرمتي ملڪ طوطا جي ڌيءُ هئي. ملڪ طوطا رجيرو (ڪرمتي) هو ۽ هو ان وقت فوت ٿي ويو هو. ارغون - ترخان ۽ مغل هڪٻئي جا مخالف هئا ۽ انهيءَ ڪري سنه ۱۰۰۰ھ / ۱۵۹۱ع کان پوءِ مغلن واري دؤر ۾ ڪرمتي قبيلا ملير ۽ حب کان وٺي ساڪري تائين طاقتور ٿيا. ان وقت برفت - نومڙين قبيلن جي گاڏيچن - ڇڇرن خلاف مدد ڪيائون(۲). مغلن جي زوال واري دؤر ۾ برفت - نومڙيا قبيلا ننڍ ٻارڻ کان اوله طرف سڄي ڪوهستان ۾ طاقتور ٿيا. سنه ۱۱۱۵ھ ۾ هنن قبيلن جي سرواڻ پاهڙ خان لس ٻيلي جي حڪومت هٿ ڪئي، ۽ نومڙيا محال ڪوهستان مان حب تائين وڏي اڇي ڪرمتين سان منهن مقابل ٿيا.

پوءِ ڪرمتين جوابي حملا ڪيا ۽ سورهه، گندبي منڌائي، وچي لس ٻيلي جي حد ۾ نومڙين جون لوڙهيون هنيون(۳). مغلن جي زوال وقت سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي طاقت اڀري رهي هئي. مياں يار محمد ڪلهوڙي ۱۱۱۷ھ ۾ پاهڙ خان کي شڪست ڏني ۽ ان بعد سندن صلح ٿيو. نومڙيا جڏهن ڪرمتين سان پڄي نه سگهيا ته پاهڙ خان

---

(۱) اسان ۱۹٦۲ع ڌاري ان شاهي قبرستان جو معائنو ڪيو. ان وقت ملڪ طوطا ۽ ٻين ملڪن جي مٿان وڏي شاهي ڇٽي (قبي) هئي، جيڪا هاڻي ڊهي ويئي آهي.

(۲) باب چوٿون: برفتن جو گاڏيچن ۽ ڇڇرن کان وير وٺڻ.

(۳) باب پنجون: گندبي منڌائي ۽ نومڙين جا مقابلا.

ميان نورمحمد کي ڪرمتين خلاف لشڪر چاڙهڻ جي صلاح ڏني.
۽ ميان نورمحمد پهريائين ڏاراجه جي راڻي تي حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجي پٽ خداداد خان کي چاڙهي موڪليو، جنهن حرفت سان ان علائقي تي قبضو ڪيو: جيتوڻيڪ سامهون لشڪر ۾ ڪرمتين وڏو مقابلو ڪيو. ڪرمتين کي راڻي کان ڇڏي ڏار ڪرڻ خاطر، ميان نورمحمد جي حڪم موجب ميرمحمد عرف الهيار خان ڪلهوڙي ٢٧- ربيع الاول ١١٦٢هه ۾ ملڪ مريد پٽ ملڪ ابراهيم کي جاگيرپٽي ڪري ڏني. انهيءَ ڪري جڏهن ميان غلام شاهه، جوکين جي سربراهه ٻجار کي راڻي جي مارڻ لاءِ موڪليو ته ملڪ مريد، راڻي جي ڪاٻه مدد ڪانه ڪئي. راڻي ۽ سندس رياست جي خاتمي کان پوءِ ميان غلام شاهه ڪرمتين خلاف خدا آباد مان وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو، جنهن ڪري ڪرمتين کي وڏو نقصان پهتو(١). ميان غلام شاهه پوءِ جوکين جي سربراهه ٻجار کي زور وٺارايو، جنهن ڪرمتين خلاف جنگيون جوٽيون، جنهن ۾ ملير ۽ حب واري پاسي کان ڪرمتين ٿوري لاشارين کي بي دخل ڪيائين ۽ ساڪري وارن ڪرمتين تي به سوڙهه ڪيائين.

بلوچڪي ۾ هڪ شعر جي روايت موجب ملير وارا ڪرمتي قبيلا جڏهن اتان نڪتا ته اچي پيتاني واري پٽ تي ويٺا. پٽاٿو، ونيجي کان ڏکڻ، گهاري واري درياءَ کان آتر ۽ 'شاهه حسن اولياءَ' جي لڪ ڏکڻ طرف آهي. ان وقت سندن سربراهه ملڪ عثمان هو. طوطا ۽ اسحاق به سندس ويجها عزيز هئا.

هن ڪتاب ۾ شامل ستن جنگنامن (٢) ۾ جوکين ۽ ڪرمتين جي مقابلن ۽ جنگين بابت ڪافي تفصيلي ثابتا ۽ اهڃاڻ ڏنل آهن.

---

(١) باب پنجون: ڪلهوڙن جي لشڪر جي ڪرمتين تي چڙهائي.
(٢) باب پنجون: ڪرين واري جنگ، ٿدي واري جنگ، مڪلي ٻي پهرين جنگ، ٻجار ۽ راڻي ارجن جي جنگ، گهگهي واري جنگ، قدمن واري جنگ ۽ مڪلي واري ٻي جنگ.

مڪلي واري ٻي جنگ سنه ۱۲۰۳ھ ۾ ٽالپورن جي اوائلي دور ۾ لڳي، جنهن ۾ ڪرمتين جي هار ٿي ۽ سندن سورهيه سپه سالار مير مزار ميدان ۾ ماريو. مير فتح علي خان جي وقت ۾ ساڪري جي ڪرمتين جو سردار ملڪ مريد هو ۽ سندس ڀائر الله بندو، فتح خان ۽ مزار هئا، جن مان مزار مڪلي تي ماريو. جڏهن مير فتح علي خان جو ملڪ تي پورو قبضو ٿي ويو ته جوکين ۽ ڪرمتين ۽ برفتن جي سردارن سان هرهڪ کي وڏي عزت ۽ آبرو ڏنائين، ۽ سندن وچ ۾ ٻکو صلح ڪرائي کين هڪٻئي سان وڙهڻ کان هميشه لاءِ روڪي ڇڏيائين.

برفت - نومڙيا

برفت ۽ نومڙيا قبيلا آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ جي ڪوهستان ۾ طاقتور رهيا. اوائلي دور ۾ هنن جو بلوچستان - لس ٻيلي وارن قومن قبيلن سان وڏيڪ تعلق رهيو ۽ منجهن بلوچي رسم رواج رائج رهيو. انهيءَ ڪري ڪن آڳاٽين تاريخن ۾ انهن کي 'بلوچي قبائل' ڪري ڄاڻايو ويو آهي. نسبنامي جي روايتن موجب، آڳاٽي (سومرن يا سمن واري) دور ۾ سندن قبائلي سردار ابوالفتح بلوچ هو(۱) جنهن جي ٽالي پويان ٻوءِ انهي قبيلي وارا ۽ ٻيا جيڪي سائن راهِ رواج ۽ لٽ ۾ شريڪ ٿيا سي 'ٻلفت' (=ابوالفتح) يا (سنڌي آچار جي لحاظ سان) 'ٻرفت' سڏجڻ لڳا. ڪن روايتن موجب برفت مڪران ۽ بلوچستان کان آيا. بهرحال ڪوهستان ۾ مُنڍ کان ئي 'برفتن' ۽ 'نومڙين' قبيلن جو راڄداري ۽ شراڪت وارو ناتو ٿيو، جنهن ڪري برفت - نومڙيا قبيلا ڪوهستان جي هڪ يڪمشت قبائلي طاقت بڻجي ويا. مغلن جي دور ۾ هي الهندين ڪوهستان کان هيٺ لٿا ۽ آخر ۾ لڪي کان وٺي ڏکڻ ۾ ننڍ بارڻ تائين سڄي ڪاڇي ۾ هنن پنهنجو

(۱) ملڪ بولاخان نومڙيي جي اوائلي شجره ۾ بلوچڪا نالا 'حمل' ۽ 'آري' اچن ٿا.

ڏاڪو ڄمايو، پر مغلن جي پوئين ۽ زوال واري دور ۾ انهيءَ اراضيءَ ۾ ڪوسن، گائيچن ۽ ڇڇرن جي زور وٺڻ سان هي قبيلا ٻارڻ تائين هٽي ويا. گائيچن، ڇڇرن ۽ سورن گڏجي اچان به ڪين پوئتي هٽايو ۽ ٻارڻ ٽپي ڪجهه ڏاکڻي علائقي تي به قبضو ڪيو. برفت قبيلن پوءِ حب ۽ ملير جي ڪرمتين کان مدد وٺي، گائيچن ۽ ڇڇرن کي ٻارڻ وارن علائقن مان بي دخل ڪيو(١).

ٻارهين صدي هجري جي شروع ۾ برفتن ٻارڻ وارن علائقن ۾ گڏجي زور ورتو، ۽ سردار ٻاهڙ خان جي اڳواڻي هيٺ هنن قبيلن سنه ١١١٥هه ۾ سڄي ڪوهستان ۽ اڳتي لس ٻيلي واري ملڪ تي قبضو ڪري ٻيلي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ٻاهڙ خان پوءِ غالباً سڄي ڪاڇي ۾ پنهنجي قبائلي طاقت کي قائم ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ اس ٻيلي مان شايد سيوهڻ- دادو- جوهي واري پاسي کان چڙهائي ڪئي، پر ميان يار محمد ڪلهوڙي کيس ١١١٧هه ۾ شڪست ڏني. ان بعد هن قبائلي طاقت جو رخ ڦري هيٺ ڏکڻ- اولهه طرف ٻارڻ کان وٺي حب واري علائقي طرف ٿيو ۽ انهيءَ سڄي ملڪ ۾ هنن پنهنجا قدم ڄمايا. گڏاپ ۽ حب واري مٿين علائقي ۾ هنن لاشارين تي دٻاءُ وڌو، جنهنڪري لاشارين ٻاڻ سان جوکين کي پيڙو ڪيو. ٻيلي واري طرف کان ٻرن جو ملير جي ڪرمتين تي دٻاءُ پيو، ۽ ڪرمتين جوابي حملا ڪيا جن ۾ ٻرا، ڪرمتين سان پڄي نه سگهيا.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾، ٻاهڙ خان سنڌ جي ڪاڇي جو سانگو پنليو، خاص طرح جڏهن ميان نور محمد قلات جي خان عبدالله خان کي شڪست ڏني. شايد ٻاهڙ خان جو ميان نور محمد سان ڪو عهدنامو ٿيو، ۽ ٻاهڙ خان، ميان نور محمد کي ڪرمتين خلاف چڙهائي جي صلاح ڏني. اها صلاح اڳتي هلي برفتن- نومڙين قبيلن کي مهانگي پئي. ڪرمتين سان سندن ڪُلي مخالفت سبب،

(١) ڏسو باب چوٿون: "برفتن جو گائيچن ۽ ڇڇرن کان وير وٺڻ".

برفتن - نومڙين ۽ ڪرمتين جي وچ ۾ اڳاٽي وقت کان وٺي جيڪو اتفاق هو سو ختم ٿي ويو ۽ هاڻي هو اڪيلا رهجي ويا. مگر جيئن ته سندن قبائلي طاقت قائم هئي، انهيءَ ڪري ميان نورمحمد پنهنجي سياسي دورانديشي سان ساڻن صلح جا ناتا قائم رکيا ۽ ڪوشش ڪئي ته سنڌ جي ڪوهستاني علائقن وارن برفت - نومڙين قبيلن جي سردارن کي پنهنجي طرفان جاگيرن جا پروانا ڏيئي، کين لس ٻيلي وارن قبيلن کان جدا ڪري. اهڙي طرح سنه ١٧٤١ع/١١٥٤هه ۾ ميان نورمحمد محال ڪوهستان وارن سردارن کي جاگير ڏني ۽ ان بعد محمد مراد ياب کين ١٧٥٣ع/١١٦٧هه ۾ بي جاگير ڏني ته جيئن هو ميان غلام شاهه جي خلاف سندس مدد ڪن.

ملڪ پاهڙ خان جي وفات کان پوءِ برفتن - نومڙين جي طاقت گهٽجڻ لڳي. ڪجهه وقت لاءِ پاهڙ خان جي بيدار مغز ۽ باهمت بيگم مائي چاڳاڻي حڪومت سنڀالي، پر ڪوئريجن جامن جي گهراڻي مان جام عالي ڪٽوربي سنه ١١٥٥هه/١٧٤٢ع ۾ مسلڪه چاڳلي(١) کي بيدخل ڪري لس ٻيلي جي حڪومت تي قبضو ڪيو. لس ٻيلي ۽ سنڌ جي حڪمرانن جي وچ ۾ اڳ عهدنامو ٿي چڪو هو جيڪو لس ٻيلي جي جامن به قبوليو. پوءِ پنهي حڪومتن يڪ صلاح ٿي هڪ طرف برفتن - لومڙين قبيلن جي ته ٻئي طرف ڪرمتين قبيلن جي زور ڀڃڻ جو ارادو ڪيو. ان جي تصديق 'سيري يا اوُنگر واري جنگ' (باب پنجون) مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ جڏهن جام بجار جوکيي برفتن تي چڙهائي ڪئي ته لس ٻيلي مان جام عالي ڪٽوريو به سندس مدد ۾ لشڪر وٺي چڙهي آيو. هيءَ جنگ جيتوڻيڪ سنڌ جي حد اندر جهرڪن جي ويجهو اوُنگر ۾ لڳي، ته به ڪلهوڙن طرفان برفتن مسڪن جي ڪابه مدد ڪانه ٿي؛ بلڪ ميان غلام شاهه طرفان مخالفن کي اهڙي مام مليل هئي ته پيل برفتن تي حملو ڪن.

---

(١) پوءِ مائي چاڳلي پنهنجي صغير پٽ عزت خان کي وٺي ڪوٽڙيءَ ۾ آئي ۽ اتي سنه ١٢١٤هه/١٧٩٩ع ۾ وفات ڪيائين.

هڪڙو نوازيا نصيرخان ٽي، ٻيو مياڻ ڏنن سام

تڏ ’مياڻ‘ کي مشاهدو ٿيو، ٻئين پڻ پاتارن

چام بجار ان ڪان اڳ برفتن-نومڙين کي مٿين حب واري علائقي مان بيدخل ڪيو هو. انهيءَ جنگ ڪان پوءِ برفتن-نومڙين قبيلن جي اڳين طاقت ٽٽي ويئي.

جوکيا

ڪن پين قومن وانگر جوکين کي به انگريزن جي دور وارين سرڪاري لکيتن ۾ بنا ڪنهن به سبب ۽ ثبوت جي ’راجپوت‘ ڪري ڄاڻايو ويو، مگر جوکيا خالص سنڌ جو هڪ قبيلو هو جيڪو ڪنهن آڳاٽي وقت ڪان وٺي سنڌ ۽ لس ٻيلي جي سرحد تي، شاه بلاول واري لڪ ڪان مٿي اتر طرف ’ڪنگوري‘ واري ڪوهستان ۾ رهندو هو. جڏهن ڪان ولي سندن وڏا، ٺٽي جي ولي ۽ بزرگ سيد ميين علي شيرازي (وفات ۹۸۱ هه) جا مريد ٿيا ته هيٺ سنڌ طرف سندن اچڻ وڃڻ ٿيو، ۽ ٻن حب ۽ ملير جي لاشارين سربراهن ۽ ڪرمتي ملڪن مان سندن لاڳاپو ٿيو. شاهجهان بادشاه جي دور ۾ جڏهن شهزادو اورنگزيب سنڌ جو صوبه دار هو (۱۰۵۹-۱۰۶۲ هه) تڏهن وڏيرو مريد جوکين جو چام ٿيو. چام مريد همت وارو ۽ راڄائتو هو. لاشارين ۽ ڪرمتين سردارن سان سندس دوستي جو ناتو هو، جنهن ڪري آتر طرف حب واري علائقي ۾ به رهيو. ڪانئس پوءِ سؤ کن سالن تائين پيڙهي به پيڙهي چام مريد جي اولاد مان ’مريداڻي چام‘ ٿيندا آيا. هن گهراڻي مان چام ڪريمداد (ٻٽ چام مريد) آخري چام ٿيو، جنهن سنه ۱۱۸۸ هه ۾ وفات ڪئي. سندس قبر مڪليءَ تي ميين سيد علي شيرازي جي قبي ويجهو آتر طرفان آهي.

سنڌ جي هيٺين حب-ملير واري آباد علائقي ۾ جوکين جي طاقت تڏهن وڌي جڏهن جوکين جي نک ٽيپرن مان بجار (ميرڻ پوٽو)

ساماڻو جنهن جي حرفت ۽ همت سان پوءِ جوکين جا راڄ طاقت ۾ آيا. جڻ تہ هو ڪيترن ئي جنگنامن جو مرڪزي ڪردار آهي ۽ جوکين جي تاريخ بہ جڻ چام بجار جي سوانح جو هڪ باب آهي، انهيءَ ڪري ان جو تفصيلي بيان ضروري آهي.

چام بجار جو ڪٽنب ڪنگوري طرف رهندڙ هو، جتي هو ١١٢٥ھ ڌاري ڄائو ۽ ويهن پنجويهن ورهين جي عمر ۾ وڏو ڏاڍو مڙس ۽ هاٺو ٿيو. حب ۽ گڏاپ ۾ ان وقت بنگي خان لاشاري سردار هو ۽ جڻ تہ جوکين جو چام مريد واري وقت کان وٺي لاشارين ۽ ڪرمتين سان لاڳاپو هو، بنگي خان پڻ نوجوان بجار تي هٿ رکيو ۽ هو ڪنگوري مان حب واري علائقي ۾ آيو. ان وقت جوکين جو چام مريد (ننڍو) هو. لس ٻيلي جي ملڪ پاهڙ خان جي وفات بعد سنڌ ۽ لس ٻيلي واري علائقي ۾ ڪنهن جو بہ حڪم ڪونہ ٿي هليو، ۽ راڄن ۽ راڄدارن پنهنجون پنهنجون حدون جهليون. بجار پنهنجن ڏاڍن مڙسن واري ٽولي سان گڏ پاڻ کي بہ ساڻ ڪري ڀهريائين پڙجن سان مقابلا ڪري کين بي دخل ڪيو ۽ پوءِ برفتن سان هٿ ڳنڍيا. انهن لاهن چاڙهن ۾ بنگي خان بجار جو طرف کنيو ۽ سندس ڀيرائي ڪئي. بنگي خان جي وفات بعد، ڪجهہ عرصو بجار تي ڏکيو گذريو؛ برفت راڄدارن کيس سوڙهو ڪيو، جو هو پنهنجن ماڻهن سان ڪجهہ وقت لس ٻيلي واري طرف ۽ ڪجهہ وقت ٻئي ۽ حب جي وچ واري علائقي ۾ رهيو، جتي جهل جي ٻج ۽ ٻئي ڏٽ تي گذران ڪيائون. پر پوءِ 'الله ٻني واري جنگ' ۾ حرفت جيلي سان گهٽ جهلي، برفتن نومڙين کي مارياڻين ۽ انهن کي بي دخل ڪري، حب کان وٺي ڪاري جبل تائين سندن علائقي تي قبضو ڪيائين.

هاڻي بجار قبائلي طاقت جو ڌڻي ٿيو. 'ڀاڳ' مريدائين چامن وٽ هئي پر 'واڳ' بجار جي هٿ ۾ اچي وئي. سندس نالو نروار ٿيو، ۽ سنڌ جي ڪلهوڙن توڙي لس ٻيلي جي جامن کيس برفتن ـ نومڙين توڙي ڏاراڄہ جي راڻي ۽ ڪرمتين جي زور ڀڃڻ لاءِ ميدان ۾ آڻڻ

جو ارادو ڪيو ته بچار به پنهنجي طاقت وڌائڻ واري حرص ۾ وقت جي حاڪمن جو رخ صحيح ڪري، ان مان پوري فائدي حاصل ڪرڻ جي سيٽ سيٽي. ميان نور محمد جي وقت ۾ ڏاراجه جي راڻي خلاف حملا شروع ڪيا ويا هئا، انهيءَ ڪري ڪرمتي قبيلا ڪلهوڙن جي برخلاف ٿيا. ميان محمد مراد ياب برفتن-نومڙين جي ملڪن کي جاگير ڏيڻي پنهنجي پاسي مائل ڪيو هو، انهيءَ ڪري جيئن ئي ميان غلام شاهه حڪومت هٿ ڪئي ته هن برفتن-نومڙين توڙي ڪرمتين جي طاقت اوڙڻ جو پڪو پهه ڪيو. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن سوچي سمجهي بچار کي پنهنجي هٿ جو باز بنايو. پهريائين ڏاراجه جي راڻي کي مارڻ جي ذميداري ڪيس سونپي وئي، ۽ جڏهن حيلي حرفت سان بچار، وتي ڪوٽ ۾ راڻي کي قتل ڪيو ته ميان غلام شاهه ڪيس جوکين جو جام مقرر ڪيو، چاڪاڻ جو جام ڪريمداد مريدائي، واجداري ۽ دوستي جو لحاظ ڪندي، ڪرمتين سربراهن توڙي راڻي ڏانهن پيغام موڪليا هئا ته بچار او چتو حملو ڪندو. راڻي جي قتل ڪان پوءِ ڪرمتي پڻ 'جام بچار' جا مخالف ٿي ويا. برفت-نومڙيا اڳ ۾ ئي سندس خلاف هئا. جام بچار پاڻ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪي قدم کنيا، جيڪي سندس سياڻپ ۽ سياسي شعور تي شاهد آهن. پهريائين سيني جوکين قبيلن کي پنهنجو ڪيائين. هنن به حڪومت ۾ سندس زور ڏني جام ڪريمداد مريدائي هوندي، بچار کي جامائي جي پڳ پڌائي. ان بعد جام بچار، اس پيلي جي جام عالي ڪٺوريي سان سڱابندي جو رشتو ڳنڍي ڪيس پنهنجو ڪري ڇڏيو. ميان غلام شاهه جي اڳئي ڪيس پوري پٺڀرائي حاصل هئي. هاڻي انهن ٽنهي طاقتن جي زور تي جام بچار هڪ طرف برفتن-نومڙين سان ته ٻئي طرف ڪرمتين سان ڪڏي وڃي جنگيون جوٽيون.

پهريائين ڪاري جبل کان اتر طرف وهندي باڙڻ تائين سڄي علائقي مان برفتن-نومڙين کي بيدخل ڪرڻ جي سيٽ سيٽيائين. اتي جي جاڪرن، سورن ۽ پين ننڍن قبيلن کي بہ برفتن-نومڙين

خلاف پڙڪايائين. بالآخر ميان غلام شاهه جي اشاري تي وڏي اچي برفتن ملڪن جي 'گهگهيي واري سيهري' تي قبضو ڪيائين، جنهن تان 'سيري يا اونگر واري جنگ' لڳي(١)، جنهن ۾ اس پيلي جو چام عالي پاڻ پنهنجي سر لشڪر سوڊو چام بجار جي مدد ۾ چڙهي آيو. انهيءَ جنگ ۾ برفتن-نومڙين قبيلن جا گهڻا ماڻهو مارجي ويا ۽ سندن طاقت کي وڏو ڌڪ لڳو. ساڪن پوءِ به همت ڪئي ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ ١١٨٢هه/١٨٦٨ع ۾ ڏهن ٻارهن هزارن جو وڏو لشڪر وٺي ٻارڻ کان ڪاري جبل تائين جو ڪين کي بي دخل ڪري قبضا ڄمايا. ۽ پوءِ سڌو سنئون چام بجار جي مقابلي لاءِ اوڏاهين جو رخ ڪيائون. چام بجار وڏي سياڻپ مان ميان غلام شاهه کي ذهن نشين ڪرايو تہ جي سنهنجي هار ٿي، تہ پوءِ نومڙيا ٺٽي تي قبضو ڪندا. انهيءَ تي ميان غلام شاهه ٽہ هزار لشڪر ٺٽي جي حفاظت لاءِ موڪليو ۽ ڇهه هزار لشڪر چام بجار جي مدد لاءِ روانو ڪيو: ساڳي وقت ساڪن ڏانهن صلح جو پيغام موڪليائين تہ جيڪڏهن هو مڙندا تہ اڳتي لاءِ چام بجار مٿن حملو نہ ڪندو ۽ پڻ سندن جاگيرون بحال رهنديون. انهيءَ حڪمت عملي سان اها خوفناڪ جنگ ٽري ويئي..

برفتن-لومڙين کان مطمئن ٿي چام بجار، لاشارين ۽ ڪرمتين خلاف جنگيون جوٽيون. سردار بنگي خان لاشاري فوت ٿي چڪو هو، ۽ باقي جيڪي لاشاري حب ۽ ڳڏاپ واري علائقي ۾ هئا، تن مان گهڻن سيني کي بي دخل ڪري، انهن جي علائقي تي قبضو ڪيائين. ساڳيءَ طرح ڪرمتين کي ملير مان بي دخل ڪيائين، ۽ ملير کان وٺي گهاري تائين سڄي علائقي تي قبضو ڪيائين. البت گهاري کان هيٺ ساڪري طرف ڪرمتي قبيلا طاقتور هئا، ۽ انهن کي مهڻ مچائڻ مشڪل هو. چام بجار جي عمر جا ست سال پورا ٿيڻ وارا هئا پر

---

(١) ڏسو باب پنجون، ص ٩١

سنڌس طبيعت ۾ جو تيزي ۽ ارهه زوراڻي هئي، سو گهاري ڪان اڳتي ڏکڻ اولهه طرف ڪڇ آباد علائقي تي قبضو ڪيائين. پوءِ ميان غلام شاهه سکهوئي سنه ۱۱۸٦هه ۾ وفات ڪئي ۽ ان بعد چام بجار ڪرمتين سان وڙهڻ نتي چاهيو جو هو به وڏي طاقت رکندڙ هئا، پر هاڻي هو بيوس تي پيو جو سنڌس پٽ چاڪر اچي جوان ٿيو هو ۽ هو جيترو بهادر هو اوترو ئي ڏنگو ۽ اڙڏو هو. هن اڳراڻي ڪري پئي جهيڙا ڪيڏيا ۽ چام بجار به ڪيس روڪي نتي سگهيو. هاڻي 'قدمن واري مقام' ۾ چاڪر، ڪرمتين ۽ لاشارين جا ڪانڊي ماڙي ويس وڏو ته مٿان سنڌس والد ۽ ڪرمتي ملڪن جي وچ ۾ صلح تي وڃي. جو ڪين ۽ ڪرمتين جون جنگيون هليون پئي جو مير فتح علي خان سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي، ۽ هن فوري طور سنڌ اندر مخالف قبيلن ۾ دشمنيون ختم ڪرائڻ ۽ صلح ۽ دوستي جا ناتا قائم ڪرڻ طرف توجهه ڏنو. پرڻن - نومڙين مبلڪن، ڪرمتي ملڪن ۽ چام بجار ڏانهن هدايتون ويون ته پاڻ ۾ گڏجي ويهي فيصلا ڪن، چاڪر کي گهرائي حيدرآباد ۾ ويهاري ڇڏيائون ته جئن ڪو وڏيڪ فتنو نه جاڳائي. پوءِ چاڪر جي امڙ ميڙ تي آئي ۽ چاڪر کي شادي لاءِ وٺي تي وئي جو لهاراڻي قبيلن جي پرڻن وات جهلي چاڪر کي کي ماڙيون جو ان ڪان اڳ 'الله پني ۽ جهل واري جنگ' ۾ جوڪين لڪ جهلي لهارائين جا گهڻا ماڻهو ماريا هئا. ميرن جي ڪوششن پهچڻ ڪان اڳ ڪرمتين ۽ جوڪين مڪلي تي جنگ ڪرڻ جا پول پڌي ڇڏيا هئا، الهيءَ ڪري باوجود مير مزار ڪرمتي جي ڪوشش جي ته جنگ نه ٿئي (جو مير صاحب طرفان اهڙو حڪم هو)، اها جنگ ڌري نه سگهي ۽ سنه ۱۲۰۳هه ۾ مڪلي تي لڳي. چام بجار جي عمر ان وقت پنجهتر سال ڪن هئي. کيس چاڪر جي مارجڻ جو غم هو ۽ پڻ پنهنجين ڪيل اره زورائين تي افسوس هو. مڪلي جي جنگ لاءِ لشڪر تيار ٿيو ۽ چام بجار کي چيائون ته : "چام! آئين ته چڙهون! ته ڏهن"

ڏيپي ڏيپي آئيو پونڊا ڏيئي پيون؛
ساءُ مرادون پنيون، مٿان آئي مون.

يعني ته چاڪر جي ماءُ جون مرادون پنيون، هاڻي منهنجي وار آهي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڄام بجار هيٺ جنگ جي ميدان ۾ ڪونه لٿو، باقي سيد ميين عالي جي درگاه تي پڙ وٺيو ويٺو هو ۽ دعائون پيو گهريائين. اها سنڌس آخري جنگ هئي جيڪا ڄام بجار ڪئي ۽ آڏو ڪرمتين جي لشڪر جو سپه سالار مير مزار مارجي ويو. پنهي طرفن جي لشڪر جا گهڻا ماڻهو هن جنگ ۾ مئا.

ان جنگ کان پوءِ ڄام بجار پنا ڪنهن يار مددگار جي اڪيلو رهجي ويو جو سيني پاڙيسري قبيلن سان ڦٽايو هئائين. مير فتح علي خان به ڪيس پاڻ وٽ ڪوٺ نه ڏيو، پر سندس فرزند مراد علي کي گهرائي ڄامائي واري عزت ڏنائين. پين قبيلن جي سربراهن کي گهرائي صلح ڪرايائين ۽ ڪين پاڻ ۾ صلح سان رهڻ جو حڪم ڪيائين. ڄام بجار پنجاسي - ڇهاسي کن سالن جي عمر ۾ سنه ۱۲۱۱ ھ ۾ وفات ڪئي؛ ۽ ڪيس چوڪنڊي واري مقام (ڏاپيچي کان ويندڙ شاهي رستي جي سڄي طرف نئين جي ويجهو) جي ويجهو اوڀر طرف دفن ڪيائون. تني جي مشهور شاعر مير غلام علي مائل فارسي ۾ سندس وفات جي تاريخ ڪئي ته:

"دادند جام رضوان با جام" هاتفم گفت

۱۲۱۱

ڄام بجار سنڌ جي اولهه - ڏکڻ پاڳي وارن قبيلن ۽ راڄدارن جي تعلقات تي اڌ صدي کن ڇانيل رهيو. انهي دور جو هو هڪ وڏو واڇوڙو هو جنهن وڏا وڻ لوڏي ڇڏيا. هو جڏهن ويو تڏهن وڃي ملڪ ٺريو. جيڪڏهن راڄن سان رس رهائڻ وارو رخ اختيار ڪري ها ته سندس وڏي نيڪي ۽ ناموس تني ها، ڇاڪاڻ جو

سنجهس خامين سان گڏ وڏيون خوبيون به هيون: هو وڏو منتظم ۽ موقعي شناس، سياڻو، سچ سمجهندڙ ۽ سچ چوندڙ هو. ان سان گڏ هو وڏو سگهڙ شاعر هو.

سماجي اقدار، سورهين جا ڪردار ۽ جنگ جا جنسار

'جنگناما' سنڌ جي سورهين جي قولن ڪلامن ۽ مردانه وار مقابلن جا داستان آهن. جنگ بابت اهي سنڌ جي سماجي قدرن قانونن ۽ ريتن رسمن جا دستاويز آهن، ۽ پڻ جنگ جي تيارين، هٿيارن، جنگ جي جنسارن جا باب بيان آهن.

جنگين بابت نظريو

انساني سماج ۾ جنگين جهيڙن بابت سنڌ جي دانائن جو نظريو آفاقي آهي؛ يعني ته انسان جهڳڙالو پيدا ٿيو آهي، ۽ جهيڙا جنگيون آدمزاد جي سرشت ۾ سمايل آهن. اهو اصل قدرتي فيصلو آهي:

"جنگيون جهيڙا جهڳڙا آهن الاهي اختيار"

—

"جنگيون جهيڙا جهڳڙا اصل الله جي آچار"
(شاعر نامعلوم).

انهيءَ ڪري ستان ڪو ائين چئي ته جنگيون جهيڙا رڳو سنڌ جي سربراهن يا راڄدارن ۾ هئا. اهي جتي ڪٿي ٿيا آهن: پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اهي وڏا هاڃيڪار آهن:

"جنگيون جهيڙا جهڳڙا آهن درخت ۽ دونان"

جنگ هڪ وڏو طوفان آهي، جيڪو وڏا وڻ پاڙئون پٽي ڇڏي؛ جنگ هڪ وڏي باهه ۽ ڏاڍ آهي، جيڪو جهر جهنگ ساڙي ڇڏي؛ آڙاهه آهي، جيڪو وڏا ڪاٺ ٻاري ڇڏي؛ پهلوان به پورا ڪري ڇڏي ته ٻيا ننڍا وڏا به ماري ڇڏي. انهيءَ ڪري ڇڱن جو ڪم آهي ته پاڻ ۾ نه جهيڙين ۽ يڪراءِ ٿي جهيڙو ٽارين؛ پر جي وڙهيا ته پوءِ ڇڱا نه چئبا:

پر چڱا چڱا نه ٿيا، جو پاڻ ۾ جهڙيا
جي هجن هيڪي ڳالهه تي ته سڀرهي ٿئي سيڪا

گهڻو ڪري هر جاءِ جهيڙو جنگ، مڙيئي ڪنهن نه ڪنهن لالچ ۽ طمع تان آهي. شاعر ان جي ويچار موجب:

"ڪوُنس مڙيئي ڪاج تي، جان ڪير نرت لڳاهه"

پر جنگ بي پروسي آهي ۽ ڏاڍن جو به ان تي باوَرُ اچايو آهي؛ انهن ڪوڙ ڇئي ته سوڀ ضرور منهنجي ٿي ٿيندي:

ڪوڙ سڙڪي مست تي، آهن الله جا آچار
سڀڪو لوچي سوڀ کي، آهن سوڀون هٿ ستار.

پر جي سِرَ تي اچي ته پوءِ سُورهين جو ڪم آهي ست پڌڻ؛
ست پڌڻ آ سُورهيان، آهن سوڀان هٿ الله

آهن سوڀون وس ستار جي، جنهن کي ڏاتر ڏياري.

اهڙا به ڪئين مثال ٿيا، جو هيٺين مڙس ڏاڍي جوان کي ماريو، ۽ جڻ 'ڇيپو' ۽ 'موزو' مست ٿيا. حماتي قبيلي جي هڪ هيٺي مڙس، همت واري جوان 'حمر' کي ماريو؛ 'آدم ڏکي' جنهن جو جنگ ڏانهن منهن ئي ڪونه هو، ۽ اڪن جو ڪير ڏکي ۾ گڏ ڪري چمارن کي وڪئندو هو، تنهن نوزڪ خان احمداڻي جهڙي مڙس کي ماريو؛ اهڙيءَ طرح راهيجي واري مڪان تي چاڪر جهڙي پهلوان کي 'چڱي' ماريو:

جڏهن جنگ جُڙي، تڏهن ڇپو موجو مست ٿئي
نه ته 'حماتي' 'حمر' جي توري ڪيئن ٽري
جيئن اڳي 'آدم' ماريو هو 'نوزڪ' لاڏ ڪري
تيئن 'چڱي' جي 'چاڪر' تان اچيو ٽڪ ڏري
قضا ايئن ڪري، جيئن 'چڱي' چاڪر ماريو.(١)

---

(١) ڏسو صفحا ٢٥٣ - ٢٥٤.

سُورهيتن تي بہ بعضي ڪا اهڙي سوڙهہ اچي تي تئي، جو نہ ڪا
پهر نہ ڪا واهر ۽ انهن ني ويرين جي ور چڙهي وڃن ٿا:

'اڪڻ آسا جهليا، تي قضا ايئن ڪري'

جنگيون ۽ سماجي قدر

سنڌ جي راڄن ۽ راڄدارن، آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌن سماجي
قدرن جي روشني ۾ جهيڙن جنگين ۽ سرن سارڻ لاءِ بہ ڪي ڳالهيون
ڳڻيون، ۽ 'ريت' 'ڪُريت' جو سَنڌو ڪيو. چيائون تہ وڙهجي،
پر جي وڙهجي تہ ڪنهن ڳالهہ تان وڙهجي، ۽ مرجي تہ بہ ڪنهن
ڳالهہ لاءِ مرجي. وڙهجي تہ ڀولائي وڙهجي ۽ سامهون ڏُر ڪري
جنگ جو چاڻ ڏجي، جنگ جي ڏاهي ڏجي. ويري تجي تہ بہ
سُرهو ويري تجي، ساڃاهہ ڪجي، ڪُريت نہ ڪجي. ساڪري ۽
ملير طرف "ڪرمتي ۽ جوکيا سُرها ويري هئا" جو پاڻ ۾ وڙهيا
تہ بہ شانائتا وڙهيا. رگو هڪڙي ڪچي چار بجار جي پٺ چاڪر
کان تي، جو مخالف ڏُر جا ڪانڌي ماري وير وڌائين. پر اهو بہ
الهيءَ ڪري، جو پنڌ پاڙي جي هڪ جوکيي کيس پٽلائي الهيءَ
ڳالهہ تي آندو. باوجود انهيءَ جي، راڄن ۽ چڱن چاڪر تي ميار
رکي ۽ چيائون تہ:

"جنگ ماري جوکيي، تہ بہ چونڊو سيڪو چاڪر کي"

اهو ميار وارو اکر پوءِ پهاڪو بنجي ويو. بدين ۽ جاتي طرف
جتن ۽ چانگن واري جنگ ۾ چانگن تي ميار آئي، جو هنن لڄن جي
ساڃاهہ نہ ڪئي. سُرها ويري اهي جي لوءَ نہ لڄين ۽ گهر ٻار نہ
ڦرين. الهيءَ جنگ ۾ جڏهن چانگن جا چڱا ۽ اڳواڻ مارجي پيا، تہ
پڻ ڪي پوءِ اها ساڃاهہ نہ رهي جو جتن جي مارجڻ کان پوءِ
لڄون نہ لٽين!

"ڪنهر ڪيائون، جو نيائون ڀڙڇ پنڌا پاڻ سان"

۾ سورهيه به جڏهن هڪ ٻئي کي سامهان ٿين ته هڪ ٻئي مٿان وارو ٻولائين ته ڪهڙو اڳ ۾ وارو وٺندو ۽ ڏڪ هڻندو: ڏڪ مٿان مڙس ڪري ته وري ٻيو وار نه ڪجي. ڪن سورهين اها ساڃاه رکي جو اڳين دوستي ۽ ناتي جو ننگ سڃاتائون، ننڍ وڏائي جو لحاظ رکيائون. هاڙهي احمدائي (ڪرمتي) ۽ ميراڻ جاکري ۾ پڻ هڪ ٻئي جي ياري مچي هئي: مقابلي ۾ جڏهن مڙس هڪ ٻئي کي سامهون ٿيا ۽ هاڙهي ميراڻ تي ترار واري ته قنبر گڏيئي، ميراڻ کي سڃاتو ۽ هاڙهي کي هڪل ڪيائين ته: مٿان هڻين جو سامهون ميراڻ اٿئي. اهو ٻڌي هاڙهي ڪٿي ترار جهلي، پر آڏو ميراڻ جو ترار واري سو هاڙهي جو نالو ٻڌائين، ته به جهليائين ڪانه. ميراڻ مٿوهو نه ٿيو پر ملامي ٿيو:

"مٿان هاڙها هڻين، مهندان ميراڻ اٿئي" اِي قنبر هاڪ هڻئي
ڌنهن، وامينگ واري جهلي، اکر اِيءُ لهي

پر ملامي ميراڻ ٿيو، جنهن هاڙهي کي هڻئي (٢) ۽

سنڌ جيءَ سماجي قدرن موجب هيڻن ۽ ٻيواهن جي حمايت ۾ ڏاڍائي ڪندڙن سان جنگ ڪرڻ لائق پرين بهادرن جو ڪم آهي، جيڪي راڄدار هيڻن راڄن ٻاران وڙهي سر ڏين ۽ 'راڄ-رکيو' ٿين، سي وڏا لائق آهن. سامِ سرَڻ، اول يا ٻانهَن ڪي مانءُ ڏيڻ لازمي آهي. جيڪي ٻانهَن تي اچن، سرڻ ٿين ۽ سام پون تن کي پناهه ڏيڻ فرض آهي. سامُون ۽ سرڻيون جهلڻ ۽ سِر ڏيڻ سورهين جو شان آهي، ۽ ڏٿي طرفان سوپ به انهن کي ملندي:

"ساراهيان سچو ڏٿي جو سرڻين جو سوپار"

'سام جهلڻ' وارو نيڪ ارادو سماج ۾ ايترو ته عام ۽ اٽل هو، جو وڏا ته ڇڏيو پر ٻارن جي دلين ۾ به ان جو پڪو يقين هو. ڪي جنگيون انهيءَ تان ٿيون جو هڪ ڏر جي ٻارن سانڍو يا ڪيرڙون

---

(١) ڏسو صفحا ٢٥٣-٢٥٤.

(٢) ص ١٠٧-١٠٨.

ڊ وڙايو جيڪو وجي پيءُ ڏُر جي ڀاسي ڪنهن ڪنڍي ڪيرڙي يا لوڙهي ۾ پيو. اتان جي ڀارن چيو ته سانڍو ڀارڻ نه ڏيندا سون جو 'ڀانڊُٽ' تي آيو آهي ۽ اڃي سام پيو آهي. انهيءَ پناهه واري جڏبي تان ٻه جنگيون لڳيون (١)، ۽ اهو پهاڪو مشهور ٿيو ته "ڪيرٿيءَ ' خان' وڙهيا"، يعني ڀانڊي تان مڙس وڙهيا. ظاهري طرح اها معمولي ڳالهه هئي پر سماجي قدرن جي لحاظ سان اها هڪ وڏي ڳالهه هئي.

جنگ ۾ پٺڻ مڙسن لاءِ عيب هو.

"الله اوءِ مَ پٺن، هوءَ ڀڙ ۾ پچار جن جي"

جنگ هلندي، پنهنجي ڀاسي وارن کي ميدان ۾ ڇڏي، پٺڻ وڏو عيب هو. جتن ۽ چالڪن جي 'ڇاڻيءَ واري جنگ' ۾ شيرخان ۽ ڀين راڏن جتن جي راڄ کي وڙهندو ڇڏي، لاکاڻي جتن جو اڳواڻ لاکو ڀڳو هو!

"اهو لائق نه هو لاکي جو، ويو ڇاڻيءَ وير ڇڏي
راڏا راڄ اڏي، جوان گهڙيا آهن جنگ ۾".

جنگ ۾ جنهن ڌُر سان واسطو هجي ۽ جنهن سان مدد جو واعدو ڪيل هجي تنهن سان ڀڄاڙي تائين ٻيهجي. 'مڪلي واري ٻهرين جنگ' ۾ جيڪا ڪرستين ۽ جوکين جي وچ ۾ لڳي، تنهن ۾ ٻرفتن مان آري جو گهر، ڪرستين سان لاڳاپيل هو ۽ جنگ ۾ مير مڙار سان گڏجي وڙهڻ جا واعدا ڪيا هئائون، پر اهي ڪين پاڙيائون!

---

(١) هڪ جنگ ملير جي نئن ڪان ڪراچي- ٺٽي واري شاهي رستي لڳ لٿين جيل ڪان ٿورو ڏکڻ- اولهه تي لڳي جيڪا 'ٻاغار واري جنگ' جي نالي سان سڏي وئي. 'ٻاغار' بلوچڪي ۾ سانڍي کي چون. ٻي جنگ آتر طرف متي ملير جي نئن لڳ ڪوهستان ۾ لڳي، جنهن جو ذڪر متن (ص ٨٧) ۾ موجود آهي. اها 'ڪرٺين واري جنگ' جي نالي سان سڏي وئي. ڪوهستان ۾ 'ڪرٺون' سانڍي کي چون.

هُيَن ڳالهيون پاڻ ۾، ڏنائون ڏاڙهيون ڪي مڙار
سي پُرسن پاڙيون ڪينڪي، نه آيون منجهه ليسار

پر حماتين مان قيصرخان حماتي قول پاڙيو ۽ جنگ ۾ ڪرمتين جي طوفان وڙهندي ماريو:

ڏيئي پول پروچ ڪي پڌا هئا حماتي هٿيار
چئي: موٽان لڳي ميهٽو، بنا ميير مڙار
پٽئون پيٺ پچار، هئي ڪنڪي قيصرخان جي.

جنگ ۾ سامهون جي ڪنهن ڪو ويڻ ڪيڊيو ۽ مهٽو ڏنو ته اهو مڙس لاءِ تير ۽ ترار کان به وڌيڪ تکو ۽ ڏکيو هوندو هو، ۽ پوءِ 'ويڻ ورائي' (ويڻ جو زباني جواب ڏيئي) اچي مرڻ مارڻ لاءِ سامهان ٿيندا هئا. 'ناڙا تُر' واري جنگ ۾، عاقيل ڪي ڪنهن ويڻ ڏنو:

آني منجهان عاقيل ڪي ڪنهن ڏنو ويڻ وڏو وانڌار
ته ڳار ورائي گهڙي پيو، هوتيي ڪئي هاڪار

جمن چارڻ جي چيل 'جنگناسي' مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪلهوڙن جي سپهه سالارن پنهنجن ماڻهن ڪي مخالف لشڪر تي پچڻ ۽ وڌي زور سان ويڙهائڻ خاطر 'ويڻن'-کان ڪم ورتو هو. جمن چارڻ ٿو چوي (پر مراد ڪليري جي زباني) ته:

ويڻ، وِنسُ، ونداه ۽ وڪا ويڻن سان ويڙهايون
سي هٿن هٿيار تڪار تتيئي هاڪا هٿين هلايون(٢)
چوئي هئي ته "جِئن ويڻ وڏاهه تئن ويرِ وڏ".

جنگ جون رٿائون ۽ سٽائون

'جنگنامن' جي بيتن ۽ بيانن مان، جنگ جي تيارين ۽ تجويزن، رٿائن ۽ سٽائن بابت ڪئي اهڃاڻ ملن ٿا، جن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته جنگ جي تياري، ميدان جهلڻ ۽ وڙهڻ، فتح ۽ شڪست يا

(١) اصل روايت ائين.

صلح واري فيصلي بابت ڪي رواج ۽ اصول مقرر ٿيل ۽ مڃيل هئا. مثلاً:

- جڏهن صلح ۽ فيصلي ڪان ڳالهه متي چڙهي ويندي هئي يا ڪو وير پئجي ويندو هو تہ جنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪندا هئا. پوءِ هڪ ٻئي کي جتائيندا هئا، ۽ جنگ جي ڏاه يا ڏاهي ڏيندا هئا، يعني پيغام سوڪلي خبردار ڪندا هئا. اڳواڻ هڪ ٻئي کي ٻولائي جنگ جي جاءِ ۽ تاريخ مقرر ڪندا هئا.
- هر ڌر پنهنجن راڄن ۽ طرفدارن کي ڄاڻ ڏيئي مدد لاءِ سڏيندي هئي.
- تياري وقت پيرون پيڪنديون هيون. چڙهي هلندا هئا تہ دهل دماما، نفيلون نغارا وڄندا هئا.
- بعضي جنگ جي ڏينهن ۽ وقت لاءِ يا ميدان جي رخ ۽ طرف ڄهڻ لاءِ سوڻ ڪڍيندا هئا.
- وڏا لشڪر 'جنگ نماز' پڙهي چڙهندا هئا (ص ٥٥).
- شروع واري تياري کان وٺي جنگ ٿيڻ تائين لشڪر کي سنو کاڌو کارائيندا هئا.
- کي جنگ جا جهونجهار جن کي لشي جي هير هئي، سي جنگ ۾ گهوڙن کان اڳ لشو پي پُر ٿيندا هئا. اڪثر آفير جو ڪسولبو ڳاريندا يا ڪيڏاڏا هئا؛ يا آفير جو ڪورو ڪشيندا هئا. پنهنجي ڌر وارا ڪيڻ ڪير ۽ امل جو ڳاڙ پياريندا هئا (٢٩٧). ڪي ديسي دارون پيئندا هئا (ص ٢٥٥)، قرقل ۽ ٻاڻ سوڀاريون ڪائيندا هئا.
- جيڪي فتح کان پوءِ مخالف ڌر جي مال جي ورهاڱي ۾ وڏيون پتيون ڪٽندا هئا، سي سورهيائي سان ٻوڙهڻ ۽ ميدان ملهائڻ جا ذميوار هوندا هئا.
- لشڪر هڪ ٻئي کي اچي ويجها ٿيندا هئا تہ دهل نغارا وڄائي ڄاڻ ڏيندا هئا (ص ٢٥٠).
- مقرر ميدان بدران ڪٿي ڪا هڪ ڌر حملو ڪري ڪاهي ايندي هئي تہ ٻي ڌر وارا آڏو 'آڙ' ڪري وهندا هئا، يعني مورچا ڏاهي وهندا هئا.

- دشمن ڌر جي جنگ جي تياري يا لشڪر جي چڙهائي جي جانچ واسطي اڳواٽ 'چاري' يا 'واسُو' يعني جاسوس اماڻيندا هئا، جيڪي پنهنجي فن ۾ انهايت هوشيار هوندا هئا.
- جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ هر ڌر طرفان ڪو جوان اچي سامهون پنهنجي طرف جو 'جنگ جو جهنڊو' کوڙيندو هو. اهو ڄڻ آخري چاڻ ۽ اعلان هو ته هاڻي هن ڌر جو لشڪر جنگ لاءِ تيار آهي. اهو جهنڊو پوءِ کڻي وڃي لشڪر جي مهندار يا اڳواڻ وٽ لشڪر جو نشان ڪري جهليندا هئا.
- جنگ جي ميدان ۾ ڪاميابي لاءِ ڪن خاص سٽائن، حيلن ۽ حرفتن کي وڏي اهميت هئي، مثلاً وچ لشڪر ۾ آڏو ٻهرين صف وارا دوبدو هڪ ٻئي تي حملو ڪن ۽ پوئين صف وارا درجي بدرجي ٻهرين صف جون وٿيون پريندا اچن. آٽي يا آڄ يعني لشڪر جي ڪنڌ، ۽ آٽين وارا اهي جيڪي آڙا ڪري ٻنهي ۽ آٽين (ڪنڌن) تان آسري زوردار حملا ڪن؛ ٿيا آٽين تان حملن کي سڌي ڏيڻ وارا 'اٽي پوش' جيڪي انهن حملن کي هٽائين يا پاڻ هلان ڪري وڃي 'اڙن' تي ڪڙڪن. وچ لشڪر وارا ٽولا پٽي، مُچ ٿي 'چُنبهه' ڪري حملا ڪن؛ ميدان کان ٻاهر آمهون سامهون چڙهاين وقت هڪڙا 'سامهان' يا 'سمهلا' جيڪي آڏو منهن ڏين، ٻيا 'آڏ' يا ٻاسي وارا، جيڪي آڏ جهلي حملا ڪن. جنگ جي سوڙهه وقت، اڳواڻ جي حفاظت وارا پهلوان جيڪي آڏو وڙهن ۽ اڙ- جٽهل ڪن.
- جنگ جا خاص نعرا اڳواٽ مقرر ٿيندا هئا. مياڻي جي جنگ جو نعرو مير شهداد خان ڪيو ته:

"جنگ ڪريسون، سنڌ نه ڏيسون"

دوآبي واري جنگ جو نعرو مير شير محمد خان ڪيو ته:

"مر ويسون، پر سنڌ نه ڏيسون"

- راڄن جي اندروني نفاقن کي راڄدار ڪوشش ڪري جنگ کان اڳ نبيرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ پنهي ڌرين کي وچ واري 'گـرڙو سُـڪُ' ڪندا هئا، يعني گڏجي ويهي ڪسونبا ڳاريندا هئا ۽ پيالا پيئندا هئا.

جنگنامي جا جنسار .

جنگنامن ۾ جنگ جي مختلف اسمن ۽ رسمن، لشڪر جي وصفن، هٿيارن جي قسمن، جنگ جي گهمسان ۽ سمان، سورهين جي صفتن، سندن قولن ڪلامن، ۽ سندن 'چلتن' ۽ 'چالين' جا جنسار سمايل آهن.

- 'اڙ'، 'ميدان' ۽ 'ڪـلو' (قلعو) جنگ جي ماڳ جا نالا آهن.
- جهيڙو ۽ جهڳڙو جنگ جي بنيادي سرحان وارا نالا آهن؛ ٻر 'جهونجهارڪو جهڳڙو' معنيٰ جنگ جي وڏن پهلوانن جو مقابلو يا وڏي شاهي جنگ:

"ڳـائـيـنـدا ڳـائـو، جهونجهارڪو جهڳڙو"

(ص ٩٣)

- 'لڙائي'، 'ڪيڏارو' ۽ 'جنگ' ٽيئي ساڳي ڳالهه آهن. 'جنگنامن' ۾ 'ڪيڏاري' جو نالو ڪئيل آهي:

جئن ڪيهر شينهن ڪيڏارا ڪري، تئن ڪيا ماڻجي مير مڙار

(ص ٢٧٥)

تہ ڪو سـرد چڙهي وڃـي قـابـل ڪيڏاري

(ص ٢٧٩)

کهڳل ڪوچ ٽيو ڪيڏارو، دارون ڏنـد ڪيو ڏاڏڪارو

(ص ٣٢٨)

- 'ڀيڙ' غالباً جنگ جي ڀيڙ ۽ سختي؛ 'رهاڻ' اصطلاحي طور سورهين جي ترارين جي وارو وار واري ڏي وٺ.

- ’رڙاسو‘ ۽ ’مارو‘ ٻئي ’مارڻ‘ واري مفهوم سان ورتل آهن.
’رڙاسڻ‘ يعني ماري وجهڻ:

راوت رڙتسي وڏاڻون، جنهن جي اڙي ناڏ ڪيا
(ص، ٢٨٤)

- ’ماهو‘، ’مرڻ ۽ مارڻ‘ جي انتها وارو لالو آهي: مري ماهو ٿيڻ، يعني مرندي گهڙيءَ تائين وڙهڻ ۽ مارڻ، پر جنگ سان جٿرو نه بچڻ.
- ’دوداڻي‘ (دودن واري) ۽ ’جاڙيجي‘ (جاڙيجن واري)، معنيٰ وڏي جنگ اهڙي جهڙي دودن (سومرن سورهين) ڪئي يا جهڙي جاڙيجن ڪئي.
- ’رڻ‘ ۽ ’آرڻ‘ ٻئي لالا جنگ جي ميدان منظر جا آهن. ’آرڻ‘ معنيٰ واڙي جنهن ۾ گيدرا سيها هجن: جنگ ڪان پوءِ مڙسن جا مٿا به ميدان ۾ ائين پکڙيا پيا هوندا آهن جئن ’آرڻ‘ ۾ گدرا ميها. ’رڻ‘ معنيٰ صفا سچ، ڪو به نه بچي ۽ سڀ قتل ٿي وڃن.
- جنگ جي، لشڪر جا به گهٽي يا ٿوري، پيادي ۽ سوار جي لحاظ سان جدا جدا لالا، جيئن ته، گهڻون، چلوڻ، چلون، چٽلنگيون، ديميون، ٺٽيگون.
- جنگ جي هٿيارن ۾ نيزا ۽ ڀالا، هاسا ۽ سڪيلا، ڪيڙي ۽ چڪر، ترارون ۽ بندوقون (جامڪيون، شش ڪاليون) اچي ٿي ويون. پر جيئن ته سنڌ ۾ صدين ڪان وٺي جنگ ترار جي هئي، الهيءَ ڪري ترارين جو ذڪر وڌيڪ آهي، ۽ ان سان گڏ ترار جي مياڻ ۽ تهنار (ترار جو قبضو، سٽيو يا ڪرڙيو)، ترار جون ’طرفون‘ (چوٽيون)، توڙي جن لوهارن تراريون ٺاهيون، تن سان ڪن جا لالا:

”واه والينا لهارن جو تو گهڙيو شڪيلو شير خان جو“

باقي ترارن جا جدا جدا ڪيئي لالا، جيئن ته ڪتا، ڪڙڪ، سيفون، تيغون،

سالگيون، ڪيرسائيون، اصفهانيون، ڪنوسيون، سروا هيون، هميلون (؟)، اواريون، چگاريون، رٿپريون ۽ سونهريون.

● جنگجو جوانن ۽ سورهين جا جدا جدا معنائن وارا ڪيئي صفاتي نالا جيڪي جنگ جي جنسار سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۽ ان ۾ بيان جي وسعت تي شاهد آهن:

اوڏا ۽ اٿموت، ڪونڌ ۽ ڪونڌر، ونڪا ۽ بانڪا، طرَيل طرال، چنگير چگيرا، انگيرا ۽ اٿيارا، اٿي پوش ۽ اٿي جهل، ڪنوڻا ۽ ڪنڌار، مانجهي ۽ نيهي، آيڏ ۽ ساتنهه، ميگر ۽ منير، ڏرگ ۽ رڏ، جهونجهار ۽ رؤنسيدار، ميلهي ڪار ۽ پرڏر، جوڌا ۽ ڏهيسر، 'اڊائي ونگ ورنهه' ۽ چوڙي پٽ، پاونگ ۽ اٽڪيل، ڪنڙها ۽ سارڏو، سائنو ۽ ساهنو، پنجاهيا ۽ احدي، ميراٿي ۽ مهائين .

جوان بهادر جنگ جا، اوڏا ڪنوندا اسوٽ
(ص ٩٣)

—

ڪنوڻا وڙهن ڪاهه تي، ويري وير وريام
(ص ١٥٨)

انگيرا اهي، جيڪي تلوار جا انگ يا تلوار جي ڪيڏ جائن؛ اٿيارا آهي جيڪي اٿين (ڪنڌن)، تان آسري حملا ڪن؛ آيڏ (زوراور گهوڙي جي صفت) ۽ رڏ يعني وڏا پهلوان؛ رؤنسيدار يعني جنگ جا جهونجهار؛ پرڏر ۽ ميلهيڪار يعني وڏا بهادر؛ اڊائي ونگ ورنهه يعني اهي سهڻا طاقتور جوان جيڪي پنهنجن متي جي وڏن وارن کي هٿ ۾ ونگي نپوڙي تيل ڪيڻ؛ چوڙي پٽ، آهي زوراور جيڪي ڪنل پهروءَ جي تنگ چڪي پٽي ڪيڻ؛ پاونگ اهي جي پيرن ۾ ونگ وجهي ماڳائتا تي مقابلو ڪن؛ اٽڪيل يعني جنگ جا ڪوڏيا؛ ڪنڙها ۽ سارڏو يعني شينهن؛ سائنو آهي جيڪي وڏي صبر سان بيهي وڙهن ۽ موت قبول ڪن، پر ٻـ مڙن ۽ نـ موٽن؛ ساهنو يعني وڏا ڏونپار؛ پنجاهيا، جيڪي پنجاهه مڙسن جو اڪيلي سر مقابلو ڪن؛

احدي آهي جي هزار جو مٽ؛ ميراثي (ميراث وارا) يعني جنگ جا وارث؛ سُهائين آهي جيڪي مري ماهو ٿيڻ وارن ۾ به ڳوءِ ڪڍڻ ۽ رڻ ملهائين.

- جنگ جا جهونجهار، جن کي موت جو ڊپ ئي ڪونه هوندو هو سي پنهنجن ڀالن، ترارين ۽ بندوقن تي 'ويڻ' يا 'طلاق' لڳائي ڇڏيندا هئا. هڪ ارڏي اٺموٽ جي ترار تي هيءُ ويڻ لکيل هو ته:

  "لعنت انهيءَ تي، جو مون کي نه هٽي
  لعنت مون تي جي آءٌ نه وهان".

فتح خان گبول جي بندوق تي طلاق لکيل هئي ته: 'هڪ نشان گُسُ ته پيو نه هڻندس، ٻيو هڻان ته طلاق لازم'. مڪليءَ واري جنگ ۾ ٻهريون ڪانءُ هنيائين، جيڪو چام بچار جو 'ڪئينسريو' (دوشالي جي گهيري سان ڪيمخوابي ٽوپي) ڪٽي ويو، پر چام بچي ويو. وري ٻيو ڪانءُ فتح خان نه هنيو، جو طلاق لکيل هئي. بندوق ڪٽي ڦٽي ڪيائين ۽ ترار ڪڍي وڙهيو، تان جو مارجي ويو.

- سورهيه مڙس جنگ جي ميدان ۾ پوشاڪون پائي، طُرن جا ڇڳا ڇڏي، ڪَرَ" ۽ ڦَرَ" سان ڪڏي، ايندا هئا، جو جڻ ڪين موت جي سيج ماڻي آهي. دشمن تي دهشت وجهڻ لاءِ ڇيله تي 'شماري' (شينهن جي کل) ٻڌلدا هئا.

- مير فتح علي خان جي دور کان جڏهن ڪابلي افغانن سان سنڌ جي سورهين جا مقابلا ٿيا ۽ پريان ڪن کي ڪڏندي ۽ پلٽو ڪندي ڏٺائون ته سنڌ جا سورهيه به ڏمڪن ڏماڪن واري ٽور ۽ ترار جي کيڏ ۾ اڳيئين کان اڳرا ٿيا. جنگي جوان پهلوان، جنگ جي ٽور جا تماشا ڪندا هئا، قدم قدم پريندا هئا ۽ ڏيلندا ۽ ٽيلو ڪندا هئا؛ دهلن دمامن ۽ شرنائن قرنائن جو هڪ خاص تار وڄندو هو، جنهن تي 'چلتو' ۽ 'چالي' ڪندا هئا، يعني قدم قدم ڏماڪي واري ٽور ۽ لوڏ، توڙي تار تي ترار جي پلٽي بازي ڪندا هئا.

مير فتح علي خان جي دؤر ڪان وٺي سنڌ جي جنگي جوانن جي 'چالي' ۽ 'چلتي' (پهلوانن جي پريڊ) جا سلسلا شروع ٿيا. مير صاحب پاڻ پهلوان هو ۽ پهلوانن کي 'ناز ڪرائڻ' (ناز ڪرائڻ ۽ جس شاباس ڏيڻ) لاءِ 'چالي' ۽ 'چلتي' جي ميدان ۾ اچي ويهندو هو ۽ انعام اڪرام ڏيندو هو. سگهڙن ۽ شاعرن پوءِ 'چلتي' ۽ 'چالي' لاءِ تکي تکڙي وزن وارا ٻول منظوم ڪيا، جن جا ڪي مثال متن ۾ پيڙي فقير چارڻ واري نظم (ص ٣٢٢) ۾ موجود آهن (١). مثلاً:

واگهه ته ٻيٺا پاڻ ته ونگي
آيا سر آرڻ جي انگي
سارن چوٽيان، وجهن چنبي
ڪن پتنگن وانگي پيل
(پيڙو چارڻ)

"واگهه ته ٻيٺا" واري فقري تـوڙي "پاڻ تہ ونگي" واري فقري جي لئي ۾ چڙ وچت وارا ٻول سمايل آهن.

دانهه دُرس هٺن دودستي
ڪُوپو ڪپي ڪيهر ڪتستي
هُوڪ هنئي تنهن هاڙهي هستي
ساري مت منـاون بستي
تائـو تيز وڙهيو هـو تايون

کهگل کوچ تيو ڪيڏارو
دارون ڏنـا ڪيو ڏنڏڪارو
رڻ ۾ رڏ وڙهي ڪـن وارو
سورهيہ سيفن سان ستڪارو
ڇهڪا ڇهڪ وجهن ڇهڪايون
(سهراب چارڻ)

(١) صفحا ١٥٩، ٣٢٢ - ٣٣٠.

ٽالپورن جي دور ۾ اندروني طور راڄن ۽ راڄدارن جي خوداعتمادي ۽ سنڌ جي لشڪر جي ڪاميابي پنهنجي ڪاميابي سبب سنڌ جي جوانن پهلوانن جا حوصلا وڌيا، ۽ 'چلتي' ۽ 'چالي' جا ميدان مچيا. ان دور جي سگهڙ شاعرن جنگي نظمن ۽ 'چالي' ۽ 'چلتي' جي ٻولن ٻڌان سنڌ جي سورهين کي سارلهيو ۽ نوازيو. انهيءَ فن ۾ سهراب چارڻ پنهنجو مٽ پاڻ هو، پر عالم خان لنڊ ۽ ٻين به سهڻا ٻول ٻڌا. سهراب جا چيل 'چلتا' ۽ 'چاليون' جن ۾ پيرن جي پڙڪن، ڍالن ڍامن جي ڌڪن ڦهڪن، ۽ جنگي جوانن جي قدمن جي ڌمڪن واري لوڏ ۽ لئي سمايل آهي، سي سنڌي رزميه شاعري جا نادر نمونا آهن. جيئن ته:

"چلتو جوان مردن جو"

جنگ وچ جوان، ڪرن جت جلوا، دل دلاور، سير دولهه
مصريان مار، مناون مت ڪون، چپ چپاتي، ڇنهڪن ڇنهه...
آنهڪن ڇنڪن، سٽڪن سيفان، هفت هزاري، ڌمڪن ڌم،
ڇنهڪن ڦهڪن، ڇوٽ ڇلاون، زهمان مارن، زور زدهه....

"چالي" جوان مردن جي

جنگي جوان ڪرن جت جلوا، ڪٿوها ڪنپن ڪپ ڪرپ
اوڏا آت وجن سي اٽڪي، جوڌا جوان ڪرن جهڙپ
ٺهڪن ڦهڪن سيفان سٽڪن لڙن پڙن سي لال لڙپ
شرطئون سي شمشيرون شاهي، شير هٿي ڪن شپ شڙپ...
(سهراب چارڻ)

عالم خان لنڊ جو هڪ وڏو گڻي شاعر هو(۱)، تنهن 'چلتي' جي لئي سان گڏ سنڌ جي سورهين کي عجب انداز ۾ نوازيو:

---

(۱) عالم خان ولد گهنور خان گهنوراڻي، لنڊ بلوچ، ويٺل ڳوٺ ٻٺي لڪ جوهي، ٽالپورن جي دور ۾ ڪاڇي جو مشهور شاعر هو. اندازاً ۱۸۵۰ع ڌاري وڏي عمر ۾ وفات ڪيائين.

مَلَ مَٿَ مَٿَنِ، سِرِ سَٽَ ڪِهتَنِ، تِيلِ ڪهٽ نہ گهوٽ گهتاوَن
هر ذات سَڪيلي، وات ڦٽوڙي، ذات ڪنڌات ڪنڀاوَن
مرد نہ ٿيندي زرد آهي، ڪرِ ڪَڙد ڪيدارِ ڪماوَن
چيلڪن ڪيلڪن تيلڪن تَنگيان، تيغ تڪيان ڪڙلاوَن
وِچ وانگ وَتيان، آتَ تجلَ تتيان، پل پلڪ پتيان چا پاوَن
جڙ ڪرِ، ڪَڙ ڪرِ، ڪوڙ ڪوڙ، ڪروڙ ڪجوڙ ڪنواوَن
فيل ڪنفيل سفيلان دي آتِ، دوڙ دَهوڙ اهوڙ نهوڙ ٿهاوَن
پيل شڪيل طويل تَوَنگرِ، مَرَ ڪر پَرَنَ نامِ رهاوَن
اڙڪن ڪڙڪن سڙڪن ميفان، توڙ وِلوڙ وِڇوڙ وِڇاوَن
هستي مستي دست دَ دستي، ڪَستي ڪر ڪڙڪاوَن
اوت نہ کهڻي کهوٽ ڪَڙوءُ رُڪ روت چڪَن چڪاوَن
لَتَن چَتّن چمڪن ڏمڪن مار مَرار مَناوَن
عالم خان جوان ايماني، ليکي نامِ رَهاوَن، بَخرا پاوَن.

اڻ عالم خان سورهين ڪي نازائڻ سان ڪَڍ، ڪين جسون ڏيئي جنگ لاءِ همٿايو ۽ حرصايو، جيئن تہ:

ديک بہ ديک سُهاندي مَتَن
چوتا چاڙهہ وڙهڻ ڪاڻ وَتن
سورهيہ ڪڙ سَرواهيان مَتَن
رت مست مچان سِر چَتَن
سِر ڪون مَتَن، سوپان ڪَتن
پازوءُ بازين وانگون جهتن
ٺهڪي نال ٺڪٺڙ پئي ٺهڪن
ڪڙڪي نال ڪَرايان لڙڪن
آکے عالم خان جوان سي سورهيہ مست نہ ٿيوَن
آکي: سي وت ڪتان؟
آکي: جتان هووَن تتان.

آزاديءَ واري دور ۾ 'جنگ' جوان مردن جو ناز هو، جنگ ماڻهن مڙسن جو ڏاج هو، باڪ 'جنگ' ٻانڪن ٻهادرن جي راهي پوکي هئي، پني ۽ ڪيتي هئي!

ڪنهو ڪيت سندون، آرڻ آپت ان جي
جهين مٿنهن مصرين ڪيا، فصل تهير پتڪون
اهڙو ئي ڪيتون، جنهن جي راه وراهن رڪ ٻين۔

يعني تلوار سندن ڪيتي آهي، جنهن جي آپت جنگ جي ميدان واري واڙي آهي (جنهن ۾ مڙسن جا مٿا ڳبرون ۽ هنداڻ واڙنگر پکڙيل آهن)؛ جيئن ئي تلوارون جنگ جي ميدان ۾ تيون آپيسون تين، تہ جڻ سُورهين جو فصل پچي، لُڻڻ جي لائق ٿو ٿئي. پهلوان پنهنجي اهڙي ڪيتيءَ جي راهہ ۾ رڪ (ترارين) سان ئي ٿا وراهين۔

ن۔ب

متن

جنگنامہ

باب پهريون

سنڌ جو تاريخي شعر

(چيل ميان حسين چارڻ جو)

شاعر ميان حسين چارڻ، سنڌ جي قومن، سنڌ جي حڪمرانن ۽ سردارن بابت جيڪي ڪجهه ٻڌو، سو هن شعر ۾ بيان ڪيو اٿس. سندس بيان موجب: اتر سنڌ تي آسري تائين پهريائين "ناريجن" جي سرداري هئي، جيڪا پيرڙهين تائين هلي. انهن کان پوءِ "سوسرا" سنڌ جا حاڪم ٿيا ۽ ويهه پيڙهيون سنڌ تي حڪومت ڪنديون رهيون. آخر ۾ جڏهن دودو سومرو سنڌ جو حاڪم ٿيو ته چنيسر ڪاوڙجي علاؤالدين کي چاڙهي آيو، جنهن سان دودي سومري ۽ ابڙي سمي مقابلو ڪيو. ڪنهن وقت ڪاڇي واري علائقي ۾ "چنا" قوم جي حڪومت هئي. ڪاڇي جي ٻئي واري علائقي تي وري "ڪوريجن" چانڊين جي حڪومت هئي. چنن ۽ ڪوريجي چانڊين جو سڱ تان تڪرار ٿيو ۽ ڪوريجو چانڊين مارجي ويو، جنهن تي ڪوريجن وڃي 'ڪانهري ڪوٽ' جي سردار جيسرراو کي دانهن ڏني، جيڪو ماڇين جو لشڪر وٺي ڪاهي آيو. چنن جيسرراءِ سان مقابلو ڪيو، پر ماڇي زور ٿي ويا. اهڙيءَ ريت چنن واري علائقي تي ماڇين جي زمينداري قائم ٿي.

جڏهن سنڌ تي سما حاڪم هئا، تڏهن ارغونن جا ڪي ماڻهو سنڌ ۾ اچي رهيا ۽ هتي جون حالتون ڏسي ولايت ۾ وڃي ارغونن کي احوال ڪيائون. ارغون ۽ ترخان، حسين ارغون جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ تي ڪاهي آيا. سمن سنڌ جي

سرحد وٽ ارغونن جو مقابلو ڪيو، پر هارايائون ۽ سنڌ ۾ ترخانن جي حڪومت قائم ٿي.

چنن ۽ ڪوريجن جي سرداري وقت ڪوراين چڙهائي ڪئي. هڪ طرفان شريف خان لشڪر جي مهنداري ڪئي، ساٿس اعظم پڻ پنهنجي لشڪر سميت شامل هو. هنن دوکي ۽ فريب سان پنهنجي مقابل فتح خان کي مارايو.

سنڌ ۾ ڄامن خانن ابڙن (سمن) جي حڪومت ٿي گذري. سمن جي حڪومت ۾ دريا خان وڏا ڪارناما ڪيا ۽ ڄام نندي کي سلهايو.

پوءِ سرائي (ڪلهوڙا) ساماٿا. سندن مريدن ۾ بلوچ، مير ۽ چانڊيا شامل هئا. چانڊين جو وڏو غيبي خان هو. هو پنهنجي وقت جو وڏي همت وارو 'هرقل' هو ۽ پيرن ۾ عقيدت تمام گهٽي هيس، ايتريقدر جو جنگ ۾ سندس طرف جو جيڪو ماڻهو ماريو ٿي ته ان کي پيرن جي پار ۾ ٿي ليکيائين. جنگ ۾ غيبي خان چانڊيي ڪاڇي واري علائقي تي قبضو ڪيو، پر سراين حملو ڪري غيبي خان کي ماريو.

سيوهڻ جي پر واري علائقي ۾ 'ساهان' جي هلندي پڇندي هئي. سندس گادي بکرڪوٽ ۾ هئي.

ان وقت سپني قومن گڏجي شيخ نصير کي اڳواڻ بنايو. هن پنهوار تي ڪاهيو، پر مير پنهوار وڏو مقابلو ڪيو ۽ سندس آڻ ڪانه سڃي.

مير پنهوار قلعا ڪوٽ اڏايا. ماڇي مخالف هو. محمدو نو پٽيار ديڳن دامن جو ڏٺي ٿيو. محمدوئي، اورنگزيب جي دربار ۾ وڃي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي، تڏهن الهيار کي اڳواڻ بنائي، سراين تي لشڪر چاڙهيائون. تڏهن 'پير' (مين نصير محمد يا دين محمد) قاسم نالي پنهنجو ڪمدار موڪليو ته وڃي معافي وٺي. پوءِ اورنگزيب پنهنجي طرفان دکن مان

شيخ جهان کي ٻکرکوٽ تي مقرر ڪيو. مرزا خان جو پٽ شيخ جهان سان وڃي مليو. ابڙو فتح خان فوجدار هو. مغلن جي لشڪر ڪاهيو. الهيار اڳوائي ڪئي. مغلن جي لشڪر سان قنبر مقابلو ڪيو. مرزا خان جي پٽ دغا ڪري محمد جان کي مارائي ڇڏيو.

١. آيان پوٺيان جو ڏٺي، الله اپرم پار
خالق خلقت پانهنجي ڏَنهُ آ خاوند خبردار
موليٰ پنهنجي ملڪ ڌڻ ه واحد ناهه وسار
سهس آثار هـ عالما، رزق رسائڻهار
جيڪي عالم عام خاص، سڀني ساڻ ستار
تنهن کي چائي ڪونه ڪو جيڪي ڪري جبار
سو سڀڪو صفاتيون ڏئي ڪري آئي هي اقرار
جو بيچون بيشڪ بي نمون، هرجائي هر ڪار
ڪوڙ محمد مصطفيٰ سڀيائين سڳنڌار
تنهن کي باري بالا بزرگي بخشي بيشمار
فهم، فراست، علم، حلم، ڪل ڪيو گلزار
نيڪي بدي نوم شد، حرص ڪنون هوشيار(١)
ڪلن ۽ ڪرهن جو آ خاڪين منجهه خمار(٢)
چئو چارڻ ڏي شاهدي، سنڌ سنڌو سڳنڌچار!
اڻ ٻڌي آءٌ نه ڪريان، ٻڌ ڪيو ٻولاچار:
پسو پهريون ٿـي هئيو، هت ناريجو نامدار(٣)
تنهن ڪئي بادشاهي سنڌ جي، تيه پيڙهيون پرڪار(٤)
پهريون لڳا ڏنبرين، تيا ڳيل ۾ ڳار
دنگ ڪيائون آسري، هوڏنهن ڪهنگ قنڌار.

---

(٠) چارڻن جي گهراڻي جي ٻن ذخيرن (مياڻ دين محمد ۽ ميان ڪمڻ) تان ورتل ۽ پيٽيل.

(١) ڪمڻ فقير (=ڪ) جي ذخيري ۾: 'حرف ڪندن' (٢) اصل. ائين. (٣) ڪ. پهريون ٿي ٿيو. (٤) ڪ. پڙيون.

ٿهين پڇاڻا سومرن، اچي ڪيو آپڪار
تنهن پٺيان ڪٿي بادشاهي سنڌ جي ويهه پيڙهيون پرڪار (١)
تن طالع تخت وهاريو، سر دودو سردار
تان چٽي چنيسر چاڙهيو، گڏ ”گوري“ گرنار (٢)
سو آيتو سومرن تي ڪري، عالادين آر
هيڏنهن پٺيان اول وچي ڪٿي ابڙي، دوديءَ ڪيو دمدار
سوگهي گوروءَ کي گڏيو، ڏسرجي ڏاڙهيار
اتي انباريءَ چڙهي، ڪئنيائينس ڪاپار
جان جيئو تان جس سان، متس ناهه ميار.
هاڻي ايلچي اکيو ٿيو، وٺي هي واپار
اول نه ڏي ابڙو، سومرا سردار!
چٽي: عالادين بادشاهه تنهن سان ڪيو قرار
تنهن کي چيو ابڙي، جو هو بادشاهي ٻار
تنهن اسان جن اڳين کي، وڏو آهه وقار
سمون سرٽيون ئي نه ڏئي، ويهون پاڳو وار
جيڪي ڪري سو الله، سر اچي اڇٽهار.
تڏهن چڙهيو عالادين بادشاهه، ڪري ڪارونبار
ڪيرول ڪروليـن گڏيا، سبڙ ۽ سالار
تکي تيغن کڻون ٿي سانگين ڪيو سنڪار
هاڻي عالادين ان پر چڙهيو، پن ڪيو پولاچار
چنپ چپڪو جت ڪٽ، جيئن وڏڙو وٽڪار
هونگر چڙهڻ جت ڪٽ، دهه دهه ٽوٽوڪار
سج لهي سند نه ڪا، چنڊ نه پسي چمڪار
نيهيءَ ڪٿي منارڙيو، ڪنڻ جنن ڪاتيدار (٣)
هاڻي ابڙو ٿيو اوجار، سماوات سپ جو.

---

(١) ڪ. پيڙيون (٢) اصل. گڻ گوري. (٣) اصل. نيهن ڪٿي منارڙيو ڪڻ جي ڪاتيدار.

۲. سو پاٽڻون پلو پرجهلو، سويارن وياڻ [وينجهار]
تنهن وانگي سوڍو رکيو، دودو دعويدار (۱)
تنهن پي چليون آنديون چوه، مٺون پهو پيرو پيهار
ڪرسهڄاڻي ڪوٽ تي، ڪيو مصرين سالار (۲)
ڪري خيف خوار، دودي دعوي چڏي. (۳)

۳. سمن ۽ سومرن جو، آ مذڪور بسيار (۴)
هاڻي حاصل هي ڪلام، سنڌن ٿيو شمار
جو هوڏنهن رُوپا هڻ چڙهيا، هوڏنهن لاڙ پنگار (۵)
ڪن ڪيو ڪنراڙو، وهي آرتو آڪين جار
چاڙهي ديس دنوار، جو سمن ماريا سومرا.

۴. چارڻ چنن جي چوي، هئي سنڌ هيڪار
ڪاڇي پنهي ڪنڌين، ڪوٽن ڪيو قطار (۶)
چٺي چناڻن پاڻ ۾، ساراڊٺون مزار
سڙ ساراڻي ڪري، وچ ٿيو ويچار
تنهن پي چليون آنديون چوه، مٺون، هندسنجهٺون هيڪار
اچي پيو اوچتو، مرجُوڪن ميار (۷)
ڪني لاهي خار، وچي وچ پيڙهي ٿيو بادشاه.

۵. هاڻي چنن ڪوريجن جو هيو گڏ گذار
سي همسايا هم وطني، ساڻي سيوڪار (۸)
”وتڻ“ ڪاڻ وهانوَ جي، چام جوڙي وڏو جار
سو ”مرجُوڪن“ ميچيو مگ ...ندو ستڪار (۹)
تان منهن آيو ”چگي“ جي ڪوريجو ڪلدار

(۱) اصل، سودر رکيو. (۲) اصل، ڪرسه چاڻي. (۳) **ميان د ين محمد** جو نسخو: دعوا دودي ڪنئي. ميان ڪمڻ جو نسخو: **دعوي دودي** چڏي (۴) ڪ. وڏو آ وقار. (۵) روپا هن چڙهيا= **روپاه تي آهن** چڙهيا (۶) اصل. ڪوٽن ڪيو (۷) يعني اها ”مرجوڪن“ تي ميار آهي (۸) اصل. ثاني سيوڪار. (۹) مرجوڪ = ’چنن‘ يا ڪوريجن جو پاڙو.

تان مارا پائينس مڏ ڪري، هو مٿي جنهن مدار
تڏهن ڏانهين هليو ڪاهيو ڪوٽ ڪوار
تنهن وچي جيسر راوَ کي ڪاهي ڪرهو هاڙ (١)
سوٽي وٽي آئيو، ماڇي مهاندار
تني تلوارن سان، هٽي ڪيا هٿوار
وچي ٻچيو ٿورڙو، چنن جو ڇوهار
ظاهر زميندار، اڇي ماڇي ويٺو ملڪ ۾.
٦. اچي ارغونن ڪيو، نڪري ٿيا نروار
تان هٿي سنڌ سمن کي، ملڪ منجهئون مختيار
چاڪاسيائون چند روز، رهي ٿيا نروار
تن وچي ولايت ۾ ڪيو، گويو هي گفتار:
ته ڪي تتي ٿڪريا هُيا، چامن مر چمار
جي پڙ پائي چار، هن کي وهڻ وتڻ سنرو. (٢)
٧. هليا ڪري "حسين" سان ارغوني اختيار (٣)
تن سان سمن سرحد تي ڪيو، مصرين ملار
ويري گڏيا وات ۾، نڪري ٿيا نروار
تکو تلوارن ڪيو، ٽيلن ۾ ٿهڪار
سمن سلطانن ڪيو [مصرين] ميگهه ملار
ترخانن تيڪ تيار، جنهن جا سما سلامي ٿيا. (٤)
٨. هائي "چنن" ۽ "ڪوريجن" جو، وڏو هو وڌهار.
چڙهيا ڪوائي چار لک چنن لک هزار
ٻي بادشاهي وچ ۾، ٿيون ٿيو ٽمڪار
جو سر ڏئي سر وچ ۾، ڏري کهين ڏار
ڪارڻ سر شريف خان، نسري ٿيو نروار
واهي ٿيو دربار ۾، ڪُل ٻاري ڪوار

(١) ٿڪ. ڳاهي ڳر هو هار. (٢) دين محمد = تان کن کئي وهڻ؛ ڪمڻ = ٿا هن کي (٣) حسين = شاهه حسين ارغون (٤) دين محمد. تڪ؛ ڪمڻ. تٽ. تيڪ = تلوار.

ان ســان ”اعظم“ آئـيـو، نيـازي بـہ نيار (۱)
تنهن ســاريـو فتح خـان کـي، ڏيئي قول قرار
ان بـيـدادو پانئيو، جـتـن کـيـو جُهـار
انهئون پوءِ اعتبار، کري کون زبان تـي.

۹. پڻڌي ڳالهہ پڌاءِ، پر کر اکين ڏنـو آچـار
چـامـي خـانـي دائـمـا، ابـڙي کيو اپکار
تـن وچـايـو وڏو کري، نـوبت نت نـغار
دل ملهايا دَرِهـہ خـان، نـدي نـامـاچـار (۲)

۱۰. ... ...
... ...
تـوڙي ميان جـا مريد تـي، وڏايائـون وار
ســو لـئـي سـرايـن چڙهي، ات پڌائون کار
اهـڙو ئـي اعتبار، مير منجهون پيدا ٿـيـو.

۱۱. هاٿي گامين کوڏ کري چڙهيو، چانديو چوڙيار (۳)
ســر ڏئـي بـسـر ڙکي، ”غـيـبـي“ گهٽا بـار
هيڏنهن لـکين لـکـ سـؤ، هـوڏنهن اڙو اپـار (۴)
۽ وچ اپـائـبـي نـيـو، کـنـدو اپـکـار (۵)
کاڏائـون کـنـن سـان، سنڌ کاچـو کينار
متنهن مهمائن ســان هـو، گڏ سٿو پـوتـار
ســو پـي ميرائـن چـڙهـي ساريو مگـ متار
دَرِهـہ دودو منجهہ دار، رڻ کيو رت هار (۶)
هـنِ هـنِ کي هي کار، جي دودي درهہ سان هئا. (۷)

۱۲. ”غيبي“ ٿـيـو گـلـزار، کاچي پڌي ککرا

(۱) ک. آدم آئيو. (۲) اصل. ”دل ملايا“. دل ناماچار ملهايا= گهٽا ملهايا. دَرهـ خان= دريا خان. ندي ناماچار= چار ندي (نظام الدين) جا ناماچار. هن ست کان پوءِ نظم جو ڪجهہ حصو کتل آهي. (۳) اصل. کامي کوڏ کري. (۴) اصل. اجار (۵) اصل. ائين. (۶) دين محمد وارو نسخو: ”ذرهہ ڈوڈو منجهہ دار“: ک. رڏ کيو

تان هرقل هئي هند ڪيو، ڏڏائيءَ ڏيکار (۱)
ڪڏائي ڪنان هئي، ڪيائون اوڏائي آپڪار
سو اوُواڻو اهڙو، جو ديريندو دمدار
تنهين طالب تهڙا، آڻن جي اختيار
سي سرائي سرن ڪؤن ٽا بنهه، وتن بيزار
سي سرڏئون سڙن ڪينڪي نڪي سڙن ڀانئن موچار (۲)
جي ڪوماريو تنهن ائين چون ته: "هي پيو پير پنار"
اهڙو ئي اعتبار، آهي پنجاهين جو پير ڏنهن.

۱۳. ماهان هو ميوهڻ سان دنگو دنگ دوار (۳)
بانڪو "بکرڪوٽ" جا، ٿو باغ ڪائي بسيار
ڪيو شيخ نصير ڪي، ذات بذات جهار (۴)
مرڪي مير پهنوار، جنهن ڪيهر ڪند نه نائيو.

۱۴. سي قلعا ڪوٽ ڪچهريون، ٿو اڏائي اٽيار
تن ۾ دارون، تير، تماچا، پيو جوانن سان جنسار
سند بکر سيوهاڻ ۾ ڪيو جماعتن جهار
سي سپ سيڙو ساٿهو، پيادا ۽ سوار
ڏئي عالوفا ان ڪي ۽ مرادون مٽيار (۵)
سڙسن سندو سير وٽ، وڏو آ وقار
جو لک لٽائي لچ ٿئون، ڪروڙن ڪاپار (۶)
رکائي رقيب ڪؤن، ماڇي ملغدار
وٽندي ويهي پنج ڏينهن هو ڪندو دارمدار
سند سگلي مٿون ڪري، وڏي ڪئي واهار (۷)
تان ديگين دمامن ڏئي ٽيو پاڙ پٽيار
تڏهن ڪنيو سيوئي سند ٿئون محمدوئي ۾ مدار

(۱) هي ڪار = هٿيڪار (؟) (۲) اصل تان هن قل هن هند ڪيو. (۳) ڪ. سڙن ڪن موچار (۴) ڪ. سان هان (۵) ڪ. جحار؛ د. مجار.
(۶) اصل. ڏ ئي الوفا (۷) اصل. ڪاپار.

جڏهن وڃي اورنگزيب تي، ڏيهاڙي دربار
ملڻي هت مصحف جي، تکو ڪري تيار
تڏهن ملک ڏٺي معلوم ٿيو ڪري ڳالهه قرار
تڏهن سير ستهيم سنباهيو ڪري آڻن الهيار
سو مقرر آيو مولهه سان، ڪري ترت تيار
دهلي مٿون ديرو ڪري، هڏي سراڻن سار
تڏهن پير پانهنجو موڪليو، قاسم ني ڪمدار
سو لڪ سڃي، لکت ڪري، ايلازيون انتظار
توبهه ڪئي تائب سچ سنهنجي اچي اوهان پار
تان معلوم ٿيئي هت مير کي اها طرح تنوار
تنهن آندو تي بادشاهه، پهس ڪيو پڪار
ته ملتاني ميڙاڪيئون، تو تنگ ڪري تڪرار
ٿئي حضور جاو ڪو ڪردوڇي ڪمدار (۲)
سو بانڪو "بکرڪوٽ" جو، ڪو ورنايو فوجدار
تان اورنگزيب نوازيو، "شيخ جهان" جهونجهار
تان ملي لايو مدعي، چوهه سندو چنڪار
سو ڏڙي دکن ديس مٿون، درس آيو درڪار
سو رسيو خوب رفيق کي، فائق فوجدار
پاٺيون پاليٺون ڪري، اچي جا اورار
تان هيت اهڙوئي اهوار، معلوم ڪيس مڙني.
۱۵- تڏهن ديرو دعوي جو وجهي، آٿکي اوهڻ يار (۳)
اتي مليس "مرزا خان جو بيٽو" برخوردار
اتي آيو ابڙو فتح خان فوجدار
سردمردين مغلن جا، گنجي ڪن الغار
ڦلڪو ڪيائون ڪورس، پهرو پر پلتار

(۱) اصل. مون ڪري (۲) اصل تي حضور جو(۳) ڪ. اٿکيو اوهڻ يار

هوسلچو پڌي ان جو، آيو الهيار
تنهن ساعت دودو ٿيو، اهڙو شام اپار
هيڏهن رسيو سلامت ۾، "قنبر" قربدار (١)
اوڏو ٿي امراء کي، مقابلي متدار (٢)
هت محڪم منزل اتي ديدن ڪيو دمدار (٣)
اتي مرزا پٽ متي ڪيو، دغا جو دستار
جو سل کري سينجهار، محمد جان مارائيو.

جس درسن، جس جات جوان کي، جس آون جي آيا :
جس جوري، جس نوري، جس پاده جو پايا (٤)
جس خيمي جس دلوچي، جيڪي رک رچايا
جس خطاب خاني، جس شيخي، حاجي جس هلايا
اوران ڪون نہ جس ايڪ جڳاوي، تہ لاک سوايا
جو قربان تسين تون، جنهن ايسا الله اپايا
جس تن جوانان ڪون، جن جنگ وچ پاڻ جلايا
صدقي صاحب نانءِ تون، جنهن ڪلما پاڪ پڙهايا.
لا إلٰه إلا الله محمد رسول الله.

---

(١) دين محمد. جڏهن رسيو (٢) اصل. مقبولي سردار (٣) اصل. مت (= متان؟) (٤) دين محمد = 'جس نوري تيري'. ڪمڻ = جس لوري ني (جس نوري ليي؟)

٢. لس ٻيلي جو تاريخي احوال

(نظم ڪيل شاعر نم جو)

نم فقير مڱڻهار لس ٻيلي ۾ شهر آٿل جي ڀرسان وڏيرن جي پيڙهائتن مڱڻهارن فقيرن جي قبيلي مان هو. ١٧- صدي عيسوي جي آخر ڌاري ڄائو، ۽ ١٨٩٣ع ۾ هو بالڪل پيرمرد هو ۽ سندس عمر ان وقت هڪ سؤ سالن کان مٿي هئي. نم فقير جو سڄو سربستو احوال ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ ۾ ڏنل آهي. نم فقير لس ٻيلي جي ڪيترن ئي واقعن ۽ جنگين کي منظوم ڪيو. هڪ نظم ”شاهوڪن ۽ ٻرن جي مقابلي ۽ مٿي شاهوڪ جي مارجڻ“ بابت چيائين، جنهن جي شروع واري ڀاڱي ۾ لس ٻيلي جي حڪمرانن جي سلسليوار بيان ڪيائين.

هن بيان موجب پهريائين هتي جو سردار ’موسي ننياڻي‘ هو، پوءِ هتي ڀٽي- ڀوتن رونجهن حڪومت ڪئي. سپڙ ڄام انهن مان هو. ڪل پنجهٺ پڳدار ٿيا، جن مان آخري سردار حاجي سنگر هو. انهن کان پوءِ موسياڻي گونگا سردار ٿيا جن مان ڏينار وڏو نالي وارو حاڪم ٿيو. ان کان پوءِ ملڪ پاهڙ خان برفت حڪمران ٿيو. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ عزت خان تي پڳ آئي جيڪو عمر جو ننڍو هو. هن کان پوءِ عاليا ڻي ڄام ڪونريجا حڪمران ٿيا، جن مان پهريون حاڪم ڄام عالي (وڏو) هو. پوءِ انهي جي پيڙهي

هلي ۽ چام ميرخان (ڀهريون) ۽ چام عالي خان (ٻيو) حڪمران ٿيا. چام عالي خان جي وقت ۾ دريس ٻڙو ۽ مٺو شاهوڪ هم-صلاح ۽ همت پريا مڙس هئا، ۽ ٻئي هڪٻئي جا دوست هئا. پر اهڙو اتفاق ٿيو جو مٺي شاهوڪ مياڻي تي قبضو ڪيو جيڪا ٻرن جي هٿ ۾ هئي. انهي تي ٻرن مٺي کي ماريو. اهو ٻهريون بيان نظم جي ٻوٺين پاڳي ۾ آهي، هيٺ نظم جو ڀهريون پاڱو ڏجي ٿو جيڪو اس ٻيلي جي تاريخ بابت آهي (١).

ساراهيان سچو ڌڻي جو ٻيهي سنڌو راء
لاشريڪ لامڪان آهي هڪ الله
ٻاڻ وهيٺو پادشاهه جيڪا ڪري سا
هٿي جٽ ٻنهن سين ٻاري بيپرواه
قادر جي قدرت کي سمجهي ڪين سگهيا
عرش ڪرسي لوح قلم آکي آهايا
قابو ڪير زمين جا جبل تنهن جوڙيا
سوا لک نبين جو ڪيو ٻاڻ ڌڻي پيدا
ٽي سؤ تيرنهن اڳرا ٿيا مرسل مٿيرا
نور منجهان نروار ڪيو مولي مصطفيٰ
ڏيو ڏيهن وچ ۾ شاهن سنڌو شاهه
چئين ڪنڌين چراغ ڪيو شمس شعاع
چارئي يار رسول جا شريعتي سٺوا
اول ابابڪر ايمان سين آندو صدق صديقا
ڏوس آبيٺو دين تي عمر مير آتاء
انهان ٻوء عثمان ٿيو غازي غنياء (٢)

---

(١) ڏسو ڪتاب 'ٻلاين جي ٻول' (چاپو ٻيو، حيدرآباد، ١٩٧٠ع) ص ص ٢٠٩-٢١٢. (٢) ٻي روايت: اوهاهين ٻوء

تنهن سيئون سٺورون سرت سين تي پڙهيون پرت منجها
جوڙي تنهن جمع ڪيا ثابت سيپارا
علي شير الله جو آهي اسد الله
جنهن ڪئي ڪافر ڪيترا ڪوڙين ڪنبايا
ماري مسلمان ڪري تنهن امن تي آندا
پنجتن پاڪ مڃيان جي ڏني ٻاڻ ڏڦا
آئي چادر ان تي الهي عرش آتا
علي جي اولاد کان قطب ٿيو پيدا
سو پاڳارو پيرن جو مڃيو ملائڪن آ

جنگيون گهڻيون جنبايون اميرن اصلا
پوءِ ٿيو پادشاهن ۾ سو ٿي مذڪورا
ڪوڙنس مڙيئي ڪاج تي جان ڪيم نرت نگاه
قصو ڪريان تو ٻيو سو سڻو سوجها
پيلو پيلي پيرين جو آڏيو سو اصلا
موسى نيائي مهند ڪٿي اچي سيرَ سهجا (١)
گهوڙا گهوٽين بخشيا ڪولي ڪنڏين تا (٢)
تنهن پاڻ پڙهيو ڪيترا ني ڏڏين ڏان ڏنا
آت پٻي پوتا پڌرا رونجها راڄ هٺا
تن مادي ست صاحبين جي حاجي ڪري هگاءِ
سو سنگر سانڍهه سکيه پريو هوچگو رونجهو راءِ
پيا مٺوسائي تنهن ماڳ تي ڳاڙوڙي گونگا
چار دينار ڏمڪون ڪريو ٿي ديرا ڏيايا
تنهن هاٿي مٿل هڪل سين سڀ سلامي ڪيا
پوءِ آئي پڳ ڀوڙ خان تي امر ساڻ الله

---

(١) اصل انهن: ٻي روايت ڪتي سر سوا. (٢) ڪنڏين تا ـــطبلين تا.

تنهن ڪنبو هٽي ڪٽيو ڪاوڙجي ڪستا (۱)
ڪانيو پوٺي ڪڙهي سلا ساڳايا (۲)
برفت پيائر پاهنجا نهري سي نڳهيا
اڇي پوء عزتخان جا سي سلامي ٿيا
سو نيڪ ننڊوئي ناميو هو وڏي گهر ويا.

انهان پوء اڇي ڪپو عاليائي عملا
ساڪن سي سردار ٿي ٻيلي ۾ ٻيٺا
مڙيئي موجود ٿيا قائم ڪؤريجا
صديق سينهن سگهائيو ٿي پانڊو پڇاڙيا (۳)
اول چام عالي هو پوء غازي غلام شاه
نرنوتائي ناميا اصل اهنڊ هوا (۴)
مير ٻيراهم موج ڪري ٿي ڏوکي ڏڪايا
تنهن ڪاڇو ڪيهر ڪنبايو ڪري هڪل هيبتا (۵)
نعرو نوتائين جو ديسين منجهه دهڪا
نوت، سريد، ڏيوڙو سورهه سوياتا
تن اهڙين 'اٿل ڪوٽ' ۾ ٿي حڪم هلايا (۶)
تن اڇهي عاليائين جهي ٿي ڪڳ ڪٽيو ڪاڏا (۷)
نڪين حاڪمين هيسيا نڪين سردارين سٽهڻيا
ميرخان متارو ٿيو درس چڱو داناء
تنهن راڄ ريجهائي پاهنجا سوڙهي سٿ ڪيا
ان فهميدي فڪر سين فيري ڦچايا (۸)
وانئا وجهه تن ڪان واري سي وٺتا

---

(۱) ر: ڪٽيو ڪان هو ڪستا. (۲) ر: سنڌا ساڳريا. (۳) ر: سينهن سڪايو. سينهن سينگاريو. چام صديق لليائي ڪنراچ جو رهنڊڙ چاموٽ سردار. (۴) يعني لوتائي ٻرا جن مان مير ٻراهم لوتائي وڏو بهادر هو. (۵) ڪاڇو يعني سنڌ وارو ڪوهستان جو ڪاڇو. (۶) يعني اٿل جو شهر جو مريه ٻري ٻڌايو. (۷) ر: ڳگ ڪٽيو ڪاڏا. (۸) فيري ڦچايا= واري ڳڏ ڪيا.

چام عالي چاڙ چڱي سان عجب ٿيو عقلما
پڙهي تنهن پورو ڪيو ڪامل قرآنا
شرع شريعت سڀڪا ثابت ڪيائين سا
سوني ٻيو ميرخان ٿيو سور تهين ماڳا
ڪلنگي تنهن ڪپار ۾ سونهي سهڄ منجها
ويٺو طالع-وند تخت تي بخت سندس بالا
تنهن ڪاڍيو ڪيهر قلات مون پيچ پڳهه پاتا (١)
احمدزئي ان ڪي سگ ڏنو سهجا (٢)
عاليائي عقل مين ٿيو حجت ۾ همراه (٣)
تنهن ڪڙهي سڀ قلات جا عمل عيان ڪيا
تنهن لائق آٽي لس تي ايهي اسر رکيا (٤)
آمرا ڪيڏي پاهنجا سوڙهي سنڪ جهليا
تنهن تاڻ راڄ رنجور ٿي روح ۾ رکيا
دَرِيس ميٺي پاڻ ۾ رکيو يارانا (٥)
گفتا ڪيائون گڏ ٿي تن ٻيهي ٻول ٻڌا
ٻهي پروڙي پاڻ ۾ اها ڪري اٿيا
مصلحت ٻني هيڪڙي جيڪا ڪري الله
تن ٻيلي قلات وچ ۾ سوڌا ميل ڪيا
تن ڪي خان خوشي سان عزت ڏني اڳيا
ٻانڪي ٻانڊر پانهنجا سيٺي رک رکيا
پهرن پنهنجي پٻ تي خوبٿون خوشحالا
ساٿيهه منجهه سڪا ٿيو ٻوٿن بي فڪرا (٦)
پر چڱا چڱا نه ٿيا جو پاڻ ۾ جهڙپيا

---

(١) ر: ڪڙهي تنهن قلات جا عمل سڀ آلدا. (٢) احمه زئي= قلات جا خان. (٣) ر: همت ۾ همراه. (٤) اسر=محصول، سڱنگ. (٥) دراس پري ۽ مٺي شاهوڪ پاڻ ۾ دوستي رکي. (٦) ر: "سي ساٿهه ۾ سرا ٻوٿن بي فڪرا".

جيئن هجن هيڪڙي ڳالهه تي ته سرهي ٿئي ميڪا
آيو وقت آخيري لشڪيو ڪتابا
محبت ويندي ماڻهن مان، ڦڙهيا مون پڇيا
قبيلي مان ڪلفتون پسو ٿيون پيندا
موٽي مت ڪهڙا ٿيا جي هشا اوڏا عزيزا
دريش ڀاران ڏل ۾ پائرين بغض رکيا
جيڪا ڪري ڳالهڙي سمجهن ڪين صفا
مالڪ ڏاران من جي ڪنهن کي ڪل نه ڪا
اندر سندو عام کي کهڙو سڌ بماء
ڏاڏي سندي ست مان ڳنڍڙ ٿيو ڳمرا
ٿو لڳين تنهي ڳالهين ڪوڙو ڪڏايا

باب ٻيو

سومرن ۽ سمن جو دؤر

چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ

هيءَ جنگ سومرن حاڪمن جي زوال ۽ سمن زميندارن جي اڀرندڙ طاقت واري دؤر ۾ لڳي. سومرن جو آخري حاڪم دودي جو پٽ همير هو، جنهن غالباً ٺٽي طرف سمن جي وڌندڙ طاقت سببان عمرڪوٽ کي اچي پنهنجي گادي جو هنڌ ڪيو هو. چام هالو پٽ ساند جو هو. چام هالي جي ڌيءَ ٻاگهي، سندس گهر ۾ هئي. شاديءَ وقت چام هالي، "سڪيري" نالي پنهنجي خاص خدمتگار کي ٻاگهي سان گڏ موڪليو هو. ٻاگهي جي شادي کان پوءِ ٻاڻس هوٿي کيس ملڻ ايندو هو، تنهن هڪ ڏينهن همير جي ڌي "جيجڙي" کي ڏٺو ۽ پنهنجي پيءُ چام هالي کي چيائين ته سون کي جيجڙي جو سڱ وٺي ڏي. چام هالي، همير کان سڱ گهريو، پر همير انڪار ڪيو. پوءِ ٻاگهي همير کي ٻار ٻار چوڻ لڳي، جنهن تي همير ڪاوڙجي، ٻاگهي کي ڪوٽ مان ڪڍائي ڇڏيو. هيءَ مائي مرداني هئي، سا مائٽين موٽي ڪانه وئي پر پنهنجي خادم سڪيري کي ساڻ ڪري، شهر کان ٻاهر ڪنهن آباد اراضي ۾ وڃي جدا حويلي ٺاهي ويٺي. همير جا ماڻهو کيس اتي به ستائڻ لڳا، جن سان سڪيرو ميامهون ٿيو پر کيس مازيءَ وڌائون. انهيءَ تي ٻاگهي پنهنجي پيءُ ڏانهن پيغام موڪليو ته: آءٌ ڪوٽ کان ٻاهر نڪتي ويٺي آهيان ۽ "سڪيرو" به مارجي ويو آهي:

ڀـل ٻاڀل ٻانهو مٿو، هٿو موان سڙمان رو ڀڻ
هيرڀي رتاس ڏندڙا، هـوس ڪاتي سـونـو ڳڻ
مولهيو موتين چانئيو، هـوس ڀڙ ڀڙ ڀـوت موتين

انهيءَ تي چام هالي جا ڀٽ هوتي، علي، ڀلي ۽ ٻيا لشڪر ڪري چڙهيا:

ڀـلـي ٻاٿي نہ ڀٿي، عـلـي آن نہ ڳاءِ
هميراڻي ڪوٽ سان، جان جان جنگ نہ ڪياءِ

انهيءَ جنگ ۾ فتح چام هالي جي طرف جي ٿي، همير مارجي ويو ۽ سومرن جي حڪومت جي پڄاڻي ٿي. چام هالي جو ڀٽ هوتي، ڀڻ هن جنگ ۾ مارجي ويو، جنهن تي ٻاگهي پار ڪڍيو تہ:

هوتي جي ڦٽي ڪي هو ڳيور ڳيور ڳٺل
سڀ مرڻ سومرا، توءِ ڪونهي ڦٽي - ٿٺل.

صابر شر جي روايت

چام هالي جي ڌيءَ ٻاگهي همير سومري جي گهر ۾ هئي. ٻاگهي کي ٻانهون ٻہ ساڻ ڏنل هو. هالي جو ڀٽ هوتي، اڇي همير جي ڀيڻ جيجڙي تي چريو ٿيو. ٻاگهي کي چيائين تہ: جنهن ڪنهن نموني سان همير جي پلنگ تي سمهار. ٻاگهي سماريس ۽ پاڻ ويهي جيجڙي سان ڍاري راند ڪيائين. جيجڙي ان وقت هوتي کي ڏٺو ۽ کيس مٺيان لڳي. اڳ ۾ چام هالي هوتيءَ لاءِ جيجڙي جو سڱ گهريو هو، جنهن تان همير کي ڪاوڙ آئي ۽ چيائين تہ:

ساڻ هان سڌر سومرو، تون سمو سگر توڙ
ڦولي لهہ گهٽن ۾، وڃي جيس پنهنجو جوڙ.

جڏهن اها ڳالهه ڪُلي پئي ته، همير ڪي ٻاگهي تي ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس مائٽن ڏي موڪليائين. پر ٻاگهي چيو ته: آءٌ مائٽن موٽي ڪانه وينديس. پوءِ همير ٻاگهي کي ڪوٽ مان ڪڍي ڇڏيو ته هو ڪوٽ کان ٻري، ٻانهي ڪان ڇپر جوڙائي اتي وڃي رهي. ٻاگهي، ٻانهي کي چيو ته تون پاڻي ڇوڙ ته پني نڪر آباد ڪريون. ٻانهي پاڻي ڇڏيو. همير اتان اچي لنگهيو ۽ ٻانهي کي چيائين ته: ڇو منهنجي پني ۾ پاڻي ڇڏيو اٿئي؟ ٻانهي جواب ڏنو ته: منهنجي مائٽ جو حڪم آهي. انهي تي همير مٿس حملو ڪرايو ۽ ٻانهون وڙهندي مارجي ويو. انهي تي مائي ٻاگهي ٻار ڪڍيو:

ٻـَل ٻاٻل ٻانهون نه مري، سـَوان مـِٽـُڙسان رو ٻـَن
هيري رتـاس ڏنـدڙا، هوس ڪـاتيءَ سونو ڳـَن
مولهيو موتين ڇانئيو، هوس پـُٽر پـَٽر موتين پوت.

سومرين جڏهن اهو ٻار سـُڻو، تڏهن ڇوائي موڪليائونس ته: آڙي! ٻانهي لاءِ ايڏو ٻار ڪڍيو اٿئي، جي پٺهين هالو مٿو ته ڇا ڇوندئين؟ تڏهن ٻاگهي چيو ته: آن لاءِ ، سـِيو ڪنجهه ٻيو آهي:

آپ مـُٺـُرو، زمين جهانـُورَ ي، منجهه هالو مانداڻ (١)
هيڪا ڇـِڪي لـَڙ ڪري، دليپي خـراسـاڻ.

چار هالي ۽ سندس پـَٽـَن علي (٢)، ٻلي، هوتي ۽ ٻين کي سڄي خبر پئي ته ٻاگهي ڪوٽ کان ٻاهر نڪتي ويٺي آهي ۽ ٻانهون به مارجي ويو آهي، آتي سخن ڪري چڙهيا:

---

(١) ٻي پڙهڻي: آپ مـُٺ، زمين مائي، منجهه هالو آ مانداڻ.
(٢) ڪن روايتن موجب علي، چار هالي جي پٽن مان نه هو.

عـلـي آن نـہ ڪـاءِ ٻـلـي ڀـائي نـہ ڀيٺي
هميرائي ڪوٽ سان جان جنگ نہ ڪياءِ.

---

۱. ڄـُوڻو، ڄـهو، جـکـرو، هـوتي، هگورو
ٻـلـي ڀـائـي نـہ ڀـٺـي، ڏمـريـو ڏيـرو
اتي ڏيون ديرو، جتي ٻاگهي لـڏو ميهڻو.
۲. هـوتي چـوڙي ڪنـڌيـون، هگورو دربار
جيجا ڪوٽ نهار، تہ ٻاگهي ٻائڙن جا ڪيي.

مائي ٻاگهي چيو تہ: سومرا گهڻا آهن، نہ چڙهو. ڀلا جي وڃو تہ اهو جوان وٺي وڃو جنهن جي ڏاڙهي ۾ ڦٽي نہ اٽڪيءَ. پانيائين تہ هوتي نہ وڃي. هوتي لوهي ڦٽي ڄاڙي ۾ زور سان هڻي اٽڪائي، تڏهن جنگ تي چڙهڻ جي موڪل مليس.
نيٺ جنگ لڳي تہ ٻاگهي ۽ جيجڙي اچي ندي جي ڪناري تي ويٺيون. پٽ ۽ ڪتا پاڻي ۾ اڇلايائون ۽ چيائون تہ جي پٽ ٻڏو تہ سومرا ماريا ۽ جي ڪتا ٻڏا تہ سما ماريا. ڏٺائون تہ پٽ وڃي پيو ٻڏندو ۽ ڪتا پيا تَرن. پوءِ سومرا مارجي ويا ۽ هوتي، جيجڙي پرڻيو، جنهن سان ڄام جکرو ڄائو.

محمد فقير مگنهار جي روايت (۱)

هالي جي ڌي ٻاگهي همير پرڻيو. هالي پنهنجو ڀانهون پير نالي ٻاگهي کي ڏاج ۾ ڏنو ۽ ان سان گڏ موڪلي ڏنو. ٻاگهي سان پيا ڪاريگر بہ آيا. انهن جي واڪاڻ سبب ٻاگهيءَ جي بہ واڪاڻ ٿي، جيڪا سومرا سهي نہ سگهيا. انهيءَ تي ٻاگهي کي همير طرفان ڏهاڳ مليو. ٻاگهي اها خبر پنهنجي ڀانهي پير هٿان سمن ڏانهن تي موڪلي، جو ڀانهي کي همير ماراڻي ڇڏيو. انهي تي ٻاگهي ٻار ڪڍيو تہ:

---

(۱) هيءَ روايت محمد فقير مگنهار جي زباني، ڏيپلي واڙي ڪڇهري تاريخ ۲۱- آگسٽ ۱۹۵۳ع ۾ قلمبند ڪئي ويئي.

ور ٻاٻل! ٻانهو مٺو، آڏين سمونڊين ٻن
سون ڪٽوري پيئندو هو، جنهن جي ڪاتي سونو ڳن

انهيءَ تي چياءُونس ته هيءُ جو ٻار ٻه ڪيڏي ٻار ڪيڏيائين ته:

ترِ گَجي، آيِ مَنڌِيءَ، سون ٻاٻو مهراڻ
ايڪ ڏوهن سي گيهه ڪيڏي، سون ٻاٻل دِلي خرِساڻ (١)

هالي کي ست پٽ هئا، جن همير جي ڏينهن ۾ ئي ساموئي کي آباد ڪيو: (١) جيهو، جنهن مان جيهيجا ٿيا (٢) جتوئو، جنهن مان جوئيجا ٿيا (٣) جکرو، جنهن مان جکرا ٿيا (٤) هوٿي (٥) هگورو، جنهن مان هگورجا ٿيا (٦) ٻلي ۽ (٧) ڏيرو. انهن ڏيءَ ٻاگهي ٿيس.

پوءِ جي مارجڻ تي هالي جا سڀ پٽ چڙهيا. هگورو اڃي ٽڪرن ۾ ويو. پوءِ ٻيا آيا جن اچي همير کي قيد ڪيو ۽ نيٺ ماريائونس. موٽيا پئي ته آڏو هگوري جو لشڪر گڏين. اتي هڪڙو فقير هو تنهن هگوري کي چيو ته:

آ هگورل ٻوچڙيارا، توکي پئي ڪاج سنڌا (٢)
ٺٽي ماريا سومرا، توکان ٿر ڪوڏيا مٺا.

يعني: "ٺٽي" جي شهر ۾ سومرا مارجي ويا، باقي ٿر وارن کي تو ماريو.

آ هگورل ٻوچڙيارا، اڄ گهرجين هيت
سومرن ساري سماءِ ڪنترن ٻريا رت.

انهي تي هگوري کي غصو آيو. تڏهن فقير بيت واريو ته:

هوءَ پوڻ، هوءَ ٻاٻڙي، هوءَ هگورل چار
ڦاٽيءَ سچ رت وهي، تون ڏوهه ڏمر ڏار.

---

(١) ڏوهن=مک. (٢) ٻوچڙيارا=ٻوٽي رهندڙ؛ سنڌا=مريا.

يعني تہ: تنهنجي ڀائرن جي فتح آهي، انهي ڪري غصي جو ضرور ڪونهي. پوءِ ڀڄي هوٿي ڪي ڏنائون.

طالب فقير ڀان جي روايت

هالي ۽ همير هرڻ ماريو. پنهي مان هرهڪ چيو تہ: هرڻ منهنجي ملڪ جو آهي. انهي تي هالي چيو تہ: جي هرڻ جي پيٽ مان مگ نڪتا تہ هرڻ منهنجي بادشاهي جو، ۽ جي جَوَ نڪتا تہ تنهنجو. سومرن طرف جَوَ ٿيندا هئا. هرڻ ڪٽائون تہ ان جي پيٽ مان جَوَ نڪتا. انهي تي همير سومري، چام هالي کان مگ گهريو. چام هالي مگ تہ ڏنو پر آهہ نڪري ويس، تڏهن همير چيس تہ: آءٌ توکي پنهنجي ڌيءُ ٿو ڏيان. چام هالي چيو تہ: جي تون مون کي مگ ٿو ڏين تہ آءٌ بہ مسلمان ٿو ٿيان. پوءِ ڪڇ جي بزرگ محمد شاهہ (ولد اسماعيل شاهہ) مسلمان ڪيس.

درگاهي فقير ميراثي جي روايت(۱)

گجر مينهن سومرن جي ۽ گجر مينهن سمن جي گم ٿي وئي. پٺي طرف ڳولڻ نڪتا. چام هالي جا ڀٽ ڳوليندي ڳوليندي ڀري نڪري ويا. پويان همير سومرو پنهنجي لشڪر سان ڳوليندي اچي پهتو. ان کان اڳ گجر مينهن، هالي جي وٿاڻ تي آئي. همير چيو منهنجي، هالي چيو تہ منهنجي.

جهيڙو وڌي ويو ۽ آخرڪار جهيڙي ٽارڻ لاءِ ائين ايبريائون تہ ڪڻون ٿا، پوءِ جنهن جي پٽ جو گاهہ

(۱) هي روايت اسان درگاهي فقير ميراثي جي زباني، ميرپور ماٿيلي ۾ ۲۱-۲۲ جون ۱۹۷۵ع تي مرحوم جيوڻ خان ڀٽاڻي جي قائم ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي، ۽ هن کان اڳ مرتب ڪيل ڪتاب "سومرن جو دؤر" (ڇپيل ۱۹۸۰ع) ۾ پڻ آيل آهي.

پيٽان لڪتو مينهن انهيءَ جي ٻئي ۽ ٻي ڌر ڏن پرينديءَ. مينهن ڪٽائون ته گاهه هميرجي پٽ جو نڪتو. همير انهيءَ ڏن ۾ هاليءَ تي سگ رکيو ۽ هالي پنهنجي ڌيءَ پاڳهي هميرکي ڏيڻي ڪئي. پر چيائين ته: هينئر ٿي پرڻجي وڃ. منهنجا پٽ ايندا ته مامرو ڪندا. همير چيو ته: ”اهي ميرڙا ڪوجهڙا ڇا ڪندا! آءٌ سنهري اچي شادي ڪندس.“ پوءِ جڏهن هميرچڙهي آيو ته چام هالي جي پٽن مقابلو ڪيو ۽ جنگ لڳي.

چون ٿا ته وڏيڪ صحيح ائين آهي ته همير بادشاهه هالي جي ڌيءَ سان شادي ڪري ويو. جنگ ان کان پوءِ لڳي. چام هاليءَ جا آٺ پٽ هئا: ڏيرو، پلي، جکرو، هوٿي، هگورو، جيهو، جنوٽو ۽ علي.. اهي سڀ وڏي بهادري سان وڙهيا. ان کان اڳ جوٺي ڪي هميرپنهنجي ڌيءَ ڏني هئي ته جيئن صلح ٿئي، پر صلح پوءِ ۾ ڪو نه ٿيو. چام هاليءَ جي پٽن کي پوءِ سندس مڱڻهارن فقيرن ڳايو.

- پهريون پٽ هاليءَ جو، پلي نانءُ پهلوان
  فتح جنهن جي منهن ۾، جنهن وٽ آهي سڀ سامان
  شير وڏايس شان، شرا ٻڌي گهر آئيو.

يعني ته پلي پڳ ٻڌي هئي.

- ٻيو پٽ هاليءَ جو، ڏيرو نانءُ سلطان
  ورنهه رهي نه وير-ري در ستي ڏيلان
  سلهائي ميدان، جنهن سئين ماريا سومرا.
- ٽيون پٽ هاليءَ چام جو، جکري نانءُ وريام
  جنهن وٽ پيڙو جنگ جو، ستي سير ڪيمام
  مڙيو ڪين مدام، آيو طرّيلو تري ترار تي (١)

(١) تري (تَ جي زبر توڙي پيش سان) پڙهبو ته صحيح ٿيندو.

● چوٿون پٽ هالي چام جو، هوتيي نانءَ راوت
ترسيو ڪين ترار ڪؤن، آيو پٽيل ڪري پرت
مانجهي مڳ متير جنهن منهن متي مستڪ
هڻي هوتي هٿ، سٽ سؤ ماريا سومرا.

● پنجون پٽ هالي چام جو، هگورو نانءَ امراءِ
ڏوسهي منجهه دشمن، ڪري غنيم سڀ گمراهه
هو بهادر بي پرواهه، جنهن ڪيو غار غنيم کي.

● ڇهون پٽ چام آرڻ، هيلهيان حملا ور
سوڪ مناري مصريون، سهس نيواڻي نر
ڪچ ڪاڙي لشڪر، آيو دولهه ديري ڀانهنجي.

● ستون پٽ هالي چام جو جتوٽو نانءَ اڙٻنگ
سهيٺو لکو مڙد کي، چڙهيو ترت سنپاري تنگ
ورنهه وجهي ونگ، ڪڏائين سڱ همير ڪؤن.

● اٺون پٽ هالي چام جو علي نانءَ تروار
سهايائين سومرن کي ڪيائين جنگ جهونجهار
آئي چاڙهيائين پٽ تي ڏهه چليون هڪ هزار (١)
پوءِ تهڏل سان تڪرار، سرمي تنهن سالار ڪئي.

اها جنگ سنگرار ڪار طرف لڳي.

---

(١) آئي=آٿي.

باب ڏهون

ارغونن ـ ترخانن جو دؤر

مريد خان بلوچ جو مرزا محمد صالح ترخان کي مارڻ

مرزا شاهه حسن ارغون جي وفات بعد، سنڌ جي هيٺين حصي جو حڪمران مرزا عيسيٰ ترخان ٿيو. ٿٽو سندس گادي جو هنڌ هو. هو پاڻ مدبر هو، پر سندس چار پٽ - مرزا محمد صالح، مرزا محمد باقي، مرزا جان بابا ۽ مرزا غالب - جڏهن وڏا ٿيا ته وڏيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. مرزا محمد صالح چوڻ لڳو ته: "ڪڏهن اڪبر بادشاهه شڪار تي چڙهيو ۽ شڪارگاهه ۾ هوندو ته ڪيس جهلي هٿ وٺي ايندس."
مرزا محمد صالح پوءِ پنهنجن ڀائرن محمد باقي ۽ جان بابا کي ڏنجهه ڏيئي ٺٽي مان ڀڄائي ڇڏيو، ۽ پنهنجي پوڙهي پيءُ کي بلڪل بيوس ڪري پاڻ وڏي هٿ ۽ زور سان حڪمراني ڪرڻ لڳو.

ارغونن - ترخانن کان اڳ سمن جي دؤر کان وٺي سنڌ جي قبيلن مان جيڪي ڪجهه طاقتور قبيلا هئا ۽ ساڳئي وقت ارغونن - ترخانن جي خلاف هئا، تن مان بلوچن کي ڪافي اهميت هئي، ڇاڪاڻ جو فوجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سپهه سالار دريا خان، جن بلوچ قبيلن کي ٺٽي جي آسپاس وسايو هو، انهن مان "لاشاري" ۽ "ڪلمتي" قبيلا خاص نالي وارا هئا ۽ ڄام نظام الدين جي فوج ۾ کين وڏي اهميت هئي. عام مشهور زباني روايت ائين آهي ته مرزا محمد صالح پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ واري گمان هيٺ بلوچن مان شادي ڪرڻ جو خيال ڪيو ۽ "ڪلمتين" جي

”رَجيري“ قبيلي کان سگ گهرايائين. جڏهن هنن انڪار ڪيو ته هن انهن تي قيد و بند جون سختيون شروع ڪيون. اُن وقت ڪلمتين جو سردار مير مريد خان رجيرو گجرات طرف ويل هو، ان کي جڏهن خبر پهتي ته يڪدم سنڌ موٽي آيو ۽ سچو احوال معلوم ڪري، قول ڪيائين ته: ”جيستائين مرزا صالح کي نه ماريندس، تيستائين پٽڪو نه ٻڌندس.“ سندس قول اڄا تائين هن طرح مشهور آهي ته:

گهگهيلي جي گار تان، ڪريان ڪناري گها
مرزا صالح ماريان، پيي نه ڪريان ڪا.

پوءِ هن مڙس اهو پنهنجو قول پورو ڪيو ۽ ٺٽي ۾ اچي، مرزا صالح کي ماريائين. اهو ڇنڇر جو ڏينهن، تاريخ ۲۳(؟) شعبان، سنه ۹۷۰ (نو سؤ ستر هجري) هئو جو مرزا صالح کي ماريائين. مڪليءَ ۾ مرزا صالح جي قبر تي اها ئي تاريخ لکيل آهي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهي ته:

”در تاريخ روز شنبه بيست (؟) و سيوم ماه شعبان
۹۷۰هه زخم ڪاري خورده وفات يافت“

سنڌ جي تاريخ ۾ اهو واقعو مشهور آهي. مير معصوم پنهنجي ”تاريخ سنڌ“ ۾، مير طاهر محمد نسياني پنهنجي ”ٺٽي شهر جي تاريخ“ يا ”تاريخ طاهري“ ۾ ۽ سيد جمال ”ترخان نامه“ ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. مير معصوم لکيو آهي ته: ”مرزا صالح، مريد تالي بلوچ جي هٿان، جنهن جي پيءُ کي هن مارايو هو، شهيد ٿيو“. سيد جمال لکيو آهي ته: ”مرزا صالح، مريد بلوچ جي عيال ۽ قبيلي کي ڏاڙي جي سازش ۾ قتل ڪري ڇڏيو هو. پوءِ مريد بلوچ، درخواست ڏيڻ جي بهاني سان رستي تي ٿي بيٺو. مرزا صالح جيڪو پريان چڙهيو پيو آيو، تنهن ڪيس ڏسي سڏيو ۽ پاڻ به هيٺ لٿو ته سندس درخواست وٺي. ان وقت مريد، پنهنجو خنجر سندس سيني ۾ هنيو ۽ مرزا کي قتل ڪري ڇڏيائين.“

مير طاهر محمد پنهنجي ”تاريخ طاهري“ ۾ هي واقعو وڏيڪ تفصيل سان (مرزا صالح جي پاڻُني مرزا مظفر جيءَ زباني) هن طرح لکيو آهي ته:

مريد جت بلوچ، پنهنجي عزيزن جي وير وٺڻ لاءِ، جن تي مرزا صالح حملو ڪري کين قيد ڪيو هو، پنهنجي قوم قبيلي ۾ دعويٰ سان اهو قول ڪيو ته ”جيستائين پري ڪچهريءَ ۾ سڀني جي اکين آڏو مرزا کي نه مارينديس، تيستائين تائين مٿي تي پڳڪو نه ٻڌنديس.“ انهيءَ ارادي سان، پوءِ هو صحرا مان شهر ٺٽي ۾ آيو. اتي هو چرين وانگي گهٽي بازار ۾ پنهنجي خنجر کي هر دڪان تي تکو ڪري پيو چمڪائي ۽ چئي ته: ”هان! اي خنجر، ڪم ڪندين يا نه؟ هان! اي دل، تون به مضبوط ۽ وڏيڪ دلير ٿيءُ، بي دلي نه ڪري، همت نه هارجانءِ، جو تنهنجي آسري تي ٿي اهڙو ڏکيو ۽ گهرو بار مجلس ماري ۾ کنيم!“ شهر جا سپاهي ۽ پيادا ننڍا وڏا سندس اها وائي ٻڌي ان کي ٻڪواس سمجهڻ لڳا. شهر جا ٻارڙا به تماشي طور سندس پٺيان اهي ساڳيا لفظ پئي چوندا ويا. سڀني ائين پئي ڀانيو ته هي ڪو چريو ديوانو آهي، مگر کين ڪهڙي خبر ته ڪو هي ديوانو پنهنجي ڪم تي پورو هوشيار آهي! تان جو هن وجهه ورتي، پنهنجي ڪم پوري ڪرڻ لاءِ موقعو تاڙيو. جڏهن مرزا صالح سوار ٿي، پنهنجي محل ڏانهن ٿي ويو تڏهن خنجر ڪاغذ ۾ ويڙهي، عريضي طور جهلي، ”داد فرياد! داد فرياد!“ پڪارڻ لڳو. ان تي جڏهن پيادا سپاهي ڪانئس ڪاغذ وٺڻ لاءِ ڊوڙي وٽس پهتا ته انهن کي ته ڏنائين ۽ چيائين ته: ”آءٌ پاڻ مرزا کي ڏينديس ۽ زباني به عرض ڪنديس.“ مرزا عالي دماغ هو، پر اجل جو آيس، سو پنهنجي قاتل کي پاڻ پنهنجي طرف

ٻڌايائين تہ ٻڪ ويجهو اچي ۽ پنهنجو حال بيان ڪري. هو جڏهن ويجهو ٿيو، تڏهن خنجر ڪاغذ مان ڪڍي، اندر مان وڌي آهہ مان رڙ ڪري، انهيءَ ويہ واري غصي مان خنجر اهڙو تہ زور مان مرزا جي پيٽ ۾ هنيائين جو سندس آنڊا ٽڙڪي ٻڌڻ لڳا ۽ صبح جو جيڪا آش (آچ يا ٻڙي رب) پي آيو هو، سا هيٺ زمين تي هارجي وئي. تڏهن هن مرداني مڙس ڪي، جيڪو ويہ وارينڊڙ مڙسن مان هو، مرزا جي ماٿهن ذرا ڦوندا ڪري آڏائي ڇڏيو.

باب چوٿون

مغلن جو دؤر

١. آنڙپور واري جنگ

عبدالڪريم ”تراب“ جو چيل نظم*

اڪبر بادشاھہ ملتان ۾ منزل انداز ٿيو تہ ٻيا سڀ صوبا سنڌ سوا سلامي تي ويا، پر ٺٽي جو حڪمران مرزا جاني بيگ نہ ويو. تنھن تي اڪبر بادشاھہ، خان خانان کي ٺٽي تي ڪاھہ جو حڪم ڏنو. مرزا جاني بيگ بہ لشڪر وٺي خان خانان سان آنڙپور وٽ اچي سامھون ٿيو. مرزا جاني بيگ اعلان ڪيو تہ جيڪو سورھيہ دشمن جو سِرُ آڻيندو، تنھن کي انعام ملندو. انھيءَ اعلان تي تمام سخت جنگ لڳي. ٻنھي طرفن جا ھزارين سپاھي مارجي ويا، ليڪن فتح ۽ شڪست جو ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪتو.

ٻئي ڏينھن وري جڏھن لشڪر ھڪٻئي جي سامھون آيو، تڏھن تجربيڪار خان خانان ٻھريائين توفن سان حملو ڪيو، پوءِ ھاٿين جي قطار سنڌ جي لشڪر تي چاڙھي ۽ ان جي پويان سوارن ۽ پيادن سان حملو ڪيو. مغلن وٽ نہ فقط ھٿيار ۽ بارود بي انداز ھئا، پر سائن لشڪر بہ ڪاٽيئي کان ٻاھر ھو. نتيجو اھو نڪتو، جو سنڌ جو سورو سپاھہ مارجي ويو، تڏھن مرزا جاني بيگ صلح جو جھنڊو ڏيکاري، خان خانان جي آڏو پيش پيو.

---

* ھي نظم ماستر محمد صديق ڏھوٽ، وينل جھڳ سوري تعلقي حيدرآباد کان مليو. عبدالڪريم ”تراب“ پرائمري اُستاد ھو ۽ ١٩٣٦ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ٻھرئين سال جو شاگرد ھو.

جنگناما

خان خانان، مرزا جاني بيگ کي وٽي اڪبري دربار ۾ پيش ڪيو، پر آتي مرزا جاني بيگ جي بهادريءَ جي اهڙي تعريف ڪيائين، جو اڪبر بادشاه، سندس خطا معاف ڪري، کيس سڄي سنڌ جو صوبو مقرر ڪيو. ليڪن مرزا جاني بيگ اهو منظور نه ڪيو ۽ پنهنجي پٽ مرزا غازي بيگ جي لاءِ سفارش ڪيائين. سندس اهو عرض قبول پيو ۽ مرزا غازي بيگ سنڌ جو صوبو مقرر ٿيو.

آنڊپور واري انهيءَ جنگ جو احوال عبدالڪريم "تراب" پنهنجي نظم ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

شهنشه هندستان جو عالي تبار
وڏي شان اڪبر هئو تاجدار
سندس طرف کان خان خانان جوان
بکر منجهه صوبو هو سو حڪمران.
ٺٽي ۾ پيو مختار سلطان هو
حڪمران جاني بيگ ترخان هو.
اچي پهتو ملتان ۾ اعظم مغل
نه مرزا ويو تنهن وٽ سلامي مثل
حڪم خان خانان کي ٿيو جلد تر
ته مغرور مرزا سان تون جنگ ڪر.
وڏي فوج ٻيڙين ۾ ٿي ويٺي تيار
ترارين تفنگ توف پڻ بيشمار
ٻئي مرد غازي مسليا راهه ۾
ڏنئون چوٽ ٻيڙين تي درياهه ۾
ڦٽيا ڪي مٿا، ڪي لڙهيا آب ۾
بچيل سڀ هئا قصد ۽ تاب ۾
نتيجو نه ٿيو ڪهڙو فاتح ٿيو
دگر بار لشڪر سيڪيءَ تي چڙهيو.

وڏي جوش سان مرد مرزا دلير
ڪيو اعلان هي عام تنهن مرد شير:
”آڻي سِرُ جو دشمن جو انجام آ
تہ پنجاھ گبرن تنهن انعام آ“

تنيهين مٿلهہ ٿئي ٿو هزارين هزار
وطن دوست بيشڪ هئو جوشدار
چٽاييٽ چوٽون ڪندي عام جنگ
سنڀيندي ڪٽيندي ترارو تُفنگ

اچي مٿنهن ۾ ميدان آنڙ پور وينو
جتي نيٺ قسمت جو فيصلو ٿيو.
ڪيائون سڄي رات ٿي انتظار
سڪيا خون لئي تن تفنگ و ترار.

وڏي صبح جو سپ تياري ٿي
۽ طرفين ۾ بيقراري ٿي
جاني بيگ سنڌڙي جي سلطان سان
هئا سنڌي ۽ ترخان ٽُومان سان

هزارين تفنگ اسپ هئا بيڪران
قطارون ٻڌائي ڪنيائين نيشان
عَلم تنهن جو اعليٰ هو جنسار سان
سڄو سُرخ جهوليو ٿي جهمڪار سان

تَرارين تجلا ڏنا برق جيان
ڏسي سان ڏڪيا ٻزدلن جا هيان
چڙهيو گهوٽ گهوڙي ٻه دستار لال
وڏي جوش جولان جابر جلال

مغل مرد اڪبر جي سالار کي
تجربو هيو خان سردار کي

هٿا آزمودي سان افسر ڪثير
وڏا فيل فوجون، ٻلي! بينظير

مدد ٿي ملي مرد غازي کي جام
خزانو ۽ باروت لشڪر هشام

سڄي فوج قائم مغل مرد ڪئي
ٿيا سامهون سورهيه صفن ۾ ٻئي

رکيل منهن ۾ توبون اول اڪبري
ٻئيان فيل پوءِ هٿا مرد لشڪري

ڪئين راجپوتي هٿا افسر جوان
پٺاڻ ۽ مغل ۽ ترڪ سڀ پهلوان

علم سبز سونو بلند بي نظير
وڳا ٿي بگل فوج ۾ ڪئين ڪثير

حصو فوج جو خان خانيان امير
پڪيڙي ڇڏيو چوطرف راهگير

هٿئي تي اچي اٽڪيا پهلوان
ٻنهي طرف وارن جا سورهيه جوان

جٽبي جوان ويا پاڻ ۾ جوشدار
ڏسي هوند بيهوش ٿئي هوشدار

ڦوهارا ڇٽا خون جا هر طرف
بڻيا مرد غازي ها تيرن هدف

سڄو سرخ ميدان ٿيو خون سان
ڪٽا ٿي ڪئين جوان هڪ ٻئي هٿان

ويو عرش لتجي ۽ غوغا ٿيو
ڪهين کي پتو ڪين ڏي آت ٿيو

دليريءَ سان مرزا ڪئي جنگ واهه
مگر ٿي گهٽي فوج تنهن جي تباهه

وڪوڙي ويئي فوج تنهن اڪبري
نہ ڪئي بيوفا بخت تنهن ياوري
گهڻا شير نر جوش جولان ڪيا
مگر سڀئي بيسود افراد ٿيا
ٿي قتلام ڪئين مرد سردار ويس
ٿيا زخمي ڪئين ڪي پڇي ڏار ٿيس
اچي زور زخمن ڏنو وير ٿي
هٽائي سگهيو ڪين تقدير کي
ڏسي واهہ ٻي نہ گهريائين امان
ڪيائين بلند سبز مصلح نشان.

امن ٿيو، اچي پيش مرزا پيو
بلي قدر تنهن خان خانان ڪيو
چڙي تاب ترخان ويو پيش شاهہ
سلامي ٿيو لاهي اسلح ڪلاهہ
جنهين بخت خورشيد تنهن سان پيلا
پڇن ڪيئن؟ فانوس ٻي حوصلا
سفارش ڪئي خان خانان منير
ته بيشڪ مرد مرزا آ بي نظير
بهادر سو عالم ۽ قابل امير
غريب نواز آهہ لائق ڪبير
پڌي شاهي شفقت آئي جوش ۾
نوازيئين تنهن سرور ڪري هوش ۾
سڄي سنڌ جو مير صوبو ٿيو
و ليڪن نہ مرزا هي منظور ڪيو
غازي بيگ فرزند تنهن جو صغير
سفارش سان تنهن جي ٿيو آ امير

چي : ”ڪنهن تان جو قسمت جو پاڇو لهي
آهو زير ڪيئن بخت ٻڌي جي رهي
خدا جي سوا يادگيري ڪري
نہ عفت جي سو انتظار ڪري.“
انهيءَ بعد اٺ سال هو سو حيات
تهان پوءِ ٿيو مرد اهل ممات
زمانو سچو هي آهي مثل خواب
رهي ڪون ڪو هت هميشہ ”تراب“.

---

٢. مغلن ۽ چنن جي جنگ*

چنا، جن جا ٻيا وڏا ڀائر ڀاڙا، سوڙا، ٻدوا، لييا ۽ ٻرام هئا، تن جي ڪاڇي ۾ حڪومت هئي. مغلن جي لشڪر، جيڪو دهليءَ مان چڙهيو هو، مٿن چڙهائي ڪئي. ان وقت راءِ ڪنوچ جو گهراڻو حڪمران هو، جنهن مان گاديءَ تي راءِ ارجڻ هو. جڏهن مغلن حملو ڪيو تڏهن راءِ ارجڻ پنهنجو سپاهه گڏ ڪيو. ٻرام ڀاڙي مان ڦٽرو ٻراماڻي وڏو سورهيه هو، پر اهو ان وقت ٻاهر ويل هو. ارجڻ تڏهن ڦٽري ڏانهن پنهنجا خاص ايلچي موڪليا، پر آهي ڦٽري کي ملي ۽ سگهيا ۽ موٽي آيا. مغلن ارجڻ جي قلعي تي حملو ڪيو. قلعي جي ديوار ڀڃي پئي. ارجڻ هارايو ۽ مارجي ويو. تڏهن مغل ڀيڻ سان گڏ ڦٽري جي سڳي ۽ مانيجي ماءُ کي ٻه ٻانهن ڪري وٺي ويا. جڏهن مغلن جو لشڪر روانو ٿيو ته ڦٽرو ۽ پنهنجن پنجاهه ساٿين سان اچي پهتو. پوءِ هن وچي جبل جو گهٽ جهليو، ۽ مغلن جي سپاهه کي مارياٺون. مغلن جي سپهه سالار جي گهوڙي کي ترار لڳي ۽ گهوڙو ٻه اڌ ٿيو. اهڙي حالت ۾ مغلن جو لشڪر هٽيو ۽ ڦٽري پنهنجي ماءُ مانيجي ماءُ ۽ ڀيڻ کي ڇڏايو. چنن جي هن گهراڻي چوراسي ورهيه حڪومت ڪئي هئي، پر هن حملي کان اڳ هٿنن جو پاڻ ۾ نفاق ٿيو ۽ سندن ڪمزوري سببان مغلن جي لشڪر مٿن حملو ڪيو ۽ سندن حڪومت جي پڄاڻي ٿي.

* آڳاٽي لکيل هڪ قلمي ذخيري تان ورتل.

چنــا، مــوڙا، بَـدوا، لـيـبـا ۽ بـدام (۱)
لـيـو، هـاراٺـا ۽ـريـون، حـيـدر ڪـاچـي چـام

—

پر ڪـاچـڙي ڪـنڌئين، آهـن جـي آمـوت (۲)
ڪَچو لـڳي نـ ڪـنوارئين، سـنـدن چـنَن ڪـوٽ

—

ڪـونـشـرا ڪـنـڌ ورايـو تـون ڪٿين تـو پـساه
هٿـين جـو ويـر وٺـي، مـاء تـٺـون ڳـيـلا لاه

—

پـلاه جـهـڙي پـدمـڻـي، حاضر حقـي جـي هـوءِ
ريڙهي وجهانس پيٽ ۾، مَر پـيـٽ ڦـاٽـي هـوءِ

—

هـاٿـي هـن ڳـرانـدڙي، هـڙ ٺـاٺـو نـہ هـوءِ (۳)
اٿـي سـؤا ٽـڪـِ پڇنديٺي توکي مهٺا ڏيندوءِ (۴)

—

وجـي ايـنـو (سـنـدي لـتـاڙي) لـوڙهـي (۵)
دانهيٺن ڏنـي دانـهـڙي، راءِ ڪـنـوچ ڪـري
(ميهي پر سپ) چيرو ڏيو، پيو وٽيو بـنـد وجـي (۶)

—

......................، سـنـڌ دلـيءَ بـادشـاه
ڪيائين مصلحت مـن ۾، ڪـوٺـايـائـيـن پـاءَ (۷)

—

(۱) اصل ۔ ائين ۔ (۲) اصل ۔ موت ۔ (۳) ”گهرالدڙي“ بہ پڙهي سگهجي ٿو.
(۴) اصل ۔ راءِ ۔ (۵) ڏنگين ۾ ڏنل لفظ صاف نا هن. ’لتاڙي‘ ’اشاري‘
بہ ٿي سگهي ٿو. (٦) ’چيرو‘ کي ’جيترو‘ بہ پڙهي سگهجي ٿو.
(۷) ٿي سگهي ٿو تہ اصل ۾ اهو لفظ ’پاءَ‘ يا ’سپاه‘ هجي.

....(۱)

ٻڍامائي ٻنرو چاڙهي مڱنج امير (۲)

—

سو ٻڍامائي ٻنري ته ايلچي هلائي
ٻڍامائي ٻنرو ڪنهن ٻر ڪِبالهائي

—

.... ۽ ٻڍامائين ايلچي آيو
ٻڍامائي ٻنري تان نه ٻچايو سو

—

پچاڙا ڪيندين چاڪرين مون کي تيرهن روز ٽيام (۳)
نيئي گڏئي مين ٻنري، ماڻهو ڪونه مليام

—

سندو .... سولت مگي مال
ڏياري موڪل ٻڻرا نه ته وڙهندءِ ......

—

....
....

—

ٻر وڙهه ته لهي مامرو، مڱتي سوپ نه هوءِ
سينڌان ۽ دليءِ ٻادشاه، تو جو مال ڪنوءِ

—

(۱) هت اصل ۾ ڪا ست هئي جا لکندڙ کي وسري وئي. (۲) ٻهريان لفظ جڻ ته "بد ائن". (۳) اصل ’چاڪري‘، ٻهريون لفظ ’پچاڙا‘ ٻه صاف ڪونهي.

لڳيءَ ٻيو سڌ ٿيو اڇي ٻوڙين ٻهارين (١)
ڪنهن ڪنهن ڪي نہ ڇڏيو، اڇي ڀلائيو ڀرئين (٢)

—

ڀڪي ماني هٿ ۾ ٿي ڪاڇي وچ ڀلاڻ
دليءَ ڏٺيءَ ڀلائيو وڃي آڪرئين سلطان

—

دليان ٿي ڏوم ٿي، اڇي ڏريا مٿي ڏٺ
ڀائي ڀخيالن ۾، هاٿين اوڀر هٿ
ڪاڇي ڀنهين ڪنڌين صبح ڏيندا سٽ

—

ڀڪو ماس ڀل سرؤ، ڇنن تازا ڪير
ڏيو ڏيهون ماڻ جيئن، جيڪي موٽي هليا مير

—

راهن ٽانگهون لڏيون، اڇي ڪروڙيا ڪنگهار
زائيون سڪن آن لئي، ٿيون موتي ڇپن هار
ڳالهيون ڳڙهہ ڳيڙهو ڪري، آئين مير ۾ وچو ڏار

—

چانڊڪ نانگ نيٺون نڳيا، مونکي مينهان وسي رات (٣)
تيئن لڳم ڳيٺي ٻيئنر، مور ورائي ڳات

—

ٻيڙ سوڙهو، لوڏي گهٽان، ٿو ارجڻ لڳون ڏي
ٿو ڀيڙ ۾ ساري ڀنرو، ٿو واري منجهہ وڙهي (٤)

—

(١) ٻورين ٻن ڀهرين، ڏاڪ منجهند جو. (٢) شايد اصل پڙهڻي 'اڇي پلائڻو پرئين' = پرئين طرف وارا حملي ڪندڙ چڙهي آيا. (٣) اصل. 'چهاڪ نانگ نيٺو نڳيا'. (٤) اصل. 'ساويا ...... داري منجهہ دڙي'.

اڄ گهرجين هٿ، ٻڍاماڻي ٻنرا
متان پڳي پيٽ، ويرين وانءُ لائيون

—

اڄ گهرجين تون، ٻڍاماڻي ٻنرا
متان اچي مون، ويرين وانءُ لائيون

—

ٻڍاماڻي ٻنرا هٿ گهرجن اڄ
کوٽ مغلن ماريو، تنهن جي متان پڳي ڀڄ

—

ٻيئو آهيان ٻڙ ۾ آءٌ ٻـ، تنهنجي ڏها (١)
کوٽ مغلن ماريو تنهنجو سانجهر ٻيٺي سڀاء

—

سونهن کوٽ کلهن تي تنهن ارجڻ پاهيڙيون
ٻڍاماڻيون کنوچ گهر منهنجون لکئي نهوڙيون

—

کاچو ارجڻ چنام جو، ارجڻ کاچي جو چام
ڪُرُ آجاريتين اڳين جو، ستلايتين پنهنجو نام

—

جڻن نہ نيشون ٻڙو منهنجو تڻن نہ سڻون ماڳ
کورا.......... تا، مان چنان کندا چاڳ

—

... ... ٻلان
آءٌ ... ...

—

(١) اصل. ائين. ڏها=ڏاه (؟).

ڪنن ويڪڙ ڀڻيءَ، ڀالوڙا ڀيراس
ايڪ ڏهن ڪوڪڻين، گهوڙي رومي ماڻ منڊياس

—

ٻڌي ٽيون وچن ٻانَ ۾، تنهنجي منهنجي ماءُ
جي مان تن پيڙو ڪرئين، ته ٻي منهنجا گهاءُ

—

پنجاه ساٺ ڀڃري، ڀڙ ٽيهن چوٽ ڏنائين (١)
تنهن ۾ هڪ سو ٻنجن اڳرا مغل ماريائين

—

پنجاه ساٺ ڀڃري، ٻي جا ويڙهه ڏنائين (٢)
تنهن ۾ ٽڪو سو ٽون اڳرا پاڪڙو ماريائين

—

ڪاله چڏينديِ ڪاچڙو، آءُ ٻابل پانهاس (٣)
جن ٻولي ناهي ٻجهٽي، پاوا ٻڙ تني پياس (٤)

—

اڄي ڪانڌ پتنگيو، منهنجو وڃن واجهايو
ٻدامائي ٻڀري مون ڪي ڪاهي آمايو

—

گهوڙي مٿي گهوٽ، ڪيڻنڻ ٻسان ٽي ٻڀرو
اسان لکيو لوڙهيو، تون وڙ ٻاهون موٽ
راڄائي ڪي راٺيون گهٽيون، تو ري سڄو ڪوٽ

—

(١) اصل. ’چوٽ ڏني‘. (٢) اصل. ’ٻي جا ڏلئين ويڙ‘ (٣) اصل. ’چڏ يند ين‘؛ ’پانهاس‘ (٤) اصل. ’پياس‘.

تو ڪي پٽ پاتو ڏوڪثين، راڻي اننڊ نہ پاتو ماڳ(۱)
تان تان اڇهين نہ تني راڻي ڏولي چاڳ(۲)

—

بدامائي پنرا پٽ پال پتليتاس
بورگهوڙي سمند هلثي، سا نهي نہ ڪريثاس

—

مائيجي تو مينهثو سون کي پلي ڪري ڏنو
آءٌ ڪاهي سو مغل ماريان، وٺي جو هليو

—

بدامائي پنرا پٽ پانهن ونگثيان
وڙهي ورچي چڙيو، اهڙ پئين ڪهثين ڪنهثيان

—

آءٌ ڪاند ڪسوڻي پايان، ڪا هثدي هوڏ
جا وڙهندي ويرثين، سا ٿي اگن لوڏ

—

بدامائي پنرو جهلي پيثو سنڌ
وجهي مغل گهوڙو، ڪريو اڏواڏ(۳)

—

بدامائي پنرو جهلي پيثن لڪ
ماري مغل متاڪرا، تن جو پورو ڪيائين لڪ

—

(۱) اصل صورتخطي ۾ "پٽ" لفظ صاف ناهي. "پاتو" ڪان پوءِ چڻ "پيڏو ڪثين". ان بعد "راڻي پاڻو ماڳ اننڊ" (۲) آخري لفظ ميسارجي ويل پر "جا" بيثل آهي، جنهن مان "جاڳ" يا "چاڳ" جو گمان نڪري ٿو. (۳) يعني تہ جيئن ٿي مغل لڪ يا گهٽ ۾ گهوڙو آئي تہ ڏڪ هثي اڏواڏ ڪريو چڏي.

جئن تون پلو ٻڌام، تئن منهنجيون وينتيون توڪري (١)
سوار سپئي تو ماريا، هتي هيادا سون سام
ايڪ وينتيون ٿو چوان، تون سڻ سندا چئن چام

—

جئن تون پلو پان، منهنجيون وينتيون توڪري
آءٌ ڪاهي سو مغل ماريان، جو منهنجون پائي هليو پان (٢)

—

پلو ڙي پلو پاڻرا، سون ڪي چڏي نہ ويام (٣)
چيچيو موتين هار جئن مون ڪي پاسي ڏڙ پيام (٤)

—

چير مُنبڌياس ٻڌاسٽيون ڪنوچ گهر
جنهن ڏيهڙي ڪان آئيون، سو ڏيهہ ڪوڻ ڪا ٻرس

—

نَوَ وَرَ وَڏيا سس، چهہ سهري، تي ڏير [سهي]
ٻہ پانهيين هنيا، ايڻن ٻوري وِيهہ تِئي

—

آتر ڪونج ڪنڪي، آئين پاڻرا پائيجاء (٥)
جنهن پيڙ ڪاچو ماٺيو، تنهن پڙ جئن نہ اہ (٦)

—

ٻڌامائي ٻنرا، هيت ڪهڙجين هير
اچي ويرين ويڙهيا ڪاچي ٻئي ٻار

—

(١) اصل. تو گهري. (٢) اصل. منهجو. (٣) اصل. چڏي تان وَهيا.
(٤) اصل: جهچيو. (٥) اصل. 'پائيجاءِ هان' يا 'پائيجا ڏهان'.
(٦) اصل 'جئن نہ آهي'.

ڪٿيون وائيان ورسي، ڪٿيون وائان ڏار
هڏاميائي ڦيرا، ڦٽ ڪاڇي جا ڪنار

—

اسين ڪيرنيون نيپنيون، ڪير اسان جو ڀاءُ (١)
ڇپرو ڪيو سين نہ ڇلهہ سين، اسان ڪٿيو ڪين ڪپاهہ

—

مَ رو ڪونجي مات ڪر، مَ ڪڍي چوريو هڏ
....

—

سگا سٿيون هتن مَ، تيون هپائين جهل
پرين سنپاري پيئيون، مون ڪي هنجون متي ڪيل

—

ڪاڇي جي ڪونرن تا مور متيائون ڪن
لامن چڙهيو للهيا منهنجا ڪارايل ڪٽڪن

—

ڪاڇي وٺا مينهن، ولين ڪينا ورگ
ڪر موڙيو ڪانيرئين، منهنجا پهري چنئون پن

—

هيٺ تہ آمان پوريا، متي پڪي ڪاج
ڪٿا هلندي ڪاچڙي، اديون جهڙي تهڙي ڪاج (٢)

—

(١) اسين ڪيرتي نپنيون آهيون، ۽ ڪيرئي اسان جو ڀائي ۾ ڀيل آهي، يا شايد 'ڪيرنيون' ۽ 'ڪير' اصل ۾ 'ڪهرنيون' ۽ 'ڪهر' هو، جنهن مان مراد تہ اسين 'ڪهرڙيون' (ڪيهر ڪهرائي جون) آهيون ۽ ڪيهر اسان جو 'ڀاءُ' آهي. (٢) 'ڪاج' ... 'ڪاج' ...

اڄ ٻہ تنهنجي ڪونجڙي، آهي ڀڪين منجهہ ڀچار
سَرَ ۾ سارينئي گهڻو، ڀِڀِنريون ۾ ڀار(١)

وڏي وڳر هيرنين، ٿي چٽي ڀِن گَڏ
ويٺي وهامي راتڙي، ڪونج ڪريندي سڏ

ڪونج مَ لَڪين ڪَڪَ، ڏَپُ جنين سين ڏي ڪيو
مارُئي مارئي لَڪَ، تنهنجا وڳر هٿي ويڇون ڪيا

سؤ سيگڻ، سؤ بدوي، سؤ سيار، سؤ چوٽ (٢)
ڪؤنر ويهي ڪٽوڪا ڪيا، چارئي چڱا گهوٽ (٣)

نَوَ سؤ ساهڙ ڀَنئين، اسي سؤ ڪوٽن
ڳڙهہ ڳڙهيون سيئي، وڙهيا ريانِن (٤)

چَنَن چوراسي ورهئين رڪابان رڪاب (٥)
لهي ڪانہ سگهي ڪا ٻداماڻي ٻاڪ

چَنَن چوراسي ورهئين ڪيو آوچل راڄ
جڏهن ھيئن ڀاڻ ۾ تڏهن ٿيا توهارين ڪاڄ.

---

(١) اصل. ڀائر. (٢) 'بدوي' اصل صورتخطي 'ٻذوي' (شايد اهو ڪوئي ٻيو لفظ هجي). (٣) 'ڪٽوڪا' يا 'ڪٿوڪا'. (٤) 'ريانن' (اصل ائين لکيل). (٥) چنن جا رڪابن تي رڪاب هئا، يعني هو گهوڙن جا شهسوار حڪمران هئا. اصل صورتخطي "رڪا يا رڪيب".

روايت مالڪ ڏنو فقير جت

ڀنري جي ڀيڻ جو نالو ٻڍام هو ۽ هو ڀيڻ جي نالي سان "ڀنرو ٻڍاماڻي" مشهور ٿيو. ٻڍام کي ٻه زالون هيون: هڪ پنهنجن ماٽ ۽ ٻي مغلياڻي. هو "ڪاڇي ڪوٽ" جو سردار هو. ڀنري جي ماءُ ۽ سندس ڀاڄ سهيلي مغلياڻي پاڻ ۾ نه ٺهيون. ٻڍام جي مرڻ کان پوءِ ڀنري جي ماٽيجي ماءُ، پنهنجن مغلن مائٽن ڏانهن نياپا موڪليا ته، اچي "ڪاڇي ڪوٽ" تي قبضو ڪريو ۽ مون کي به وٺي وڃو. ڀنري جو ڀاءُ ارجڻ هو. جڏهن مغلن حملو ڪيو ته ڀنرو ٻاهر ڪنهن ڀاسي ويل هو، ۽ ارجڻ لشڪر سامهون ٿيو. انهيءَ جنگ ۾ ارجڻ واهر لاءِ ڀنري کي سڏ ڪيا:

اڄ گهرجين يار، ٻڍاماڻي ڀنرا
ڪاڇي پنهين ٻار، ويرين واڙون لاٿيون

—

اڄ گهرجين تون، ٻڍاماڻي ڀنرا
متان اچي مون، ويرين واڙون لاٿيون

—

اڄ گهرجين هٿ، ٻڍاماڻي ڀنرا
ڪاڇي پڳي پٽ، ويرين واڙون لاٿيون

مغل پوءِ ارجڻ کي ماري ڪوٽ فتح ڪري، ڀنري جي ماءُ توڙي ماٽيجي ڀيڻ کي پاڻ سان وٺي روانا ٿيا. جڏهن ڀنري کي ارجڻ جو پيغام پهتو ته هو يڪدم تيار ٿيو. ڀنري جي گهوڙي جو نالو "ڀيڙري" هو. اها اڃان وڇيري هئي. ان جي ماءُ به مغل هٿي ويا هئا. ڀنرو "ڀيڙري" تي سنج پيو رکي ته هو چنبڙي پٺي چڙي. تڏهن چيائينس ته:

ڀيڙري ڳالهه سڄاڻ، ڀيڙري سنئين ڀلاڻ
تو ماءُ، مون ماٽيجي، ڀڃي وڃن ڀان

پنرو پوءِ 'پيٺري' تي چڙهي وڃي مغلن جي لشڪر کي آڏو ٿيو. مائيجي سڄاتس ۽ مغلن کي چيائين ته:

بيٺري ستي، پنرو، سٺس رتي پاڪ،
جهلي گهوڙيءَ واڳ، ماڙي نه وڃهوس مڱلا!

مائي ڪا ننڍي هوندي بدام سان پرڻي هئي. مغلن جي ٻولي وسري وئي هئس ۽ اها ڳالهه سنڌي ۾ ڪيائين جا مغلن ڪانه سمجهي. پوءِ پنري پاسو ڏيئي وڃي آڏو جبل جو لڪ جهليو، جنهن مان لنگهندي مغل مارايائين ۽ گهوڙي مائيجي کي موٽايائين.

بدامائي پنري بابت سگهڙن وٽ ڳالهه جا مختلف اهڃاڻ ۽ ڳاهون ملنديون هيون، ۽ جيڪي اسان کي هن کان اڳ مليون، تن کي ڳالهه سميت لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "ڳاهن سان ڳالهيون" ۾ شايع ڪيو آهي(١).

(١) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ٢٧ "ڳاهن سان ڳالهيون"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، سال ١٩٦٤ع، ص ١٢٦.

٣. لنڊي پاڏي واري جنگ*

هيءَ جنگ آريسر ۽ راڄڙ قبيلن جي وچ ۾ لڳي، ان وقت سمن جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي. سنڌوڙ جي ڪناري، ڪهري شهر لڳ، اتي آريسر ويٺل هئا. اتي ’جيسرو‘ ۽ ٻيا ترڙ آريسرن جا هئا، ۽ ٻريان اڪثي چاليهه ترڙ راڄڙن جا هئا. وچ واري سيم ۾ بعضي ٻنهي پاسن جو مال اچي گڏ ٿيو هو.

هڪ ڏينهن ٻنهي طرفن جا ڌراڙ وڙهيا. راڄڙن جي ڌراڙ ڌڪ هنيو ۽ آريسرن جي پاڏي جو پيچ وڍجي پيو. اهو لنڊو پاڏو مال سان گڏ وٿاڻ تي آيو، ۽ آريسرن جي ڌراڙ اچي دانهن ڏني ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. انهيءَ تي، وڏيرن چيس ته: ’تون جي سمو هجين ها ته هوند ماري وجهينس ها‘. آريسر سما هئا ۽ پاڻ کي سمن جو وڏو گهر ڪري سمجهندا هئا. راڄڙ، سمي جي اولاد کان ٻاهر هئا، انهيءَ ڪري ڌراڙ کي ائين وڻ ڏنائون.

اهو وڻ سٺي، هي ڌراڙ سنيري ويو، ۽ ٻئي ڏينهن وڃي راڄڙن جي انهيءَ ڌراڙ کي ماريائين جنهن ڌڪ هڻي پاڏو لنڊو ڪيو هو.

راڄڙ قوم گهڻي ۽ طاقتور هئي. ان وقت ۾ راڄڙ جي لڪ کهاڙي هئي. راڄڙن کي ڪار لڳي ته آريسرن چاڻي واڻي وير وڌو آهي، سو جنگ جي تياري ڪيائون.

---

* سگهڙ هوت ڳاهي سمي (عمر اسي سال کن) جي زباني، ڳوٺ شولو تعلقو ننگر پارڪر ۾ رئيس جيئندي خان کوسي طرفان وڏي ڪچهري ۾، تاريخ ٣ سيپٽمبر ١٩٨٠ع ۾ قلمبند ڪيل. هوت چيو ته هي وڏي جنگ هئي جنهن جون ڳالهيون اڃا هلنديون هيون.

آريسر ٿورا هئا، تن سان پيا سما قبيلا مددو ٿيا، پر تڏهن بہ راڄڙن کان ٿورا هئا. انهيءَ ڪري آريسرن ۽ سمن اچي سوڍن کان مدد گهري جيڪي ان وقت طاقت وارا هئا. سوڍن چيو تہ: جيڪڏهين اوهين اسان جا تابع ٿي رهو، ۽ لڳي پڳي اسان سان پيڙا ٿيو ۽ اسان جي اڳواٽي قبول ڪريو، تہ پوءِ اوهان سان مدد ڪريون. هنن اها ڳالهہ قبول ڪئي.

پوءِ آريسرن ۽ سمن، سوڍن جي لشڪر جي مدد سان راڄڙن سان جنگ ڪئي. وڏي جنگ لڳي جنهن ۾ راڄڙن کي هٽايائون. انهيءَ جنگ تان پوءِ پهاڪو پيو تہ:

"پاڏو پيوڙي پار!"
"پاڏو پيوڙي پار!"

يعني نفاق جو نالوئي 'پاڏو' ٿي ويو.

٢. ٺٽوٽ واري جنگ*

ماڙيچن ۽ هوتي آنڙ جي جنگ ٺٽوٽ جي تڙ تي لڳي، جنهن بابت ڪنهن سگهڙ چيو ته:

اِڪي آنڙ ڪي چيو هو ماڙيچي مذڪور-\
سنگ ڍِڍِي ۾ مال ٿي، جهلي ڀڳڻ ڀور\
پاهڻ پاٽي ۾ ڪري، تڏ وجي وير ضرور.

يعني ته: ماڙيچي سامهون آنڙ کي هيئن چوائي موڪليو ته:
”جيڪڏهن ڍِڍِي واريءَ حالت ۾ سنگ پيدا ٿئي ۽ ڀور جهليءَ يا پٿر پاٽيءَ ۾ ڪري پوي، ته پوءِ وير ويندو (نه ته قائم رهندو).“

---

* مرحوم سگهڙ صابر شر، وينل تعلقو آباوڙو جي زباني قلمبند ڪيل.

۳. ٻَنڊي - ٻاڙي گهَٽَ واري جنگ*

مائي "ست - ڀائي" ڪنڊي، تنهن جو ڀائيجو "قنبر ڪڍو" لس ٻيلي جي "شاهه غاصي" (فوجي سپهه سالار) جو ڪماني هو. شاهه غاصي هتان چڙهيو ته ٻُرن جي راڄ ڪي آڏو ڪو ٿيو. مائي ست - ڀائي چيو ته: "اوهين آلڪو نه ڪريو، جو منهنجو ڀائيجو قنبر فوج جو ڪماني آهي ۽ هين راڄ کي ڪابه تڪليف نه رسندي." مگر ائين ٿيو ڪونه، قنبر راڄ کي ڪم نه آيو.

هن جنگ بابت تفصيلي بيان "ٻيلاين جا ٻول" ۾ ڇپيل آهي، هتي فقط وڏيڪ مليل بيت ڏنا ويا آهن. "جاڙائي" مان مراد "جاڙو ٻُرو" آهي.

"جاڙالي" جون جنگ ۾ لٽيون لوڏون ڪن
لٺ پکائين لٺيءَ مان، ٿي موت رکيائين من
ري هٿيارين رس ڪيو، سُنبڪ ڳاءُ سٿين (۱)
اوطاقين تي اُن جي، آهي رُنُ جهڻن ربابن
اوطاقين تي اُن جي آهي ڪُنُ ڪُڻن ڪنڍڙين (۲)
سنهن هو "موناٽي" جو، تنهن تي ٻيا مَرڙا وَرا ويروجهن (۳)
"لڏو" لاڪيٺو ٿيو، سنجهه ڏوهاڪن (٤)

---

*وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "ٻيلاين جا ٻول" ڇاپو ٻيو، ۱۹۷۲ع، ص ص ۱٦٦-۱۷۰.

(۱) سُنبڪ = ٻُرو جاڙائي. ڳاءُ = واڪاڻ (سُنبڪ جي واڪاڻ سٿن ۾ آهي). (۲) ڪنڍڙين = تراراٻن. (۳) موناٽي = ڇنگسا جو سُنڌيڪ موناٽي هئا. (٤) لڏو = ٻُرو جوان. ڏوهاڪن = اڻه وقن.

"لنڏي" ڪورا ڪهڙا، لاکي رڳ ۾ ڪيائين
ڳوڙ "ڳنگائي" مڻ ۾، تي ٻوڙيون ڏنائين (١)
هو پڄي پيرا ٿيا، هڻ ٿي ٻيهو ڪيلپائين (٢)
هاٿي-مل هڪل ڏين، ٿي ڪنڪ لوڏ پائين (٣)
ٿاريان ناريان نه لهان، قلندر ڪٿائين
سوڍي پائي سوپ ڪني، مصري سوڪ هنيائين (٤)
چڙهي تن ماريو، "موتيو" ڪالائي. (٥)

(١) ڳنگائي = ڳنگي جو پٽ. (٢) ٿي ٻيهو ڪليائين = يعني اجا مهرو ڪوله مٿو هڻي. (٣) هاٿي-مل = هاٿيءَ جهڙي طاقت وارو. (٤) سوڍو = سوڍو ء سايون، پٽي پُٽ موتيي جا، اهي پنج-ڇهه پاڙهر جنگ ۾ ماريا. (٥) موتيو = موتيو پٽ علي جو.

٤. لاشارين جي پٽرجن سان جنگ*

مـَـلڪ ڪرمتي جي ڪچهريءَ ۾ پيـراڻي احـمـداڻي ڪرمتي چيو تـہ، ”لاشاري اسان جـو توبري جهل آهي“. مـَـلڪ کـي اهـا ڳالهہ نـہ وڻـي. اُن ڪچهريءَ ۾ نٿو فقير بند يچو جوکيو بہ ويٺو هو، تنهن پيراڻي احمداڻي کي چيو تہ: ”لاشاري وڏا لائق، ٻـاڙي پٽيءَ جـي نـنگ وارا ۽ سورهيہ، مڙس آهن ۽ ڪرمتين کي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪئي هئائون. اهو هن طرح جـو جڏهن ”پـڙجـن“، ”ڪـرمتين“ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو هو، تڏهن لاشاري حب ڍور تي آباد هئا ۽ ڇـڏا پاڏا ويٺل هئا، پر تنهن هوندي بہ گڏ ٿي، ڪرمتين جي مدد لاءِ چڙهيا ۽ پڙجن کي ماري ڪرمتين جو وير ورتائون.“

لاشاري هـن پـَـٽ ۾ گهڻو آڳاٽا ويٺل هئا ـ ڪرمتي پوءِ ۾ مـَـلڪ مير عالي لاشاري جي وقت ۾ آيا.

اهـو سـورو احـوال نٿو فقير بند يچي جوکيي، پنهنجي هيٺئين بيت ۾ بيان ڪيو. بيت پوءِ جو چيل آهي ۽ ڳالهہ اڳ جي آهي:

تـون ڳلا ڪرين ٿو غازين جـي، آهين پيراڻا پنٺار(١)
مانجهي مـوڏا جنگ جـا هـئـا منڌ يـر مٺيادار

لاشارين جـي لـَـڄ جا پـَـچ تـہ ڏيـئـيـن پـار
لاشارين جـي لائق جا پـَـچ تہ ڏيـئـيـن پـار
ڏُنگين رهيا هئا ڍور تـي، مانجهي مـيـرِ متار(٢)

---

* راوي طاهر محمد موريائي.

(١) پنٺار = مال جي ٻچاڙيءَ ۾ هلندڙ هيٺي ڍڳي. (٢) ڏُنگين = ڏُنگ ڍنگ تي ويٺل: ڇڏا پاڏا ويٺل. ڍور = حب ڍرو.

سيني پَرين سونهٿا هٿا غازي غم گذار
ڪتي ڏٺياسين ڪانہ ڪا اهڙي ٽڪراٽي ٺهار
ڀاڙي ڀرج پنهنجي تي ٽي رکيائون هٿ هزار
هلي آيا حَبَ سان ڪي ياڻين وٽ يار (۱)
جهجهيون آدرون آن سين ٽي کيون سپت پريي سردار (۲)
ڀري ٻاز بند پڇو چئي، ويري ڏين نہ وار
تنگ پريا ٽٽو چئي، هٿا سڙها سڀ چمار
مرڪي منڌير چڙهيا مٿي جنگ جهونجهار
چيڙون چٽي ڀيشيون ٻورون بيشمار (۳)
هلي آيا حب تي، ڪري ڪٽڪ ڪارونيار
پٽڙج مارياٺون ييم سين، ڏنين سوپ ستار (۴)
اڇي ڪنيو لائق لڄ جو، ڪري ٻرن مٿان ٻار
مير عالي اجهيدار، راهيا راڄ ملير ۾.

ڪرمتي مَلڪ ڪان لاشاري مَلڪ مير عالي پڇيو تہ:
”اوهان کهڙي پيٺي رهندؤ؟“ تڏهن چيائون تہ:

”مٿلڪ ملير تڏو
ميرين عالي اجهو.“

لاشاري قبيلا، جام نظامالدين جي وقت ۾ سپہ سالار دريا خان سان پيڙا هٿا ۽ ٺٽي جي آسپاس سوندن، پيرهٺي ۽ بين ماڳن تي کين جاگيرون مليل هيون. ڪي قبيلا ساڪري، ڪراچي ۽ حب طرف آباد هٿا، جن سان پوءِ ”منڌير“ قبيلي وارا لاشاري ڪو وقت ڪراچي ۽ حب واري ايراضي ۾ طاقتور هٿا. عمر خان سندن اڳواڻ هو ۽ ڳڏاب لڳ ”سونڪل“ واري سير سندس هئي:

---

(۱) ڪرمتي هلي آيو لاشاري وٽ تہ ’پڙجن‘ اسان جو ٻاٺي ٻنه کيو آهي، تون مدد ڪر. (۲) سردار اسحاق محمد لاشاري (۳) ٻورون = کهوڙيون. (۴) ييم = همت.

سونگل ڏٺي سيگ جو ھو عھدي عمر خان
پيني ٽو پاکر، ڀھرو ڀينگي خان
پائر تنھن پيڙا کيا، ميران ڏنس مان
گڏجي چڙھيا گشت تي ھندو ڪري حيران
ساجھي ڪپ سمونڊ جي ڪيا پاڻون ڪراچي تي ڪان
حب ورتئون ھٿن سان، مٿھ ڏناڻون مان
اھڙي سان ارڪان، ھٿا طالع وند تخت تي۔

٥. ٻرفتن جو گائيڇن ۽ ڇيڙن کان وير وٺڻ

ٻارهين صدي هجريءَ ۾ (مڪليءَ جي جنگ کان اڳ) ٻرفتن جو سردار 'دائيد' هو، جو ڇپر ۾ ويٺل هو، تنهن کي گائيڇن ۽ ڇيڙن ماريو. پوءِ سندس پٽ 'ٻيڙو' ڳالهه ٻڌي مدد لاءِ ڪرمتي سردار وٽ آيو. ان وقت ابراهيم وڏو ملڪ هو ۽ ڪرمتي جو ان وقت زور هو. ٻيڙو اچي نڪيو. ڇهه راتيون خدمت چاڪري ۽ مهماني ڪيائونس. سوچيائين ته ملڪ اڃان مون کان خبرون ڪين پڇيون آهن، تڏهن چيائين ته منهنجو هنڌ ملڪ جي پيرَ ۾ وڃهو. پوءِ اتي ملڪ خبرون پڇيس. چيائين ته: "پانهوٽ (پانهن جي واسطي) ٿي آيو آهيان. گائيڇا ۽ ڇيڙ مون کي ڇپر ٿا ڇڏائين، مدد لاءِ آيو آهيان." مبارڪ ڪرمتي ان وقت ننگر جي حاڪم وٽ سمهه سالار هو، تنهن کي ملڪ ڪهرائي چيو ته: "مون وعدو ڪيو آهي ته گائيڇن ۽ ڇيڙن کي 'هيڪ ريهي' جبل (ٻارڻ لڳ) لڳ مارائيندس، جو ناحق ٿا ڪن، هاڻي وڃو." مبارڪ پوءِ ٻيڙي سان گڏ لشڪر وٺي چڙهيو. آڏو ٻيڙي جو موٽ ماسات ۽ پيو ڪو سندس ڳولا ۾ ٿي آيا. مبارڪ پڇيو ته: ڪير؟ چيائين ته: دشمن! تڏهن انهن کي مارياٿون ته ٻيڙي روئي ڏنو. پڇيائونس ته: ڇو؟ تڏهن چيائين ته عزيز آهن، ۽ مون چيو ته: ٻيل رت سان تراريون رڱجن. پوءِ ڪرمتين کي هيڪاري جوش آيو ۽ گائيڇن ۽ ڇيڙن کي ماري، 'سيري' 'ڏاڍر' تان دنگ ڪڍي، ٻارڻ سڄي ٻرفتن کي وٺي ڏنائون. پوءِ ٻرفتن ڪرمتين کي ڏاڙهيون ڏنيون ته اڳتي اوهان سان گڏوگڏ هونداسون ۽ اوهان کان جدا نه ٿينداسون.

٦. جهوڪ واري جنگ ۽ شاهه عنايت الله صوفي جي شهادت*

ڪلهوڙن جي حڪومت واري دؤر ۾ يار محمد جي آخري زماني ۾ صوفي عنايت الله رحه جهوڪ واري جي شهادت جو غمناڪ واقعو ٿيو. هن شهادت جو سبب اهو هو ته ان وقت شاهه عنايت جي درس تدريس سبب عوام ۾ سنڌ ۾ مقبوليت وڌي رهي هئي، جنهن ڪري بلڙي جي ساداتن ۽ مقامي زميندارن ۾، جن جا هاري شاهه عنايت جي مريدن ۾ شامل ٿي رهيا هئا، شاهه عنايت خلاف بغض ۽ ناراضگي پيدا ٿي. ان زماني ۾ مير لطف علي خان ٺٽي جو صوبيدار هو. جڏهن بلڙي جي ساداتن، نور محمد پليجي ۽ حمل ٻن لاڪي جت زميندارن، شاهه عنايت جي برخلاف سنڌ کان پريا ته هن سنڌن چوڻ ۾ اچي حڪم ڏنو ته صوفي شاهه عنايت ۽ سنڌس درويشن سان جيئن وڻيو تيئن وڃي فيصلو ڪريو. صوبيدار جي هن حڪم، مخالفن جا حوصلا وڌائي ڇڏيا ۽ انهن شاهه عنايت جي خانقاه تي حملو ڪري ڏنو. هن حملي ۾ شاهه عنايت جا ڪيترائي پوئلڳ فقير شهيد ٿيا. جڏهن فوتي فقيرن جي وارثن دهليءَ جي حاڪم وٽ دعويٰ ڪئي ته اعليٰ اختياريءَ وارن ڪان حڪم پهتو ته انهن بيگناهن جي خون جو معاوضو ڏياريو وڃي؛ جنهن ڪري قاتلن جون زمينون، مقتول فقيرن جي وارثن جي حوالي ڪيون ويون. حڪومت جي هن فيصلي سبب شاهه عنايت جو

---

* هيءَ روايت لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب نمبر ۹ "واقعاتي بيت" ۾ ٻي شامل آهي، پر جيئن ته هن واقعي جو تعلق سنڌ جي اهم جنگين سان آهي، تنهنڪري هتي به شامل ڪئي وئي آهي.

وقار اچان به وڌي ويو. تحفةالڪرام جي مصنف مير علي شير قانع جي لکڻ موجب "اڪثر غريب ۽ عام ماڻهو هندستاني عملدارن جي سختيءَ کان ڏاڍ و متاثر ٿي چڪا هئا، جنهن ڪري اهي فقيرن جي پناه ۾ پهتا ۽ انهن وٽ ئي رهڻ لڳا." ان مان ظاهر آهي ته صوفي شاه عنايت جي خانقاه غريب هارين ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ هڪ پناهگاه بڻجي چڪي هئي.

سنه ١١٢٨هه/١٧١٦ع ۾ جڏهن نواب اعظم خان ٺٽي جو صوبيدار بڻجي آيو، ته صوفي شاه عنايت جي مخالفن کي وجهه مليو ۽ وري نواب اعظم خان جا ڪن ڀريائون ته صوفي صاحب حڪومت جي خلاف فقيرن جي هڪ فوج تيار ڪري رهيو آهي. اعظم خان سنڌ سنڀالهڻ ۾ اچي خانقاه جي ڀر واري زمين تان معاف ٿيل ڊل جي ڀيهر وصوليءَ جو حڪم ڏنو. صوفي صاحب جواب ڏنو ته: "اهو ظلم آهي، جڏهن ته بادشاه پاڻ اهي ڊلون معاف ڪيون آهن ته توهان کي ان وصوليءَ جو ڪو حق ڪونهي." اعظم خان کي هن جواب تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ هن دهليءَ جي حڪومت کي لکي موڪليو ته صوفي شاه عنايت ۽ سنڌ س فقير حڪومت جون دعوائون ڪري رهيا آهن ۽ ڪو به حڪم نٿا مڃين. حڪومت کيس اختيار ڏنو ته فتني کي ختم ڪيو وڃي، جنهن ڪري اعظم خان سنڌ جي سرڪاري عملدارن، جاگيردارن ۽ زميندارن جي هڪ زبردست لشڪر سان هاٿين ۽ توبن سميت جهوڪ تي حملو ڪري ڏنو. مقالات‌الشعراء جو مصنف لکي ٿو ته: "اعظم خان هڪ اهڙي فوج تيار ڪري فقيرن تي حملو ڪيو، جا ڳڻپ کان ٻاهر هئي ۽ ماڪڙ ۽ ماڪوڙين کان به وڌي تعداد ۾ هئي. 'سبي' ۽ 'ڊادر' کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين سڀئي سرڪاري عملدار ان ۾ شامل هئا." هن زبردست فوج جي باوجود به اعظم خان فقيرن کي زير ڪري نه سگهيو. آخر هن صلح جو ڪوڙو

عهدنامو ڪري، شاهه عنايت کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ۱۵- صفر سنه ۱۱۳۰ھ مطابق ۷- جنوري ۱۷۱۸ع تي کيس شهيد ڪيو ويو. سندس گردن مبارڪ تي جڏهن تلوار جو وار ڪيو ويو ته پاڻ چار تڪبيرون اُلند ڪري پنهنجي جان جانِ آفرين جيءَ سپرد ڪيائون.

صوفي آسو رام(۱) پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي چئي ٿو ته: جڏهن اعظم خان جهوڪ کي گهيرو ڪيو ته صوفي شاهه عنايت پنهنجن فقيرن کي روڪيو ته اهي جنگ نه ڪن، پر جڏهن شهيدن جي لاشن سان ست کوهه پرجي ويا ته پاڻ کين لاچار ڪاٺ جي تلوار سان وڙهڻ جو حڪم ڏنائين، جنهن سان جنگ ڪرڻ جو نه پر فقط بچاءُ ڪرڻ جو مقصد هو. فقيرن ڪاٺ جي تلوارن سان به ڪيترائي دشمن ماري وڌا، پر آخر خدا جي رضا ائين هئي، جو شاهه عنايت دشمنن جي هٿان شهيد ٿيو. شاعر جي چوڻ موجب ته صوفي شاهه عنايت جي هن خون ناحق آخر رنگ لاتو ۽ يار محمد ڪلهوڙي جي حڪومت جون پاڙون پٽجي ويون. صوفي آسو رام جا چيل بيت هيٺ شامل آهن:

۱. ڪلهوڙي ڪاغذ لکيو، وجهي وچ الله
ان تي پاڻي پاءُ سان، آيو صوفي عنايت‌الله
سجدي تان ڪوندر ڪٽيا، ٿيو وڏو جنگاهه
هوبهو شهادت ٿي، جهڙي حضرت حسين شاهه
”آسو“ ان قضيي جو الله آهي آگاهه
تنهن واحد کي واهه، پاڻ وٺنديون جو ڪري.

---

(۱) آسو رام پٽ ڏاندو مل، ويٺل هالا پراڻا، ضلعو حيدرآباد، سنه ۱۲۷۱ھ/۱۸۵۴ع ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان وٺي فقيرن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ سندس ڪلام سلوڪن، بيتن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي، جن ۾ ابي صلع جي باري ۾ مناجات ۽ الهيءَ قسم جو پيو صوفياڻو رنگ جو مواد پڻ ملي ٿو. سنه ۱۳۶۱ھ/۱۵ فيبروري ۱۹۴۱ع ۾ هالن پراڻن ۾ گذاري ويو.

۲. ڀاڻ وڏنديون جو ڪري، جيڪا منديس ڳهڙ
مجيون سڀ مٿي تي، صوفي شاهه سڌر
نہ تہ هڪل سان هيڪر، هولڊ ڪلهوڙو ڪنجي وڃي.

۳. ست ڪوهہ شهيدن جا، پرجي ٿيا ٽمٽار
ڪاٽ ڇپي تلوار جي، موڪل ملي لاچار
جنهن لشڪر ملعون جو، ماري ڪيو مٽردار
صوفين سر نثار، صدقي مرشد تان ڪيا.

۴. سر مرشد جو ڌار ڪيو، منڪر جي تلوار
ڍهليءَ تائين سر مبارڪ جي ٻيٺي ٻوي ڌڌڪار
هيءَ ٿي قيامت، ٿي تڪون تارون تار
ڪلهوڙي جي ڪار، لعنت لاڳي پرائيو.

۵. منهن مبارڪ مرشد جو، ٻسي وزير وريا
عبدالله شاهہ، حسن علي شاهہ، مريد ماڻ ڀريا
قتل ڪان نہ ڏريا، ماري وڍائون مرشد ڪي.

۶. بصر جي ڳنڍ جو، پتو لاٿائون
گدام ڳنڍين جو پتو لٿو، ائين آکيائون
مريدن ڪي ٻاٽ ڪرڻ جو ڏس ڏنائون
رضا سڃيائون، سر تي رب پاڪ جو.

۷. سختيون صغيرن تي، ڪيون هچاري حاڪم
ڪي ڏينهن گيڙو ڪم ڪيو، ملعوني ماتم
مولا لاٿا غم، وسيا وٿاڻ ونهين جا.

۸. وسيا وٿاڻ ونهين جا، جيئن هو تيئن ٿيو
يار محمد ڪلهوڙي جو، چوڙو لهي ويو
ڏاتر جو ڏيو، ٻريو ڏينهن قيام سين.

۹. وسيا وٿاڻ ونهين جا، جيءَ جيءَ جئيڪار
هرهنڌ ٿيا هٻڪار، ڪستوريءَ خوشبوءِ جا.

١٠. پنهنجا ڪُٺائي، دشمن پالي، الله بيپرواهه
ڪُچِن ڪانهي جاءِ، حق ۽ ناحق جي.

١١. سعيو تنهنجي وس ۾، سو ڪج نيڪوڪار
حڪم سڀ هاديءَ جو، پڇر اهنا ٻچار
وس تنهنجو ناهه ڪو، "آسو" الله ﷻ جي اختيار
صاحب جي سرڪار، توبه زاري تون ڪجانءِ.

١٢. شربت شهادت جو، سڦو منجهه سيڦاج
پيتو جن پريم سان، حاصل تين حاج
"آسو" آن احتياج، لتا سيئي لوڪ جا.

١٣. شربت شهادت سان، مَتَ نه جام جَمَ
پيتو جن پريم سان، آلهي ويو الم
سو سدا خوش خورم، "آسو" پنهي جهانن ۾.

باب پنجون

ڪلهوڙن جو دؤر

١. ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ مير عبدالله خان جي جنگ

هيءَ جنگ سنه ١١٤٤هه/١٧٣١ع ۾ لڳي، جنهن ۾ قلات جو والي مير عبدالله خان مارجي ويو. هن جنگ جون ٽي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

١. تحفة الڪرام جي روايت*

سنه ١١٤٢هه ۾ مراد ڪليري عرف گنجو، سيويءَ تي مقرر ٿيو ۽ گنجاوه جي زميندار قيصر مگسي، محال شورن جي سردار ميرو گواري رند، محال سنيءَ جي سائيس گهرام لاشاري جي اولاد، محال ڪڇيءَ جي مالڪ ميرو بلدي، محال ڀاڳ ناڙيءَ جي زميندارن، هرهڪ مهيان، اميري ۽ لهيا ماڇيءَ ڏادر جي مالڪن، بازوئي قوم جي ڪالا خان ۽ ٻين ڪوهستان جي بلوچ زميندارن ۽ ڪنڪانيءَ جي محالدار بهار خان امرائيءَ کي- جو هرهڪ هزارين لشڪر جو سردار هو، ماري مات ڪري قلات جي خان عبدالله بروهيءَ سان جو پاڻ کي ”ڪوهستان جو شهباز“ سڏائيندو هو، وڃي هٿ ڳنڍي پيائين. آخر سنه ١١٤٣هه ۾ پنهنجي سر چڙهائي ڪري، گهيري ۽ جنگ سان ڪرڙ جو قلعو مبارڪ خان کان ورتائين ۽ لشڪر اُتي وڌي. اسماعيل خان بروهيءَ کي شڪست ڏني، ڪاڪر بروهيءَ کي قتل ڪري سوڀارو ٿيو. هن واقعي کان پوءِ مير عبدالله خان پنهنجون ٻيائيون صاحبزادن کي ڏئي صلح ڪيو. اتفاقاً سال ١١٤٤هه ۾

---

* تحفة الڪرام، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، (سنڌي ترجمو) ص ص ٢٦٦-٢٦٧

بروهين جي هڪ قوم عهدشڪني ڪري، فريدآباد جي پر واري ڪاڇي جي زمين کي ڦريو، جنهن تي [ميان] پاڻ پنهنجي سر انتقام وٺڻ جي خاطر وڃي لاڙڪاڻي ۾ منزل انداز ٿيو ۽ ناموَر سردارن کي امير عبدالله خان سان جنگ ڪرڻ واسطي موڪليائين. جنديهر۾ ـ جتي مير عبدالله اڳرائي ڪري آيو هو ـ ٻنهي ڌرين جو ٽڪر ٿيو. هو [مير عبدالله] رستم جهڙي جنگ کان پوءِ مارجي ويو ۽ آئندي لاءِ بروهين جو زور ٽٽي پيو.

٠٢ جمن چارڻ جي چيل بيتن واري روايت

جمن چارڻ جي بيتن موجب ميان يار محمد ڪلهوڙي سنه ١١٣١ھ، ۾ وفات ڪئي ۽ ميان نور محمد خداآباد ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو. ڪڇي ۽ گنداوا جا علائقا ميان يار محمد کي مليل هئا، پر انهن علائقن ۾ قلات جي والي عبدالله خان جي اک هئي ۽ اهي پنهنجي قبضي ۾ڪرڻ جا وجهه پيو ڳوليندو هو، تنهنڪري ميان نور محمد بروهين جي حملي کي منهن ڏيڻ ۽ ڪڇي ۽ گنداوا جي حفاظت لاءِ مراد گنجي (ڪليري) کي صوبيدار مقرر ڪيو، جنهن وڏي جوانمردي سان آسپاس جي زميندارن کي مطيع ڪيو، پر بروهي وقت بوقت ڪڇي ۽ گنداوا ۾ ڦُر لُٽ ڪري هليا ويندا هئا. جيئن ته قلات جا خان ۽ ڪلهوڙا هڪٻئي جا طرفدار هئا، تنهن ڪري مراد ڪليري، ميان نور محمد کي اطلاع ڏنو، جنهن بروهين کي سيکت ڏيڻ لاءِ ’ڪرتي‘ تي حملو ڪري فتح ڪيو.

عبدالله خان نهايت بهادر هو، هن بہ هر طرف حملا ڪري فتح حاصل ڪئي هئي. شاهه محمد ڏوڏپي کي مدد خاطر هن ملتان تي حملو ڪيو ۽ پوءِ ميان نور محمد سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. سندس ارادو هو تہ سبي تي

حملو ڪري، مراد ڪليري کي ختم ڪجي ۽ پوءِ ڪلهوڙن جي دارالحڪومت خداآباد تي قبضو ڪري وٺجي. انهيءَ ارادي سان عبدالله خان سبيءَ ڏانهن رخ رکيو. سبي جي حاڪم ميان نور محمد کي اطلاع ڏنو، جنهن شاهه بهاري جي سالاري ۾ چاليهه هزار فوج سبي ڏانهن موڪلي ڏني. شاهه بهاري کان سواءِ فوج ۾ ٻيا سالار پڻ شامل هئا، مثلاً: چام نندو، مير بهرام، مير چاڪر، شاهه علي، سلطان، خيرو ۽ دادو، جيڪي ڪلهوڙن جي عهد جا مشهور جرنيل هئا. ميان نور محمد ۽ عبدالله خان جا لشڪر جنديهري وٽ هڪٻئي جي آمهان سامهان ٿيا.

عبدالله خان جڏهن ڏٺو ته سندس فوج تمام ٿوري آهي ۽ ڪلهوڙن جو لشڪر لک جي قريب آهي، تڏهن پنهنجي وزير آخوند محمد صالح کي چيائين ته منهنجا ٽيئي پٽ مون سان گڏ موجود آهن، انهن مان نصير خان ۽ الٽاز ننڍڙا آهن، باقي محبت خان وڏو آهي، ان کي وڃي قلات جو حاڪم بنايو. آخوند محمد صالح چيو ته مون کي تو سان گڏ جان قربان ڪرڻ وڌيڪ موزون ٿو لڳي، تنهن ڪري آءٌ موٽي نه ويندس. تنهن تي عبدالله خان ٻين سردارن کي حڪم ڏنو. مجبور ٿي آخوند محمد صالح، عبدالله خان جي ٽنهي پٽن کي وٺي پوئتي موٽيو ۽ محبت خان کي قلات جي تخت تي وهاريائين. ان بعد جنگ لڳي، جنهن ۾ عبدالله خان جوان مردي سان وڙهندي، پنهنجي سوين ماڻهن سان گڏ شهيد ٿيو.

جمن چارڻ جا چيل بيت*

خوش هجي خدا آباد، خوش هجي خدا يار خان
جنهن جي واري واهرايو ٿي ديس بدين ڏون داد

* ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

تان ڪارهين سا ذوالقعد، سن، ڪارهن سئو ايڪٽيهه ورهه،
تنهن رائي رحلت ڪئي جو هو بانڪو بخت بنياد
انهيءَ کان اعليٰ ٿيو انهيءَ جو اولاد
سو فرقي فقيرن جي ڪلهن واءِ قواد
ميان نور محمد نامدار هو دل دولهه دلشاد
تنهن ميريءَ سندي ساري پهتو مرد مراد
تنهن وڃي ويهاريو اهڙو ڪاڇي منجهه قواد
جنهن ڦري سوادي صاد، اِن تي چوٽيون چورن تي ڪري.

ڪاٺو چڙهو چور، آنٽيون ڪوٺايو ٻه ڪلهوڙي
تن پڇي ڀاٽا چڏيا، پسي ظاهر زور
معلوم ڪياٺون مير کي وڃي اها چور پچور
تان ايندئي هل حشام سان، شان وڏي شهزور
مهندين چاڙهي معرڪي تي، جهان جهان ڀوي جهڪور
تان ڪاڇي کي ٻه ڪکور، ڏيندئي اهڙي ڏيٺ سان.

ڪي ڏينهن ڪاڇي ماڻهو هئا اهڙا ٿي احوال
جي پڇيو بروهي ويا ٿي؛ منجهئون جور جوال
ٿا اڳيئون خاوند ان جا، منڪو ڪن سوال
هڪ ڀوڪي اٿون پانهنجي، پيو آهيون گهٽي عيال
ترس تنين کي نه ڀوي، ان جي آتي حال
تان اهڙا خام خيال، ڀي آگي هڏ نه آوڙيا.

هائي وجهي وات، جي ڊور ڀرائي ڀوڪ ۾
تان وهندو تنهن تي وهي ٿو ڪماٽيءَ جو ڪات
تنهن دزد مڙيئي ديس جا ڪيا مارائي مات
تان ڪڙتي ۾ قلات، ڪليريءَ ڪرڪان ڪيو.

هائي ڪتاٻ قلات، کي ڪليريءَ موڪلي
تان ڌو منارايو مستونگ کي راوت منجهي رات
تان آت جاليون جبل ڀر تي، جيڪا جات بجات

اچي مچو ميناٿن جي ٽمن سڙيئي ٽٽات
نا هٿ پئي پريات، ۽ ٽورو هاڪاريون روهہ ۾.

چڪڻ تو لنگهي ڪير، ريڙهو رکي روهہ ڏي
جت چڙهڻ چڻ جهاڪا چاڙهڪا، آهي ماڪ متاهون مير
اچي عبدالله خان ميريءَ متي متير
تان پائي ڏس ڪو پير، تہ پسان پرمن پهاڙ ۾.

جڙ جالارو جت آهي، مڇي پي ماڪ تهين
پائيءَ کان پڙن جي ساٿهوءَ ڪانهي مت
جڏهن ايندس حڪم جو، وهسي متي وت
تان چمڪائي ۾ چيت، ڪٿي ماري مٿي متي ڪٿي.

تون پي وڏو ڪچ ۾ ويڻ، ڏونگر ڏي پسي ڪري
توڙي آڏري عبدالله خان، ڪري پتنگ پکيڙ
تان پي سرائي شاهن جا، ڪٿهي ڪندئي ڪيڙ
توڙي ڏونگر ڏاڍو ٿي گهڻو، تان پي مردن اڳيئون سيڻ
جي مڻ ماڪيءَ ۾ هوءَ ميڻ، هي ڏينهو اٿي ڏونگرين.

هي پڙ، هي پاهٺي، هي ميدان، هي گوهہ
ڪڏهن ڪوئي پڏوءَ، تہ مٽڙيو ميريءَ جو ڏئي؟
مڙس مڙن کي مہر، ۽ مڙسان مڙن ميهٺو
مٽڙسان مور نہ وسرن، ٽا ورهن سندا وير
قاقيرائي فوج ۾ پن پئي تنهن پير
تڏهن پسبا پير، تہ کهڙن کوڙيا، ڪن ڪنيان.

جان ڪرجيان جند، تان جٺري جنگن ڪثون رهان
مون ڪر چاٿن چام خان، سرو، ڪاچو ۽ سنڌ
ديري ڪيچ قندار کي، ايل ڪيو آمنڌ
اصفهان اير گڏهن، هوڏنهن ساڙي هند
تان راهوجائي رند، ٽو پنڙ ڪاٿايان پاڻ کي.

چاڪر چَڱايون، تي ٻيئون ٻُڌون ۽
تنهن وهايون ويرين مر تي، ناميي نڪايون
اولون جهلي ان جون، تي سامون لڪايون
سي ڦول ڦڪايون، ڪڇو ڪيئي ڦلات ۽.

اتائون اعواني ڪئي، خان خراب ڪيا
ماڇي مانڪ وڏوان هٿا، چاڪر ڄا ٻه چنا
تن کي هردم اتي هيو، رين هوندا هانِ ڀنا
تن چيلهن ڪٺون، چارڻ چوي، ڪوليا ڪين ڪنا
متنهن مهمائن کي، چيائون ٻه چنا
آهي ڏرتي ڏات ڏنا، ته ٻي ناميا نباهي ويا.

ڏيٺي ڪاڇو ڏيهه، هٿا چناڻيءَ مان ڇڇ
ڀر ٻنڌي ڀاتاريءَ ٻر، هٽي ٻر وچ
ٻڌائون ٻولانءِ ڪري، ويري ويري وچ
تان آو لکن مٿي لچ، تي ڀرائن ڀاڻ ٿيا.

ڏيٺي ڪاڇو ڏيهه، آ چنن چڱو چوريو
ٻينا ڏيٺي ٻنڌ ۽ جنهن در آيو جيهه
سڙي پچنس سپ مارڪي، تان آءٌ وڙائي ويهه
ڪنهن ڀر چڏيئي ڏيهه، ڪئن آئين ڪا ڳالهه ڪر.

هيم چونڪ چنيهه سان، تنهن ٻڌي سٽ لکن
آءٌ آيس تا تنهنجي، ٻيهي منجهه ٻکن
هو جي راڻا راڄ رکن، سي ارٽان سهن اهڙيون.

تڏهن چني لک چوهٽ، ان ڏيٺي ڏيٺي موڪليا
سي ليکي ۽ ليکيا، جي ٻاهڻ مڪائون هٽ
اولن آتي آهٽين، سر تي ڪيائون سٽ
سامون سلطان جون ڪڏهن کي وکيون ٽڪن وٽ
ٻڙهٽ ۽ ٻانهنجي، تو ڪهٽي وڏي آ گهٽ
هاٿي اکيئون ڪيم آهٽ، جي ڪڇو ڪيئي ڦلات ۽.

تڏهن ڪيو معرڪو مير، ٺٽر ڪوٺي پانهنجا
اسلح خانو آهني، ونڌي ڏنا وير
ترت ڏنائين توپچي، توري دارون تير
هليا جنگ، جمن چوي، برسر باسي ٻير
تان پروانو ڏي پير، لکيو سرد مراد کان.

چئي: هي صلاح سئين، ته ڪجن وچ وزير
شرطون سنجن شاهه سان، نوجوان ڪري فقير
اچي پڇنس تن ٻهاڙ ۾ جئن منڪر ۽ نڪير
هاڻي چوائين ڳالهيون چار، مڇ مير مراد چئي.

جن اصلئون عباسين سان، آئن کي اختيار
سي تڏهن ڪئون ترڪ ٿيا، ويٺا ڪين قرار
نور محمد نامدار ڏي تان نظر ڪري نهار
ڪيو الله اڪي ڪئون، اتاني آپڪار
سو عقلئون افلاطون جي، آندو ڪٿي اختيار
تنهن کي هيور کيور هٿيا، هٿا ديمون تنهن درٻار
اچي اڱڻ ٻار، راڻر ونڌئي روهه مٿون.

هت پي ميان مصلحت لٿي، سڀ سڏي سرڪار
تنهن وچائي وير لٿي تجويزئون تلوار
ڪوکلي کانو ٿو ڪٿي، مرڪي ميرئي پار
آئون هنئونت جي آچار، ۽ اڇمن جهڙي لڇئين.

تڏهن هٿٽ ٻڪي ٻير، هيت بهارين بادل ڪيا
جهنجهڻ پاتي جس لٿي، ڇهن چڱيري چير
تنهن چمي ٻڌي چيله سان، شرط ڪٿي شمشير
آئي ڪندس اير، هو جو ڪڇهي مير مٿان ڪڙو.

سا ڦرندي هي فلڪ، ڪي ڏينهن ڪارونپار ۾
سا ڪاڙهه ڪڙهي قلزوم مٿون، پيدا ٿي پرنڪ
سا ڪاري ڪوٺل ڪيسمي، لهي تکي تيغ تلڪ

ڪٿهني قصابن جي هٿي، هوندي دن هڪ
مهندين چاڙهي معرڪي، پڙ تي تهين ملڪ
ساميان بخشي مهر مٿون، شاهه پڏي بيشڪ
لالي ڪندي لڪ، جڏهن منهن لڳندي سير جي.

هو پي ڪري نفيلان ناز، ڪلي چڙهيو قلات ڪئون
سو اچي عبدالله خان ٿو ايڏي سان اغماز
جئن مرد مرغابيون پاڻين ٿو، پاڻ برابر باز
تنهن ڪڙ تي ڪنڪ ڪوٺي، سپ ڪيا سرفراز
هيڏهن پي ڪلن قيري ڪڏهين، جئن مڇي مقراض
جيڪي ماڻس مانڊيرو، سي سپ يڪدل يڪ انداز
تان نماشام نماز، دانهين ڊوڙي آئيو.

هيڏهن ٻه سٺي سپاهين چاڙهيون، سيغان سنگ تراز
شاهه شروع ڪيا سور جا، سنگ سويرا ساز
تن مصلحتي مراد سان، بڇيا برق انداز
ته ڪو پڙي پيڙائو ٿئي، قلعي ساڻ ڪواڙ
تان آڙن جا آواز، سٺي ڪونه سڌ ڪري.

تڏهن چالاري چاري، چڱن چڱا چاڙهيا
هڪڙو "حسن" جنت همت سان، ٻيو "بخشو" ٻاري
سي حرف ڳالهائن هڪڙو، آيا اعتباري
هڪ شينهن ٻيو شينهن، هوا شوقئون شڪاري
سي ڊوڙي پيا درياهه ۾، دوسي دوباري
تان پيهر گهڙن پار ڪئون، جي وچ هين وراري
سي چاري تي ٻه چڙهي ويا، موٽيا تان ماري
سي آيا اعتباري، خبرون وٺي خان جون.

واسون وٺي آئيا، قلعي سندي ڪل
ديرو ڏنائون ديم ڪي، جنگ جا ڏيهڙ جهل
سٺي سپاهين ڪيا تلوارين تجل

کڻي آندو خان کي، اتي ڪنهن اجل
ڪڍُرمائين ڪجل، پاپڙ پان ڇپي ويو.

نوبت ناز نفيل جي، ڏڙبا داڏڙ رنگ
جوانن ڪڻون جر هاريون، نين اڏايون انگ
اڙس اتي انَ جي، پلٽيا پون پتنگ
لهريون لحظو لائيو، چاچون چڏن چنگ
هسنگ وڃن نڪريا، خواهن خواهه ختنگ
راڻن سيجون وڇايون، ٻائي ٻوش پلنگ
ويا چڙهي، ايندا وري، لوڻي لال لنگ
نبڪ سندي ننگ، وڃي اڙبنگ چاڙهيا آڙ ۾.

نيل نشانا، مرچا مصلحت، عظمت چاتي ايهي
ٻنبت ٻڙجس بانگ پڙهي، جت حاجي خان هنديئي
دليل دليان آندا دل وچ، دولهه سندي ديهي
جنگ نماز جوانان نيتي، سنج سواريا سيئي
مڙني منجهه موسيٰ خان مفلح، ٿيو امام اڪيئي
تقدير اڪيون تدبير نه حاجت، هن پي چئي تڪبير تتيئي
الصلواة چيئون السلام چوان، سرن تان ملامت ڪيهي
فرض تراريون، سيرون سنت، نيزن نيت نيهي
اعليٰ وٺي آڏريا انيٺل، ويا پنجاهي ٻيهي
جن ڪٺي اولا جي استعمالي، سي ڪٺن وقت وڃائن ويهي.

ٻڙ ۾ ٻڌون ٻٺاڻ پشنگي، ٻاڪر آن ڪيون ٻيلان
هني ٻي هٺن هنن ڪي، هو ٻي هٺن هميلان
رئي اتي، رئي رايون ڇايون، رڻ رايون رٿ ريلان
راند رڪائي راڏڻ ڪهلي، رمي وچ رهيلان
ٿايو ڪهي لديون ماڇي، توفي ڪري تفيلان
لوهو لحم لپيٽيو لٽ پٽ، الٽ پلٽ البيلان
سنگراسي سلطان اڙائين، اتي ڪري آليلان

ٻيٺيي مول لَهه، بکتر پائيو، نايون ناڪ رميلانُ
بانَ نشان ڪرار و ڇاٽي، سنڪ هٽي ڪري سرسيلان
هو پيي هن وچ ڪرڻ هميلان، هي پي هٿن هميلان
ڪڍو ڪڍو ۽ آئن آڙهه، بکتر پائن بيلان
ڪليا ڪل ڳڏن تي ايوين، جيوين رنگ لايون رابيلان
جن وِي ڪاڏ ونمڪ نور نور ل جو، سي ڪٽن وقت وڃائن
ويهي ويلان
هردي طرفين تام پڪارون، ڦرون منجن ڦليلان
گهوڙي گنگ نقاري ٻاجن، گهوڙي گرز ڳليلان.

آکي شاهه مراد فقير، چڙهو تَهه جلوا چايون
توڪل علي الله پڙهي ڪر پير رڪابين پايون
عربي اسپ، عراقي، بلخي، نيلا ناچ نچايون
بازي خيل، براق، برنجا، بور، بليل بچايون
ڪيتُ ڪميت، ڪاڇي ۽ ڪرڙا، تني ترنگ تپايون
ديمن ساڻ ڏاريون درجن، ديس بديس دپايون
جاءِ بجاءِ هنڌين هنڌ هوڪا، ڳانءِ ٻڳانءِ گهمايون
ڪونه چڏيو ڪوريڪ قريشي، ڏونگر ڏيهه ڏنايون
جيڪو ملڪ مواس ميان جو، تنهن کي تت مچايون
قلات قنڌار ڪلهوڙي روهي، ڦڙتيءَ ساڻ ڦيرايون
ڪهين قصابين ڪاڇو رڻو، ٻر انهيءَ ٻرچايون
مٺهير ٽاري، نيزا ماري، ريزا رنگ رچايون.

آکي شاهه مراد فقير، چڙهو تَهه جلوا چايون
سرس پڌا سرپيچ سرائين، سونهري سرپايون
شڌان شالان ۽ شلوارون، سرخ سڦيتان سايون
ڪيمخابون ڪرنانڪ چيتو، ڪسم وڪل پلايون
بنارسي بجهواريون بيرم، بانڪن سر ٻڌايون
آبا وڙليون اورنگزيبيون، اڻ ڪاتيون آڻايون

گجراتيون گل بدنيون گنديون، گھ گھ گر سبتايون
هال رتيون هالار هويزون، تن سرس جليون سرخايون
بوندي ديس بنگالي بسميون، بسندي بشم پرايون
عطر كارا، الاچيا اطلس، سوسيون سرس سوايون
ململ خاص مكيسي مشرف، تن كي موافق مغزيون لايون
سانگان سيفان سپران سونهن، بيكان سڻ كمايون
زري ترا زر پيچ زواهر، زربفون زيبايون
موتيدار مكلف موزا، ڀهري سهرا پايون
زرهيت زيب جواهر جهالر، جوڙ رقيبن جايون
خان آيو خرخسي اتي، جوڙي جنگ مچايون.
آكي شاه مراد فقير، چڙهو تہ جلوا چايون
كولاچي، كوشك، كليري، كليا، قلعي كونڌ كڏايون
سيهڙ، سيال، سنديلا، ساوڻ، سان سنهاڪ سڏايون
ڏيرا، ڏهر، ڍهوٽ ۽ ڏونگر، ڏرن ڏركايون
موهل، منگي، مهڙ، ماڇي، مركنڊ ڀي مركايون
ابڙا ۽ اتوال اكابر، اتن لڳي آزمايون
بلدي، ٻهر، بلوچ، بداڻي، بيمت، سيم بنايون
گرماڻي، گوپانگ ۽ گهلو، گجر تت گهرايون
امير، اوان، آنڙ، اوڍاڻان، عمراڻي، اٿوايون
پنڌي، پنٿا، پتڙ، پاكيت، پيڏا، بيگ، پرايون
كوٽر، كهڙ، كواسو، كچل، خواجن سنجهہ گوايون
لاشاري، لانگاه ۽ ليكي، لاكا كن لڙايون
راوسر ۽ سركاڻي، سامتيا، سيفين كن سوايون
كيمٽيا، كوركچي ۽ كچرا، كيرن كڙڪ لڳايون
كيڙ، كڙ، كهاوڙ، كوكر، كوسا خان كيڏايون
پنجوتا، پرياڻ، پتافي، واهن وكب وڌايون
جهنجهڻ، جت، جمالي، جويا، جچ اچن جهڙ لايون
جانوري، جور، جتوئي، جنگي جوان ركن جلدايون

وين، ونس، ولداهه ۽ وڪا، ويڻ سان ويڙهايون
ٿئي هٿن هٿيار، ٽڪار ٽٽي ٿي، هلڪا هٿين هلايون
ڀيا اٽڪٽ آڙد عباسي ايندل، دوس اچن درچايون
تان ڏان ڏان ڪري دماما شاهي، وير ٻچي وڄايون
آڪن سچ صريح سڀئي، هر ڪا راهه رکايون:
تان خان ڀڳا تون چوڻ ڪيلين، آئي جو فوجان آيون
انهي ويل امالڪ آئيو، ٿهريون پنوش پٺايون
غيباڻن کي گهوڙا جوڙا، بخشي پير پلايون
سائس جي سرواڻ سڀئي، سمڪي سنگ سڏايون.
زرهه، زري، زربفت، زواهر زينت سان زيبايون
زري ٽُرا، زربفتون پيچون، بيکي بيگ ٻڙايون
چڙهيو لانگ ورائي گهوڙي، خان ڪلامان ڪايون
سوآٽيون سبتيون ڪبتيون ڦيري، ڪڙ قلعي تي ڪاهيون
هيڏهن ڀي سال سرائين سيفان جوڙيون ڪاندي ڪاڻ ڪٽايون
ڪيري ان سلطان جزائون، جامڪيون جفت جڳايون
شاهو سينر، مراد سنديلو، شتر نلو شت گايون
بعضي دوڪ آڏارن ٻازو، بعضي ٻاد هوايون
گرج اندر ڏسن جي گورا، رڻ ڪيون رت رلايون
رنگم لڳي، رينگڻ لڳا، ڇهرڪن جهيڪر جايون
ڏيون ڪاٽ، کهندا اچن هوريان قدم هلايون
مٽرچا جوڙي مرڪي ماچن، اٿي منجهه، اڙايون
دو طرفين ڀيڙا دل ٻادل، ڀڙ ٻازار ٻڻايون
پلٽي باز ٻٽاڻ پشنگي، شاهلي شور چٽايون
ڀڙ بانڪا، ياٺوت بروهي، ٻڙڪن ڀيڏ ڀڙايون
اچن عبدالله سان ايندل، شرطون شاهه ٻچايون
شاهه چڙهيو، شمشيرون ڪُليون، لحظي ڪن لڙايون
سي ٽهڪن، سهڪن، کهڪن ڪوهون، ڇهڪن
چار مٽنهايون

پس وريام وجهندا واڪون، وچن وچ ولايون
جتي چڙن چيرن جا چمڪار، کهڪن آت قرنايون
زاہر زنگ، زہرچا زنگي، راه چگيون ڪن رايون
ڪٽو ہر ڪرنگهه ڪرندا اچن، ڪو ہر ڪرنگهه ڪرايون
تتي تودهه متي ٽالپرن جو، ڪن نکورا نايون
نندو چام نوائي نيلا، نيزن سان نرنايون
سنگرامي سلطان آڙائي، سورهه ڪيون سرسايون
سوڙيون مل ميڙا منجي، تيغن سان ترسايون
هاڪي هو تيغن کي هيرو، پهچي هول هٿايون
خيلي کيرو، آٿن ايرو، درئي دل دپايون
جڪڙي جوان جلوڪي جوئي، لڙو هٿو سان لٽڪايون
لڳي لوهه لڏين لغاري، لڏن لوهه لڪايون
شاهلي مير، کيلي ڪاٺوتو، ڪنهن سان ست متايون
جروار ۽ بيا جکرا جوڌي، تن سان جوڙي جٽ جاڳايون
چيلهن ۾ شمشيرون جنجڙا، واهن وهند وڏايون
چنڙ ۽ بيا چانڊيا چينجي، چوکن چوج اڙايون
هت مهائن ماهه ملاڏن، رڻ مهائن رايون
ڪرکنيون ڪر قلعي پچن، ڳوريون ڳاٽ واريون
ڪني سندا ڪنتل اچن، ڪني سنديون ڪايون
روهه رتوليون پٽن راٽيون، دروازن تي دايون
ڪوليو وار گهگهيريون جهولن، ہوين ڪير وَيلايون
روهين روهه بروهين پٽڻ، وَاويلا جون وايون
داروں ڏند انڌارو درجن، رڏ وڙهي ڪن رايون
آوَن جاوَن رانوَن رڪين، ڪرنگها قلم ڪرايون
شير اچن دلڏير دلن جا، اعلي نام الايون
واگهه جتي وريام وڙهن، تت هٿن هزارن ۾ هٿ لايون
اوئس جي آڙاه آڙن جا، مجن آلا عرش انايون
آلن منجهه امالڪ ہون، ہورا ہاڻ پچايون

خوءِ لڳن تي تن جي ڪلي، باغ اناري جوبـ، پنايـون
مي ات ڪڍن وڍن واھ، وھاون، ڪوسيون ھٿن سِيُ
ڪڙڪايون

وَڪا وِير اچن تت وڙهندا، دَل ۾، پلي دستا لايون
دستن منجھ، ڏُودستيون ھٿن، پيچي پيچن ڪي پچايون
اخد اچن اولارا ڏيندا، لھس وجھن لڪ لايـون
لاھيون لاھ، آتي پڻ لتن، پرس وجھن تت پڙ ملھايـون
ھڪيون ھڪيئي ڪيَ ھٿن، ڪن سورھ، سنگراسي سرمايون
سرمي وک تني جي ثابت، راوت ريلي رت وھايون
مٿمت مار آتائين مت ڪي، رڪ بادل جان ڪن پرسايون
اچن ڏڙ ڏڙن ۾ ھوندا، تھدل ڏيـر تپايون
آڪي شاھ مراد فقير، چڙھو تـ جلوا چـايـون.

ھو پي زھوان زھـر پرائي زھري، جلد آيو جبلاتي
تنھن سان ھت پائيا ھٿا پاڻ پڙا، جيھل پان جماتي
تنھن سان ڪومون رومون ڪار غلامي، وڏوڏي وھواتي
سو جمدر سوني، سمندر سندلڪ، سيگن ڏول سجاتي
بعضي ڦھ ڦھ ڦيھ، وجھي ڦھڪارو، بعضي چپ چپاتي
وھواھ واھ وھائي وھٽي، واھ ڙي وليداد ولاتي
ھول ڪنگول ڪپيس ڪرماڻين، چوھون چنس چاتي
بانڪي تيغ پـڙائبي بانڪي، باقي ڪنڌ ڪنارو ڪاتي
تان پي ريءَ پروانن کھڙوپائي جھڙڪ ترارن ۾ جھاتي
ھت سرائين سيفان سونھن، ڪجميري ڪجراتي
درجن دوھـ ماريو ديرايون، دور چڱي ھرڏاتي
تني سرچني مرمٽائي مليس، آڻن جا اوقاتي
اڪيون اسماعيل اينئل خان آيـو، قيريندو فولاتي
ڪني سوپ سرائين يارو، ماري اھڙو ڪونڌ قلاتي
پڙھو ڪلمون مسلمانو، محمدﷺ جا صلواتي.

نکھہ پٺي پار ڏي، نکھہ اوس نہ پاس
سمند سوني ساز سان، هزارڻ هياس
جھنڊا آيا جھولندا، علم طوق اکاس
پزن پهادرو، اهي الاوَ آتاس
اڙن ۾ اڳيون تياس، ان ڪلمي پاس
هڪڙو گھوڙو ڏي گھات سان، پيو پختارو پاس
دادوئي دو دستو ڪري، ڪِڪ مٿون ڪوڙياس
مصرين منهن مڙيا، پر نہ مٿين موڙياس
نيزا، نوڪان، ناوڪان، رم رم منجھ رتياس
تيلانھ ڪِچڙيءَ ڳتياس، سهرا سفيلان ڪري.

٣. جلال ڪنڌي ۽ جمن چارڻ جا بيت *

روايت آهي تہ قلات جي والي مير عبدالله خان جي وقت ۾ ڪڇي ۾ ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ هڪڙي بروهڻ بيوہ زال کان هڪڙو ٻڪر کسي ورتو. اها بيوہ عبدالله خان وٽ فريادي آئي. عبدالله خان ان عورت کي ٻڪر جي بجاءِ ست ڏڻ ڏيئا ڪيا، ۽ بروهڻ زال چيو تہ مان سنڌ ۾ وعدو ڪري آئي آهيان تہ جيڪر عبدالله خان جيڏرو هوند و تہ ست دفعا ڪچو هٽائيند يس. تنهن تي عبدالله خان خاموش ٿي ويو. چند ڏينهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن پنهنجي اميرن کي دربار ۾ جمع ڪري، مشورو ورتائين تہ هن بيوہ بروهڻ جو ٻڪر منهنجي ڇاتيءَ تي ڏو نهي، اوهان جي ڇا صلاح آهي؟ بروهي اميرن سنڌ س راءِ تي اتفاق ڪيو تہ بروهڻ جي زبان کي پاڻي ڏجي. پوءِ عبدالله خان ڇھ دفعا سنڌ هٽي آندي. سنڌ جا ڪلهوڙا حاڪم شڪست کائي

* هي بيت (١) سگهڙ حاجي اسماعيل بند يجو ڪرمتي (٢) محمد امين پوٽائي، ويٺل ڳوٺ ٽانڊو قلعو، لس ٻيلو ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل آهن.

عاجز ٿيا. ليث شاهه ٻهارو ٿالي هڪ سيد جي ڪمان هيٺ ساري سنڌ جمع ڪري، مقابلي جي واسطي موڪليائون. ڪلهوڙن جي انهيءَ حملي جي وقت اڪثر ٻروهي لشڪر واپس جبل ڏانهن موٽي ويل هو. ٿورن سوارن سان عبدالله خان ڪچي ۾ رهيل هو، جو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي لشڪر حملو ڪري، عبدالله خان کي سندس همراهن سميت قتل ڪيو. سنڌ جو لشڪر بي حساب هو، تنهن ڪري هي ٿورڙا ماڻهو وچ لشڪر ۾ لوڻ ٻاٽيءَ وانگر ٿي ويا. عبدالله خان جي لاش جو ڪو پتو نه پيو، تنهن ڪري سنڌ جي لشڪر تي تشويش ۽ هراس باقي رهيو. چون ٿا ته ڪنهن خدا رسيده فقير درويش جي عبدالله خان کي دعا هئي ته تنهنجي مرڻ کان بعد به ٻارهن مهينا دشمن تان خوف نه ويندو. هيءَ ڳالهه به چوڻ ۾ اچي ٿي ته عبدالله خان ٻوائتي شڪل جو هو. سندس سڀني عضون تي وڏا وار هئا، تنهن ڪري سڄي بدن جي وارن ۾ سچا موتي ڳنڍائي ڇڏيا هئائين. پاڻنجي ٿو ته وچ لشڪر ۾ قتل ٿيڻ تي سندس سڀ عضوا موتين جي لالچ ڪري، سپاهي وڍي کڻي ويا، تنهن ڪري سندس لاش هٿ نه آيو ۽ هڪڙو سال دشمن هراسان رهيا، چاڪاڻ ته سڀڪو حيران رهيو ۽ ڪ نه پئي ٿئي ته عبدالله خان شهيد ٿي ويو يا پڇي پئي ڪنهن پاسي هليو ويو. چنانچ انهيءَ ڳالهه تي ان وقت جي وڏن شاعرن جمن چارڻ ۽ جلال ڪنڌي جو پاڻ ۾ مناظرو ٿيو.

جلال ڪنڌي چيو ته عبدالله خان جنگ جي ميدان مان پڇي پئي پاسي نڪري ويو، پر جمن چارڻ جواب ڏنو ته عبدالله خان جهڙي سورهيه لاءِ جنگ جي ٻڙ کان پٺيرو ٿيڻ ناممڪن آهي. مختلف سگهڙن کان مليل آهي بيت هن بعد شامل آهن.

جلال ڪنيءَ جو سوال، جمن چارڻ کي:

ميـر ويـهـي ميـدان ۾، ڏاريـائيـن ڏارو
جيئن ڏاريائين تيئن نـه، ڏريو، پيو پڻون پاسارو
بازي هارو، شاهه ڪنيءَ ويو شير ڪٺون.

ميـر ويـهـي ميـدان ۾، ڇٺوبـڙ ڇڏائـي
ڪيليا خان ڪنيءَ چوي، ڪي ٻارهن ٻـولائـي
جيئن ڏاريائين تيئن نـه، ڏريو، ويو ڪٺو ڪٽائـي
بازي ٻـلائي، شاهه ڪـنيءَ ويـو شير ڪٺون.

ڪـرتـي ناهه قـلات ۾ نه سو ميريءَ ۾ مير
ڦيٽ نه ستائين فوج جي، جيڪس ڏيمين ڪيو دلـگير
ڪين ڦـري ٿيو فقير، يا ويو دانهين دليءَ تي.

جمن چارڻ جو جواب:

نـڪي ويو دانهين دليءَ تي، نڪي آڏائو آڪاس
لـڳي جنگ جمن چوي، ڏريو مورچل مٿاس
دادو دستيون ڪري، هئو بختيارو ٻـاٺاس
اهـڏي الهداد سين، جڏهن اچي جـوان جٽـاس(١)
مـنهن گهنڊي، چپ وات ۾ هٿيارن هٿاس
ڪلنگي ٽـا ڪپار جي، سا جنوهر ساڻ جڙياس
سـوزا جـي پيرن جا، مٿهرن ساڻ مڙهياس
سـمـنـد سـونـي ساز سـيـن، هـزارن هياس
جهنڊا جهلندا آئـيـا، عـلـم طـوق اڪياس

---

(١) ٻي پڙهڻي: جهڙين جا اوڪي ۾ ٻٽيجهئون پڪيڪ ڪتاس.

ڪنڌ ڪرنگر ڪپرائي، ڪيرمائين ڪنياس
ڪپ ڪاتيون ڪناريون، رم رم منجهه رتياس
”ٻيزن ٻيزن“ ڪيو بهادرين، اهو آلاپ آتاس
ڪيجهڙين ڪٽتاس، سيهرا سفيد يون ڪري.

—

ميرميريءَ ڪون چڙيو، جڏهن ٻروهي ٻڙڪي
خاشي خلوت خان سان، تنبوءَ تڙڪي
وڏ ڦڙو واڪا ڪري، سهسين وانگر سرڪي
جوانن سندي جان تان، رُڪ ڏني رڙڪي
آيا ڏو ڏو ڪار ٻ، تڏهن لهڙو ٻيا لڙڪي
جڏهن مير ماريو مرڪي، تڏهن لٿو ڪوچ قلات تان.

—

جيئن ڀهون ٻيلين ٻٽ ڪي، ڏرن جيئن ڏيلي (١)
تيئن آيا مير عبدالله خان کي، رڙُ وانگر ريلي
سارنگ ميرائين جا، مٿس ويا ميلي
تين ٻڙُ هٽي ڪيو ٻڊرو، زخمن سين زيلي
ٻيلاڙن ٻيلي، لاٿس ٽوُ ترار سين.

—

اوله سج اوٻير ٿئي، اوٻير ٿئي اوله
ٻڪيو شينهن گاهه چري، لهي هيٺ هماءُ
وڃ ڪڙڪو ڪري، جڏهن وڃي تحت الثراء
تڏهن مير عبدالله، ٻڙ کئون ڦيرو ٿئي.

—

گنگا جمنا آلٽي وهي، نديءَ وهي ن، نير
ڪٿي رتُ نه ڏئي، ڏُڏي ن، ڏئي ڪير

---

(١) ٻي روايت: ٻون کيلي ٻٽ ڪي، ڏرن جيئن ٿيلي

دانُ ڏرتيائي نہ ڪري، ستي پڇي مير (١):
تڏهن عبدالله خان امير، پڙ ڪٿون پيرو ٿئي.

—

گنگا جمنا الٽي وهي، چرل چلي آسمان
قطب تارو آپ مان جڏهن ٽڙڪي چڏي ٿان
پيدو پالڪ ٿئي، نشين جوين جوان
تڏهن مير عبدالله خان، پيڙ ڪٿون پيرو ٿئي.

---

(١) ٻي روايت: پيڙي جر تي نہ هلي، ستي پڇي مير

٢. جنگو خان جمالي ۽ ٻُلي ٻڍائي جي جنگ

ڪاڇي جي ڪوهن جو هڪ ڀاڙو ٻڍائي، جنهن ۾ ٻُلو ٻڍائي ماماڻو، جو لوڙهيون هڻندو هو. پر شاهالي مار ڀائين، جن جون مايون جنگو خان جمالي وٽ داڻهين ويون. جنگو خان ڪوهن ۽ جمالين جو لشڪر وٺي، اوچتو ٻُلي ٻڍائي تي حملو ڪيو. ٻُلو ٻڍائي، سندس ڀائر ۽ دوست سائينداد نوحاڻي لشڪر سان مقابلو ڪندي مارجي ويا.

انهيءَ واقعي تي ڇهه روايتون شامل ڪيون ويون آهن، جن مان ٽي روايتون نثر ۾ ۽ ٽي روايتون بيتن ۾ آهن. انهن روايتن جا راوي لس ٻيلي ڪوهستان ۽ ساڪريءَ جا مشهور سگهڙ (محمد امين ڀوتاڻي، حاميد خان رند ۽ ڪيڙا خان) ۽ جوهيءَ جو داناءُ سگهڙ نبي بخش لُنڊ آهن.

روايت

ٻُلو ۽ علي خان، ٻئي ڀائر عرضي جا هئا. ٻُلو وڏو بهادر شخص هو. ٻُلي هڪڙي جهيڙي ۾ راڏو ۽ راوت خان ٻه شاهاڻي ماريا. انهن جون مايون ويون جنگو خان جمالي وٽ ته اسان کي وير وٺي ڏي. جنگو خان هائو ڪار ڪئي. جڏهن ٻُلي اها خبر پڌي، تڏهن چيائين ته: جنگو، شاهاڻين لاءِ چيله پڏي آهي، ۽ بيت چوائي موڪليائين ته:

آ جنگو جنگ تي، مان ٻهرو پيراڻو ڏيانءِ
تڙڪن ۽ ترارين جا، توکي چکايان ساءَ
انهيءَ تڙ متاءِ، ماٺ نه نيندين سنرو.

تنهن تي جنگو جواب موڪليو ته:

ٻُلا! ماٺ ٻه نيندو سانءِ سنرو، انهيءَ تڙ متان تاري منهنجو سر صدقو لڳن تئون، آيون پيهي اوتاري هاڻي مٺائيون ماري، وٺندو سانءِ رت راڏي راوت خان جو.

پوءِ جتنگو لشکر گڏ ڪري، ٻلي تي چڙهائيءَ جي تياري شروع ڪئي، جمالي ۽ بروهي وغيره گڏ ڪري لشکر ٺاهيائين. ڪنڀيرو لنڊ به انهن ۾ شامل هو. حملي واري رات جڏهن سڄيون پچايائون، تڏهن جتنگو چيو ته: هڪڙو ياڳو وڏيڪ ٺاهجو، جو جيڪو ٻلي سان انگ ۾ ستّ ٿئي، سو پنهنجي پتي ۾ آهو حصو کائي. جمالين ۽ بروهين آهو حصو نه کاڌو، باقي لنڊ اهو حصو کائي ويو. ٻئي ڏينهن جتنگو لشڪر سميت، ٻلي ڪي پڏائڻ ڪان سواءِ ڪاهي اچي متس ڪڙڪيو، پر پنهنجي لشڪر کي چيائين ته: ٻلي وٽ لشڪر ڪونهي، ان ڪري بندوقون نه هڻجو، باقي ترارين سان جنگ ڪجو. ڪنبيرو لنڊ، جنهن ٻلي سان ستّ ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو، سو ٻلي سان ساهون ٿيو.

آيو لنڊ لرڙيون ڪندو، جنهن ڪينوڻ ڪينوائي
بيهڻ ٻلي نه ڏنس، ويس ڪني سان ڪائي
سرسي سائينداد ڪئي، جنهن ڪنڌي ڪڙڪائي.

سائينداد نوحاڻي، ٻلي جو دوست هو. لنڊ کي هڪ ڏک ٻلي هنيو، وري جو ٻيو ڏک سائينداد هنيس ته لنڊ چار ٽڪر ٿي پيو، انهيءَ تي جتنگو جي ساٿين کيس چيو ته: هاڻي پڇڻ پيٺي ڪانهي، ٺهنڪري جي چوين نه بندوقون هڻون، باقي ترار جي جاءِ ڪانهي. تڏهن جتنگو چين ته: انهيءَ ۾ ناموس ڪانه ٿيندو، چو ته هو مڙس آهن ٿي فقط ٿي. اهي ٿي ڄڻا هئا: ٻلو، سندس ڀاءُ علي خان ۽ ٽيو هو ٻلي جو دوست سائينداد نوحاڻي.

جمالي هر وقت پيا ڪوشش ڪندا هئا ته ڪنهن نموني سان ٻٻلي خان جون سينهون هٽون، چو ته گهٽو ڪري سينهون سڄيون پيون چرنديون هيون.

جمالين سنڌي راڄ ۾ ڪا جا چورپچور
آيا چاچي چام ٻٻلي جا، سڄا چڏ م ڏور
سينهون چرن سور، مانجهي مير ٻٻلي جون.

آحدي پٽ عرضي جا، سپ سيانا شينهن
هڪڙو شوق شڪار جو، پيو گهمن راتان ڏينهن
ٻٻلي خان ٻئي تي، مهند وسايا مينهن.

ٻٻلي جي پائرن جي ڪندو ڪانه ڪچي
نوحاڻي ننگ تي اچي ٻيٺو مرد سچي
لوهو ليٽي لال ٿيا، جيئن ڪٺبي لاڪ رچي
پوءِ جن جي ساک سچي، سي سري سور شهيد ٿيا.

محمد امين پوتاڻي واري روايت

ٻتراد بنديچي بروهي، ڪوسن جو خون ڪيو. اهو وڃي بروهين جي ڪيجراڻي پاڙي جي وڏيرن چاڪر، غلام علي ۽

بکر وٽ سهڙيو. ڪوسن چوائي موڪليو ته: براد اوهان وٽ آهي سو ٺهيو، باقي جي اسان ڏانهن آيو ته ماريندا سونس. پوءِ وڏيرن براد کي آن سودڻ لاءِ سنڌ ڏانهن موڪليو. اها خبر ڪوسن کي پيئي، سي اڳ جهلي ويٺا. براد آن ۽ پيو سامان سؤدي موٽيو پيئي ته ڪوسن حملو ڪري ساري چڏيس ۽ سمورو سامان بکر ۽ غلام علي ڏي ڏياري موڪليائون. حمر نالي لنگهو، براد جو يار هو، سو خراسان ڏانهن ويل هو، آهو خراسان کان موٽيو ۽ جڏهن ٻڌائين ته براد کي ڪوسن ماري ڇڏيو آهي، تڏهن چيائين ته: بکر ۽ غلام عليءَ ڪجهه ڪونه ڪيو. ان کان پوءِ حمر انهن وٽ ويو ۽ کين چيائين ته: اوهان ڪجهه ڪونه ڪيو، باقي آءٌ اوهان جي ڏوٿي ۽ ڪٽني سيڻيندس. انهيءَ تي وڏيرن لشڪر گڏ ڪيو.

هيڏانهن ڪوسن وري ٻٽلي کي چيو ته: لشڪر ٺواچي، هَل. ٻٽلي جواب ڏنو ته: ڪونه هلندس. پر سيني سائهن جي راءِ ٿي ته ٻٽلو هلي. آخرڪار ٻٽلو تيار ٿيو. سائينداد بروچ، ٻٽلي جو يار هو ۽ ”ڪاسونٿو“ (دُريجي جي حد ۾) جو رهندڙ هو، تنهن جڏهن ٻڌو ته ٻٽلو ٿو جنگ تي چڙهي، سو ٻٽلي جي مدد لاءِ آيو. جڏهن لشڪر آيو ته ان وقت سائينداد حقو پيئي پيتو. ٻٽلي، سائينداد کي چيو ته: آئيس! تنهن تي سائينداد چيس ته: هي ٿوڙائي جون ٿوڪون آهن، پوءِ آئون ٿا. غلام علي ۽ بکر جي لشڪر ۾ ڪنبيرو لنگهه به چڙهيو هو، تنهن پنهنجي ساهيڙي کان انجام ورتو ته: جي پيو يار نه ڪرين ته ٻٽلي سان وڙهان! سو ٻٽلي جي سامهون آيو. ٻٽلي جي شڪيلي جو نالو هو ”رُنُو“، تنهن جي ڏڪ ڪٽي ڇڏيس.

ٻٽلي بيهڻ نه ڏنس، وياس ڪنا ڪاٽي.

ڀوءِ وري سائينداد ۽ ڪنبيري ڪي ڏک ھڻيو، جنھن ماري ڇڏيس.

سرمي سائينداد جي، جنھن ڪنڌي ڪوڙڪائي. ٻڍلي ڇيو ته ڏک رڳي جو اٿس، جنھن پورو ڪيس.

حامد خان رند واري روايت

خان ٻڌيون ٿي ڪرڪيون، سي ٽيون ويروه منجھ وڃن
ڪري ڪٺون گورم مان ھٽيو ھوت وڃن
ڏنڪ تنھن ٽوھر ڪي، ڏا لٿين منجھ ليڪن
ھو ڏا وس وڃن، ٻڍولي ٿي لاٿون لڏيون. (١)

—

ٻڍولو ٻڌامن ۾ تو سورھيه سڏائي
نڪي وجھي وڇون واڙن ۾، نڪي ٿو پينگھا پائي
جڙي ھن جوان جون، ڪنڌيون ڪير ڪاھي
مينھون مڙھائي، ٻڍولي لاٿون لڏيون.

—

ٻابر ٻڍولي بيگ ٻڌاماڻي جا، ھٿا پنجئي پھلوان
سي تلي چڙھيا ھئا نڪرين، ڪيڙا ٻڌي خان
جت سيھي ڪيا ٿي سنڪا، تني ترارين وڏا ٿي تان
موت ٻڍولا علي خان، ڪوڏ رڳائي ڪھڙا.

—

ڪا جھور جھنڊي ڪي، نڪو ميانداد منجھن
ڀوءِ مينھون ڪک چرن، ٻڍولي لاٿون لڏيون (٢)

---

(١) ٻارو ٻوجاڻي حقي جو پياڪ ھو، وٽنل ”بارن نڪر“، ٻڍلي جو دوست ھو ۽ ٻڍلي سان گڏ ماريو ھو. ٻڍلي جو پاڻيجو ان وقت پڇي ويو، پر پوءِ آڏو لڪ لنگھي وڃي وڙھيو ۽ اُت ماريو.
(٢) جھنڊو، علي خان ۽ ٻڍلو، ٽيئي ڀائر ھئا.

انهن فقط اڪيلو جمالين سان گڏ هو. اڪ ۽ آهو انهي ڪسي سامهون ٿيو.

اچي انهن لوڙيون ڪندو، جيئن ڪنوڻ ڪنواڻي
خان جهلبي ڪيڙي ۽، تنهن جي سڄي سرواهي
ٻلي ٻيهڻ ٿي نه ڏنو، ويو ڪني سين ڪاٽي.

ٻئلو ٻي مهار، جا ڪري سا پاري
هڪڙيون ملهايائين ميهون، ٻيا ملهايائين ميهار
ڪيڙا ڪڙئي ڍار، تنهن رات رڱايا رت سان.

سگهڙ ڪيئا خان واري روايت

ڪنيڙاچ (هيءَ جتوءِ جهانگارن ڪان ٥-٦ ميل آتر اولهه جي ڪنڌ تي آهي) تعلقي سيوهڻ ۽ ٻلي جي ٺٽي آهي. ٻلي کي جنگو خان جمالي مارايو هو. ڪاڇي ۽ ڪوسن جو زور ۽ ظلم وڌي ويو هو. اول اول ۽ ڪوسن، ڪڪڙائي جي نئين ۽ شهيدن جي لڪ (تعلقو جوهي) تي، شاهاڻين جي کوٽ کي ڦريو. اتي راڌو شاهاڻي تنهن کي مارياٿون. انهيءَ ڪان پوءِ شاهاڻين جي ڙالن کي چياٿون ته توهان جي وارثن جي رت جا ٽيڪا اسان جي ڪپڙن کي لڳا آهن، سي ڌوئي ڏيو. انهيءَ تي مائن ڪاريون پوتيون ڪيون ۽ بلوچن وٽ ويون ته: اسان جون ڪاريون پوتيون لهرايو (يعني وير وٺي ڏيو). مايون آخرڪار جنگو خان جي گهر آيون، مگر جنگو خان پاڻ گهر ڪونه هو، باقي سندس پٽ عرضي خان ويٺو هو، تنهن مائن جون ڪاريون پوتيون لهرائي، پيا ڪپڙا ڏنا (يعني ته وير وٺڻ جو بار پنهنجي سر تي ڪنيو). جڏهن جنگو خان گهر آيو ۽ مائن وارو سمورو قصو ٻڌائين، تڏهن پٽ کي چيائين ته: عرضي خان! ڪم ڏاڍو ڏکيو ڪنيو اٿئي، پر هاڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي. انهيءَ

عرصي دوران، ٻٽلو ٻڊائي سندس پيءُ جو لاش، ڪنيڙاچ ڪان ڪٽائي، جتي واري مقام ۾ پورائڻ لاءِ آيو. ايتري ۾ جنگو به لشڪر وٺي وڃي اتي پهتو. ٻٽلي ڪي چيائين ته يا مرڻ لاءِ تيار ٿي يا پيءُ جو لاش ڇڏي وڃ، آءٌ پاڻهي پورائيندس. ٻٽلو لاش ڇڏي هليو ويو. جنگو خان لاش به پورايو ۽ ڪانڊپو به ڪيائين (اها مذاق ڇڻ رت وارڻ ٽيڪن ڏوڻ جو عيوض ڪيائين). ان بعد ٻٽلو لشڪر وٺي آيو ۽ رحيم خان جي ٽنبڙي ڪان اولهه طرف لڳ ٿوٽ جبل تي جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪي ماڻهو ڦٽيا، پر ٻٽلو ٻنا سوپ ڪرڻ جي واهس ويو. ان بعد جنگو خان، هتان شاهاڻين، لنبڊن ۽ جمالين جو لشڪر ساڻ ڪري ڪنيڙاچ تي چڙهائي ڪئي.

ٻٽلو ٻڊائين ۾، اڙٻنڪ عطائي
خان جهليو ڪيڙي سان، سڻي سرواهي
مٿي پڙ پائي، وهيو رت ريلا ڪري.

—

ٻٽلو ٻڊائين ۾ تو سورهيه سڏائي
نڪا وڃ واڙي ۾، نڪا پينگهي پائي
ڪير ڪنديون ڪاهي، جيئري ٻڊائي جون.

—

ٻٽلا ٻي متيار، ڪيٺي سي ٻار
هٿي هٿ هاچا ڪري، وڏني ڏيهه منجهه ڏهڪار
اندر روئن راٺيون، ٻهر پٽين پار
ڪيڙا ڪيڙي ڏار، رات رڳيا رت سان.

—

ڪُبِرَ نوحاڻي ننگ تي، آيو مرد مڇي(١)
سَڪيلا سرواهيون، هنيا نر نڇي
ڪا مَ ڪجان ڪڇي، ٻڍلي بيگ ٻڍام جي.(٢)

مينهيون ٻڍلي بيگ جون، آنڌاريون اڇن
نڪا جهٽڪ جهنڊي جي، نڪو مياداد منجهن (٣)
ڪٽنديون ڪيهون ڪن، جن جون رهيون
وڃون واڙي ۾.

آڏر آڏر ڪٽونجڙي، جهنڊي ڏيج سلام
سيسي ٻڍلي بيگ جي، جهٽي ويا جوان
نه ٻهري ٺاهو لڳا، نغارا نيشان
پوءِ جهنڊي علي خان، ڪوڏ رڳايا ڪيڙا.(٤)

نبي بخش خان لغاري جي روايت

مرحوم ميان نبي بخش خان لغاري، تعلقي جوهيءَ جو وڏو داناءُ سگهڙ هو. سائس سنڌس ڳوٺ ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ۾ هن جنگ جي ٿاٽن جا هيٺيان بيت ٻڌايا:

ٻڍلي جهڙا ونگڙا، مر ڇٽي ساٿي
ڪتا ڪيڙا هٿ ۾، اٿن ويڙهه جي واٿي

---

(١) نوحاڻي جو ڏالو ڪُبِرَ هو. (٢) ڳيلا هن جي نه ڪجان، جو هو به وڙهيو.
(٣) جهنڊو ۽ مياداد، ٻئي ٻڍلي جا پياءُ.
(٤) ٻي روايت: آڏر آڏر ڪونجڙي، جهنڊي ڏيج سلام
ويروه مان واڪو ڪري، ڪوسا نڪتا خان
سيسي ٻولي بيگ ٻداماڻي جي جهٽي ويا جوان
ٻڍلي جهڙا خان، مر ڪا ماڻي ڇٽي ڀڃڙا.

ٻئلو ڪين هٽڻ ڏي، ويس سٽڪيلا ڪـانـي
سرمي سائينداد جي، جنهن ڪٽنڊي ڪڙڪائي
تو ٻئي ۾ ٻائي، ٽيا ٽي ٻادر ٻـلـي بيگ جـا.

—

سچ لهي سانجهي ٽـي، جهنڊي موڪليا سلام
ٻئي ٻـلـي بيگ جـي، جهڙي ويـا جـوان.
ٽـ ڀهري ٽـاهـو لـڳـا، لـڳـا نـغـارا نيشان
پوء جهنڊي علي خان، ڪوڏ رڱـايـا ڪپڙا.

—

پنج هٿـ عرضي جـا، ونجهي سـامـائـا شينهن
اٽن شوق شڪار جـو، گهمن راتيان ڏينهن
پوء ٻـلـي جهڙا شينهن، سري سـور شهيد ٿيا.

٣. ميان نور محمد جو ڪوسن کي هڪالي ڪڍڻ

"چيني" (تعلقو جوهي) ڪوسن جو مرڪز هوندو هو. چيني ءَ کان ڏکڻ طرف ٽڪر تي، ڪولي جي ڀٽ شهداد ڪوسي جو قبو آهي. ڪولو مٿي جبل ۾ رهندو هو. ڪولي جو ڪن ڳالهين تان ٻنهورن سان تڪرار هلندو پئي آيو. انهن ٻنهورن مان حيدر ٻنهور، چيني ءَ کان اتر-اوڀر جي ڪنڊ تي، ٽن ميلن جي مفاصلي تي، ديهه "اراڙو" ۾ ويٺل هو. اتي سندس مسجد اڃان تائين بيٺي آهي. ٻيو "قيصر ٻنهور"، "سامتاڻي" ۾ رهندو هو. پاڻن کان اتر-اوڀر طرف ٥ ميلن جي فاصلي تي سندس مسجد اڄ به بيٺي آهي.

ڪولي ڪوسي وارا مال هٽي سنڌ ڏانهن ويندا هئا. هڪ دفعي هنن ٻوڪن ۽ پاڻن جي وچ تي، ايندي وقت، ٻنهورن جو مال هنيو ۽ هلندا اچي ديهه ٻشام ۾ علي مراد خان شاهاڻي جي ڪوٽ جي ڏکڻ ۾ منزل ڪيائون. ٻنويان ٻنهورن کي به مال جي خبر پهچي ويئي، سي لشڪر ڪاهي اچي مٿن ڪڙڪيا. سخت مقابلي کان پوءِ ڪولو ڪوسو مارجي ويو. سندس قبر به اتي ئي آهي. ان جهيڙي جو فيصلو پوءِ وري ميان نصير محمد ڪيو، جنهن موجب اولهه طرف جبل کان وٺي "ناڙي" تائين يعني اوڀر طرف سيوهڻ تعلقي جي دنگ تائين، ٻنهورن جو سڄو علائقو خون جي عيوض ڪوسن کي ڏنائين. پوءِ ڪوسا زور وٺڻ لڳا ۽ انهن راڄن کي تائي ڪنيو. پوءِ خود ميان نور محمد (وفات ١١٦٧ هه/ ١٧٥٣ع) به هنن جي مارائڻ پٺيان پيو. هڪ ڏينهن ڀڳ وارا روحلاڻي ڪوسا، جيڪي هن وقت "ڪاڙي" تعلقي ڪڪڙ ۾ ويٺل آهن، تن کي ميان نور محمد خدا آباد ۾ گهرايو.

جڏهن اهي آتي اچي پهتا ۽ اندر گهڙيا، تڏهن يڪدم دروازا بند ٿي ويا ۽ ماڻهو هن تي ٽٽي پيا. جعفر ڪوسو ترار لڪايو ڪٺيو ٿيو آيو، تنهن وجهه وٺي يڪدم مير ٻهرام تي حملو ڪيو، ۽ مير ڪيڙي آڏي ڏيئي بچاءُ ڪائي ويو. ٻوءِ ترار ڪٺي وار ڪيائين ته ڪيڙي توڙي جعفر منجهان وڃي پار پئي. انهيءَ تي شاعر چيو ته:

”اچي ويو ٻهرام، ٿي ته دست چڙهيو هو ديو جي.“

ٻوءِ سنڌ راڄن گڏجي ڪوشش ڪري، انهن ڪوسن کي آتان تڙي ڪڍيو، جنهن کان ٻوءِ هو وڃي جيڪب آباد جي پاسي رهيا.

٤. گنڊي منڊائي ۽ نوهڙين جا مقابلا

گنڊي منڊائي جي سورهيائي ۽ لوڙهين هٿان وارو دؤر خاطريءَ سان معلوم ڪونهي. هيٺ ڏنل روايتن ۾ لس ٻيلي جي حاڪم ملڪ پاهڙ خان ۽ ان پعد مائي چاڪلي جا نالا اچن ٿا، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته اهو دؤر ١١٢٥-١١٥٥ هه (١٧١٣-١٧٤٢ع) وارو هو.

حامد خان رند جي روايت

گنڊبو پٽ منڊو جو هو ۽ انهيءَ ڪري "گنڊبو منڊائي" جي نالي سان مشهور ٿيو. هو گبولن جي 'ٺوڻٻا' پاڙي مان هو. ننڍي هوندي گهوڙي سواري جو شوقين هو ۽ وٽس خاصيون گهوڙيون هيون. ان وقت گنڊبو ۽ سندس عزيز موجوده تعلقي ميرپورساڪري جي ديهه "ڪيراٽي" ۾ ويٺل هئا. هڪ ڏينهن سندن ڀير وٽن آيو، جنهن وٽ ڦٽر سان هڪ گهوڙي هئي، جا گنڊبي کي وڻي ويئي. ڀير کان گهوڙي گهريائين. ڀير چيو ته: گهوڙي ڪين ڏيندس، باقي چئوس ته هي ڀيهاڻ پل ٻڌي چڙي. اها ڀيهاڻ رنگ جي ڪري هئي. گنڊبي چيو ته: انهيءَ ڪريل جهڙيون مون وٽ به آهن. پوءِ ڀير جڏهن موڪلايو ته ڪيس ٺٽي وٽان درياء جو پتڻ اڪارڻ لاءِ ڪڏجي آيا. گهوڙي پيڙيءَ ۾ چاڙهيائون، پر ڀيهاڻ، جنهن جي واڳ گنڊبي جي هٿ ۾ هئي، سا زوري ٻڌل هئي وچي درياء ۾ پئي. پهاڻ جي طاقت ڏسي گنڊبي ڀير کي چيو ته: آءٌ ڀيهاڻ سانڍيندس. پوءِ اها ڀيهاڻ گنڊبي جي "ڪري" نالي سان مشهور ٿي، جنهن جي زور تي گنڊبي وچي لس (لس ٻيلي) ۾ لوڙهيون هنيون.

ڪنڊيو وڏي همت وارو ۽ سورهيه مڙس هو. سنڌ
ڇڏي وڃي لس جو مال هڪليندو هو. آئيون هڪليندو هو ته
پنهنجي نالي ۽ نشان خاطر هڪڙي ڪڇ جي چوٽي وڏي
پويان ڇڏي ويندو هو ته پڙ ته واهر وارن کي خبر پوي ته
ڪنڊيو مال هڪلي ويو. ان وقت لس ٻيلي تي ملڪ پاهڙخان
جي حڪومت هئي، پر ڪنڊيو ڪو مڙس وارو هو! هڪ ڀيري
چام پاهڙخان جي ويجهي منزل هئي، ته به اچي لوڙهه
هڪليائين ۽ پڇ وڏي لٽندي ڏاچي جا پويان ڇڏيائين، سا
خود پاهڙخان ۽ سندس لشڪر ڏٺي:

"لٽڻي ڳڏي هئي لم ۾، ڀرئين پاهڙ کي."

حاجي محمد سوڍي ٻکياڙ جي روايت

ڪنڊيو لس سچي ۾ لوڙهه هڪليندو هو. سندس گهوڙي
'ڪَرِي' هئي. اصل پنهنجي پيرا ڪان گهوڙي گهرايائين.
پير چيس ته، گهوڙي ڪين ڏيندس، باقي هي ڀهاڻ ٻڌي ڇڏ.
ڪنڊيي چيو ته، انهيءَ ڪريل جهڙيون مون وٽ ٻه آهن.
پوءِ پير چيو ته، مون کي پٺتي آڪاريو.

ڪنڊيي وارا ڪيرائي ۾ ويٺل هئا. ٽئي وٽان پير کي ٽي
آڪاريائون. پيڙيءَ ۾ گهوڙي چاڙهيائون. چاڙهڻ وقت
ڀهاڻ پيڙيءَ تان ٽٽل هٽي وڃي درياء ۾ پئي. واڳ
ڪنڊيي جي هٿ ۾ هئي. اتي سوچيائين ته هاڻي ڀهاڻ آءٌ
سانڍيندس. پوءِ پير کان اها ڀهاڻ ورتائين. ڪنڊيو پوءِ
هتان ڪاوڙجي ڪڇ جي راجا وٽ وڃي ويٺو. اتي گهوڙيون
ٻن پهرن تائين ٻلائي ڇڏيندو هو. راجا انهيءَ جو سبب پڇيو،
پر ڪنڊيي ورندي ڪانه ڏني. هڪ ڏينهن لوڙهه لڳي.
گهوڙيون تيار ٿيون هيون، يڪدم چڙهي وڃي ورايائين.
پوءِ راجا کي چيائين ته لوڙهيون ٻن پهرن تائين لڳنديون
آهن، انهيءَ ڪري گهوڙيون ٻلائي ٿو ڇڏيان.

سنڌ ۾ ھويان مائي چاڪليءَ جي ڏينھن ۾ بِرفتن زور ورتو، تن ڪرمتين کي ھڪالي آڻي ڪھاري تائين ڇڏيو. پوءِ مَلڪ ابراھيم چيو ته، وڃي گندبي کي آڻيو. جوڻ ٿا ته ھت مَلڪ، گندبي کان مُنھن موڙيو، سو ھو وڃي جاتي ويٺو. اتي ڪڇ جي جاڙيجن جون ھنيل لوڙيون ورائيندو ھو. ھيڏانھن ھيءَ حال ٿيو جو برفتن جي وڌيل زور سببان، گھاري مان پروچن جون آئيون متي حب ڏي چڙھنديون ٿي ڪين ھيون. تڏھن مَلڪ چيو ته وڃي گندبي کي آڻيو. گندبو آيو ۽ چيائين ته: آءٌ تو متي جبل تي وڃي ويھان، ۽ پوءِ آئيون پِل اچن.

. گندبي پوءِ عيوض ۾ نومڙين جون لوڙيون ھنيون، تڏھن پيلي جي نائبن مائي چاڪلي جو حڪم آندو. ته آئيون واري ڏيو. گندبي چيو ته ڪونه ڏيندس. چئي:

چوريءَ پڌي چاڪلي، متي پنيءَ ھاڪ
تڏ ٿي ڪري چاڪ، جڏھن ڏاڙھي ڪانھي ڏيھ ۾.

انھيءَ دڙڪي تي ھو ھتان لڏي ويا. گندبي پوءِ وڏي وڃي لس جي حد ۾ لوڙھه ھنئي. ڪوٽ جي پران اچي لنگھيو، تڏھن ڪو ماڻھو سندس نالو پڇڻ آيو ته:

”ڪھڙو آھين ڪرمتي، تنھنجا ٿا نومڙيا ناڻءِ پڇن؟

گندبي وراڻيو ته:

آءٌ غازي آھيان گندبو، مون کي ٿا آنʼجا سورھيه سڃاڻن
سدا گس گريءَ جو، آھي انڌي کي اکين
متداڻي ميرينʼ جون اکي ٿيون اويڙيون اچن (١)
جن جي ورنگا ور ھاڪن کي، سونھريون سونھن
جي ميري سنڌ سڄن، سي سور منڌاڻي آئيا.

---

(١) اويڙيون لوڙھيون، زبردست حملي واريون مال جون ڪاھون.

گندو ٻوڙهو ٿيو تہ ”بيگ“ ٻيلي ۾ ساماڻو، تنهن چيو تہ هاڻي گندو اچي مقابلو ڪري. ٻوءِ گندو ٻيلي ۾ ويو. بيگ جوڪيي اولياء جي ڦنڊر ڏيڻي ڪئي ۽ چيائين تہ گندو مون کي سامهون ملي. گندي چيو تہ جي بيگ ڦنڊر ڏنو ڏئي تہ ڪوٽيي (ننڍي ٻڪري) آدم پير جي آڏو ڏيندس. هڪ ڏينهن اچي هڪٻئي سان گڏيا. گندي مٿس حملو ڪيو تہ سامهون ٿيو ٿي ڪين، ائين وٺي گهوڙو وڌايائين. اچي ”ڪرڙي“ ٻويان لائي ڪنيائينس. بيگ بہ گهوڙي تي هو، گهٽو پڳو، پر گندو بہ ٻويان لڳو ويس.

پڇي پڇي بيگ، تہ بہ گڏ نہ ڇڏي گندو
چاڻي سارو لوڪ، تہ لائق لوڏي ماريو.

گندو جڏهن پير مرد ٿيو تہ سندس ڀاڻيجي چيس تہ: ماما، تون هاڻي گهر ۾ ويهہ، هي گهر تنهنجو پنهنجو آهي. ڪي ڏينهن اتي رهيو. هڪ ڏينهن ماڻي چيس تہ: ماما، ويٺو آهين، ٻارڙو پيو روئي. تون پينگهي کي لوڏ تہ ماٺ ڪري. آن ڏينهن ئي گندي گهر ڇڏيو. چيائين تہ: عهدي الله ڏنو منهنجو مٽ آهي، ان سان آءٌ مقابلو ڪندس. ٻوءِ گندي وڃي الله ڏني جو مال هنيو ۽ چيو تہ: اسين فلاڻي هنڌ مال ڊُوهيون ٿا، عهدي الله ڏنو اچي تہ ٻڌائجوس.

عهدي الله ڏنو، وڃي هنو، چڙهيو چٽائي.

ٻي واهر اڳ ۾ پهتي. هڪ مڙس سامهون آيو، تنهن کي گندي ڪيرائي ڀاڪر ۾ نپوڙيو ۽ اتي ئي ان جي مٿان پيو رهيو. سندس ڀاڻيج گڏ هو، تنهن چيو تہ: ماما، مال اڳتي ويو، اٿي تہ هلون. گندي چيو تہ: منهنجو مٽ عهدي الله ڏنو پاڻهي اچي مون کي ماريندو، باقي گهر هلي پينگهو ڪونہ لوڏيندس.

گنڊي جي مرڻ کان پوءِ لس تان لوڙيون لٿيون.
ٻي ڪنهن کي همت ڪانه هئي جو لس جو مال هٿ
ڏيڻ ڀاڪُر ٿي وڃي ته!

”متنداڻي متري، ڇڏيون واڳون وراڻي.“

سنڌس مَرَڻ تي پوءِ سنڌس پاڻيچ جي ڏال ٻار ڪيو ته:

ڪري مٿي گنڊيءَ، آئي اڀڻو ڀير
متنداڻي مري ويو، ڀيو لس ڪاهيندو ڪير.

هڪ ٻيري گنڊيو حب جي ڀريان، جبل جي ڏکڻ
چاڙهه تان ڪري ٽپائي آيو، جنهن ڪري ان تي ڳالهه ٿي
پئجي ويو ”گنڊي وارو لڪ“ يا ”گنڊي وارو جبل“.
اڃا تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي(١). گنڊي جي پڙائين
قبر ٽڏي جي لٽن تي ”ملڪ طوطا“ جي مقام ۾ آهي.(٢)

---

(١) ماريپور وارا مڇي ماريندڙ ڪناري کان اڳتي اندر سمنڊ ۾
جڏهن رڇ پو ڪيندا- (رڇ وجهندا) ته اڏو ٽين ڏڪرين سان ڪنهن
هڪ ٽڪري ۽ ’گنڊي جبل‘ جي چوٽيءَ جي سڌ ملائي نشان ڪندا،
پوءِ ٻي ڏينهن انهيءَ سڌ ۽ نشان تي رڇ ڳولي لهندا.
(٢) اها قبر آڳاٽو انهيءَ مقام جو معائنو ڪندي اسان ڏٺي هئي.

٥. جنگي خان ۽ جمالين جي جنگ

برفتن ۽ جوکين جي نزاع ۾ لس ٻيلي جي ڄام عالي "ڪنوريءَ" (١٧٤٢-١٧٦٦ع) جوکين جو پاسو ڪيو. پنهنجي سپهه سالار "جنگي خان" ڏيوڙاڻي ٻري کي جمالين تي وڃي ڪاهه ڪري ڇڏين. مگر برفتن نه مڃيو ۽ وڃي تمن ۾ رحيم خان (تعلقو ڇوهي) جي جمالين کان مدد گهرايائون. ٻنهي "آڇڻي" جي سرحد تي وڃي جنگي خان، جمالين کي ماريو. ٻئي وري جمالين "ڪرڙهه" واري لڪ تي جنگي خان کي ماريو، جنهن جو تفصيلي ذڪر "ٻيلاين جا ٻول" ۾ ڏنو ويو آهي.*

آهدي رتيي آڇڻي، ٻارڻ جڻن ٻيڪن
هيڏانهن ميرمرجوڪ سين، هو ڪنڪي ساڻ ڪڏن (١)
انهين آهڇاڻن، آهن آڏي ويڙا آڇڻي. (٢)

آڏي ويڙا آڇڻي، تحقيق ڪيائون تورو
آنڌيائون آفين جو، ڪڍيائون ڪورو (٣)
ٻئي ٻه ٻاهه منجهان ٻورو، سنجو نڪتو سون جو. (٤)

---

* ڏسو "ٻيلاين جا ٻول" ٻيو ڇاپو (١٩٥٠ع) صفحا ١٨٦-١٩٨.
(١) مترجوڪ جمالين. ڪنڪو = رنگ جو ٻورو يعني جنگي خان ڏيوڙاڻي ٻروهي جنهن کي شاعر "نير" سڏايو آهي. (٢) يعني جمالين کي هٽائي ڏيکي ڪري ٻيٺا، آڏي ٻيٺا. (٣) آفين = آفير. ڪورو = تکو. (٤) ٻورو، يعني جنگي خان.

٦. آچڙي واري جنگ

هيءَ جنگ مَلڪ ۽ ڀِنڀَڻ حملائي ۽ سورن جي وچ ۾ لڳي. جهمپير کان ڏکڻ-اولهه، ”آچڙي جو مڪان“ مشهور آهي. مَلڪن جو پاڻ ڀِنڀَڻ ۽ ٻَٽ جهونجهار حملائي پنهنجن سان ڏنهيو، سو لهي سنڌ ويو. اتي بس پاڻ پاڙن کان پري ٿيڻ جو ڏک ٿيس، سو سنڌ ڇڏي جبل ڏانهن هليو ويو. آچڙي جي وڏي ڪَلَ (ڍوري) تي اچي لٿو. ونس سينهڙون هيون، جيڪي آتي چرڻ لڳيون. اهو پڊ ”سورن“ جو هو، آتي ”ڏيڍا سورا“ (”سورن“ جو هڪ پاڙو ڏيڍا) ويٺل هئا. ڀِنڀَڻ لڏو لاهي ويو شڪار تي. هڪڙي مِيائي سندس وهاريل هئي. آها ويٺي هئي، جو سوري اچي مينهون ڪڍيون ۽ لڪن سان ٽَٽن کي کهٽ هٽي چيائين ته: مار، ٽَنگ ته ڪيڏا آهن! مائيءَ چيو ته: جيڪي سانڍهن جون ڏِيئون هونديون، تن جا ٽَڻ ۾ وڏا هوندا، باقي هڙڙين جي ڏيئن جا ٽَڻ ننڍا هوندا. مَلڪ ڀِنڀَڻ آيو ته مائيءَ کيس چيو ته: سوري ٽَٽن ۾ کهٽ هٽي مينهون لوڏيون. مَلڪ گهوڙي تي چڙهي، سورن جي ڪوٽ ۾ آيو. سورن جو وڏيرو ”طَهِرَ“ هو، ان کي چيائين ته: ”جاڙيجي (دودن جي جنگ ٻڌي اٿي؟“ چيائين ته ها ٿو. تڏهن چيائينس ته نيٺي ڏينهن هن ڪَلَ تي پنهنجي ”جاڙيجي“ اٿي. طَهِر چيو ته: اڄ ٿي ڪٿي ڪر، ٽي ڏينهن ڪوهه ٿو وجهين؟

سنڌ ۾ ڀِنڀَڻ وٽي چاڪرين ويٺو هو، جيڪي (ڪَلهي لڳ) ”اڪري“ ۾ ويٺا هئا. ڀِنڀَڻ پوءِ آيو چاڪرين ۾. چاڪرين چيو ته: سورن جي ٻچڻ جا اسين آهيون. ڀِنڀَڻ چيو ته: نه، آءٌ پنهنجي پاڻ ۾ رفت ڪي جتائيندس. برفتن جو

هڪ ڪماني هوندو هو(١)، سو آن وقت حملائين مان سرجئوڪ هو ۽ جاڪرن جو ڪماني ٿيو "پنهل". پالاري ٻه ملڪ پنهل سان پيڙا ٿيا. هالي پالاري چيو ته: جاڪرا آهن سنڌ جا ماڻهو، متان جنگ هارائي وڃهن، سو اڳ ۾ ٿين پالاري. اها ڳالهه ٻڌي جاڪرا ڪاوڙيا ته اسين آهيون ڪيڏي ۽ پالاري آهن ٻهدرا! هالي چيو ته ا سون چيو ته اوهين جاڪرا آهيو سهڻا، سي ٿورا مرو ۽ پالاري آهن ڪشائيگ (ڪوجها)، سي ڀلي گهڻا مرن، هاڻ ڀلي اوهين اڳ ۾ ٿيو.

آڏو سورا آڙوڻ (ڪنڌ ڏا، مورچا) ڪري ويهي رهيا هئا. هي جي ٻڌرا ٿيا ته وٺي جو بندوقن جو ڊز ڏناءون ته جاڪرا جي جتان سي ٿتان وٺي ڀڳا. پنهل ڪماني ۽ ٻاٻڙو حملائي وڃي رهيا. پنهل گهوڙو چڙهيو، سو وڃي سوڙ ڀڻ ۾ پيو، زره جو پيڙو چنڊل هوس. سوري پالو هنيو، سو وڃي سيني مان نڪتس. باقي ٻاهو ڪي ڪيرايائون، پر پالاري پويان اچي پهتا، تن ڇڏايو. هيٺيان بيت انهيءَ جنگ بابت آهن (٢):

سردار سٺين مهند ۾، ڪٺن ۾ ڪاٺو(٣)
سردار ليٺيو سوڙهه تي، وڏس هو وهاڻو
ڏيٺي ٿمر ٿاٺو، اڏي ويٺا آجٺي.

---

(١) برفتن جو ڪماني هڪ هوندو هو، جيڪو ٻانهو ڪنيو بيٺو هوندو هو. ٻانهو لوڏيائين ته جنگ شروع ٿيندي، پر جي ڦيريائين ته جنگ بند ٿيندي.

(٢) روايت سگهڙ الله بخش پالاري.

(٣) سردار، يعني پنهل ملڪ.

اڏي ويٺا آچٺي، ڪيا احدي اوتارا
تہ ڏنيون مڙي ڏکڻ جي، پکين جي پارا
سورا سوڀارا، ڏني "طهير" تيڪ ترار مئون.

ڏني "طهير" تيڪ ترار مئون، ناه ڪنڌ وءُ ڪهٽ
نيزو لانگوءَ هٿ ۾، سٺيا کڻي سٽ
اندر ڪير اگهٽ، تہ اچا ٻہ سوائي ساماڻو.

"سوائي" ساماڻو وجي، پر اچا طهير جو ڏس تورو
پيو "ڪڪو" ڪڍي اٿيو، سوين ڏانهن سورو
آٿيو تي آفيم کي، ڪشيائين ڪورو(۱)
منجهان ٻاهہ ڀورو، سچو نڪتو سون جو.

سدا ساموهن سوڀ تي "ڀنڻ" ڀنجاهيو
تنهن جهونجهاراٿي جنگ تي، ڪاوڙجي هو ڪاهيو.

جا ڀر جاڙيڃن جي، سا هنڌ وڏائين هول
جي هٿس هوليڪين سين، سي ڀهڻون ڀاريائين ڀول
..................، چڙهيا منجهہ چوڏول.

هٿاٿي بانڪا "ٻابوءَ" شير سين، پڙ ۾ ٻالاري
اهو ڪيجڪہ "ڪاجي خان" ڪيو، جنهن جي
چيڙي چڳاري
هاسي وير هٿڻ جي، هٿي محمد خان سين مياري(۲)
اٿين امرن آڪن تي، اهي ڀتنڪ ڀالاري
اهڙا ڀرجهلا ٻاري، جنهن جو هاڻو حولاٿين سين.

---

(۱) آٿيو = ڪاڏو. (۲) هاسو = ٽرار.

پنهنجان پروڙيو ته مهندان مڙس مٿرن (١)
ٿالا وڻان ڪيترا، تا پاڻهي پروڙجن.

هرڻ سيکها، ڦاڙها سيکها، تينان سيکها مي
آچٽيءَ اکري وچ ۾ ٽپا ڪيائون ٽي
هاٿي خالي ري ڪني، اوٿو اچٿي ڪوٽ ٽو. (٢)

چنيسر جا کرو، ٽا جٿهيري جوان سنجهن (٣)
سانين سڳ اڙائيا، وڏيون آهن پوريون پنجاهين
ٽيلهيائون ٿهر ڪي ڏني کهور گهٽن (٤)
پدا هار حسين ڪي، سوراٽي منجهن (٥)
امڙي آهجانڻ، وجهي احديينِ ورتيي آچٽي.

جن چپهم ۾ چوڙي چڊيا، پاري پنهنجا پل (٦)
هيڏانهن جٿلهه آندي جنگ تي، باپڙي ۽ ٽل
ڪڙو ڪڍيو ڪسونبو، دارون ڪيائون دل
ڪيلي ويرڪل، وجي ڏنائون ڏيشن جي.

ڏسي جهڳ مڳ جهور، بابو وجي پيو باهه ۾
تنهن ”الله رکيا“ تي آنياري، نجي وڏي بور
رکيي رب بچائيو، زره جهليا ٽي زور
نه ته بابو ۽ ببور، پنهن گهاء هرزا ٽيا. (٧)

---

(١) مٿرن = پچن. (٢) اوٿو، پاڙو جاکڙن جو. (٣) ٽهڙ لالائي حملائي. (٤) حسين شودو برفت لالائي. (٥) چنيسر سورو ۽ سامهون جاکرو. (٦) پل = پلا گهوڙا. (٧) بابو حملائي، جيڪو پنهن سان گڏ هو ۽ ڪيس پالارين بچايو هو. گهاء = والگر.

٧. ڪيرين واري جنگ

جبل (ڪوهستان) ۾ ساندي کي ”ڪيرون“ چون. ”ڪيرئين“ جي ساڳي ڳالهه تان اڳ ٻروچن جي ٻن قبيلن جي وچ ۾ جنگ ٿي هئي، جو ٻهاڪو هليو ته ”ڪيرئين خان وڙهيا“ يعني ڪيرئين (ساندي) جي ڳالهه تان خان وڙهيا. اها ڳالهه ڪا ٿوري ڪانه هئي. آڳاٽي وقت کان وسي قبيلن ۾ اها مڃيل ڳالهه هئي ته جيڪو ”ٻانهڻ“ تي آيو، تنهن کي پناهه ڏني ۽ جيڪڏهن ان تي ڪا چلهه ٿي ته پاڻ قربان ڪري به ان کي بچائيو.

”ٿڏي“ جي نئن (ملير نئن کان اوپر) تي هڪ طرف ڪرمتين جو ڳوٺ ۽ ٻئي طرف جوکين جو ڳوٺ هو. جوکين جي ڇوڪرن ساندو ڊوڙايو، سو لنگهي هُن طرف ويو ته ڪرمتين جي ڇوڪرن چيو ته مارڻ نه ڏينداسون، جو پناهه اچي ورتي اٿس. انهي تي ڇوڪرا وڙهيا ۽ پوءِ ٻنهي طرفان وڏن جي وچ ۾ ٿڏي جي نئن تي جنگ لڳي. هيءَ ڀيرين جنگ هئي، جيڪا ”ٿڏي جي نئن“ تي لڳي. ٻر اهو مقابلو ڀاڄدارن جي وچ ۾ هو. ”ملڪ“ يا ”چاڄ“ ان ۾ ڪين هئا. ان وقت ملير ۾ ڪرمتي قبيلا طاقتور هئا ۽ انهن جو ملڪ ان وقت ”ملڪ محمد ٻيٽو“ هو، جنهن جي هٿ ۾ ٻه ٻيئون اجاڙيون آڱريون هيون. ڪن جي چوڻ موجب ان وقت ”ملڪ طوطا“ هو.

٨. ٽئين واري ٻي جنگ

”ڪرڙين واري جنگ“ اڪ لڳي هئي، جنهن ۾ طرفدار وڙهيا، پر اڪثر شامل ڪين هئا. ان کان پوءِ جڏهن ٻي جنگ لڳي، تڏهن اتي ڪرمتين جو سردار ملڪ طوطا هو، جوڪين ماڻ ان وقت ٻچار همت پريو ميڙ ۾ سامالو هو، پر اڳڙو زور ڪونه هو. هاڻ ۽ سنڌ ۾ ماڻهو ڪنگوري طرف رهندڙ هئا ۽ اتان حب ۽ ملير طرف آيا هئا. سنڌ ۾ گذران به ڏکيو هو. هي جنگ ڪهڙي ڳالهه تان لڳي، سو معلوم ناهي، پر ملڪ طوطا جي طرف وارن ڪني ٻچارو ڀاڻ سگهڙ هو ۽ سنڌ ۾ لنگهو به شاعر هو. ڪچهري ۾ لنگهي ڪي چيائين ته جنگ هتي طرف ڪني، ۽ پنهنجن ڪي ڪجهه ڳاءِ. تڏهن لنگهي چيو ته: شاعر سچ چوندو آهي. آءٌ جي اڪر ڳالهائيندس، سي تون پٽدي متان قصورجين! تڏهن ٻچار چيو ته بيت چئو ۽ پل تون سچ ڳالهاءِ. تڏهن لنگهي بيت چيا، جن ماڻ هڪ هيئيون، جنهن ۾ چيائين ته: ايجان ملڪ توکان مڙس ۽ توڙي مال ملڪيت ۾ وڏيڪ آهي، سو تون ان ماڻ ڪيئن پڇي سگهندين!

ڪيڏانهن طوطا ڪيڏانهن تون، ناهين مٽ ملڪ جو.
جيترريون ميريون ملڪ آٿي، اوترو آن نتو آٿين تون
هيٺ ڏٺ، ڪڪر هيرون، ٻيا آهن پنڊن ۾.

٩. مڪلي جي پهرين جنگ

مڪلي جي پهرين جنگ ڪرمتين ۽ جوکين جي وچ ۾ آڳاٽو لڳي. ان وقت جوکين جو اڳواڻ ڄجار هو، پر اڄان مٿس "ڄاماڻي" جو لقب ڪونه هو. ان وقت پڳ مريدائين تي هئي. ڄام مريد جي پٽ ڪريمداد جي وقت ۾ ڄجار طاقت وارو ٿيو. راڻي ارجن ڪي ماريائين ۽ ميان غلام شاهه سندس پوري پٺڀرائي ڪئي، جنهن تي ڪريمداد کان پڳ ڇڏايائون ۽ ڄجار کي ٻڌايائون. مريدائين جي آخري ڄام ڪريمداد سنه ١١٨٨هه (١٧٧٤ع) ۾ وفات ڪئي. سندس قبر مڪليءَ تي ميين علي شيرازي جي قبي کان اتر طرفان ويجهي آهي.

ڪرمتي جب، ملير ۽ ساڪري جا "مالڪ" هئا. کين اورنگزيب بادشاهه جاگيرون ڏنيون هيون. مغلن کان پوءِ ١١٥٠ هجري ۾ "ٺٽي سرڪار" وارو سنڌ جو هيٺيون لاڙ وارو علائقو ميان نورمحمد جي هٿ ۾ آيو. ڪرمتين جي طاقت ڀڃڻ لاءِ هن خداآباد مان مٿن لشڪر چاڙهيو، جن جب، ملير ۽ ساڪري ۾ ڪرمتين تي ڪاهيو.

ڪنيو خداآباد مان ٻارهن هزارن
سنڌي ڇپر، ساڪرو لٽيو لباسين
آئي مٿي ملير تي، ڪهل وڏي ڪهوڙن
ملير سڀ ملهائيو، مائي "عزت" جي پٽن.

الهيءَ حملي ۾ نوڙڪ خان ڪرمتي جي پٽن پاڻ ملهايو. سندن ماءُ جو نالو "مائي عزت" هو، جيڪا وڏي حوصلي واري مائي هئي. ڪرمتين ملير بچائي، پر پوءِ ڪلهوڙن

طرفان چام ٻجار ۽ جوکين جي پٺڀرائي ٿي. هيڏانهن ٻجار ۽ هوڏانهن مير مزار پنهنجن پنهنجن لشڪرن جا اڳواڻ هئا. ٻنهي ۾ مڪليءَ تي جنگ لڳي، جنهن ۾ مير مزار ڦٽيو، پر ڪرمتين پڙ کٽيو ۽ جوکين جي هار ٿي.

مير مزار ان وقت جوان هو ۽ وڏي همت وارو هو جو چيائون ته:

”مير مزار، هيڪلي هزار“

جوکين کان انهيءَ جنگ ۾ جڏهن مير مزار ڦٽجي آيو ته ماڻ چيس ته: مون توکي ٻنا وضوء جي ٿڃ ڪانه پياري، ابا، تون ڪيئن گهائجي آئين! انهيءَ تي مزار چيو ته امان، مون کي انهن ڏکيو آهي، جن جنون مائرون ٻنا وضوءَ جي زمين تي ٻه ڪڏهن ڪين هليون آهن. سندس اشارو جوکين جي مرشدن، سيد ميين عالي شيرازي جي اولاد مان ٻوين جي ٻيبين ڏانهن هو.

١٠. سيري يا اؤنگر واري جنگ*

هيءَ جنگ چام بجار جوکيي ۽ برفتن جي راڄدارن جي وچ ۾ لڳي ۽ سنڌ جي حد اندر اؤنگر (کوٽڙي ۽ جهرڪن جي وچ تي) وٽ لڳي. ان جو هڪڙو مکيه سبب لس ٻيلي جي سياست هو، جو لس ٻيلي جي چام عالي ۽ سنڌ جي لشڪر هن جنگ ۾ چام بجار جوکيي جو طرف تي حصو ورتو.

برفتن ۽ جوکين جو پاڻ ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي نزاع هو. سنه ١٧٠٣ع ڌاري ملڪ ٻاهڙ خان جيئن طاقت ۾ آيو ۽ لس ٻيلي جو حاڪم ٿيو ته برفت قوم جي طاقت وڌي ويئي. ٻاهڙ خان جي وفات کان پوءِ جوکين جي چام بجار زور ورتو، جنهن جي اڳواڻيءَ هيٺ جوکيا برفتن سان وڙهيا، ۽ ڪمزور تي اچي "حب-وات"(١) ۽ "الله-بني" تي رهيا. الله بني وٽ جنگ ٿي، جنهن ۾ جوکين جو ثمر ۽ سامان ختم ٿي ويو ۽ جهڙن جو ٻچ ڏٺ طور کائي گذران ڪيائون، جنهن ڪري اها جنگ "جهڙن واري جنگ" جي نالي سان پڻ مشهور ٿي. هوءَ قيصر خان پنهنجو جوکيو سمنڊ رستي سامان ۽ بارود کڻائي آيو ۽ جوکين حملو ڪري، برفتن کي ڀوڳتي هٽايو. باوجود انهيءَ جي، جوکين ۾ ايتري طاقت نه هئي جو هيٺ سنڌ ۾ ملير طرف اچي سگهن يا حب

---

* هن جنگ جو ذڪر "ٻيلاين جا ٻول" (ٻيو ڇاپو، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنه ١٩٧٠ع، ۾ اچي چڪو آهي، پر جيئن ته اها جنگ سنڌ ۾ سنڌ جي راڄدارن برفتن ۽ جوکين جي وچ ۾ لڳي، جنهن ڏانهن ٻن موقعن تي به ڪي حوالا آيل آهن، انهيءَ ڪري انهيءَ جنگ وارو ذڪر وڌيڪ تفصيل سان هت ڏجي ٿو.

(١) يعني حب ندي جو ڇوڙ، لڳ ڪراچي.

وٽ ويهي سگهن، انهيءَ ڪري چام بجار ڪڇ وقت لاءِ هٿي وڃي آٿل ۽ لياري جي وچ تي ”ٽنٽيان“ (۱) تي ويٺو.

انهي وقت ڏاڍي (سنه ۱۱۵۵ھ/۱۷۴۲ع) چام عالي (وڏو) لس جو حاڪم ٿيو. مائي چاڪلي کي ٽڙي ڪڍيائون، جا پنهنجيءَ ننڍڙي پٽ عزت خان کي وٺي اچي ڪولڙي ۾ رهي. انهيءَ ڪري برفت قوم جو زور ٽٽڻ لڳو. ٻئي طرف چام بجار زور ورتو: هڪ ته چام عالي جي پٽ غلام شاهه کي پنهنجي ڌيءَ پرڻايائين ۽ ٻئي طرف سنڌ جي والي ميان غلام شاهه جي ٻيپرائي حاصل ڪيائين. پوءِ چام بجار ته فقط ملير وارو ملڪ هٿ ڪيو، پر گهڻو اڳتي وڌي اچي جهرڪن ۽ سال واري جوءِ ۾ برفتن جي ”گهڪهي جي سيري واري جاگير“ تي قبضي جي ڪوشش ڪيائين. ان وقت عزت خان قلات جي خان وٽ رهيل هو. ڪيس اتي رهايو ويو هو ته متان برفتن جي اڳواڻي ڪري، لس ٻيلي تي حملو نه ڪري، پر اجان برفت قوم جا راڄدار ۽ معتبر ماڻهو وڏي طاقت وارا هئا. دريا خان، مزار ۽ ديگهي سندن اڳواڻ هئا، جن جوکين جي لشڪر کي تڏي جهليو. چيائون ته: جيسين عزت خان نه ايندو، تيسين گهڪهي جاگير جي فصل مان هڪ سنگ به نه ڏينداسون. انهيءَ تي چام بجار، چام عالي کان مدد گهري، جنهن خان قلات مان صلاح ڪئي. چون ٿا ته خان صاحب، عزت خان کان پڇيو ته: برفت توهان ڪيئن ٿا هلن؟ عزت خان جواب ڏنو ته: ڪڏهن ڪيئن، ڪڏهن ڪيئن. انهيءَ تي خان طرفان چام عالي کي اجازت ملي ته پل چام بجار مان گڏجي چڙهائي ڪري، پر جي برفت باز نه اچن ته کين آڻ مڃائي صلح ڪرائي.

---

(۱) ’ٽنٽيان‘ جو ڏورو — ’ڪانٽو‘ ۽ ’پورالي‘ گڏجي ٽنٽيان جو ڏورو ٿين ٿا.

ڄام ٻڄار سڄي سلير ميڙي، جوکين جو لشڪر گڏ ڪيو. قلات طرفان ڪي ٻروهي سپاهي ڄام عاليءَ کي مدد ۾ مليا ۽ ٻيو لشڪر لس جو ساڻ ڪري ڄام عالي چڙهيو(١) ۽ ٻنهي لشڪرن گڏجي اچي اوڱر تي ديرو ڏنو. اڏو ٻرفتن جي راڄدارن، دريا خان ۽ ديگي خان جي اڳواڻي هيٺ ديرو دمايو.

ٻرفت ٻه ڄام عالي سان اڪ سڱيٽا هئا ۽ ٻرفت وڏيرن ڄام عاليءَ ڏانهن ميڙ موڪلي ته: مقابلو اسان ۽ جوکين جو پاڻ ۾ آهي، تون آئلي وچ ۾ وچ ۾ نه پئو. ڄام قبول ڪيو، پر چيائين ته: آءٌ جو آيو آهيان ۽ هنن مون کي سڱ ڏنا آهن، سو اوهين هينئر ”ها“ ڪريو، باقي منهنجي وٺي ڪان ٻوءِ جي اوهان انهن کي جواب ڏنو ته آءٌ ري چڙهي ڪونه ايندس. ٻرفتن اهو قبول نه ڪيو ۽ چيائون ته: هينئر ”ها“ ڪري ٻوءِ انڪار ڪونه ڪنداسون. ها ته ها، نه ته نه! انهيءَ تي ڄام عالي ميڙ موٽائي ڇڏي، تنهن تي ٻرفتن مان ڪنهن ڄام عاليءَ کي ننديو ته:

ٻرمس ٻٽراٽي ساٽني، مهندين ڪيٺي نه سن
ٻوٺين تنهنجي ٻدري، نه آئي ڪانيٺائي کي ڪر. (٢)

ڏسي ڏونگر سير، سميون منت آئيون (٣)
عالي! تون نه اوڙنگي، جهڙو ڪڇو قيدي سير (٤)
ڪر هٿيٺي ڪنٺين، جهڙو ٻڍو ٻيرڪ ٽير (٥)
تون ڪوڙيجو ڪير، سڙٺيون جهلڻ ڪم سمي جو. (٦)

---

(١) لس جي راڄن مان ٻرا ۽ مانڊڙا ڄام عالي سان نه چڙهيا، جو چيائون ته اسين پنهنجن ڀائرن ٻرفتن سان نه وڙهنداسون.
(٢) ڪانيٺائي = ٻرفتن جو پاڙو. (٣) منت آئيون = ميڙ تي آئيون.
(٤) اوڙنگي = شاهاڻو. (٥) ٻڍو ٻيرڪ = ڄاٻلو ٻڪر (رنگ جو هلڪو نيرو)، ٽير = ٻڪر. (٦) سمون = ابڙيجو.

ٻرفت طرفان جنگ جي تياري ٿي ته، عزت خان جي غير حاضريءَ ۾ سندس پٽ درياءِ خان مهندار ٿيو. |

عزت خان قلات، ته عالي ٿو جاگير گهري
دريا خان ڏيرن ۾ ڪنهن جي ڪَن نه ڏني
سپيريون جاگيرون جنهن جا سو سر عزت خان اچي
اسين آئي ريءَ، نه ڏيون ڪا سرني سَنگ جي.

درياءِ خان جي جوکيي ۽ چام عالي جي لشڪر ۾ اک ٿي نه، پئي ٻنڌي، چوي پيو ته: هي جي ٻيڏي آيا آهن (۱) سي ڪيڏانهن ٿا وڃن!

دعويٰ دريا خان مَن ۾، تو دَڙي مٿي دنگ
ڪيو ڪَشا ڪُميت جا، تائي ٻڌو تنگ
سندا سپري سنگ، تُرندا ترارين وچ ۾.

خان ته، دريا خان، ٻيا حملڪ هزارين هئا (۲)
هڪ ٻينئيي ويرنه پڇڻو، پيو ڏئي مهمانن کي مان (۳)
سو سيهي سَنيو سانهه، نه ته ٻَور وڏائين پڇري. (۴)

دريا خان بندوق جي ڏڪ سان ماريو، تڏهن وري ٻالس جنگي خان جي سرداريءَ هيٺ جنگ شروع ٿي:

جنگي خان جنگين ۾، هو هميشه هاٺو
سو ”نارو“ پٽ ننگر جو سورهيه ساماٺو
جيئري جنگي خان تي، ڪو هوند نه هيماٺو
ڪائيندا ڪاٺو، جهونجهار ڪو جهڳڙو.

جنگي خان ۽ دريا خان جا ٻه ٻائيچا ”مرزان“ ۽ ”ديڳي“ پنهنجي ڪوٽ ۾ هئا ۽ اتي جا چڱا مڙس هئا. انهن کي

---

(۱) ٻيڏي = ٻيڏ ڪَٽڻ وارا. (۲) حملڪ = حملائي ٻرفت. (۳) ٻينئيو = گهٽو ميڙ، جنگ. (۴) سيهو = بندوق جي گولي؛ پڇرڻ = پوئتي هٽائڻ.

خبر پئي ته آيا. ڪين پيرن ”ڏٽبين“ جي پيماري هئي، سو جٽيون لاٿائون ۽ راڄ ڪي چيائون ته: هن عارضي سبب جٽي ٿا لاهيون، متان پوءِ چئو ته جنگ ۾ جٽيون لهي ويون. انهيءَ تي سڄي راڄ جٽيون لاهي ڇڏيون.

برفتن جي سگهڙ لنگهي براهم گهنڊاري بيت چيا ته:

”مرزان“، ”ڏيگي“ چڙهيا، پٽي جوان وجهي جاما
ته اڄ امان جا چڙهيا، سچ ستي ساما
آلا آنين“ ڪي ۾ ڏٺين ڪا موٽ سلاما
جي ڪيائون ڪلاما، سي پاريندا پنهنجا.

اوڻگر پاٺي آندو، ڪڪر سان ڪاري
پسو رؤنشو رڪ جو، تو ڏيگي ديداري
جهڙ ڪڙهه جنگي خان تي ڪيا آهن وڇڙين واري
دريا خان ڏاري، آڇهه ۾ ڇڪيرن جي.

اوڻگر اوتاران، پور ڏٺي ”بارڻ“ جا
هڪڙا تازي طبلن ۾، پيا رڪيبن پيران
راماٺا رٽن ۾ تي ساري لوڪ سٿان
گوگري گڏيان، منهن مقابل نه ٿيا. (١)

دريا خان چيو هو ته: اهي پهڏي ساٿي آيا، سي ڪيڏانهن ٿا وڃن! فتح بعد ان تي چام بجار چيو ته:

جن تي پيڏ ڪٽي پيڏين، تن جي ڪنهين خان ڪپائيا. (٢)

تنهن تي براهم گهنڊاري شاعر جواب ڏنو ته:

---

(١) گوگري = جبل ۾ ڪڪر لاهيندڙ، انهيءَ سيٽ جي معنيٰ ته: ويچارا سرد برفت گوگرين ۽ پيڏين لس وارن هٿان مارجي پيا.
(٢) ڪهيون ڪ لنيڊڙيون ڪوڏاريون، جن سان ڏير جو پيڙ يعني ڏير جي پاڙ ڪٽي مال کي ڪارائين.

جيئن تـي چيائـون، آنهين هـيـريـن آئـيـا
لاف پنهنجي لاڪ ڪري، اچي رڻ ڪي رتائون
اي رب جون رضائون، ٻي ڪوته، آنهين ڪانڪا.

سگهڙ الله بخش پالاري جي روايت

ملڪن هتان چام بجار کي پڄائي چڙهيو، جو ٻوءِ وچي قلات جي خان کي سڱ ڏنائين ۽ آتان لشڪر وٺي آيو. اؤنگر تي چڙهي آيا، آتي ٻرفت ملڪ هئا. ٻهريائين صلح ڪيائون، تڏهن ٻيا سڀ ٻرفت هليا ويا، باقي ستر چڱن مڙسن جي رهي. صبح جو بندوقن جا نڪاڻ ڪري جوکين چيو ته: صلح ڪونه ٿيو، جنگ ٿيندي. ٻوءِ ستر مڙس ملڪ ماريائون.

جاسين هئين چام بجار پڊ تي، تاسين هـوءِ نيشانبر نالوءِ
ٻـوءِ سوڙهو ڪري ساه جـو، لـيـڻـي چٽيين لس.

سـنـڌ سـيـڙي ساڪـرو، لـس مـيـڙيـئـي لام
ٻـيـلـي کـان ٻـاهـر ٻـئـي وڏا ڪيئي ڪلام.

سگهڙ کيئا خان جي روايت

”بارڻ“ ۽ ”اؤنگر“ واري جنگ ساڳي هئي، جنهن ۾ چام بجار جوکيو، چام عالي جي مدد وٺي آيو. ٻرفت ڪهٽا هئا، تنهنڪري جوکين سائي جهنڊي ڏيکاري، جا صلح جي هئي (ڪاري جهنڊي جنگ جي). صلح وارڻ جي ڪري برفتن جو گهڻو لشڪر ٻوئتي موٽيو، باقي ساکر (يعني سکو ماڻهو) وچي رهي. جوکين صبح جو وري ڪاري جهنڊي ڏيکاري. جنگ لڳي، ٻر ٻرفت ٿورا هئا، سي سيئي مارجي ويا.

براهم گهنداري جا چيل بيت

ٻيرڻي نه ڏيون سهيري جي، جيسين ڪورايون نه ڪپار
هالو هنڌ تـان نتو چـري، جنهن ٻودن لٿو ٻـار
الـهـداد آئـايـو، ڪـيـو قـريشيءَ ڪـانـار.

........................، لاڪو لڪ ٿو لهي
پر همت عالي ڄام جي رک ۾ نٿي رهي
آئيا الهداد سين، اهي پالاري پهي.

سونهاري شهبيگ تان سگهڙ ڪٿج سَر.

پيري تنهن ياد پئي سان ڪوڙان ڪچهريون ڪن
انهيءَ ميڻائي جون مصريون مڙيو مارا ڪن
پشر جن جا پدرا، اهي پهت ٿڙڪا ڪن
اهڙا آچار جن، سي مر پوڻن مهند ۾.

لس، پارٺ، سلير جون تيئون تي سنجهن
نيئي تندي آئيون، وچين جهڙي وَن
ميان ڪي مشاهدو ٿيو، پٺر ٿا پچن (١)
ڪيئن ڪرهيو پاڻ ۾ چپر وڏيرن
سٽج ڄام ٻجار، براهم چئي، سچون ائين ڪجن
پوءِ ساريون پراڻن، پاٿي ڪٺي ڪل پوندي.

ڇا ٿنهين تي ڇور، وچين ويس ورائيا
هيڏانهن ڪانياٺائي ڪاوڙيا، جن جي مورين جهليامت
مرزان ديگي مهند ۾، پَرهي آئيا پٽ
ڪيائون جنگ جوکين سين، اها پيالين جي پڪ
دايون پنهنجي درين تي، بازاريون ۾ هٽ
سينهن گهٽائي ستوڪي چڏيا، چالکهي چارڻ پٽ
اندر ڪير آگهٽ، اها براهم چئي، بتهد ورنهين جي.

---

(١) ميان ڪي = ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڪي.

هيڏانهن ٻه آڙاٽي آسريا، جن جي ٽيلي ٻڌي ٽڪور
ٻالهين ٻالا سهڻا، هٿين هول ڪنگور
سوني سچ ٽپائيا، مرڪي ماريا مور
لاکيٽو لکمير هو، جانو جهلي جهور
اهي ٻئي منجهه ٻڙزا ٿيا، ذرا منجهه زور
ايڏا آيڏ آتور، ڪڪين ڪوڙ چٽائيا.

چام ٻجار جو بيت ۽ ٻراهم لنگهي جو جواب (۱)

جوکيا ٻه ٽي دفعا "ٻارڻ جي سيري" تان ٻرفتن مان وڙهيا، پر ٻڙي نه سگهيا. پوءِ چام ٻجار وچي لس ۾ سنگ ڏنا ۽ اتان لشڪر چاڙهي آيو، پوءِ برفت مٺا. ان بعد ڪچهري ۾ ٻرفتن جو لنگهو ٻراهم ويٺو هو، جو چام ٻجار جوکيي کيس چيڙڻ لاءِ هي بيت ڏنو. چام ٻجار وڏو سگهڙ هو.

ٻراهم! بهادرن جي ڪجي تن ۾ طور تپاس
متان آئيون ماجٽيي، رڪ پيتائون راس (۲)
تنهن ٻارڻ ڪي شاباس، جنهن جهلي موج ملير جي.

"متان آئيون ماجڻي" يعني ماجڻي جي پاسي کان ترارون آئيون ٿيون. "ٻارڻ" مان ٻرفتن جو طرف ۽ "ملير" مان مراد جوکين جو پاسو.

تڏهن ٻراهم جواب ڏنو ته:

لس ٻراهي لاءِ، ملڪ ميڙي آئيون (۳)
تون جو کهي قلات وئين، کهڙا تپ ٿاريا!
تڏهن تي ٻرفت ماريا، جڏهن وڏون ڏنيئي وتريون.

---

(۱) راوي هاشم گبدو، تعلقو ميرپورساڪرو. (۲) ماجڻيي، لس ۾، جتان لس جو لشڪر چام ٻجار جي مدد لاءِ آيو هو. (۳) ٻراهي = بروهي.

وٽون ڏيٺي وتريون، تبون ڌو چائين چام
سَٽيٺي سيالن جا ڪڇا ٿي ڪلار،
ويچيونءَ وريام، سِر تهان سوڪياتون ڏيٺي.

لعل بخش حملائي جي روايت

چام ٻجار ڪڇهريءَ ۾ بيت ڏنو ته:

لافون پنهنجون ڊافون ڪري هنيون ٿي هَٿن
۾ منهنجي پيڏ ـ ڪٺي پيلين، تن ڪٺهيهين ”خان“ ڪپائيا.

براهم لنگهي ان جو جواب ڏنو ته:

لافون پنهنجون لاڪون ڪري، اچي رڻ ڪي رَتائون
هٿا چڙهيل جن تي، مي ڀـ، چٺي چڏيائون.

يعني ته، دريا خان وارا گهوڙن تان لهي پيا هٿا ۽ اچي جنگ ڏنائون.

هن جنگ بابت هيٺيان بيت سٺنگر نالي شاعر چيا. [
پانئجي ٿو ته اول خود چام ٻجار جوکيئي هن جنگ بابت ڪي بيت چيا ۽ پنهنجي فتح ۽ سرمي ڪي ڳايائين. پوءِ جواب ۾ سٺنگر، مگر ۽ ٻين شاعرن بيت چيا.

اؤ نگر اوتاران، پرم ـ ڏٺي پارڻ جا.
واڳن هٿون، هتڙا، پيرين رڪابان (۱)
سٺوٺا جگ سندان، رڻ راماٺا آن جا.

ساري سنيهو، سٺنگر جو، وچي ڪوچاڪر ـ پيءَ ڪي چوءِ (۲)
ته جوکيا هوءِ جنگ ۾ جو مٿم مداروءِ (۳)
جتن ڪرمتي، جاڪرو، جي پٿر پانجو ڪيوءِ (۴)

---

(۱) اصل. پيرا رڪابان. (۲) ر. وچي ڪو ٻجار ڪي چوءِ. (۳) ر. هوءِ جنگ تي. (۴) پانجوڻ پنهنجو.

تہ نڪي سرائي سُوڙهيون، نہ ٻرفت آت ڀڙليوءِ (١)
پيو سيهُن سڀاڳو سنڌ جو، سو سونهي سڌ عي ٿيوءِ (٢)
هر چٺهي ڄي "چاڪر" جي، واري ويـر وڏوءِ
ڪري ڪـور گهنگهيءِ تان، آن تـان آتانيوءِ (٣)
بيت ڏيـئـي ٻـجـار سين، ڦـد م ٻـڌي ڪوءِ
ساهہ جو سُوڙهو ڪيوءِ، تڏهن ليٺهي چٺيهن لس تي. (٤)

ليـٺـي چٺيهن لس تـي، ڪهڙا ڦپ ڦـريـاءِ
تيلاه مير مارياءِ، جيلاه وٺون ڏنيونءِ وِتريون. (٥)

وٺـون ڏينديِ وتـريـون، چانٽو ڪين چـام
مير تان سوغاتون ڪري، وڃي وراهيونءِ وريام (٦)
آجهي ٻٺي "عالي" جي، وڃي سرڻ ٿئين تون سام (٧)
نـايـو مير نصير کي تـي سهسـيـن ڪياءِ سـلام (٨)
هي ٻہ ڪٿا ڪنهن ڪلام، نا تہ ميرمرڻ جا ڪين هٿا. (٩)

عـالـي، ٻـجـار آئيا جهان جهان ڪري جـهـام
سنڌ ميڙيـائـون ساڪرو، لس ميڙيـائـون لام
هيڪڙو نوازيا نصير خان تي، ٻيو ميان ڏنن مام
ٻيـلـي مـان ٻـاهـر ٻـٺـيِ، سُوائـون سـلام.
تان ديرو دريا خان نہ ڪٺي، ڪوڏو ڪري ڳام (١٠)

---

(١) ر. "تہ نہ سرائي سوڙهين، نہ برفت اتي ڀليوءِ". آتنءَ ڀليوءِ = توتي ڪاوڙ ڪشومت ڪئي. (٢) يعني سنڌ جو حاڪم مير فتح علي خان ٽالپور. (٣) ان تـان آتانيوءِ = چاڪر توکي تيار ڪيو. (٤) اصل. سوڙو ڪيوءِ. (٥) يعني تہ سگ ڏنائين. (٦) ر. ورهاياءِ وريام. (٧) جام عالي خان ڪٿو ريو، لس جو والي. (٨) مير نصير خان، قلات جو خان. (٩) يعني برفتن جا سردار. (١٠) لشڪر جو ديرو نہ پيو ڪٺي.

ٻجار بهادرن ڏي، تو جي سدا وڃي سام
ھي ٻہ ڪتا ڪنهن ڪلام، نا تي ميرمڙ ياٸي ڪينڪي.

جانڪين جھونجھارن ڪني 'عالي' عقل ڏي
تان دريا خان ڏيرن ۾، ڪنهن تي ڪن نہ ڏي
مزار موڻ مينهڻو، ڏيکي ڏنگ نہ ڏي
ڇئي: آهن جاگير جنهن جا، سو مٿر عزت خان اڇي
اسين آنهين ري، هڪ ميرٽي نہ ڏيون سهري جي. (١)

لس، ملير چام، ڪري ڪٺي آئيين
هڪ نوازئين 'نصير' آئي، ٻيو ميان ڏنياءِ نام
ھي ٻہ ڪيا ڪنهن ڪلام، نا تہ ميرمارڻ جا ڪين هئا.

ٻيراھي لس ملير، چام سڀ ڪري ڪٺي آئيين (٢)
نصير تيلاہ نوازئين، ٻيا ٻاڻ ٻيلي ٽياءِ ٻير (٣)
ٻيت ڏيئي ٻجار تو وَهند نہ ڪئي وير (٤)
ٻيا ٻہ ٽيپر ٽيلادار هئا، مرد مھائين مير (٥)
هوڏانهن حمل ٻاهڙو تي آيو منجهہ آڪير (٦)
سي مٿ مٿهين ڪي ڳڏيا، ڇوڪا وڃهي ڇير
'ٻارڻ' ڏني ٻيڙو، چام هزارن ڪي هيڪلي.

---

(١) ر. سرتي نہ ڏيون سنگ جي: (٢) ڪري ڪٺڻ = ٻهاري ڪٺڻ. (٣) اشارو مٿين علي شيرازي لتوي ڏانهن، جنهن جي ٻجار ڪي دعا هئي. (٤) چام ٻجار جو ڪيو ٻاڻ سگهڙ شاعر هو، جنهن هن جنگ بابت بيت چيا، پر ٻيڻن ۾ انصاف نہ ڪيائين. (٥) 'تيپر' پاڙو جوکين جو. (٦) حمل ۽ ٻاڙو، ٻئي برفتن جا راڄ.

لس، ملير، پارٺ، ليٺي ويڙهيون وڏيرن
اهي ٺيٺي ٺرڙي آئيون وڃن جهڙپ ونن
تن جو تلي ٽڪر جهليو، "پارٺ" جي پيڪن
تڏ "ميان" کي مڻشاد وٺيو، ٻئين ٻن پاٽارن (١)
ڪنهي ڪرهيو ٻاڻ ۽ چڇر وڏيرن
پوزا ٻار ڏجن، مڻوران مهاين جا.

خان ته دريا خان، پيا حمرڪ هزارين هٿا (٢)
سوالين آئي سترو، ڏئي مهمانن کي مان
ڪنڌي ڪيهر شينهن جيئن، جنگ ويلي جوان
ٻجار چوء پيان، هو اهڙو ئي احدين جو. (٣)

اونگرتان جي آئيون، سي ڏونگر ڊار ڊريون (٤)
چوهڙ ڏاري چنڪو ڪري ورير وريون (٥)
آتر ڏان جي آئيون سچيون شاهه پريون (٦)
هليو حاڪمن کي وجهن چڪ چريون
پيلان جي پريون، تن وچي آڙهه اوڻگرتي ڪيو. (٧)

آڙهه اوڻگرتي ڪيو ڪنهن ڪاري ڪڪر ڪار
سمن صفون جوڙيون ڏس الاهي اختيار (٨)
پڙ ڳڏيا، بازار ٺٺي، تيغن چڪر چوڏار

---

(١) غالباً اشارو ميان غلام شاهه ڏانهن، يا ميان سرفراز ڏانهن. پاٽارن = سردارن. (٢) حمرڪ = حملائي راڄ جا فرد. (٣) هي بيت غالباً چام ٻجار جو چيل آهي، جنهن ۾ دريا خان کي داد ڏنو اٿس. (٤) ر. اونگر جي آئيون—الخ. ڏونگر = صبح جي جهجهي ماڪ يا ڪوهيڙو، چوندا آهن ته: "الاهي ڏونگر ٿيو آهي"؛ ڏونگر مثل تراريون اچي ڊريون. (٥) چوهڙ = مڪان جو ٽالو. (٦) ڏان = ڪان. (٧) پيلان = پيلي جي طرف ڪان. (٨) يعني برفتن.

سوڀاتي سردار جي ڀڃن ڏٺ ڀچار
رڻ مان رانديون راڻيون، ايڙا ڀيڙ ڀتار
سوائيي سالار، ڪٿي ڪيون ڀرلون ٻنجاين جون.

انهين ڀيرين آئيا، جيئن ٿي چيائون
لاف پنهنجي لاک ڪري، رڻ ڪي رتائون (١)
هوءِ هزارين تي هلَ ڪري چڙهي چڏيائون
جا ڀر ڀاچاهيءَ جي سا ڀڄي ڀاريائون
سنڌ ۾ ساڪري ڪي ٿي ڪيهه مين ڪٽيائون
اهي رب جون رضائون، نا ته مير مرڻ جا ڪين هئا.

---

(١) اصل ۾ رڻ ۾ رتائون.

١١. جوکين ۽ لاشارين جي جنگ

جڏهن چام ٻجار جو زور ٿيو ته سنڌس پٽ چاڪر ڪڇي وچي ٻاڙيڇري راڄن تي حملا ڪيا. حب ۽ ملير واري ايراضي ۾ آڳاٽي سمن سلطانن واري وقت کان لاشاري آباد هئا، جن مان سردار گهر هئا سلطاناڻي ۽ عالياڻي. سنڌن مکيه راڄ مٺنڊ يرن جو هو، جن مان چئن ڀاڙن (منجهر، موورياڻي، شنباڻي ۽ ٻتاياڻي) جا مڙس هن جنگ وقت موجود هئا ۽ وڙهيا. چاڪر پنهنجا ماڻهو تيار ڪري، انهن ڳوٺن ۾ موڪليا ته هلي جهيڙو ڪنديون ته مٿان اچي حملو ڪري. پنهنجن جوکين کان سواء ٽين ٻين راڄن مان مڙس چونڊي پنهنجو لشڪر تيار ڪرايو. اهي ٽي ڀيا راڄ هئا ڏارا، نانگرا ۽ مهيري. جيئند خان منڌير لاشاري ٻاڙو ٻتاياڻي ۽ مريد شنباڻي لاشاري، سي ٻئي سلطاناڻي ۽ عالياڻي رئيسن جا وزير هئا. جڏهن چاڪر اوچتو لشڪر وٺي آيو، ته جيئند خان ۽ مريد خان جيڪي مڙس گڏ ڪري سگهيا، سي وٺي پاڻ ميدان جهلي بيٺا. هتسو منڌير لاشاري، جيڪو وڏو بهادر هو، سو به موجود هو. متو منڌير پاڙو موورياڻي، شاهو ۽ پيا به همت پريا مڙس هئا، جن ميدان جهليو. قتل منجهر لاشاري وڏي همت وارو هو ۽ جنگ ۾ به پتيون ڪنڌو هو، ۽ هن جنگ ۾ پچڻ جي ڪيائين، جنهن تي هتسو پويان ترار هنيس، جنهن پسڻ ترچي ڇڏيس. هتسو، جيئند خان ۽ مريد خان جي حملن سان ڏارا، نانگرا ۽ مهيري چاڪر جي لشڪر ۾ هئا، سي ڀڳا. هتسو چاڪر سان وڃي چوٽ کاڌي، الهيءَ تي چاڪر پنهنجو باقي لشڪر هٽايو. لاشاري به موٽي هٽيا ۽ هيءَ جنگ ٻنان ڪنهن هار جيت جي پوري ٿي. هڪ روايت موجب هتسو هن جنگ ۾ ماريو، پر ٻين روايتن

موجب هو ”قدمن واري جنگ“ ۾ ماريو هن جنگ بابت
چيل بيتن مان هيٺيان ڪن راوين کان مليا:

ڇوري چاڪر موڪليا ڪي ڳوڏا منجهه ڳوٺن (۱)
تني هويان اڇي ڪيي رڻ جهڻ رُپيرين (۲)
هسنو وڏا هاڪارا ڪيا مرڻ ڪيائين من (۳)
جن ڌُهريون وٽرون ڪنيون سي پاڙر ڪيئن پاڄن (۴)
ڦيٽي ڪيائين ڦتل ڪي هويان ڀڄاڙين (۵)
ڇهنيو وجي چاڪر ڪي جو هو ڏوڙي منجهه ڏڪن (۶)
چاڪر ات چڪائيون ڪي رانئيون. رُپيرين (۷)
هر پڳا ”ڍارا“ ”نانگرا“ ٻڙيا پنڌ وڃن
”ميري“ تن جي مهند ۾ تاءُ ڏ جهليو تن.

”مندو“ منجي اٿيو، هو خان ڪٿي ڪيڙو (۸)
شاهي وڏا شوڪارا ڪيا، ڪو ڳانپ وڏو ڳيڙو (۹)
جيئند جهونجهارن ۾ هو عهدي انگيرو (۱۰)
مريد تي ميڙو، آهر آوارين جو. (۱۱)

---

(۱) ڳوڏا = همت پريا، لاشارين جي ڳوٺن ۾. (۲) رپيرين = رپيريون تراريون، جن جي مٺي تي چاندي جي چمسالي هجي. رڻ جهڻ ڪي = ست پٽ ڪئي. (۳) هاڪارا ڪيا = ميدان ۾ هڪلون ڪري، پنهنجن ماڻهن کي همت سان وڙهڻ جي ترغيب ڏني. (۴) دهريون وٽرون = ٻيٽيون ونڊون، پيٺا جصا. (۵) ڦٽي ڪيائين ڦل ڪي = ڦل ڪي ترار هنيائين، جيڪو ڀڳو ٿي. (۶) هسو ۽ چاڪر هڪٻئي جا ڏوڙي ۽ مٽ هئا، سو هسو وڃي چاڪر تي ڪڙڪيو. (۷) چاڪر به مڙس کي پنهنجون تراريون چڪايون (هنيون). (۸) مندو لاشاري. (۹) شاهو موريائي پاڙي مان منڌير لاشاري. ڪو ڳانپ وڏو ڳيڙو = ڪو وڏو ڳانپ ڳيڙو ڪيائين، پنهنجن ماڻهن کي منيالي سولو ڪري، وڏو وٽ وجهي حملو ڪيائين. (۱۰) انگيرو = انگ باز ترار هڻندڙ، پلٽي باز. (۱۱) اواريون = تراريون، جيڪي وارو نه ڏين.

١٢. ڀنڀور وٽ مقابلو ۽ مڙسن جون ماڻهون*

مٺي ڪبول ڪڇ مان انوراءِ جوکيي جي ويجهي عزيز کي جيڪو "ڀيرن" جي پاڙي مان وير ولي ڏنو. انوراءِ پاڻ وڏي همت وارو هو. سندس ڏيءُ ڄام ٻجار جي گهر ۾ هئي، جنهن مان چاڪر ڄائو. ميڻي ڪڇ ۾ جنگ ڪئي، اتي جي لڪر کي ماريائين ۽ پوءِ پنهنجي گهوڙي مل (١) پڄائي، ان تي جوکيي کي ١٠ چاڙهي، اچي سنڌ پيڙو ڪيائين. انهيءَ جوکيي جو پٽ "منگر" هو، جنهن کي پڻس وصيت ڪئي هئي ته: ميڻي ڪبول جي مدد ڪجِ. ان بعد جاکرن حسن ۽ ميراڻ جي ڀنڊاري هيٺ، محمودائي ڀير (تعلقو ساڪرو) وٽان اچي سنگهارين جو مال لوڙهي هنيو. انهن جي ڌاڻهن تي ميڻو ڪبول، هاڙهو احمدائي، للو ۽ تنگڻي مال وراڻڻ لاءِ نڪتا. جڏهن انوراءِ جي ڪوٽ وٽان سنيا ته ميڻي چيو ته: جي انوراءِ کي چاڻ نه ڏينداسين ته مون تي مڙس جي ميار رهجي وينديءَ. ويا پر انوراءِ ڪونه هو. منگر جوکيو ڀير انهيءَ جوکيي جو پٽ يا پاڻ هو، جنهن جو وير ميڻي ڪڇ ۾ ورتو هو. جڏهن منگر ميڻي جو نالو ٻڌو ته سو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڏينهن شادي ۾ هيس، ته به ڪَنن ياد ڪري اچي ميڻي مان پيڙو ٿيو. منگر کي سنڌين ڪاڪي ڪاهڙي سمجهايو ته: تنهنجي شادي آهي، اسان وٽ عذر آهي ۽ تون انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. منگر چيو ته: نه، آءٌ ويندس.

---

* هن مقابلي جي خبر ڀرپائين مرحوم حاجي سرماڻ خان بگهياڙ ڪئي. وڏيڪ پوءِ سندس لائق فرزند ۽ سگهڙ حاجي محمد سودي بيان ڪئي. ڪي ڳالهيون پوءِ سگهڙ هاشم گبدي کان معلوم ٿيا.

(١) مل = ميڻي ڪبول جي گهوڙيءَ جو نالو.

تڏهن ڪاڇڙي چيس ته: چڱو، تون هل، آءٌ اجهو ٿو پويان اچان، ۽ هڻو موڙ چيني اچي ميثي سان مليو. پوءِ هڪلي اچي هاٿين کي رسيا.

جثن پينگهر پنجاه سين چڙهي، دورو ساڻ پنجن
تثن ميثو پهتو سال کي سوڍو ساڻ ستن
هاڙهو، ٻجار، اوڏو ڪيها تي چون
ماهيند، ملهڻ لسيڪيان، ٽيپر پيلي تن.

ٻه پنيون مال چون وارِيائون ۽ ٽي ڏنائون جاکرن کي.

جڏهن موٽيا ته مَلهو (ملهڻ) احمداڻي ملين. خبرون ڏنائون. مَلهي، ميثي کي چيو ته: تون ٿَر ڪنيو ٿو وڃين ۽ چـَر ڇڏيو ٿو اچين، جنهن جي لس تائين ڪَر (ڪيهل) هوندي. هاڻي آءٌ جاکرن جي پويان ويندس (يعني: ٽيي پتي مال جي ڏيو، پاڻ کي ٽيڪو لايو ٿو وڃين، سو آءٌ سندن پويان ٿو وڃان ۽ اهو مال ورايو ٿو اچان). ميثي چيس ته، هڪ ته اچوڪي ڏينهن مڱڳر جي شادي هئي، ٻيو ته مٿَـٺ مڙسن سان ٻچڙ جي پيثي ڪانه هئي. ٻر جي تون چئين ٿو ته پوءِ هاڻي هـَل ته هلون، ٻر تون ٻيهندين ڪونه، ويندين پڇي! پوءِ اچي جاکرن کي پنگا ۽ سامهان ٿيا. حسڻ ۽ ميراڻ پـرهـٺ ميثي کبول ۽ هاڙهي جي دوستي مچي هئي. ميثي کبول، رهيي گبول ڏانهن مدد لاءِ ماڻهو موڪليو، ٻر رَهيي چيو ته: ٽيندو نالو ميثي جو، سو اسين ڪين هلنداسين.

ميراڻ ۽ حسڻ پـرهـٺ هاڙهي ۽ ميثي جي دوستي مچي هئي. قنبر گڏو سندن سلام آئيندو نيندو هو. جڏهن مقابلي ۾ هاڙهو ۽ ميراڻ اچي هڪبئي کي سامهون ٿيا ته ٻهريائين هاڙهي ميراڻ تي تـرار واري. اتي قنبر چيس ته:

متان هڻين! آڏو ميراڻ اٿئي. تڏهن هاڙهي ڪٺي ترار جهلي. پوءِ آڏو ميراڻ ترار واري، سا جهليائين ڪانءَ ۽ هاڙهو مئو.

متان هاڙها هڻين مهندان ميراڻ اٿئي، اِي قنبر هاڪ هڻئي
تنهن واسينگ واري جهلي، اڪر اِيءَ لهي
سلامي ميراڻ ٿيو، جنهن هاڙهي کي هڻئي.

مُنگر کي وچ ۾ بيهاريو هٿائون ۽ بچاءَ ڪيائون، پر هن مڙس وڏي پٺي ڏک هنيا، سو به ڪريو. اڇا ساهه هئس جو ڪاڪس ڪاپڙي اچي سِرُ پنهنجي جوڻ تي جهليس. مُنگر ڏسي چيس ته: ڪاڪا ڪاپڙي! پويان ڏاڙهي تران آندئي!! جڏهن انوراءِ کوٽ پهتو ۽ معلوم ٿيس ته مينو آيو هو، ته نيري تان لٿو ڪونه ۽ پويان اهڙو ته گهوڙو ڪاهيائين جو جنگ واري ميدان کان اڪ ڏينهاري تي گهوڙو ڪري مري پيو.

هٿي مٿي کي مٿن ۾ ته ايندو انوراءِ
سو واڪهه وڪندي، ڪَرڙ ڳجندي تي آيو انوراءِ
اچي ڏڙهه ڏيئي ٿيو، ته نيري ڏنو ساهه،
مٿي تان انوراءِ جي، نيرو صدقو رد بلاءِ.

انهيءَ جنگ ۾ مينو، هاڙهو ۽ منگر وڏي مردانگيءَ سان وڙهيا. راڄ ملڪ کان آتر ويندي پنهور تائين مال جي پويان واهر ڪندي اهي مقابلا ٿيا. راڄ ملڪ کي ويجهو پراڻي ڦٽي درياءَ لنگهه "چٽي پير" (سهڻي وارو) جو مقام آهي. انهيءَ سڄي پٽي کي ڪنهن وقت "چٽي پير" جي نالي سان سڏيندا هئا. هن مقابلي ۽ جنگ کي "پوهٽ" نالي لنگهي هيٺين بيتن ۾ ڳايو:

سنگهاريون سرهيون ٿيون ته سردار صحي ڪندون
مينو مٿو مال کي ته جيئري نه ڏيندون
جان وڃي واريندون، نه ته ڏيندو سر ڏياچ جيئن.

ميثي ڪِني تيو مارو، هئيو وڃڻ ياو
مَل متارِي ڏُجهو ڏارِي ڀلاڻيو سينگار (١)
واري آٽيو وَلهيڙون ڪڍو تنگ ڏُناز (٢)
ٻڌي ڪوپا ڪيريون، ساهُو ٿيا سوار
ٻيڙ ڇٽي جي ٻڙ ۾، ڳڏيا پيادا ۽ سوار (٣)

ٻيڙ ڇٽِي جي ٻڙ ۾، اچي ڇٽڪارِي ڇيڙيائين
آيو هاڙهو، وَنهيِ ڳاڙهو، وڏي وٽ جهليائين (٤)
پنيور ٻنهي ڪنڌيين، آئي ڪٽوري ڪوليائين
وڻ سيٺي واسيا، ڇپر ڇٽ مڪائين
جوپ پيئندا جاڪرا، تيڪون ڏيندا ٿڪائين
رِيس نه ڪجي ٻانيرا، سوڀون ڏيندو سائين.

ميٺي ڇيو مَلهڻ ڪِي، مَ ڪَر آتاليِ (٥)
پاڻ وڙهون سپين وڍيين، ٻر پيلان ڙي ٻيلِي (٦)

وِڇين ۽ جو وِير آئي جيجهان جهڙ ڪري (٧)
تنهن منجهه ميرل تريو، واهڙو وڏيري
آڪين آما جهليا، تي قضا ايئن ڪري
موڙيو تار ميرڪڻ جا مير تو ايراڏي آئي
مَترڪَٽ ستڪاٽي ماريو، ميٺو تو ناڪٿا نهاري (٨)

---

(١) مَلُ ميٺي جي گهوڙي هئي. (٢) ولهيون = گهوڙيون. (٣) ڇٽي ٻيڙ جو مقام، ٺٽي تي گهاري ڪان ڏکڻ. (٤) وَٽ = مرڻ جي وٽ ورچ. (٥) آتاليِ = تڪڙ، اٻهرائي. (٦) ٻيلان ڙي ٻيلِي = گڏ ٻيلهه پٽ تي، گڏ پنهنجن ٻين ساٿين سان. (٧) جيجهان = زور سان، ڇوهه سان. (٨) ناڪٿا نهاري = عزيزن ڏانهن ڏسي.

تہ اڄ نہ ڳبول آئيا، نہ موں جي عيسباڻي ڀاسيِ (١)
آڏ ٿيي ڀانهن امان جي، ڪورٿي اصل ٿي آهي. (٢)

ڀريون عشق حسن جا ڪرا! خان جي ڪاٽ سٺائين (٣)
جاڪرن ڪي جهاري سيرڻ مار ڀاٿين (٤)
آٽ ترار يون، ناٿون ڀالو، چوڪا گهاءَ چڪيائين.

ڪٿلها مير ڪوريا، رڻ رتو جهونجهيائين (٥)
سٺو هٿي، جولڻ جهلي، ڪنا خوب ڪٽائين (٦)
گهريو گهوٽ گهوڙيءَ تان ڏاڍ و ڏمر ڪيائين. (٧)

گهريو گهوٽ گهوڙيءَ تان، ڏمر ناهي يار
منڌي پوتو مجنو لاهي ويٺو بار (٨)
سٺ رهيا، پوهٽ چوءِ، ڪجي سرت سنيار (٩)
تيهيي ڪنج تڪڙا ٻيءِ ڀاڳا ڀيهار (١٠)
مٽر ورايو ويرٿين، تڏهن ٻيٺي ڏٺيوءِ يار.

پوريءَ پنٽ، پوهٽ چوءِ، هتي مير ميٺو هٺو
مير مارڪين مڃيو، درٻارين ڏٺو (١١)

---

(١) ميٺو ڀاڻ ڳبولن جي 'عيسباڻي' ڀاڙي مان هو. (٢) آڏ ٿي = ڪٻي.
(٣) ڪاٽ = ڪنهٽ، جهيڙو. (٤) جهاري = ('درياءُ' يعني سمنڊ وارن جو اصطلاح) جهار يا وڏي سمنڊ جي وير جو اچڻ. هت معنيٰ وڏي وير ڪي آڻڻ، وڏي آفت آڻڻ. (٥) جهونجهيائين = ڏونڊ ڀائين.
(٦) 'جولڻ' جا ڪرو هو؛ ڪٽائين = ڪوڙيائين، هنيائين. (٧) گهريو = ڪريو. (٨) منڌي پوتو = ميٺو ڳبول. (٩) سٺ رهيا = اي رهيا، تون پڻ (رهيو ڳبول، وعدو ڪري مدد ۾ ڪو نہ آيو). چوءِ = چوي.
(١٠) تيهيي ڪنج = آهستي ڪنج، سنياري ڪنج. (١١) ڏٺو = ڏٺيو.

ڪسونبن ڪکوريو، ڪنن تي ڪيئو. (۱)

ڪني وقت خان هو، جيئن ٻڌامائي پير
واڪيهين سڀئي هٿڙا، سر رکيهين پير.

ڪيلڻ ڪنلڙيءَ تي، اچي موڪي آهنيا مت (۲)
ٻڌوءِ ٻرين مان آيري تنهن ڪي ڪل ڪٺوريءَ چت
اڳ مٿي مير جي ٿيا پيڪون رچن پت.

جاسين هٿو جيئرو تاسين ڪيائين ره ريلا
محموداڻي مڃني جا، آءٌ چڪ پانيان چيلا
اوسيڙي مان ان جي تي آئيا اوريلا.

پر مرڪي جو ماريو، سو تون ”تيبر“ نه نهلائين (۳)
چاچي چام ٻجار ڪي، سرڪي موڙ ٻڌائين
”تڳو“ تو آجاريو، تيپر ميرڻ ملهايئين. (۴)

پوتو پڙاور پير جو، ڏوهت چام ٻجار
جيڪو پچين پچ تون، وچي ست پيڙهيا سردار

---

(۱) يعني ته جڏهن جنگ نه هوندي هئي ته هو وڏي شان سان رهندو هو، آخر جي ڪسونبن سان سندس اکيون ڪکوريل هيون ۽ ڪٽ تي خمار سان وهندو هو. (۲) ڪلڻ ۽ ڪنلڙي مڪانن جا نالا، جتي موڪي جو ميخانو هو. (۳) يعني مڱر، جيڪو تيبر پاڙي مان هو. (۴) تڳو چير ۾ تڳني وارو تلاءُ، جتي اصل جو ڪيا وينل هئا. ’تڳو‘ ڏالي تيبر پاڙي جو وڏو پڻ چام ٻجار جي وقت ۾ هو.

تہ "منگر" اَت تي ميڙهون ڪيون، وڙهي ڏني نہ وار (١)
گهوڙيءَ گهوٽ ڪنڌائي، "ساتلاٽي" سوار. (٢)

سڄي نپهر ڪار ميان آنڌيهر ڪونہ، ٿيو
ٻيئي ڏنو ٽيپرين، منگر تي ماريو.

ميڻا! توکي ميرائين ساريو، جنهن هور رندين ۾ شهزاد (٣)
تون پاٽارين پڊرو هئين رباڙين دهدار (٤)
پاروچاڻي لنج لاءِ هئين ساماڻو سردار
ٻهڪين ٻهراڻي تي توجا همت هزار. (٥)

مريد ميڻو موڪليو تہ ونءُ تون ڪيهرين ڏي
سو جوڙي جڪي آئيو سڄون سپ ڪري
پوٺو منڍي مير جو، ڏوهت "راڏين" کي
وجهي ٽراري توريان تہ آ طوطا جي توري (٦)
پرجي وجهي ٽراري توريان تہ مرڪئي ميرڻو سهائي. (٧)

هين پوئين بيت ۾ شاعر، ميڻي کي ملڪ کان بہ ڪثر تو ڪري. ميڻو بهادر بہ هو تہ پلو مڙس بہ هو، جو پين لاءِ سير ڏنائين. اَن وقت ميڻي لاءِ ماين پنڻ ڪيو تہ:

---

(١) ميڙهون ڪيون = (ميڙ = ڪست مان چپ وات ۾ ۽ منهن ۾ گهنڊي) کاوڙ مان جلهون ڪيون. (٢) ڪنڌائي = ڪنهائي. ساتلاٽي = ٽيپرن جو هڪ پاڙو. (٣) رندن ۾ شهداد = شهداد، رند سردار مير چاڪر جو پٽ هو، همايون کي لشڪر جي مدد ڪيائين. (٤) پاٽارين پڊرو = بهادرن جي مجلسن ۾ مشهور. (٥) ٻهراڻي = ملڪ مريد، جيڪو وڏي ملڪ پير جي اولاد مان هو. (٦) طوطا جي توري = وڏي ملڪ طوطا جي برابر. (٧) مير مريد کان ڏو سرس ٿئي.

ميٺو ميرو، ٻن منجهه مير هو
ٻاراتي ۾ ٻيڙ هو.

مٺي، هاڙهي ۽ مڪر جي بهادريءَ جي ياد ۾ پوءِ ملڪ مريد ۽ ڪرمت راڄ ٻڌر جون "ماهيون" ٺهرايون. گنبد ٻن مٿلي اهي ڇهه فوٽ ڪن گول منارا، پنهور واري پيٺي لڳ تلاءَ ڪان آتر طرف بڌايا ويا. پاسي وارا ٻئي مٺي ۽ هاڙهي جي نالي ڪيائون ۽ وچون مڪر جي نالي، جو جنگ ۾ مڙني مڪر کي پنهنجي وچ ۾ ڪيو هو ته جئن سندس بچاءُ ٿئي. اهي ماهيون مڙني جي بهادريءَ جي يادگار طور بڌايائون، باقي مڙس ٽيئي "قدمن واري مقام" ۾ رکيل آهن.

١٣. ڪلهوڙن جي لشڪر جي ڪرمتين تي چڙهائي

ڪرمتي بلوچن جي قبيلي جي ملڪ پنهنجي قوم تي ڏيهه، گورا پيدا ته اهي ساليانو ڪلهوڙن کي ڏين. پوءِ غلام شاهه ڪلهوڙي چيو ته: سون کي پنجاهه روپيا گوري جي حساب سان ڏيو. ان وقت گوري جو مٺلهه ڏهه روپيا هو، سو ڪرمتين قبول نه ڪيو ۽ مٺنهن رکي بنا ماني کائڻ جي ڪلهوڙن جي ڪچهريءَ مان اٿي آيا. انهيءَ تي ڪلهوڙي لس ٻيلي جي حاڪم ڀاهڙ خان ڏانهن مصلحت لاءِ لکيو. ڀاهڙ خان چيو ته: انهن تي ڪنڪ چاڙهي ختم ڪريو. پوءِ خداآباد مان ڪٽڪ چڙهيو، انهن اچي ملير تي چڙهائي ڪئي. ان وقت ڪرمتي بلوچ سڀ ملير ۾ ويٺل هئا.

هن جنگ ۾ جن قومن حصو ورتو ۽ جن شخصن بهادري ڏيکاري، انهن جو احوال شاعر ڏوهر گبدي جي بيتن مان ملي ٿو، جيڪي هن بعد شامل ڪيا ويا آهن. انهن موجب تفصيل هن ريت آهي:

ڪلهوڙن جو لشڪر ارڙهن هزار هو، جنهن جو اڳواڻ جمالين جو سردار عالم خان هو. ملير ۾ ڪرمتين جو ملڪ حيدر خان هو، جنهن کي صلاح ڏنائون ته ڪلهوڙن جي لشڪر سان پڄڻ پيٽي ڪانهي، پڇي هلون! پر حيدر خان چيو: اهو لشڪر هزارن ۾ آهي، پر جي لک ميڙن، ته به آءٌ نه پڄان.

هوڏانهن عالم خان ملير ۾ پهتو ته سامهون مقابلي ۾ (ڪرمتي) بلوچ ڏسي، چوائي موڪليائين ته: آءٌ تيسين لشڪر کي ترسايان ٿو، جيسين اوهين پارپچا ڪيو، حفاظت واري هنڌ تي موڪلي ڏيو. ڪرمتين پوءِ پار ڪيا. ڪرمتين سان سندن پاڻ راڄ گبول ۽ ٻيا پيڙا هئا.

ھالو مبارڪاڻي ڪبول نمازي شخص ھو، ھميشه پاڻ سان وضوء لاءِ پاڻيءَ جو ڪرو ڪڻندو ھو، اھو بہ ڪريءَ سوڊو جنگ ۾ لڳي پيو ۽ ڪلھوڙن جي لشڪر سان ڏاڍي ويڙھ ڏنائين. آخر مارجي ويو. پوءِ (ڪبول) تازو پرڻيل ھو، تنھن ڪي گھر ۾ ڇڏي ويا ھئا، سو ڇوري گھوڙي (پنان سنج ۽ اولاڻي گھوڙي) تي چڙھي وڃي ڪين رسيو ۽ چيائين تہ: مون ڪي زال ڪري پنھنجي لاءِ ڇڏي ٿا وڃو ڇا؟ انھيءَ تي ڪيس تسلي ڏنائون تہ: وڃون ڪونہ ٿا، تون وڃي سنبري آءُ. اھو بہ وڃي گھران ترار ڪڍي سنبري آيو ۽ جنگ ۾ وڙھيو.

ڪلھوڙن جي لشڪر سان ڪرمتي ۽ ڪبول ھڪ ٻئي پٺيان سورھيائيءَ سان وڙھندا ڪرندا ويا. تنھن تي ڪلھوڙن جي سالار چين تہ: اوھين اجايو جنگ ۾ پيا مارجو، موت جو ڊپ نہ آھي ڇا؟ تڏھن ”ٿانھر“ نالي ٻروچ جواب ڏنو تہ: ترار ھٿ اسان جو مرڪ آھي، ڀلي تہ مارجي وڃون، پر پنھنجون آئيون ڪلھوڙن ڪي ھرگز ڪين ڏيندا سين.

ھن جنگ ۾ ٻروچن جا گھڻا مڙس مارجي ويا، پر ڪلھوڙن جي آڻ نہ مڃيائون.

ٿوھر گبدي جا چيل بيت

گورا آءُ نہ قبوليان، آئين ڪريو ٽڪين جي وار
ھي سنجھي ويا سڱھڙ ڇوء، ڪوڏا ڪري بار.(۱)

—

”پاھڙ“ جي پاران، آيو ڪاغذ ڪلھوڙن
سو پڙي اندر پاڙاھيو، وانچايو وزيرن
ڪاغذ ڏٺي ڪنڪ چڙھيو، جنھن جي ڪل نہ پيئي ڪن
ڪٺو خداآباد سان، ارڙھين ھزارن (۲)

---

(۱) ڇوء = ڇوڪ؛ سنجھي ويا = سنجھي مان ٻنا ماليءَ ھليا ويا.
(۲) ڪٺو = ڪٺيو.

آئي مٿان ملير تان، ڪا ڳالهه وڏي گھوڙن
سو "حيدر" هنڌائي نه چڙي، توڙي لک ميڙن (١)
آئي ڀؤ جي ڀڄڻا، اسين ڀڻ طعنا ڏيون ڪي تن
عهدي "عالم خان" سان، ڪيي جُلهه جمالين (٢)
ڪيلي سي ڪينڪاريا، "حيدر" ڀليٺن
تنهن "ٻروچ"، ڀيلي ڏوهيا، ڀسي "ٻشڪين" (٣)
ته آئي ٿو لشڪر ڏوهيان، ائين ٻاهر ڪيو ڪي ٻارن
جهڙيائي "عالم خان" ڪيي، تهڙي ڪي ڪي ڪن
سندا سائرمن چون، ڳالهيون تيون ڳائجن
وتيءَ ٻوتي وٽ آهي، سندي اسان ڪلهوڙن (٤)
ڀٽو لڳي بازار ۾، آءُ سمجهندو سيٺن (٥)
توڙي ڪر وڪامن، توءِ هي ڪرهو تنهن قطار مان.

آئي "هالي" هوت تي، ڪا ڳالهه وڏي گھوڙن (٦)
سو ڪامل پنهنجي ڪرئي، ڇڏي ڪنهن نه ڇن (٧)
ڪاڪي پاسي ڪڙهي ڏنيون، ٿي ستون ڳهاءُ سينهن
سڱوڃائيون سورهين ڪي، ٿا ٻانهين منجهه ٻڌن (٨)
"هيبر" ٻرڇائي ڪيو، آڳاتو عهد ڏين
تنهن ڳهوٽيي اوچيا ڳهر مان، ٿا وڳا ويرچون
ٻاڪ ڀچيڙو ٻانڊو، ٻهڪو ڪيو ٻيڙن (٩)

(١) حيدر ٻروچ ڪرمتي ڪبول. (٢) عالم خان = ڪلهوڙن طرفان جمالين جو سردار. (٣) ڏوهيو = خبردار ڪيو. (٤) وتيءَ ٻوتي وٽ = اسان کي پاڻ مارائڻو آهي. (٥) سيٺن = سائن. (٦) هالو = ٻروچ ڪبول مبارڪائي. (٧) ڪرئي = ڪرو. (٨) سڱوڃائي = سڃاڻپ جي چٺي، جا انهيءَ کي ٻڌندا جو بادشاهه جو ماريل هوندو ته متان ٻويان قومون پاڻ ۾ وڙهن ۽ وير وجهن. (٩) ڀچيڙو ٻانڊو = ٻانڊي جو قسم، جو ڳهوٽ (ٻروچ) مٿي سان ٻڌندو يا ڪلهي تي ڪندو؛ ٻيڙو = ڪتوريءَ جو.

چمر چوٽيءَ جو چاڪلو، هو رُهي ٿُهنارن (۱)
سو لانچي هليو لائقي، عهدي تي آئين
هٿي گهوٽين گڏ ڪيو، ٽيون هوريون منجهه هجن (۲)
مائون مهاين جون، ٽيون راتو ڏينهن روُن
پاڻ ٽيا سوارڪا، هاڻ ٽا پوين لاڪ ٻچن
تن سورهين چاري چاڙهيو، ٻيگين تان پٽن
چاريءَ ڳالهايو: عهديا! هو الغاريو اڇن
تنهن تي جيڻ ۽ جوانيءَ جو ڇڏيو آهو ”عهدين“
سنهان سهٺا سپتيا، هٺا پيٺا سلوڪن
متارڪا ڳايرو، اهي ننڍا نه ڇڇن
اها وائي وات ۾ اچي صحيحي واري سِراين (۳)
ته مانجهيا! اوهان کي موت ناهي من
تنهن تي ”ٽانهر“ ڳالهايو، ”ٽوهر“ چئي، ورنهه سان ويرين (۴)
ته مانجهيا! امان کي موت آهي من
آئيون جي امان جون، اسين ڇڏيون ڪنهن نه ڇن
ڪاڏا آلا آئين جا، امان آهن جوپ سندا جوانين
ميلين ٽلين سونهٽيون، ٽيو جهوريڙيون جهڪن
مي مور نه ڏيون ماڃيون، پنهنجون ڪاهي ڪلهوڙن
مر جان رچن رت سان، سنديون طرفون تن (۵)
متاريون مليو سان مر آچي ڳاٽ وجن
”ٽانهر“ کي ”ٽوهر“ چيو، مر هيري هار پڄهن
پوٽو مير ”پرتوس“ هو، اتل سان عهدين (۶)
انهيءَ ڪر وڏائي ايءَ ته مصريون هٿي پوءِ مرڪن

---

(۱) ٿُهنار = ترار جي قبضي ۾. (۲) هورون = پيٺون جتي وجي آئيون گڏ ڪيائون. (۳) سرائي = ميرن جو لشڪر. (۴) ٽانهر = پروچ، ٽوهر = گڏو شاعر. (۵) طرفون = ترار جون چوٽيون. (۶) پرتوس = گبول، ان جو ڏاڏو.

متي ماريائين پانهنجو، ڪو ڏُرُجو مان ڏڳن (١)
موتي مانڪ مير ڪي، ٿا پاڻ اکيان پوچن
"زُهم پوٽي" زور وَڇايون، سَرِ چڙهيو سهيلن
"ميراڻائي مجني" هنيون ترار يون، وَڏي ڪي ويرين
پوشيدي "پيرُ جون، ڪيون ٿي واڪاٽيون ويرين
وڏو مهچڻ ميڙيو، "پنڌيـن" ۽ "نيپرن"
سو سَجو ٿي سرهو ڪيو، آهي "مندرين" جي پوٽن
اهي ڪونڊا ڪاملين، اهي مير مارڪا ڪن
اهي ڪولا ڪهوڙيونِ، اهي تازي طبيلن
اهي راءِ رهائيون، اهي ٿا مير مارڪا ڪن
"سورينگ" پنهنين پيءُ ٿئي برڪت وليئن. (٢)

---

(١) ڏُرجو = ڏُٽيل. (٢) سورينگ جي اولاد مان نظر محمد چڪري تي وينل، عمر اسي ورهيه.

١٤. الله ٻنهي واري جنگ يا 'جهيل واري جنگ'

هيءَ جنگ جوکين ۽ برفتن جي وچ ۾، ڪراچيءَ کان ٻارهن ڪوهه اتر ۾ حب نئن جي ڪپ تي لڳي. برفتن وڏو حملو ڪيو. چار ٻچار جوکين چيو ته هڪ طرف اسين ٻئي طرف درياءَ حب جو. هي ”الله ٻنو“ آهي جتي ٻيٺا آهيون. برفتن سان مقابلو ڪنداسون. انهيءَ تان هيءَ جنگ ”الله ٻني واري جنگ“ جي نالي سان مشهور ٿي.

ٻي روايت موجب (١) جوکين ۽ بروچن جي جنگ لڳي، پهرئين حملي ۾ جوکيا ماريا، باقي ٻنڌرهن مڙس وڃي بچيا، سي آيا ”لال بکر ٻنڊ“ وٽ، جيڪو جوکيو فقير درويش هو (سندس قبو اڃا تائين منگهي پير طرف موجود آهي). لال بکر ٻنڊ، جوکين کي چيو ته مون کي ڇڏيو، آءٌ هاڻ دنيا کان ٻري ٿي ويٺو آهيان. پر جوکين کيس جڏهن مدد لاءِ زاريون ڪيون، تڏهن چيائين ته سڀائي ڏونرو گابو اڇي بروچن جي لشڪر ۾ هوندو، جي ان کي جهليائون ته سوڀ سندن آهي، پر جي گابو حب اڪري پچي ويو ته فتح اوهان جي آهي.

ٻئي ڏينهن ڏونرو گابو ازغيبي اچي بروچن جي لشڪر ۾ پيو، پر ان کي جهلي نه سگهيا ۽ گابو حب ٽپي ويو. پوءِ جوکيا آڙ ڪري ويٺا. بندوقون ڇوڙيائون، جنهن تي هٽي ويا.

ان کان پوءِ ”عالي“ ماڪاٽي جوکيو، جيڪو گجرات طرف راڄا وٽ هو، سو آيو اهو ٻلٽي راند ڪندو هو.

---

(١) راوي عبدالله جوکيو.

عالي ساڪاڻي، سون مياڻي وٽ ويٺل جوکين ۾ ويو. اتي زنگياڻي ٻروچن جي جوکين تي حملي جي خبر پيس. عالي ساڪاڻي، زنگياڻين کان پلاند وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. هُو ڪنهن طرف پئي ويا، جو انهن جي مٿان اچي سهڙيو ۽ انهن مان مڙس مارياڻين ۽ باقي جيڪي بچيا، سي اچي چام ٻجار کي ڏنائين، جنهن آهي ڪرمتين جي مُلڪ ڏانهن موٽائي موڪليا.

اللهه-بني واري جنگ کان پوءِ برفتن وري به جوکين سان جنگ جي تياري ڪئي. جنهن تي چام لاسي طرفان برفتن جي ڏوهٽيي برفتن وٽ ميڙ تي آئي ته جوکين سان جنگ نه ڪريو. پر برفتن ميڙ نه مڃي. تنهن تي مائيءَ چيو ته :

منٺ نه مڃاوَ منهنجي، آهيو ٻي تورا ٻزدار
جوکيا آهن جنيڙا، ٻانڪا وٽ ٻجار
ڪيڏي ڏينداوَ ڪستونيون، ڏوٻا ڏارو ڏار
هاٿي ڳاٿو آهيوَ ٽريو، آهيوَ مٿان چام ٻجار.*

پوءِ برفت اڪيلي وڙيا ته آڏو جوکيا جبل جهليو ويٺا هئا، سو برفتن کي ماري وڌائون. پوءِ ڪنهن برفت چام ٻجار کي چيو ته :

”چام ٻجارا واڪ ٻه، تنهنجي ڀاڪ ٻه تنهنجي
جهل، جيسين سان ڪرڪاڻ ڪٽان.“(١)

انهيءَ جنگ ۾ جوکين جو ٿمر ۽ سامان ختم ٿي ويو ۽ جهل جو ٻج ڏٺ طور کائي گذران ڪيائون. جنهن ڪري اِها ”جهل واري جنگ“ جيءَ نالي سان پڻ مشهور ٿي.

---

* وڏيري علي مراد ٻُرڙي، آٿل (لس) جي ڪچهري ۾ ٻڌايو ته چاڪر جي مارجڻ بعد چام ٻجار هيٺو ٿي لس طرف آيو ۽ لياري طرف اچي رهيو. نائب عبدالرحمان رونجهي ٻيلي جي شهر ۾ ٻڌايو ته موجوده لاکڙي جي باب ۾ (لڳ لياري) ”چام ٻجار مامرو“ موجود آهي، جو شايد چام ٻجار جي جاگير هو. (١) راوي پير محمد گورڙين، ڪچهري خان صاحب امام بخش جو ڳوٺ.

۱۵. ناڙا ڻر جي جنگ

هيءَ جنگ برقتن ۽ جاڪرن جي وچ ۾ لڳي، جنهن کي شاعر ٻراهم لنگهي گهاندراري ميمڻ ۾ ڳايو. ٻيتن موجب جنگ جو تفصيل هن ريت آهي:

برقتن کنهن جهيڙي ۾ آري جاکري کي ماريو، جنهن تي قلات جي خان برقتن کي سيکت ڏيڻ لاءِ چام بجار کي حڪم ڪيو. چام بجار پنهنجي طرف جي جتن، ڪلمتين، جوکين ۽ نومڙين جو لشڪر تيار ڪيو. ٻارڻ جوکيي، برقتن جي آئين هٿڻ جو ٻار کنيو، جنهن تي مسند، برقتن جون آئيون هٽي آيو.

اتي برقتن به پنهنجا راڄ ڪڏ ڪيا. سندن اڳواڻ عزت خان هو، تنهن وري دودن کي سڏايو، جن جي اڳواڻن ٻولي ۽ سالار، جاکرن سان جنگ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اڳواڻي پاڻ ڪيائون. پوءِ جتي به جاکرن جا راڄ سجهندا هئن، حملا ڪري، انهن کي نقصان پهچايائون. پوءِ سڌو ”دڙبي“ ڏانهن رخ رکيائون، جيڪو جاکرن ۽ سندن طرفدارن جو مرڪز هو. ۾ برقتن جي چڱن مڙسن چيو ته ۽ دودن کي جس هجي، جو اسان جي پاران وڙهيا آهن، ۾ جاکرن جي ميار اسان تي آهي، تنهن ڪري دودا پويان مدد ۾ ٿين ۽ اسين اڳ ۾ جاکرن سان وڙهنداسين، نه ته اسان تي ٽڪو اچندو. تنهن تي ٻولي ۽ سالار وراڻيو ته: اسين آيا آهيون ته هاڻي جنگ ڏينداسين.

ناڙا ڻر جي جوءِ ۾ ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا. هن جنگ ۾ ٻنهي طرفن جي سورهين پاڻ ملهايو، ۾ آخرڪار جاکرن هارايو. انهيءَ جنگ تي برقتن جي لنگهي ٻراهم

کهانڊاري ٻيت ٻڌا، جنهن جي اڀوري روايت هن طرح آهي ته: *

ساراهيان سچو ڌڻي، جو ٻهرڻين جو سوڀار
جنگيون، جهيڙا، جهڳڙا، اصل الله جا آچار
اول آڙي ماريو، جاڪرو جهونجهار
عڪس انهيءَ ڳالهه جو، رهيو "خان" کي ڪار
ڌاري ٽيا آهن ڏوڏا کي، ٻئي آڪتا ٻار.

—

سڌي ٽو سالار کي، ٻهڏر چام ٻجار
ته جت، ڪرمت، جوکيو، نومڙيو ٻنهنجو رکي ٻار
ٻاڻ ٻرنيئون ٻهڙ کي، سدا ڪرمت ڪار

....

جان ڪي جوکين جو، ٻارڻ ڪنيو ٻار

....

آئيون آئي اَن جوز مَندو ساٽا دار(١)
ويرين ايءَ هاڻ وساري ڇڏيو ڪيائون سک قرار
عمل نتا مڃين جاکرا، جن ۾ گهٽو هنڪار
تن ڦٽري سات ڦکل سان، ڪيو غيباٽو گار.

—

تنهن تان عزت خان آتائيا، ڏوڏا دعويدار
ٻولهي، سالار هاڻ ۾ ڪيو وڏيرن ويچار
ته آئيو جهوريون جاکرا، جن ۾ ايڏو اختيار

---

* اصل روايت آسو لنگهي جي، جا ماستر فاضل پالاري لکي. فاضل کان سگهڙ الهه بخش پالاري عمر ٩٠ سال (١٩٦١ع) ۾ سکي، پر فقط چوٿين پتي. اجان ٽي پتيون وڌيڪ، جنهن ۾ اڳتي سلکن جيڪا جاکرن جي ڳوٺ سُکت تي چڙهائي ڪئي، ان جو سربستو احوال هو. هيءَ روايت سگهڙ الهه بخش پالاري کان ميائي جي پيلي ۾ کيل ڪچهري (٢٩- اپريل ١٩٦١ع) ۾ قلمبند ڪئي وئي.

(١) مَندو = هاڻو هو.

تن ماڻهو موڪليو راڄ تي، سڄي نومڙيا ڪار
ميڙي جتڙي مڙيچ ٿيا، دودا دعويدار
دودا ٿين مهند ۾، صوبا سلحدار
هيلجيءَ تان هليا، سوڙ متي سردار
صبح جو سانگين تي ڇاڻي ورتائين ڇار
ماري جهوڙي چاڪرا، هوءَ ڪيائين سک قرار.

هاڻي راڄن لڏون واريون، ونو دڙهي جو ديدار(١)
ڏاڻي آهيئون ڏڪاريءَ جي، ٻيگن لاٿو بار
ان نه ڇڏي آن جي، ٿيو دوداڻي ديدار
ٻاڻي راڄ منهنجو چاڪرا، آءٌ سوڻي آهيان سردار
تہ ايڏيءَ نيڻي لاٿيو، ساڻيڏي تنهن سالار
سو وڙهي ٿو سڪ ۾، دودا سين دلڪار
عزتون ڏيون آن ڪي، سڏي پيو ستالار(٢)
آهي چاڪرڪي جنگ جي، متي مون ميار
ٻڌولو پنهنجي راڄ تي، ويڙ نہ سهي وار
هاڻي جوڙيان جاءِ جيڻند تان تيسين ناهہ تڪرار
رکيو آيو راڄ جو، ديرو دودا هار.
ٻاڻ وهنداسين، ٻوڻت ٽيندامين، ڪيا وڏ يرڻ ويچار
تہ وڃ تون ٻولا نڪري، اسين آهيون ڪوٽ ڪپار
ٻيرهہ جو پڌين جو، صبح لهج سار
اسان جا ٻويان ٻارج، ڏگ ڏتارج، ساڏيج تون سردار
اسان جي ٻوين جٻو، آهيمہ نيڪو نراڙ.

ٻولي تن کي گهوڙيون ڏنيون، تازيئون تلڪار
سي ڏي جنبي جريدا ٿيا، ٻڌي هول هٿيار
تان ديرينڊا ڏينڪيا، ٻهريندي "ٻيراڙ"

---

(١) دڙهو، جيڪو هاڻي ڪراچي سڏجي. (٢) آن کي، يعني چاڪري کي.

سي ’رونيس‘ ’راٺو‘ آيا، عيسباڻي اوجار (١)
ٻئي ڀائر ٻيله ٿيا، ڇڄي نہ ٿيا ڌار
تن مهندان مزمانن جي، ڪيائون ڪلندي ڪيڪار
ڀري ڦوج ڦلاڻ جا، ٿيلهي ڪاڍائون ٽار
ڀر ڀڃائي ڪي ڀڄنڊڙي رونيس رؤنسيدار
ڦنج ڦشائي جهلي وڍو، پتنگ پهرئين وار
راٺي سين رڪبا ڪيا، سمهالئين سينگار (٢)
تيسين عيسب جاڪري اُسري، ڪنا هنيا ڪنگهار
ڪوڙيو منجهس ڪينڌري، ڀالو ٻي ميار
لاڪي نڱگين وچ ۾، ڪي اڇي اڏڪار (٣)
هڻي ماما ماري موٽيو، ڪرهو قلعي دار
مٿان تن ميڙا ٿيين ڪي ڇڪيڙ ڀيَن ڇمڪار
الگ آن چا اگرا، ڌوئي ڪيائون ڌار.

ٻوءِ وٺوميڻهن وسونءَ تي، ڪيا اڄي وڃين واپار (٤)
اوڪاريائين آٺان، ٿيلهيائين ٽاڻي ٻار
هوتي، ڪلو، ٻاهڙو، سچيڏنو سوار (٥)
هي خارئي وچي تڪتا، وامٺو تيڏيءَ وار
ٻوءَ اڪڙا ڳڏيا عاقيل ڪي، ڳڏيا منجهه ڪهنڊار
هٿو اتي خالقڏنو حماتي، ديمين جنگ ٻچار
اهي ڇهڻي ڇڪيرا ڳڏيا، تازا ٿئي تلڪار
ڏوڪي ڏوران ٿي ڏٺا، ويندا اوجهه اپار (٦)
سي ڇهڻي چڻي ٻيا، آن جي رند ٻئيءَ رانجهار

---

(١) رونيس ۽ راٺو، ٻئي پٽ عيسب جا. (٢) سمهالين = سامهون ڪهڻ. (٣) نڱگين = فوج. (٤) وسونءَ تي يعني ڀراڙن تي. (٥) ’هوتي ۽ ڪلو‘ ٻالاري، ’ٻاپڙو‘ ٻاپڙوءَ ’سچيڏنو‘ ملڪ جو پٽ خاصخيلياڻي مان. (٦) اوجهه = دشمن جا ڪرا.

آيؤ هئين د ودا جي پٺ، پر ڪنئيئي ڪانہ ڪنگھار(۱)
ھڙين پھہ ڪري تون دهلين دعويدار.

پـڙين جـا اجـان پڌرا ٿينڌا مـوراڪا مهندار
اڳي هٿڙو هئين حماتي، اڄ رڻ نہ چڙهيين واندار
ٺڙا تنهن جي ٺيڪ جو هـدو ڪٺندا هٿا هزار
ٿانءَ چٿي، ڪوم مزڪي سَت تي، آهن الله جا آچار
ميڪو لوچي سوپ ڪـي، سويون هٿ ستار.

اڏ وٺنـدي ان جـيَ ڪـيَ پـالارن پـڪار(۲)
تن لوڏي لوڙهہ چڏائي، ڪي هوتين هاڪار
خـالـقـڏنـا پـاپـڙا ڪـڍي وچـو پـار
تہ آئي منجهان هڪڙي عاقيل ڪيَ، ڏنو وڻ
وڏو وانـدار
تہ ڪار ورائي گهڙي پيو، هوتيءَ ڪئي هاڪار
تيڪين وچ ۾ تاروڻ هئي، هنئي حاجي مِصريءَ
هن گهوڙيءَ کي گهانڊار(۳)
تـڏ بـرابـر پائيج تسي، چٽيو پـاڻ چـگـار
هنيائين ڪـڍي حاجي ڪـي نيزو منجهہ نـراڙ
پئي پـڪـيـن اچـي ويـا دولهہ دعـويـدار
پئي گهوٽ گهڻا پـيـا، مانجهيءَ ڪيا مـلار
ڪارنهن ڪاتيون، پارنهن تراريون، جهليون
هيون انهي خبردار
انهيءَ لـڳي هيٺي نٿو بولي، اهي آهن پنجاهيين جا پار.

---

(۱) سچيڏنو جي ست جهلي وڙهي ها تہ هي پنهنجو ميدان موڪين ها، پر هو نہ بيٺو. (۲) اڏ وٺنديءَ = پاسو وٺنديءَ. (۳) حاجي جاکرو جنهن هوتيي جي گهوڙي 'بحري' کي ترار هنئي.

عمر چاڻي، نيزا لائي، هٿي ڪي هٿ ٺار(۱)
خوش ڪنولا چڱي چوڙيا، رڱيا هٿا رڱدار
هن جي وا ڪان ويڙهين ۾، ڀھڙين پاڻو واڻ ڀچار
پوءِ نوڪ بندي اڇي نيري ڇڏيو، هٿي خنجر
ڪڍ ياڻين ڪار(۲)
هوتيءَ سامتي پاڻ ۾ ڪي ڪني جي ڪينڪار
جيئن ڪڪر ڪيئون تين آپ ۾، تيئن وڇيون
هوتيءَ جوان تي وٺيون اڇي اپار
هيون جت هوتيءَ سين سوڍيون منجهه، سؤنسار
سي ڪريون ڳالهيون خبرون. وڇي ڪندا
جا ڪرا جھونجھار.

هاڻي چڙهيي چٺيا ڪلي ڪنگٺهار
پالو هٿي گهوڙي ڪٽي نيڪتو منجهان هزار
وڃي ڪلا نيڪتو رڻ ۾ مارايو يار
چئي: وجان جي نڪري، ته ڪرڪي آ ميار
جتي پيهندي منهنجي سواري، ڪندس ترارين جا تار
شوپيو اچن تنهن کي چاپيو اچن سوار
ويندي گهوڙي وساڻي تيڏيءَ تنهن وار
هاڻي ڪلو گهڙي ڀيو، آچي سان اختيار
اچي سورهيه سوڍين ڪي سامهون ٿيو، ڪڍي
ڪنو ڪيپان ڏار
ڪلي پوءِ ڪوڏ پچنديا، ڍيرا چڱيءَ ڍار(۳)
ڪياڻون راند رکي رهڙين جي، ڏڙڪٽ جھونجھار(۴)
تيهر آيا ترارئين جڏهن ڪيرو ڪيو خمار(۵)

---

(۱) عمر چاڻي = عمر جي پٽ. (۲) نوڪ بندي جا ڪرو. (۳) ڍيرا = ڇتا. (۴) رهڙين = پٿرن. (۵) تيهر = تڏهين. آڳ ۾ مڙس کي پهري ڪان پٿر هنياڻون. جڏهن مڙس زخمجي ڪيرو ٿيو، تڏهن ترارين جا وار ڪياڻون.

هت ٻہ ٻئي پاران هنڌر جاڪري ڪئي هائيءَ
تي هاڪار
هن ٻہ ڀڳڻ پنهنجي ٻانهن سان ڪئي
جهوڙيري جهمڪار
پوءِ محمود جي اچي ڪٽيس مصري تيڪ
وڏي ڪان تلڪار.

١٦. ٻجار جوکيي ۽ راڻي ارجن جي جنگ

روايت - ١

جڏهن ٺٽي جي حاڪم شڪرالله، ٻجار جوکيي کي گهرائي مٿس زور رکيو ته راڻي کي ڪنهن طرح ساري ڀورو ڪري، ته ٻجار پنهنجا ماڻهو تيار ڪيا ۽ رات جو ٻيڙين ۾ چڙهي، راڻي جي ڪوٽ لڳ ڪناري تي لٿا.

شڪرالله ٻجار کي ڪوٺيو سڏائي
ته آڻ سِسي ارجن جي يا تون پنهنجي ڏي
هٿڻ وڃين هٿن سين، جوکيا! جنگ نه ڪندين جي.

سو ويرُ اٿيءَ وِڪرُ ۾ تو وَرتَه وماسي (١)
مٺي، ٻنگل، ٻيگ، مراد، ٻِنڻِ سان تو کوڙ وڪالهائي
ته اوهين پاڻ مهنجا هيڏي اچو سي
ميار جا مڪلي جي سا اچون لاهي (٢)
مرنداسين ته موچارا ٿينداسين ويريءَ سان وڙهندي
ٻتاسين ٻجار چئي ته اينداسين مٿهن آوچي. (٣)

سو جوکيو چڙهيو جنگ تي هنج سؤ ٻيڙين هاڪاري
تڏهن ماڙهئو ڪريمداد جا رميا راڻي ڏي (٤)
ته ٻجار چڙهيو آهي ٻحر ۾، راڻا اوريان تو اچي
سي اچي آڏيءَ آلتا سڪهي جوکيا سي (٥)
چون ۽ پٿونداسين پرهه، جو سر پٺي سماءَ سيني کي.

---

(١) وڪر = فڪر. وماسي = ويچار ڪري. (٢) مڪلي واري جنگ ۾ هن ڪان اڳ جوکين جي هار ٿي هئي. (٣) ٻتاسين = ٻچياسين. (٤) چار ڪريمداد پٽ چار مريد جوکيو. (٥) سڪهي = سڪيءَ تي، ڪناري تي.

جوکين جي قومي پڳ اچان مريدائين تي هئي، سو چام ڪريمداد پاڙي جو لحاظ رکندي، راڻي کي بچار جي حملي جو چاڻ ڏنو. راڻو ارجن، نگامرن راڻن جي پيڙهيءَ مان ' اجمالين' جي سردار گهر مان هو. ڪانئس اڳ سندس ڏاڏو راڻو عنّيد هو. مغلن جي دؤر تائين راڻن جي رياست قائم رهي. جڏهن ٺٽي وارو پاڳو ميان نور محمد ڪلهوڙي کي مليو ته نئين حڪومت اڳين دؤر جي سردارن کي مڃائڻ ۽ پنهنجو مطيع ڪرڻ شروع ڪيو، پر راڻي جو ڪرمتي بلوچ سردارن سان دوستي جو ناتو هو ۽ پڻ راڻي جو لشڪر ڪرمتين جو هو، انهيءَ ڪري ميان نور محمد پهريائين ڪرمتين خلاف لشڪر چاڙهيو. ميان غلام شاهه جوکين جي پٺڀرائي ڪئي ته، جيئن ڪرمتي هيٺا ٿين ۽ راڻي جو به زور ڀڄي.

مليو ۽ ڪرمتين جو سردار 'ملڪ طوطا' هو. مليو تي خدا آباد طرفان موڪليل لشڪر جو حملو ٿي چڪو هو. هاڻي بچار دانائي ڪري ملڪ طوطا وٽ لنگهي ويو ۽ چيائين ته: مون تي ميان جي حاڪم جو بار آهي، انهيءَ ڪري آءٌ راڻي تي حملو ڪندس. اوهان راڻي جي پاران پيو ڪو قدم نه کڻجو ۽ نڪي کيس مدد ڪجو. ملڪ طوطا اها ڳالهه مڃي. هوڏانهن راڻي ۽ سندس ماسات رحمت الله مڱلين ٻوڏي کي جڏهن چام ڪريمداد جو پيغام پهتو ته هنن پرواهه ئي ڪانه ڪئي، جو ڀانيائون ته، جڏهن ملڪ طوطا اسان جو پرجهلو آهي ته بچار چا ڪندو.

راڻي ۽ رحمت الله جو سور نه، آڏ ڪيو من
هو جي توري رهن طوطا جي، سي مانجهي منهنجي من. (١)

(١) تورو = آڏو، ٽيڪ، طرفداري. ان وقت جو سگهڙ شاعر ٿو چوي ته: اهي بهادر منهنجي دل تي چڙهيل آهن، يعني راڻو ۽ رحمت الله.

ساڪري طرف وارا ڪرمتي، راڻي ڪي وڏ يڪ ويجها هئا.
هنن ڪي جڏهن خبر پئي ته راڻي تي حملو ٿيڻ وارو آهي ته
هنن پاڻ ۾ مصلحت ڪئي:

مريد، مٽدغار، دُورو، فتح چارئي ساڀيه، هئا سردار
تن ڪرمتي ڪوٺائيا، مصلحتي مهندار
ته وجهي عيسب ڪيڪو آئيو، جي آهن دُوجا دعويدار.

هنن سردارن پنهنجا پر وزير سڏيا: هڪ عيسب، جو "بگهياڙن" جي پاڙي مان مُک هو (۽ جيڪو پوءِ مڪليءَ واري جنگ ۾ ماريو) ۽ ٻيو ڪيڪو جيڪو "هٽديه" پاڙي مان مُک هو. هنن راءِ ڏني ته اسين ساڪري واري راڻي جا ويجها پاڙيسري ۽ اصل ڪان وٺي راڻي سان پيڙا آهيون. اسين هر حال ۾ راڻي سان مدد ڪنداسون. مگر نوتڪ اها ڳالهه قبول نه ڪئي، جو ٻجار سان سندس دوستي هئي ۽ ٻجار ان ڪي پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو هو. جڏهن پر رايون ٿي پيون ته ساڪري جي مُلڪ مريد پر نڪو نوتڪ جو طرف ورتو ته نڪو راڻي جي ئي مدد ڪيائين. نوتڪ تي پوءِ اها ميار لڳي:

نوتڪ ناميائي نه ڪَيئي ڪوڙا ڳالهه، ڳٺي
پيلي ٿئين ٻجار سان، وڏئي پائر ماراڻي.

پوءِ عيسب ۽ ڪيڪو جي اڳواڻي هيٺ بگهياڙ ۽ هٽديه پاڙن جا چونڊ بهادر مڙس راڻي جو طرف وٺي بيٺا ۽ گهڻا بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويا.

راڻي ارجن ڪي چام ڪريمداد جوکيي اڳواڻ ٿيان ڏنو هو. جڏهن ڪيس اها خبر پئي ته ملير ۽ ساڪريءَ وارا مُلڪ پر شايد سندس مدد نه ڪن، تڏهن البت دل لوڙهيائين ۽ پنهنجو سڄو سامان پنهنجن ٻيڙين ۾ پرائي، حاجي بگهياڙ جي حوالي ڪيائين ته صبح جو سوير "اوکا بندر" (ڪڇ ۾)

ڏانهن هاڪاري هلي. پر جڏهن بجار جي ڪٽڪ جي خبر پيس، تڏهن سمجهيائين ته پنهنجي جي پيٽي ڪانهي، تڏهن ٻاڻ ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي، ڪوٽ کي ڇڏڻ جو اراده ڪيائين. ٻيڙين جي ٻيهڻ لاءِ حڪم ڏنائين، پر ان کان اڳ ٻيڙيون پوري وقت تي هاڪارجي ويون هيون ۽ جيڪي اڳ هاڪاريون، سي هاٿي نه ترسيون. تڏهن چيائون ته:

"هاڪاريون راٿي ارجن لاءِ ٻه ٽي ٻيڙيون
جنهن جون هيون اباڻيون."

ڪيڪو هديه، عيسب بکهياڙ ۽ راٿي ارجن جو ماسات رحمت‌الله مڱلين - پوٽو پنهنجن ماڻهن سميت راٿي سان ٻيڙا تي پيٽا ۽ ڪيس همٿايائون. مڙدن مقابلو ڪيو، پر حملو وڏو هو ۽ راٿو، رحمت‌الله، ڪيڪو هديه، نوتياڻي ۽ سندس ٻيا گهڻا ساٿي مارجي ويا.

"ڪيڪو ٻيليڙاَ سچ مرڪندي ماريا"

انهن مان گهڻن جي بهادريءَ کي ڳايائون. ٽن مڙسن قول ڪيا ته اسين لشڪر چيري وچي بجار کي ڌڪ هڻنداسين. انهن قول پاريا، پر بجار جو بخت زور هو، جو هو سلامت رهيو. انهن مان هڪ ٻنڀا بکهياڙ جنهن بندوق هڻي، ٻيو چڱو متنداڻي هو جنهن پالو هنيو. جنگ شروع ٿيڻ واري هئي ته ساٿين سومار کي سجاڳ ڪيو ته:

ساڃو ٿيءُ سومار، آيا جوڪيا جنگياڻي
اڪيڻي اچن اٿيءَ تان، مرڪي متنداڻي (١)
سومار ساٿي ڀاري، جا ڀر ڀچاڻي (٢)

---

(١) اٿيءَ تان اچڻ = جنگ جي ميدان ۾ ڪنڌ تان ڪاهه ڪري اچڻ. (٢) ڀچاڻي = ڀيڻاڻي، ڀيڻ-ڏاڏي جي، وڏن جي.

ٻنهي پنهنجا موڪليا ٻيالا ۽ ٻان.

ٻنهي ٻيري، فوج مان ڦيري، ڪٽيس ڪار ڪري
کهاءُ کليلي، ٻوڙنس ٻهرين ڪيو ٻاري ٻجار ڪي
غلاميائي گس مچايو، چٽي چگيري.

ٻنهي جيو ٻجار ڪي ادا اوري آهه
تون جو ڪيو جهجهي ٻاڙين، ٻيلي مون الله
ٻاڻ منهن ٻڌيئي مصريون گهوٽ وڇايون گهاءُ (١)
آءٌ آنيي جو ٻاڻ، جن انگيرا اڏ ڪيا.

انگيرا اڏ ڪري، آ سوائي سومار
تو ڪڙ وڏائي اها حڻن ڪني خبردار
جيڏا ڇاڻن يار، ته هي انگيل ماڻ اڳي هئا.

هڻن منداڻي مچ ۾، چڙهو منجهان تن
گينڊا سانڍيسل گڙ ۾ ڪارڻ آن ڏينهن
مبارڪ مردن جون، ڳالهڙيون ڳجن.

درياهي ۽ ڪيڪو وڏي همت وارا هئا.
آهينئون 'درياهي' دل ۾، ساريون تا 'سومار'
ڪيڪو ڪنگڻهار، رهيو آهي ني روح ۾.

مردن پنهنجيون موڪيون، قرقل سوپاريون
ننگر ناتاريون، وڏيون ٻکهاڙين 'ٻيگ' چوءِ. (٢)

---

(١) مصريون = ترارئيون، آڏو ترارين جا وار ڪري. (٢) 'ٻيگ چوءِ'
يعني 'ٻيگ چوي'. ٻيگ گڏو هو، ٻکراڻي گڏن مان.

روايت - ٢

جوکيا اصل ڪنگور علائقي جا هئا، جيڪو شاهہ بلاول جي پرسان آهي. پوءِ ملير ۾ اچي ٽڪائو ڪيائون. انهن مان ٻجار وڏي همت وارو ساماڻو ۽ وچي ٿئي ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي نواب وٽ نوڪر ٿيو. ان وقت ڏاراجا (ميرپورساڪري ۽ ٺٽي ڀرسان اوله) ۾ راڻو ارجن راڄ ڪندو هو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي (١١٧٠-١١٨٦هہ = ١٧٥٦-١٧٧٢ع) ٺٽي جي نواب شيخ شڪرالله کي حڪم ڏنو تہ راڻي ارجن کي ماراءِ تہ انهيءَ علائقي تي قبضو ڪجي. انهيءَ تي نواب، ٻجار جوکيي کي سڏيو ۽ تاڪيد ڪيو، جنهن تي ٻجار، راڻي ارجن کي مارڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو.

شڪرالله ٻجار کي ٿو ڪوٺيو سڏائي
تہ آڻ سيسي ارجن جي، يا پانهنجي تون ڏي
ٿـ تہ هٿند و سٿين هٿن سين، جنگ نہ ڪندين جي
سو ويـر انهيءَ وِڪڙ ۾ ٿو ورنهہ وماسي.

سيٺي، ٻنگل، بيگ، مراد، پنج سان ٿو ڪوڏ و ڪالهائي
تہ اوهين پـائـر منهنجا، هـيـڏي اچـو سـي
ميار جا مڪلي جي، هلو تہ اچون لاهي.

اها ”ميار“ اِها جو ڪلهوڙن طرفان خدا آباد مان ڪهل چڙهي هئي، تنهن جوکين کي هيسائڻ لاءِ مٿن جلهہ ڪئي.

”ڪنيو خدا آباد مان ڪهل وڏي ڪهوڙن“

آن وقت ٻجار ۽ تنگو ٻئي پائر پڇي ويا، باقي سندن پاڻيجو ڪالا مڙس ٿي ٻيئو ۽ پارجي ويو هو. جوکيا ان وقت مال وٺي وَس جي سانگي مڪلي تي ويٺا هئا.

تنگي چـڏيـو تـار ۾، ڏنـو ٿـي ٻجار
مامن تي ميار، رهي قابل ڪالا خان جي.

يعني ته ماسي تڳڇي پنهنجي ڀائيجي "ڪالا" کي وڏي مصيبت (تار پاڻي) ۾ چڙهيو ۽ ڀڄي بجار ڀري ڪان ٻئي ڏنو، ڀر ڀائيجي سان ڀيڙو نه ٿيو. اها ميارمتن رهيل هئي، سو ڀائرن کي سڏي چيائين ته: هلو ته هلي وڙهون، سر ڏيون ۽ پاڻ تان اها ميار لاهيون.

بجار پوءِ ملير جا اسي جوکيا ساڻ ڪري، لاهري بندر ڏانهن ڪاهي هليو. راڻو ارجن ان وقت ويهن ماڻهن سان "رتي ڪوٽ" ۾، جيڪو هڪ ٻيٽ تي هو، شڪار لاءِ لٿل هو. وهائي رات، جڏهن راڻو ارجن پنهنجي طنبوءَ ۾ ڏيو ٻاريو ستو پيو هو، تڏهن بجار ۽ سندس ساٿي ترار يون وات ۾ ڪري، سيٽاهن تي تري وڃي مٿس ڪڙڪيا ۽ ماري چڙيائونس.

مياڻ غلام شاهه انهيءَ فتح جي عيوض، بجار جوکيي کي "چام" جو لقب ڏيئي جوکين جو سردار مقرر ڪيو. چام بجار پوءِ زور ورتو ۽ ڪرمتين ۽ برفتن سان جنگيون ڪيائين.

راڻي ارجن کي بجار ماريو، ان واقعي بابت روايتون هن ريت آهن:

مياڻ محمد امين پوتاڻي(۱) چيو ته: راڻو ارجن پنجاهه مڙسن سان هلندو هو ۽ ٻيڙا ڦريندو هو. بجار جوکيو به ڏاڍو مڙس هو، پنهنجن ساٿين جو نوڪر بنجي مياڻ غلام شاهه جي درٻار ۾ ويو. بجار جو پير وڏو هو، تنهنڪري سچاپڇڻ جي ڊپ کان هاٿو به پاڻ سان کين ئيندا هئس. مياڻ غلام شاهه جي مٿس نظر پئي ۽ پهلوان ڏسي کيس چيائين ته: تون وڃي راڻي ارجن کي ماري اچ. راڻو ارجن به ترار يون ٻڌندو هو. جڏهن بجار مٿس حملو

---

(۱) ويٽل ڊسٽريڪٽ جو.

ڪيو، تڏهن راڻي سان گڏ هڪڙو بلوچ هو، تنهن مقابلو ڪيو، پر مارجي ويو. پوءِ بجار ترار جو وار ڪري راڻي کي ماريو.

سکهڙ عبدالله جوکيي جي روايت موجب جام بجار، راڻي کي مارڻ وقت ست ڏاڏا سڳس جوکيا پاڻ سان وٺي ويو هو: (١) سينڌل شهداداڻي (٢) ابراهيم ساڪاڻي (٣) حاصل ساڪاڻي (٤) لائقڏنو ساڪاڻي (٥) بچل ساڪاڻي (٦) نورو ڏاڪرو ۽ (٧) ڏٿي ڏنو ساڪاڻي، پر مٿي آيل شاهد بيت ۾ مٺي، بنگل، ايڪ، مراد ۽ ميئڻ جا نالا آهن.

سکهڙ حاجي محمد سوڍي بگهياڙ جي روايت موجب راڻي ارجن کي ڪلهوڙن سان ڏيپ رهندو هو، تنهنڪري هن پنهنجا پار پڇا ساموندي پيڙين رستي روانا ڪري ڇڏيا. پيڙيون هليون ته خيال آيس ته هتي وڙهي پوري ڪونه پئبو، تنهنڪري هيءَ پيٽي ڇڏجي. اهو خيال ڪري پيڙياتن کي سڏيائين، پر پيڙيون ڪين پيئيون. انهيءَ تان پهاڪو مشهور ٿيو ته: ”هاڪاريون، راڻي ارجن لاءِ به ڪين پيئيون، جنهن جون پٺاڻيون هيون.“ ان بعد راڻي ارجن دستور ڪري ڇڏيو ته رات جو پنهنجي همراهن سميت جدا هڪڙي پيٽ ۾ وڃي ٽڪندو هو.

جڏهن ڪلهوڙن جي طرفان، راڻي ارجن تي حملي جي سڌس پئي، تڏهن ڪرمتي بلوچ، جيڪي راڻي ارجن جي علائقي ۾ ويٺل هئا، تن پنهنجي ملڪ طوطا خان کان پڇيو ته ڪنهن جو طرف وٺون. ملڪ چيو ته:

”سدا رهون ساڪري، اجهي راڻي جي“

يعني ته اسان اصل کان راڻي جي اجهي ۾ راڻي سان پيڙا آهيون. تڏهن ڪرمتي راڻي جي طرف ٿيا. جڏهن بجار جوکيي، راڻي ارجن تي حملو ڪيو، تڏهن ڪرمتين جو ڙاڄ سڄو وڙهيو،

پر مَلڪ جو پاڻ ”نوتڪ“ ڪرمتي، جنهن کي ٻجار ڳالهين ۾ پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو هو، سو ٻجار جي طرفان وڙهيو. انهيءَ ڪري مَلڪ طتوطا خان نڪي واڻي جي طرفان وڙهيو نڪو نوتڪ جي مدد ڪيائين. ان تي ڪنهن شاعر چيو ته:

نوتڪ ناسياءَ ڪينڪي، ڪوڙا ڳالهه ڳٺي
ٻيلي ٿي ٻجار جو، وڏوءَ پاءُ ماراڻي.

جنگ جون ڳالهيون پٺي هليون ته ڪرمتين جو شاعر بيگ ڪَبڙو، تنهن پٺي آئيو ۽ آئندي جهونڪار پائين ته:

آهينئون دريا هيءَ دل ۾، ساريون تا سومار
ڪهڪئو ڪنگٿهار، رهيو آهيم روح ۾.

ائين چئي زال کي چيائين ته: الا! تتڪ زبان مان نڪري ويئي، مڙس ماراڻي وڏم.

پٽرتوس، نوتڪ ملڪاڻي جي طرف جو هو، تنهن واڻي ارجن جي طرف وڻڻ تي، ڪرمتين کي طعني طور، بيگ ڪبڙي کي چواڻي موڪليو ته:

ڀاراپو پٽرتوس جو، ليشي بيگ ڪي ڏيچ
ته تنهنجي ميرن موچار يون ڪيون، هاڻي تون پڻ ڪي چئيج.

بيگ ڪبڙي جواب ۾ چواڻي موڪليو ته:

ڀاراپو پٽرتوس جو، سٽي ڪيوسين ڪن
واڻي ۽ رحمت‌الله جو مور نه آڌڪو مـن
اهي طعنا ڏجن تن، جي مَلڪ سارڻ آئيا.

يعني: ”تون نوتڪ جي راز جو آهين، نوتڪ وارن کي طعنا ڏي، جيڪي مَلڪن سان وڙهڻ آيا آهن. رحمت‌الله مٺلي- پوٽو ويٺل هو محموداڻي تي، سو واڻي جو ماسات هو ۽ ٻئي سدائين گڏ هوندا هئا.

حاجي سرماڻ خان (١) چيو ته سومار منڊائي، ٻنهي ٻگهياڙ ۽ چنو ٻگهياڙ، انهن ٽنهي وعدا ڪيا هئا ته ٻجار کي جيڪو ڏک ته هڻندو، سو مياري آهي. اهي رائسي جي طرف هئا. جنگ تي هلڻ لاءِ سومار کي سڏيائون ته:

ساڇو ٿي سومار، جو کيا آيا جنگ تي.

تڏهن سومار آئيو ۽ حقو کڻي جنگ تي هليو. چيائونس ته: حقو ڪنيو ٿو هلين! چيائين ته: ٻو يان هائي حقو ڪنهن جي لاءِ ڇڏيان؟ سومار ڏ ٻر مڙس هو، ٻوتي ٻئي لڙڪندي هيس، ٻر چوندو هو ته: 'ادا! هنيون ڪڍيون'. ٻوءِ جنگ ۾ ٻهرين مڙس کي حقو هٿي ماريائين. انهن ٽنهي مڙسن نول ٻاڙيو ۽ ٻجار کي ڏک هنيا، ٻر ڏک ٿورا لڳا. ٻجار ٻوءِ چوندو هو ته: 'ٻپ فلاڻي فلاڻي جو آهي'. چئني ٻگهياڙ بندوق هنئي جا ٻجار کي ڇڏڻ ۾ لڳي.

ٻنهي چيو سومار کي، ادا! اوري آهه
جو کيو جهجهين ٻائرين، ٻيلي مير اللهه
منهن ۾ جهلي منصريون، گهوٽ وڃايا گهاءَ
تون تني جو ٻاهه، جن آنگيرا اڏ ڪيا.

انگيرا اڏ ڪيا، آهه سوائي سومار
تو ڪٺر وڏائي اهائي، هٿين ڪني خبردار
جيڏا چائن يار، ته هي انگيل مان اکي هئا.

---

(١) حاجي سرماڻ خان ٻگهياڙ سان سندس ڳوٺ تعلقي ميرپورساڪري ۾ تاريخ ٢٢- جون ١٩٥٦ع تي ڪچهري ٿي. حاجي سرماڻ خان ڪسي گهٽيون خبرون هيون ۽ وڏو داناءُ هو، وڏيءَ عمر جو هو ۽ ٿورو ٻوءِ گذاري ويو.

ڪيڏو هٺديھ نوتياڻي، راڻي ارجن جو وزير هو، سو انھيءَ جنگ ۾ ماريو. سنڌمن قبر قدمن واري مقام ۾ آهي، جنھن تي گھوڙي جي تصوير ٺھيل آهي.

ڪيڏو مير ميڻي جا، هٿا ڳورن ڳورا ڀار
ڪَري چڙهي ڪنڌئي، تنھن عھدي ڪيا الغار
نوڙڪي ٽيو نروار، تنھن ڪان ڀوءِ ترار ۾.

---

١٧. ڀيمجي جي ميان غلام شاهه سان جنگ

پنهنجن ڀائرن کي مڃائي مطيع ڪري، ميان غلام شاهه، سنه ١١٧٠هه (١٧٥٧ع) ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ ان کان پوءِ ڪڇ جي راءِ طرفان ٿيندڙ زيادتين طرف توجهه ڪيائين. ٻه طاقتور قومون نوتيار ۽ جت ساڳئي وقت ڪڇ توڙي سنڌ (جاتي ۽ بدين) ۾ آباد هيون ۽ انهن جو ڪڇ جي راءِ سان تاريخي ناتو هو. ان وقت ڪڇ ۽ ان کان اڳ ڪڇ جا راءِ، جيڪي جاڙيجا سما هئا، سي عقيدي طور مسلمان هئا. جيتوڻيڪ ڪي هندڪيون ريتيون رسمون به ڪندا هئا، انهيءَ ڪري انهن جا سگهه بند جا به رشتا هئا. ان وقت ڪڇ جو راءُ گوڙجي هو، جنهن جي پاءُ آسوجي نوتيارن مان شادي ڪئي هئي، جيڪي 'ٻنني' ۾ ويٺل هئا. آها ڇوڪري ايڏي همت واري هئي، جو سانهه ڏڪي کي ڪَن مان جهلي قابو ڪيو هئائين. ڪيس به ٻه ٽيا: ڀيمجي ۽ ويسوجي. هو ٻئي همت وارا هئا، پر ڀيمجي وڏو پهلوان هو. سندس ناناڻا نوتيار هئا ۽ سندس شادي به سنڌ جي سوڍن مان ٿي هئي. سنڌ سان سندس گهاٽو تعلق هو. ميان غلام شاهه جي حملي وقت آڻ نه مڃيائين. 'جهاري جبل' وارو علائقو هنن جي جاگير ۾ هو ۽ ڀيمجي ۽ سندس پاءُ ٻئي مقابلي لاءِ 'جهارو جبل' جهلي ويٺا. ميان غلام شاهه جي طاقتور لشڪر سان پڄي نه سگهيو، پر آخر دم تائين وڙهيو ۽ سر ڏنائين، پر ميدان نه ڇڏيائين. تڏهن چيائون ته: "واهه ڀيمجي! جنهن جهارو ملهايو." هن جنگ جا هيٺيان بيت اسان ننگرپارڪر جي سگهڙ سروهيي فقير ڏاڏي مگڻهار کان ٻڌا*:

---

* مرحوم محمد اسماعيل خان نون ۽ صوبيدار سوڍي سٽيڏاڻ جي مهرباني سان فقير حيدرآباد آيو ۽ اسان جو مهمان ٿيو، جتي ساڻس ٢٩-فيبروري ١٩٦٠ع کان ٻه-ٽي ڏينهن رهاڻ ٿي.

سيان ماڻهو موڪليو، ٻيمجي اوري آهه
لونگي ٻڏايان لک جي، سوني سروهه.

ٻيمجي امان ائين چيو، متان لڄائين ڪير
چئي: جيڏري جهارو نه چڏيان ٻلي اڇن امير.

لغاري لاشاري چانڊيا، ٻيڙا رند ٻروچ
علي علي ڪري آئيا ڪڙڪيا ڪوٽ ڪروڙ.

ٻيمجي چيو ٻاهه ڪي ٻڄڻ ناهي وير
هٿو تراريون تڪيون، ٻڙ ۾ ٻڪوڙيو ٻير.

ڪارو کهوڙو ڪجلو، ملير سوراڻو
اچي ٻيو لشڪر ۾ ٻيمجي ٻالارو.

سودي راڻي ائن چيو: ٻيمجي ڪو ڪري
سون ڪناري هٿ ۾، رڪ سان راند ڪري.

۱۸. ڪڪرالي جي ڪيهرن سان جنگيون *

اوڇتي درياءَ جي ڏکڻ وارو پاسو، ڪيٽي بندر شهر کان ايرندي وارو پاسو، موجوده سنڌو درياءَ جي اوڀر طرف شاهبندر تعلقو، اهو سڄو ملڪ ڪڪرالو يا ڪڪراڙو سڏبو هو ۽ آڳاٽي وقت کان وٺي ڪيهر قبيلي وارن جي اتي هڪ مقامي رياست هئي. ڪو وقت هو جو ڪڇ جي آبڙاسيي واري علائقي ۾ به ڪيهرن جي حڪومت هئي، انهيءَ ڪري ڪڪرالي جي ڪيهرن ۽ ڪڇ جي راڄن جي وچ ۾ ويجها ناتا هئا، خاص طرح سمن جي قبيلن ۾ ڪڪرالي جا حڪمران به "ڪيهر سما" هئا ۽ انهي ڪري "ڪيهرچام" سڏيا هئا. ميان غلام شاه ڪلهوڙي اچان جڏهن حڪومت هٿ نہ ڪئي هئي ۽ پائرن سان سندس مقابلا پئي هليا، تڏهن هن هيٺ لاڙ طرف پئي گشت ڪيا ۽ پانهنجي ٿو تہ هن ميرپور ساڪري طرف ڏاراجا جي راڻي، ملير ۽ ساڪري جي ڪرمتين ۽ ڪڪرالي جي ڪيهر چامن کان مدد گهري. اهي ٽيئي طاقتور ڌريون هيون، پر ميان غلام شاه ۽ سندس پائرن جي جهيڙي ۾ نہ پيا. پوءِ جڏهن ميان غلام شاه حڪمران ٿيو تہ انهن ٽنهي ڌرين خلاف قدم کنيائين. ڏاراجا جو راڻو اتي جي "نگامرن جي رياست جو آخري" حڪمران هو، جنهن تي ميان غلام شاه طرفان چام بجار جوکيي حملو ڪيو جو هو مارجي ويو. سنہ ۱۱۷۳ ھ جي آخر ۾ ڪڪرالي جي چام ڏيسر جي

---

* هي بيان ساڪري جي داناءُ سگهڙ حاجي سرماڻ خان مرحوم کان ۱۹۵۱-۱۹۵۵ع ۾ ڪيل ڪچهرين ۽ ان بعد سندس سڄاڻ فرزند حاجي محمد سوڍي کان ۳، ۱- جنوري ۱۹۶۳ع تي ميهرشاه جي ميلي (ٻنورو) تي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

کن مهم ڪرڻ لاءِ ميان غلام شاه توجهه ڏنو. ڦريائين محمد اويس ۽ ٻين سردارن کي چام جي خلاف موڪليائين. انهن چام ڏيسر کي هڪ ڀيرو پنهنجو شڪستون ڏنيون. آخرڪار ٧- صفر ١١٨٤هه (٨- ڊسمبر ١٧٦٠ ع) تي چام ڏيسر مجبور ٿي ڀڄي وڃي ڪڇ ۾ پناه ورتي.

ٿي سگهي ٿو ته ان کان اڳ به ڪلهوڙن حاڪمن طرفان موڪليل لشڪر مٿن چڙهائي ڪئي هجي. اهو به ممڪن آهي ته ٻين طرفان ڪي حملا ٿيا هجن، پر ڪڪرالي جا ڪيهر ميان غلام شاه جي حملي کان پوءِ ڪمزور ٿي چڪا هئا. هنن بيتن جي ٻولي مان پڌري ٿو ته هي ١٨- صدي عيسوي کان اڳ جا ناهن. هنن بيتن مان ظاهر آهي ته "بستان بندر" تي ڪو حملو ٿيو جنهن ۾ ڪيهرن هارايو. ان کان سواءِ ٻي به ڪا لڙائي ٿي، جنهن ۾ ڪيهرن جي لشڪر اڇي "ڳڙهه آباد" (آباد جي قلعي) ۾ پناه ورتي ۽ منجهانئن ڪي ملڪ ڇڏي ڪنيات طرف هليا ويا. چام ڏيسر کان اڳ يا پوءِ ڪيهر پوچراج (١) ٿيو جيڪو وڏو سورهيه هو. هنن بيتن ۾ 'ڪيهرن جي مخالف' واري طرف جي شاعر سندن ڳالا ڪئي ته 'ڪيهرن جي طرف جي شاعر' ان جو جواب ڏنو.

مخالف ڌر جو بيت

جمعي بعد جا سٿي ڪا بستا منجهه بندر (٢)
ته ڏسو ڏيسر چام جا ڪيهر هئا ڪوندر
ڏڪي جي ڏمال سين ٻيو نه، ڪتن پر
وِتائي وِڏئون واٽ تي پنهنجا هٿن سان هٿيرَ (٣)
پوءِ ناحق موتي نر، لُڳڙ لوڏي آئيا

(١) مسلمان هئو، پر ڪيهرن ۽ پڇم جي سمن ۾ 'پوچراج' ۽ 'پرٿوي راج' نالا هلندا آيا، جيتوڻيڪ اهي صدين کان وٺي مسلمان هئا. (٢) جمعي نماز بعد هي ڳالهه بستا بندر ۾ هلي. (٣) وتائي وڏئون = ڦٽا ڪيائون. هٿير = هٿيار.

ڪيھرن جي طرف جو جواب

خدا ڪنان خير ٻن، وائي ايءَ ۾ وار
ڪيھر ڪابل ڪرمي، طالع سندن تار
نيگھتن، ٻولو، ڪانھيون، منگر مٿل متار(١)
اي چارئي چڙھيا اُمراءَ اچن، ڀڙ جني تي ٻار(٢)
ساٻيٺ سڄائي چڙھيا، ”ديري“ جن درٻار(٣)
اُن سين راڄو روجھيءَ تي چڙھي ٿيو ٻليءَ ڀاڻ سوار(٤)
تنل واھيندا تار، جي سانھ سانڀيٺيا ڀاڻ ۾(٥)

مخالف

تو جھي سانهين مت ئي نہ جھلي، تنا ترام ڀڃي
ڪي پگا ”گڙهہ آباد“ تي، ڪن وچي ”ڪنيات“ ڪنٿي
ڪي ليڪا اھڙي لَل سان، جئن لڪين ڪونہ لھي
جيءَ لڪانيئون جانيونَ، توئي هيٺ ٿھي
سنڀت سردارن جي رَئي ڪانہ رھي
سانجھر سوير ئي، آيا ”گڙھہ آباد“ ۾.

ڀرجو لوڏ ڪندو ھو لاڏ ڪو، مڙد سونهريءَ مٺت(٦)
سو ڀڙ ڪي ڏيٺي ھٿ، توجو ڀوچراج ڀڄي ويو(٧)

موافق

ان ڀوچراج جي ڀڄڻ جو، آءٌ سنهن ڪٺان سؤ ڪنڊ(٨)
ڪ گنگا اُلٽي وَهي، ڪ جھڙي سڪندر ٻنڊ

---

(١) اهي چارئي وڏي همت وارا. (٢) امراءَ=امير. ڀڙ= همت ڀريا، سگھا، (٣) ساٻيٺ=سالبھ، گڏ، جن جي درٻار يا گادي ”ديري“ ۾ هئي. (٤) راڄو=سردار. روجھي= گھوڙي، روجھ جي رنگ واري. ٻليءَ ڀاڻ= چڱي سوڻ سان، ٻلي ڀيٽي تي. (٥) رت جون تراڻون وهائيندا. سانھ=سگھا سوره. سانڀيٺيا=ٻکين ڀيا، جنگ ۾ مقابل ٿيا. (٦) سندس ترار سوني مٺ سان هئي. (٧) توجو=تنهنجو. (٨) آءٌ قسم ٿو کڻان تہ هو ڪڏهن ڪونہ ڀڳو هوندو.

ڪ قطب تارو ھوئتي، رڙھي وٺي رند
ڪ موتي ھوي ماه ۾، سندو ھاٿيءَ ڏند
ته ۽ ڪيھر ورائي ڪنڌ، ڀڙ ڪان ڀنيرو نه ٿئي.

مخالف:

ھر ڀڙ ڪان ڀنيرا ٿيا توجا موتيا متيرا
ستن ڀنجن پاڻ ۾، گھوٽن ڪيا گھيرا
ڀاڪون ڀنجاھين جون ڀري ٿيون ڊيرا
اڄ لوڏيل لڪندا، جھڙا ڳگائيل ڳيرا(۱)
سانجھر سويرا، آيا ”گڙھ“ آباد ۾.

موافق

ڀڙ ڪان ڀنيرا نه ٿيا جڏ دانھه ھڻا ڏيري
وڏي بخت بلند ھٿا ڪيھر ڪڪراڙي
ڪوڪ تني جي ڪڇ ۾، ڪنيات ۽ ڪاري
ڏينھن لڳن راتيون ھون، ورق وجھن واري
وٺا ٻول ڀنھنجا ٻاري، ڪيھر ڪڪراڙي ڏٺي.

---

(۱) سيءَ جا سٽيل ڳيرا ٻڪي.

١٩. ميين عبدالرحيم گرهوڙي جي ساهي سان جنگ

ڪلام گرهوڙي ۾ آندل روايت(١)

گرهوڙي صاحب هيءَ جنگ سنہ ١١٩٢هہ ۾ ڪئي. مهاڏيو جي مڙهي خيرپور (ضلعي) جي ٽر واري ٽڪر ۾ هئي. چون ٿا ته انهيءَ مڙهيءَ جو بنياد ٥٠٠ هجري ۾ پيو. روايت آهي ته مڙهيءَ جو برپا ڪندڙ گنگا نديءَ مان پاڻي ڪٺي نڪتو هو، انهيءَ ارادي سان ته ڪٿي هڪ وڏي مڙهي ٺاهي وجي وهان. ڪٿي ۽ ڪهڙن اصولن تي مڙهي بنائي وڃي، انهيءَ لاءِ گنگا جر ڪنيو هٿائين ۽ دل ۾ رٿيو هئائين ته جنهن هنڌ جو پاڻي گنگا جر سان تور ۾ هڪ جيترو بيهندو، اتي اها مڙهي اڏائي ويندي. گهڻائي ڏيهه ڏوريائين، مگر پاڻي وزن ۾ گهٽ تي بيٺو يا وڌيڪ. آخر جڏهن رلندي رلندي هگورن وٽ آيو، تڏهن اتي جو پاڻي گنگا جر سان وزن ۾ پچي آيو. هوءِ اهو پائو اتي مڙهي ٻڌي ويهي رهيو ۽ ان کي مهاڏيو جي مڙهي يا مهاڏيو جو مندر ڪري سڏيائين. آهستي آهستي اُن جي چوگرد شهر ٻنجي ويو.

انهي مڙهيءَ جي مهنت کي جادوءَ جي زور تي ڏاڍي طاقت هوندي هئي، جنهن ڪري سڄو ملڪ نميو پيو هوندو هئس. ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ مهاڏيو جي مڙهيءَ جو مهنت سوامي دتگر نالي هو، جو پنهنجي نندي ڀاڳ گرتگر جي حمايت سان وڏي هستي رکندو هو. هندو خواه مسلمان هزارن جي تعداد ۾ سندس پوئلڳ هئا ۽ گهڻيءَ پسگردائيءَ ۾

---

(١) ”ڪلام گرهوڙي“ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو، سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٥٤ع.

سندس مڃتا هلندي هئي. سندس لنگر هميشه جاري هو، تنهنڪري آيو ويو سندس نمڪ کائي، سندس ارادتمندي جو دم ڀريندو هو. ڇانيها ۽ گهڻو ذات جا مسلمان پڻ سندس مريد هوندا هئا. انهن جي ابتدعا تي سوامي دتگر کين شڌ ڪري هندو ڌرم داخل ڪندو ٿي ويو.

جڏهن کان مسلمانن جي مرتد ٿيڻ جو پڙلاءُ گرهوڙي صاحب جي ڪن تي پيو، تڏهن کان وٽي دلي ارادو هوندو هئس ته اها مڙهي منهدم ڪري، ساري ماندڻ کي نابود ڪري ڇڏيان. هڪ دفعي لنواري شريف ڏي وينديّ، مڙهي جي طرف کان ايندڙ يارن وٽان معلوم ٿيس ته بتخانو اڳي کان ۾ وڌيڪ زور تي ويو آهي. اها ڳالهه ٻڌندي ڏاڍو جوش ٿيس ۽ يارن کي چيائين ته بتخانو ڍاهڻ ضروري آهي. حاضرين مان هڪ درويش کي پنهنجي يارن خواجه گل محمد صاحب ڏي موڪليائين ته وڃي احوال پهچائي ۽ پاڻ پوئتي موٽيو. انهيءَ درويش خواجه صاحب وٽ پهچي احوال پيش ڪيو ۽ عرض ڪيائين ته شيخ صاحب مون کي اماڻڻ وقت هي بيت روئي پڙهيو هو ته:

جنهن ڪن نوپايا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪچاڙو
ماڻس ستاڙو، پٽس نالو ڪينڪي.

حضرت خواجه صاحب اهو سنيهو سٽي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ فرمايائون ته: ”شيخ صاحب پنهنجي عمر جي پڇاڙي ڏني آهي.“

پوءِ گرهوڙ ۾ پهچي عام پڙهو گهمارايائين ته: ”آهي ڪو غازي، جو جهاد في سبيل الله ۾ ساهه ڏئي؟ مگر هلي آهو، جنهن کي ڏٺي ڏينڻ جيڏي ڏاڙهي هجي.“ ڪل ٻاهتر ماڻهو ساڻس هلڻ لاءِ تيار ٿيا. رواني ٿيڻ وقت هڪ خط مارو ٽيپي هٿان مير بجار خان ڏي لکي موڪليائين ۽ هي ليايو پڻ

ڏنائين تہ: جنهن جي نياپي تي سون توهان کي دنيوي رهائش لاءِ هڪ زمين جو ٽڪر هٿ ڪري ڏنو هو، انهي نياپي موڪليندڙ جي ڪم سان مان هتان روانو ٿيو ٿيان. توتي هاڻي فرض آهي تہ اچي منهنجي مدد ڪر. حڪم موجب مارو ٽيپي، مير بجار خان کي وچي خط ڏنو. مير کي انهي وقت ايمان چڙڻي ويو. پاڻ تہ ڪونہ آيو، پر مدد بہ ڪانہ موڪليائين. پاڻان جواب ڏياري موڪليائين تہ: توهين ۽ مهنت ٻئي فقير آهيو، اسان جو انهيءَ ۾ واسطو ناهي، جيئن وڻيو تيئن ڪريو. هوڏانهن مهنت کي چوائي موڪليائين تہ اسان جو مگريي جي ڪاهہ سان ڪو بہ واسطو ڪونهي، توهين مگريي سان ڪهڙو بہ سلوڪ ڪري سگهو ٿا.

گرهوڙ کان پهرين منزل "رڪن ڍليار" وٽ ڪيائون، جو ڪيپري کان ۵ ميل اوڀر ۾ آهي. اتي ٽيپن وٽ سرنهن جي وڻ هيٺ ڏينهن ٽاريائون. مارو ۽ الياس ٽيپو ٻئي پاڻ جهاد لاءِ تيار ٿيا، پر پاڻ الياس کي پوئتي گهر جي سنڀال لاءِ ڇڏيائين ۽ فقط مارو کي ساڻ ڪنيائين. آتان ڪوچ ڪري "راڙ" جي سيّدن ۾ آيا. سيّدن کي چيائون تہ: "اوهين سونهان ٿي هلو." سيّدن چيو تہ: "مهنت تمام ڪرڙو آهي، هي لشڪر ڪڏهن بہ ڪونہ ڪندو، ۽ جيڪڏهن مهنت کي خبر پئي تہ اسان سونهپ ڪئي آهي تہ اسان کي پيڙي ڇڏيندو." ائين چئي هلڻ کان انڪار ڪيائون. سندن ساٿ ۾ ڪامل نالي هڪ ڪوري هو، جنهن چيو تہ: مان تازو آتان آن" خريد ڪري آيو آهيان، واٽ آءٌ بہ ڏيکاري سگهندس. تنهن تي پاڻ چيائين تہ: تون جيڪڏهن هنن پاهتر چڻن جو سونهون ٿيو ٿو هلين، تڏهن ڏينهن قيامت جي بہ هنن پاهتر چڻن جو سونهون ٿي هلندين. هنن سيّدن جي سيّدي وٺي ٿو ڏيان ڪورين کي ۽ ڪورين جي ڪورپ وٺي ٿو ڏيان راڙ جي سيدن کي.

'راڙ' ڪوري تعلقي ۾ هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جتي اڃان تائين ڪيترا سيّد ويٺا آهن. جي ڪورڪو ڪم پيا ڪن. ڪامل ڪوريءَ جا پويان اڃان تائين ڪرهوڙي صاحب جي درگاهه جا مجاور ٿيندا اچن. مرحوم سنگهار فقير، جنهن جي واتان هيءَ روايت آندي وئي آهي، سو به ڪامل ڪوريءَ جي ڪڙم مان هو. آخر راڙ مان رڙهي اچي مهاڏيو جي مڙهيءَ کي قابو پيا. ان وقت سچي عملي وٽ فقط هڪ ڏور واري بندوق هئي.

مهنت وٽ هڪ ڪشتو هوندو هو، جو هر ڪنهن طرف کان آنل گيهه ۽ گوشت وغيره گڏ ڪري اچي ديگ ۾ وجهندو هو، جا رجهي تيار ٿيندي هئي ۽ اُن مان آتي جا رهاڪو- هندو خواه مسلمان- کائيندا هئا. انهيءَ ديگ ۾ اهڙي حڪمت هئي، جو سوين ماڻهو کائي اُٿندا هئا، پر هوءَ اوتري جي اوتري رهندي هئي. ازانسواءِ ڪهڙو به مريض وٽس ايندو هو، ته مٿس به-ٽي لفظ پڙهي شوڪاريندو هو ته مرض لهي ويندو هو. انهن ڳالهين ڪري ماڻهن ۾ مهنت جي وڏي مڃتا هوندي هئي.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي شهر جي ويجهو وارد ٿيڻ شرط جنتيءَ جي هڪ پادر کي حڪم ڏنو ته ڪشتي کي کيڏانهن به نه ڇڏج. سو ڪشتو جيڏانهن وڃي تيڏانهن موچڙا کائيو موٽيو اچي ساميءَ جي اڳيان ڪري. سامي حيران ٿي چيو ته شايد ڪو جادوگر آيو آهي جو ڪشتي کي گدائيءَ کان روڪي ٿو. چوڌاري چاري موڪليائين، جن خبر اچي ڏنيس ته پيو ته شهر جي چڪ ۾ ڪوئي آيو آهي، سواءِ گرهوڙ واري مگريي فقير جي. ساميءَ کي اڳئي سڌ هئي ته مگريو وڏو درويش آهي، جنهن ميرن کي سنڌ وٺائي ڏني هئي. تنهن تي ساميءَ جي ننڍي ياءَ گرت گر ڪيس چيو ته هن کي ميرن جي ضرور مدد هوندي ۽ ازانسواءِ فقير به آهي، انهيءَ سبب

سائس وڙهڻ چڱو ناهي، بهتر ٿيندو ته منت ڪري جند ڇڏائجي ۽ ڪيس ڪجهه ڏن ڏيئي پوئتي موٽائجي. د تگنَر کي اها صلاح آئڙي ۽ پڻ چٺا گرهوڙي صاحب وٽ لکي ويا. گهڻيئي منٿون آزيون ڪيائونس، سون، هيرن جواهرن ۽ سودين عورتن جي لالچ ڏنائونس، مگر گرهوڙي صاحب سڀني آڇن کان انڪار ڪيو، بلڪ پنهي چٺن کي اسلام جي دعوت ڏنائين ۽ کين صاف چيائين ته: جيڪڏهن ايمان نه آڻيندا ته مان جنگ کان ڪين گسندس. پنهي چٺن ايمان آڻڻ کان نابري واري. تنهن تي پاڻ کين چار شرط پرڪا طور وڌائين ۽ فرمايائين ته: جيڪڏهن انهن مان ڪو به شرط قبول نه ڪيو ته پنجون شرط تلوار جو آهي، جا پاڻهي فيصلو ڪندي. پهريون شرط: هندن جو سردار اسان وٽ اچي، اسين کيس چاليهه راتيون هڪ ڪڙ ڪين کان سواءِ جاءِ ۾ بند ڪري، پاهران قفل ڏئي ڇڏ يندا سين. اهڙيءَ طرح آءٌ جو مسلمانن جو مهندار آهيان، سو وڃن چاليهه راتيون قفل اندر بند رهندس. پوءِ جيڪو به اسان مان فوت ٿيو، تنهن جو لشڪر آڻ مڃيندو. ٻيو شرط: هڪ ميدان مقرر ڪجي. هندن جو لشڪر هڪڙي طرف بيهي ۽ مسلمانن جو سامهين طرف، جيئن هڪٻئي کي ڏسي سگهن. پوءِ آءٌ ۽ هندن جو سپهه سالار ميدان ۾ ٿي ملهون وڙهنداسين. جيڪڏهن تيئي دفعا آءٌ مٿس غالب پيس ته هو مسلمان ٿيندو، نه ته آءٌ جٺيو پڌي ساري لشڪر سميت سندس تابع ٿيندس. ٽيو شرط: مون کي ۽ هندن جي سرڪردي کي سڀني ماڻهن جي روبرو پڌري پٽ ساهميءَ ۾ تورين، جيڪڏهن هو باوجود ٿلهائيءَ جي ڳورو ٿيو ته آءٌ سندس رسمون پاڻ تي هموار ڪندس، پر جيڪڏهن آءٌ باوجود ڏٻرائي جي وزن ۾ سرس ٿيس ته هو اسلام آڻيندو. چوٿون شرط: هندو پنهنجي بُت اڳيان راڳ روپ ۽ ريتون رسمون ڪن، جڏهن جوش ۾ اچن

تڏهن آءٌ تن تنها وٺي حاضر ٿيندس. پوءِ جيڪڏهن مون تي تصرف هلايائون ته آءٌ سندن جماعت ۾ شامل ٿيندس، يا آءٌ ذڪر جي حلقي ۾ اندر ويهي رهندس ۽ سندن سردار اڪيلو اچي. اچان اوٽيه، وڪون ٻري هوندو ته ازخود ڪلمه شهادت پڙهي مسلمانن جي دين ۾ داخل ٿيندو. پنجون شرط آهي: جهاد، جنهن جي لاءِ سنبري آيا آهيون.

انهيءَ پيغام موڪلڻ بعد عبدالرحيم گرهوڙي پاڻ کي ڪٺلهن تائين واريءَ ۾ ڀورايو ۽ سپني سپاهين کي سڏي ڪائنس پڇيائين ته ڪهڙي صلاح آهي؟ جيڪڏهن ڪافر چار شرط نه مڃين ته پوءِ؟ سڀني يڪ آواز چيو:

صلاح ما همه آنست ڪه آن تراست صلاح

(اسان سڀني جي اهائي صلاح آهي، جا اوهان جي آهي)

تنهن تي پاڻ فرمايائين ته: مون کي هيءَ ڳالهه منظور آهي يعني ته شهيد ٿي پورجون. سڀني چيو ته شهادت جو موت قبول ڪري آيا آهيون. تهان پوءِ زمين کان ٻاهر ڪڍ يائونس.

ملتيان چارئي شرط ساميءَ قبول نه ڪيا. تنهن تي گرهوڙي صاحب ڪيس پيو پڇي، وجهه ڏنو ۽ چيائينس ته: اوهين ڪيشتو گهرايو ۽ ڪانئس پڇو ته جيئن هو چوي تيئن ڪريون. ڪيشتي کان دريافت ڪئي وئي، پر جواب ندارد. تڏهن گرهوڙي صاحب چيو ته: هاڻي وري جمنيءَ کان ٿا پڇون، پوءِ جيئن چوندي تيئن ڪنداسين. ساميءَ سمجهو ته جمني به ڪيشتي وانگر خاموش رهندي، سو اهو شرط ڪٿي قبول ڪيائين. جمنيءَ وٺي ڪيو "دين! دين!". ساميءَ مڪر ڪري چيو ته: جمنيءَ مان "دن، دن" جو آواز ٿو اچي. تنهن تي "حق، حق" جو آواز اچڻ لڳو. انهيءَ ڪشمڪش تي ننڍي پاءُ ڪرتڪر وڏي پاءُ دتگر کي چيو ته نيزاري ڪري پاڻ ڇڏائجي، نه ته هن بلا مان جند نه ڇٽندي. پوءِ ٻنهي پائر صلاح ڪرڻ لاءِ اجازت وٺي پنهنجي جاءِ ويا.

جاءِ تي پهتا ئي مس تہ مير بجار خان جو مخفي خط بہ اچي مليس، جنهن ۾ لکيل هو تہ امان جو مگريي فقير جي لڙائيءَ سان ڪو بہ واسطو ڪونهي ۽ اوهين پاڻ ۾ چاڙهو. ٻنهي ڀائرن ڪي مير صاحب جو ڊپ هو، پر جڏهن خبر پئي تہ مير جو هٿ ناهي، تڏهن پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ چيائون تہ انهن ڀاهتر چٽن کي اجهو ٿا کهائي وڃون. انهيءَ خيال سان وٺي پير تي ڏونڪو هنيائون ۽ جنگ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ گرهوڙي صاحب جي بہ ماڻهن اچي احوال ڪيو تہ: قبلا، سامي ۽ سنڌس ڀاءُ تہ صلاح مشورت لاءِ وقت وٺي ويا هئا، مگر ڏسجي ائين پيو تہ جنگ لاءِ تياري ۾ رهي آهي. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ: شايد مير بجر ڊوهہ ڪيو آهي، ٿيندو بہ سائس ڊوهہ:

امان پاري، ٻجر نہ پاري
وٺي ٻجر جي سرداري.

هن جنگ ۾ ڪي ٽالپور بہ شامل هئا، جن عرض ڪيو تہ: قبلا، ٻجر تہ دغا ڪئي، پر امان ٽالپورن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو، جو امان کي بہ پاراتو ڏنو ويو آهي؟ تڏهن پاڻ فرمايائون تہ: "اوهين مير ڀيا سکيو پيٽ پاليندا." انهيءَ دعا جو اهو نتيجو ٿيو، جو اڄ اڃاڻ تائين سڀني ٽالپور وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ زمين جو ٽڪر آهي ۽ خوش گذران ڪري رهيو آهي.

ٿوري وقت ۾ سامي جو لشڪر اچي ويجهو پيو. پاڻ پنهنجي ساٿين سان اڳيرو وڌيا ۽ رامڻ ٽالپر کي حڪم ڏنائون تہ بندوق پري ڇڏ. رامڻ جواب ڏنو تہ مون اڳئي پري ڇڏي آهي. چيائونس تہ پيو ڪان بہ پري ڇڏينس ۽ جڏهن مان چوان تڏهن ڇوڙج. جنگ چڙڻ تي پاڻ ٻريرو تي رامڻ سان گڏ وڃي بيٺو. مريدن هڪ ترار ۽ ڍال واري کي

موڪليو ته وڃي پير ۾ ٻيهه ته وقت سر ڍال سان بچاءُ ڪري سگهجي. پاڻ يڪدم ڍال واري ڪي هٿائي ڇيائين ته:

سپر سور ڪند ياءِ مرڻ پاس ته مير ٿيين.

پوءِ ته مجاهدن وٺي هندن جي لشڪر تي هلان ڪئي. گرهوڙي صاحب پاڻ نڪو هٿياز هلايو ۽ نڪي ڪو ڪاوڙ يا ڀيٽ جو لفظ وات مان ڪڍيائين. رڳو "اياڪ نعبد واياڪ نستعين" واري آيت پئي دهرايائين. ايتري ۾ سامي د تڪر، ڪاري گهوڙيءَ تي چڙهيل، ڪناري ڇيلهه سان پدل ۽ نيزو هٿ ۾، لشڪرائيان گهوڙيءَ کي ٽپائيندو ۽ ڪڏائيندو نظر آيو. پاڻ رامڻ ٽالپور کي جڪم ڏنائون ته سامي جبي سيني ۾ بندوق هڻ. بندوق لڳڻ سان سامي گهوڙيءَ تان آهنجي پيو ۽ سندس ٽنگ رڪيب ۾ ڦاسي پئي. هندن جي لشڪر جڏهن ڏٺو ته سندن صوبو ڪري پيو آهي ۽ گهوڙي کيس گهليندي وتي، تڏهن ڇيائون ته پهرين ساميءَ کي بچايون ۽ پوءِ انهن پاهتر ماڻهن کي گرفتار ڪندي ويرم نه ٿيندي. دشمن ۾ تاڪوڙو ڏسي مسلمان پٺيان ڪاهي پيا. اهو وجهه وٺي، دشمن جا ڪي آدمي گرهوڙي صاحب تي آور ڪري آيا. پهرين پهرين لڪاني ڇانهين گرهوڙي صاحب تي بندوق چوڙي، پر بندوق ڦاٽي پئي. پوءِ بندوق اڇلي اچي کيس پڙڇيون هنيائين ۽ ستابي گجوءَ ترار جا ڌڪ هنيا ۽ هڱوڙني ۽ واڇڙ مٿس کهاڙين جي وار ڪئي. ماروٽيبي جڏهن هيءَ حال ڏٺو تڏهن ڊوڙندو ڊوڙندو "ابو، ابو" ڪري اچي گرهوڙي صاحب جي مٿان پيو ۽ انهن ساڳين نامرادن کيس ترار هڻي ماري وڌو. اهڙيءَ طرح گرهوڙي صاحب جي ماروءَ جي حق ۾ پيشنگوئي پوري ٿي ۽ سندن رت گڏيا.

ايڏن زخمن هوندي به، گرهوڙي صاحب جي بدن مان رت جو هڪ ڦڙو به نه وهيو ۽ سڀئي گهاءَ اندران اڇا ڏسڻ ۾

پٺي آيا. انهيءَ حادثي بعد پاڻ ٽي ڏينهن جيئرو رهيو. ساميءَ جي لشڪر تي اچيّ الاهي مصيبت ڪڙڪي، جو سچو ناس ٿي ويو. گرهوڙي صاحب جا ٻه ڪيترائي اصحاب شهيد ٿي ويا. پاڻ پنهنجي لشڪر کي حڪم ڏنائين ته مڙهيءَ کي ڍاهيو ۽ ٻنّ پڇي پورا ڪريو. پوءِ انهيءَ جاءِ تي مسجد ٺهرايائين ۽ مٿس مجاور مقرر ڪيائين. لشڪر کي هدايت ڪئي وئي ته کائڻ پيئڻ مباح آهي، مگر ڪنهن شيءِ کڻڻ جي اجازت ناهي. ٽن ڏينهن اندر سارو انتظام پورو ڪري پوءِ دم ڏنائين.

چون ٿا ته وصال وقت امر ڪيو هئائين ته مون کي يڪدم نه پورجو، جو ٽن ڏينهن بعد جيئرو ٿي اٿندس، پر جيڪڏهن منهنجي مڙهه تي ڪا مک ويهي ته پوءِ هڪدم دفن ڪيو وڃي. سندس همراز ساٿي اچا هٿ ۾ سندس حڪم موجب ڪم ڪري رهيا هئا ته سندس جنازو اچي گرهوڙ ۾ پهتو. سندس شهادت جو ٻڌي ڪيترائي ٽالپور ٻه اچي گرهوڙ ۾ ڪٺا ٿيا هئا. جڏهن انهن کي خبر پئي ته گرهوڙي صاحب جو هي فرمان آهي، تڏهن کين اچي ڏپ ورتو ته جيڪڏهن گرهوڙي صاحب جيئرو ٿي اٿيو ته اسين سخت ڏوراپي هيٺ اچي وينداسين، جو اسان سندس مدد نه ورتايو هو. سو اچي ٽاهوت مچايائون ته بزرگ کي هڪدم دفن ڪيو وڃي. آخر انهن جي زور تي جنازو تڙتڪڙ ۾ زمين داخل ڪيو ويو. جڏهن سندس سچا ساٿي پهتا، تڏهن ارادو ڏيکاريائون ته قبر کوٽي جنازو ٻاهر ڪڍي رکون، مگر خواب ۾ اشارو ٿين ته اهو هلي چليءَ جي برخلاف ٿيندو، تنهنڪري ضرورت ناهي.

مهاڏيو جي مڙهيءَ واري شهر جو نالو مٽائي ديپور رکيو ويو. اتي جا مجاور اچا به گرهوڙ جي درگاهه تي

ايندا آهن ۽ هر سال آتان جي کجور نذراني طور رکي، ڪجهه نه ڪجهه وٺي ويندا آهن.

علم فقير مگريي جي روايت

فقير عبدالرحيم مگريو، مڙهي پڄڻ لاءِ گرهوڙ مان ٿي نڪتو ته نياڻيون قرآن شريف کڻي مِڙ ٿي آيس ته نه وڃ. تڏهن چيائين ته:

ڪُورا ٿئي ٻار، هُورو ٻار نه هيڪڙو
وهان تان ويرم ٿئي، نينهن ٿئي نهار
هت وعدي جي وار، هيت ڦُٽيم سرتيون.

جهاد لاءِ تيار ٿيو ته ساڻس ڪل ستر ماڻهو هئا، ايڪهتريون پاڻ هو.

شادي ٿلي ۾ آنس ٿلي هو، جو پڻ تسبيح کنيو پيو ٿڙڪائيندو هو ۽ سيڻ گرهوڙي کي چيو هئائين ته آءُ به جهاد تي هلندس. ان کي فقير صاحب سڏيو، مگر هن چيو ته اوهين هلو، آءُ اچان ٿو. انهيءَ تي فقير صاحب چيو ته:

آنس ٿلي، ٿڙ ٿلهي
جيڏانهن ميدان علي، تيڏانهن پير نه کڻي ٿلي.

فقير صاحب آتان رکڻ ڍليار (ڪپري کان ٥ ميل سر اوڀر) ٽيڻ منجهه ويو، جتي هڪ سرنهه هيٺ وڃي ڏينهن ٽاريائين (١). رکن ٽيو مڙني جو وڏو هو، اهو نه هليو ۽ مارو ۽ الياس ٻه ٽيئي پاڻ آيا، تن چيو ته: اسين هلنداسين. فقير صاحب چيو ته اوهان مان هڪ پوڙهي جي سنڀار لاءِ رهي. پوءِ مارو گڏ هليو(٢).

---

(١) علم فقير چيو ته مون جوانيءَ ۾ اهو سرنهه ڏٺو هو. علم فقير سنه ١٩٧٢ع ڌاري ١١٠ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. (٢) هڪ روايت موجب فقير صاحب چيو ته ٻاهتر ڄڻا بس آهن، جو حضرت امام حسين عليه السلام سان به ٻاهتر ڄڻا هئا.

رڪڻ ڍليار ڪان ڍيڍاڙي (ڪپري ڪان اتر ڇهه ميل) پهتا. اتي سيدن ماني ڪارائي. فقير صاحب کين دعوت ڏني، ۽ هنن چيو ته اسان کي ڪم ڪار آهن. ڪنهن چيو ته اسان کي جهنگ وڏو آهي. اتي فقير صاحب چيو ته: اوهان جي ناني جي پڙي ۾ جهنگ ئي ويو آهي، سو اسين وڃي ٿا وڍيون، اوهين پلي وڃو پنهنجي پڙيءَ جو جهنگ وڍيو. رکو مڙهي ڏيکارڻ لاءِ به ڪو ڪڏجي نه هليو. اتي ميرن جي ڪوٽ ۾ ڪامل نالي ڪوري هو، تنهن چيو ته: آءٌ نيو ڏينهن مڙهيءَ تان آن جو آٽ پري آيو آهيان، جي اڪيون پڏي چڏيندين، ته به هلي ڏيکاريندس. تنهن تي فقير صاحب ڪامل کي چيو ته: آءٌ اي ڪامل، بهشت جا سونهان! تنهنجي ڪورپ ڏيان ٿو سيدن کي ۽ سيدن جي سيدي ڏيان ٿو توکي. پوءِ آتان آيا، سي اچي مڙهيءَ ڪان ميل-ڏيڍ پنڌ تي هڪ ڪنڍيءَ هيٺ لٿا.

اها مڙهي ڪپري ڪان اتڪل ٽيهه ڪوهه اتر-اوڀر طرف هئي. اتي ٻه ترڙ ”رهو“ ۽ ”ڏيڏرو“ هئا. ”رهو“ مڙهيءَ کان ڏکڻ طرف چار ميل پري ۽ ”ڏيڏرو“ مڙهيءَ کان اولهه طرف ٽن ميلن تي هو. فقير صاحب جنهن ڪنڍي هيٺ اچي لٿو هو، اهو ڏيڏرو ترڙ لڳ، الهندي طرف دڙي تي هو.

ساميءَ کي اچي چوائي مُڪو هٿائين، تنهن کي به فقير صاحب جي اچڻ جي خبر پئي. تنهن وري چوائي موڪليو ته: اسين پئي فقير هڪ گودڙيءَ ۾ آهيون، پاڻ ۾ صلح ڪريون، وڙهون نه. فقير صاحب اها ڳالهه نه قبولي. پوءِ سامي صبح جو وقت جنگ لاءِ مقرر ڪيو. فقير صاحب به پنهنجي ماڻهن سان صبح جو سوير اتي پهتو. فقير صاحب سان ڳهٽا سنڌس شاگرد هئا، پر انهن سان هڪ شاگرد ٽالپور، جنهن وٽ بندوق هئي، ان کي چيائين ته: جڏهن آءٌ چوان

تڏهن بندوق هڻجان. اول سامي جي طرف وارن بندوقون ڇوڙيون. سڄو ميدان دونهون ٿي ويو. سمجهيائون ته فقير گرهوڙي وارا ختم ٿي ويا. سامي بندوقون ڀلايون ۽ ڀاڻ اڳتي وڌيو. ان وقت فقير صاحب حڪم ڏنو. ٽالپور جي بندوق سان سامي وچي ڪريو ۽ ٻيا جيڪي سامي سان گڏ هئا، اهي ڀڄي ويا. انهيءَ جهيڙي ۾ فقير صاحب جو هڪ ٻه، ماڻهو شهيد نه ٿيو. پوءِ فقير اتي مسجد ٺهرائي، جا اڄان ٻيٺل آهي. هڱورا، جي مڙهي جا ويٺل هئا، تن کي چيائين ته مسجد جي سنڀال ڪجو.

سامي جي مارجڻ کان پوءِ، فقير صاحب ۽ سندس ساٿي مڙهي وٽ هڪ ڪنڊيءَ هيٺ اچي ويٺا. ان وقت ستابو چانيهو ۽ لکانو گڏجو (چانيها ۽ گجو مڙهي تي ويٺل هئا)، سي ٻڙڇيون لڪائي، فقير وٽ زيارت لاءِ آيا ۽ ٻڙڇيون هڻي فقير کي سخت زخمي ڪري وڌائون. مارو ٿيو هاءِ هاءِ ڪري اچي متان پيو، پٺي فقير سمجهيو ته مبين گرهوڙي کي 'مارو' شهيد ڪيو آهي، تنهن ٽڪر ۾ تراز هڻي ته مارو مري پيو. ايتري ۾ قاتل وٺي ڀڳا، تن جي ورئان فقير صاحب جا ماڻهو ٿي ويا، ۽ فقير صاحب منع ڪئي ته انهن کي ڪجهه به نه چئجو. عيوض نه ونجو، عيوض سون کي ڏئي ڏيندو. فقير صاحب پوياڙي جو شهيد ٿيو. سج لٿي لاش آڻ تي پڌائون. ٻئي ڏينهن سهانيءَ وقت گرهوڙ تي رسيا. فقير صاحب جي شهادت تي الياس ٿيبي چيو:

عبدالرحيم اڌ ٿيو، 'مارو' تنهن مٿا
آئي جنا الياس چئي، ليڪا سڀ لٿا.

فقير صاحب جي شهادت تي ڪنهن شاعر 'ستابي' ۽ 'لکاني' کي بد دعا ڪئي ته:

ستابو ٿيو عتابو، جنهن ڏڪيل ڏڪ هنيو
لک لعنت لکاني تي، جنهن سورهيه ڪين سڃاتو.

باب ڇهون

سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ جنگيون

١. رندن جو مگسين تي حملو:

وڏيري عمر ۽ قنبر خان پنهورن جو واهر ڪيڻ ۽ مارجڻ*

مهراڻ خان رند پنجاهن مڙسن سان مگسين متان اچي پيو. مگسي ٻه اڙدا هئا، پر حملي وقت اويسلا هئا انهيءَ ڪري مارجي ويا. شايد انهن مدد لاءِ سڏ ڪيا، جنهن تي وڏيرو عمر پنهور ۽ وڏيرو قنبر پنهور، جيڪي ٻئي سوٽ هئا سي واهر وريا. مهراڻ خان اڳتي نڪري ويو هو پر هي ٻوريان وچي پهتا. اربعا جو ڏينهن هو جو ٻنهي طرفن جو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ عمر ۽ قنبر بهادري سان وڙهندي مارجي ويا. جڏهن ته پنهنجي سڏ تي مڙس واهر تي آيا، ۽ ميدان ۾ سر ڏنائون، انهيءَ ڪري پيڙي فقير چارڻ ڪين ڳايو.

ڏس احسان انهي پهر، سگهه سندي سبحان
جنهن ڪيا ظاهر زمين تي، ٻـر بحر بنيان
سهس اٺارهـن عالما، جِنّ و انس جـوان
اچي ٿيا آهـن اوچتا، مانجهي مگ مزمان
هوڏهن ٿيي هڪل تي، هيڏهن ٿيي آيانِ (١)
تڏهن ٻئي سوٽ پيڙ وچوي، هليا جذبي منجهون جوان (٢)

---

* هي بيت ڦلجي (ضلعو دادو) جي مشهور چارڻن سگهڙن سان پيڙي چارڻ چيا، ۽ مکڻ فقير چارڻ کان سنه ١٩٥٧ع ۾ دادو ۾ ميان دين محمد چارڻ سان ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

(١) واهر لاءِ سڏ ٿيو ته هتان ڇيو ته "آيا" (٢) ٻئي سوٽ عمر ۽ قنبر.

تن سان پاڻ محمّد مصطفيٰ، پيا آگي ڪين احسان
اتي عـمـر ۽ قنبر ٿـي ڪـَهيا ڪونڌ ڪلام
وٺن ته ممٿ تون موتي، آڏو قلعن جا ۽ ڪيام (١)
چئي: ادا! مڙئون لڳيهون ميهڻو، آئي اٿئون رضا
ڏنـن رحمان
وڙهيو بس بجير ڪي، ڀڳو چانڊيو مؤن چوگان
اوري اوشو تي هئي؛ جنهن ڪوڙهئي باري ڪان،
جـڏو جـيءَ جهان ۾ تـاحـق ڪـائـي نـان
اچي وِهو اٿئن تي، آهن جوڙا جوڙ سندان
تن ڪي، هيرين ميرين محڪمين ٽٽڪن ٽيليان،
کوپا وڙهن ڪاهه تـي، وري ويـر ورِيام
سي هرزا تي پيا هڙ ۾، وڃي جنت جاءِ ٿيان،
تن ڪي پُر پيالا بهشت جا، وڃي حورن هار ڏنان،
ڪري هوءِ هنگام، وڃي سنگت سان سرها ٿيا.

—

اصلي ڪشونس خلل جي، ڪا 'مهراڻ' ڪي هئي من (٢)
پيو پيل پنجاهن سـاڻ، ريلي تـي بـه رَنـدن
سي ارڏا هٿا بـه اويسلا، ٿـا مگسي مارجن
مونهيون مونهن سان گڏيون رُڪين راند رَوَن
جـيـرا پـيـرا ڦـڦـڙ ڦـڙڪـن، ذرا ذرا ڪن
ڏيـئـي باهه بندوقن کي وڏو آگهاري آئـن
هيڏهن هئي پنجويهه، هيڙ تي وڏا ماري مُغيرن (٣)
رندن ميڙي راج ڪي، ٿا ميڙيون مصلت ڪن
فـائـق فـتـح سان هليا، مانجهي مـوڙ پـڏن
وَٽيون وڪ وجن، ٿا مخفي پنهنجي ملڪ تي.

—

(١) 'ممٿ' لفظ سمجهه ۾ نه آيو (٢) مهراڻ خان رند (٣) اصل. مگيرن

اچي اربع ڏينهن پرهه، جي آرڻ تيي اٽڪليل
ڪاهي قنبر خان پيو آ روجان ڪري اتي ريل
وڙهيو ورنهه ويرن سامهون ڪري خان ڪني جي ڪيل
ارڏي عمر نيليون واريون واهه، تکي تنهن ويل
ڪوسيون ڪاريون، وجهن ڏاريون، ناميانسنگ پچن نيل :

واگهه تہ بيتا، ڀاڻ تہ ونگي
آيا سر آرڻ جي انگي
مارن چوٽيان، وجهن چنبي
ڪن پتنگن وانگي ڀيل .

جي آت ڪونڌ ڪلام نہ ڪهندي
مي اٿ تڻڪا مور نہ سهندي
ماريون مٿ مٿان ڪون مڻهندي
لاهيون ڀرڪل گهٽن پيل .

سانچي سورهه، اعلي آڪن
مصريان رت آٿائين چکن
پيئين پانڌهين آٿان ڀکن
ڪرن مرد اٿاهون ميل .

آڪ پيڙا، انصاف انهان دي
جي ڪلمي نال ڪليٿون ڪي ڪيل .

٢. رندن ۽ مگسين جو ٻئگاهہ (جنگ) *

هيءُ جنگ ميرن صاحبن جي اوائلي دور ۾ لڳي، جنهن ۾ رندن سان جلباڻي، جتوئي، جمالي، عمراڻي، ٻڙدي، گڙد، گبول، گاڏهي، ديناري، لاشاري ۽ ٻيا قبيلا گڏجي ويا، ته ٻئي پاسي مگسين پنهنجي پاڙيسري قبيلي چانڊين کان مدد ورتي، ۽ اهي ٻئي سورهيه قبيلا، ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي، مرد ٿي، ٻين مڙني قبيلن کي منهن ڏئي بيٺا؛

هيءُ جنگ هن سببان ٿي جو مغيري قوم جا ماڻهو مگسين جا پاڙيسري هئا ۽ ٻيا ڪيا ماڻهو هئا. جمالين کي اچي جوش جاڳيو ته مغيرين ۽ مگسين جو مال هٽي اچون.

---

* هن جنگ جو احوال ۽ سگهڙ قادربخش جويي جا بيت پهرياڻين مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي رسالي "مهراڻ" (نمبر ٣-٤ سال ١٩٦٠ع) ۾ شايع ڪيا، جتان اختصار سان سچو احوال ۽ بيت کنيا ويا آهن.

فقير قادربخش جويو، ڳوٺ جويا، تعلقي ميرو خان، ضلعي لاڙڪاڻي جو وينل هو ۽ ٨٥ ورهين جي عمر ۾ سن ١٩١٣ع ڌاري وفات ڪيائين. طريقت ۾ قنبر علي خان جي مشهور راشدي خاندان جي پير عبدالله شاهه جو مريد هو ۽ پاڻ پنهنجي مرشد وانگر يوناني علاج ڪندو هو ۽ ڪنهن کان پيسو-پائي نه وٺندو هو. نسخو به اهڙو لکي ڏيندو هو، جو پنجن پيسن کان وڌيڪ قيمت جو نه هوندو هو. عابد ۽ زاهد به هڪ هو. شعر سان سندس ڏاڍو چاهه هو. جڏهن ته فقير جي ٻولي سرائڪي هئي، ان ڪري سندس گهڻو ڪلام سرائڪيءَ ۾ آهي، پر سنڌيءَ ۾ به ڪافيون، مولود ۽ بيت گهڻائي چيا اٿس.

ليٺ آهي حملو ڪري ويا ۽ مغيرين جو مال ڪاهيائون ۽ مقابلي ۾ انهن جا ٻه-ٽي ماڻهو به مري پيا. ان وقت سردار احمد خان مگسي 'شاديهڙ' شهر ۾ لٿل هو، جنهن کي ڌاهين وچي انهيءَ ڳالهه جي ڌاهه ڏني. احمد خان بهادر ۽ اڙدو هو، سو ڪوڏ ڪري اچي جمالين سان جنبي مارو ڪرڻ لڳو. هاڻو مال ڇڏي وٺي ڀڳا ۽ جيڪي احمد خان جي سامهون ٿيا، سي مارجي ويا.

انهيءَ تي غلام محمد خان جمالي پنهنجي ڳوٺ ڳڙهي مان چڙهيو ۽ سردار شيرمحمد خان رند (جو ان وقت حيدرآباد ۾ ميرن وٽ رهندو هو) ڏي حيدرآباد ۾ ويو ۽ شيرمحمد خان رند آڏو پڳون اڇلائيندي احمد خان مگسيءَ جي حملي جي خبر ٻڌايائين ۽ چيائينس ته "مگسي ٻاڻ کي "جنگ دوست" ٿو سڏائي، هن جي ڪنهن تي نگاهه ٿي نٿي ٿئي! سنجهه صباح اوهان جي ڳوٺ "شورڻ" تي ٿو حملو ڪري!". اهو احوال ٻڌي، سردار شيرمحمد خان چيو ته مان مير صاحبن کان ستن ڏينهن اندر رخصت وٺندس ۽ پوري مدد ڪندس. پوءِ سردار شيرمحمد خان ميرن صاحبن جي سلام تي ويو ۽ سمورو احوال ٻڌائي موڪل گهريائين. ميرن صاحبن سمجهايس ته اوهان سردار گڏجي ويهي فيصلو ڪريو ته خير ٿئي، جو جنگ وارڻ خلل کان خالي ناهي. مگر سردار رند نه مڙيو ۽ جمالين سان گڏ لشڪر چاڙهي اچي پهتو.

احمد خان کي به خبر پئي، تنهن به پنهنجن مگسي ڀائرن کي ڪٺو ڪيو ۽ چيو ته جيئن جمالين وٽي رند تمندار کي چاڙهيو آهي ته اسين به چانڊيي سردار وڏيري ولي محمد خان جي مدد وٺون. پوءِ سندس پٽ ۽ ڀائٽيو ميهان خان ۽ گهرام خان سپاهه ساڻ ڪري ڏيري پهتا. ولي محمد خان کين مان ڏنو ۽ چيائين ته راڄداري جون ڳالهيون ڪنداسون، پر جي رند سردار نه مڙيو ته جنگ ڪنداسون. پوءِ پنهنجي پٽ ڪڻيدي خان

سان چانڊين جو لشڪر چاڙهي موڪليائين، ۽ کين چيائين ته ”جنگ جي سوڙهه ڏسو ته مون ڏانهن ڏاهي ڏياري موڪلجو ته مان به اچي نڪرندس.“ نيٺ چانڊڪو لشڪر جهُلي وڃي ’جهل‘ شهر ۾ رسيو.

چانڊين جي اميرن جنگ ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. شهولي خان چڙهي ويو، جنهن تي سردار رند چار مهينا مهلت ڏني، ۽ چانڊين کي چوڻ لڳو ته ’اوهين هرائيءَ ٻاهه ۾ ڇو اچي پيا آهيو، مان ته اڳيون پويون ڪُل قرض مگسيءَ کان اڳاڙيندس.‘ اهو چئي، پنهنجيءَ سپاهه کي ٻيڙدين ڏانهن وٺي ويو، ته جيئن چانڊيو ويهي ڪَڪ ٿي ’ميل‘ پچي وڃي، نيٺ ’جهل‘ ڇڏي وڃي ’ڪنڏڪوٽ‘ پهتو. تڏهن چانڊين به مگسين کان موڪلائي ڪئي ۽ چيائون ته ’جڏهن ڪا ضرورت پئي ته اسان کي سڏ ڏجو.‘ تنهن تي مخالف ڌر، چانڊين کان ميدان خالي ڏسي، وري حملي جون تياريون ڪرڻ لڳي.

وڏيري ولي محمد خان کي خابرڻ خبر اچي پهچائي، سو پنهنجن پائرن کي چيائين ته بروهين جا عذر رهيل آهن، سو هلو انهيءَ ٻهاني سان هلي سردار شير محمد خان کي ويجها ٿيون، ۽ ساڻس ملي ڪيس جنگ کان موڙيون. پوءِ اچي بروهين وٽ پهتا، جن ڏاڍي آدرڀاءُ ڪئي، پر سردار شيرمحمد ساڻس ملڻ نه آيو، تنهن تي وڏيري کي عجب لڳو. تنهن هوندي به صلح جو خيال ڪري، علي الصبح چڙهي ويو سردار شير محمد وٽ. پنهي سردارن ۽ پائرن پاڻ ۾ ويهي ورونهه ڪئي. ولي محمد خان کيس رنج ڪڍڻ لاءِ چيو، جنهن تي غلام محمد خان جماليءَ چيو ته ”ادا ولي محمد، تون اسان جي وچ ۾ نه پئُ، اسين مگسيءَ کي ڏسي رهنداسين.“ انهيءَ ’ادا‘ چوڻ تي سوني خان چتائي چانڊيي کي ڏاڍي چڙ لڳي ۽ چوڻ لڳو ته ’هوش ڪري ڳالهاءِ، اسين تنهنجا

ادا آهيون، تون تو اسان جي سردار کي ادا سڏين!'
تنهن تي غلام محمد خان کيس شير محمد خان جو دڙڪو ڏنو ته 'اوهين ڏيري وڃي دانهون ڪندؤ!' اهو دڙڪو ٻڌي، چانڊين جو وڏو پهلوان محرم چتائي (جو اڪيلي هلي سچل سائين درازيءَ جو خليفو ٿيو ۽ هڪ وڏو شاعر ٻه هو) گجگوڙ ڪري للڪارڻ لڳو. پوءِ ته جمالين، رندن ۽ چانڊين جون تراريون مياڻن مان نڪري ويون، پر پروهين وچ ۾ پئي جنگ ٽاري؛ ڇو 'مهمانن سان جنگ نه جڳائي.'
سردار ولي محمد خان وري اچي رسيو مير احمد خان وٽ. پر تڏهن ٻه صلح جو خيال نه ويس. نيٺ پنهنجي هڪ امير الهه بخش خان چتائي چانڊيي کي رانيپور چاڙهي موڪليائين، جو پيرصاحب کي چاڙهي آيو؛ پر رندن جي سردار اهو چئي پير کي واپس ڪيو ته 'مان مگسيءَ کي ڪڏهن به نه ڇڏيندس. پير فقير اسان کي پنهنجا ٻه گهڻا آهن!'
پوءِ سردار رند جو لشڪر اچي 'جهل' کان اٺ ڪوهه پري روهيلن ۾ رسيو. آتي ڪي ميدانيون ٻيڙيون ٻه ونس ميڙ ڪري آيون، پر مڙيو ڪونه. پوءِ ته اچي جنگ لڳي. ڇهه سو چانڊيا هئا، ۽ هڪ هزار مگسي. سردار شيرمحمد خان پنهنجيءَ فوج کي هن طرح هدايت ڪئي: 'گڙد، ڪبول، گاڏهي، ديناري، جلب، جتوئي ۽ لاشاري، وڃو چانڊين تي ڪاهي؛ باقي بيا مگسيءَ تي مارو ڪن.' پٺي پاسي احمد خان ۽ ولي محمد خان پنهنجي لشڪر جون صفون سڌيون ڪيون؛ مگسي اوڀارو ٿيو ۽ چانڊين اولاهين ٻانهين جهلي. شير محمد خان شير خود هڪلون ڏيندو جنگ ۾ ڪڏي پيو، ۽ ڪنڪ ۾ ڪاهي پيو. جيڪو سورهيه پٺي سندس سامهون آيو، سو پهرئين ڌڪ سان ختم ٿي پئي ويو. نيٺ سراج نالي ڪاتير سان وڃي ٻڪيو. ايتري ۾ خول مٿي کان ٽڙي ويس، ۽ مٿي تي سرواهي جهلي، ڪوندر

وچي زمين تي ڪريو ۽ سندس پساهه پورا ٿيا. جيڪي ساڻس همراهه هئا، سي به ماهو ٿي ويا. سردار شير محمد شڪست کائڻ وارو نه هو، پر غرور مڙس ڪي ماري وڌو.

هن 'بنگاهه' تي گهڻن شاعرن 'بلوچڪي' ۽ 'شعر' چيا، جن ڪي پڌي شاعر قادربخش پڻ پنهنجن بيتن ۾ جنگ ڪي بيان ڪيو.

"پاروچي ٻوليءَ ۾ سوين شعر چيا سگهڙن
آءٌ پي منجها تن، ڪيرائي ڪڍي ڪٿي."

سندس تفصيلي بيت هن طرح آهن.

تون صاحب صفتن جو ڌڻي، تون مالڪ مُلڪ جهانَ
کهڙيون تعريفون ڪجن، ڪيئن ظاهر ساڻ زبانَ
حڪمت ڏس حڪيمَ جي، اونهان بحر بيانَ
ڪير ٻروڙي پرورڪي، ڪنهن ڪي طاقت ڪانَ
شان شفيع اڳرو ٿيو، درماندن درمانَ
چارئي يار رسول جا افضل عاليشانَ
آچي قرب ابوبڪر، عمر ۽ عثمانَ
علي مير امير ڪي، ساراهيو سبحانَ
حسن مير حسين جون ڪيون تعريفون قرآن
پئي دُولهه دادلا گوهر گلستان
مڙيئي ٿيا مادنٿو، سيئي سلطان
ڪُوهي ڪوهستان، احمد خان امير جا.

احمد خان امير هو، مگسي مگ مشيرُ
هر مٿنهن هڪل تي چڙهي، دودو ذم دلير
رند مگسيءَ جو پاڙ ۾، هو اصلاوُن وڏو وير
شور مچايو شير، ٿو هاتڪ هيئن هاچا ڪري!

گانهه ته غازي شير جو، جوڙ وڏي ساڻ 'جهل'
وچن نغارا ويڙهه جا تنهين منجهه طبل

ڀري ڀنجهي ڀرڏانَ جيي هيبت ساڻ هڪلّ
ڪاهيو ڪنڪن سان وڙهي، ٻوي اڙدن منجهه اڇلّ
ديوَ نوايا دَلّ، جي جوان بهادر جنگ جا.

ٻيا ٻيي ڪئونڊ ٻروچ هئا، سينگ صوبا سردارَ
حاڪمِ ٻنهنجيءَ حد جا، دانهِ دعويدارَ
هيٺا هاڙهن ڪوُن ڏچنُ، ويٺا جي ويچارَ
ماٺهو تن ملاحظي، ڏڪن سڀ ڏهڪارَ
ڪريو ڏاڙا ڏاڙ، هڪيئي مالُ هنيو وڃن.

هو هاتڪ حيدرآباد ۾، شيرمحمد رندُ
شهر تہ 'شورَڻ' جاءِ هئس، نَرَ جو 'ناڙي' هندُ
مانجهي ميرن وٽ رهي، ڀانڪو بخت بلندُ
رانولُ رندستان جو، صوبو هو سرمندُ
ڪين نوايئين ڪندُ، هو جيسين جوان جهانَ ۾.

مغيري، مگسين وٽ هئا ٻيَر ڪئلهي ڀا ڪيا
ڀَهئون ٻوياڙيءَ ڪي، تن ٿي سنياليون سا ڪيا
جمالي جا ڪيا، تہ مگسين مال هٽي اچون.

مگسين مال هٽي اچون، آ ويڙر تنين سير ورَڪَ
هلي هونگن سان ڪيون، ڪني راند ڪرّڪَ
پيادا سوارن ڪوُن اڪي، دَوڙيا مٿي دڪَ
جنهن ٻيچ وڙايو ٻَڪَ، سي سيئي چڙهيا گهَلَ تي.

مال مغيرين جو هٽي، واهَ ڪيئون وارو
ٻ ٿي مڙس مري ٻيا، ٿيو ڏٽن سان ڏاڙو
شير تہ 'شاديهڙ' سندو، آرڏو آٿيارو
ڏاهَ ٻئيي ڏَسُ گهَلّ جو، ڪيو ناميءَ نغارو
'احمد خان' اچي ٻين، نَرُ هٽي نعرو
جٺبي جمالين سان تنهن هو مرد ڪيو مارو

پيادا ٿوڪن ۾ ليڪا، متان ٿوي متن پسارو
ٿيو لشڪر لهوارو، پـوَ ڪؤن مال ڇڏي ڀڳا.

ٿيا جيڪي سورهيه سامهون، سي ماريا مرد مٽيارَ
جنين ڪؤن توفيق وٺي، تن تي ناهه ميار
پيادا ٿوڪن مؤن ڀڳا، ٿيڙ چٽمي ٿيزار
وري ويا هٺا تن تي مڪسي ستاتغذار
پيادا پوين ڪي پڳا، رڻ رهيا ريدار
دنٿوري دعويدار، جنهن ٿيلي ڪونڌ ٿٽيي ڪيا.

هڪ آيو هو گهتل" تي، ناتوان نادان"
جڏهن ڏٺائين جنگ ڪي، ٿيئو ٿي حيران
ٿيش وڏيري جي ٿيو، اچي عاجز ٿي انسان
ٿيءِ ميان مهربان، ڏيئي هٿ پناهه جو.

نيچو ٿيي نادانَ ڪيو، اوچو آدرياءَ
سون ڪي هيڏي موڪليو، ڏٺي ڏس جيجل ماءَ
ڪونهي ڏڪو در تي، وچي نـرَ ڪؤن وٺي آءَ
جوڙي هيءُ جڙاءُ، جنگ رسيس هن جاءِ تي.

ڏياريس ڏاند وڏيري، هو ڪئڏندو قداور
پري ٿوري آن" جي، متؤن وجهي آتر"
ٻاغ لنگهائي ٻـرٌ، هي نيئي ويجهو وسٽن ڪي رسيو.

جيٺن منجهه جهان، اهڙا راجا راوَ
همت هيٺن ڪي ڏين، آڙين ڪن اپاءَ.
صاحبَ سخا جا ڏٺي، ناميارا نـرَ ناءَ
شيرن جا شعاع، ملڪن ۾ مشهور ٿيا.

ٻيهي نه سگهيا ٻـرَ ۾، جنگ تي جمالي
ڪوٽ وچي ڪالهيون ڪن، خبرون ڏين خالي
هٿ نه مڪسين ڪي لڳو، مال نه ٻي مالي

هادي ٻچائي ھنن ڪؤن، آندو ورائي والي
جي ساڻ هليا سوالي، سي ماهو ٿيا ميدان ۾.

پيڙو شور شهر ۾، اوتيڙو اندوهه،
مٽي مڪسيءَ جي لڳو، هو وڏو مثل روهه،
پيادا ماريو پڙ ۾، ڏوهڙ ڪري ڏوهه،
جڏهن چنڊايو چوهه، تڏهن البت ٿيو آرام ۾.

جيڏو جماليءَ ڪي ٿيو، غلام محمد غم
وير ته ويريءَ ڪؤن وٺان، وڏو آهه وهم
هاتڪ حيدرآباد ۾ ٻانڪو سو ٻهرم،
جيڪو آٿيون جنگ تي، رند چاڙهي رستم
اسان جي ايذاءَ جو، ٿيندو شير شرم
وٺي وير اسان جا، ميل ڪري محڪم
تنهن ڪي جال ڏياريون جم، جنهن مڪسيءَ ڪالهه مذاق ڪئي.

مڙي جمالين پاڻ ۾، مردن ڪئي مصلحت
جن جا جگر چڃي پيا، ريلا وهندي رت
وڃي تنهن ورنهه سان هيءَ ڪر حقيقت
آئي وڄهه ويريءَ تي، ڪا ازغيبي آفت
پلڪ نه ڪر فرحت، راتِ چڙهي وڃ رند ڏي.

غلام محمد غم ۾، چڏيو ڪوٽ ڪڙهي
سانجهي ڪي سنبري هليو، چانگي تي به چڙهي
پيا پي به ٿي تنهن ساڻ هليا مرد ميڙي
رانول تيت رڙهي، ٿيا رات روانا رند ڏي.

ٿيا رات روانا رند ڏي، ڏوري ڪنيائون ڏڪ
هوري جهوري هيانو ۾، جيئڙي اندر جڪ
نڪي ڪائن خوشيءَ ڪؤن، پاهه اندر منجهه ٻڪ
سوز وڃاين سڪ، هليا ديش ڇڏي پرديس تي.

هتؤن حيدرآباد آئون، پنڌ پري سؤ ڪوهه،
سليون سور اندر جا، ڳنئون سان سڀ ڏوهه،
ايندو اسان سان چڙهي، جي طالع ورِيو توهه،
جيئن لوهر ڦنوڪي لوهه، تيئن مدعي کي ماد ڪندو.

ساهي واڳ سنئيون، باز بچيون بانڪا وڃن
عاقل ڪاهين اڳتي، پويان ماڳ سنئيون
دل ۾ درد فراق جون، سنديون زهر وٺيون
نر وچي نروار ٿيا، رهبر راهه ونيون
هيون مني حيدرآباد جون، گهاٽا سير گهٽيون
پوءِ پيلي پنڌ پٽيون، وچي درس مليا داناءَ کي.

پاڻون لاهي پڳ، اچلياڻون ارغون ڏي؛
مگسيءَ هٿ مارو ڪيو، اسين پڇي ٿياسين پڳ
هٿي نيي هيؤن ڪيا انس واهه اسان جا وڳ
جاڙ آهائي جڳ، ساري ملڪ سڄي پڌي.

آياسون اسين کهي، دانهن وني داناهه،
ويري وڳ هٽي ويو، نر چڙهي ناگاهه،
ميرو ميڙ وني وياسين، چاڙهي منجهون چاهه،
ڪين مچيائين تنهن کي، هو هٿ سندو بادشاهه،
پوءِ وياسين مال هٿ، جنگ آنهيءَ جا پاهه،
وچي مال هنيوسين تن جو، ڪسنؤن ڪري ڪاهه،
احمد خان اڳي لڻل هو، ڏاڍي پشت پناهه،
هي مگسي حملو ڪري پيو، جاري منجهه جنگاهه،
ماري مال چڏايائين، رکيي سيف سلاح
پيادا ماريا پيڙ ۾، هٿا جيڪي همراهه،
مگسيءَ جي ڪنهن مرد تي، ناهي نر نگاهه،
ڏس، ٿو سنجهه صباح، شهر ته شورش جو هٽي!

ناڻهَ رکايو پانهنجو، جنهن مکسيءَ "جنگ دوس"
لاهي تو لٽڙ کينکي، وتي کنيو شر" شروس"
آهي آڳ اندر ۾، ڏيلوُن ڏاڍو ڏوس"
کوندا وڏو کبر کوس"، ويرَا چڙهي هل ويريءَ تي.

ٿون آهين راڻکا بلوچن جو، رند بيشڪ بادشاهه
تون سونهين سيني وچ ۾، جيئن منجهه ستارن ماهه
ويريءَ هيٺ وٽاهه، ڏس جو ڏاڍو وٺي کيو.

تڏهن وَرنهه کي ورندي ڏني، شير محمد شيرَ
موڪلَ ميرن کنوُن کندس، سٽين ڏينهن سويرَ
جلدي هلي جهل" تي، پاڻ گهمايان پيرَ
وَرنهه تنهنجا ويري، ڏس وٺان تو ڏينهن ۾!

[غلام محمد خان جماليءَ چيو]
ويٺي ورهيه لنگهي تو، ساعت ساعت سال
جيڪا مرضي تو سندي، ۾ خاوند! رکج خيال
جي مرضي منهنجيءَ تي هلين، چڙهه هڪدم حال فيالحال
هه معلم [معلوم] حال، تنهي اسان جي ايذاءَ جو.

هليو سنگت سلام تي، آتان ميرن تائين
جماليءَ جي جنگ جو، قصو چوريائين:
مکسيءَ هٿ مارو کيئن، هٿي هنڌائين
مان وٺ ميڙي آئيا، دانهن وٺي دانهين
ماڳ چڙهي مائين، آءَ دانهه ويندس ديس تي.

قبلا! اج اوهان کوُن تو ميرا گهران موڪل"
نيٺي جهنڊا نيشان سڀ، جهلايان منجهه "جهل"
گهوڙا منجهه گهڻين جي، کنڌايان کونتل"
جيئن کري کڙمي دل"، ما هر مکسيءَ سان کندس.

سمجهي وچ سيال تي، ميرن هايس هل
وس ڪؤن جنگ نہ وارجي، شي پتن خوف خلل
هنئين ڪؤن اولاريو، ڪثر آها ڪاليهہ عقل
مرد، سچائي مهل، جي ڪيڏي راند ڪئي اچن.

مير ڏنو هو ميهڻو، ڪر ياد سخن يڪبار
چيو هو چرچي ۾، سو ورنهہ ڪين وسار
جا هٿندس هٿ ترار، سا هيت ڪوٽ اچي ڪالهيون ڪندس.

[شير محمد خان چيو]
منهنجو مير اوهان سان، قبلا آهہ ڪلام
جاري ڪندس جنگ جو، سپائي سرانجام
ڪڍهن متڙندس ڪينڪي، هٿندس تيغ تمام
باقبائل بند ڪندس، مڪسيءَ ڪي بہ مدام
دانهہ وجهي دام، آڻيان پيش اوهان جي.

باندي هيت بڻيءَ تي مر ڍوئين ڪاتيون گاهہ
ائين ڪيئن نہ واهہ، نہ تہ مان ڪي ميرا نہ منهجو.

موڪل ميرن ڪؤن ڪري، جان آئيو اڻ ڪيل
سڏو صبح جو ڪري، مانجهيءَ ڪيو ميل
لشڪر آيو لاڙ جو، پڌي ديہ دليل
تنهن دم ترت تريل، چڙهيو آرڏو آلادين جان.

جيئن ڏولهہ دودي راو تي، چاڙهيو چنيسر
هليو حيدرآباد کان، ڪان پڇي ڪيبر
وڃي نڪتا ويڙهہ جا، دماما ڌهون در
آسهيو آلاهر الغرضو اقبال سان..

ڪري ڪاروڻيار، سارنگ جيان سنبري هليو
ٽيو ڪڙو روٽ ڪينوڻ سان بادل چاڙهي بار

ڀَهري ڀاونگ تي چڙهيو، جُنگ جنگي جنسار
ڏُرس ڪري ڏڏڪار، لٿو داتـهه ڏريو ڏرياءَ تي.

ٻڌور لنگهائيندي ڀاتڻي، مانڊا ٿيا ٻ ملاح
ٻ ٿي ٻيڙيون گڏ ٿيون، وهڻ لنگهائڻ واهه
وهڻ مٿانهون وير جي، تائين سنجهه صباح
ٻوه ڏلمي ڌوڻن درياهه، لشڪر سڀ لنگهي پيا.

ساڻ ڪنيا ها سارڌو، سڀ سيڏا ۽ سامانَ
رنگدا وڃن راهه سان، ڪَلن جا گهمسانَ
ريشم رُئي سون جي، ڪمي هنيُن ڪانَ
مانجهي منجهه ميدان، هڪ احظي منجهه لهي پون.

ٻوڙ ٿهائين ٻرَ تي، سير واڳان ساهيو
ڏنڪ جنين جي دست ۾، پيهڻ منُهن لاڻو
وٺن هرڻ هٿن سان، ڦيري ڦاسايو
ڪوندَ وڃن ڪاهيو، ماڪ ڪهندا منزلون.

جهٽلي جهانگارن ۾، ڪٺل ڪهڪ آيا
رِندَ ڪناري روهه جي، هٿا هردم همسايا
سرس ڪري سعيا، آت پيي جوان ڪنيائين جوهري.

جوان ڪنيائين جوهري، ڪوڏي ڏيئي ڪَن
جنهن ڪي هٿيڙو جان ۾، زهرُ اندر سان زَن؟
جوڙي ڪيائين جنگ جو، سڄو ئي سر تن
ڌهوڙي ڌشمنٌ، ذري ۾ ضايع ڪندس.

منزلَ منزلَ تي رکن، داتـهه داداگيرَ
اڪِتوُن آتَ سامان جا، مهمايا مهمير
وڃن ڪره قطاريا، ٻودا منجهه ٻهيرَ
آيا ساڻ آڪير، سرحد ڪاڇي سنڌ جي.

تَرَ کي ٽاري پَرَ تي، رند اچي پيا رات
ماڻهو ملاقات تي، اچن ذات بذات،
ڪَن مهمانيون ملوڪ جون، طرحين طرحين تات ..
وَرنـهـ وائي وات، مُور نہ مگسيءَ کي ڇڏيان!

مُور نہ مگسيءَ کي ڇڏيان، ڪنهن کي ڪندو ڪنُوڪ؟
ماڻهو آنهيءَ حد جا، مليا ساڻ مَلوڪ،
خبر جنگ ٻنگهہ جي، هرجا پيئڙي هُوڪ
ريڊرُ، رندستان جيي، ڇا جهليندو ڦُوڪ
جڏهن ڏيندس ٻاهہ ٻندوق، تڏهن روهہ رَيون ڪندو.

ڪري جمالي چوچرو، راتيان ۽ ڏينهان
جن جا جهيڙي وَرَ جهلي وڏا، سي رڙيون ڪن ريهان
درد تنين جي دل تي، ٻلپل ڏي پيهان
ڪُوڪ ڪريو ڪيهان، تا چورَن هنيانوَ ڇڇيو ٻون.

شير محمد شور وجهي، ڇٽو هيٺن چيوس
دهوڙي دشمن کي، مٿُدعي ماريندوس
ٻارو وجهي ٻچيءَ ۾، آءٌ پئي آڻيندوس
نال وٺي نيندوس، جاڙون قول ڪري هليس.

ٿوري گهٽي ڏينهڙي، آيو ڪَهي منجهہ ڪوٽ
جيڏي جماليءَ ڪُئي، سورهيہ ساڻ سهوٽ
هل تہ هيٺون ٿي هلون، چڙهہ آئي ڏي چوٽ
ڪاهہ قلعي منجهہ ڪوٽ، پيڙ تہ پيليون جهَلّ کي.

جي سڏ پائي اٿر سنگتي، سي ميڙيان ڪريان گڏ
اندا تنهين کي ناهہ ڪا، هنيون جنهن جو هڏ
هڪل هاڙن کي ڪري، ميني ڪندس سڏ
ٿاڻ پچندس تڏ، جنهن زوراور زور ڪيو.

اتي خبر امير کي، سنڌ پئي ساري
تنهن سڳ مکسين کي چيو، چڙهي ٿيو چاري
آڙد ڏسي آئلي اچو، پوءِ ڪريو پونواري
تن ڪئي تياري، هلو ته ڏيل ڏسي اچون.

تازين چڪي تنگ، جنگ هليا جاسوس ٿي
ويجها ويرين کي ٿيا، ڪنڌائي ۾ ڪنهنگ
ڏيهان ڏور رهيا، داڻهه ستي دنگ
راوت وقت رات جي، چاري ٿيا چورنگ
سي سڳ مونيا پوئتي، آڙد ڏسي اڙينگ
اچي لٿا آورنگ، ورير وڏيري جي اڳيون.

ويهي وڏيري سامهون، هئن جو ڏنائون حال
بيحد آهه بلوچ سان، باري آڙد بحال
اچا ٿو اڳتي وڃي، خاني رکيو خيال
نچائي ڪاٽون اچي، ڦيري سو في الحال
نيٺ ته ايندو جنگ تي، جنهن سيڙيو آهه محال
آڙد اهي احوال، پهچڻ! پڌ پنهي ڪنهين.

پتهه ڪيو پاڻ ۾، مرد اڳيون مکسين
جيڪي هليا جنگ تي، آخر نيٺ اچن
منهن ڏيندا سين سامري، سامهون سيالن
پري جام شراب جا، ڀرت پياريو تن
ڏسندي کيڏ کٽن، اٺئي سوپان هٿ ستار جي.

پڙ چيو پائنن کي، آرڏي احمد خان
اوهان جي انصاف جي، ڪمي آهي ڪانهه
هئن پسي ۾ ٿي پروچن جا، گڏ ڪيا ٿمان
هيڪڙائي هاديءَ جي، آ پئي کي طاقت ڪانهه

اسين ۽ آئيون ولي کي ڪيهر جنگ جوانَ
رازُ جنين رحمان، سوپ تنين کي سامهين.

چڙهي وچ چانديي ڏي، آئي دَنگ پائي دَهدار
جنهن جا پائر جوهري، ٻڙا بيشمار
قابل سو ڪاچي ڏٺي، سورهيه آ سردار
دهڪو دشمن کي پوي، ڏُور ٻُڌي ڌهڪار
ٿي تڙيلا تيار، وچ وڏيري وير ڏي.

قابل ڪاچي ڏٺي آ، ولي محمد واهَ
منهنجي پيي مرضي هئي، ۽ ڪهڙي ڏيو صلاح
پٺ پائڻو احمد خان جا، ها مرد مثل جنُ ماهِ
ميهان خان ملوڪ هو، ڪوہ ساڻ ڪماه
پيو غازي گهرام هو، بانڪو بيپرواه
تان پيي تياري ڪري، آئيا علي الصباح
دنگ لنگهي داناه، وڃي دولهه ديري ۾ لٿا.

گَنوَ سين گڏيا پاڻ ۾، فائق ساڻ فرحت
ڏين تعظيمون تن کي، روح گڏين راحت
تان پيي تواضع ۾ ٿيا، خان اکيون خدمت
مردن ڪئي محبت، ويهي وڏيرن پاڻ ۾.

خبر خانن کوُن پُچي، هو دانهه جو دستور
چي، سائين! جماليءَ جي جنگ جو، معلوم اِٿئي مذڪور
چاڙهي آيو رندَ کي، پور پڌائي پٺور
ميڙيو مڙني کي اچي، کي ٻاڙا جمهور
هيم اندر ۾ پٺور، تہ وچان ڏانهن وٺي داناه کي.

اڙدن کي ائين چيو، ماڻجهي شير متير
ابا! رڪ اللہ تيء ڪر وڏي دل دلير

هوڏانهن حيدرآباد هجي، هوڏانهن جيسلمير
هوڏانهن حد قلات جي، مر گڏ ڪري گجمير
هٿنداسو نس پنهي هٿين، شوق منجهوَن شمشير
اٿم اميد الله ۾، ڏيندم سوڀ سوير
پويان ڏيئي پير، ويندو ڪين وٺان تي.

آياسين آس ڪري، وڏيرا توُ وٽ
ايا، ڪر اسان مٿوَن، سورهيه سرَ جي سٽ
چوڪنڊ ويري پيا وڙهيو، ڪونه پانيوسي ڪپهٽ
ڊوليا، هل تون ڏٽ، پوبل سيهٽي هاب ٽٽي!

[وڏيري ولي محمد چيو]
منهنجو آهه اوهان سان، قسم قول قرآن
مرُ جيڪي ميڙيون اچن، آدم چا حيوان
ڪنهن ڪوَنَ ڏچان ڪين ڪي، توڙي هجن توفان
”جهل“ تُه منهنجي ماڻ آهه، چائي هڪ سبحان
چڏي مادر مان، پٽ ويهن ڪين پوئتي!

سڏايو صوبن کي، ماٺهو مٺنجي مير
وچو وڏيرن سان چڙهيو، مٿي جنگ مٿير
”ڪنڊيو“ ڪيهر شينهن هو، پٽ ولي محمد وير
ڏيئي چوٽ چڙهي هليو، حاضر سان خمير
جڏهن پانيون جنگ جي، سوڙهي اچي سير
ڏاهي مون کي ڏاهه ڏئي، هليي وانگي هير
آءٌ پيي جلد امير، چاڙ اوهان وٽ آئيس.

چڙهيا لشڪر چانڊڪا، ”ڪنڊي“ سان ڪرڪل
رات پئي هٿن وچ تي، ٽاٽا ڏين ٽرٽل
چانڊيا مڪسي پاڻ ۾، مٿڪم گڏ يا مَل

اڙينگ شير اچي لٿا، جهٽلي رسيا منجهه، جهتل
ٻڌي هاڪ هڪل، سر دهڪو دشمن کي پوي.

وجي پئي ورنهه جيي، پانڌي ڪن پچار
لشڪر آيو چانڊڪو، ڪنجيي منجهه غبار
حد وٺيو هاڙهو گهمن، چوڪنڌ چوڪيدار
هڏانهن هوڏانهن خابرو، ڪل رکن ڪلدار
پول ٻڌائون پيهار، ٿيا قولين "قادر بخش" چٽي.

شير چڙهي ويو "شهولي"، ميڙ طريقي مل
پيش پيو پرڏان جي، دانهه دوڙي ڊل
[شهوليءَ رند کي چيو] صلح صلاحت خير جو، عاقل کي ٻه عقل
چڏ تون جنگ جنجل، مهلت ٻارنهن ماهه ڏي.

[رند چيو] چار مهينا مهت ٿيي، آکهيو تنهنجو عرض
چو وڙهو، چاڪاڻ ڪرو، ناهه اوهان جو غرض
اکيون پويون قرض، ڪٿل آڳاڙيان مکسيءَ ڪڙن.

شير محمد شير جٺن، ڪنو ڪٿي گفتار
پار ٻڌو سپ يار، هيءَ جا ڳالهه ڳٺي امان.

جيڪر هتون ٿي هلون، ٻڌدين ڏي بيشڪ
ڪڏهن هاندي ڪين ڪي، چانڊيي جي چڪ مڪ
وجي تيندو ڪڪ، سر جان ميل پيجي وڃي.

هو ورنهه ويجهو "جهتل" کي، ويڙو مرد مڙي
پانڌ پاساهون چڙهي، هليو رند رڙهي
سارڀي رات صبح تائين، رند جيي فوج آڙهي
پوءِ لائق شير لڙي، وجي ڪونڌ لٿو ڪنڌڪوٽ ۾.

ڪونڌ لهي ڪنڌڪوٽ ۾، ماڪيي ٿيا مهمان
بانڪن ٻڌدين جا هٿا انهيءَ هنڌ وٽاڻ

مانجھي ملڪن جا ڏٺي، پارس پهلوان
ٽائي جي تلوار جا، سال ڪنيائون سروان
جڏهن ٿيا ٻه ڀرياڻ، روڻ ويندا رڻ سامهون.

[چانڊين چيو] خرچ خزاني خورش جي، ناهي ڪا پرواھ
ڪاٺن لشڪر لاڏڪا، ويهي ماھ ٻماھ
جتي خرچ ڪٿني وڃي، آٿ اٿن جا ٿاھ
ٻڙدين مال متاع، آهن سڀ اسانهنجا.

ڏينهن ٻه-ٽي ويهي رهيو، ٽاڻ ڪري ٽاٽو
چانڊيو ويهي ڪڪ ٿيو، اڪثر اهڇاٽو:
مانيون ڪاٺون مفت جون، ناحق ڏيو داٽو
راز چڏيو راٽو، تو موڪل مگسيءَ ڪون گهري.

هي سو آيو کينڪي، ويڙو ٻند ڀري
سانگ چرڻ ويو سڙو، مالن پاڻ پري
اڪي هوءِ ايندو آني، جو آيو ڪاھ ڪري
سرّ جان گاھ چري، ”متمل“ ۽ ”روجهاڻ“ جا.

هاڻي موڪل ٿا گهرون، دل ڪون ڏي داناھ
جنهن دم اچي جود مان، ڏاهي ڏٺي ڏاھ
ايندامين اسين چڙهي، رمي راتو واھ
اٿي سوڀان وس الله، ڏاتيون وس ڏاتار جي.

اهو سخن ستارڏني، چيو چوليائي
پيو پيت تنهين سان پيل هو، خيالي قنبرائي
دائود خان دلير هو، ڀڳڻ ڀرائي
احمد خان اول جهنڊو، مهڙ ماڻائي
ٽلو ٽري کينڪي، جيئن ڀيل ڪري ٻاٽي
جنگ مٿهرا ”جنگ دوست“ جا، اڙبنگ آريائي

وتن پٺيءَ ويڙهه جي، ڪنيو ڪانياٺيي
ڇا ڪبي ڪهاڻي، انهن جي انصاف جي،

اها ڳالهه ڳٺي، ٻرسن هيٺن ٻهي
هرڪو جنگ جا ڳاهه ويو، راتيون تت رهي
ڪودم دولهه دير ٿيي، ويندو لڙ لهي
ڪنڊيو خان ڪهي، ديري آيو ڏير سان.

ڏاهپ ڪري ڏانهه، ڏنگ لنکهي ڏور ويو
لڙي ها ته لڙي چڪي ها، هو ويجهو ڪنو جو ڳانهه
هن ڪي ٻين ٻروچن جو، ڪيرب هيڙو ڪرانهه
تنهن جو ٻڌي ٻانهه، اچا ڙ مرد مڙي ويو.

خبر سڻائي خابرو، چونڪيي سان چالاڪ
ٻڌائن ٻنهي ڪي، هاڙهو ميان هوشناڪ
منهنجا سواري هيٺ هئا، باقي جا پوراق
پنجي ٻرڏانن ڪي، ڏهاڙيون ٻئي ڏاڪ
هئي جنين جي هاڪ، سي چانڊيا ڪالهه چڙهي ويا.

خبر پئي تنهن خان ڪي، ويا جوان چڙهي جائيي
ڀڳڻ تنهن ٻروچ جي، ٿي سوڙهي سرهائي
هاڻي مڪسي هيڪلو، ويٺس پنجي پائي
وات اٿس وائي، ته مور نه مڪسيءَ ڪي ڇڏيان.

ڀڳو ٻروچن ڪي، آندو رند تائين روجهاڻ
فائق فلڪ ۽ ڪنهن تي، ڪانه ڪنهين جي ڪاڻ
ڪري ڪٽرنشون تن سان، جن سان روح ٻڌهاڻ
ماڪ هلي سا ماڻ، جا جهڻڪ ڏيهي جاگيرتي.

سيني سردارن ڏي ماڻهو مڪائين
ملي آيا ميل ٿي، جوان چڙهي چائين
ساڻ هلو ستائين، ٿيو ميرا اسان جا مادتو.

ٻول ٻڌائون پاڻ ۾ عهد رهيو اقرار
مر جان ميل ٻچي وڃن، ديري مؤن دهدار
مٿئون مگسيءَ جي پٺون، آت ڪري الغار
هرڻ چڙهي هٿ تي، هٿو سندي شوق شڪار
هٿ نہ پرڃي رت ۾، هٿو سڀ هٿيار
ويهون پاڳو وار، هوند نہ اچي هڪڙي ڪي.

جاتي ڏينهن ۾ تي رهيي، هرڪو ٿيو حيران
آهنجا آڙدن ڪي ڏين، سڀ سيدا ۽ سامان
مٿو ماڻهن جو ڦيري، ڏيندي آب و نان
ماڳ ٿيو مهمان، ڏاتي ٻٽ غلام علي‌ءَ جو.

فوجون ڦيرائي ڪري، آندا آڙڏ امير
ڏاتو ٻٽ غلام علي‌ءَ جو، ڙدي ٻلند ٻهير
خبر ڪاٺوٽي جي ٻڌي، ولي محمد وير
ترت ڪيو تدبير، من ڪو پڳه، ٻچي ٻوي.

ويهي وڏيري ڪي، چاندين هيٺن چيو
ڪاڏي حيدرآباد تي، ڪاڙون ٻند پيو
ڪڏهانڪون مگسيءَ سان، وڃي واه وڙهيو
ترسيو آهہ، توڪؤڻ، تڏهن رند رهيو
جنهن سو قول ڪيو، ڪڏهن مڙندو ڪينڪي.

منهن مٿهاندر ڪهڙي، ٻاتو پائيو پير
هاڙهي هيس هڪجهڙو، مصري خان مٿير
مجي منت مڙي وڃي، چڙي جنگ چڪير
خاصو آهي خير، ٻهتر جنگ ٻنگاهہ ڪؤن.

اچڻ وڃڻ جي وات آهہ، ٻڙدين ساڻ ٻليي
آهن عذر انهن جا، ڏيون هلو تہ هلي

هي پيي لٿل اتهين، ڪنڪ ساڻ ڪلي
سائل ٿي سندايون، عرض ڪيو عقلي
ڇڏي ڇوه، چلي، سَنَ مجي منت ميڙي وڃي.

فاتق فاتح ڪاڻ چڙهيو، ساڻ تورن سوارن
سانس صوبا ڪيترا، سرڪش سردارن
رس رکيا هٿا پاڻ ۾، گهوڙن ۽ مهرن
پاڪا منجهه پڙدن، اچي جنگ لٿا ”جويو“ چئي.

جنگ لٿا تنهن جاءِ تي، عاقل اوتاري
ماڳين مهمانن کي تيا خوش تي کيڪاري
اکيون آڙد لٿل هٿا، شهرون ٻاري
سي عذر ساري، فهميدي فاتح ڪئي.

ماڳين مهمانن جي، ڪن خاصي خدمت خاص
لاهه ٻکيو نغن جو، آيو وٽن واس
ڏسي آڙد امير جا، هرڪنهن ٿئي هيراس
ٻر منجهه، تائين پڏرو، رند مٿل راڪاس
مانيون چانور مامي، گهوڙن تن گهٽا ڪيا.

ڪنوَ کي ڪڏجن ڪانڌ ۾، رند نه آيو رات
ٿيو وهم وڏيري کي، ڪهڙو عجب لکيس اثبات
جيڏ ته ٻهنجي جيڏ کي، ڇڳيءَ طرح آهه تات
جي مرد رکن مرجات، سي ميرندي ٿرن ساڙڏو.

اتي اوڏانهن هليا، ساجهر ساڻ صبوح
ڪنوَ سين ڪڏيا پاڻ ۾، ويهي ڪن ورونهه
شرم ڏٺي تون شيرمحمد، رنج ڪيج موٺ روح
لهس ڦٽي ڪر لٿو ه، چو هلان هيٺن تي ڪرين.

تون ڀڳين ڀروچن ۾، جيئن چوڏهينءَ جو چنڊ
سونهين سپنيءَ وچ ۾، جيئن کير کڏجي کنڊ
کوڙ ڦٽي کر کنڊ، چو هلان هيٺن تي کرين.

سڀ ڳڳيلا تنهنجي، آهن منجهه آمر
هڪ مڱسي آهه هيڪڙو، ٻي واهه نه تس واهر
منهنجا قسم ڀروچ سان، آهن ٻول ٻڌل ٻيهر
ڇڏ ته ٻاڻ چڙائيان، ڪنهن حرفت ساڻ هنر
هو جي ڏوهن کان ڏمر، هن باندڻ تي بخشيش تي.

غلام محمد کوڙ ڏني، ڪيو کوڙي هيءَ ڳالهه
ادا ولي محمد وچ ۾، تون اسان جي نه ڀِتَه
اسين مڱسي ٻاڻ ۾، مرداڻي ڪيو ڍَهَ
اسين ادا تنهنجا، تون چڱيءَ طرح سان چِٺَه
مت وڏيرو شيرمحمد، واڌو ناهي جِٽَه
تيز ڪرين ٿو تِٽَه، تون رند وڻي هن راهه سان!

ورائي ورندي ڏني، جماليءَ جواب
تون آهين چانڊيو اهڙو، ناهي ڪنهن جو ٻاب
ايندءِ شيرمحمد شتاب، ته سڀ ديري وجهي دانهون ڪندؤ.

[محرم چيو] زور وڌو تنهن زيادتي، ڏسي آڙد عميق
ٻيا ٻي آئي ايترا، ڳڏج ساڻ رفيق
دَرَ دَرَ متي ميڙيون، شامل ڪئي شريڪ
جڏهن مڱسي هو هيڪلو، تڏهن ڪرين ها توفيق
تڏهن وهندءِ ...، جڏهن ايندءِ مهڙدار محرم جو.

چڙهي ويٺي رند کي، ڪاوڙ ڪاهاري
تون آهين آمڙ ڳاهه جو، مڱسيءَ سر ٻاري
وجهي ڳڏج ٻيءَ سان، متان ٿئين مياري
جلدي ايندس جهلءَ تي، ٻار ڪٺيءَ ٻاري

دائود خان، ٻلو خان، ڪئي گويا هي گفتاري
ڇڏ وڏيرا ڇوھ، ڇنڊي، سر هلي تان ماڙي
جنھن ڏني آھ ڏاڙهي، سو پلڪ نہ رھندو ٻوٽي.

آين ڪاوڙ قھر جي، ڦيري رمز رندن
ھنيائون حملو ڪري، ھٿن تي ھٿيارن
دستين بندوقون ڪنيون، چاھ منجھان چالين
وڇون پٺي ٻڙدين، ھُوَ چِني ھوڏي ڪيا.

مھمانن سان مامرو، ناھي رسم رندن
جنگ نہ جڳائي تن سان، جي ٻيھي اڱڻ اچن
سان تڏي آين، ھوت نہ گھرجي ھيتري.

آئشي سو ٻان، ھٿ ستار جي، کھٽي ٻوري ناھي
ڏسي آڙد آيا روان، تون ٿو ٻانور ٻائين
سر تنين توڻ صدقي ٿيان، جنين جي ٻائين
جڏھن آيا سون جائين، تہ واہ جا جنگ مزو ڪندي.

اسھيو الاھر تي، دولھ چاڙھي دم
ڪتنو سان نڪتا ڪام مون، ٻڙدن وڏو ٻم
وري وڇون ٻوٽي، ماڪين ٿيون محڪم
کھٽڻ ٻورڻ سان مرڻ؛ اھو آھ اسان جو ڪم
ھوندو جيئن حڪم، تنھن مان ليڪ نہ لھندي ھڪڙي.

اڙدي احمد خان ڪي، نيٺي چارڻ چتايو
چانڊبي چوٽ آتي ڏنيس، پر ٻڙدن ٻچايو
چاڻ تہ جھلي ’جھل‘ تي، اڄ سيان آيو
سنبري ڪر سعيو، مڪسي ننڊ متان ڪرين.

وري وڏيرو آئيو، جا ڪِھ ٻنھنجي جاءِ
سان جي ٻول ٻروچ سان؛ ويھي قول ڪياءِ

اتم اميد الله ۾، ٻوءِ ڏيندو سانس پاءِ
يارو، جيڪا راءِ منا ٻلي ٻڌايو پانڙوءِ

[احمد خان چيو] راءِ تہ آهي جنگ جي، ٻيءِ چئون ڪيهڙي
ڪالهہ ڪيائون قول تو، ورنہ جي ويهي
تيمت هلندين هن هندان، هي ديش ڇڏي ديهي
جيهي آهي تيهي، ٻيهي سر نباهيون.

[احمد خان چيو] راءِ تہ آهي جنگ جي، چوڻ مرڪڻ ٻور
ويريءَ سان وڙهڻ ۾، کهڙي ڪسڻ ۽ ڪور
هٿنداسون ٻنهي هٿين، زخمان منجهون زور
دل وڏا ڏي ڏونر، اٿي سوپان هٿ ستار جي.

[شهوليءَ چيو] اتو پاري آڙد بلوچ سان، ڏاڍي ٻروچ اَرڙ
جنهن ڪي طلب ترار جي، سانگ هليو ميانگهڙ
هڪڙي صباح اڪي ڪيو، ٻوءِ هلو سر ويڙهہ
ماڳ سنباهي ميڙ، ڪنهن ڏياري ڌهيءَ ڪي مڃيون.

[ولي محمد چيو] ڪل ٻيرن ۾ پڌرو، آهہ پارس منهنجو پير
اوڪيءَ منجهہ اچي ڪري، واهر ڪندو ورين
جو رانول راٿيور ۾، آهہ دولهہ دستگير
الهہ بخش چتائي امير، اڙ هي ڪائين محبوب ڏي.

هن حقيقت حال جي، وجي ڪر دانهن متي درگاهہ
پير ڪيري پرن تي، ٻهريون گهڙ پناهہ
رند مگسيءَ تي تو وجي، ڪاهيو ڪام پڪاهہ
اٿي آهي اهنجي، سختي مٿون سر آهہ
ميدا پهچ سگهو رس، والي ڪر ڪا واهہ
وچ تنهين ڏي ميڙ تي، اوڏا لڳ الله
سهڻا 'صالح شاهہ'، پهڳن اچي پيلهہ تي.

عاجز تي عليل، وچي دانهن ڪئي درگاهه ۾؛
مرشد وچ تون ميڙ تي، جانب لڳ جليل
ظاهر باطن زور جي، ڪر ڪا واهه وسيل
پيو ڪو ناهه دليل، تو ريءَ ترهو تار ۾.

ديس توڙي پرديس ۾، هين دولهه جا ڏاڪا
سنڌيو سنڌ اچي ڏئي، ورائي واڪا
اڳيئون مير مطيع سڀ، ٻي چا آهي چاڪا
جنهن مجيو ناهه محبوب کي، توڙي تنهن ٽاڪا
ڏاڻ جا ڏاڪا، چاڙئي پڇي چوڙ ڪوڻ.

سنڌ جا محبوب جي، صاحب سينگارڙي
وچي طبل وليءَ سندو، چوڪنڊ چوڌاري
ليون اڳيئون نر جي، سنڌ ڪچي ناڙري
لکين فيض لهيو وڃن، جي اچن آزاري
تي تڏهن تياري، سيد جي سانباهه جي.

چڙهيو شاهنشاهه، عاصين کي آذار تي
ٻانڌين بند خلاص تي، معافي ڏوهه گناهه
مڙي جماعت پير جي، فائق جو فقراهه
سو نر ناڙري تي هليو، ڏونر ڪري درياهه
هن جو ڏس تنبوءَ ۾، ميڙو منزلگاهه
رند ٻچائي راهه، اچي ڪامل لٿس ڪنڌ تي.

پير ڪنيو هو پاڻ سان، سخي سو سهراب
لغاري لائق پريو،ناميو نر نواب
گهٽي ڪوڻ ۾ گهٽو ڏين، اچيو تنهن کي آب
پهچايائون شتاب، تڏا ڪنولا خان ڏي.

مچن مارڪن ۾، کن ٽکر ٽا ٽوليون
خزان ڪن خوشيءَ ڪوڻ، ٻار وچيون ٻوليون

مگسي هن ملڪ ڪَوٺ، لهندين ڳلين مون ڳوليون
ڇجهلن ندر جهوليون، پڙندين هن ٻروچ جون.

پاسيرو تنهن پير سان، اچي گڏيو منجهه غماز
نڪو عجز نه عاجزي، نڪو نرت نياز
صبر ٿيو سيد ڪي، ڪئي دولهه دل دراز
روه ڪچهري راز، مڙيوئي معلوم ٿيس.

خبر پهچائين پير ڪَوٺ، منهن ۾ وجهي مهر
[پير چيو] گهٽرون خير خدا ڪَوٺ، دل ۾ اٿئون خير
جي خير گهرندين خوش رهندين، ڪونه جوهينده ڪير
مڙي وچ مگسيءَ ڪَوٺ، بخش اسان ڪي وير
ڪاهه نه ڪمزورن تي، ڪجي اهڙو ڪين الڏير
ڪر پلائي پير، ته مان مٺهت لهي موتي وڃان.

[شير محمد چيو] نڪي مڙان مگسيءَ ڪَوٺ، نڪي ڪندس خير
هي چرچا تو چانڊيو ڪري، سو ٿيندو آهي ڪير؟
اول سمجهي ها ڳالهه ڪي، پوءِ وجهي ها پير
جايون جوڙايان ڇجهلن ۾، ڍولڻ ڪريان تنهن ڍير
ڪيئن ڪريان وير اوير، نيئين ننڊ حرام آهه.

پلپل پور پون، روز چڪن تا چاڪ
ڏرتي ۽ آپ ٿو سٽي، وسي ڏنهه ته افلاڪ
جنهن اوجهه ڏاڪيو آهه ڏاڪ، تنهن جو لاهيان ور ترار سان.

[پير چيو ابا] جنهن جي ور ترار ڪي، سا ٿيندي ڪين سنئين
سگهڙ سيد فقير ڪي، موٽايو نه ڪنهين
ناحق آڙد نيئين، تو ڪهائين ڪاٺ ۾.

[شير محمد چيو] پير اسان ڪي پانهنجا، سڏ سان ٿين سائي
ڏسندين خلق خداءَ جي، پيليا پوتائي

چڙهي تنهن چاڙهيءَ جي، ڳهائيندس ڳهائي
جڏهن ڀرتيا رڪ پائي، تڏهن ڪاٺ ۽ وڻندءِ خاڪ ٿي ۽

موج آئي 'مهراڻ' کي، ڪيائين ڪنڌيءَ تي ڪاهه
ڏيئي ڀيڙ ڀڄون وڃي، ڏوڏو منجهه درياهه
آيو جذب جيلانيءَ کي، شوريو شاهنشاهه:
ڇا سمجهيو ٿئي رندڙا! ڇا ڏيکارين ٿو ڏاهه
تون آهين مثل ڳاهه، اٿي چاڙهيءَ ڏاتو هٿ ۾.

اٿي چاڙهيءَ ڏاتو هٿ ۾، لاهي ڪندءِ لاب
وڃين ته ويڙهه ڪري ڏس، ته وٺين هڪ حساب
سڀئي وڃهندءِ سامهون، تير رکندءِ تاب
ٽيندين نٿين ٻنهه، هاب، تو منڙي منافق ڪيئن ڪي.

تو تڪڙا ٿوين تنگ، اڇا ڦي پيش اچي
منڌيڏون ٿي منڊجي وئي، تنهنجي تيغ تفنگ
جاٽي ڪندين جنگ، ڪڏهن ڪندين ڪيئن ڪي.

آسهيو الاهر ٿيو، نئر ڪري نعرو
پارس موٽيو هونتي، سيد سونهارو
چوايائين الله بخش چيتائيءَ ڏي، سڀ قصو سارو
ڪيو عالم امارو، ڏٿ ورتيون ٿي دعوتون.

ڏٿ ورتيون ٿي دعوتون، ليڪ ته جاءِ نشين
جلوو جيلانيءَ سندو، وڏي رنگ رنگين
سوين سائل سيڪڙا، دنيا ڪارڻ دين
مطلب مڙنيءَ جا ٿيا، ماڻهو جي مسڪين
خاوند خبر ۾ ڏيئي، ڀريندين ڀرين:
معاملو مڪسيءَ ڪوڻ، ڪڏهن ڪندو ڪين
اهو سوال اسين، اسان ڏرس، گهريو درگاهه مون ۾

خوش وزيرو خان ٿيو، شاد گهڻيرو شاد
منهنجو تنهن مرشد تي، اصلوئن آهه اعتقاد
جنهن پيو چانڊين کي، ٿيو مدعي ماد
الله ڪئي امداد، سڀ اوهان کي ماڻهون.

چڙهيا ٺٽي جي شهر مان، آڙد ڪري اوراڻ
لشڪر ليکو ناهه ڪو، جيئن ماڪڙ جا ميلاڻ
وڄن نغارا ويڙهه جا، ڪيون ڪنوائن ڪڙواٽ
ٿيو سوکهو سڄ رٺي ۾، لٿيو منجهه لڙاٽ
واهه وڏائون واٽ، ويا ملڪ منجهاروُن خانڪي.

هاٿي 'شورڻ' ۽ هلوڻ، جيتر ڪيون ديکا ديک
مهڙ مکسيءَ کي ڏسون، مرڪ گڏجي ريک
پيهي ڪي پڇي وڃي، جڏهن ٿئي ترارن ٽيڪ
محڪم کوڙي ميک، نئين پا کهڻ، پنجڪ ۾ هٿون.

ڪاهي آيا ڪوٽڙي، لوڏ ڪري لشڪر
ويجهي چانو چپر جي، ڏسجن پيا ڏونگر
ڏاميا پر نغور جي، ٽڪيا ماڻ ٽڪر
آيا 'پاڇهه' شهر، منجهه ديهه ديناري.

گاجَ گجي جهڙڪاڄ ڪي، 'گاجڻ' جي مٿوُن
لٿاهون 'شادڻ' موُن، جي يار هئا ياقي
سي پيي سنبرائي ڪنيوُن، جي هئا بهادر باقي
ڪاهي ڪانڊوريءَ ۾، اچ ٿيون اوطاقي
جيوُن پيا جاڪي، ۽ مکسيءَ لڙ لاهي چڏيو.

سباٺي سهرا پڌي، گهوٽ چڙهيو گهوڙي
مرد پيهو ميدان ۾، جنگ پيهو جوڙي
وسايو ويريءَ کي، خوب کٽا کوڙي

ڳوٺ ڳڙائي نه ٽيو، ته سنهن ويندو موڙي
ٽيو ويجها وڪوڙي، ته متان اکين ڄهل جهندا ڏسن.

وٺايو لشڪر جو، ڇهرو ڇهريدار
جلب جتوئي جهوريا، جهيڙي جا جهونجهار
رند، جمالي، عمراڻي، ٻُڙدي بيشمار
ڳڙدن، ڪبول، ڳاڏهي، ديناري دهدار
ڪلفر، لاشر، ڪيڙي، قدَ وڏي ڪاپار
لاشاري هٿا لاڏڪا، جوڙ وڏي جنسار
پارهن پروچن جا، تمن ٿيا تڪرار
ليکو لشڪر جو ٿيو، ساڍا اٺ هزار
جڏهن ڳڏجن گهوڙا پاڻ ۾، هانڪين ڪن هڪار
بادل چاڙهيا بار، مورهه ڪاڇي مينهن جا.

ساز وڄڻ ٿا سُرندڙا، رنگ لايو شعرن
ساز ڪڙا ڪيا سارنگن، تارون طنبورن
نادَ نفيلن نوبتن، ناز ڪيا نقرن
ساز سنياهيو جنگ جا، ويلون ويل وڄن
اڄ صبح اڙدن، آئي سند ميلاپ جي.

اولاهو ٿي آيريو، ڪاري ويسَ ڪڪر
ٽيو ڪڙو روڻ ڪنوڻ سان، بالي ڏيئي بر
وسندي ورچي ڪينڪي، ساوڻ مينهن سپر
جڏهن پيس ڏکڻ جو ڏر، تڏهن ڪڪرن ڪري ڪي ڳڏيو.

ڪاهيو ڪاهه ڪري، ساجهر آيا سنهه تي
پهڻ ڪنياڻون پاڻ سان، جهوليون جهول پري
اول جنگ اها ڪريون، پيهي پنڌ پري
جنهن ڪي جان ۾، ڪري زخم ذري
جان پڻ مرد مري، جان وري ايندو ويجهڙو.

لنگهي پيام لغڙ، شوريا ڪانءُ شڪار جي
ٻحريون باشن سان گڏيون، ڪاهن ٽيون ڪڙڪڙ
ڪڙڪيا ڪاندوريءَ تي، جوان وڏي سان جر
چڙي ور وڪڙ، سدا ٿيا ساڙيھ تي.

رات ته 'روهيلن'، ديرلهي ديرو ڏنو
ماڻهو ملڪ چڙي ڀڳا، مڙيا ڪان ميلن
هڪ ڏيھ داڻو ڳاهه تي، ٻنا ٻين وڍيلن
تائين تنهن آڙدن، ڪاٿي ملڪ خزان ڪيا.

عصر ويل ڪي ڪٺي، تان ٿي تياري
'جهل' هتان آٽ ڪوھ تون، منزل موچاري
ٻهر ڏينهن هلي ٻجون، ڏيون ڏيکاري
نيٺ هڪ واري، اچ آتو ڏينهن مقابلو.

ٻيھون آيون ميڙ تي، ٻالا سان برڪت
ستيون ساداتيون هيون، اعليٰ جن عزت
قرب ڪرامت اڳريون، قوي سان قوت
صاحب آيا سيگهه ٻه، راحم سان رحمت
مرسل مير مدد، ڪر عربي چام اسانهنجي.

آيا علي الصباح، ڪنهن هند حاويليءَ لٿا
پاڪ ته پهري پوش هٿا، ٻهري منجهه پناهه
آٿاياڻون 'ارغون' ڪي، جائي تنهن جاڳاهه:

[ٻيھين چيو] ابا توتي شيرمحمد، سندي رب نگاهه
منڙي وچ مڳسيءَ ڪوڻ، ڪست ڦيٽي ڪرڪاهه
اڳ موتايئہ ميڙ ڪوڻ، سهڻو 'صالح شاهه'
اسين ٻہ توڏي آئيون، وٺي اسم الله
ڪر معافي ڏوهه گناهه، ڏي سهت هن مصحف ڪي.

ڏي مهت هن مصحف کي، ته ٿيئہ دعا نصيب
چوين ته آئي پيش وجهون، مگسي آهہ غريب
هي جي هت ڏسين ٿو، هلندو ڪونہ قريب
اڪثر سان عجيب، پوندو ڪم ڪريم سان.

[شيرمحمد چيو] نڪي مٽران مگسيءَ کان، نڪي ميڙ مڇان
اڄ آءٌ ڏينهن مقابلي، هرگز پون نہ پڇان
هڪ نہ پڳي ائہ هڪڙي، جا اتہ اميد اڇا
پوءِ سو واهہ وڃان، وڃي ”شورڻ“ شڪاران ڪيا.

[ببين چيو] جي جنگ نہ چڙهين جوان، ته ڪرچار مهينا دير
فوجون قيرائي هٿان، وچ موٽي هوئين ٻير
نيٺ ته هلبو اڪٽي، هت نہ رهندو ڪير
ميچ تون منٿون ميڙ، ڏي ڪو مٿهت مصحف کي.

عصر ويل آئي ڪري، سوارن وڏا سنج
[شيرمحمد چيو] دعا ڪريو تان فتح ٿئي، ڏيندس ڪهٺا گنج
ساعت سيڙائو ڪريان، توٽي رهو منجهہ رنج
سڄهو تائين سنج، اڄ فوجن ٿيندو فيصلو.

ببيون ٻئيون ٿي رهيون، هن پڪڙيو هٿ لغام
وڏئين ٻير رڪيب ۾، نڪڙ ساڻ تمام
[ببين چيو] ادا رندا اسانهنجو، پنڌ هي قرب ڪلام
وچ ته وڃين ويڙهہ ۾، اڄ آئي انجام
سيان پڄندين آت وڃي، جاني ماڳ مقام
آهہ پاٺي آن" حرام، جيتر لاشو لنگهندي نہ ڏسون!

وچ ته وڙهيا ويڙهہ ۾، ويٺا آئي واسينگ
هي جي گڏهہ ڪنيئہ گجرات جا، سي هڪ نہ ڏيندءَ هينگ
مهت نہ ”چانڊيي“ جي جهلن، تنهنجا ڊڊ رڊينگ
پيلي ڪندءَ پينگ، ساڙي پاهہ صفا ڪندءَ.

ٻاڪ ته موتيا ٻوٽي، ڏاڍي ساڻ ڏمر
وڃي ويٺا شاهه تي، ڦٻي ڏيئي ڏ َر
جڏهن لاشو لنگهي هتان، ٻارڻ هن شهر
پوءِ لهي ڪا ڪَر، هلي حاويلين وچون!

جنهن ڏينهن هليو سنهه ڪان، داميو دلاور
ڏاهي هليو ڏاهه تي، صبح کي ساجهر
اڏائو به عقاب جيئن، راهه وٺي رهبر
ٻحري چنبي ٻرَ تي، لنگهي ”شاديهڙ“
شهر پيريوُن پرواز ڪيئين، پرَ ساهيائين پر
داخل ”ديري“ ۾ ٿيو، جان گذريس هڪ پهر
وڏيرو ويٺو هو، ڪونڌ ڪچهريءَ ڪر
اينْدو ڏٺائونس اوچتو، درس لنگهيو هو ذر
دانهينءَ اچي دانهه ڪئي، اٿي شير سنيُر
جنهن جو ڏور پڌو هوءَ ڏر، سو سيرَ تي آيو سارڌوه

خاطيءَ ڪان خبرون پڇي، واتؤن وڪاڻي
ڪهڙو لشڪر ڪاٿي چڙهيو، آيو ڪنهن ڻاٽي
ساجهر هليو سنهه ڪان، لڏي پلاڻي
مون ڪي هيڏي موڪليو، رقعو ڏئي راتي
دير نه سهي دم سگهان، هل چڙهي هاڻي
ساجهر سپاڻي، اٿي جانڙو جنگ ٻنگاهه جو.

اٿي خان ڪڙو ٿيو، ڪيو نغارو نر
وڳو نغارو ويڙهه جو، ڪئي دمامن ڌ ڌ ڪر
پري وارا ڪين ڇڳا، لحظي ۾ لشڪر
ٻڌي خان خوشيءَ ڪيان، سورهيه سيف سپر
جنگي جنگ زيور، جاڙم ٻهريا جان تي.

وڳو نغارو ويڙهه جو، عالم سڀ آيا
سايون سڙخيون پيرقون، جهنڊن جهڙ لايا
سپني ڪيا سعيا، بانڪن دل بهار تي.

ڪنيا همت خداءَ تي، ولي محمد وزير
چڙهان تنهنجي آسري، قادر ربّ قدير
مرشد منهنجا مادتو، ڪامل قطب ڪبير
پارس سهڻا پير، اچي ٻهڳهه مون سان پيله تي.

چڙهيو ملهه مهم تي، هاتڪ پهري هول
”شهوليءَ“ منع ڪيس، ڏي نه اسان کي ڏول
متو پهن سان هٺ، مغز پچي منهن مول
سو سات ڏائين جمهوريا، ماڻڪ موتي ڏهول
[ولي محمد وير چيو] بدل هين بروچ سان، ٻهڳهه منهنجا ٻول
اسان سر اختيار ڪيو، ڪارڻ منجهه الول
پارت غيبيءَ جي آئي، آهه تنهنجي واهه، والدول
”ڪنڊيو“ ڪر موڙي چڙهيو، چنچل ڏيئي چوول
[ڪنڊي چيو] پوءِ نه رهندس هيءَ ڪان، گڏجي ڏيندس گول
شال منهنجا قول، قادر ڪوڙا نه ڪري.

چڙهيو ملهه مهم تي، قابل ڪئي ڪاهه
اٿئي مدد منهنجي، شاهن سندا شاهه
سمڪ ٿيا وچي سيال سان، البت لڳ الله
تريون ٽپائن تيز سان، گهوڙن ڏيارين لاهه
لٿا راتون واهه، وچي شهر ته ”شاديهڙ“ ٨.

آرڏا آجهاپو ڪري، اٿيا هئا اڌ رات
ڏيئي چوٽ چڙهي هليا، ساجهر تي سنهات
سمند، سونهاري، سرخا، گهوڙا پاتون پات
پرهه ڦٽي پريات، جهاڳي آيا ”جهل“ ٨.

ٿيو جاري سر جنوب، جهڙ زور اظهار ٿيو
تان وچون ڪن تن ٿاف، سهڻو سرنگ روپ
وچ ڪوڻ وينگس سهڻو منهن روشن محبوب
آه، اداسي جنهن لئه، ”قادر بخش“ قلوب
ڪيئي پٺاڻ خوش خوب، سڀ ساوا ٿي سرحال ٿيا.

اڱڻ آيم سپرين، سارينديس سي ٿي
جنهن جي ڪارڻ جيءَ ۾، هيم آڪنڊ اڪي ٿي
ٿيا ويجهو سارڻ ڪوڻ، هتا پرين ٻري ٿي
هر سر صدقي ٿي، ڪهڙ آين تان گهورجي.

اڄ ملي اچي مون، جنهن لئه جيءَ اداس
ويٺي واٽ نهاريم، روح نه هو ڪنهن راس
جانب آيم جوهري، جن ڏٺي ڏينهن ٿياس
اچي ڪنهن اخلاص، مليا مشفق پاڻ ۾.

ملي مشفق پاڻ ۾، خوب ٿيا خوشحال
وڃن ويٺا پاڻ ۾، ورنهه حال في الحال
ڪيو قادر آ گهڻو، اسان جو اقبال
مايا مڏي مال، گهورن متون گهوٽ جي.

ماڳين مهمانن جون، تن ڪيون تلاڦيون
لکين شعر لنگها چوڻ، ڪي چون ڪافيون
ملڪ پنا معافيون، تن آين ڪي امداد ٿيا.

چڙهي ويا چارڻ ڪاڻ، گهوڙا ڪاهي گهوٽ
جوان بهادر جنگ جا، آرڏا ڪونڌ آموٽ
مڙدن منهن اچي ڪيا، چانڊين پڌي چوٽ
سي مگ موٽيا پوڻي، مڙد ڏسي اٿموٽ
سنڌي رند رهوٽ، اچي جوانن جلديءَ سان ڪئي.

آيري سچ سنئون ٿيو، آيا فريادي
ڪي مائي ڪاڻي خوش ٿيا، ڪن ويٺي ڳاڏي
پاڪر پشت پناھہ ٿئي، ھر ويلي هادي
دم پهاوالحق هادي، نعرو نر ڪري اٿيا.

چيئن وڏيري چاڻ، تہ ڇانڊيا گهوڙي نہ چڙهون
هرڪو پيادو ٿي هلي، توئي شاھہ گداءُ
پڻ نہ ساري پٽ ڪي، پٽ نہ ساري ماءُ
مڙس نہ ساري زال کي، پاڻ نہ ساري پاءُ
سيالَ اکيون آتوَ سامهان، هلي لهو سڌ سماءُ
ڏسي ترارن تاءُ، متان پوندي پيڙ پڇي وڃو.

لهي پڌائون لاڏڪيون، بورقون بوراڪ
قوائد ۾ قابو رهيا، انهن جا املاڪ
جڏهن گهڙياسين گهر ۾، ڏس اسان جا ڏاڪ
جيڪي ٿيو وس واڪ، مٿرون تہ مهٽي هاب ٿيون.

جهٽلي نڪتا "جهل" مون، جهنڊا جهڙلائي
چوٽ دمامن تي چڙهي، طبلن ڳون تائي
مهاچڻ مڙي هليو، پخالون پائي
اڄ تہ پنهنجي آڙدن ڏيون، پاڻي پهچائي
هندو هيبت تہ پنا، ٿيا مٿورهيہ سر آئي
ويا ورنهہ، واڏائي، سانگا لاهي سر جا.

نڪتا شير شهر مؤن، ڳتنوَ ڳڏجي غازي
آڳانڊو اڙ جو ڪجي، بنائي بازي
ايندو آرھہ سامهون، سر تيرڪنس تازي
دستين درازي، پوءِ ڪجو دلاور دوبدو.

ڪجي رعد گروڙ ڪئي، دمامين داناءُ
ڪري مينهن لسي لهي، جيئن پائر پوڙ

وڃجي وَرُ وجهي هليون، ڪنوڻن لامان ڪوڙ
تنهن دم رسيا توڙ، هڪ واهي اڙ ڪان ويجهڙي.

آهنيا ويس خوشيءَ سان، ڪنوَ پهريا گهرام.
پاڻيو احمد خان جو، جنهن ڪيا ڪوند ڪلام
آرڏو جنگ امام ٿيو، چڪي لشڪر لام
جتي تنهن ڪنوَ ڪام، تتي پيا پي شير شتاب ٿيا.

احمد خان ائين چيو، هٿو ڪڏ ترار
چانڊيا مکسي پاڻ ۾، ديم پڌو درڪار
ولي محمد وزير چيو، متان ڏٺي ڪو ڪار
ڪين مچيندس ڪار، اها ارڏا ڪالھ اوهان جي.

چانڊيو مکسيءَ ڪان ٿئي، چچي ڏارو ڏار
جي پکو چانڊيو پيڙ مان، ته ۾ ڪانڊو ڪلادار
جي مڙيو مکسي پونئي، ته چانڊيي سرَ ميار
خوب ڪتوريا* مڏجو، اچ آئوَ پرڪا پار
هاڙهي ٿيو هشيار، پچي پچي سامهون.

آڙَ ۾ آئي توبچي، ويهاريا وينگس
صف جوڙيائون سيکھ مان، ڪام ورِي ڪان ڪس
اڳي اپاهر نہ ڪجو، اڃي ويجها ٿين منجھ وس
جزارن تي جامڪون، چاڙهيائون چوڪس
شهتائون ششخانيون، ڪن رانئي بندوقن رس
ڪيئي ڪوئيدار هيون، لاريون لوهن لس
ست سا هٿ بندوق هئي، ڏار هٿن تي دس
تڏهن چوڙيو ڏسُ، جڏهن داروُن ٿي ڏڌڪو ڪري.

---

* چانڊين کي 'ڪتوريا' چيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪتوريءَ يعني خوشبوءِ وارا.

اوڀارو مکسي ٿيو، ڇالپڙيو اولاهين پاڻهين
پير نہ رکجو، پوئتي، پڇاڙيءَ ڪجو جائين
ڇهرا ٿيي بہ چڙهيي اچن، مٿي آڙ تي آڳاهين
تاءِ ڪجو تائين، جڏهن چڙهن بندوقون ڪينڪي.

[ولي محمد وڊيرو چيو] ورڻيو واڻ ڏکڻ ڇڙو، آتر هو اعلي
ڇالپڙيا چار اڪيون ڪجو، آهن مکسي متوالا
متان ڏيل ڏسي ڏکو، پيڙينبدو پالا
انشاءالله تعاليٰ، آهي سوڀ اوهان جي سامهون.

چوڪي چار چٽا، چڙهي آڙ ڪوڻ لنگهيا اڳتي
پيا پانڌو وڻا پوئتي، هٿا ڪي گهوٽ گهٽا
جنين ۾ توفيق جي، وڏي رب مٽيا
"پارو" يارن کي چئي، خوشيون وڪٽ ڪٽان
يکهڙ ذات اسانهنجي، ويري سر وڙهان
من ڪو هٿ هٽان، متان ڪوري ڪانئر ڪوٺجي.

هڪڙو هٿو بانوريو، پيو ڪانڊي ڪوهہ فروش
ٿيو "ميوي" نالي مرد هو، جنهن کي جيءَ اندر ۾ جوش
مڇي موت مٿي ٿي، "پاروءَ" ڀريو پوش
هاٿي ڪجو هوش، متن ڪو هٽ هٽي مٽروٽ.

رڻ سندو رحيمداد هو، بلند پروهي گهوٽ
پرس پنجاهہ سان چڙهيو، ڪوڻ قابل تڪي ڪوٽ
مدد مکسيءَ جي هليو، ڪنوٽ ڪري ڪاٺوٽ
شامل ٿيو اچي شير سان، آڙ جي وقت آموٽ
چاڙهيو پاشا چوٽ، هن پہ سورهيہ هٿ سنوان ڪيا.

شامل ٿيو شير ميان، آڙ جي وقت اچي
ڏس هاتڪ هٿ اسانهنجا، پاهيون ڪين پڇي

جنهن جي دل نيوڙي دوست ڏي، سو ڪيئن ڪپ ڪڇي
سو رهي، سخن سچي، اچي پاڙيو پانهنجو.

چهه سؤ چانديي جا هئا، مگسيءَ هڪ هزار
بيئا برابر ٿيي، سنڀالي ٻه ستار
ڪنڪ ڪيهر شينهن جا، ٿيا اولاهؤن اظهار
واس ڪريو وچندا اچن، دمامن ڌڌڪار
علم آيا تن هٿ ۾، جهالون ڏين جهلڪار
ناميا ٿين نروار، اچي راوت رڻ ڪي ويجهڙو.

سوين سارنگ ساڻ، بادل هئا برسات جا
سانول پڌري سر ٿيي، مستي ۾ مهراڻ
ڊوري آب ڊري پئي، هيئانهينءَ ۾ هاڻ
ڪري ويس وسڻ جا، پهرياڻين پهرياڻ
مينهن ٻڌو مانداڻ، آيو اوهيڙا ڪري.

وچؤن ٿوري پنڌ، لشڪر سڀ لاهي پيا
پويان اڳيان پاڻ ۾، مڙي ٿيا هڪ هنڌ
شيرمحمد آکيو، پانڪا ڪيو ڪالهوڙ پنڌ
ڪامل چاڙهيو ڪمنڊ، تہ هڪڙي هٿن ساڻ وڙون.

ٻڌيءَ پانڪي جي اڳيؤن، هيءَ بات ڪهي بهرام
مگسين ڏانهن آئي مرتضي (رض) چانديي ڏانهن امام (رض)
اوهين ڪين اکين ڏمو، مڪا مرسل جام
ورنه وير وريام، سوٽي ۾ ٿيندي سارڌو.

ٻڌو پٿوت چريئي جوءِ تو خان ڪالهاٿي جام
وير هيسيو همسرن کي ڏمي، تيين اهڙيءَ طرح تمام
ڪلن ڦري ڪا وٺي، ٿيو آهه بهرام
نر وڃايو نام، اڳيون پويون پانهنجو.

درس بندوقن ڏاڙ، کهوڙن جنڊ ڳهڻي ڏاڍي
جيئن وڏڦڙيو واڪا ڪري، تيئن تيرن ٽاڙو ٽاڙ
هڪين هيانوَ ٻري چڻن، رائي ٻڏائون راڙ
آئيا آڙدا وٽاڙ، هلو ته حملو ڪريون.

ديمن ڪي دستا ڪيو، ورنهه ورهائي
ڳوڙد، ڪبول، ڳاڏهي، ٻيو ديناري آهي
جلب، جتوئي، لاشاري، وڃو چانڊيي تي ڪاهي
ٻيا مٿي مگسيءَ جي، چڙهو ڀهڳن ڀولائي
ٿاهه اهو ٿاهي، خانن جنڊ ڪڙي ڪئي.

جنڱهه ڪيائون جنگ جي، ڪڙا تيڙا خان
ڪوها ڪڏندا آئيا، جلدي ساڻ جوان
اڪيڙن ٻيڙا ٻيڙ ٻه، چارئي منجهه ميدان
سنهنَ ٻه مٿي رند ڪي، هنئين پاروءَ پهلوان
ڪڙو ڪوهه فروش ٿيو، قابل ٻچي ڪانَ
ميوو مڙيو ڪينڪيي، جنهن ڪي جيءَ اندر جولان
ٻجلي پرو ڪري هٿي، دست ڪٽي دستان
ڪهٿُ، رنڌڙا ڪاڏي پڳين، ڏس ترارن تانَ
اڪيڙن لائق شير لتل هو، اٿي هٿ غيبي سلطان
آيا اوٿر وات ٻه، گڏيا منجهه ڪمسان
هنن ڪو شوق شمع جو، ٻيا جليي پروان
آرڏا سان ايمان، چارئي شير شهيد ٿيا.

ڪيريا هٿا ڪوهن جا، ڏڙ مير مٿون ڏور
لٽڙ منجهه لتاڙي، پانو پهرئين ٻور
وري وطن نه وريا، رڻ اوڏا، ڳهرَ ڏور
هٿا جوان ڳهٽا جمهور، پر هنن جهڙو ڪو نه ڪو.

”ڀاروءُ“ جهڙا ڀَنڙا، سَرُ ڇڻيو ڇٽي ماءُ
مرلدي مُڙيو ڪينڪيي، ٻوء نہ موڙياڻين پاءُ [٢٥ر]
پيا ٻيي شامل شير سان، جن سيف هنئي سهجاءُ
هٿا جوان ٻڙي جاراءُ، پر هن جهڙو ڪو نہ ڪو.

ڪاهہ ڪري ڪڏ چاڙهہ، ونجي آيا واءُ جوان
ڪَلَ تنين ڪي ڪانہ ڪا، تہ ڪي اڙجي منجهہ، اٿيار
مت ڀيڙي ماڻا ويا، ٻاهہ اٿيا ڏ ر ڏار
ڏيپي دهوڙيون ٽيون، چٽڪ ڪٽي چمڪار
ٽي هڪل بندوقن ڪئي، ڳاج مٿون گرنار
مٿون ملوڪن جي، نيي دارونءَ ڪيا ڏڏڪار
هٿ نہ ڏسي هٿ ڪي، اهڙو انڌوڪار
ٻن ٽن ڪؤن تير ويا، ڪري ڪهٽو تڪرار
ڪيريا جهنڊا هڪڙن هٿان، ٻين ڪنيا ٻيهار
هٽي ٻوڪ هٿيو وجهي، ٻر ٻئجي ڪؤن ٻاڙ
ڪوڪو ڪانو ڏسجي، نظر منجهہ نروار
ٻسَر ڪِريا ڪاپار، ڪانن هيانوَ ڪڍي وڏن.

ڪانن هيانوَ ڪڍي وڏن، تن جا ڦقڙ ڪن ڦرڙاٽ
هڪڙن ساهہ مٿي ويا، ٻيا گهايل ڪن گهرڙاٽ
ڪِرنگهہ ڪيراڻن ٻئن تي، چنن مٿن ڪان مولهيات
ڪنڌڪيا ڪين ڪنوات، ٻودا ٻاهہ دسي وڏا.

مٿهڙيان پيا ميدان ۾، ٻوين ڪيا پرواز
لتاڙي لنگهي پيا، ڪوها ساٺ ڪواز
آرهاٽي آڙَ تي چڙهيا، وجهي وڪ دراز
هٽي دس دهيون ڪيا، شهتاڻن شهباز
آيا آتش وات ۾، ٻجي تيرانداز
جي هٿا هانوَ هلتي باز، سي سڀ ساڙي ٻاهہ صفا ڪيا.

آئي چانڊيي آڙ مان، چيئن ”ٻيا انديشاه“
”پنج ٻيا جي ته ٻيا“، چيائون مان چاه
”خير ڪٺوريا توڏي“، چوايئن الله
هٿ نه ورن هن جا، سختي پسي ساه
ائين اکين ۾ پراه، جڏهن ڊيدان ڏوهن ۾ ڪڏيون.

پڙ آئي ٻيا پاڪرين، ڪنڊيائون ٻه ترار
اها ساعت آهنجي، آهه ڪنهن جي ڪار
ماڻ پئي جاتي رڪ جون، سا هن پڙ جي پار
توٽي آب اکين ڏيکار، ته ته هاٿي وات ۾.

پڙ آئي ٻيا پاڪرين، ڪاه ڪري ڪيهر
ڪنٿو خان ڪڙو ڪيو، وڃ ڪنوي ويتر
وڪوڙيائون ويڙهه ۾، چانڊيي ڪي چوڌر
مٿان وسن مينهن، پاهڻ ٽٽ پڌر
هن ڪٺوريا اڪيتي، پيڙ ڏيٺي ڀتر
پير نه موڙيو ٻوٽني، آره ڏيو اڪثر
ٻيئا جنگ ٻنگاهه ۾، چانڊيا ٻنائي ٻازر
ناميين جنگ نظر، آئي دل لنگهي ڏاناءَ ڪي.

”نانگائيءَ“ نعرو ڪيو، ڏٺن ساڻ ڏڦير،
سامهون وڃن شينهن جي، سڙن ڪين ميٽير
هڪ ٻاري هرگز وهي، ست چڏائن هير
ديمن ۾ دل شير، تي پڙ ڪيا چانڊيي سون ٻنهه.

ولي محمد وير هو، ڀاڙهي هاڪارو
جهلي ويئا جنگ ڪي، چانڊيا چوڏارو
مهڙ چڏيو ته مان وڙهان، ساهه نه اتم پيارو
شاٻس منهنجا پاٿرو، يار پڌو يارو
ساعت رهي آه هيڪڙي، پيو وقت لنگهيو سارو

تلو(١) احمد(٢) دائود خان(٣)، لکري ڪيو نعرو
واري تي وارو، جوڌن ڏنو جنگ ۾.

ساٿهو مگسيءَ کي سڏن، لسکين ٿي لسک ڀال
صحبت رند سو سامهون، ٿيو دانهه سان دوچال
ڀڳن ڪوڙيس ڀانهن ۾، ٻانڪي ڏيئي ٻال
سيف لکا سر ليڪ ڪئي، نہ ٿيو زخم زوال
هاديءَ هٿ بچائيو، سالم رهيو سال
وري وير وارو ڪيو، پوتائي پرحال
رند ٿيو رهوال، هن پي راوت رڻ ملهائيو.

مگسيءَ پي منهن-موڙ ڪئي، هوڏنهن ٻرديءَ ڪئي ڀاڄ
قاڏان قيرائي ڪري، هليا سي هنگلاج
ٿيا ترارن ڪاڄ، رات جهليا رڻ پٽ ۾.

'مينهان خان' (٤) موڙي، لئي مارو مگسين ۾ وڏو
ڏسي پيڙ پڳا وڃو، ٿا ڪيو خر ڪڙي
هو ٿو چاچي(٥) مارجي، گهوڙو هن گهڙي
ڏيو چوٽ چڙهي، ٿيو پيلي ساڻ پروچ جي.

سرندي تائين مهٽو، وڃو ٿا وڙواند
موٽيو چانڊين سان هلي، هرڪو ٿئي هيڪاند
ورٹ ملي اٿو واند، جو ٻرديءَ پچي ڀاڄ ڪئي.

مگسي موٽيو ٻوٽئي، چيائين رند پنا
ورنهه ورندي ڏني ڪانہ، آکي رند پنا
رند تہ ائين آئيو، جيئن پيلي آب پنا
آهہ آگي در 'آمنا'، نہ تہ ڪن ها مچي خور مقابلو!

---

(١) سمارائي چانڊين مان. (٢) ساڻائي چانڊيو. (٣) دعوائي چانڊيو.
(٤) مگسين جو سردار. (٥) چانڊين ڏانهن اشارو.

ھڪلون ڏيندو آئيو، شيرمحمد شير
ڪاھي آيو ڪٽڪ ۾، دھشت ساڻ دلير
ٽڪ ڀيرئين سان تڪ ڪري، وھائي شمشير
ڪو آھي مڙس مٿير، جو دھشت جھلي ديو جي.

ماريا سڀ ميدان ۾، جي حال پائي ھئس ھڏ
نہ آيس مرد نگاھ ۾، جي کھوٽ پيئا ھئس ڪڏ
باقي ڪو نہ بچيو نئيي، جو سختيءَ ۾ ڏئي سڏ
رند وڏو ھو رڏ، پر ڀڃائي پاڙون ڪيڏيئين.

سامھون سورھيہ سر مٿي، ڪاتير ڪئي ڪاھ
جنھن جو نام سراج ھو، ٻرس نہ ڪئي پرواھ
پڪيو ڀڳڻ سان وچي، چست منجھاروُن چاھ
ٽڙيو خول مٿي ڪان، جا ڀريل ھيس پناھ
وچي آن وڙتيءَ تي، نر جيي پئي نگاھ
چگيا چٽائي ھنئي، سڀجئون تنھن سرواھ
ڪيريو ڪوند پٽ تي، دل نہ ڪئي ڪا دانھ
ڪيرڻ سان ڪوندر جا، پورا ٿيا پساھ
جي ھٿا ھاتڪ جا ھمراھ، سي ميڙيوئي ماھو ٿيا.

۳. رندن، مگسين، جمالين ۽ چانڊين جي جنگ

هيءَ جنگ قلات جي والي خان محمود خان جي عهد ۾ لڳي، جنهن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جون قومون شامل هيون.

ڪاڇي ۽ ڪڇي طرف ڪوڪل خان مگسي سردار هو. جنهن چانڊين جو وڪ هنيو. چانڊين وڪ وارڻ لاءِ ڪوڪل خان تي ڪاهه ڪئي. چانڊيا پاڻ ۾ چاليهه مڙس هئا، ۽ سندن اڳواڻ صوڀو هو، جيڪو سورهيه هو. هوڏانهن ڪوڪل خان سان ڪوسا ۽ جمالي گڏ هئا، سي به چانڊين سان مقابلي لاءِ تيار ٿي آيا، پر صوڀي جو نالو ٻڌي انهن منجهان راڄو ۽ سرزان خان همت نه جهلي موٽي ويا. باقي لشڪر چانڊين سان منهن ڏنو. انهي جنگ ۾ ٽي سؤ ٽيهه ڪوسا هئا، ان کان سواءِ جمالين جو لشڪر هو. چانڊين جي طرف چاليهه مڙس هئا، جن سان سورنهن صوڀي جا ساٿي هئا. اهي سڀئي مڙس وڏي همت وارا هئا ۽ هنن جنگ ڪئي. ڪوڪل خان پوءِ ڪاڇو ڇڏي ٻيءَ جوءِ ۾ وڃي رهيو.

ڪوڪل خان طرفان بهرام خان جمالي به انهي جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو، تنهن جي ڏيءَ چانڊين کان وير وٺڻ لاءِ قلات جي خان وٽ دانهين ٿي وئي. قلات جي خان چانڊين کي سيکت ڏيڻ لاءِ لشڪر ڏياري موڪليو، جنهن ۾ عمراڻي ۽ مگسي قومن جا ماڻهو شامل هئا. انهيءَ مقابلي ۾ به سرسي چانڊين جي هئي، پر پوءِ مگسي هلان ڪندو اچي صوڀي چانڊيي کي اوڏو ٿيو. صوڀي مٿس تلوار جو وار ڪيو پر سندس گهوڙو ڀاڙيو ۽ وڃي ڪريو، پوءِ

پوٽ مگسي تلوار جا پنج وار ڪري ماري ڇڏيس. صوبي چانڊيي جي سارجڻ بعد چانڊيا هيٺا ٿيا ۽ پوئتي موٽيا. ان بعد جمالي توڙي مگسي ڪاڇي ۾ موٽي آيا.

راهي راهي رند، ودو ڪوڪل ويرين وڪ(۱)
لشڪر سوٽيو پٺتي ڪري ديرو دنگ
اٿائي اٿ تي اتي ڪوڪل ڏنو ڪنڌ
ريڪو راڏي ڪيو ڳاهي مرزان گند(۲)

—

مڙي هوند انهي سال تي ڪيو هارو بلوچن
پوءِ ٿويا ٿهل جن، اڳر ۾ ان کي هنيا.

—

ٿي سڄو تيهه اڳرا ڪوسا کڙڪ هڻن
رڻ ۾ راهو منڊيو ٿا چانڊيا چاليهه چون
ٿن مان سورنهن سارڊو صوبي ساڻ هجن
پوءِ سوبي ستار ڏنن، جو چانڊيا ڇهرا ٿي وريا.

—

روح سڙني رڪ جو هو ستار ڏنو سارو
خاني رند خلاص ٿيو، جنهن ماڪ ڏنو مارو
غلام محمد ڳل آه ولي سوڀارو
جو راڻديون راون ڪان ڪٽي

—

نيٺي سنيهو ڪو ڏٺي خان محمود خان کي سر:
تہ ڪوپا ڏٺي قلات جا ڪوڏ وڏا ڪيهر
وجهه ڪو تاب قرار جو اٿي انبوهه اهر
پيٺي بهرام خان جي وجي دانهون ڪيون در
هي سر صدقو لڄن ٿئون آ ٽرسائي هر
پوءِ زينت ونيون زر، سگ لنگهائي سنڌ ۾.

—

(۱) ودو=ورتو، ويرين=دشمن. (۲) اُنهن ماڻهن پاڻ کولہ ملهايو.

اُتِ ڪل عمرائين سان آيو ڦوڪيو ڦيرائي
دانهن تہ ديري ۾ اچي ورڪي واڍائي
آڻاريا امير هانهنجا سردار سڏائي
وڏيرا ويرن سان ڪچي جٽ جوڙائي
چڙهي جنگ تي جوان ويا ڪنگرو ڏي ڪاهي
اتي عمرائين ڪي وڏو کهوٽ هٽي کهائي
اجا توئين آهي، سور تہ ساميجي جو.

—

نہ سڪي نہ سوري، نہ اکي نہ اوري، نہ ڀاڳي نہ ڀائي
جنهاندا وڪ ماريا، سي ڪٿي ٻانهان لڙائي
انهان ڪشومت ٻنهان سر چاڙي(۱)
ٺا ٺا بندوقان لسان لس لائي
ڪره ڪل ڪو نت آدمائي غريب سپاهي.

—

جڏ پوت پچڻ جي ڪئي، تڏ مڱ ڏنو موڙو
سوٽائي مکسيءَ جو کهوٽ ڦٽي ڪيو کهوڙو
هنج هنيائين هڙ تي خان وڏو ڪوڙو
زخمن زور ذرا ڪيو، سنگ نہ ٽيو سوڙهو
لاهي ويو لوڙهو، صوبيو تن جمالين ٿئون.

—

صوبي سٽي سٿي ڪي ڪس ڪشائي ڪٿور(۲)
واڙ وجهايائين ڪنڊ جي، ٻاس ڊورايائين ٻٿور(۳)
پوءِ جن کي صوبي ڏنا سور، سي رڙنديون وتن راڄ ۾.

---

(۱) ڪشومت=خصومت، دشمني (۲) ڪٿور=ڪڙيو، واهو
(۳) ٻٿور=ڊنگرن جا ڊڳ.

۴. چانڊين ۽ مگسين جي جنگ

بلوچن جا چانڊيا ۽ مگسي قبيلا هڪ وڏي مدت تائين هڪٻئي سان صلح ۾ رهيا. ۹ صدي هجري (۱۵ صدي عيسوي) ۾ رندن ۽ لاشارين جون جنگيون ٿيون. ارغونن رندن جي مدد ڪئي ۽ سنڌ جي ڄام نظام الدين لاشارين جي مدد ڪئي. چاڪاڻ ته ڄام جي وزير ۽ سپه سالار دريا خان جو تعلق لاشارين سان هو. انهن جنگين ۾ چانڊيا ۽ مگسي، لاشارين جو طرف هئا، ۽ پڻ دريا خان جي سپه سالاري هيٺ سڀ طرف ارغونن سان وڙهيا. ان وقت کان وٺي هو هڪٻئي جا مددگار ۽ رندن جا مخالف رهيا. انهيءَ ڪري ٿي جڏهن مگسين ۽ جمالين جو تڪرار ٿيو ۽ رند سردار شيرمحمد خان مگسين خلاف آٿيو، ته مگسين چانڊين جي سردار ولي محمد خان کي مدد لاءِ چيو. ولي محمد خان پهريائين مگسي سردار کي چيو ته جنگ کان صلح چڱو آهي ۽ آءٌ وڃي ٿو رند سردار کي سمجهايان ۽ مڃايان. هو ويو ۽ سردار شيرمحمد خان ته مڃيو ۽ پوءِ آهڙو اظهار ڪيائين ته: منهنجي ترار مڙوئي تڏهن ڪندي جڏهن ميدان ۾ چانڊيو به مگسي سان گڏ هوندو. پوءِ ست هزار چانڊيا ۽ ٽي هزار مگسي، رند جي لشڪر جي سامهون ٿيا. ان جنگ ۾ ولي محمد خان پاڻ سڌو شيرمحمد خان تي حملو ڪري کيس ماريو.(۱)

---

(۱) هي بيان مرحوم خانبهادر خيرمحمد خان چانڊيي جي سنڌس پنهنجي زباني سنه ۰۵-۱۹۴۹ع ڌاري قلمبند ڪيو ويو. هن جنگ جي بي تفصيلي روايت، مگهڙ قادربخش جوڻيي جي، بيتن واري، هن کان اڳ ڏني وئي آهي.

شير محمد خان رند وڏي همت وارو هو ۽ مارجي پيو، پر مگسين سندس سر وڍيو ۽ پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ڏانهن کٽي وڃڻ لڳا. اها ڳالهه ولي محمد خان کي نه وڻي، هو مگسين تي ڪاوڙيو، ۽ سردار جو سر پنهنجي قبضي ڪيائين ۽ لوٽ سان گڏ سياڻي ڏکائي شورڻ (سردار شير محمد جو ملڪ) ڏانهن ڏياري موڪليائين. انهيءَ تي مگسي شوريا ۽ ڦري چانڊين جا مخالف ٿيا. اهڙي طرح صدين تائين ساڳي طرف ۽ ساڳي ڳالهه ۾ هجڻ ڪان پوءِ هينئر منجهن نفاق پيو. سردار شير محمد خان سان جنگ ڪان اڳ، ڪن سچاڻن ولي محمد خان کي پٺي ڇيو ته رند سردار سان ٿو وڙهين ته چڻ پنهنجو پاڻ ٿو مارائين.

چانڊين ۽ مگسين جي پهرين جنگ اها هئي جنهن ۾ جعفرخان پوتاڻي مگسي کي ماريو. انهيءَ جنگ ۾ جڏهن مگسين تي سوڙهه ٿي، تڏهن جعفرخان ميدان مان هٽيو ۽ ميدان تي چڙيائين جو صوبي چانڊيي ڪڏي وڃي ڪيس ماريو. صوبو آرڏو ۽ جنگ جو جهونجهار هو. هن کان اڳ پين سان به وڏا مقابلا ڪيائين جو ڪنهن ڇيو ته:

> وڍي ڪوڪل پير جيئن پٽرس ڏيندو هو پور
> جن صوبي سندا سور، سي رڙنديون وتن راڄ ۾.

(يعني انهن بهادرن جون مائون جن کي صوبي ماريو).

هن جنگ ۾ جعفرخان پوتاڻي گهوڙي تي هو جو صوبي مٿس جلهه ڪئي ۽ گهوڙي تان ڪيرائي مڙس کي ماريائين ۽ پوءِ پاڻ به جعفرخان سان گڏ انيئي ماريو.

جڏهن پلوت پڇڻ جي ڪئي، تڏهن مڱي ڏنو موڙو
موٽائي مگسيءَ جو گهوٽ ڪيڏو گهوڙو
پنج هڻيائين پيڙ تي خان وڏو ڪوڙو
زخمن زور ڏاڍا ڪيو سنگ نه ٿيو سوڙهو
لاهي ويو لوڙو، صوبو شير شهيد ٿيو.

جعفرخان جي مارجڻ کان پوءِ مگسين جو لشڪر بيهي نه سگهيو ۽ سندن هار ٿي.

---

٥. جتوئن ۽ مرين جي جنگ *

نئين بولان (بلوچستان) ۾ مهيسر جي ڳنڍي تي مرين ۽ جتوئن جي جنگ لڳي. مري قوم جي وڏي طاقت هئي جنهن جو سڄي ڏيهه ۾ ڌهڪار هو. جتوئي به پنهنجي ناليِ سان هئا، تنهنڪري مرين انهن سان هٿ ڳنڍڻ جو ڪو ڀؤ نه ڪيو. هڪڙي ڏينهن چگو ٽاٽو ڏسي جتوئن تي حملو ڪيائون. ڳوٺ جتوئي ڳوٺ جي چڱي مڙس ساڻن مقابلو ڪيو پر مارجي ويو.

نورنگ جتوئي انهي واقعي تي آسپاس ماڻهو ڊوڙايا ۽ پنهنجا ڀائر گڏ ڪيا، جن ۾ فيروزائي به اچي شامل ٿيا. صلاح ڪري مرين جي پويان پيا، جيڪي ان وقت مهيسر جي ڳنڍي تي ڀائي جي سٿي قبضو ڪيون ويٺا هئا. جتوئي اتي آيا، مڙسن کي سڃاتائون ۽ کين چيائون ته: اوهين جيڪا اڏار ڪٽي آيا آهيو (يعني اسان جو ماڻهو ماري وير وجهي آيا آهيو) تنهن جو پلاند ڪرڻ آيا آهيون. پوءِ جنگ لڳي ۽ سورهين هڪ ٻئي کي للڪاري مقابلو ٻئي ڪيو. جمعي جتوئي جو پٽ پهلوان سڙس هو، تنهن جي اڏو ڪرم خان مري آيو ۽ هڪل ڪيائينس ته: منهنجو مٽ تون آهين، اچ ته ڪا پرڪا پوي! ٻئي پهلوان تلوارون ڪڍي وريا ۽ وڙهندي مئا.

مرين ۽ جتوئن جي لاشن سان ميدان ڀرجي ويو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. اتي خانصاحب قلات جو لشڪر اچي پهتو، جنهن ۾ ڪاڪڙ پٺاڻ هئا، جن پڙ ۾ پيل جيڪي زخمي هئا تن جون مسيون وڌي کين ختم ڪري ڇڏيو.

---

* جنگ جو بيان ۽ بيت سگهڙ مرحوم محمد يعقوب پرڙي ڪان ٿل، (ضلعو جيڪب آباد) ۾ ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ساره صاحب جي ڪيان، الله ڏانهن آڌار
تنهين جي تعريف جو شرو ناهي شمار
نبي نبوت جا ڏٺي، هليا راه هزار
سهسين ڪپي خاڪ ٿيا، صوبا ۽ سردار
مريءَ جي منهن ميل جو هو ڏيهن ۾ ڏهڪار
جتوئي جي جنگ جو ڪره، وڏي سان ڪار
هلئيو هاساٹو ڪري، ناڙي نئن تي سردار
لشڪر وٺي ٻولان تي، آيو بيحد بيشمار

واهُه وَمند وارو ڪيو، ڏسي ڏينهن چڱو موچار
"ڪوڏل" هنهنجي ڪوٽ تي ڏنو سر سچار
لاهي مرد ميار، هيءَ تان شير شهيد ٿيو.

هيءَ تان شير شهيد ٿيو، ايئو نئون رنگ نهاري
دانهن ته دانهه ڪان وٺي چؤڪنڊ چوڌاري
"مري" موئيا هوئتي، مرد اهو ماري
هن پانڌ پٽ سڏائيا ٿهه پهه ۾ ٿاري
فيروزاڻي پهلوان هٺيا، آنداٿين سڀ ساري
رنگ ته روشن سير ڪي چون چانڪاري
ساٹ وٺي هليو سارڊو، سهجئون سينگاري
هلو ته انهن کي ڏسون جي ويڙهه چليا واري
مري مهيسر جي ڪنڊي تي هاٹي هياري
ديدان ديداري، مردن ملڏعي ڪي ڏنو.

مردن مدعي صاف سچاتا، دوران ديداري
"ڏي ڏيون قرض اساڏا" جو آندئي اڌاري
پيچي مري ۾ منهن وڙائي ڪيڏون جوڙ ڏاري
بڙزان باه بندوقان چاتيي، ڪڙڪن ڪان ڪوهياري.

ماريان شهتابيان، شهتور يان لهہ پيان، بس اوڙ اٽاري
ٻڌن قطاران بند صفيران، مست ڪنون مست نهاري
جوان جتوئي جمعي جو، ستري سورهيہ سنڀاري
ڪوهو ڀٽ ڪرم خان جو، هئي نال هشياري
تونهين مست جو ميدان، آ تون وک وڌاري
ڀلا هٿ ولايوتي، مرڻ جو قدم ماري
ائين رت ريلا ڏيندي، جهڙن مينهن وهي ڌاري
آيا لشڪر خان صاحب دا، بيحد بيشماري
ڪاڪڙ ذات پٺاڻاندي، بسي سالگي هن بسياري
ساه وينديي دي سري ڪهيندي، جند ڪوُن جند بيزاري
آيل آڪي بخش آنهانون، بخشين بخشنهاري.

٦. ٻُڏن ۽ ٻُرڙن جي جنگ

"ٻُڏ" (ذات جا ۽ ٻُڏ ڏرم وارا) ڪنهن وقت هڪ وڏي قوم هئي، ڪين پنهنجي سرداري ۽ رياست هئي. هن پوئين دور ۾ هنن جو خاص ملڪ "ناڙي" (ضلعو ڪڇي، بلوچستان) رهيو. جيتوڻيڪ ڪي ٽورا گهٽا ٻُڏ سنڌ ۾ ضلعي خيرپور ۽ ضلعي لاڙڪاڻي (واره طرف) ۾ بہ پنهنجو تي رهن ٿا. ناڙي ۾ ٽي سؤ سال کن اڳ تائين ٻُڏن جو ملڪ وڏو هو، پر ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻين قومن کي وڪڻي ڇڏيائون. هن وقت "مٺڙي" جو شهر خاص ٻُڏن جو آهي. ۽ ٻيو شهر هيٺ ڏکڻ طرف "هاشم ٻُڏ" جو آهي. "هاشم ٻُڏ" واري علائقي جون حدون هن وقت هي آهن: اتر ۾ ڪوڪر (ڪلو ۽ آباد جا شهر)، الهندي مگسي (جهل جو ملڪ)، ڏکڻ ڏي جمالي (ڳڙهي خيرو) ۽ اڀرندي ڏي عمراڻي (ٽمبو وارو ملڪ). اهو علائقو اندازاً ١٠ ميل اتر ڏکڻ ۽ ٥ ميل کن اوڀر-اولهه اراضي وارو آهي. گذريل صديءَ ۾ اندازاً ١٨٧٠-٧٥ ڌاري هن علائقي ۾ ٻُڏن جو وڏيرو هاشم ٻُڏ هو. هن کان ڏکڻ طرف پر واري اراضي بہ ٻُڏن جي هئي پر ٻُرڙن کي وڪيائون، جتي هن وقت "گهارو" شهر ٻرڙن جو آهي. ٻرڙن جو ارباب ان وقت سائينداد هو، جيڪو "ڏر" جي شهر ۾ رهندو هو. هاشم ٻُڏ سان سنڌس چڱي واٽ هئي، پر ٻرڙن جون ٻُڏن جي زمين ۾ اکيون هيون ۽ وڙهڻ جا بهانا پئي ڳوليائون. جمعي ٻرڙي جي پاٽ کي ڪن ماريو پر محراب ۽ سهراب گولن اچي جمعي کي ٻڌايو تہ اوهان جو مڙس ٻُڏن ماريو آهي. پوءِ جمعو آيو "ڏر" ۾ ارباب سائينداد وٽ، جنهن ٻارهن مڙس ڏنا تہ

وچي هاشم تي حملو ڪن. انهن ۾ ارباب سائينداد جا پٽ، سؤٽ علي نواز ۽ قاسم هئا، ۽ انهن سان شاهل، ربڙ، فتح محمد، فقيري جو پٽ الهداد ۽ ٻيا گڏ هئا. جمعو ٻرڙو جنهن جو پاڻ ماريو هو سو ٻرڙن جي 'جهمراڻي' ناڙي مان هو.

ارباب سائينداد پوءِ هاشم ٻڌ ڪي چاڻ ڏنو ته ٻرڙا تو ڏي اچ ايندا ۽ تون ڪنهن پاسي نڪري وڃ. هاشم جواب ۾ چوائي موڪليو ته: ڀل اچن، باقي تڏو ڪو نه ڇڏيندس. پوءِ ماڻس منٿون ڪيس ۽ قسم وڌائينس ۽ هاشم چيو ته: 'امان! ٻرڙن جي اچڻ جو ٻڌي، تڏو ڪو نه ڇڏيندس ۽ پاڻ ڪي ٽڪو ڪو نه لائيندس'. جڏهن مڙس هڪبڻي ڪي سامهون ٿيا ته ربو ٻرڙي وڏي هاشم تي جلهه ڪئي، پر هاشم هڪ ئي ڏڪ سان ڪٽي ڇڏيس. فقيرو ٻرڙو ڪريو ۽ مري ڻا ۽ پٽس الهداد اچي وچان پيو ۽ فقيرو بچيو. پوءِ ٻرڙا ڀڳا، پر فقيري چيو ته مڙس سنڀاليو! ڏٺائون ته رڳو ربو ڪونهي. تڏهن چيائون ته هڪ مٺو آهي ۽ وري جلهه ڪريو. پوءِ هاشم سندس پاڻ طاهر ۽ پاڻيجو حسين بخش مٺا.

هن جنگ تي سگهڙ هوت صوبداراڻي جمالي هڪ ڏکو تفصيلي بيت چيو، جنهن جا ڪي ٽڪرا دستياب ٿيا، جيڪي هتي ڏجن ٿا. (١)

---

(١) ٻڌن ۽ ٻرڙن جا ڳوٺ اسان 'ناڙي' ۾ وڃي ڏٺا ۽ پڻ هنن ٻنهي حدن ۾ جنگ بابت بيان ناڙي جي شهر 'مولوي' ۾ ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا. هي بيت مير شاهنواز خان شاهلياڻي جي اوطاق 'بيرون' (تعلقو اوستو محمد) ۽ 'ڳوٺ پيران ڏتو' (تعلقو ڳڙهي خيرو)، ۽ ٢٧-٢٩ ڊسمبر ١٩٤٧ع ۾ ڪيل ڪچهرين ۾ خاص طرح محمد بخش پٽ، گل محمد سومري جي زباني لکيو ويو (جنهن چيو ته سندس پيءُ گل محمد کي سچو بيت ياد هو).

سنڌ ڀني هن گولن ڪوڻ، انين چڱا نہ چغليون ڪن (۱)
ڀنڌي پرڙا اٿيا، 'وڙهسون وڙهسون' ڪن (۲)
وڙهندا هاشم جهڙي مرد سان، ڪئي مصلحت ملوڪن
ماڻهو موڪليئون هاشم ڏي، منجهند جي ويلن (۳)
هاشم جهڙي جوان ڪي، ٿيون تراريون تڪن.

ماتا وڏا وس ڪيئس قسمن قرانن
چئي: ماءَ ملڪ ڇڏي ڪاڏي وڃان، هي مرڪ ناهي مردن
هاشم ٻنڌ تڏهن ڇڙي، جڏ تڪر سپ تنرن.

هيڏهون پرڙا پاويه، چڙيا، هاشم ساڻ ستن
رهو رواڙجي ويو، هاشم جي هٿن (۴)
سو هاشم هلائي ڇڏيو، ڏيئي مصري منجهہ ميڪن (۵)
پاءَ تہ پنهنجي پاءَ ڪان، ڪوڙها رت رڻن (۶)
جهمراڻي پڳا جهار جان، تا پويان پير وڻن (۷)

"واه فقيرا، جنگ جنگيرا، جنگ دا ڪيرا، پهرين پورا،
سانوڻ سيرا" وانئي مير وڙهندن (۸)
تڏ پُرڙا موٽيا پوئتي تا ٻحري باز ڇٽن
تيو انهڪو قهڪو سوڻن جو، تا ڪڙڪا ڪوه پڃهن
ٿيو ڌهڪو ڌنالين جو، منهن مٿي توفن.

---

(۱) محراب ۽ سهراب گولا جن چغلي هنئي (۲) ناڙي ۾ عام پولي سرائڪي آهي (۳) ارباب سائينداد پرڙي ماڻهو موڪلي چاڻ ڏنو (۴) رواڙجي ويو، رهڙجي ويو، مارجي ويو (۵) ترار (مصري) اهڙي زور سان هنيائين جو هڏن جي مک نڪري وئي (۶) ڪان (لاءِ)=ڪاڻ (۷) جهمراڻي پرڙا، جمعو ۽ پيا (۸) فقيرو پرڙو همت وارو هو، تنهن ڪي شاعر شاباش ٿو ڏئي. هن هنيل مڙسن کي وري ميدان ۾ آندو.

فقيري کي ڪري ڀاسيرو ڪئو ڀٽي ڪيهرن (١)
چئي: 'آءٌ ابا الهداد، آءٌ ور چڙهيس ويرين!'
تان اُن نموني ٻاز شڪنبو ڀي، ڪري آيو واڪو واسينگن (٢)
پيءُ ڇڏايائين پاڻهنجو ٽيڪئون ترارن.

هاشم شير شهيد ٿيو رکيو ٿولي امامن
هاشم جهڙا ٻئڙا مائون مر ڄڻن
حسينڻ ات ماريو، ته ٻه پرڙا ڪين مڙن (٣)
آندو جوڙو، گاڏي، جوال، ٻڏن ڪون پرڙن (٤)
اتي هوت حساب ڪيو، ته جنگ ڪئي پرڙن.

---

(١) ڪيهرن، شينهن مڙس ڀڏن، فقيري کي ڪيرايو ۽ ماريائونس ٿي
(٢) ڀٽس الهداد ست ڏيئي اچي پهتو (٣) حسين بخش، هاشم جو ڀائيجو هو (٤) پرڙا ڪين مڙن=پرڙا اچان به ڪين مڙيا جو پوءِ ڀڏن جا جوڙا ۽ گاڏيون وجي ڦريائون.

باب ستون

ڏالپورن جي دور ۾ سنڌ جي لشڪر جون ٻاهرين حملي ڪندڙن سان جنگيون

١. مير فتح علي خان جي تيمور شاهہ جي ڪابلي لشڪر تي چڙهائي*

مير فتح علي خان، ميرن جي پهرين چوڪڙيءَ جو مشهور حڪمران هو. هن سنه ١٨٠٢ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات ۾ افغانستان طرفان تيمور شاهہ جي وقت ۾ سنڌ تي حملو ٿيو. مير صاحب فتح علي خان پاڻ مقابلي لاءِ لشڪر سنباهي چڙهيو. سندس حملي سان افغان ڀڄي ۽ ڪي سڌا ڪابل (افغانستان) ڏانهن ته ڪي "ناڙي" (بلوچستان) واري ڪس سان ويا. جنهن جو احوال شاعر سهراب چارڻ پنهنجن هيٺين بيتن ۾ ڏنو آهي.

ڏان ڏان منجهہ درياهہ، جيئن ڪَن بيٺو ڪڙڪا ڪري
تئن فائق مير فتح علي چڙهيو، جنهن لس لهينيا لاهہ
سو پهرايو پيرن نيءِ، سخي شاهنشاهہ
سچا هٿا سهراب چوي تنهن جا اڪابر امراهہ
تنهن رڪ راوت ريلي هنيا سورهيہ سان سپاهہ
اڪيئون گهوڙا گهوڙن ڪوڙن ڀڳا، ڏان ڏان ڪري ڏاهہ
ڪي پسي تڙ ترار جو رليا مٿي راهہ

---

* سهراب فقير چارڻ، ڦلجي (ڏادو) وارن چارڻن مان وڏو سڄاڻ هو. مير فتح علي خان ڏالپور واري وقت ۾ جيئرو هو. مياڻ دين محمد چارڻ (شهر ڏادو) سان ڪيل ڪچهري دوران هي بيت مليا.

ڪي ويا ڪهندا ڪابول ڏي، ڪن ڪي ناڙيءَ ڏانهن نگاه
اها خبر آگاه، وڃي ترت رسي تيمور کي.

١

گجي گاج گروڙ، جيئن ڪڙڪو ڪڪر ۾ ڪري
جيئن وڏ ڦڙو واڪا ڪري، جهان جهور جهڪور
تيئن پيلي پٺاڻن کي ڪيائين ڪور ڪکور
سي گاه چيئيون ڪن وات ۾، جيئن ڪائن ڏڪيا ڏور
اهي زورادر جا زور، وڃي ترت رسيا تيمور کي.

٣. آتمين واريون جنگيون

ارڙهين صدي عيسوي جي آخر ۾ سنڌ جي ڪناري تي خصوصاً سونمياڻي، ماڙيپور ۽ ڪراچي بندر تي سامونڊي ڌوڙن حملا ڪيا، ماڻهو ماريا ۽ ڦريون ڪيون. اهي حملا اوچتا ٿيندا هئا ۽ انهن حملي ڪندڙن کي ”آتُومي“ يا ”آتمي“ سڏيو ويو، يعني تہ جيڪي اوچتو اچي ستان ڪڙڪن. اهڙن ٽن حملن جون روايتون اسان چڪري (ڪراچيءَ)، وتيجي ۽ ميرپور ساڪري طرف حاجي محمد سوڍي بگهياڙ (ڪرمتي بلوچ) جي ڳوٺ ڪيل ڪچهرين ۾ قلمبند ڪيون جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

سون مياڻي تي آتمين جو حملو

ڄام ميرخان اول جي اوائل عهد حڪومت (١٧٨٤-٧٦) ۾ مسقط جي علائقي راسل چشم جي هنڌ جا رهندڙ آتمي ٻيڙين ۾ سامونڊي رستي سان اچي، سونمياڻي تي حملو ڪري آيا. شهر کي لُٽ مار ڪري آخر ۾ باهہ ڏيئي ساڙي، راتو رات ٻيڙين ۾ سوار ٿي هليا ويا. وقت جو نائب پوٽو ڄاموٽ شهر ڇڏي ڀڄي ويو. عمر رسيده ماڻهو هو، جنهن جي نسبت پاريي رونجهي هيٺيون بيت چيو:

ڀوتا هئُوءِ ڀنگ، مرڻ جو مياڻي تي
هنيوءِ ڪين هنڌڙن کي ڏسر منجها ڏنگ
پڪو هو پار ٻيو چوي ثابت توجو سنگ
هاڻ نهاري اهڙو ننگ، ڪڏهن لهندين ڪونہ ڪو.

انهيءَ حملي وقت ڄام مير خان موصوف صغير هو، پر پوءِ خليفي حاجي صوبي پُڙي جي سرڪردگي ۾ هتان ٻيڙين جو لشڪر ويو جيڪو وڃي بدلو وٺي آيو.

ماريپور لڳ آتمين جو حملو*

پٽوا يا پٽنُوڻا، هندِيه بلوچ آهن. اصل مڪران طرف جا ويٺل هئا، جتان سندن وڏو 'شالو' پٽونو سنڌ ۾ آيو، جنهن منجهان پٽوڻن جو راڄ ٿيو، جيڪي داپيچي ۽ وَتپجي واري پٽي تي رهيا. "آتمين" ماريپور وٽان حملو ڪيو، جنهن ۾ ڦُرڪان ٿيءَ مَلڪ جتوي ۽ ٻين کي جهلي پيڙين ۾ نظربند ڪيائون. ٿيءَ هتان 'جتو جولڻ' پٽونو لشڪرسان چڙهيو، جيڪو ٻن قبيلن پٽنُوڻن ۽ زنيڪائين جو گڏيل لشڪر هو، تنهن وڃي باقي بچيل پيڙين جا واجهه، وڍيا ۽ قيد ٿيل ماڻهو ڇڏايا.

"آيو جتو جولڻ، ڍُري کهاءِ ٻازن"

('جتو جولڻ' ٻازن وانگر لوه ڏيئي مٿان آيو).
۾ جيڪي پيڙيون روانيون ٿي چڪيون هيون، مَلڪ جتو انهن ۾ هو، جنهن کي ڪٽي ويا.'

ڪراچي بندر تي آتمين جو حملو‡

سنه ۱۷۹۴ع کان وٺي ڪڇ ڪاٺياواڙ جي واگهر قوم آزار مچائي ڏنو هو. هي ڪيترا سال سمنڊ جي ڪناري تي، ڌاڙا هڻندا، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي شهرن ۾ ڦُرلٽ ڪندا رهيا. آخرڪار پيڙين ۾ چڙهي ساموندي پيڙن ۽ جهازن تي ٻہ ڦُرلٽ ڪرڻ لڳا. سمنڊ ۾ جيڪو ٻي جهاز هٿ لڳن سو ٿي ڦريائون.

---

* راوي مرحوم حاجي ڪرمي ويٺل وتپجي. حاجي ڪرمي چيو ته اسان جو وڏو ڏاڏو ڪنبو پٽ سوجو پٽ شالو هو.

‡ هن جنگ جي خبر هيٺين سگهڙن کان ملي: (۱) روايت پرڏوخان گبول ويٺل چڪرو، ڪراچي (۲) سگهڙ ڪيٿا خان (۳) حاجي ڪرمي پٽوڻو (۴) سگهڙ حمزو جوکيو ۽ (۵) سگهڙ هاشم گبرو.

مير غلام علي خان جي ڏينهن ١٢١٧-١٢٢٧هه (١٨٠٢-١٨١٢ع) ۾ ڪراچي بندر تي حملو ڪيائون. سنڌ ۾ انهن ڌاڙيلن کي ”آتمي“ يا ”آتومي“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. آتمين جي حملي جي خبر ڄام مهرعلي جوکيي ۽ الهرکيي لوهارکي ملي، جيڪي ان وقت ڪراچي ۾ ميرن طرفان نواب ۽ محافظ مقرر ٿيل هئا، تن ماڻهو گڏ ڪري، ٻيڙين ۾ چاڙهي ”آتمين“ سان مقابلي لاءِ تيار ٿيا.

ساڳئي وقت ڪرمتين ۽ گبولن ڏانهن به حڪم آيو ته وڃي ڪراچي بچايو. ڄام مهرعلي جوکيي ۽ الهرکيي لوهار به ٻيڙيون تيار ڪيون ۽ ڪرمتين ۽ گبولن هڪ ٻيڙي. هن طرف وارن وٽ ٽي ٻيڙيون هيون ۽ هُن طرف وارن وٽ ٻارهن ٻيڙيون هيون. انهيءَ تي ڄام مهرعلي، الهرکيي نواب واريون ٻه ٻيڙيون ورائي موٽيون. باقي هڪ ٻيڙي جنهن ۾ مير نوتڪ، سمڙي ۽ ٻيا جملي ست مڙس هئا، سا مقابلي لاءِ هلي. هنن مڙسن واڳهرين سان وڙهڻ سر ڏنا.

ڪراچي کي ان وقت ”ڏَڙيو“ چوندا هئا. رکيي لوهار آتمين کي ڏسي چيو ته: ڏيپ ڪان سنهنجي ڏاڙهي جا وار به پيا ڏڪن، تنهنڪري آءٌ موٽي ٿو وڃان. نوتڪ مَلڪن جي طرفان ۽ دريا خان جوکين جي طرفان هن جنگ ۾ شامل هئا. نوتڪ اهو ساڳيو جيڪو راڻي ارجن واري جنگ ۾ ٻجار جوکيي سان شامل هو. ٻيڙيون اکيون وڌيون ته رکيي لوهار ورائي موٽڻ لاءِ ٻيڙيءَ جو ساڱو ڪپيو. انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ سانڍيون گبول به چڙهيل هو. تنهن جڏهن ٻيڙي موٽندي ڏٺي، تڏهن ترار وات ۾ ڪري سمنڊ ۾ ٽپي پيو، ۽ نوتڪ واري ٻيڙي تي ڪونه پهتو ۽ وچ ۾ ٻڏي ويو.

”ڪري ترار وات ۾ آيو تڪ سان تري جيئن
ته هوند ڪيائين ايئن، جيئن ڪن دودا ڏيهين وچ ۾“.

سمٽڙي نوتڪ واري ڀيڙي ۾ هو سو وڙهيو. چام مهر عالي جي ماڻهن واري ڀيڙي پوئتي موٽي. چام انهن کي ڏنو ۾ وڏي هنن کي جنگ ڏيڻ لاءِ ڪونه موٽايائين، تنهن تي مٿس ميار آئي ۽ ڪنهن چيو ته:

وڏي وٽ نه جهلي تون، مهمت مهر عالي
جڏ وڻون تي وراهيون، تڏ تون ڪس وئين خالي.

لکي خط لنگهائيو، ڪو ٽالپر ٽيليدار
ته هلي ويهه ڪراچي جي ڪوٽ ۾ مٽلڪ مٽيادار(١)
ڪيهرا اوهان تي ڪوٽ جو مانجهيا آهه مدار(٢)
ڏيئي ڪاتي ڪيهر کي، ڪيائون نوابي نروار(٣)
وَلهي سيٺ گهرائيو آهه تون پٽرتوس تيڏي وار(٤)
مٽنهندائي پٽرتوس جا، ڪنهن پت پانيان پار(٥)
ڪٽنجون ڪرف هٿ انهيءَ جي، وير ڏنا وينجهار(٦)
دوسي ويٺا درين تي، ڪيائون ٽلهڻ تي ٿهڪار
ساهتو گهٽو سونهٽا، جن جي ڏاڙهين پنيا وار
ڪمر ڪاتيون ورنه ٻاتيون، آيا تيگ ڪٽي تلوار
دولهه دنگين ۾ چڙهيا، ڌرٽان ڌارو ڌار
عهدي ’البيت‘ سين، آهن منهن ڪارا مردار(٧)
تن جي تاب تڙين تي، ٿا چور ڦرن چوڌار.

سمٽڙي نوتڪ مير سين چڙهيا جنگ مٿي هي جوان
ڪيائون آ گهٽ ڪاري در سين، ٻيٺا سگ اڙائي مان.

---

(١) ملڪ ابراهيم ڪرمتي (٢) ڪيهر=اي ڪيهر شينهن (٣) گبولن ڪيهر ماري نوابي ورتسي هئي (٤) وَلهو=ڪراچي جو وڏو سکيو سيٺ (٥) پٽرتوس=بلوچ، چيائين ته: ڪراچي جي نوابي توهان جي آهي. (٦) پانڻ (پانيان)=گپانڻ (٧) ’البيت‘ اتمين جو اگواڻ هو جنهن سان پيا وڏا پهلوان (عهدي) شامل هئا.

تن جا ماڙي چڙهيو مشاهدا، ڏٺا جڳ جهان
آتمپن جي "الهداد" چئي وچان قصي تان قربان (۱)

—

چنا چيڙا پڳا پيڙا، لٿي سان لوهار (۲)
پٺونڊا ڏين پچندڙن کي، سيئيون شاهوڪار
پاڻي پاند مٿي تان، آيو لشڪر سان لوهار
پگهيو پڇي ڪينڪي، جنهن ۾ ليک لغار (۳)
ڏوٽيا ڏَنُو دُڪان تي، وڃي عادت ڪر اڱار (۴)
موٽيو مهر عاليءَ تي تا ماٺو ڪن ميار
عذر انهيءَ ڳالهه جو، آءٌ ڏيان کهڙو يار
مري مرندو سڀڪو، هوءَ ٿيا سرها منجهه سنسار.

—

راوت پٽ رحيمداد جو، هو غلام علي گلدار
سو پڙ پيري چڙيو، تهدل تيڏي وار (۵)
ته تون آهين وزير وڏيرن جو، اسان تي مانجهي ڪندا ميار
آءٌ موڪلائي تون پنهنجي ڪنان سردار
سو عذور لاهي آئيو، تيڳ ڪٺي تلوار (۶)
ڳڏيو پڙ پاڙين کي، تو ڪري هٿ هٿيار.

—

الله جل جلاله، الله ٿي توهار
پهڳن چڙهيا پيڙيءَ ۾ ساماڻ ڪٺي سردار
نوتڪ وڏا ناڏ ڪيا ته اسان جي رهاڻ جا آيي پسج پار

---

(۱) اتمپين=ڪاه ڪيڏڙ اتمي (۲) لوهار=الهرکيو لوهار (۳) لوهار سان گڏ پيو پگهيو هو (۴) ڏوٽي=ڪل-ڏمڻ يا ڏوڻ (۵) پيري چڏڻ=ورائي چڏڻ (۶) عذور لاهي آيو=موڪلائي آيو.
راوي پيرٺي خان چيو ته اهي بيت گهٽا هئا پر مون کي وسري ويا.

رکيي چيو: آءٌ کيئن ٻيهان، منهنجا ڏکن ڏاڙهي وار (١)
دريا خان جو کيو درسائندو ٿيو، جنهن ٻيلي سار ڀيا پار
هکڙي هٿي ڪڙڪڙ نارين جي، ٻي دمامين ڌڌڪار
هيڏانهن ٻ، ليکو هو ڪون، ڪو، هوڏانهن ٻ، هٿا هزار
هکڙا رکيائين درزي دڪانن جا، ٻيا ٻيٺوئين جا سنگهار
لعنت هوءِ لوهار، کهڙو مٺنهن کٿيو مونيو وڃين (١).

رکيا ٻچ ۾ رهاڻ مان جڻن ٿي تکبر کياءِ لوهار (٢)
کڏهن مرندين کينکي، جي هوندئي ڏينهن کنا ڏاتار.

لائق ٻالهه، لچ جي، نوتک خان نهاري
تنهن سينهن سونهري دست ڪري، هٿي مڙد چگي ماري
تنهن پنجاهيي ٻاري جا، هتان ڪري هديو.

خان کنن جو هيرئون جڏهن دولهه، ٿڙو ڏر
سنهون، سهڻو، سپتيو، هو نک کنڊي سان نر
ٿڙکي فوجن مهند ۾ ٿو شير سند و شهپر
تنهن ارڏي، الهداد ڇٽي، آ کيهر جيڏو ڪر
ناپون پايو نر، ٻيٺو هٿي دست دماک سين.

هٿي دست دماک سين، کاوڙ ساڻ کنڊير
محمد پوٽي مير کي پڙ جو ڏاڏو پير
ارڏي الهداد ڇٽي جڏ پڙ ۾ کوڙيو پير
جر تي جيشمين جا ڊونڊ کيائين ڍير
مر سٽي جيسرمير، ته ڪرمتين کيڏي ڪي.

---

(١) رکيو لوهار (٢) مردن جي جنگ لڳندي هکلن واري رهاڻ

نوتڪ ٿيو نروار، ٻيڻو سيف سنڌي
اتمين جا الهداد ڇڻي ٻيڻو ڪنڌ ڪٽي
وڙنهه ونگ وٽي، هو ننگ پريو ناموسيو.

—

اهڙي ڪنهن نه ڪيي، جهڙي نوتڪ مير ڪئي
جيڻ سانوڻ دريا سڙڪا ڪري، رکي پڻن تي پڙڪي(١)
تيڻ ميرل مٿير آئيو، سمونڊ تان سڙڪي(٢)
اتمين ۾ الهداد ڇڻي، تنهن شير وڏي سنڪي
لهرين ۾ لنڪي، هو لال لهو وچ لال ٿيو.

—

محمد پوڻي مرد جي هٿي سيت ڪپالهه سچي
جوان ته ويلي جنگ جي، ٻيڻو مرد مچي
تنهن جو رُخ اکي هو رڪ تي، ٻي تان پيس پوک پچي.

—

سائينئو مصري ڪري وات ۾ تک مان تري آيو تيڻ
جنهن ڪيو اڇڻ سان انصاف ايڻن، سو ڪر پيو دودو ديمين ۾.

مٿين ٽن جنگين کان سواءِ شايد ڪي ٻيا معرڪا ۽ مقابلا پڻ ٿيا جن ۾ لاشاري وڙهيا. گهوڙاباري طرف به شايد ڪو "اتمين" جو حملو ٿيو جنهن جي ياد هيئيون بيت آهي، جيڪو هن پوئين ويجهي دور جي سگهڙ جمال خان منڌير لاشاري چيو(٣). منڌير لاشارين جو آباڻو ڳوٺ "ٻن" آهي جيڪو تعلقي گهوڙاباري جي "ٻيلي" ۾ آهي.

---

(١) درياه=سمنڊ (٢) ميرل=ساهيون گبول. سڙڪي=تري.

(٣) جمال خان "مَنڌير" لاشارين جي "موريائي" پاڙي مان هو. گذريل صدي (١٩- صدي عيسوي) ۾ ڄائو ۽ سنه ١٩٠٠ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس پائڻي سگهڙ طاهر محمد موريائي هي بيت اسان کي الله بچائي خان جلباڻي جي ڳوٺ (تعلقو گهوڙا ٻاري) ۾ ١٣-١٤ آگسٽ ١٩٦٢ع تي ڪيل ڪچهرين ۾ ٻڌايو.

ڳتجي آيون ڳياليون جن ۾ هئا هزار
دارون وڏو دونهون ڪيو، سٽيا سيهي يار
ڪيا پيالا پڌرا عارب آجهيدار
ڪوبي قادرني کي آيو نه اختيار
شاهي وڏا شيتم ڪيا، جنهن جي پاڻاريين پچار
جنت ۾ جمال خان ڇٽي جايون تنهن جهونجهار
ست ماري آيو سيج تي مانجهي هو منٺار

"ڳياليون" يعني پيڙيون (واحد. ڳيالي) حملو ڪري آيون. حملي ڪندڙن وٽ بندوقون هيون، جن جي (سيهي جي) گوليون گهٽا سڙس گهايا ۽ ماريا. عارب خان لاشاري هتان جو اڪيلو هو. "شاهي" به ان جنگ ۾ وڏي همت ڪئي ۽ دشمن جا ست ڄڻا ماري پوءِ پاڻ مئو. قادرڏنو وڏو بهادر هو، پر ان کي ڪو مونجهارو ٿيو يا وقت سر جنگ ۾ پهچي نه سگهيو.

اتمين جو اندر درياه ۾ اچڻ

هڪ پيري آتمي پاهران سمنڊ مان اندر درياهن ۾ آيا، ۽ بگهياڙ درياءَ جي ڇيڙ، يعني "ڇيڙ عاقيل" ۾ پهتا. پوءِ ڪرمتين انهن تي حملو ڪيو ۽ هو پيڙيون هاڪاري پوئتي پچي روانا ٿيا.

٣. ڪرڙي واري جنگ*

ڪرڙي واري جنگ سنه ١٢٤٩هه/١٨٣٤ع ۾ سنڌ جي اميرن ٽالپورن جي لشڪر ۽ شاهه شجاع طرفان چاڙهيل فوج جي وچ ۾ ڪرڙي واري ميدان ۾ لڳي. درياءَ کان لاڳيتو اتر ۽ پراڻي سکر شهر کان ڏکڻ اولهه، واري ايراضي سڄو جنگ جو ميدان هو. موجوده جيل جي آتران پوليس جو ٿاڻو اڄا تائين "ڪرڙي وارو ٿاڻو" سڏجي ٿو، جو اڳين ڪرڙي واري ميدان جي نالي جو يادگار آهي. هن وقت اها ايراضي جا ڪرڙي جي نالي سان سڏجي ٿي ان جون حدون هي آهن: ڏکڻ کان درياءَ، اوڀر طرفان ڏنگ شاهه جو اوتارو ۽ پائي پالي جو مندر، اولهه طرف جي حد "واٽر ڪورس" کان قدري اولهه ۽ اتر طرفان پراڻي ۽ نئين سکر واري وڏي رستي ۽ ڪرڙي پوليس ٿاڻي کان ۾ قدري آتر-اولهه وارو پاڳو.

ڪرڙي جي جنگ بابت جن مصنفن لکيو آهي تن مان منشي عطا محمد (جو ان وقت شڪارپور ۾ هو) پنهنجي تاريخ "تازه نواي معارڪ" ۾ تفصيلي بيان ڏنو آهي (١) جو هن ريت آهي:

---

* هي مواد 'خليفي صاحب جو رسالو' (ڇاپايل سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٦) ۾ اسان تفصيل سان ڏنو آهي ۽ اتان ئي ڪنيل آهي.

(١) تاريخ 'تازه نواي معارڪ' مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٩ع ص ٣٨٨-٣٠٦. منشي عطا محمد پاڻ خود 'ترين افغان' هو. انهيءَ ڪري پنهنجي عبارت آرائي سان وڃي سنڌ جي طرف گهٽتائي ۽ افغانن جي سرسي جو سمان چٽيو اٿس. 'خليفي صاحب جو رسالو' ۾ سندس بيان کي اسان سنواري پيش ڪيو آهي.

ٽالپرن اميرن سنڌ ۾ حڪومت جي نظام کي پختي
ڪرڻ بعد ڪابل جي ڪاڻ ڪان ڌيان ڪيو. انهيءَ ڪري
سنه ۱۲۴۸ھ ۾ افغانن طرفان سنڌ جي اترين سرحد تي زور
ٿيو ۽ اميرن جي حاڪم نواب عالم خان مري شڪارپور جي
بدران اچي سکر ۾ پنهنجو محاذ پختو ڪيو. افغانن جي طرفان
هدايت الله اچي گوسڙجي ۾ پنهنجو اڏو ڄمايو ۽ وجهه وٺي
اڪرائي ڪري، نواب عالم خان مري تي حملو ڪيائين ۽
عالم خان شهيد ٿي ويو. عالم خان جو پٽ جهان خان مري
هڪ وڏو بهادر ۽ باهمت جوان هو، جنهن پوءِ هدايت الله
تي چڙهائي ڪئي ۽ هدايت الله مارجي ويو. انهي تي
ڪابل طرفان سمندر خان فوج ساڻ ڪري اچي شڪارپور پهتو.
نواب عالم خان مري جي بيگناهه قتل تي سنڌ ۾ ڪافي
شورش ٿي ۽ ويتر جو سمندر خان چڙهي آيو ته سنڌ جي
اميرن سندس مقابلي لاءِ فوج تيار ڪئي. مير رستم خان طرفان
محبت خان مري، ڏڳاڻو خان مري، جلال خان مري،
فضل محمد خان مري ۽ نظاماڻين، جلباڻين ۽ ڀاڪرائين جا
دستا روانا ٿيا. مير علي مراد جي طرفان گولي شاه ڦهيري
جو پٽ سورهيه سپه سالار غلام مرتضيٰ شاهه فوراً روهڙي
سان درياءَ اڪري اچي سکر پهتو. حيدرآباد طرفان آغا
اسماعيل شاهه جو فرزند سيد محمد ڪاظم شاهه ان ڪان اڳ
خيرپور آيل هو ۽ کيس حڪم مليو هو ته هو لاڙڪاڻي وڃي
بهادر خان کوکر سان ملي. هو ٺٽي لقمان خان سان لاڙڪاڻي
ڏانهن روانو ٿيڻ وارو هو جو کيس نواب عالم خان مري
جي شهادت جي خبر پهتي ۽ هن لاڙڪاڻي جو خيال لاهي
ڇوٽي اچي مير رستم خان سان مشورو ڪيو ۽ پوءِ اتان
پاڻ ۽ سندس ڀاءُ محمد تقي شاهه پنهنجن سپاهين سميت روهڙي
آيا ۽ اتان فوراً درياءَ اڪري سکر پهتا.

خيرپور جي اميرن طرفان سندن سپه سالار پنهنجن فوجي دستن سميت موجود هئا، مگر حيدرآباد طرفان فقط سيد ڪاظم شاهه ۽ سيد محمد تقي شاهه پنهنجن ساٿي سپاهين سان بروقت پهتا. وقت جي تنگي سبب حيدرآباد طرفان پوري اهتمام سان ڪو وڏو لشڪر ڪونه پهتو. هوڏانهن سمندر خان پوري تياري سان آيو هو ۽ شڪارپور مان ست توپ گاڏيون ۽ ٽي هزار سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري چڙهيو ۽ اچي سکر جي بريان چئن ميلن ڪن تي ڪوٽ جعفرآباد ۾ ڇانوڻي هنيائين. سنڌ جي لشڪر جو هڪ حصو آڏو لال واهه جي پيٽ ۾ اڙ ڪري ويٺو. سمندرخان سامهون ميل ڪن تي ڏيکائي ڏيئي، جنگ جو جهنڊو وڻ تي چاڙهي، ٿورڙو لشڪر اتي ڇڏي، ٻهاري ڪين جنگ جو طبل وڄائڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ چال سان سنڌ جي لشڪر کي دوکي ۾ رکي، پنهنجي ٻي فوج ڦيرائي ٻوڙين پاسي کان آهستي ٽي ٻه توپون آڻي ٽڪري تي چاڙهيائين. سنڌ جي لشڪر جي مکيه ڇانوڻي آتان توپن جي مار ۾ هئي، ۽ افغانن ٻنان دهل دماسي جي آتان مٿن توپون وسائڻ شروع ڪيون.

باوجود انهيءَ اوچتي بمباري جي، سنڌ جو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿيڻ بدران پوءِ ٿي هٿن جي بدران مقابلي لاءِ تيار ٿيو. غلام مرتضيٰ شاهه سنڌ جي فوج کي سورهيائي جو سبق سيکارڻ لاءِ سڌو ٽڪري طرف حملو ڪيو. حيدرآباد جي دستن جو سپه سالار سيد محمد ڪاظم شاهه، جو غلام مرتضيٰ شاهه جو دوست هو، تنهن گهوڙي جون واڳون ڇڪي اڳواٽ وڏي دليريءَ سان حملو ڪيو، ۽ دشمن جي پيادل فوج جون پٺيون ڪيي ڇڏيائين ۽ آخر دم تائين وڙهندي ميدان ملهايائين. سيد محمد ڪاظم شاهه جي ڪرڻ تي، غلام مرتضيٰ شاهه ٻڻ مست هاٿي واري حالت ۾ تلوار هٿ ۾ ڪري ميدان ۾ اڳتي گهوڙو ڪڏايو، پر اتفاق سان توب جي نيشاني جو

شڪار ٿي شهيد ٿيو. سنڌس ڪرڻ تي حيدرآباد جي اميرن جي وزيرن مان خاص ملازم دريا خان نظاماڻي اڳواڻ ٿي اڳتي وڌيو ۽ آخر سمندر خان جي پاڻني هٿان شهيد ٿيو. ان بعد جهان خان مري پنجاهه سٺ جنگجو جوانن جي دستي سان اڳتي وڌيو. هنن سورهن هڪبني جي ٻهراڻن جا پلؤ ٻڌي ڇڏيا هئا ته صف ڀنجي آخر دم تائين مقابلو ڪن. مردن ترارين هٿ سان انصاف ڪري ڇڏيو ۽ روهيلن جون ٻتيون ڪڍي ڇڏيائون. جهان خان جنهن مردانگي سان وڙهيو ان جو مثال ڪونه هو. باوجود دشمن جي وڏي تعداد جي هي مڙس ڪين مڙيا ۽ آخر دم تائين وڙهندي ميدان ڪي پنهنجي رت سان رڱيائون.

دنيا ۾ اهڙي سورهيائي جا ڪي ٿورا مثال ملن ٿا ۽ سنڌ جا پهلوان ٿورا هئا مگر ان هوندي به حياتين ٻچائڻ جي ڪٿ ئي ڪانه ڪيائون، ۽ مرد ٿي منهن ڏيئي موت سان مقابلا ڪيائون. 'تازه نواي معارک' جو مصنف مجي ٿو ته ميان غلام مرتضيٰ شاهه، عاليجاه سيد محمد ڪاظم شاهه، عالم خان مري ۽ شجاعت نشان جهان خان مري جهڙا دلير ۽ بهادر مڙس هن جنگ ۾ ائين مرڻ جا ڪين هئا پر تقدير ائين هئي.

روهڙي جي قاضين مان ڪنهن بزرگ جي بياض ۾ "ڪرڙي جي جنگ" جا هيٺيان واقعا تاريخن سميت لکيل مليا، جن مان ظاهر آهي ته نواب عالم خان مري ۽ سنڌس ساٿي هفتو اڳ ڀرئين حملي ۾ شهيد ٿيا ۽ خاص 'ڪرڙيءَ واري جنگ' تاريخ ٢٧ شعبان، اربع ڏينهن، سنه ١٢٤٩ هه، تي لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا سورهيه سپهسالار بهادري سان حملو ڪري مٿي ٽڪر تي چڙهي وڃي دشمن تي ڪڙڪيا ۽ آتي ئي وڙهندي شهيد ٿيا.

خليفي نبي بخش صاحب ڪرڙي جي جنگ ۾ سنڌ جي انهن سورهين واري سمان کي سامهون رکندي پنهنجي رسالي ۾ "سر ڪيڏاري" ۾ هيئنءَ ريت ڳايو آهي:

فصل - ا

شجاع! نيڪ صلاح، وٺ تہ، ويري نہ پسين
چاڙي هيڪ اللهہ، قلم جنهن جي هٿ ۾.

شجاع سنڌ ۾ ويھ، اوڏا اڏي نجهرا
هيڏ تنهي جو ڏيھ، حامي حيدر جن جو.

شجاع ويھ ۾ سنڌ، اوڏا اڏي نجهرا
هتي راوت رند، وتن قلعي ڪوڏئا.

اچي اڄ امير، ڪرڙيءَ خيما کوڙيا
پيچري پيڙا نہ ٿيا، مهند نہ آيا مير
ڏنو سر سڌير، مرتضيٰ ميدان ۾.

ڪرڙي ڪاٺي رت، پٽ نہ وجهي وات ۾
پڙ ۾ پهلوانن جي، ويڙهي ورکي پٽ
جنهي نيڻ نيستت، نينهن نہ لائي تن سين.

ڪرڙي ڪاٺي ماھ، پيئي رت پيالين
ويئي سڏي شاھ، جو ڏيندو سر ڏياچ جان.

ڪرڙيءَ ڪتڻ پير، تہ مون وڏو وس ڪئو
کوڙين پڳا ڪيترا، پڌي دنگ دلير
وڏو سچي وير، ڪنهن پر ڪهي ڪاٺيان.

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏيا، نئونڌ نچندا ڀَس
چڙهي تن ترس، ملنيو شاه پٺاڻ تي.

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏيا، ڪانئين مور نه ڪن.
ايندي لاٿو آسرو، توڙئون مٿان تن
جوڳ مچائي جن، پوک پچندي تن جي.

پيره جهٽندا پس، علم-طوق امير جا
ڏڙ ڏرتيهين ڳڏيا، لوٿون لڇن لس
ڌوڙون ڀائي هَس، اچي ويٺيون اوڏڙيون.

ڪري ٻوه پٺاڻ، اچي پٺو اوچتو
ڏَوڙتا لک درياه ڏي، تارُو رکي تاڻ
جنهن مرتضيٰ مين ماڻ، سو راه پريندو رُڪ جي.

متي آرڻ اڄ، ڪونڌ ڪڏندي آئيا
ڀڙ ۾ پهلوانن ڪي، لڏڻ ڏي نه لڄ
پيهنئو وڃن پيڄ، سائٿو ٿين سامهان.

ڀڙ ۾ پَوڙيءَ رنگ، مانجهين رتا مولهيا
تريا رت تئُرنگ، رڻ ۾ راماڻا ڪري.

ڪناري ۾ ڪات، مَن مرادون ڀنيون
رت پريائون وات، مانجهين هڏ مڇائيا.

هَلو مَلهو مانجهيا! وريهين وڻون وير
جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، هوءَ ڳٺيا پير
ٿيندو سڏ سوير، صبح شهيدن ڪي.

سڀئي ڄاتائون سڌ، جيءَ جيءَ ڪري اٿيا
غازي ٿيندا گڏ، آمثل علي شاه سين.

فصل ـ ٢

سو مـَر مرڪي ميرُ، مـَثل جنهين جو مرتضيٰ
ڏياٿي دشمن کي، ڪنڌ ۾ ڪوڙي ڪيرُ
هادي همه گير، هٿي ڪـَند هٿن سان.

مرتضيٰ جي من ۾، وڙهڻ جي وائي
شجاع سالم سنگتي، سانس سپاهي
قضا الاهي، آئي مر امير جي.

سوڀون سر گهـُرن، مر ري سوڀ نه سپجي
سوڀ برابر سيسيون، توريان تان نه ترن
جي هيـَنيڙي منجهه هـُرن، سي مـَثل مهانگا مورڏين.

سيسي لئي سوڀ، جي هوند پايان پاند ۾
هي جڳ سوڌو لوڀ، هو ٻن گهوريو گهوريان.

سؤ سيسين ڏيئي، وک وڃي هيڪڙي
جنهن ٽيزي سر ٽيئي، مرڪايو ميدان ۾.

رڻ ۾ متي راند، اڄ آگهوري آئيا
ڪونڊن ڪـَلها گڏيا، پاسي ٿي پـَسماند!
چمڪيون چڙهي پاند، متي مير سرواهيون.

هيءَ گل گولي شاه، پرڪا ڪارڻ پوکٺو
ڪنڌو منجهه، صباح، مقابلو ميدان ۾.

ٽَڙڪايائون مير، ٻٽ پاريائون پاڻهجي
اهڙو مڙد مڻنير، گهر سيا ڳهي سڀجي.

—

وڙهه وڙهندن ساڻ، هيٺي هڻ ۾ هٿڙا
ڪڏائي ڪيڪاڻ، غازي! مار غنيم کي.

—

مڱڻچن مٿي هٿڙا، رت پڪليا وار
ڇڻا ڏَس ڏيون ڪري، گڙيا گرز غبار
اچي اڙد امير تي، آلٽيا انڌوڪار
چوندِيو چٽني پار، تو ڀاڳا ڀيڇڻ ڪان وٺي.

—

هٿيڻ، ڇڪيڻ، ڪاٽيڻ، وڙهج ويريءَ ساڻ
ڀِرين مارج ڀاڻ، ته سوڀ ملهي ٿي سٺري.

—

ڪٺارو ۾ ڪڍ، ويريءَ جي وجود مان
وڏو ويڙهو وڍ، آنڊو وجهي آڳرا.

—

جانُ جانُ جهيڙو نه ڪري، تانُ تانُ ناهي سک
وڏو ويريءَ آڳرا، پڇڙو لاهي ٻک
راوت هٿان رُڪ، رت ۾ راماڻا ڪري.

—

هڻ ڪٺارو ڪاٽ، ويري ويڙم نه سهي
مڇڻ ڪا مصلحات، ڪانئر وجهيئي ڪن تي.

—

ڪانئر سندي، ڪن تي ٻولي هڏ ۾ ٻڌند
مر ته موچارو ٿئين، هيءَ نه مونڻ سڌند
ڪتڇن منجهان ڪندم، ڀمهي ڪڍ ڀڻاڻ کي.

—

ٻڌج ۾ ٻڌجين ڳاءِ، ٻاءِ ٻانجاري آن سان
سڄڻ تنهنجي ماءِ، مٺهن مٺاهون نہ ڪٿي.

پڇي ٻچ ۾ ڪانڊ! مر نہ ماناڻي ٽيان
تو ميڱا تو سچا، رڻ ۾ رمن راند
تو سيز سوڙ ٻاند، آءٌ ڪيئن اوڍي سمهان.

جي تون پڇي آئيين، تہ اوڏو مون ۾ اچ
تو ڳل ڏيان ٻانهڙي، ڪُر ڪي لايان ڪچ
مون سهائي سچ، ڪوڙيون ڪانڊن ڪوڏيون.

جي تون پڇي آئيين، تہ آءٌ تنهنجي پيڻ
نَٽ تنهنجي نڪ ۾، وجهان ڏيئي ويڻ
تو ڏي ڪٿان نيڻ، تہ ڪر ٻسان ٻٽ ڏي.

جي تون پڇي آئيين، تان تون ڪانڊ ۾ ڪيچ
ويهہ ڪوڙائي ڪوڏ سين، مادر جهوليءَ مچ
جا ڏاڙهي ٻڪيءَ ٻچ، ساڪوند تہ ڳاڏي آجري.

ڳاڏي ڪٿي صاف ٿي، چٽ چٽائي مانڪ
تو مر چڙهي نانڪ، تہ مون مٺهن مٺاهون ٿئي.

فصل ـ ٣

سوٽيا مادر زاد، پٽ ٻين جا رانٽيا
وٺا وساري نڪري، يار نہ ڪيائون ياد
سندو سوپ سواد، سر فروشن سڀجهي.

هٿان حيدر شاه، سبق شجاعي سکيا
مٿي آئي ماري، ٻي نہ ڪندا ڪا
جيڪا رب رضا، سا ڪؤنڙ قبولي هليا۔

سوره، سندي سر تي، سسيءَ سندو ٻار
جي تڙي تن تڙار، تہ حق ادا ٿئو ان تان۔

ڇڳي تير تڙنگ، ٻڙ ٻاهورا ڪري
جهڱون رت جهٻلين، ڪيائون سنج سرنگ
دعوي ـ دار دُرنگ، ڪٽيا شاه ڪٽار سين۔

سري ذات سري جي، تنهن ڪوءِ ڏچي ڪينہ
ظاهر ٻت بشر جو، سيني اندر شينه
تني چاڙهي چينه، ڪلنگيون جن ڪپار ۾۔

ڪلنگيون جن ڪپار ۾، ٻاڻي تن ٻرڪ
هٿي هٿ هاٿيءَ کي، ٻي سڀ مهندان مرڪ
ويا اڏامي ڪڪ، ٻڙ تان ٻاهڻ نہ چڙي۔

مرڻ ٿئو سرڪ، جيڻ جنيرو ڪري
جي ڪندا تن تڙڪ، سوپ سرندي تن کي۔

ٻاڪر اوڏ ۾ تن تي، آڏي جهل ۾ اوٽ
ڪوڙين آڏا ڪوٽ، تہ ٻڻ ڪانُ قضا جو نہ گسي۔

تن توڪل ٻاڪر ٿوءِ ٻاڪر هڏ ۾ ٻا
سينو سپر سامهون، آڏو ڏيندو آ
سندي رب رضا، ميچ تہ مٿاهون ٿيين۔

رڻ، راوت ۽ رڳ، نيٺي پرتا پاڻ ۾
هيتائون پنڌ ٿيا، منجهان ميڪ سڙڪ
تيموري ترڪ، هاچو ڪري هليا.

هاچو ڪري هليا، ٿيو شاهه شهيد
روزو چنو رڻ ۾، اڳيئون آئين عيد
مرشد ۽ مريد، هردوئي هيڪ ٿيا.

ڳائو ڳجهه ڳاءِ، ماهي ماس نه هيرئين
تني ڪي واجهاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾.

ڳجهون نه ڳاڙهي وات، مون لمندي ڏٺيون
جيڪس مانجهي ماريا، رڻ ۾ هيٺين رات
پڪارون پريات، ٻڌم ٻانهيارين جون.

باب اٺون

ٽالپورن جي دور جون جنگيون

١. گهگهي واري جنگ

هي جنگ جوکين ۽ ڪرمتين جي راڄدارن جي وچ ۾ لڳي، جنهن ۾ ڪرمتي سلک يا چار ٻجار پنهنجي سر شامل ڪين هئا. راڻي ارجن واري جنگ کان پوءِ ميان غلام شاه، جو ٻجار تي وڏو راضي ٿيو ۽ 'چامائي' به کيس ڏنائين. چار ٻجار پوءِ ڪاري جبل کان وٺي حب ۽ ملير تائين پنهنجي طاقت قائم ڪئي، ۽ اڃان به اڳتي ساڪري واري آباد زمين کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. انهيءَ طرف ڪرمتي سلک ۽ ڪرمتين جا راڄ ۽ راڄدار طاقت وارا هئا. اهو ڪلهوڙن جي حڪومت جي پڇاڙي وارو دور هو. سنه ١١٩٦ھ ۾ جڏهن مير فتح علي خان هالاڻي ۾ فتح حاصل ڪئي ته هن سنڌ جي اندروني طاقت وڌائڻ خاطر ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ قومن ۽ راڄن ۾ صلح ۽ ٺاهه ڪرائڻ واري روش اختيار ڪئي.

ساڪري واري زمين جنهن تي نزاع هو سي ٻه ديهون هيون، گهگهي ۽ سيري، جيڪي ميرپور ساڪري کان ستر آيرندي ٽن ڪوهن کن جي مفاصلي تي آهن. مير صاحب فيصلو ڏنو ته 'پٽڏيا' جي ديهه سڄي چار ٻجار کي ٿو ڏيان، باقي "گهگهي" لاءِ اتي جا ٻيا راڄ امين ٿين ۽ انهن جي قسم تي فيصلو ٿئي. جيڪڏهن ڪا ثابتي پيدا نه ٿئي ته پوءِ "گهگهي" وراهي اڌواڌ ڪريو. انهيءَ فيصلي لاءِ مير مزار ڪرمتي کي امين ڪيائون. شاهدي ۽ ثابتي لاءِ ٻاڙيسري

راڃن "ڏيٺن" ۽ "سورن" کي سڏيائون، جن قسم کڻي شاهدي ڏني ۽ ان موجب مير مزار دنڪ ڪڍايو، جنهن موجب گهڪهي جي سڄي ديهه ڪرمتين جي پاسي اچي ويئي. پوءِ مير مزار حيدرآباد ويو ته سڄو فيصلو وڃي مير صاحب کي ٻڌائي ته اهو قائم ٿئي. ٻئي طرفان چام ٻجار جي طرف جا جيڪي ماڻهو فيصلي ۾ آيا هئا، تن وڃي چام ٻجار کي ٻڌايو ته:

ڏيٺيا آيا دنڪ تي، پير ھڻي وارا
کڻي مصحف سڻي تي، ٿيا سمهٺا سورا
نيائون گڏ گهڪهيءَ مين، چام! پاسا "پڏي" جا.

يعني وڏائڻ ڪري وڃي ٻڌايائون ته گهڪهي سان گڏ ھڏي جي ديهه جا پاسا به کڻي ويا. تڏهن چام ٻجار جو پٽ چاڪر جيڪو اڃا جوان ٿيو هو، ۽ وڏو بهادر ۽ پهلوان هو، ان سان گڏ هٿيلو ۽ ڏنگو هو. چام ٻجار ۽ هاڻي چاڪر جي چٺي پٺيان هو- لشڪر سان چڙهيو ۽ اچي گهاري وٽ ڪٽي لٿو. ان وقت ڪرمتين جو پڳدار سنڪ مريد هو، سو چاڪر وٽ هلي آيو ۽ چيائين ته: زمين جي فيصلي تان ڪين وڙهنداسون، تون حيدرآباد وڃ، مزار خان اتي آهي ۽ فيصلي ۾ توکي اوتري ئي زمين وٺي ڏي. نشاني طور ملڪ مريد ڪيس پنهنجي گهوڙي "واڏي" ڏني.

تنهن "واڏي" واري ڏني، پنهنجي سنڪ مٺيادار
ته مزار تو لئي در تي، ڪندو عرض اپار.

پوءِ چاڪر پاڻ جنگ لاءِ ڪونه آيو، باقي پنهنجو لشڪر چاڙهيائين ته وڃي گهڪهي تي قبضو ڄمائين. جڏهن هي لشڪر اچي پهتو ته ڪرمتين ۽ سنڌن راڄدارن جو به جيئي نوتياڻي جي اڳواڻي هيٺ لشڪر سنبري آيو ۽ چيائون ته:

"سرين" برابر سنگ، آهن گهگهيءَ جا گلاب ڇوءَ
جو کيا جنگ ۾ جنگ، نه ته مڙس پئوندا مامري"

پوءِ جيئو انهيءَ لڙائيءَ ۾ ماريو ۽ فتح ڪرمتين جي ٿي، جوکين جا به گهڻا ماڻهو مئا ۽ هو قبضو ڇڏي اٿلي ويا.

جيئو نو تياڻي جنگ جو جهونجهار هو. راڻي واري جنگ وقت هو، پر پهچي ڪونه سگهيو هو.

راڻي ۽ رحمت الله سين هئا ڪين هزار
جيئا جهونجهارن جي سگهي لهج سار.

جيئي جي جنگين تي ڦلاڻو چيائون ته:

جيئا جنگان ايوين جيوين سهندري چنگان
نر مزار ايوين جيوين ڪنبرين ڳوهان.

(جيئو جنگين ۾ ائين هڪلون ڪري ۽ ترارين جا واڇٽ وهائي جيئن مينهن ۾ چڙا پيا وچن. مڙس کي ائين ماري جئن شينهن ڳوهن کي جهوري.)

سندس بهادري کي ڳايائون ته:

جيئو سدائين جنگ ۾، جيئو نه جنگان ڏار
جيئي جي جنگ جا آءُ پيچ ته ڏيان پار
جهڙي ڏِت ڏندرين" جي تهڙي سونهن سردار
جهڙو نڪ نراڙ ۾، تهڙا ڏاڙهيءَ پنيا وار.

جيئو هليو جنگ تي، پهاڙي پتنگ
تنهن گهگهيءَ جو گلاب ڇٽي، وڃي دولهه،
ڪيڏيو د نگ
ترارين ترڪنبل، ڪونهي سلهه مانجهيءَ جو.

جيئي جهڙا جوان، مَر جٺي ڪا ماءُ ڙي
تڪيءَ ويل ترار ۾، آهن ٻيٽَ ٻليرا ٻائي
ميرن ملهائيي، مٿن گهگهي تون، گلاب چوءِ.

جيئو هليو جنگ تي، ڪٺي ٻڙ ٻالو
ڦڙڪي فوجين مهند ۾، آهي آتالو
نوتياٽي نالو، اجاري آچو ڪيو.

٣. قدمن واري جنگ

گهاري ڪان ڏکڻ، ڪوٽ ’راڄ ملڪ‘ لڳ، سنڌو
درياءَ جي اڪوٽي ڀمٽ ’ڦيٽي‘ تي ’ميران جو مقام‘ يا
”قدمن وارو قبرستان“ آهي، جتي ڪرمتي ۽ جوکيا ماڻهو
دفنائيندا هئا. ”گهڪهي واري جنگ“ ڪان پوءِ هديه قبيلي
جي ڪرمتين جو ڪو ماڻهو گذريو هو ۽ هنن نعش دفنائڻ
لاءِ کڻي آيا هئا. ڪين رات اتي مقام ۾ ٿي پئجي وئي ۽
اتي ئي ترسي پيا. چاڪر جوکيو پنهنجن ماڻهن سان آسپاس
پئي هليو ته ڪيئن ”گهڪهي واري جنگ“ جو پلاند ڪري.
ان وقت هو قدمن واري مقام ڪان اوير ’اهب‘ جي ڪوٽ
۾ اچي پهتو هو. ’قدمن واري مقام‘ تي ان وقت هڪ مجاور
’پنهل‘ ٻاڙي جو جوکيو هو، جنهن وڃي چاڪر کي خبر
ڪئي ته وير وجهڻو اٿئي ته مڙس (ڪانڌي) ستا پيا آهن،
هلي مارين.

پوءِ جوکين رات جو انهن ڪانڌين تي اوچتو حملو ڪيو.
ڪرمتين جي طرف وارن مان هسو لاشاري (ٻاڙو مڇر)
۽ پيروز وڙهيا ۽ وڙهندي ماريا. هسو چار مڙس ماري
اچي چاڪر کي چتايو ۽ ترار سڌي ڪاهار تي ورايائينس:

هسو تي هاڪار ڪيا، مڇر مڏيادار
تي چڙهايائين چاڪر کي، ڪومي منجهه ڪپار.

ان وقت ڪنهن هڪڙي پالو هنيس جو هسو وڃي
ڪريو ۽ مري پيو. اهڙي طرح چاڪر بچي ويو. پوءِ
جوکيا آتان اٿلي ويا. شاعر بکر گدي انهي واقعي ڏانهن
اشارو ڪيو آهي ته:

پيروز ڀوريون اکرين، هو سورهيه ساڪاڻي.

جاڳائي جوانن کي، جي هٿا هٿائون
۽ خبر لڌائون، هوند ٻازن جي ٻکر چوءِ.

جيئن ته اها جنگ ميران جي مقام يا قدمن وٽ لڳي، تنهنڪري "قدمن واري جنگ" جي نالي سان مشهور ٿي. 'پنڊ' جوکيي جي چغليءَ تان اهو پهاڪو مشهور ٿيو ته: "جک ماري جوکيي، ته ٻه چوندو سڀڪو چاڪر کي." (يعني ٻه حرف چاڪر تي آهي، باقي چغل تي ڪهڙو حرف).

قدمن واري جنگ ۾ جڏهن ڪرمتي ماريا ته ڪرمتي وري جوکين تي چڙهيا. قيصر خان حماتي به ساڻن شامل هو. گهاري جي لڳ ڀڳ ويسو جوکيو همت وارو هو، سو ترار کڻي بيهي رهيو ۽ چيائين ته: جيڪي گهوڙن تي چڙهيا ٿا اچن، سي گهرن تي اچي سهڙندا. پوءِ پنهنجن ماڻهن سان گڏ مقابلي لاءِ بيهي رهيو ۽ ڪرمتين جي لشڪر مان ڏيهر کي ماريائين. پوءِ سمڙي گبول حملو ڪيو، جنهن ويسي کي ماريو.

ويسو ڏيسر ست ڏيا، رانديون پيا ريار
ويسي ڏيسر ماريو، ڪيائين ڀئي جي ويچار.

سمڙي گبول سيف ڪڙي ڪيي،
تنهن اجلي جيئن ٻرسڻ لايو.

سمڙي ويسو ماريو، ڪيائين ٻئي جي ٻهار
لاهي شال ڪلهن تان، وڌي متس حماتي ڪٽر آجار.

ڦڳل سمڙ لاشاري پهلوان هو ۽ جنگ ۾ ٻه پٽيون ڪٽيندو هو، پر جوکين سان جهيڙو ڏيندي ڦڳل لاشاري جنگ مان وٺي ڀڳو. هسو لاشاري کيس پڄندو ڏسي پويان ترار هنيس، جهڪا پٺيڻ کڻي ويس.

ڪرمتين مان گڏ ڀيا جيڪي لاشاري هئا. تن مان مَندري مُنڊير، موسي مَنڊير، شاهي موراٿي منڊير، جيئند ڀٽاياڻي مُنڊير ۽ مريد شَنبانڻي لاشاري ڪي ڪنهن شاعر پنهنجي هڪ بيت ۾ ساراهيو آهي، جو انهن جي حملي مان جوکين جي لشڪر مان ’ڏارا ناڱرا‘ ۽ ’ميري‘ ڀاڙن وارا ميدان مان ڀڳا.

مَنڊو منجي اٿيو، ڪنيو خان ڪيڙو
شاهي وڏا شوڪارا ڪيا، ڪوڪانڀ وڏو ڪيڙو
جيئند جهونجهارن ۾، هو عهدي انگيرو
مريد تي ميڙو، هو اهر اوارين جو.

ڀڳا ’ڏارا‘ ’ناڱرا‘، ڀَڙيا ڀيرو
”ميري‘ تن جي مهند ۾ سيريا سويرو.

٣. راهيجي واري جنگ*

راهيجي وارو مقابلو خاص طرح لهاراڻين برفتن ۽ چانڊ بجار جي پٽ چاڪر جوکيي جي وچ ۾ ٿيو، جنهن ۾ چاڪر ماريو. راهيجي جو مڪان، کاري جبل کان اتر طرف آهي جتي پٿرن جا نشان لڳل آهن.

چاڪر جوکيو، چانڊ بجار جوکيي جو پٽ هو ۽ وڏو بهادر هو. ايڏي طاقت هئس جو تازي مثل جانور جا عضوا پٽي اڇليندو هو. جهيڙي جو جهونجهار هو. مخالفن سان وڙهڻ ۽ وير وجهڻ جو ڪوڏيو هو.

چاڪر پٽ بجار جو، سورهيه ساماڻو
وڙهي ٿو ويرين سين، ڪرکهي ٿو کهاڻو
منڊل ماڻڊاڻو، آهي سورهيه سنڌي سر تي.

چانڊ بجار کي ٻه گهر هئا: هڪ مان ٻه پٽ ۽ ٻي مان هڪ پٽ چاڪر هوس. چاڪر جي ماءُ ماڻي برفتن جي حملائي پاڙي مان هئي. ٻيئي پٽ اڇا ننڍا هئا جو بجار کان پڇيائون ته انهن مان بهادر ڪهڙو؟ تنهن تي بجار آزمودو ورتو. هڪڙي تازي وڍايل ڪُتي جا ٽي ڳار آڻائي تنهي

---

* هن جنگ جي خبر، ان جو سبب ۽ چاڪر جوکيي بابت حالات هڪ ڪافي وڏي عرصي ۽ وڏي محنت سان جدا جدا چاڙو ماڻهن ۽ سگهڙن کان گڏ ڪيا ويا. جيئن ته (١) دريجي جو سگهڙ مرحوم محمد امين پوٽاڻي (اميد علي خان جو مامو)، سردار اميد علي خان پوٽاڻي، سگهڙ حاجي محمد سوڍو بگهياڙ (ميروز ساڪرو) ۽ حاجي اسماعيل بنديچو (ڪرمتي)، سگهڙ عبدالله جوکيو، وڏيرو علي مراد پڙرو (اٿل)، عبدالرحمان رونجهو (شهر پيلو)، سگهڙ الله بخش پالاري، پونڊو خان گبول (چکرو، شهر ڪراچي)،

پڻن کي هڪ هڪ ڏيئي چيو ته وڃي گور تي ڪٽيءَ کي ڏيو. هو ڏانهن اشارو ڪيائين ته ڪٽيءَ کي ڇڏيو. ڪٽي هئي ڏنگي ۽ ڇتي ٿي بيٺي هئي، تنهن ڇوڪرن تي رومڙ ڪئي. ٻين ڇوڪرن ته ڊپ کان گلر ڪٽي ڇڏيا پر چاڪر نه ڇڏيو. ڪٽيءَ چڪ هڻي ڪانچ ڦاڙي ليڙون ڪري ڇڏيس ته به گلر کي نه ڇڏيائين. تڏهن ٻجار چاڪر ڏانهن اشارو ڪري چيو ته منهنجو بهادر پٽ اهو آهي.

چاڪر سورهيه هو پر ڏنگو ۽ اڙدو سورهيه هو. هڪ ڀيري سن ۾ سيّدن وٽ ويو. اتي ڪنهن نوجوان وٽ گولي مار نئين بندوق هئي، جنهن چيو ته هي گولي ٻري کان شينهن کي اڱڻ ماري ڇڏيندي. اهو وقت ترار جو هو ۽ چاڪر ترار جو تکو هو. اهو ٻڌي چاڪر چيو ته: اها شينهن کي ماريندي پر ميدان ۾ مڙس کي نه ماريندي. نوجوان سيّد چيو ته: نه، ماريندي. تڏهن چاڪر چيو ته: آءٌ ٿو ترار ڪڍي ٻاهر اڪران ۽ پڻ کو اها بندوق کڻي ميدان ۾ اچي، پوءِ ڏسو ته مون کي تو ماري يا آءٌ ٿو اڪ ۾ مٽ ڪريانس. پوءِ هن نوجوان بندوق کنئي ۽ چاڪر وڃي سامهون ڀڙ ڪيو. ايتري ۾ اها ڳالهه اندر حويلي تائين پهتي ۽ وڏو سيّد وڏي اچي وچان پيو. چون ٿا ته(١): هڪ ڀيري چاڪر سن ۾ آيو ۽ سيّدن جي اوطاق تي ٻين سان گڏ ويٺو هو جو پريان ڪارو نانگ ڪچهري ۾ گهڙي پيو. ٻيا ماڻهو ڊپ کان پڇي پاسي ٿيا پر چاڪر جٿن ڪاٿي ڪيڏيو ويٺو هو، ٺٿن ويٺو رهيو(٢).

---

(١) جيتري قدر مون کي ياد آهي ته اها ڳالهه مون سان سائين غلام مرتضيٰ شاه صاحب (جي. ايم. سيد) پاڻ ڪئي (نبي بخش)

(٢) ڪنهن اهڙي خبر به ڏني ته جيئن ئي نانگ چاڪر وٽان ٽپيو ته پڇ سان جهلي زمين تي ٽپيائينس ۽ ماريائينس.

چاڪر کي مقابلي ۾ ڪنهين ڪونه هئايو سواءِ درياخان
حملائي جي، جيڪو پڻ ڏاڍو مڙس هو. چاڪر ان کيس
هيسائڻ لاءِ زوري وچي درياخان جو مال هنيو ۽ درياخان
به اچي منهن مقابل ٿيو. چاڪر ترار جا ٻه ٽڪا وار ڪيا
جيڪي درياخان ڍال تي جهليا. پوءِ درياخان جڏهن وار
ڪيو ته چاڪر ٻڪين پوڻ لاءِ اڳتي وڌي آيو، جنهن تي درياخان
جو ڪرڙيو (ترار جي مٺ) وڃي ڪلهي ۾ لڳس، ۽ اهڙو
زورائتو ڌڪ لڳس جو چاڪر وڃي ڪريو، جنهن تي
درياخان ڪريل مڙس کي پيو ڌڪ ڪونه هنيو. پوءِ
چاڪر کي کڻي ويا. اهو ڌڪ هن کي اهڙو اثرائتو لڳو
جو ڪڏهن ننڊ ۾ درياخان جو نالو وٺي اٿي ڪڙو
ٿيندو هو.

چام ٻجار عقل جو اڪابر هو، ۽ چاڪر ايتري وڏي
نظر وارو ڪونه هو ۽ ٻعضي پنهنجن جوکين مان به گهڻن
کي ڏکيو ڪيائين، تنهن تي ڪنهن چيس ته:

چاڪر چو چڪاسيين جيڪي ٿڪي روزگار
ٻچ ڪنهن ٻادشاه تي جنهن ۾ لب لغار

هڪ ٻيري گودڙ نالي 'مهمت' جوکيي کي، جيڪو
به همت وارو ڏاڍو مڙس هو، ڪنهن ڳالهه تان ڏويڻون
ڏنائين ۽ گابي وانگر رنياپائين. جنهن تي گودڙ چيس ته:
مارڻو اٿي ته ماري ڇڏ، باقي جٺيون نه ڪر. چاڪر ته به
نه مڙيو. جنهن تي گودڙ چيس ته: مون کي سو رنيايو اٿئي،
باقي ڪا مهل آئي ته آءٌ به ڪجهه ڪندس. گودڙ پوءِ
چاڪر سان اهو ٻلاند راهيجيءَ واري ڏکي ويل تي ڪيو.

'قندس واري جنگ' ڪان اڳ حڪومت ڪلهوڙن
کان ڦري ٽالپورن جي هٿ ۾ آئي هئي. مير فتح علي خان
اها ڳالهه ڳڻي ته سنڌ ۾ جتي جتي قومن ۽ راڄن ۾ وير ۽
جهيڙا جنگيون آهن اهي ختم ڪجن، ۽ راڄن جا پاڻ ۾

صلح ڪرائجن. مير مزار ڪرمتي جڏهن ونس ويو ته، ڪيس چيائين ته اوهان صبر ڪريو. امان ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي فيصلو ڪنداسون ۽ چاڪر جيڪا آره زوراني ڪئي تنهن ڪي به سمجهائينداسون. پوءِ چام ٻجار ۽ مير مزار به، پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ مڪلي واري جنگ کي ملتوي ڪيائون.

چام ٻجار، چاڪر کي سمجهايو، جنهن مير مزار کي ڏاڙهي ڏني ته آءٌ ڪاٻه اڪِرائي نه ڪندس. پوءِ ميرن چاڪر کي پاڻ وٽ گهرايو. ڪن جو چوڻ آهي ته برفت ملڪن گهڪهي واري جاگير تي قبضو ڪري چام ٻجار کي ڪنهن به مالڪاڻي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. انهي دانهن لاءِ چام ٻجار ٻنهنجي پٽ چاڪر کي ميرن صاحبن جي درٻار ۾ سوڪليو ۽ پڻ چوائي موڪليائين ته: آءٌ پير مرد آهيان، چاڪر خدمت ۾ موڪليان ٿو. ڪيس به سمجهائيندا ۽ برفتن کي به هدايت ڪندا، اسين صلح ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

چام ٻجار، ڏريجي جي پٽوتاڻي سردار کان سندس ڌيءَ جو سڱ چاڪر لاءِ ورتو هو. وقت گذري ويو هو، پر مسلسل جنگين سببان شادي ڪانه ٿي هئي. اڃا به هڪ طرف ڪرمتين جو ته ٻئي طرف برفتن جو وير بيٺل هو. چاڪر جي سٻاڻ ته به چام ٻجار تي زور رکيو ته ڪٿي به چاڪر جي شادي ٿئي؛ جنهن تي چام ٻجار طرفان مير مزار ڪرمتي وٽ نياڻين جي ميڙ آئي ته جنگ هٽايو جيستائين چاڪر جي شادي ٿئي. مير مزار ميڙ کي مٿهت ڏني ۽ ماين کي چيو ته: ٻلي آيون، چاڪر کي ٻلي حيدرآباد مان وٺي وڃي پرڻايو. ڇهن مهينن تائين اسين ٽالو ته وٺنداسين. پوءِ ٻي ميڙ برفتن جي "حملاڻي" پاڙي وٽ وئي جو "جهل واري جنگ" ۾ انهن جا مڙس مئا هئا. هڪ ٻي روايت موجب چاڪر، عارب ۽ اوباهيي برفت جو پاٽ ماريو هو، جيڪي مول جا

ويٺل هئا، اهي ويڙهه لاءِ سنڀريل هئا. ٻرڦتن چيو ته اسين ويڙهي آهيون ۽ ويڙهه وڙهنداسون. جي ترارين جي ڌار ۾ چاڪر جي هٿ رهجي وڃي ته ڀلي رهجي وڃي، پر ائين ڪين ڇڏينداسون.

ٻيءَ هڪ روايت موجب 'قدمن واري جنگ' کان پوءِ ٻروچن، چاڪر ڪي چوائي موڪليو ته: ويڙهه ڪونه ڇڏينداسون. هيءَ قضا هئي جو ائين وهي وئي، باقي اسين سڀ سري ڪين ويا آهيون. ان وقت چاڪر جو پاڳ ۽ ڪي مايون ميرن تي مَلڪ مريد يا ملڪ ابراهيم ڪرمتي وٽ آيون ۽ ست ڏينهن ويٺيون رهيون ته: اسين چاڪر ڪي ٽيون پرڻايون، ايستائين ويڙهه نه ٻاڙيو. مَلڪ چيو ته: اوهان نياڻين آئي مون سڀ ويڙهه ڇڏيا، پر چاڪر تي ڪو اعتبار آهي! چون ٿا ته ان وقت يا ان کان اڳ جڏهن مڪلي جي جنگ جا هاواڻا پئي هليا، تڏهن ڪنهن جوکياڻي مائي پنهنجي سهيلي ٻروچاڻي مائي ڪي چيو ته: ادي، چاڪر جو خيال رکجؤ. مائي ٻروچاڻي چيو ته: "اسان ڪي الڪو ڪونهي جو چاڪر (جنگ نه ڪرڻ جي) ڏاڙهي ڏني آهي." مائي جوکياڻيءَ چيو ته: 'جي ناٿس آنوراءِ (۱) جي ڏنائين ته ٻاڙيندو، پر جي ٻئس ٻجار جي ڏنائين ته ڪين ٻاڙيندو.'

چام ٻجار جڏهن ڏنو ته چاڪر جي ماڻهن جو زور آهي ته هو پرڻجي، تڏهن شادي جا ڏينهن پڌائون. پوءِ هتان مائي پاڻ سان چگو اٿالو وٺي نڪتي ته حيدرآباد مان چاڪر ڪي ساڻ ڪري پوتائين ۽ وڃي ڪيس پرڻائي. چاڪر ڪسي ميرن صاحبن حيدرآباد ۾ رهائي ڇڏيو هو ته فيصلي کان پوءِ

(۱) سنو گبول، هاڙهو احمداڻي ڪرمتي، ۽ انوراءِ جوکيو ٽيئي يار هئا. وڏي ڳالهه ڳت وارا هئا ۽ جيڪو وعدو ڪندا هئا سو پاڙيندا هئا. (ڏسو، "پنيور وارو مقابلو ۽ مڙسن جون ماهيون".)

راڄداري صلح ٿئي ۽ ٻوءِ وڃي، پر چاڪر ٽڪڙو ٽي ’وڄان وڄان‘ پئي ڪئي. جڏهن سنڌس ماڻهو ماڻي حيدرآباد پهتي ته مير صاحب، چاڪر کي موڪل ڏني ۽ فيصلو ملتوي ٿيو. انهيءَ ٽڪڙ سببان چاڪر مارجي ويو ۽ ڪن ٻڌايو ته ڪيس مير مارايو آهي. جڏهن روانا ٿيڻ وارا هئا ته ماڻي چاڪر کي ٻڌايو ته: ابا! ڪرمتي لانگهو ڏنو ٻاقي ٻرفتن نه ڏنو ۽ ميڙ موٽائي ڇڏيائون. تڏهن چاڪر چيو ته: امان، تون ٿي چوين شادي، پر شادي واسطي هلڻ لاءِ واٽ ته ٻرفتين مان آهي. شادي جي ڳالهه اوهان اڪ هٿلائي ڇڏي آهي. جي نه هلندس ته به ماڻهو چوندا ته چاڪر ڪنوار ڇڏي ويهي رهيو. سو امان! تو ته مارايو. پر هاڻي هل ته هلون.

چاڪر سان ان وقت ڇيهه ڄڻا ماڻهو گڏ هئا. الهداد پنڊ (جو ڪيو ٻاڙو پنڊ) ۽ ان جا ماڻهو، گودڙ جوکيو ۽ سنڌس پنجاه کن ماڻهو. اقبال شيدي، هسو لنگهو، گلاب لنگهو ۽ ٻيا نوڪر چاڪر گڏ هئا. حيدرآباد مان روانا ٿيا ته چاڪر، الهداد کي چيو ته: فلاڻي واٽ سان هلنداسون جيئن رات هلي ’راهيجي‘ تي ٿيون. اها ڳڙڪ گودڙ جي ڪَنِ تي اچي وئي. هن جي من ۾ مدي هئي، جو چاڪر ساڻس جهيون ڪري ڪيس رنجايو هو. جي گودڙ دغا نه ڪري ته چاڪر سلامتي سان نڪري وڃي ها:

چوَوَٽ ۾ چاڪر جي، گالهو گودڙ هو
چورڪان چڱي نه ٿئي توڙي سر سکر هوءِ

گودڙ ڏاڍو مڙس چور هو، ۽ ڪو وقت حملائين مان عارب ۽ موٽيي سان گڏجي سال ڪاهيا هئائين. جڏهن حيدرآباد ٿي ويا، تڏهن عارب ۽ موٽيي، گودڙ کي چيو هو ته: ”ٻاڻ هڪ ٿاڻءِ ۾ ڪاڏو آهي. اسان کي رکو ايتري خبر ڏجين ته چاڪر اسان وٽان ڪڏهن ۽ ڪٿان ٿو مڙي.“

عارب شيرو هو يعني تہ ٻرفتن جي 'شيرو' ٻاڙي مان هو ۽ موٽيو 'چورو' هو؛ يعني تہ ٻرفتن جي 'چورو' ٻاڙي مان هو.

چاڪر حيدرآباد مان روانو ٿيو تہ گودڙ اڳواڻ عارب ۽ موٽيي کي چوائي موڪليو تہ چاڪر رات راهيجي تي اچي رهندو. راهيجي جي جُهوءِ ٻارڻ ۾ 'آٽ ٻلاڻ' مڪان جي مٿان آهي، جتي چوڪنڊيون آهن. ٻي روايت موجب گودڙ اڳواڻ چوائي ڪونہ موڪليو، پر مقابلي وقت چاڪر کي ڇڏي ويو.

چاڪر وارا راهيجي تي اچي رهيا، چيائون تہ رات جو هتان نڪرنداسون. سفر لاءِ الهداد ٻنڌ ٻاڻي کڻڻ لاءِ ويو تہ هڪڙي هنڌ تماڪ جو دڪايل پتو ڏٺائين. موٽي اچي ٻڌايائين تہ ٻرفتين جا مڙس هتان سٽي ويا آهن، سي چاڻ تہ ٻهتا، اتي ٻرفت بہ اڙ ڪري ويٺا هئا، سي اچي سامهون ٿيا. چاڪر جي ماڻ وڏي وچي کين شرمايو تہ "هينئر موٽي وڃو تہ آءٌ چاڪر پرٺايان، باقي ٻوءِ آءٌ چاڪر کي سڱونگيءَ ۾ ڪاڻہ ساڻيندس." ماڻي جو اهو گفتو ٻڌي هو مڙس مڙيا ۽ چاڪر وارا بہ اتان اڳتي روانا ٿيا. ٻر ٻرفتن مان ڪنهن ڪريل ٻويان بندوق چوڙي. اتي چاڪر بيهي رهيو ۽ ماڻ کي چيائين تہ: امان! هاڻي پٺ ۾ بندوق جهلي اڳتي ڪونہ هلندس. ٻوءِ جنگ لڳي جنهن ۾ ٻيا سڀ ڀڄي ويا، باقي رڳو الهداد ٻنڌ سندس ماڻهن ساڻ چاڪر ساڻ ٻيڙو رهيو.

ٻي هڪ روايت موجب، چاڪر جي چچ جڏهن 'مول' ڪان ڪاچيل ۾ اٽڪل ڇهن سٽن ميلن پنڌ تي 'آٽ ٻلاڻ' مڪان تي ٻهتي تہ هوڏانهن ٻرفت جيڪي سنهريل هئا، سي بہ بندوقن سان چڙهيا. اوٻاهيو ۽ عارب شيرو سندن اڳواڻ هئا. لنگها ساڻن گڏ هئا، جيڪي دهل وڄائيندا ٻري ڪان چيتائي (اطلاع) ڪندا آيا. چاڪر کي آواز ڪن تي

پيا تہ ايھي رهيو. اتي گودڙ جوکيي چيس تہ تو مون کي گاہو ڪري رنپايو هو، اڄ آءٌ توکي رڻ ۾ ڇڏي ٿو وڃان، سو پنهنجا ساٿي وٺي هليو ويو(١). چاڪر سان باقي الهداد پنڊ ۽ سندس ماڻهو، اقبال شيدي، لنگها ۽ نوڪر چاڪر وڃي رهيا.

جڏهن ٻرفت سامهان نڪتا تہ ماڻي ساءٌ چاڪر کي چيو تہ: تون ترس تہ آءٌ وڃي ٽي ٻرفتن کي موٽايان. چاڪر چيس تہ: ٿورو نہ ڪڍجان، باقي ڇوڏن تہ وير ٻئي دفعي وٺن. ماڻي وڃي سامهين ٿي، جنهن تي ٻرفتن چيو تہ: "ماڻي، وير پراڻو نہ ٿئي. اسان هيئنر مڙون ٿا." پر اڳتي ڏوري "سنهڙي راهيجي" تي وڃي هوا ۾ بندوق ڇوڙيائون ۽ چيائون تہ بندوق ٻڌي چاڪر ڪون مڙندو. پوءِ چاڪر موٽ کاڌي ۽ جڏهن مقابلو ٿيو تہ

دنگ الهداد دست ۾ ٿو ڏئي ويڙون وريامن
هبو، گلاب جهڳ مڳ جهومڪ پيتو پياڪن

چاڪر پيو وڙهي تہ الهداد پنڊ (جوکيو) چاڪر کي بچاءُ ڏيڻ لاءِ سندس پاسو نہ پيو ڇڏي، تڏهن چاڪر چيس تہ:

چاڪر چيو پنڊ کي تہ هڻ مون مهنداءِ
هڻ آڏي، هڻ جيٺي، هڻ هٺندو آءِ

الهداد جواب ۾ چيو تہ آءٌ اڳئي رئيسن مهندان وڙهندو هوس ۽ اڙجهل ڪندو هئس. ٻٽ جون لڪڙيون ٻٽ تي ٻرن، هاڻي آءٌ بہ تنهنجي ٻٽ جي لڪڙي آهيان. ائين چئي الهداد ڏڪ هڻندو ڏڪ جهليندو چاڪر جي آڙ ڪندو آيو، تان جو وڃي ڪريو. اقبال شيدي وڙهيو پئي تہ پاسي ۾ ترار لڳس. گهاءُ وڏو هو ۽ چم لڙڪيس پئي، جنهن کي ڏسي چيائين تہ اهي مير چاڪر جا جهنڊا آهن.

(١) الهہ بخش ٻالاري جي روايت موجب: گودڙ پنجاه جوکين سان ڀڄي ويو.

هڪ روايت موجب چاڪر خان ٻرفتن کي چيو ته: بندوق متان هڻو! جنگ ترارين سان ٿيندي. مگر ٻرفتن مان ڪن چيو ته: ترار جي جهيڙي ۾ چاڪر خان سهڻي ڪين ڪٽي چڙهيندو. انهيءَ ڪري ”سيدي“ کي چيائون ته ۾ گوڏي تي ڌڪ هڻينس، متان ڀوڳي موٽي. ”سيدي“ ڏالي هڪ ٻرفت ڇوڪرو(۱)، بندوق جو ملوڪ، ساڻن گڏ هو، تنهن بندوق هنئي، مگر بندوق جهليو چاڪر هليو آيو. ائين چئه، بندوقون جهلي وڃي ميڙ ڪي رسيو. چاڪر خان ڪي هلڻ وقت ماڻس چيو هو ته ۾ موٽيو تنهنجو مٽ آهي جو منهنجي ڏيج ڀيٽي هٿائين. اتي چاڪر موٽيي ڪي تنواريو. موٽيو ميڙ مان نڪتو ۽ سامهون ٿيو(۲) ۽ر چاڪر ترار سان ٻانهن ڪٽي ڇڏيس ۽ مگر پوءِ ٻاڻ ٻه وڃي ڪريو.

ٻي روايت موجب چون ٿا ته چاڪر زخمي ٿي ڪريو، پوءِ موٽيو مٿان آيس. چاڪر کي چيائين ته ۾ تون مون کي ڌڪ هڻ، ۽ر چاڪر چيو ته: نه، اڃان ٻه تون هڻ. پوءِ اڳ ۾ موٽيي ڌڪ هنيو. چاڪر موٽيي جي ڌڪ آڏو ڪيڙي (ڍال) ڪانه ڏني ۽ ڇڻ پنهنجي مٽ ۽ يار جي هٿان مئو.

مياں امين محمد پوتاڻي جي روايت موجب موٽيو ٻرفت، چاڪر جو يار هو. اهو سامهون آيس، تڏهن چاڪر چيو ته ۾ ”تان ٻي موٽيو“. ائين چئي ڌڪ هنيائينس ۽ ڪلهو ڪٽي ويس. چاڪر ماريو پر موٽيو ٻه گهائجي پيو. تڏهن لنگهي چيو ته ۾ اهو گهاءُ ڇڻ ڪدڙ جي ڏاڙهه آهي. مڙئي خير آهي. انهيءَ تي موٽيي چيو ته: متان ائين چئين! هيءَ شينهن جي ڏاڙهه آهي ۽ آءٌ انهيءَ وکهي ٿي مرندس. پوءِ موٽيو انهي زخم وکهي مئو.

---

(۱) الهه بخش پالاري جي روايت موجب ’سيدي‘ هڪ ڇورو ڇنو رلي مٽڪن وٽ آيو، پوءِ ان مان ’ڇورا‘ ٿيا (۲). مرٽيو لٽهراڻي ٻرفت، چمل لهراڻي جو وڏو ڀاءُ.

"موٽيو مٽ ٿيو، چانديءِ چاڪر خان جو"

صفر لنگهي ھنھنجي بيت ۾ چاڪر کي ساراهيندي انهيءَ ڳالھه ڏانهن اشارو ڪيو ته:

پڇو مرد موٽيي ڪؤن، جو آيو چاڪر ڪؤن ڇڪيي
هو مٽ سندس، صفر چوي، هونديس روح ۾ ڳالھه ڪي
ليکي منجھه لکيي، هو جو ڪيو هزارن ۾ هٿو.

چاڪر جت ڇھتاڻي ات ساٿس ستيا مت
پيچي ڏاڏا پڙ هٿا، هنو هاڙهي پاڻ همت
الله داد ڪياڻون اڳ ۾ جنهن جي مڙيئي مصلحت
ڪي سردارن صفت، جو ڪيي سنديءِ جنگ جي.

سگهڙ پرٿي خان ڳبول چيو ته، هن جنگ ۾ الهداد پنڊ ۽ چاڪر جا پيا ساٿي ۽ نوڪر چاڪر وڙهيا ۽ ماريا. چاڪر پاڻ ترار سان ڪي مڙس ماريا، ۾ چاڪر کي بندوق جو ڀھريون ڌڪ ڇگيي ٻرفت جو لڳو ۽ ٻيو بندوق جو ڌڪ عارب شيدي جو لڳو جنهن سان مڙس نٿو. ڇگو ٻرفت ڪو ايڏو ڀھلوان ڪونه هو، پر اتفاق سان ان جو ڌڪ اڳ ۾ لڳو ۽ چاڪر گهائجي پيو. انهيءَ تي مشهور بيت آهي ته:

جڏهن جنگ جڙي، تڏهن ڇپو موجو مٽ ٿئي
نه ته حماتي حمر جي توري ڪيئن ٽڙي
جيئن اڳي آدم ماريو هو لوڙڪ ناڏ ڪري
تيئن "ڇگيي" جي "چاڪر" تان اڇو ڦڪ ڏري
قضا ايئن ڪري، جيئن ڇگيي چاڪر ماريو.

آدم حماتي هو، جيڪو دڪي ۾ آڪن جو ڪير ڏهي مينگهواڙن کي چوڙن رڱڻ لاءِ ڏيندو هو. هڪ جنگ ۾ اهڙو اتفاق ٿيو جو ناليءَ واري مڙس نوزڪ خان کي آدم جي

ترار جو ڏڪ لڳو ۽ هو مئو. نوزڪ احمداڻي ”ٻٽ مڙهو“ مڪان جو ويٺل هو ۽ وڏو پهلوان هو.

آدم ڏکي ڪڙڪ ڪيوائي مٽ ٿيو متارن
جنهن هنيو نوزڪ ميرڪي تاڻي ۾ توڪن.

چمبو (ڪکن مان ٿهيل جتو تو) ڪڍهن ۽ موچڙي (موزي) جي مٽ ۾ ٿيندو، پر جنگ ۾ چاڪر جهڙي پهلوان تي چگي جهڙي رواجي ماڻهو جو هٿڪو اچي پيو، جو چگي بندوق هڻي جيڪا اچي چاڪر کي ران ۾ لڳي. مٿان وري عارب جي بندوق به ٻٽ مان نڪري ويس، ۽ چاڪر ڪيري وري آئيو ۽ عارب ڏانهن هليو آيو. چاڪر کي ايندو ڏسي عارب هڪل ڪئي ته ۽ هاڻي ڇڏيوس جو ڪيريل مڙس هليو ٿو اچي، سو پلي اچي مون کي ماري.

پيرڻي خان چيو ته ۽ منهنجي ڏاڏي ملوڪ خان چيو ته، ڪريم ڏنو گبول ”اٽ پلاڻ“ ۾ رهندو هو، آءُ ان وٽ مهمان ٿي ويس. اتان گڏجي عارب شيدي وٽ وياسون. ان وقت عارب شيرو جهور پوڙهو هو ۽ ڪنن جون پاپڙيون پئي لڏيس. عارب کان خبر پڇيسون، تنهن مٿين حقيقت پڌائي ۽ چيائين ته ”چاڪر کي منهنجي بندوق ٻٽ مان نڪري ويئي ۽ ڪري پيو، ته ۽ وري آئي هڪ ٽنگ تي ڪڏندو آيو ۽ ٽپ ڏيئي مون تي اچي تلوار آلاريائين. پر ٽپ ۾ ساهه ڇڏيائين ۽ آئلي وڃي پونئي ڪريو. چاڪر جي تلوار منهنجو ٽورو ڪٽيو اچي وڃيو، جنهن جو نيشان اڃان پيئو آهي. آءُ چاڪر جي سر تان ٿري آيس، ٻٽ ۾ ساهه ڪونه هئس پر مڙس جي مڇ پئي ٿري. هسو ۽ گلاب پئي چاڪر جا گڏيا ساٿس گڏ هئا ۽ اهي ئي وڙهيا.

هسو گلاب جهڳ مڳ جهومڪ پيتو پياڪن
ڏنگ الله داد دست ۾ ٽوڏئي وٽيون وريامن،

”راهيجي واري جنگ“ تي سنگر لنگهي، صفر لنگهي، محراب لنگهي ۽ ٻين سگهڙن بيت ٻڌا ۽ چاڪرکي ساراهيو.

چاڪر ڳالهه چئي، ته آءٌ وينداس ٻاري ٻوٽ ڏي
تڏهن ’عارب‘ ’فتح‘ ٻاڻ ۾، آهي ٻرسن ڳالهه ٻڌي
ته ويري امان جي وچ ٿان، تو وڃي ڪس ڪئي
سي ميڙي سيڙي مچ تي، هليا ڪنونڌ ڪئي
ٻجارائيءَ ٻيگ ڪي، ٻيئي سڌ سڏهي (۱)
تنهن ٻڌائي ٻيلين ڪي، چاڪر ڳالهه چئي
ته ’جهيل‘ ٻرڦتين جاڌ ڪئي، تا وڙهن واجهه لهي (۲)
اوهين ائين ماريجا مصريون، جنهن ٻتڏن ٻار ٻڌي
ليڪا لاڪيڻن جا، تون ’سنگر‘ سار سهي
رڻونسو راهيجيءَ تي آهي، وڏي وڄ ڪٿي
ڪڪرين ڪڙڪهه لائي جنهن ۾ ڏاڏا ڏوڏ ڪٿي
ويئي ريڪ رهي، چوڏس چاڪر خان جي. (۳)

چاڪر ٻيا چئون، ۾ آهي ٻجارائي ٻير ٻيو
عهدي اهڙو اپڏو، جنهن جون ٻاڪون ورِي ٻڌون
مڱهرو ته ميڙي مرد جو، توڙي هوڏانهن هزارين هون
جنهن ٻتنگ آڪ ٻڌون، تنهن ٻڌي تو ”ميرڻ هوتو“ مچ ۾.

رڻ جهڙ راهيجيءَ تي، ٻڪَڙ تا ٻون
ڪٿي ڪنسوٽيا دست ۾، ٻاڪ ٻيالن
اهدي الهداد ليکيان، ٻاري مانُ ٻٽيڻن
اقبال الولون ڪيون، لڳي چاه چون
جهيڙي جهونجهارن، تي موڪ هنياڙون مصريون.

---

(۱) ٻجارائي=چاڪر (۲) ’جيهل‘ يعني ’جيهل واري جنگ‘ جنهن ۾ ٻرفتن جي هار ۽ جوکين جي سرسي ٿي. (۳) ريڪ=مال (ٻڪرين) جي ڌڻ تي ليکو.

رڻ جهڙ راهيجيءَ تي، ٻَـکڻ ٿا ٻوڙ
'چگي' جون چاڪر تي ٽيون سانگيون سات ڪن (١)
چگي جا چاڪر تي اچيو ڦڏڪ ڦرن (٢)
تڏهن ايئن چون، ته 'چگي' 'چاڪر' ماريو.

جيئن تي چيو چاڪر ميرِ، ڪيائين آرڻ آئي آونڌهـين
سٽن ساڻ، سنگر چوي، ويو سٽؤ سين نيئي سير
هوڏانهن ٻه، ڪئڙهو ڪڏي ٻئو، لوهار ٻوڙو ٻير (٣)
وجهي وڪڙ ويڙن سين، آت ٻيڻا جوان جنجير
راهي رڪ وراهيو، موٽيو چاڪر مير
ٻجارائي ٻـهير، پانجيي سر ڏيئي سڙهي ڪئي.

چوڏس چاڪر مير جي، هو آئي آيتو پير
سو ٻيالين جو پارکو، چـلـين ڏني چيگير
هئو سنگت سان، سنگر چوي، ڪيلهي وير ڪنڌ ير
گجي جيئن گجمير، تيئن جوکيو ڏنو جنگ ۾.

چئو جيئن چاڪر مور جي، ڪڙي ٿـ ڪيڙڪي
موٽيو چاڪر مت پيا، تن ڪا ڏران گالهه، ڏرڪي
ٻيٺون ٻـکون ٻرت جون، ڪا سَربت جي سرڪي
رڪ جي گهوٽيا، سـن سي موٽيا، اها ٻنجاهين ٻـر ڪيئي
بانڪي ٻت ٻجار تان، رڪ ڏني رڙڪي
آيا ڏوڏوڪار ۾، تڏهن لهرو پيا لڙڪي
مور ماريو مـرڪي، ڪڙڪ ويل ڪئي جي.

---

(١) سانگيون = تراريون. 'شاعري' ۾ ائين چيل آهي، باقي 'چگي' ڪا ترار ڪانه هئي. بندوق هنيائين جيڪا چاڪر کي گوڏي ۾ لڳي. (٢) ڦڏڪ، ڦڪڪ = ڪٿو، ٻـکو. (٣) لوهار ٻوڙو يعني 'موٽيو'.

چئو جيئن چاڪر مير جي، ڪٽڙي تان نہ ڪڙياس
ڳهوٽ ڳهڻن کي ساڀون، سيئي سٽ ڏنياس
سٽ ڪٽ سڪيلن جي، اڃي ڪنڌين ڪرڪياس
اها سڙوڏي ڳالهہ سنڌياس، ملڪن ۾ مشهور ٿي.

—

ڇهہ ۾ چاڪر خان جي ڪٽڙي تان نہ ڪٽياس
جا رَه ڳوٺ هياس، سا وڪ ويريءَ سامهون.

—

آيو عهدي اڳرو، ڇهہ ۾ چاڪر خان
ايٺو اٿرڻن سين، سڳ اڙائي سانُ
آنديئن لڙڪڻين آئيو، جنهن جي قدمن ٿان قربان
هن مامري جو "محراب" چوي، مرد مرندي لڏو مانُ
سو جوکيي هوتو جوان، ڪڏندو آيو ڪٽڙيءَ تي.

—

ڏر ڏرتي، پڳ پاوڙي، ٿا چاڪر خان چون
ٿين ستين ٽپين آئيو، آندا ڳجهڙين
رڻ ۾ راهيجي جي پڪڻ ٿا پون
ستن ۾ سرهو ٿيو، چاڪر خان چون.

چون ٿا تہ جڏهن چام ٻجار کي چاڪر جي مرڻ جي خبر ملي، تڏهن ارمان ۾ پئجي ويو. وڏيءَ عمر جو اڳئي هو، ويتر ٻٽ جي خبر ٻڌي زمين تي تريون ڳوڙي آهستي ٿي آئيو، ۽ چيائين تہ چاڪر جو وير جوکيا وٺندا.

ڏٻي ڏٻي اٿيو، ڀُٽونڊا ڏيئي ڀتون
ماٺ مرادون ٿيون، ڳهنگهر ڀيون سون.

چام ٻجار هوءَ ٻجي نہ، سگهيو ۽ ٻرفتن کي رکيو ٻڌئون ڏنائين تہ:

ٻڙرفت ٻنک ڀڏکا کيا، ٻارڻ ٽيو ٻيرون
چڙٻين کي چوريءَ جون، آهن هميشه هيرون
وٽا آهن ويڙ ويرون، جاد کري، جو کيو چٽي.

نتالي کبول جي روايت موجب، جڏهن چام ٻجار برڦتن کي پٽيو ۽ ٻارڻ جي ويران ٽين جو چيو، تڏهن موٽ ۾ ارڦتن بيت چوائي موڪليو ته:

جيئن باغ ٻارڻ جا، ڏين ٻارڻ تي ٻوڙيون
صحيح هٿنداسون ساکرو، کڏائي کهوڙيون
کٽاريون کوڙيون، کاتيون چام کڇڻ ۾.

وڏيري علي مراد ٻڙري جي روايت موجب، چاکر جي مارجڻ بعد چام ٻجار هيٺو ٿي لس طرف آيو ۽ لٽياري طرف اچي رهيو. عبدالرحمان رونجهي جي چوڻ موجب ته موجوده لاکڙي جي ڀاب ۾ (الگ لٽياري) ”چام ٻجار جو ماڙيو“ اڃا موجود آهي، جو شايد چام ٻجار جي جاگير هو.

٤. مکلي واري ٻي جنگ*

ڪِجھ عرصو اڳ هڪ جنگ مڪلي تي لڳي هئي، جيڪا ڪرمتين ڪئي هئي. هيءَ مڪلي واري ٻي جنگ هئي جيڪا جوکين ۽ ڪرمتين (ٻلوچن) جي وچ ۾ لڳي. جوکين جو اڳواڻ ڄام ٻڄار جوکيو ۽ ڪرمتين جو مير مزار ڪرمتي هو. هيءَ جنگ ١٢٠٣هه ۾ مڪلي تي لڳي، جنهن ۾ مير مزار مارجي ويو، جوکين جنگ کٽي. ان بعد ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي پٺڀرائي سان ڄام ٻڄار جوکيي، ڏاراڃا جي راڻي ارجڻ کي ماريو. راڻي ارجڻ سان ڪرمتي مدد ۾ هئا. تنهنڪري پڻ ميان غلام شاهه جوکين جي پٺڀرائي ڪئي ۽ هو طاقتور ٿيا. هنن مڪلي واري ٻئين جنگ جي وير وٺڻ لاءِ وڏي جنگ جو سانباهو ڪيو، ۽ ان لاءِ ڄام ٻڄار جي پٽ چاڪر جوکيي کي موڪليائون، جنهن قدمن واري مقام تي ڪانڊين تي حملو ڪري وير ورتو، ان تي ڪرمتين مُڪلي تي جنگ ڪرڻ جي تاريخ ڏني.

---

* هن روايت جو مدار ڪوهستان جي مشهور شاعرن براهم گهاڱداري، ڄام ٻڄار جوکيي، مَلهغ ڪرمتي ۽ ڪن نامعلوم شاعرن جي چيل بيتن، مرحوم حاجي سرماڻ خان بگهياڙ، حمزي جوکيي، وساڻي سائينڏاڏاڻي، حامد خان رند، طاهر محمد موريساڻي ۽ محمد امين پوٽاڻي جي زباني روايتن تي آهي، جيڪي ١٩٤٤ع کان ١٩٦٢ع تائين، مختلف هنڌن تي ڪيل ڪچهرين ۾ قلمبند ڪيون ويون. (ن-ب).

روايت - ١

مڪليءَ جي ٻهرين جنگ هارائڻ کان پوءِ ڄام ٻڄار ٻيلي ۾ وڃي رهيو هو. اُتان پوري سنبت ڪري آيو ۽ ڇهن مهنن بعد مڪلي تي ٻي جنگ لڳي. ڄام ٻڄار وڏي سنبت سان وڏو لشڪر گڏ ڪيو ۽ مڪلي تي ميين علي شيرازي جي قبي وٽ ڇانوڻي هنيائين. ٻنهين کي دعا لاءِ وٽس آيو. مير مزار خان ۽ ڪرمتي چڙهيا ۽ مڪليءَ تي لوُنڪ ٻير جو اچڻي سلام ٻريائون. مير مزار کي جتيءَ ۾ ڪنڊو لڳو، تنهن پنهنجي لشڪر کي چيو ته: سوڻ سٺو ناهي، موٽي هلون. پر هنن جو ضد ته جوکين کان وير وٺجي. هوڏانهن ڄام ٻڄار دعا لاءِ آيو سيد علي شيرازي وٽ. سيد چيو ته: ”ڪرمتي جي سواريءَ تي آيا ته اسان جي جهلڻ جا ڪين آهن؛ پر جي پيُوٽيءَ (پيادا) آيا ته تون ڏاڍو ۽ هنو آهن پڻ لٽجي وڃهجان.“ جوکيا آڙ ڪري ويٺا هئا. ڪرمتي چڙهيا ٿي آيا، کين جوکين جي توپن جا ڇيندا نظر آيا. تڏهن مير مزار گهوڙي تان لهي پيو ۽ چيائين ته: جيڪو سڙس مرڻ لاءِ تيار هوندو، سو گهوڙي تي نه چڙهندو. انهيءَ تي سڀئي گهوڙن تان لهي پيادا ٿيا. تڏهن فقير ڪڙياڻي شيخ کين چيو ته: جنگ ۾ سوپ اوهان جي ڪانهي، ڀلو ڇانڊوز ته موٽي وڃو. پر هنن چيو ته: وڙهنداسون، پوءِ ڪٿن ٻاڪ. تڏهن شيخ کين چيو ته: هاڻي ڇڏو ته جوکين جي ترارُ بند ڪريان، ڇڏو ته بندوق. چيائون ته بندوق بند ڪر، جو هو آڙ ڪري ويٺا آهن، اسان جو ڇهو ڪڍي ڇڏينداً. پوءِ شيخ وڃي آڏو ليڪو ڪڍيو ۽ چيائين ته: ليڪو نه ٽپجو، جي ليڪي جي اندر هوندا ته اوهان کي هار ڪانه ٿيندي. پر هو جوش مان ليڪو ٽپي ويا. شيخ وري وڃي پنهنجو ٽڪو وڇايو ۽ چيائين ته: هيءَ نه مڃيو ته هنن جي

ترار ۽ ٿو ٻند ڪري پان. پر هي پهلوان جوش ۾ اهو ته مٿي
ويا ۽ وڃي جوکين کي آڙ مان اٿاريائون. هنن کي وجهه
ملي ويو ۽ جٿاهه ڪري مزار خان جي لشڪر متان وري ويا.
چام ٻجار، سيد عالي شيرازي جي درگاهه جو پاڇو
جهليو بيٺو هو ۽ اندر سيد عالي جي قبي ۾ دعا لاءِ پيبيون
ويٺيون هيون. مير مزار خان جي لشڪر ۾ فتح خان ڪبول
بندوق جو ملوڪ هو. سندس بندوق تي طلاق لکيل هئي ته
”هڪ دفعو ڪٿس ته ٻيو دفعو نه هڻندس“. چيائونس ته هو
ٻجار بيٺو آهي، هڻينس بندوق! چيائين ته: ڪٿ پار ۾ ٿو هڻانس.
بندوق هنيائين ته ٻجار جو ڪئينسريو (ڪيمخواب جي ٽوپي جي
چوڌاري پٽ جو دوشالو) ڪٽي ويئي. چيائونس ته: اڃان
ٻجار بيٺو آهي. چيائين ته: منهنجي طلاق لکيل هئي، هاڻي
وچين تي روزو ڪونه پڄندس ۽ ٻي ڪانه هڻندس. پوءِ
بندوق ڦٽي ڪري، ترار سان وڙهيو ۽ مارجي ويو.

مصري ڪبول لاکاڻي، مزار خان جو وزير هو، جنهن جي
هٿ ۾ جهنڊو هو. جڏهن جوکين جي آڙ مان ڪيل حملي ۾
ڪرمتين جي لشڪر جا چڱا مڙس مارجي ويا ته هنن وڃي
جهنڊي تي حملو ڪيو. تڏهن ڪرمتي جهنڊي کي بچائڻ لاءِ
اچي مٿي پيا:

”جهنڊي اتي جهور هئي، ڪٺا ڪنهه ڪرمتين جي.“

مير مزار خان کي به گهيرو ڪري بيٺا. چام ٻجار جو پاڻيٺو
شهزاد جنگ جو سپهه سالار هو، تنهن ان وقت اچي
للڪاريو ته: مزار خان منهنجو مٽ آهي، سو ميدان ۾ اچي.
مزار خان سڻيو، سو چيائين ته: ”ادا مصري! پٽ جي
گندي ڪين آهيان، جو ڊڄي ڪيندام، هٿي پري ٿيو ته سيال
سامهون ٿيان“. پوءِ هڪل ڪري هٿي شهزاد کي ترار سان
به اڌ ڪري ڇڏيائين، مگر ترار به جهٽي پيس، ڦٽ نکري
ويو ۽ مٿيو جدا ٿي ويو.

سڱيائين شهزاد کي، جنهن جو ڪيائين ڏڱ سسيءَ کان ڌار،
جهڱري سونهري ساهڻوءَ جي، ڪانهي مانجهيءَ تي ميار.

اتي پيا جو کيا ورائي ويس. مزار کي پيس ترار ۽ ڪاتي آئي ڏني، پر آها سنڌ تان وهي پر هڏ تان نه وهي.

يارهن ڪاتيون، تيرهن تراريون، هنيون مير مزار
ته وار نه ودي هيڪڙو، سنڌيون ٿي وئي ڌار.

پوءِ مير مزار وڙهندي مارجي ويو. اندران پيين کي پسڻ پڄي ويو، تن بجار کي چيو ته مزار مارجي ويو، پر بجار جنگ جو زور ڏسي جواب ڏنو:

اڄان مير مزار جا، جهنڊا پيا جهلن
پيتا مير بهر جا، اڄان ڪڙها پيا ڪڍن.

بهر جايا سڀ سوايا، جن پر داءَ نه پوي ڊنگ
هاسي مير مزار جي راڏن لايا رنگ.

اڪ برفت ڪرمتين سان پيڙا هئا، پر جنگ کان اڳي جام بجار برفتن مان "آري" جي گهر کي پنهنجي هاسي ڪيو. ملڪ ننگر چيو ته: آءٌ هيئن روبرو بيهي ڪرمتين کي ڪونه مارائيندس، پر جنگ ۾ پاڄ لاءِ چوندس، پوءِ اوهين همت ڪجو! پوءِ هلنديءَ جنگ ۾ ننگر برفت چيو ته "پڄو ڪرمتيا، بندوقن نياسين!" انهيءَ تي ڪرمتي ۽ پيا وٺي پڳا. مير مزار ميدان جهلي بيهي رهيو، پر هاٿي ڏورا ٿي پيا. انهيءَ تي ڪنهن چيو ته:

آري، راڏو پاڻ ۾، اصل هئا يار(١)
پر اوڪوٽ آريءَ جو، ڏڪيل هو ڏونئار
رڻ ۾ راڏن جو اڃي، ار ۾ لاڙيائين بار

---

(١) آري = برفت ۽ راڏا = ڪرمتي.

هٿين ڳالهيون ٻاڻ ۾، ڏٺائون ڏاڙهيون کي مزار
سي ٻرس ٻاڙيون ڪينڪي، نه آيون منجهه نيسار(١).
ڪرمتي ڪي مٿا ڪي ڀڳا، ٻير جا ڀت ٻارهن هٿا.
"ٻيٺا ميير ٻيٺر جا، ٻارهئين ڳل هزاري"

انهن مان هڪڙو ملڪ ابراهيم، جڪو ننڍي ۾ ڪچريون نچائيندو هو، جنگ ڏي خيال ڪونه ٿيس. جنگ جو ٻڌي چيائين ته: جوڪي تي ٿا وڃن، ڇو نه سڀهو ڏٺائون آڪور ۾، سو ماري ايندا. آءُ ڪونه ٿو وڃان. پوءِ خبر پيس ته مزار مارجي ويو، تڏهن زره وجهي آيو. جوڪيا سوڀ ڪئيو، چانوٽي ڪيو، مڪليءَ تي ويٺا هئا ته ملڪ ابراهيم کي ايندو ڏٺائون. پڇيائون ته، هي ڪير؟ ٻجار چيو ته: هي ملڪ ٻير جو پٽ ابراهيم آهي، ڪواهڙو مڙس جو وڃي واريس! الهداد ٻهمت جوکيو، تنهن چيو ته: منهنجو يار آهي، جنهن اوهين چئو ته وڃي آڻلايانس. ٻجار چيو ته: ڀلي، پر ٻيا ٻه يارهن پاڻ سان وٺي وڃ. هاڻي يارهن مڙس آئيا. الهداد وڃي ڪينڪاريو ۽ چيائين ته: هتي يارهن مڙس وٺي توکي منٿ ڪرڻ آيسو آهيان. چام ٻجار چيو ته: پٺين ۽ ڏاڏهين جو سٿهائو آجهامي ويو، هاڻي آئلي وڃ. اتي ملڪ ابراهيم چيو ته: آئلي ڪونه ويندس. ائين چئي ابراهيم ترار هڻي ته الهداد (ٻهمت ٻاڙو) وڃي ڪريو:

جهرڪي جلوا ڏئي، ٻهمت مٿهن ۾ مصري.

ترار الهداد کي لڳي ۽ ڪريو، پر وري آٿي ويو، باقي ڏک سو حياتيءَ تائين پئي وڙهس. ملڪ ابراهيم ائين ٻين کي ٻه ڪيرايو. اتي ٻجار چيو ته: ميٽي آڻاريو ته مٿهن ۾ پئيس. پوءِ ميٽيءَ جا ٻڪ آڇلايائون ته ملڪ ابراهيم ڪٽي اڪين تي هٿ رکيا. پوءِ مڙس کي ڪيرائي مارياٿون.

---

(١) نيسار = گهڻ ۾، نار ۾.

جنگ کان پوءِ جوکيا جڏهن وچي ڪچهريءَ ۾ ويٺا ته چام ڀچار کي چيائون ته: اسان فتح ڪري مڙس ماري ڏنا، هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. چام چيو ته: بيشڪ فتح اوهان جي، پر اوهين گهڻا هئا ۽ هو ٿورا هئا ته به ڏکيا ڪين.

الله اڳو ٻچن، هوءِ پيڙ ۾ پچار جن جي
جڏ ٿورا ٻسني ٿيلهيا، تڏ جنگ آندي جوکين.

چام ڀچار داناءُ هو. جيڪي مڙس ميدان ۾ بهادري سان وڙهيا ۽ ماريا، تن کي مرڻ کان پوءِ نيندڻ مناسب نٿي ڄاڻائين، پر جوکين هاترون زور آندو ته من اسان جا تالا وني بيت ڏئي ته اسين مرڪون. تڏهن چيائين ته: مون چيو ڪونه ته هو ٿورا هئا، ۽

پارهن جوکيا هڪڙو پروچ، هئي وڙهڻ جي وار
رات هٿيائي ڪا نه ڪا، پوڙا هئا پهار.

هاڻي ڪيئن اوهان جو انصاف ڪيايان! باقي چئو ته سيد عالي جي ڪرامت کي ڪايان، چئو ته منهنجي نصيب تي اچان. پوءِ بيت ڏنائين ته:

آئين الهداد آسري، تون ستي سير پرهام
توکي پولي پٿراٽي، غازي پري ڪام
تو به ڪيڏي مصري مڙهه سان، سورهيه مرت سچان
پر اهي آکي جا احسان، نه ته دست چڙهيو هئين ديو جي.

تڏهن جوکين چيو ته: پر جو پين کي ماريوسون؟ تنهن تي هڪڙي جوکيءَ کان ڀچار پڇيو ته: ها ابا، توکي ڪنهن جو ڏک آهي؟ ان جواب ڏنو ته: ڪڪي منڇين واري جو. اٿين پڻي کان پڇيائين، وري نٿين ته، اٿين چيو. اهو ڪڪين مڇن وارو سورهيه سوڍو ڪلاٽي هو، جيڪو وڏي لڪرخان جي پيڙهي سان هو. تڏهن چام ڀچار بيت ڏنو ته:

آراڏي آئيءَ تان آيو ٽڪراٽي ٽل
ٻانئي ٽڙاري توريان، ته ڪونهي مانجهي سندو مٽل
آهو الله جو آسل، جو سور ٽلندي ماريو(١).

پوءِ ٻکر گڏجي، چام ٻجار کي بيت ڏيئي چيو ته:

ڏکڻ آ ڏيکاءُ ڪيو، تو جڻن چام ٻجار
تڻن اتر وڇون آئيون، ڪي مانجهي ماڻ مڙار
سي وسن وَرن ڪينڪي، اچي گوڙ ڏني گرنار
آڇين ٻڌين آئيا، ڪرمتي ڪاٽار
سي واريي ورندا ڪينڪي، مانجهي ماڻ مزار
ٿيهه جوکيا هڪڙو پروچ، هئي وڙهڻ جي وار
بيگين جاءِ ٻکر چوءِ، چام! پورا ڏيانءِ ٻار(٢)
متئي آهي ميار، جو منهن نه آئين مير جي.

اها ميار چام ٻجار تي رکيائين، جو هو جنگ جي ميدان ۾ ڪونه لٿو ۽ ميين عالي شيرازي جي روضي واري طرف پيٺو هو ۽ پري کان جنگ پئي ڏٺائين. اهو انهي ڪري ته جو ڪجهه وڏي عمر جو هو.

منهن نه آئين مير جي، ڏوران ٿئين ڏٺيار
ته هڪڙا هئا صاحب ڏٺي سنڌ جا، پيا چوڙ چڪيدار
منهن گهنڊجي، چپ وات ۾، اچي ڏسريا ڏاڙهيار
سهندا سيهندين گڏيا، ته تريو ڪن نه ٿار(٣)
اها ساک سگهڙ چوءِ، آ توتي چام ٻجار
متئي آهه ميار، جڻن منهن نه آئين مير جي.

---

(١) الله جو آسل يعني امر (٢) ٻکر چوءِ=ٻکر چوي. بيگين جاءِ= بيگن جا، شاندار مردن جي. (٣) يعني سيندا سينڊين گڏيا. ڪي ڪرمتي ۽ ڪي جوکيا-ڀاڻ ۾ ياڙ هئا، پر جنگ ۾ ڪين مڙيا.

روايت - ٢

قدمن واري جنگ ڪان پوءِ ڪرمتي ڪاهي پيا، تن "نتالي جو ڪوٽ" جيڪو درساڻي چني ۾ هو، سو ڦريو. نتالو پٽ ماڇينڊني جو، چام بجار جوکيي جو چاچو هو. ان بعد کيراٿي ۾ "وڏي جو ڪوٽ" (ڦيني تي ميران ڪان الهندي) ڦريائون. اهڙي طرح ٻارهن ڪوٽ ڦريائون. انهيءَ تي ڪنهن چام بجار کي چيو ته:

ٻسا ميڙي ٻاپ جا، چام! ڪارهن ڪوٽ آڏياءِ
تن مان ٽالي نه، پيوءِ هيڪڙو، جهڙي کيراٿيءَ جي وانءِ (١).

ڪرمتين جي ڪاهن سبب جوکيا حب نئي وچ لس ٻيلي ۾ رهيا. آخر چام بجار، ڳاڊيءَ واري سيد شيرازي ٺٽوي کي ماڻهو موڪليو ته وچان پئي صلح ڪرائي. سيد شيرازي جي صلاح مان جوکيا لياريون ميڙ وٺي ڪرمتين وٽ آيا. مير مزار ميڙ کي ماڻ ڏيئي ڪرمتين کي چيو ته: ميڙ قبوليو! هر ڪنهن ڪو هڏ پهه، چيو ته: اسان جا ڪانڌي ماريا اٿن، صلح نه ٿيندو. ڪرمتين جو ٻچدار مَلڪ مريد هو. مير مزار چيو ته: ملڪ مريد ڏانهن ڪان موڪليو(٢)، پوءِ جيڪو فيصلو ڏنائين اهو قبول آهي. پوءِ ڪرمتين ملڪ مريد ڏانهن ڪان ڏياري موڪليو ۽ جوکين جي ميڙ جو ٻڌايائون. ملڪ مريد "ڪان" پچي موڪليو، يعني ته جنگ جو فيصلو ڪيائين.

پچي ڪان موڪليو، ملڪ مريد مٺيادار
ته مٽي بچ بجار، م چڏيو ڪني مٿدعين.

ميڙ موٽي وڃي ۽ پڳل ڪان، وچي چام بجار کي ڏنائون، جنهن چيو ته:

---

(١) کيراٿيءَ جي وانءِ، ڪاري وانءِ (٢) نشاني طور.

اسان ميڙ موڪلي، سندي مبيّدن
جني ميڙ موٽائي، پيو پٺئن پاسارو تن (١)
پٺون پارهن بجار جا، وڏا واليڙن
الله ڪٿي اوباهيو، ڪيرو منجهه بازن (٢).

ڪرمتين جوڪين ڪي چوائي موڪليو هو ته: جوئين مهيني مڪليءَ تي جنگ ڪنداسين، تيستائين ڪو ڪنهن جو ٿالو نه وٺي.

هوڏانهن چاڪر جو ڪيو جيڪو ميرن وٽ حيدرآباد ۾ هو، تنهن جي شاديءَ جا ڏينهن پڌا. ٽچاڪر حيدرآباد مان موٽيو پئي ته واٽ تي راهيجي وٽ برفتن هٿان مارجي ويو.

هڪ روايت موجب ميرن ٽورو وقت ٿيو هو جو ڪلهوڙن کان سنڌ ورتي هئي. مير مزار کي ميرفتح علي خان چيو هو ته: اسين تازا آيا آهيون، تون صبر ڪر. اسين پاڻهي اوهان جو فيصلو ڪنداسين ۽ تنهنجا هٿ رت ۾ پرڻ ڪين ڏينداسين. مير مزار اها ڳالهه سيني کي سمجهائي، مگر عمر ماڪاٽي ڪبول چيو ته: مزارا جيترا آهن تنهنجي ماءُ جي پيڙي ۾ ور (٣)، اوترا اچن ٿا تنهنجي دل کي گوتاءُ اسين پنهنجو وير پاڻ وٺنداسين، مير اسان جي پاران وري ڪهڙو وير وٺندا!

صلاح مصلحت بعد ٻاهر نڪتا ته مير مزار کي جٽنيءَ مان ڪنڊو لڳو. انهيءَ تي وري به سمجهايائين ته: هينئر صبر ڪريو جو هي سوڻ سولو ڪونهي. انهي تي عمر ماڪاٽي هيڪاري تيزي ڪئي. انهيءَ تي مير مزار ڪيس چيو ته: اڙي! ويندين پڇي، ناحق ٿو مڙس مارائين جڏهن

(١) تن جو داءُ نه لڳو، تن جو پاڳ ڦيٽيو (٢) اوباهيو=مٿي ڪيو، وڌايو. (٣) ميڙ مزار جي ماءُ ماٿي سوني سلطاڻي ٻاهر جني هئي، ڪرمتين مان ڪانهي هئي.

جنگ تي چڙهڻ جو فيصلو ڪيائون ته انهيءَ ٿاٽي مير مزار وڏي مهماني ڪري ٿيني کي هڪ جهڙو پوڙ پلاءِ کارايو.

جڏهن مير مزار جي نه هلي، تڏهن ”ڪڙياٽي شيخ“ جيڪو هن طرف جو وزير هو، تنهن به اچي سمجهايو ۽ ”ميران ڪڙيي“ (شيخن مان وڏو درويش) جو ليکو ڪيائين ته متان اڳتي وڌو. مگر هي ڪانڌ يسن واري غم ۾ هئا، تن کي ڪٿان ٿو ليکو جهلي! سي ليکو لنگهي ويا. آخر شيخ چيو ته: جنگ ۾ گهوڙي تان متان لهوا جي گهوڙي تي هوندا ته فتح اوهان جي آهي. انهيءَ تي هڪ بلوچ سخن ڪري قسم وڌو ته: هاڻي متان ڪو گهوڙي تي چڙهيو آهي. پوءِ سڀ گهوڙن تان لهي پيا.

مڪلي واري جنگ جبل ڪان آلهندان لڳي. مير مزار ۽ ڪرمتي آلهندين ميدان ڪان نڪتا ۽ چام بچار، ميين سيد عالي شيرازي تان دعا گهري، اڀرندان آيو. چون ٿا ته پيروزجي پاءِ عمر ساڪاٽي جنگ ۾ اگراڻي ڪئي. هن جنگ ۾ ڪرمتين هارايو ۽ چام بچار کٽيو.

روايت - ٣

چام بچار، ميين عالي شيرازي جي روضي تي ويو. خواب ۾ اشارو ٿيس ته: ”تون ڏاڍو هو ڪاهه“. مير مزار خاص تبرار گهڙائي هئي، سا به ڪانه وڙهي. مير مزار پهلوان هو، ڪنهن شاعر چيو ته:

”هيڏانهن هٿون هزار، هوڏانهن هڪڙو مير مزار“

انهيءَ جنگ تي برفتن جي لنگهي پيراهم گهانداري بيت چيا ته:

مانجهي مير مزار سين، چڙهيو ’ڪرمت‘ ڪار،
چوٽڏي ڪيائون چاري، ’مصري‘ آئي جو مهندار(١)

(١) مصري خان گبول چوڪيدارن جو سرڪردو مقرر هو.

سو هنئي کي حامي ٿئي، بانڪو بور سوار(١)
جو 'ميرل' کنيو مدار، سو مڙني کي معلوم هو.(٢)

مانجهي مير مزار سين چڙهيو 'ڪرمت' ڪئل
عيسب آئي جي مهند ۾، غازي سٺونهي گڏل
سو آراڏي آئي تان، آيو ٽڪرائي ٽل (٣)
جان ٽراري توريان، تان مانجهي ناهي مٺل
اهڙو ٿي امٿل، مور ٽلندي ماريو.

سو مور ٽلندي ماريو، ڪيو پيرو بکهياڙن(٤)
'عيسب' ڏاري اڳ ۾ پتنگ ٿا اچن(٥)
وٿون ڏنيون ٿي وتريون، عيسب جي يارن(٦)
وٿي حسن هٿ ۾، 'هي پي' پيالن (٧)
'مليرائي' مور جون، ٿيون ڳالهڙيون ڳنجن.(٨)

'راڏو' ريشم پٽ جنن، ڪرنگهر نہ ڪوئي(٩)
مير هنيون ٿي مصريون، جت هئي چر چيي چيري(١٠)
'محمد' مهي سانئه جيئن، مرڙو نہ موڙي(١١)

---

(١) هنئي کي=ڏاڙي ۾ حملي وقت حامي ٿئي=مدد ڪري ۽ اطلاع ڏئي. بور-سوار=بور گهوڙي تي سوار. ميرل=يعني مصري خان گبول. (٣) آراڏي ائي=جدا خاص ڪنڊ يا پاسو (جنگ جي ميدان جو). ٽڪرائي=ٽڪر خان جو پوٽو. (٤) پيرو=حملو. (٥) عيسب ڏاري=عيسب جت وڙهيو ۽ ماريو اٿي. (٦) وٿون=ڪسوٽين جون ورچون. (٧) حسن، رودڙائي پاڙي مان بگهياڙ. (٨) مليرائي=راڏو مليرائي. ڳالهڙيون ڳنجن=سندس بهادريءَ سان وڙهڻ ۽ مرڻ جون ڳالهيون. (٩) راڏو يعني راڏو مليرائي. (١٠) مير، يعني راڏي. (١١) محمد رودڙائي پاڙي مان بگهياڙ. مرڙو نہ موڙي=خيال ئي نہ آئي

شينهن شمّاري چيلهه تي، تڪا ڪيو توري(۱)
احدي "الهيار" ليکيان، جنهن ڪوند وڏا ڪيري(۲)،
جهونجهارن جهوري، رڻ سچو ٿي رڳيو.

تڪتر پٺ تڪڙ جا، عيسب خليفا
تيغ آجاريئي آهي، هٿي ڪڙو ڪوڏ منجها
مرزا ۽ مريد جا، اهي آهج سدا
جنگ ۾ جنوڌ جيتا، ڳوري پير، پراهم چٽي.

مانجهي مير مزار، اچي ننگر کوڙيا لينهن جا
هوڙين آوءَ نہ هلڻا، ڳوڙا ڳورين بار
مير مزار، مائن سر بي اوار
تولاءِ راٺيون روئند يون، سارينئي سردار
آيرندي ياران آئيون، وچون ڪري ولهار
تن آئي اهڙ اوتيا، ڪي جوڙ چڱي جنسار
جوڙ جڙون جڙواڙ، براهم بهدوڙن جون.

هن جنگ ۾ بگهياڙن جو "رودڙاڻي" پاڙو سڄو ڪم آيو ۽ منجهائن ڪوبہ ڪونہ بچيو. گهرن ۾ پوئتي فقط ننڍڙا ٻار وڃي رهيا هئا. محمد رودڙاڻي جو هڪ پٽ نالي "شهزو" ننڍڙو هو، باقي "الهيار" اجان ڳڀرو هو، تنهن ڪي محمد چيو تہ تون پوئتي سنڀال لاءِ رهہ ۽ سندس تلوار نہ مٺ کان ڏار ڪري ڇڏيائين، پر الهيار پوئتي نہ رهيو. تلوار جو ڦر ۽ مٺ تہ هٿ ڪيائين، ۽ انهن کي چؤ سان ڪپڙ ڻ جي ضرورت هئي. خبر پيس تہ چؤ سندس سگ وٽ آهي. آها چوڪري ملاحظي ۾ هئي (يعني منهن لڪائيندي هئي) ۽ هيءَ هنن وٽ هليو ويو ۽ وڃي سان چؤ گهريائين.

---

(۱) شماري = شينهن جي ڪنل. (۲) الهيار بگهياڙ پاڙو رودڙاڻي.

چوڪريءَ مٿنهن ويڙهي، آبتي هٿ سان هن کي چؤ ٽڪر ڪري ڏني. تڏهن الهيار چؤ وٺي کيس چيو ته: مٿهن انهن ڪان لڪائجانءِ جيڪي موتي اچن. چؤ وٺي، تلوار ٺوڪي، ننڍڙي پاڻ شهر کي پڳڙا ڏيئي پرچائي، پاڻ جنگ تي روانو ٿيو. ميدان ۾ محمد پڇيس ته: ٻوٽتي ڪير چڙدي آيو آهين؟ تڏهن ٻڌائين ته: ٻوٽتي شهر چڙدي آيو آهيان. پوءِ هي سڀ وڙهيا ۽ ميدان ۾ مٿا.

چون ٿا ته مير مزار کي ٻه ترار يون هيون، جي ڏکڻ ۾ مٿين مان نڪري ويون. پوءِ سودي ڪلاٽي کيس ٻي هٿيار ڏسي، جهلي پاڻ سان ٻيهاريس ۽ پنهنجي توڙي مير مزار جي مٿ، ٻنهي کي ٻئي ڏک هنيائين. انهيءَ تي ڪنهن شاعر چيو ته:

سودو وڏي شان سين، هو ميرل وٽ مزار
سو ڪڏهن چرلدو ڪين هو، آرٽ آئيءَ وار
ٿو ائيڊ اوارين آچليو، متس ناهه ميار(١)
اهي ٻنجاهيڻ جا ٻار، مٿا مون سگهڙ چوي.

جهڙو وڙهيو سودو ڪلاٽي، تهڙو جي وڙهي ڪرمت ڪار
ته ڪاريءَ قندار، هوند ملڪ وٺي ڏين مير کي. (٢)

حامد خان رند ۽ سگهڙ حمزي جوکيي جي روايت موجب(٣) هن جنگ ۾ هڪ جوکيو، جيڪو ماڻ جو هڪڙو پٽ هو ۽ مير مزار کي ڀائيندو هو، سو مير مزار جي آڏو آيو. تڏهن ٻڌائينس ته: تون ۽ تو سامهون اچين؟ هن چيو ته: اڄ جنگ آهي! اتي مير مزار چيو ته:

”مٿيئي ماڻ بيگم، جنهن جو تون هيڪڙو!“

---

(١) ائيڊ = پهلوان، بهادر. اواريون = پنيريون. تراريون. (٢) هيو کي يعني مير مزار کي. (٣) تاريخ ٢ ڊسمبر ١٩٦٢ع تي ڪڇهري بنگلي ميرپورساڪري ۾ حامد خان رند جي زباني قلمبند ڪيل.

ائين چئي ته ڪي هنيائينس ته وڃي ڪريو. هن جنگ ۾ رجيرن ڪرمتين جي "سَروٽا" ڌاڙي جي ٻن ڄڻن ڏري ۽ حمر ٻئي وڏي بهادري ڪئي:

مونا ڏر ڏري ڪئي، ٻيا حمر هار
جنهن ۾ ماريا سَروٽا، تنهن ۾ ڪنجاڻ ٻار
سُت پيڙهيا سردار، سَروٽن ڪل ملهائيا.

عمر ساڪائي ڪبول ۽ سندس ساٿي جنگ مان لڪي ڀڄي ويا. مير مزار ٻاقي ٿورن ماڻهن سان وڃي بچيو. تڏهن سڀ اچي جهنڊي اڱڻ ڳڏ ٿيا ته جيئن جهنڊو سلامت رهي.

جهنڊي مٿي جهور، هٿي ڪٽلها ڪتهه ڪرمتين جي
سَت ڀت سَرواهين جي؛ هٿي جهنڊي مٿي جهور
احدي الهداد چئي، آت ڪري ڀيا ڪنگور
لِڪي ويا لغور، تڏهن وٺو مينهن مزار تي(١).

مير مزار وڏي بهادري سان وڙهيو، پر سندس ماڻهو ٿورا هئا. سندس هار ٿي ۽ پاڻ ماريو. سندس وصيت هئي ته مون کي مڪليءَ تي ئي دفنائجو ۽ پوئتي ڪٺي نه هلجو. ڪيس ۽ ٻين سندس ويجهن ساٿين کي اتي دفنايو ويو.

چام ٻجار شاعر هو، ڪيس سڀئي وٽون مليل هيون. ڪيس سندس ماڻهن چيو ته مڪليءَ تي جنگ ۾ جن سورهيائي ڏيکاري، انهن جي لاءِ بيت ڏي. پانيائون ته اسان جي سارام ڪندو ۽ ڪرمتين جي نندا. ٻجار چيو ته، شاعر سچ چوندا آهن، تنهن ڪري آءٌ جي ڪا اهڙي ڳالهه ڪري وجان ته ڪاوڙ نه ڪجو. پوءِ بيت ۾ ڪرمتين ۽ مير مزار جي سارام ڪيائين ۽ جوڪين مان جن ڀاڙن وارا جنگ مان ڀڳا هئا، تن جي ڪُوار ڪيائين:

(١) لِڪي ويا يعني عمر ساڪائي ڪبول ۽ ٻيا سندس ساٿي لڪي ڀڄي ويا.

ماڻهو مڙيو ڇڙون، ته تون پيٽ ڏي ٻجارا
مور جي هئا مکلي جا، تن جي مٿم ساک ٻجار
ڪندا شاعر ٻچيون، ڏيندا پورا پار
پر شاعرين سنڌي سچ ۾، تو ڏسان لب لغار
آچي اٽيي آئيا، ڪرمتي ڪاٽار(١)
مورين منچون مڪڙيون، ڏاڙهيون پنيا وار
هزارون پيرن ۾، کيڙا ڪڙيءَ ڊار
رات هٿي ڪانڪا، پوڙا هئا پهار
"ڊيلا" پڳا "ڊاگڙا" "بنديچا" "سالار"(٢)
"چام" چڏيائون پڙ ۾، ٿيا الاهي ٿهار(٣)
پارهن جوکيا هڪڙو بروچ، تي وڙهن سنڌي وار
مهڙ هي مير مزار، مکلي سڀ ملهائي.

انهيءَ تي جوکيا اچي ڪاوڙيا. تڏهن ٻجار ٽالاڙ کئي پڌايا ته اوهان مان فلاڻي فلاڻي کي ٽپ ڪنهن جا آهن؟ سڀني چيو ته اسان کي ڪکي منچ واري (يعني سودي ڪلاتي) جا ڏک آهن.

پارهن تراريون بروچ جون مچيون تي مردن
جهڙي سودي هڪڙي کي، تهڙي جي پيا ڪن
ته مزار مٿانهون ٿئي، هوند مير منجهه مردن.

سالارن جوکين به مکلي واري لڙائي ۾ مڙني کان ڏيکاري، تڏهن ڪنهن چيو ته:

سالارن کان سچ پلي، ان کان پلو ويرو
نکر ۾ تيرو، پنهنجو ڪنجان پاڻ سين.

ڪنهن سنجاڻ، سنڌ نگر برفت تي حرف رکيو ته:

"مزار مارائي، وچي ڪوتڙي ۾ قراريو"

(١) اچي پٽي=پڌري پٽ (٢) ڊيلا، ڊاگڙا، بنديچا ۽ سالار=جوکين جون اوڙڪون، جن مان "ڊاگڙا" ميرپور ساڪري جي آسپاس ۽ سالار هن وقت درساڻي چني (ملير جي اپرندي طرف) رهن (٣) چام=چامن جي اوڙڪ (موسيٰ، وڏو ۽ تيسو لنيو)..

ٻاقي ٻرڙين جي راڄڌارن مان قيصر خان حماتي نہ ڦريو:

"ڪڪي قيصر خان جون، هيون ٻچاڙون پاتارين"

قيصر خان توڙي سندس پٽ ٻهادري سان وڙهندي ماريا:

ڪڪا پٽ قيصر جا، هئا ٻهرام ٻئي ٻانڪا
وڙهندي ويرين سامهون، واڙي ڏين وَڪا
لائي تڙ تراريين، سرواهين جا سٽڪا
ڪري لوهئوسين لنڪا، وڃي ڳڏيا جوان جنت ۾.

قيصر خان حماتي جنهن قول ڪيا هئا، تنهن پنهنجا پورا ڪيا ۽ مڙس مير مزار جي پاسي وڙهندي ماريو.

ڏيئي ٻول ٻروچ کي، ٻڌا هئا حماتي هٿيار
چئي: سوگان لڳي ميهڻو، ٻنا مير مزار
ٽنهون ڏيٺ پچار، هئي ڪڪي قيصر خان جي.

چون ٿا تہ گنديءَ منڊائي يا ڪرمتين مان ڪنهن ٻئي ڏاڍي مڙس اکيءَ جوکين جو مال هنيو هو، انهن ۾ هڪ مائيءَ جي مينهن بہ هئي. مائي گنديءَ وٽ لنگهي وئي ۽ چيائين تہ: هڪ مينهن اٿم جنهن جو کير ٽنڙو قيصر پيندو آهي. گنديءَ چيو تہ، اماں! تون پنهنجي مينهن ڪاهي وڃ، ۽ مائيءَ کي گنديءَ جا پئسا بہ ڏنائين. پوءِ قيصر جڏهن وڏو ٿيو تہ ماءُ چيس تہ، جي سنهنجو سپوٽ پٽ هوندين تہ هميشه ٻروچ جي ٻاران وڙهندين. قيصر جوکين جي 'حماتي' پاڙي مان هو. جڏهن مڪلي جي جنگ لڳي تہ قيصر اهو سوڀائي وارو اکر ياد ڪري ٻروچن جي طرفان وڙهيو ۽ ٻچاڙي ٽائين پيئو، ٿان جو مارجي ويو. پوءِ ملڪ ڪرمتي، انهيءَ انصاف ۾ حماتين کي ساليانو خرار سارين جو ۽ هڪ پاڏو ڏيندو هو. جيتوڻيڪ هن جنگ کان پوءِ چام ٻچار، حماتين کي ڦيرائي پنهنجي پاسي ڪيو:

"ٻچار ٻار وڇايا، آپ چڙيو ٽپرن"

مير مزار باقي ٻچيل ٽورن ماڻهن سان ميدان" جهلي" بيٺو، تان جو سڀ وڙهندي مارجي ويا.

اڳ جٺن ابڙي ڪيو، ساڻ سپر ۽ سالار
جٺن دودي ڏيميون پيليون هٿي منجهه هزار
جٺن عبدالله خان آئا ڪيي، تٺن ڪيي مانجهي مير مزار
جٺن ڪيهر شينهن ڪيڏارا ڪري، تٺن ڪيا مانجهي مير مزار.

هن جنگ ۾ ڪرمتي اتورا هئا ۽ تڪڙا ٿي آيا هئا، جو هارايائون. جيڪي پويان رهجي ويا هئا تن مان ڪنهن چيو ته:

ٻرهٽي جي اسين هيڪاندا هئون، تڏهن تيڏي وار
نه ڪيٺن جوکيو جنگ ڪٽي وڃي، اسان ڪنان پيهار!

هن جنگ لاءِ جوکين جو هڪ وڏو لشڪر "هاليجي" واري پاسي کان آيو. رُوحا ۽ رحيمداد انهيءَ لشڪر جا اڳوان هئا. (١)

رُوحا رحيمداد، ڪٽي جنگ جلالي آئيا
هاليجي تان هيٺ ٿي، وڃي نميا ننگرپار
هٿن ۾ پنهي ميرين پاڻ ۾، ڪيو آريٿون استيمار(٢).
"هن هن" حمزاين جي، وائيءَ ڏين نه وار(٣)
آتش متي آسريا، ڪري سهيلا سر سينگار
ٻچي وٺين ٻجار، جو سرڻ ٿين وڃي سيدارن جي.

مٿريد مهيهي سانهن جٺن، اچي پٺور پئي(٤)
تن سانين مگ اڙايا، واڳهين وَڪنديئي
ڪوٽ خرارين نه پيئي، وِرتا ڏَرِ پنڊي ڏيئي

---

(١) شايد هي بيت ٻرفتن جي طرف جي گلاب لنگهي جا چيل (٢) ميرين=ڪرتين (٣) حمزاين=ڪرمتي بلوچن (٤) مريد پسپرائين سالڪن مان هو.

سانگو ڪن ڌ ساهه جو، هينئون هٿ نيئي
ٻڌن ٻار ٻيئي، ته ڪا ڄمزاين هيڏي ڪئي!

خيرڻ خلوت خارجي، ٻي وائي ڌ واري (١)
اهڙو مير ميدان ۾، ٻرڪڻ ٻاهه ٻاري
چوڏس چوڪس ڪيائين، آنڌائين آڌيءَ اٿائي
ڇرو پٽ ڇاهه، چوگان ۾، ورڌئين ڳوڙ ڳاهي
وڌڙا ريک راهي، ڌر پنهنجي ناموس جي.

مڪلي واري اها جنگ ٦ جماديالاول سن ١٢٠٣هه ۾ لڳي، جنهن ۾ مير مزار ماريو. مير مزار، مير خيري ۽ مير ابراهيم ٽنهي جون قبرون هڪ ٻئي سان لڳولڳ مڪلي تي آهن. اهي قبرون مرحوم حاجي عبدالرحيم شاهه جي بنگلي جي لڳ ڏکڻ طرف آهن. مير مزار جي قبر جي سنگتراش جو نالو ”ياد محمد شاهه سنگتراش“ لکيل آهي. چار ٻچار اٺ سال پوءِ سن ١٢١١هه (١٧٩٦ع) ۾ وفات ڪئي ۽ ”چوکنڊي مقام“ ويجهو اوپر طرف دفن ٿيو.

---

(١) خار=ڪار، جنگ جي ڪاوڙ. خيرو، مير مزار جو پاءُ هو، ۽ جنگ ۾ ماريو.

٥. چورڙي واري جنگ*

هنيءَ جنگ ۾ برفتن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ 'چورڙي' مڪان تي لڳي. "چورڙو" 'ڪيرٿر جي لڪ' طرف ٽاڻي بولا خان کان آٿ ڪوه الهندي طرف آهي.

مينهن وٺو ته ڪلهوڙ مال سانگي اتي اچي ويٺا. حملاٽي برفتن مان هڪ شخص، ٻاڙو 'شودو' تنهن هڪ ڪلهوڙ کي ماريو. ڪلهوڙن ان جو عيوض ڪيو ۽ ان شودي کي ماريائون. پوءِ هيٺان مَلڪ احمدخان ۽ مَلڪ جيئند خان لشڪر وٺي چڙهيا. 'پچاڻيءَ' جي مڪان وٽ مَلڪ احمدخان ناچاڪ ٿي پيو، سو موٽي آيو. باقي جيئند خان لشڪر وٺي ڪلهوڙن تي ڪاهي ويو. موٽي انهن ڪلهوڙن به مقابلي لاءِ لشڪر چاڙهيو. اها خبر مَلڪن (برفتن) کي پئي، سي رات جو وڃي ٻانٿيءَ جو ڳهٽ جهلي ويٺا. پوءِ ڪلهوڙ جيئن لڪ مان لهي هيٺ آيا ته پويان اڙن مان برفتن بندوقون هنيون، جنهنڪري گهڻا ڪلهوڙ مارجي ويا. هنن کي واهه ٿي ڪانه ملي جو جنگ هٿي سگهن.

پوءِ ميرن، مَلڪ احمدخان کي حيدرآباد گهرائيو ۽ چيو ته: اوهان زيادتي ڪئي آهي، جو راڄن جي ٻن ڏرين جي وچ ۾ عيوض پوري ٿيڻ کان پوءِ اوهان پاڻ لشڪر ڪري چڙهيا ۽ ويساهي ماڻهو ماريا. مَلڪ احمد خان چيو ته: شودو منهنجي لشڪر جو اڳواڻ هو، انهيءَ ڪري آءٌ پاڻ چڙهيس. باقي جيڪي ڪلهوڙن جا مڙس مئا تن جو عيوض ڀرڻ لاءِ تيار آهيان. ميرن جو اصول هو ته ڪنهن به طرح راڄ نه وڙهن، سو ڪلهوڙن کي به صلح لاءِ چيائون.

پوءِ ميرن، برفتن ۽ ڪلهوڙن جو صلح ڪرايو ۽ پاڻ ۾ "ڪرڙو سڱ" ڪيائون، يعني ڳنڍ ويهي پيالا پيتائون.

---

* هن جنگ جو ايترو بيان، سگهڙ الله بخش پالاري ۽ لال بخش حملاٽي کان مليو.

٦٠ ميانهين پنهور جو مقابلو*

پنهورن سان هڪڙا وڏيري دودي خان وارا هئا ۽ ٻيا خان محمد وارا. انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ صلح ٿيو ۽ گڏجي هڪ ٿيا. اهو وقت هو جو ڪنهن اچي ڏانهن ڪئي ته ڪو مغيري وڏو ڌاڙيل ۽ هاڻو آهي، انهي ڪي ڪو جهلي. انهي تي وڏيري خان محمد چيو ته: آهي ڪو مڙس جو هن سان مقابلو ڪري. تڏهن مينهون لڏائي اٿيو ۽ چيائين ته آءٌ مقابلو ڪندس. پوءِ هي مڙس وڃي وڙهيو. پيو ساڻس سنگتي اسماعيل پنهور هو. مينهين وڏو مقابلو ڪيو ۽ شهيد ٿيو. پيڙي فقير چارڻ هيٺين بيتن ۾ مينهين جي جنگ کي ڳايو ۽ وڏيري خان محمد جي ساراهه ڪئي، ته هو خوش ٿي کيس انعام اڪرام ڏني ۽ زري زربفت واري لباس جي پاڪر پهرائي.

ساراهيان سچو ڌڻي، ساره جنهن جي ڪن
قادر جي قدرت جا ٿيا چارا چٽ چلن
دانهه، دودوخان هئيو دولهه ڏنهن ديرن
هڪ صاحب سرداري گهٽي، پيو سونهين سردارن
خشڪي سيلابي خير ٿيين، ٿيا پرڳڻا پرڪن
پرچي سرچي پاڻ ۾، حاضر ٿيا حڪمن
آڏو خان محمد خان هو عادل سين عملن
تنهن تواضع تمام ڪيو، سين ورنهي وڏيرن
ڏانهين اچي ڏانهن ڪري، ڪوڪ وڏي آ ڪن
ته تنهنجي عمل عدل جي مات لڳي اٿون من
مغيريءَ جي متي جو هوند حاڪر هٿ پچن
ته ڪڏهن نه اهڙي ڪن، ناحق ڪنهن سان نه ٿئي.

---

* ڪمڻ فقير چارڻ ڪان سن ١٩٥٧ع ۾ دادو ۾ ميان دين محمد چارڻ ساڻ ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ناحق ڪنهن سان نہ ٿئي، ڏس ورنهہ ويچاري
آڏو دزد دلاور ويٺا، آرڻ اختياري
تہ ڪو مرڪي مرد چڙهي وڃي ڙي قابل ڪيڏاري
هو پي وري نہ ويٺا ويسلا، رڻ پارڻ پازي
خان محمد خان مٽڪا چڱا چالاري
هيڏهن دل دلاور دل جا، هاٿون هاڪاري
هوندا پساري، ڪندا مردن سان مقابلو.

اللّه جل جلاله، سائين قادر پنهنجا ڪم هلائي
جا تقدير ڏٺيءَ جي توڙئون، امر منجهہ سڀڪنهن آهي
وير وڏيرا وچ ڪچهري، جنگ ويٺا جايون جوڙائي
خان محمد خاص آڏو اهو آلاڻي
ڪي همراه اوهان جا قابو، ڪو اڙٻنگ جوان اوهان ۾ آهي
اتي مينهون مڱ ماڻدان اٿيو آ، جو دُرس دلاور دل لائي
پڌي مچي منجهي ني پيئو، محڪم متي موت چٺائي
هاٿون هاٿن کي ڪڏيا، هن پني چڏين هٿ چڪائي
پيو اسماعيل ساٿن سنگتي، واهہ پنهوار وڙهيو ونگ پائي
ڪون ڪنهين ڏي قابو اچي، سڀڪنهن جي سِر تي آهي
مار ترار، اتار اتاهون، لوهو لعل اتي رنگ لائي
مولہ سلامت مينهين آندي، ڳهاؤ وڏ وڏاڍي پڻ ڳهائي
ارزيو ڪين اتي پڻ لائق، ڪيهر آيس ڪَستئون ڪاهي
منجهہ ڪچهري ”مينهون“ آيو، نمڪ جو ننگ سلهائي
وير وڏيرن تنهن کي واريو، ”جوڙ مينهين کي جس جڳائي
آئين ڪم اسان جي اهڙي، سورهہ سانگو سر تئون لاهي“
جهڙو جوان لڙايون ڪري، اعتباري اهڙوئي آهي

ھُنئي جليو ھتنگن وانگي، اوئس آرٹ جو آھلائي
سورھ، شير شھادت رسيو، ويو وارو ھنھنجو وچائي
خان محمد خوش وسي اعليٰ عزٌ جنھن جو آھي
پاونگ گهران ساڻ پلاٹيو، ھيڙو عالم منجھ، ھڏائي
زَري تَران زرَ ھفتوَنُ، پيچون پاکر سون ھرائي
ھيڙي اتي پاجهون کندو، کلمون کوڏ منجهان جوچائي.
لااله الا الله محمد رسول الله

۷. وساڻي مهر جو مقابلو*

وسائو مهر (ٻاڙو چڻنا)، ساڏور مهر (ساڏور مهرن جو وڏو) ۽ ڪيرڀيو ماڙيچو، تيئي ڏاڏا سڙس هئا. وڪي وڃي هنيائون ته ڀويان واهر ٿي اچي پهتي. وسائو وڙهيو، ٻاقي ٻئي ڇڻا ٻي‌ايمان ٿي ڀڳا ۽ واهر ڪان جاٺا پري جند ڇڏائڻ لڳا. وسائي ٿي مڙس ماريا، پوءِ پاڻ به مارجي ويو. ساڏور ۽ ڪيرڀيو به واهر هٿان مارجي ويا، پر مڙس ٿي ڪين هئا. وسائو سنڌ ۽ جيسلمير جي ٻني (سرحد) ڪان هريان جيسلمير جي حد ۾ رکيل آهي ۽ ”وسائو شهيد“ پيو سڏجي.

هاتڪ ٻٽ همير جي، ارڏي ڪيو آلاءُ؛
هو ٿيه، ڇڻا اسان ٿي ڇڻا، ڪونهي جنگ جفاءُ
مت ٻڌڻ آ سٿو رهيان، آهن سويان هٿ الله.

ڪيرڀيي ڀري ڪنجري، هيٺي واريائين هام
ٻالڪهاڻ ٻڏي ٻار جان، پيو ڪري ساڏور سلام.

ٻائيندو ستا خان جو ڪوهو قرارو
وساڻي وس ڪيو وڙهڻ جو وارو
مهر ته مت وارو، هئي شير شهيد ٿيو.

---

*مگهڙ صابر قاسماڻي شر جي روايت جيڪا اياوڙي ۾ ڪيل ڪچهري (۸ جون ۱۹۶۲ع) ۾ قلمبند ڪئي وئي.

٨. لنجن جي ڪريڙ جي ٽڪرن تي چڙهائي*

"لنجا" ڏل قبيلي جو ڀاڱو آهي. لنجن مان درويش راڄسين سومرائي ٿيو، جنهن جي اولاد مان 'راڄسين پوٽا' دل لڏي وڃي ڪڇ ۾ پنهنجي ايراضي ۽ ڪارنگي ۽ ٽڪرائي جي جهيل" (ٽڙ) تي ويٺا. 'پچم' ۽ 'ڪريڙ' جا ٽڪر جي پاڻي جا راوا پڻ هئا، سي "کهوڙا واهي" ڏاڙا هڻندا هئا ۽ ڦوريون ڪري مال ڪڍي ويندا هئا. انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ آزار مچي ويو هو. جڏهن ٽالپورن جو دور آيو ته حڪومت طرفان سنڌ جي قومن جي مدد ٿي. ان وقت خليفي گل محمد راڄسين پوٽي جي وڏي عزت هئي ۽ هن ڪڇ ۾ پرنديارِي تي وڃي راڄ پڌو هو. ان وقت ٽڪرن سنڌ جي حد مان لنجن جو مال هنيو. پهريائين راڄوٽي ٿاهه لاءِ 'پنهنجي وارن "راڄسين پوٽن" فقيرن جون ٻه دفعا ونن ميڙيون ويون پر ٽڪرن ڪين مڃيون. پوءِ هتان سنڌ مان لنجن جو لشڪر چڙهيو ۽ فقيرن کي پرنديارِي مان ميڙ لاءِ گهرايائون. پر تڏهن به ٽڪرن نه مڃيو. پوءِ سنڌ جي لشڪر ڪريڙ ۾ ٽڪرن تي چڙهائي ڪئي. انهيءَ مقابلي ۾ ٽڪر هيٺا ٿيا، آڻ مڃيائون ۽ مال موٽائي ڏنائون. ابن، الياس، مرماڻ، لکو، مانجهي، همير ۽ ٿيمجڻ لنجن مان همت پريا مڙس هئا. ٻئي طرف سنيڏل، هالو، واگهو ۽ راوت ٽڪرن جا اڳوان هئا. انهيءَ جنگ تي پرنديارِي جي راڄسين پوٽن فقيرن مان ڪنهن بيت چيا:

---

* راوي (مرحوم) خليفو صابر پٽ خليفو علي 'راڄسينءَ پوٽو' لنجو دل، ويٺل آڻ جو ٽڙ، تعلقو مٺي. خليفي مرحوم سان ١٩٥٩ع ۾ ڪچهري ٿي ۽ هي احوال قلمبند ڪيو ويو.

اللهٗ جلّ جلالہٗ، جڏهن سفر سنهوڙا سون سڦرا ساٿيئن، ويندي واٽ ٿيا "آبن"، "الياس" ٻانڻ ۽ ٿيا "سرمان" وٽ سوڙها ته هلو پنجون "لکي" کي جو ٻاو آن "جو ٻاءِ "مانجهي" پٽ "مظفر" جو آ رهائين جو راءِ هلاياءُون پنهي همه‌رکي، جنهن دانه در ٻڳا سعيو کري "سومرائي" هنيو ٻانڻ هٿا (۱) وڃي ڪُڙ کيو کوٽ ۽ "ٿينجن" ڪيو ٿيڪا تنهن پڇي پٽ پورا ڪي، وڙهڻ جي ويرا.

ڪنڌا ڪريو ڪوٽ ۽ سينڌل سنهين نه ڏي.

"هالي" کهٽا هلائيا، ڪيي ڪاڪريا.

ڪڍيو ڪاڪرن کي، ويٺو واکهو اٿين جوءِ "پڇن سي پيتين" چڏي، آڏ ڪو جنين هوءِ" (۲)

ساٿو منهي سٿونڌري، ٿو پورا ڪٺي پير متي جا وڙهڻ ويڙ، سا رکي راحت روح ۾.

ڪڙيو مثان ڪاٿ، نهاري راوت راءِ هڪڙا ميڙا مريدن جا، ٻيا پسو پير آيا ڪن نير پٽڏا ڪپڙا، ڪني لال لانگوٽيا کي کهٽا پٽڻ گودڙين، ڪي سونهن سفيدا

---

(۱) سومرائي يعني اولياء راڄسين سومرائي، جنهن جي هن طرف کي دعا هئي ۽ دشمن کي پٽ جي ڪاٽيي.

(۲) "پيتين چڏي" ڪڇي سنڌي جو محاورو آهي- معنيٰ "پٺيون چڏي".

اوچن جن سين اهڙا، تن سين هٿيار هٿ هئا
ڪُنڌ، ڪنارا، ڪاتيون، هٿا جنبوٽن جوڙا
ري ميراڻان، سڻا، هيرن پڙ پيا
وڍيائون تنهن واکهي ڪيٖ، جنهن جا ڏڙ ڏڙ هيا
راوت روڙنسي وڏائون، جنهن جي نڙي
ٽاڏ ڪيا (١).
ڪٽي ڇٽي ڪين، سين، لال لنجا وريا.
لٽن ڏولائي جيا ڏينهڙا، لٽن واء سٽا
ويندا سي ايمان سين، جي ڪلمون چون مٽها.

(١) رولسي وڏائون=ماري وڏائون. نڙي ٽاڏ ڪيا=نبض مانَ وت ويلا ڪيا.

۹. جتن ۽ چانگن جي چاڙهي واري جنگ

هيءَ جنگ ميرن جي اوائلي دور ۾ لڳي. ”چاڙهي“ هڪ ”گهاڙي“ يا ”ڪاڙي“ آهي، جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي ويڙ تي چڙهي ۽ لهي. ”چاڙهي“ جي ٻرِيان ڏکڻ طرف ۾ ڪافي کهٽي زمين آهي. چاڙهي جي ڏنڊ، ديهه ڪاڪ (ٽپو ڏوڳهو) تعلقي جاتي ۾ آهي. هن جنگ ۾ هڪ طرف جت هئا ته ٻئي طرف ٻيا راڄ هئا، جن مان گهڻا چانگ هئا. انهيءَ ڪري هن جنگ کي ”چاڙهي واري جنگ“ يا ”جتن ۽ چانگن جو مارو“ سڏيائون. جت، ”چاڙهي“ جي پرڙينءَ ۾ (ڏکڻ طرف) هئا ۽ چانگ ۽ ٻيا راڄ اورئين (اترئين) طرف کان آيا. ٻنهي طرفن جا جيڪي ماڻهو مئا ۽ اتي لٽيائون، انهن ماڳن کي ”جتن ۽ چانگن جا ڍير“ چوَن، جيڪي جاتي تعلقي جي ديهه هيٺان ۾ آهن.

هن جنگ جون ڳالهيون وينديءَ هن دور تائين لٽي ۽ لاڙ طرف مشهور رهيون آهن ۽ اسان پنهنجي پڇا دوران ست روايتون قلمبند ڪيون، جن مان پهريون پنج پين سڄاڻ جون آهن ۽ باقي ٻوين ٻن مان هڪ حاجي ناهڙ چانگ جي ۽ ٻي چڳي جت جي آهي، جيڪو هاڻ انهيءَ جنگ ۾ موجود هو.

روايت حاجي سرماڻ خان*

مرحوم حاجي سرماڻ خان ٻگهياڙ چيو ته: ”چاڙهي“ واري مارِ ۾ جڏهن هڪٻئي کي سامهون ٿيا ته شير خان

---

* حاجي سرماڻ خان جي ڳوٺ مڪان ٻونبري ۾ ۲-جنوري ۱۹۵۰ع تي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي وئي. آمريڪا مان پڙهائي ڪري ۱۹۴۹ع ۾ وطن ورڻ بعد سنڌ جي سگهڙن مان ڪچهرين ڪرڻ واري رٿيل ارادي موجب هي پهرين ڪچهري هئي.

جت، سمندر چانگ کي پنهنجو مٽ چائي سڏيو. هو پوڙو هو ۽ سڏ کون سمجهائين، تنهن تي اڪ ۾ پيروزشاهه وجي شيرخان کي سامهون ٿيو. پويان سمندر به وجي ساڻس گڏيو. شيرخان جت جو ترار هنئي ته، پنهي مان پاهر هلي ويئي:

سڏ ڪيائين سمندر کي ته آيو پيروزشاهه
هنيائين هڪل ڪري ته پنهي مان پهار

شيرخان جت وڏي همت وارو ۽ بهادر مڙس هو. ترارن جا ڏڪ مٿان ڏڪ لڳس ۽ پاسي کان گوشت پئي لڏيس، ته به پئي وڙهيو. جڏهن چيائونس ته هي زور وارا ڏڪ آهن، پيهي کون سگهندين. چيائين ته: "هي قسمت جا ڪيما آهن، پل پيا لڏن." سندس سوٽ راڏو به ساڻس جنگ ۾ گڏ هو ۽ وڏو پهلوان هو. پوءِ سندس دل ٽوڙڻ لاءِ ڪنهن چيو ته: "راڏو مري ويو ۽ تون به چاڻ ته مئين." تڏهن وڙهندي ورندي ڏنائين ته:

"راڏو ڪو مري!
راڏو مري ته ڌرتي ڏبي، نوند نچن!"

يعني ته جي اجان ڌرتي ڪانه ڏبي آهي ته راڏو به ڪونه مئو آهي. انين تراريون هڻندي شيرخان اچي راڏي جي لوٿ مٿان پيئو. راڏي کي بندوق لڳي هئي جو مئو هو. چيائين ته:

"راڏي جو ڏريهه (ڏاڻ) هينيون ڪڍيو آهي."

پوءِ ست ڏيئي سامهون هڪ چانگ کي دَسي چيري سندس رت جو چرون پري پيئڻ لڳو، جنهن تي سندس لنگهي چيس ته: "متان هن جو رت پئين جو هن کي ڪنهڙي جي بيماري هئي." تڏهن چيائين ته: "راڏي جي موت مون کي هينئين تي تشي وڏي آهي، چپن تي دشمن جو رت پيان ته من باهه ڏري پئي!". ان لڙائي کان اڳ دلدار جت ماڙجي

ويو، جنهن تي سندس يار الهداد ڪرمتي شاعر هيٺ چيا، جن مان هڪ هن طرح ته:

اڙڏو الهداد چوي موں سين هو ياري برابر يار
سومن ڪي مور نه وسري دل منجهان دلدار.

روايت خانبهادر خيرمحمد خان چانڊيو*

اول ڪنهن وقت چانڊڪن، "چام" نالي جت کي ماريو هو. پوءِ چانڊڪ ۽ جمالي هڪ پيري جڏهن "سنڪرـ پيـن" جي ميلي تي جاتي ۾ آيا ته دينار نالي جمالي کان بندوق ڇني ورتي ۽ جت مئو. انهيءَ تي جتن، سردار شيرخان چانڊڪ سوڏا چاليهه مڙس ماريا. پوءِ چانڊڪ ۽ جمالي سڀيري ٿهي وڏو لشڪر وٺي جنگ لاءِ آيا. فيروز شاه ۽ سمندر چانڊڪ سردار هئا، ٻئي طرف شير خان جت سردار هو. جنگ ۾ شير خان کي تراريون لڳيون ۽ آنڊا لڙڪيس پر چيائين ته "اهي قسمت جا ڪيسا آهن" ۽ آخرڪار ماريو. جتن سان پيا سندن پنهنجا راڄ وارا پيڙا هئا. شيرخان وارا راڏائي جت هئا. لاڪائي جت هن جنگ مان پڇي ويا.

اهو لائق نه هو لاڪي جو، ويو چانئي ويرچڏي
راڏا راڄ اڏي، جوان کهڙيا آهن جنگ ۾.

ڪنهن ٻئي قبيلي جي ٻروچ اڪوان ٻڌو، شير خان جت کي ڏاڙهي ڏسي هئي ته هو ساڻس پيڙو رهندو، پر اهو ڀڄي ويو. تڏهن ڪنهن چيو ته:

ڏاڙهي ڏسياءِ جت کي سا وڏي ڊرتياءِ
جهڪو جهڻ ڪياءِ، گهر گهگهيريون لڄائيي.

* مرحوم خيرمحمد خان چانڊيي سان سندس فرزند مرحوم محمد يوسف چانڊيي جي دعوت تي سندس پنهنجي ڳوٺ (لڪ لاڏيون) ملاقات ٿي. مرحوم ان وقت پيرمرد هو پر اڃان پڙ هو. اڳين وقت جون چڱيون خبرون ٻڌايائين.

حامد خان رند جي روايت

شير خان راڏو جت هو. سمندر ۽ ڀيروز چانڊيا جن جمالين سان گڏجي جتن تي حملو ڪيو. جت مارياڻون ۽ انهن جي گهرن ۾ گهرو سامان ڪنيائون ۽ ماڻن کي ڏرياڻون. شير خان کي جڏهن چانڊين جي حملي جي خبر ملي ته "سمندر سمندر" ڪري اٿيو. مقابلي ۾ سمندر ۽ ڀيروز کي ماريائين ۽ پوءِ پاڻ به مارجي ويو. انهيءَ جنگ تي شاعر الله داد هيٺيان بيت ڏنا:

سڏ ڪيائين سمندر کي، وڃي ڀيروز خان
ڀوڙي پيلين ڪان پڇيو، ته هو ڇا ٿو چوي خان
چئي: سڏ ڪيائين تو کي، وڃي تو ڀيروز خان
اتي سمندر ڳالهه سمجهي، ڪئي عمرائي آڻان
ڀر سڻيائين سمندر کي، پوءِ اٿيو ڀيروز خان

شير خان جو ڀريون ڏک سمندر ۽ ڀيروز خان ٻنهي کي ڪٽي ويو:

شاباس واليڏنا لوهار، جو تو گهڙيو شڪيلو شير خان جو
هٿي جي هڪڙي کي ته، ٻنهي سان ڀار.

سڙها ويري سي جي لوءِ ۾ لڇين ۽ گهر ٻار نه ڏترين. چانڊين جا چڱا مارجي پيا ۽ ٻوين کي پوءِ اها ساڃاءَ نه رهي ته جتن جي لوڙهي جي لڄ رکن.

چانڊڪن ۽ جمالين کي ڇا چوان آئون
چانڊڪن ۽ جمالين جون سڻيون نه مائون!!
هوند ڀڪا ڀشڪيڙن جا ڏنگر نه ڏاتائون
ڪهر ڪيائون، نيائون ٻڙچ ڀيڏا، پاڻ سان.

دودي زنگيجي جي روايت*

ان وقت جت، ڏيهه "ڇڇ درس" تپو مڙهو بولاخان، تعلقو جاتي ۾ ويٺل هئا. اتي جتن جي هڪ مائي ڳيهه ڪٺي هٽ تي وڪڻڻ آئي. مائيءَ واٽيو ٽيڪا مٺا ٽيا. هٽ تي هڪڙو چانگ ڪٽ تي سُتو پيو هو، تنهن واٽيءَ کي چيو ته: "کهڙو نه حُسن وارو ماڻهو آهي، اڙي واٽيا ڏي پئسا!" اتي مائي چانگ کي چيو ته: سنڀاري ڳالهاءِ. تڏهن چانگ چيس ته: توکي به حسن ڪنيو پيو گهمي. انهيءَ تي مائيءَ جو هنيس مٿنگهه ڳيهه وارو مٽي ۾ ته ڪتا کهڙي ويس ۽ چانگ مري پيو. پوءِ چانگن ڀلاند وٺڻ لاءِ مائيءَ جي پاءُ کي ماريو، جيڪو جتن ۾ سڪر هو. اتي جتن وري چانگن مان ڪنهن سڪر ماڻهو کي مارڻ جو قصد ڪيو. سوڀرات جو راڏي ملڪ جي ترار ڪنيائون، جنهن تي راڏي جو نالو ۽ لوهار جو نالو لکيل هو. جت چانگن جي راڄ ۾ گهڙي پيا ۽ چانگن جي سڪر کي مارڻ لاءِ تلوار جو وار ڪيائون. چانگ ته مري ويو پر ترار ڪٽ کي لڳي ۽ ڪُپي ويئي. ترار کي ست ڏنائون ته ترار پڃي پئي ۽ نالي وارو ٽڪر ڪٽ ۾ لڳل ڇڏي موٽي آيا. چانگن صبح جو ترار ڏٺي. ڏٺائون ته ترار آهي جتن جي سردار راڏي ملڪ جي، سوا ها ترار کڻي آيا شيرخان چانگ وٽ، جيڪو چانگن جو سردار هو. شيرخان اتان ئي چڙهيو. اول اچي جاتي وٽ پيو. شهبيگن جتن جي ٽولي مٿان. جت وڙهيا ۽ شيرخان چانگ کي ماريائون. اهو حملو ٿيو 'ڪنڌڪي' وٽ ٿيو مغلپين ۾. پر چانگ اصل ويٺل تعلقي بدين جا هئا. پوءِ چانگ موٽيا تن وچي چوڏهن راڄ چاڙهيا هوڏانهن ڪڇ مان پڻ جت

---

* هي روايت سگهڙ دودي زنگيجي جي زباني، ڪڇهري چوهڙجمالي ۾ تاريخ ٢٢- اپريل ١٩٦٢ع تي قلمبند ڪئي ويئي.

آڪري آيا. ٻئي لشڪر "چاٺي" ۾ اچي ڏوهندو مقابل ٿيا. ٻهرين سٽ ۾ جتن جو وڏو راڏو ملڪاڻي مارجي ويو. پوءِ باقي وڃي رهيو شير خان جت، جيڪو پڻ ملڪاڻي جتن مان هو. انهيءَ لڙائي ۾ وَنڌهين فقير جت جي پاڻ سان رَجئو پونو سالار وڙهيو هو. "چگو" جت جيڪو سگهڙ ۽ شاعر هو، سو ۽ هن جنگ ۾ وڙهيو هو، سندس نڪ تان ترار آئي، جنهن تان پوءِ سونو نڪ وجهرايائونس.

روايت ڪيڙا خان*

ڪو چانڪ بيمار هو، تنهن جتن جي اٺين ۾ ٻئي ڪير پيتو ۽ اتي ئي ڪٽي مري ويو. چانڪ ڪڏجي شيرخان جت وٽ آيا، تنهن چيو ته: ادا! چانڪ اهڙو سگهو مڙس ئي ڪونه هو جو جتن مار يو هجي. اوهين مڙي وڃو، خواه مخواه ماٺهو وڙهي خراب ٿيندا. شير خان جي انهي جواب تي چانگن کي جت ماريا.

چانگن ڏنو ته متان جت ويڙ وٺن، سو چانگن جي سردار وڃي ميرن کي سگ ڏيئي ماڻن ماڻٽي ڪنڊيءَ پوءِ جتن تي جٽوٽي ڪنيائون. انهي تي ميرن، جتن جي سردار شير خان کي فيصلي لاءِ گهرايو. ميرن سندس هلت چلت ڏسي چيس ته: شير خان! تنهنجي مستي ۾ گهنڊي آهي. شير خان جواب ڏنو ته: اها ترار يون ڪينديون. اٺين چئي دربار مان هليو ويو. ميرن کي شير خان جي سرڪشي تي ڪاوڙ آئي، تن چانگن کي مدد ڏني، جن چاٺيءَ ۾ وڃي جتن تي حملو ڪيو.

---

* هيءَ روايت سگهڙ ڪيڙا خان جي زباني، ونيجي ۾ حاجي ڪرمي مرحوم وٽ تيل ڪچهري ۾ تاريخ ۲۳- سپٽمبر ۱۹۶۱ع تي قلمبند ڪئي وئي. راوي ڪيڙا خان سنه ۱۹۶۳ع جي آخر ڌاري وفات ڪئي.

آئي جت جوان، توتي دودا ڏيميون آئيون
توڏانهن ميرسرائي موڪليا صوبا ۽ سلطان
شير اٿي شير خان، ڪر ڪا ڪيڏ ڪني جي.

جت ٻ شير خان جي اڳواڻي هيٺ لشڪر گڏ ڪري مقابلي لاءِ ميدان ۾ آيا. لڙائي هلندي شير خان جت، چانگن جي سردار تي وار ڪيو ته ان جو پاڻيجو اجي وڃان پيو ته من جت سردار جي ترار مون کي لڳي ته، پوءِ مامو ڏک هڻي ماريس. پر شير خان ترار هڻي ته مامي پاڻيجي پڄهي مان پاهر.

پين مٿن مان پاهر پئي، تنهنجي ميونهري سلطان
سر مرڪي پيءُ تنهنجو دولهه 'دريا خان'
سر مرڪي ماءُ تنهنجي ڪهڪهيري 'گلشان'
جنهن توکي ڏيچ ڏني، تو هڻي پيتي پهلوان
سانگين جا سلطان، آهن وڏا مينهن مٿان ء تو.

پوءِ شير خان جت تي ٻ سانگين يعني ترارين جو مينهن وسي پيو. زخمي تي ڪري پيو ۽ اتي ئي پساهه پورا ڪيس.
جتن چانگن جهور، ڪيائون ڌل ڀل ٽاڪو يو
جتن سٿي چانگ ستو ڪيا، پکا تئون توهڻ تور
ساهو جت شير خان سين، سرڪي پيٺا سور
تن متلڪ مغلين وٽ، وجي ڪي قائم ڪچهري ڪور

انهيءَ واقعي کان پوءِ جت وڃي جاتيءَ ۾ ويٺا.

هن جنگ ۾ جتن جي سورهيائي ۽ ميرڻ خان جت ۽ سندس ساٿين جي بهادري کي ڪنهن ڳايو. هي سڀ ميڙس هن جنگ ۾ ماريا.

جت پيٺا عيد نماز ۾ پڙهي هٿ (ونيهر)
تن پورا پاڳو تن کي، هٿا واري ڏنا وَرَ
سوڏا سڪيلن کي هٿا ساهٿوين ڪيڏايا سر. (١)

---

(١) ڪيڏايا سر=سيراٽ چاڙهايو.

سهڻي جو سڌ ٿيو، جت لڳي ٿي لاڙي
مانجهي ميرڻ خان جي، هٿي اوچي انباري(١)
سونهي سير شير خان جي، رڻ ۾ پاتاري.

رڻ ۾ زنگي خان جي ٿي خاشي ڪير وڙهي
جيڪي آيا عالم خان سين تن مان ونڙو ڪين وري.

جيڪي آيا عالم خان سين سي سڀ جنگين جا جونجهار
سٺونهي سونهري ڇپهه تي، هو ميرڻ مٺيادار
انهين ماڻهن جا سينگار، وچي لحظي ۾ لال ٿيا.

منشي محمد صالح جي بياض ۾ لکيل بيان

مير فتح علي خان سڀ پاڙو (اڪواڻ) مصلحت لاءِ گهرايا. شيني مير صاحب جي ڳالهه مڃي، پر شير خان جت چيو ته آءٌ راءِ سان شامل نه آهيان. مير زور رکيو ۽ جواب گهريو. شير خان جت منهن سڌي پٺي طرف ڪيو. مير چيو ته: "تنهنجي ڪنڌ ۾ ور آهي." شير خان چيو ته: "جي سچي ميري جون تلواريون گڏ ڪندين ته پڻ هي ور ڪڍي ڪونه سگهندين." انهين چئي پنهنجا ماڻهو وٺي هليو ويو. مير پوءِ جمالين، چانڊين ۽ ڪوسن جي راڄن جي پڳڙائي ڪئي جن کي جتن مان خوف هو. تڏهن شير خان جت وارا قليلي جي ڪپ تي ويٺل هئا. پهريون مقابلو ٿيو جنهن ۾ جمالين، چانڊين ۽ ڪوسن جون جتن پٺيون ڪڍي ڇڏيون. پوءِ انهن جا وارث لوٺون ڪٺي اچي حيدرآباد جي ڪوٽ هيٺان ٿي لنگهيا. مير پٺي پڇيو ته پٺي پڌايائونس ته هي جمالين جون، هي چانڊين جون ۽ هي ڪوسن جون لوٺون آهن. هن جهيڙي بعد جت لڏي وچي جاتي ۾ ويٺا.

(١) ميرڻ خان چانڊيو.

ان واقعي بعد سمني راڃن جتن کان بدلي وٺڻ جي رٿ رٿي. پوءِ آئن تي چڙهي تڏن ۽ تراريون ويڙهي جاتي ۽ ويا ۽ اوچتو جتن تي حملو ڪري انهن جا ڀار ٻچا ماريائون ۽ مال ڪاهيائون. شير خان کي اوچتو خبر ملي ۽ هو هليو آيو. جمالين ۽ چانڊين جا سردار ٻئي گڏيا آيا. ٻنهي مان هرهڪ جي مرضي ٿي ته آءٌ شيرخان کي ماري مير وٺي سرخرو ٿيان. مگر جيئن هو ويجهو آيو ته شيرخان هنئي جا ترار ته ٻنهي مان ٻاهر هلي ويئي.

آئي جت جوان، توتي دودا ڏيهيون آئيون
توڏانهن ميرُ سيرائي موڪليا، صوبا ۽ سلطان
تون ڪر ڪو ڪيڏ ڪني جو، شير آئي شيرخان
تو پيتو اوبارو علي جو، ڪ هِڪ پيتياءِ پهلوان
ٻنهي مٿئين مان ٻاهر وئي تنهنجي سونهري سلطان
هوندين خوالي حورين جي، جنت منجهه جوان
تو لڌيو عهدي سين ايمان، هي فاني جڳ فنا ٿيندو.

ڪاڏ ٿون پيٺون ڪنهن جو ڪوڻ ٿي نڪو تي
ڪيو گناهه غريبن
جنهن تي چوڏنهن راڄ چڙهي پيا، حملو ڪيو هزارن
پوءِ سرهي ٻڏي سندرو، لڄ جو ”لاڪائين“. (۱)

چانڊين جمالين جون مٿيون نه مائون!!
پشڪ مان پيدا ٿيا هوند لڇون نه لنيائون (۲)

---

(۱) لاڪائي پاڙو جتن جو.
(۲) پشڪ=گهگهو. حاميد خان رند هيءُ بيت هيئن ڏنو ته:
چانڊين ۽ سراين ڪي چا چوان آئون
ڪومن ۽ جروارن جون مٿيون هيون مائون
تڏهن پکا پشڪيڙن جا ٿي ڏيگهر ڏاناڏون.

چولي ۽ کهڪهي جو ڪر ويچو وڌائون
ڪُپر ڪيائون، جو نيائون ٻڙچ ٻينڊا ڀاڻ سان.

—

ماين معصومن جي، ڪانهي موت مدام
ڪٺهن ويل ڪان، ڪي، ڪا چانگن انڪل اوغام
ماين جي سلام، تن تي رهي ڪلا ڪهڪهيرين جني.

حاجي ناهڙ چانڊڪ جي روايت *

ميرن (۱۷۸٦ع ۾) بادشاهي ورتي ته ان وقت جت ۽ چانڊڪ زور واريون قومون هيون. جتن جي سردار توڙي چانڊڪن جي سردار جو نالو شيرخان هو. ميرن جي ڪنهن وزير ميرصاحب کي چيو ته انهن قومن مان حڪومت کي خوف آهي. وزير جي انهيءَ انديشي جو آزمودو هن طرح ورتائون، جو ميرصاحب پنهي قومن جي سردارن کي ڀاڻ وٽ گهرايو. آڏو وزير جو طنبو هو. اتي سلام ڪونه پر ياڻون ۽ قناتون ڦاڙيندا اچي ميرصاحب جي طنبو تي سهڙيا. اتي ميرصاحب کي ٻه ٻڪ ڏني.

چانڊڪن جو سردار شيرخان چانڊڪ هر سال جاتي ۾ "مڱرپيرن" جي ميلي تي اچي اولياءَ جا ٻڙ ڪير سان ڌئاريندو هو. اها جتن جي جوءِ هئي. تنهنڪري وزير مصلحت ڪري جت سردار کي چيو ته: شيرخان چانڊڪ تنهنجي حد ۾ اچي تو ٻڙ ڌئاري، تون چو نٿو ڌئارين؟ جتن جي سردار چيو ته: اها رسم آهي جا هو اچي ڪندو آهي. آءٌ پڻ ڪانه ڪندس.

شيرخان جت جو اهو جواب ٻڌي، وزير پڻ جتن سان مصلحت ڪئي ته وڃي چانڊڪن سان وير وجهي اچو. پوءِ

---

* هيءَ روايت حاجي ناهڙ چانڊڪ پٽ حاجي ميران (۱۹٦۴ع ۾) عمر اسي سال ڪن ويڙل ڳوٺ مرزاخان چانڊڪ جي زباني، پير ملوڪ شاهه بدين وٽ ڪچهري ۾ تاريخ ۱۹ ڊسمبر ۱۹٦۴ع تي قلمبند ڪئي ويئي.

دلدار نالي جت پيو هڪ جت سان ڪري، ويس مٽائي، جوکي ٻنجي مرليون ڪٺي "مارڊ مٽلير" (هن وقت ديهه ٻهڙمي کان ۴ ميل ڏکڻ اوير تي) ۾ گل محمد نالي چانگ جي ڪري تي آيا. وات تي هڪ ماڻهو دلدار کي سڃاتو، تنهن کي چيائين ته: 'ديس ڇوري پرديس ٻکيا، وڃون ٽا ٻکيا ڪندا.' ڪري تي گل محمد کي چيائون ته رات ترسنداسون. پوءِ رات جو مڙس کي ڪٺي هليا ويا. اها سڌ چانگن جي سردار شيرخان کي به پهچي وئي.

هوڏانهن جڏهن شيرخان جت سردار کي خبر پئي، تنهن 'ٻيبان' نئور' ولاسي ڏڄائي ('ڪين' کان هڪ ميل ڏکڻ تي سندس قبو، جتي "ٻيبان غوث" به سڏجي) کي گهرائي ورتو ۽ کيس ڪجائي تي چاڙهي، دلدار جت جون پانهون ٻڌائي، مٿي تي قرآن شريف رکائي، ڪلهي تي واڪ ڪري ڏنائينس ته هاڻي وڃي خون ٻخشاءِ. ميڙ ٻهتي ته شيرخان چانگ راڄ گڏ ڪيو. تن مصلحت ڪئي ته ميڙ ڪين موٽائينداسين، گل محمد جو خون معاف ڪنداسين. گل محمد 'محبتاڻي' پاڙي مان هو ۽ محبتاڻي 'وڏاڪن' (شيرخان چانگ وارن) جا پاڌر هئا. انهيءَ مصلحت ۾ هڪ ٻيتائي چانگ به ويٺل هو، جو پوڙو هو. تنهن اها ڳالهه نه سمڌي. سو صبح جو سوير ترار ۽ ڪؤنري ڪٺي ٻاهر جهنگ تي تي ويو ته دلدار جت ڪجائي سوڏو سامهون گڏيس. هنيائينس جا ترار ته سني وڃي پري پيس. اهو لقاءُ ڏسي ٻيبان سگوري آٽ ڪٺي پوئتي واريو.

شيرخان چانگ کي جا اها خبر پئي ته، چيائين ته: پوڙي قهر ڪري ڇڏيو، پر هاڻي وير پڄي ويو. مٿان مٺگرپين اولياءَ جو ميلو به اچي پريو آهي. صلاح ڏنائونس ته ۽ هاڻي توهان پڙ ڏنارڻ ۾ وڃ. شيرخان چيو ته: ولسي تان پيرو ڪونه ڇڏيندس، پر اڳي وڏي ٿاٽ سان ويندو هوس،

هيئنر رکيو پنجاه گهوڙي سان ويندس. انهيءَ مصلحت سان شيرخان چانڪ پنجاه ماڻهن سان سوار ٿي ”مڪرين“ وڃڻ لاءِ سنبريو. جهليائونس ته نه وڃ، پر شيرخان چيو ته ”ويندس“.
اها خبر جت سردار کي پئي، تنهن چانڪن جي اچڻ واري گس تي ڪاهو ڪٽائي، مٿان مٽي پرائي، زمين هموار ڪري ڇڏي ۽ پنجاه توبچي ڪوڙي چٺ وهاري ڇڏيا. چيائين ته جي چانڪ وڙهي ته وڙهجو، نه وڙهي ته گس ڏجو.
تڏهن ڪنهن چيو ته: ”سردار، چانڪ تي ايڏو ته وسهڻ ته پلا آزمودي خاطر ڪو اڪيلو سوار موڪل جيڪو وڃي چانڪن آڏو مٽي، پوءِ ڏس ته ڇا ٿا ڪن.“ پوءِ سوار موڪليائين، جنهن اچي شيرخان چانڪ وارن جي اڳيان گهوڙو واريو. شيرخان چانڪ سان گڏ همراهن ۾ دينار ٽالي جمالي هو، جو ڪوڙي چٺ توبچي هو، تنهن چيو ته: دشمن آڏو اچي گهوڙو واريو آهي، هڻانس ته بندوق. شيرخان ٽي دفعا جهليس ته به هو نه مڙيو ۽ هنيائين بندوق ته مڙس وڃي ڪريو. اهو لقاءُ جو پريان جت سردار پئي ڏٺو، تنهن پوءِ ماڻهو موڪليو ته چانڪ اچن ته نه ڇڏجون.
چانڪ ويجها آيا ته هنن بندوقون هنيون ۽ پنجاهي مڙس وڃي ڪريا. پوءِ جت سردار چيو ته اچا به جيڪي منجهن جيئرا آهن، انهن کي به ڪٽهي ڇڏيو. شيرخان چانڪ زخمي هو سو ميدان ۾ تراز نراڙ کي ڏيو ويٺو هو ته ڪنهن چيس ته هاڻي ٿا ڪُهنئي. جواب ڏنائين ته: ”رڍ ٻڪري ميلي کي منهن ڪانه ڏيندي. جڏهن اڙر (پاڏا) ڪُسندا تڏهن ميلو مڃندو.“ پوءِ مڙس سڀ مارجي ويا. جاتي جي پهلاج وائيءَ، اها خبر شهر ۾ ڏني ۽ اتي جي مسلمانن گڏ ٿي لاشن کي ٽڙ ڏياري، جنازي نماز پڙهائي، لاشن پيتين ۾ بند ڪرائي ”رام پاراهي“ جي مقام تي موڪليا.

پيروزشاهه ۽ حسن (مزاراڻي چانگ): ٻئي ڇٽا "مارِ ڏ مليرِ" کان ٻئي آيا ته، نوڪرن چيو ته مقام ۾ ميڙ آهي. پڇيائون ته، ڪهڙي پاڙي تي؟ نوڪرن چيو ته، ٻنهنجي پاڙي تي. تڏهن گهوڙا مقام ڏانهن وار يائون، اتي پيروزشاهه قول ڪيو ته: "ادا شيرخان! اٿين ڏينهن اندر ويڙ وٺي اچي تنهنجي ماني ڪندس يا پاڻ ٻنهين جي ماني گڏ هلندي، هاڻي گهر وڃڻ اسان کي حرام آهي."

پيروزشاهه ۽ حسن پوءِ ڳوٺ جي ٻاهران طنبو هڻائي ان ۾ رهيا ۽ راڄ گڏ ڪيائون. همراهن کي چيائون ته: اوهين سنبت ڪريو ته اسين مرشد کان دعا ٻنيو ٿا اچون. لشڪر کي آن نه ڪارايو پر ڪير ۽ آمل جو ڳاڙ پياريو. اٿين ڇٽي ٻدين ۾ احمدشاهه قلندر ڏانهن روانا ٿيا. احمدشاهه جي خليفي، پيروز ۽ حسن کي ايندو ڏسي شاهه کي ٻڌايو ته ٻئي ڀيا اچن. قلندرشاهه چيو ته: مون ڏي نه اچن. پيروزشاهه ۽ حسن غم ۾ اتي ئي ويهي رهيا، ويٺي ٽيو ڏينهن ٿين، تڏهن احمدشاهه سندن پڇا ڪئي. خليفي ٻڌايو ته: ٽيو ڏينهن ٿيو اٿن انهيءَ پيٺي تي، نه آن نه پاڻي، ويٺا آهن. احمدشاهه چيو ته ڪو ظلم ٿيو اٿن، سڏيون. چانگن چيو ته: تون مرشد آهين، دعا ڪر ته جتن کان وير وٺون. احمدشاهه خليفي کي جهنڊي آڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ جهنڊو چانگن کي ڏيندي چيائين ته: جمعي ڏينهن جهنڊو کوڙجو.

هتان پيروزشاهه چڙهيو ته ساڻس چانگ سڀ گڏ هئا: هڪڙا سنجراڻي چانگ (جيڪي تلهار کان الهندي ويٺل هئا) تن جو وڏو ڏاڏو سنجر ۽ ٻيا ٻوراڻي چانگ جن جو وڏو شادمان. ٻيا سيراڻين وارا جماڻي (جي اٽندا ويهندا چانگن سان هئا ۽ ديناربه انهن منجهان هو) ۽ ٻيا راڄ به ساڻن پيڙا هئا.

جڏهن جت سردار اها خبر ٻڌي، تڏهن "چالي واري ڊوري" وٺ ڪاهو ڏياري سڄو راڄ ۽ پار پچا اندر ويهاري حفاظت ڪري ويهي رهيو. پيروزشاهه به وڃي گهيرو ڪيو ۽ جت سردار شيرخان کي چيائين ته: راڄ ڇڏي ٻاهر نڪر ته لڙائي ڪريون. پر جت رکو حفاظت ڪري ويهي رهيو. پوءِ چانڊڪ سوڍ (١) ڏسي توليون ٺاهي، ڪاهي جي چوڌاري حملو ڪري آيا. ٻوراڻي چانڊڪ ٻيان ٿي آيا ۽ سامهون پيروزشاهه وارا هئا. اتي شيرخان جت سنجر چانڊڪ کي سڏيو پر هو سامهون نه ٿيو. انهيءَ تي پيروزشاهه چيس ته: آءٌ تنهنجو مٽ آهيان، تون مون کي سامهون آءُ. تڏهن شيرخان چيس ته: چڱو تون منهنجو مهمان آهين، تنهنڪري اڳ پر وارو تنهنجو آهي. پيروزشاهه چيس ته: منهنجي اڳين پر رت توڙي، پهريون وارو توکي آهي، پوءِ وارو آهي ئي ڪونه. اتي شيرخان ترار هنيس جا مٿان زره، ڪٽي اڌ مٿي تائين اچي پهتس. ايتري پر شادمان ٻوراڻي چانڊڪ اچي وچان پيو ۽ جت سردار کي پانهن آڏي ڏيئي، ہوٽي ڪري، ترار هنيائينس ته ڪلهي وٽان بغل تائين ڪٽي ويس. پت چنبڙيائين ته ڪري پيو. ٻوراڻي چانڊڪ ۽ ٻيا اچي جي ہويان ہا، تن راڄ کي به تراڙين-مان ڪڍي ڇڏيو. ننڍو وڏو ڪونه ڇڏيائون. سنجر چانڊڪ ڪونه وڙهيو. لاڪائي جت سامهون آيس، تنهن کي چيائين ته: آءٌ توسان ڪونه ٿو وڙهان، مون کي ڪهٽي ڏي ته آءٌ نڪري وڃان. ان کي ڪهٽي ڏنائين سو هليو ويو.

پيروزشاهه پڇيو ته فتح ڪنهن جي ٿي؟ چيائونس ته پنهنجي. پڇيائين ته شيرخان ڪٽي؟ چيائونس ته سامهون ڪريو پيو آهي. وري پڇيائين ته سڻٿون آهي يا اونڌو؟

---

(١) احمدشاهه قلندر ڪان مليل نيزو ڪوڙي وينا. چون ٿا ته مينهن مان گڏ سيٽي مچي وئي، اهو سوڍ ڏسي پوءِ جتن تي حملو ڪيائون.

چيائونس ته اونڌو. اتي چيائين ته جاتي اسان کي نه ڏنائين. متئي کان ٻوءِ به زمين ۾ چڪ اٿس. وري پڇيائين ته سنڌس راڄ بچيو؟ چيائونس ته راڄ به مارجي ويو. تڏهن چيائين ته ٻوءِ سوڀ پنهنجي ڪانه ٿي، باقي وير وٺيو ٿا هلون. هاڻي باقي جيڪي جيئرا دشمن آهن، تن کي ڪٿهي ڇڏيو. چگو جت ٻيو زخميو پيو هو، چيائين ته اهو شاعر آهي ان کي نه مارجؤ.

چگي جت انهي لڙائي تي ٻوءِ بيت چيا ته:

سڏ ڪيائين سنجر کي، جنهن ڪيدي ساريو ڪهر
نٿهرو نڪري آئيو، پيروز شاهه نر
جنهن جي پن سيٿن ماڻ پاهر وٺي سوڍهري سمندر.

وڏو ڪهر سنجراڻي چانڪ هئا، پڳ انهن تي هئي. ٻر انهي جنگ کان ٻوءِ ڇڏي ڏنائونس.

هنڌائي هل تي آيا، جڙي جنگ تي آئيا
ڏاتي ڏيهه ڪيلايا، ڪيڙين ڪيل لائيا.

هنڌائي چانڪن (شيرخان جي ڪوٽ کان اوپر طرف وٺل) مان ذاتو اڳواڻ هو، جيڪو وڏا قول ڪري جنگ تي چڙهيو هو، پر ذاتو به ڀڳو.

شاعر چگي جت جا بيت*

چگو جت شاعر ۽ پنهنجي راڄ ۾ سرپال هو. ڪڇ جي ابڙاسي واري علائقي ۾ 'سنڌيارا' تلاءُ تي رهندڙ هئا.

* چگي جت بابت احوال ۾ اهي بيت اسان مرحوم مالڪڏني فقير تالي جت کان ٢- جون ١٩٧١ع تي ٻڌا ۽ لکيا (فقير ٨٠-٨٥ سالن جي وڏي عمر جو ۽ وڏو سچاڻ هو.) سنڌس خدمت ۽ عزت اسان پاڻ تي ڪئي ۽ فقير انهيءَ محبت ۾ ڪيئي سال اسان وٽ (سنڌ يونيورسٽي جي حيدرآباد شهر واري احاطي ۾) رهيو ۽ وفات به اتي ڪيائين. چگي جي احوال ۽ چگي جي بيتن بابت سنڌس زباني بالڪل تصديق واري آهي.

جڏهن خبر پهتس ته جاتي ۾ جتن تي ڏکيو وقت آيو آهي ته ماڻهو وٺي چڙهيو ۽ 'ڄاتي واري جنگ' وقت اچي پهتو ۽ پاڻ جنگ ۾ وڙهيو. هوءَ هن جنگ بابت بيت چيائين جيڪي هيٺ ڏنل آهن.

انهن بيتن ۾، جنگ کان اڳ وارا ڪي ٽاڻا ۽ جنگ جو سنڌس اکين ڏٺو احوال ڏنل آهي. ڇڪو پنهنجي طرف جي ڳالهه ٿو ڪري، جنهن موجب سنڌ جي حڪومت ۽ ان طرف وارن کي جتن سان وڙهڻ جو ويچار هو. ان جو سبب اهو هو جو پهريائين ڪنهن چانڊ علي اچي چُرچ جا ڳالهائي ۽ جتڻ مائي 'ڪونر پائي' کي اجايو اکر ڳالهايو، جيڪا همت تي ڪيهه وڪڻ آئي هئي. مائي همت واري هئي، جنهن اهو ڪيهه وارو ٽاڻو هن کي اهڙو ته زور سان مٿي ۾ هنيو، جو ان جا ڪنا اندر کهڙي ويا ۽ اهو مڙس مري ويو. انهيءَ تي فتح علي چانڊ، جيڪو شايد حڪومت طرفان هتي ڪنهن عهدي تي هو، تنهن ڳالهه کي وڏو ڪري وڏائي حيدرآباد لکي موڪليو ته قومن ۾ فساد ٿيو آهي ۽ اهي وڙهي ولڻي ڏارو ڌار ٿيا آهن ۽ جتن ڏاڍائي ڪئي آهي.

اڳتي بيتن ۾ ڏنل ڪن ٽاڻن، جنگ بابت پين روايتن ۾ آيل اهڃاڻن ۽ فقير مالڪڏني جت جي وضاحتن مان اٿين معلوم ٿئي ٿو ته مير فتح علي خان راڄن ۾ صلح ڪرائڻ ۽ اندروني طور ملڪ کي مضبوط ڪرڻ واري رٿا موجب، شيرخان جت، شيرخان چانڊ ۽ ٻين چڱن کي گهرايو ۽ سمجهايو. ملڪ شيرخان جت، سنڌ ۽ ڪڇ جي جتن جي وڏي طاقت کي خيال ۾ آڻيندي، مير صاحب جي ڳالهه تي ڪن نه ڏنو ۽ سامهان سوال جواب ڪيا. مالڪڏني فقير چيو ته: شيرخان وڏو دلير هو ۽ ڪنڌ ۾ ڪهنبڙي وجهندو هو. (ڪا ڳالهه نه وڻندي هيس ته مٿهن ۾ ڪهنڊ وجهي ڪنڌ وراڻيندو هو) اها سندس عادت هئي. مير صاحب جي ڪچهري ۾ به

اُٿيءَ ڪيائين، جنهن تي مير صاحب چيس ته: شيرخان، ڳهڻي ڪڏي ڳالهه سمجهه. انهيءَ تي شيرخان جواب ڏنو ته "مير اها ڳهڻي مصريون ڪڍنديون يا ڪنواريون لاهينديون، باقي ٻئي جي لاهڻ جي ڪانهي." مصريون يعني تراريون، يعني جنگ ۾ تراريون لڳنديون ۽ پوءِ جي اها ڳهڻي نڪري ته نڪري. ڇاڪاڻ واري جنگ ۾ شيرخان تراريون هنيون ۽ جهليون ۽ مير صاحب سان پنهنجي ڪيل قول کي پورو ڪيائين. ڇڳي پنهنجي بيت ۾ چيو آهي ته:

"جو ٻهندان ڪيائين مير کي سو تو پنجاهيو پاري"

ملڪ شيرخان اهو جواب ڏنو ۽ في الحال فيصلو نه ٿيو. تڏهن شيرخان چانگ لشڪر گڏ ڪيو. هتان ملڪ کي پنهنجن سمجهايو ته صلح واري ڳالهه، ڇگي آهي ۽ چانگن ڏانهن ميڙ موڪلجي. اهو مڃيائين. پوءِ دلدار هالائي جيڪو ميڻائي قبيلي جو هو ۽ چانگن سان به دوستي جو ناتو هئس، تنهن کي قرآن شريف کڻائي ميڙ مڪائون. اهو جڏهن ميڙ کڻي شيرخان چانگ وٽ ويو جيڪو جاتيءَ ۾ 'مڪرپين' اولياءَ جي ميلي تي آيل هو، ته ان کي اينڊو ڏسي دينار جمالي جو اتي هو تنهن بندوق هنيس ۽ دلدار مئو. شيرخان چانگ کي اها ڳالهه ڪانه وڻي ۽ دينار جي اڪرائي صلح جون واٽون بند ڪري ڇڏيون. ڇگي به پنهنجي بيت ۾ دينار کي نِنديو آهي. دلدار جي مارجڻ تي ملڪ شيرخان جت سڀ آسرا لاهي، خود شيرخان چانگ کان وير وٺڻ جي رٿ ڪئي. اها ڇڻائي پين روايتن سان به ٺڪي ٿي. غالباً جڏهن شيرخان چانگ پنهنجن ماڻهن سان 'مڪرپين' جي ميلي تان تي موٽيو، تڏهن جتن گس جهلي ڪيس سندس پنجاه ماڻهن سان گڏ ماريو. اها ايڏي وڏي اڪرائي تي وئي، جو حڪومت طرفان جتن جي خلاف لشڪر چڙهيو، جنهن جو سپهسالار مير ٺاروخان هو. هي حڪومت جو لشڪر هو، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف پاڳن

۽ قومن جا ماڻهو شامل هئا. ٻئي طرف رکو جت هئا، جيڪي چگي جي چوڻ مطابق:

"ٽيا سامهان ساري سنڌ کي."

جنگ جي ميدان ۾ ٻڙسن جي مقابلي جا چگي جيڪي اکين ڏٺا احوال ڏنا آهن، انهن موجب جتن طرفان مڻائي قبيلي وارا آخر دم ۾ تائين وڙهيا. 'پڻلاٽي' نک مان عبدالله وڏي همت سان وڙهيو. ملڪن سردارن سان جيڪي راڄ پيڙا هئا، تن مان هڪڙا حمرائي ملڪ جو راڄ هئا ۽ ٻيا 'راڏن' ملڪن جا راڄ هئا. 'ٽنيار' جت (ڪاٺي مال وارا)، جن مان مڻائين جو ڏاڏو مئو هن جنگ ۾ موجود هو. 'مڻائي' ۽ ٻيا قبيلا حمرائي ملڪ طرفان آيا ۽ وڙهيا. 'اوٺاڙي' جت (اٺن وارا) راڏي ملڪ جي لٽ ۾ هئا، جن مان ڪي ڀڳا. چگي انهن کي ننديو آهي ته اٺين جي ڪير جي ڦيڻ ڇنيندڙن سڻ ته جهلي ۽ دانهون (گٿا) ڪري وٺي ميدان مان ڀڳا. شير خان وڏي بهادري سان پنهنجي لشڪر کي همٿايو ۽ وڏي دليري سان وڙهيو. سنجر چانگ کي للڪاريائين ته: 'تون منهنجو سڻ آهين ۽ مقابلي لاءِ اچ.' ٻر چانگن جي لشڪر مان سنجر ۽ سوڀ ڪانه ڪئي. شير خان جي سامهون نه آيو ۽ ميدان ڇڏيائين (جيئن ٻين روايتن ۾ ڄاڻايل آهي). شاعر چگي پاڻ پنهنجن سائين سان گڏ ميدان ۾ اچڻ ۽ وڙهڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

١- ساراهيان سچو ڌڻي جو صاحب رب ستار
قادر جي قدرت کي پريون ڪونهي پار
هو آهل ڪن آڙاه جي ٻيا انهيءَ پار(١)
هو سؤنچو سيرايڻ کي ڪو وڙهڻ جو ويچار
تن هلي اچي هٿ تي ڪيو ڪيئو منجهان ڪار

---

(١) آهل ڪن آڙاه جي=جنگ جي آڙاهه يا مچ کي مچائڻ جي ٻيا ڪن.

مَنهندان مَلڪزادي، حمزي ھوتي، ھس تنھين جا ھار(١)
"ڪَوَنرَ ٻائي" ڪَئُرَ اجاريو، ڀين ملھايا ڀار(٢)
تنھن ٻائي ٻولائي ھنئي ھاري ڦيرڻ وار(٣)
ڪَھَڙيءَ جا ڪھڙي ويا ڪٽنا منجھہ ڪپار
ھوء مردود مري ھيو اھڙي سان آچار.
تڏھن فند فتح علي ڪَھَڙي ورتو الھڻ وار(٤)
تہ معلوم ٿيئن ميرڪي وجھي سوڏا سماچار:
تہ ھٽر ولٽي ڀاٽ ۾ ڏيا ڏارو ڏار(٥)
ڀيا وير وڏاندرا، خاصا خريدار.
ڏومي ديميون چڙھيون ڪٽڪ ڪاروٽيار
تني ليکو ناه ڪو، ٻيحد بي شمار
سي جٽٻي آيا جنگ تي سنڌي ڀيڻءَ ٻازار(٦)
اول ڪاڻر سان ڪين ٿئو جنھن ڏڪائي ديٺار(٧)
ڏني ٻاھہ بندوق کي الڏي منجھہ آھنڪار(٨)
ھو منھندان ميثائين سان ڪو ساھٿو سلحدار
تنھن اول تان عيسب جهلي جنگ جت جھونجھار(٩)
ڳڏ تنھين سان ڳاگن ھو، جيڏا ھٿا يار(١٠)
ڳھٽو ملوڪن مڃيا تيجي جا تلوار(١١)
ٻنڪي ٻازيون ڪيڏيون ميثي مٺيادار(١٢)

---

(١) ملڪ زادي=جن راڻن جتن جي طرف جا جيڪي مَلڪ ۽ سردار ھئا. حمزي ھوتي=امير حمزي ھوتي بلوچاڻي (٢) 'ڪوَنر ٻائي'=مائي جو نالو جيڪا 'ميثاڻين جتن' جي پاڙي سان ھئي (٣) ھاري=گيھہ وجھڻ واري وڏي ماتي ڀيا ڪھڙي (٤) فتح علي چانگ ان وقت ست ستي ۽ رت ڪئي (٥) ھٽر=ھَٽ، راڄ. ولٽي=ڪاوڙجي، ڦري (٦) ڀيڻءَ=مغل ڀيڻءَ. ڀيڻءَ بازار=مغلين ڀيا جاتي شھر جي بازار (٧) دينار جمالي چانگن جي، طرف جو (٨) اھنڪار=ھٺ، غرور (٩) عيسب مٺائي، چڱي شاعر جو پاء (١٠) گاگن مٺائي جت (١١) تيجو مٺائي (١٢) مٺو مٺائي.

ڪـڏي ھـيـا ڪَنڪ ۾ ورنـھـه، چـوڙي واڙ
ھوءِ سـِرائين جي سار، سَڱوڏي لڏي ساھُڻيهن (١).

٢- پـنـڌرھـن پـتـر آئـيـا سنـهـري سـرايـن ماڻ
ھـتـان ھـُـنـي ھيڪڙي سَـنـڌي جـتـن جـات
سِي، ٿِينڪي ٿيار اُٿيا تن ماري ڪيا مَات (٢)
ھُئن ھينئين جي حـَمات، تيا سَمـُّهان ساريءَ سنڌ کي (٣).

٣- تيا سمھان ساريءَ سِنڌ کي جنبي جـت جونجھار
ھلي ھالائـي آئيو تنھن ڪـي پنجاھيي پڪار (۴)
تـه صـبـر ڪـيـجا ساھـُڻا آھـي اسـان جـي وار
مـري لاھـيـون ميـھـڻـو سـنـڌو جـيـڏن جـار
سو مـرڪـي مصحافن مانِ ھلـيو ري ھـتـيـار
ڪـيـڙو خـنـجـر خـان سِين ڪاتـي نـه ڪاٽار
وسـوڙو ويساه گھڻي پـانيانـيـن ڪانـه پلڪار
ھر مـدي مـَسـتـو مـن ۾ ھـُئي شومت بي شمار (۵)
تنھن ڪاٽي ڪوجھو ڪم ڪيو ڪيدي گـلادار
ھي وجي گھڙيو گھوٽ گھڻن ۾ الله جـي آڌار
ته مصريون تنھن ملوڪ تـي وڌيون انھيءَ وار
ساسـھـان سـرايـن ڪـي دسـت ھـنـيـا دلـدار
ھوءِ پـَـنـّن ھـُي پڪار، ته راوت راج-گھو ٿيو (٦).

۴- راوت راج-گھو ٿيو تنھن تي ويرا ايءَ وَھي (٧)
جيڪا چانگن چيتـَـئي ما جي ڪيائين سَھي (٨)

---

(١) سراين جي=چانگ، جمالي وغيره (٢) ٿينڪي اٿيا= ٽپ ڏيئي اٿيا. ٿيار=ٿـَمّـِي وارا، ڳاين جي مال وارا: ھڪڙا جت 'ٿميار' پيا 'اوڏاڙ' (اٺن وارا) (٣) حمات=حمايت (۴) ھالائي= دلدار جت، پاڙو ھتائي، لڪ ھالائي (۵) مسو جمالي، جنھن شايد دلدار جت کي ويساھي آندو (٦) راج-گھو=راج جو گھو، راج جي عيوض قربان (٧) ويرا اي وھي=متس اھا ڏکي مھل آئي (٨) چتئي= چتائي.

مرڻ جي ملوڪ سان تن جي ٻڌ نٺ ڏيئي ڳالھ، ٻڌي(١)
تہ مصري مير ملوڪ جي جيڪر خان ڪنئي(٢)
تہ هنيائين هٿ ڪٿي هوند چيتاري چڱي(٣)
ويئي ريک رهي، دِليءَ سين دلدار جي(٤).

٥- دليءَ سين دلدار جي رکي ٻئ ٻروور
ڏيايائين دمَن سان جو هو جمالي جَبر
موڙائي مسوءَ جو تنهن ڪونئر جهوريو ڪر(٥)
رڻ ۾ راماڻو ڪيو، هالاڻيءَ حشر
تڏ سردار سڀ سڏائيا تہ ٻاٿرا ڪريو پر(٦)
واريون ويڙ ورنهہ جو، ونڪا ڪريو ور(٧)
ٻيو مرد ميدان ۾ وجهي هوڏ حمر(٨)
ڪڙي ۽ قاتل جو هو ساهڻ سان ٿمر(٩)
هيءُ ست ٻيڙ هيو سردار هو، هو نسورو نوڪر(١٠)
هن ميڙي ميلهي ڪار جو ٻئر ڪيو ٻرڏر(١١)
هٿ سنڌ، سيرارو، ساڪرو، ڪاڇو، ڪارونجهر(١٢)
اڄ سرو ۽ عمر ڪوٽ، ٻچر ٻارڪر
ٻيڙو ٿيو ٻڙن تي، ٽيلي سپوئي تر
ٻر ساهڻ سراسر، هئي موران ڳالھ مرڻ جي.

---

(١) ٻرنديئي=ٻرينديئي، شروع ڪان ٿي (٢) مصري=ترار (٣) چڱي=ڀولائي (٤) ريک=همت ۽ سورهيائي قائم رهي (٥) مسو جمالي جو ڪنڌ مروٽيائين (٦) سردار شيرخان جت (٧) ونڪا ڪريو ور=ٻانڪا اوهين ٿري اچي گڏ ٿيو (٨) حمر=شيرخان جت ڪئي شاعر سندس وڏي ڏاڏي حمر جي نالي سان ٿو سڏي يا حمر ملڪاڻي سردار جو ان وقت شيرخان سان ٻيڙو هو (٩) ڪڙو ۽ قاتل=اشو، جنگ ڪان اڳ نشو ٻي مست ٿي وڙهندا هئا (١٠) هيءُ=شيرخان جت، هوُ=چانگ. يا جمالي اڳواڻ ڏانهن اشارو جنهن ڪئي ميرن جو ماڻهو ٿو سڏي (١١) ميلهي ڪار جو=ٻهلوانن جو، بهادرن جو. ٻئر ڪيو=ميڙ ۽ مجموعو گڏ ڪيو. (١٢) هٿ=آڏو، آڏي طرف وٽ.

٦- هٿئي موران ڪاله، مرڻ جي سنڌي روح ريلي
سو نڪي ڏاڍهين ويو دليءَ تي، نڪي ويو ٻيلي
مٿئهن ڪهنڊي، چپ وات ۾ ٻيئو خان ڪنو ڪيلي
ملڪ سراين ڪي مٿان ويو ميلي(١)
عبدالله اٿين آئيو، جنهن رڙ اچي ريلي
ڀوءِ 'پلاڻي' پيلي، ڪني ساڻ ڪني ويو(٢).

٧- ڪني ساڻ ڪني ويو، تنهن جا پاري هٿا پيا(٤)
پائر، پالا، پليون، جي هو تن مل هٿا(٣)
ته هي ڀاتارين ۾ ڀڏرا حمراڻي هٿا
ڏاڍو تئو ترار جو، متي ڀڙ ڀيا
او مانجهي ماڪ مٿا، پر لڳيءَ چاهه نه چُريا(٤).

٨- ڀر راڌي جي رهاڻ ۾ جي حماتي هٿا
تن ڦوڪ نه جهلي ڦيڻ چڱين ڪيدي ڪن ڪٿا
چڏي لج لتا تيا ڪهنو ڪير ڏهها
هي مانجهي ماڪ مٿا، لڳي چاهه نه چُريا.

٩- لڳيءَ چاهه نه چريا، هو هو آحدي آٿيارو(٥)
راڙي تني رحمت جو ٿيو نرمل نغارو.
ملڪ ٿيو مهنڊ ۾ ڪٽي ڪرڻ ڪارو(٦)

---

(١) سراين يعني سامهون چانگن جمالين جي لشڪر تي تراريون جو مينهن وسي ويو، مٿائن جنگ جو ڪڪر وري ويو، ڪين ڍڪي ويو (٢) سوڙهيہ عبدالله جت، پاڙو مٿاڻي، نک پلاڻي (٣) پليون=پليون ڳهوڙيون. هو تن مل هٿا=جتن وٽ هجن ها (٤) لڳيءَ چاه = جنگ جي باهه لڳڻ ساڻ (٥) هو = ملڪ شيرخان جت، راڏو پاڙو (٦) ڪارو=شيرخان جت جيڪو سانورو هو.

ٺانَ ٺانَ پيـر لڳاءِ ٿي، هڪل هوڪارو
لائي بيٺا لاڏ ڪا چڪر چوُنڪارو
جوانن جي جنگ سان ٿهڪيو ميـر ٺارو(١)
”واروڙي وارڻ متان ڪا گگهيري گيلا ڪريءَ!“(٢)

١٠- گـلا گـگهيرين جي چڙيو لاڏ ڪا لاهي
ٻيڪو پنهنجي سِر کـي سـوريءَ سنباهي
تڏ سـپ آيـي ويـا آڙَن ۾ لاکاها لاهـي
آتـان زنگيائـي آئـيـو ڪٽڪ سان ڪاهي(٣)
تنهن وڏا هٿ ويرين ۾ 'چڱي' چتائي(٣)
تنهن کـي وڏيري ورائيو سـکر سڏائـي(٤)
ته مرڻ ڏيو مَ ملوڪ کي مر پوءِ جا پيرڪائي(٥)
پر ويرين واجهائي، اچي چنچل چُور ڪيو(٦).

١١- آئي چنچل چور ڪيو، ويرين ڪنهن وَڙڪا(٧)
رُڻ جهَڻ راڙو رُڪ جو، جت سانگين ڪيا سڙڪا(٨)
جوانن جي جنگ جا پيا ات پَـڙڪا(٩)
هڪل هيبت هن جا ڪيچ سُڻا ڪڙڪا
مانجهي سي مرڪيا، جن ڪنّي ڪٽڪ واريا.

(١) مير ٺاروخان ميرپور وارو جيڪو سامهون لشڪر ۾ هو (٢) شيرخان ائين چئي پيو پنهنجن کي همٿائي (٣) چڱو جت (شاعر) جيڪو 'زنگي' جو پٽ هو انهيءَ ڪري 'چڱو زنگيائي' (٤) وڏيري= شيرخان جت (٥) هي شاعِر آهي، هن کي بچايو ته پوءِ مڙس جي بهادريءَ کي واکاڻي (٦) چنچل چُور ڪيو= چڱي جت کي زخمي ڪري وڌو (٧) وڙڪا = ورائي (٨) سانگين= ترارين (٩) پڙڪا= هڪلن ۽ ڏڪن جا پڙاڏا.

١٢- ڪَڏِني ڪِنڪَ واريا، سِپَڻي سَنباري
شير خان شَلين ۾ وڏا هَٿ واري (١)
ستايو سنجر کي تو ڪَليو ڪينڪاري: (٢)
"آءُ تون اوڏو اُسري، توکي ستر تيو تو ساري"
جو مهندان ڪيائين مير کي سو تو ڀنجاهيو ڀاري (٣)
ستَ ڪَٽ سِراين جي هُئي دلاور ڏاري (٤)
پوءِ ڇِنگي ڇِتاري، ڪيائون مُزماني مير کي.

---

(١) شلين ۾ = چلين ۾. چلون = لشڪر جون شاهي ٽوليون (٢) سنجر چانگ، جنهن کي شيرخان جت للڪاريو (٣) جيڪو قول شيرخان جت حيدرآباد ۾ ميرصاحب جي اڳ ڪيو هو سو پورو ڪري (يعني تراريون هڻي ۽ جهلي، (٤) شيرخان دلير جي مٿان تراڙين جي ست ڪٽ هئي.

١٠. پيٺاري واري جنگ*

هيءَ جنگ ’چاٺي‘ واري وڏي جنگ کان ڪجهه پوءِ جتن ۽ سنڌ جي انتظامي اڳالي جي وچ ۾ ’پيٺاري‘ جي اتران ’ٻٺيءَ‘ ۾ رڻ جي ڊنڀ تي لڳي. شاعر چڱو جت ان وقت حيات هو ۽ هُن هن جنگ تي بيت چيا. بيتن ۾ ڏنل احوالن، مالڪڏني فقير جت جي وضاحت ۽ ڪچهرين ۾ بيان ٿيل ڪن ٽاڻن مان. هن مقابلي جو سبب هن طرح معلوم ٿئي ٿو.

مياڻ غلام شاه ڪلهوڙي ڪڇ تي چڙهائي ڪري پنهنجي فوجي طاقت ڄمائي هئي. سندس وفات کان پوءِ ڪلهوڙا حاڪم ڪمزور ٿيا ۽ سنڌ جي سرحدن تي ٻيا قابض ٿيا. سنڌ سان لاڳيتو ڪڇ ۾ جتن جي قوم طاقتور هئي. اهي ڪڇ جي راءَ سان پيڙا هئا. ڪلهوڙن جي آخري دور کان وٺي ٽالپرن جي اوائلي دور تائين، هو سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي خودمختار ۽ طاقتور رهيا. انهيءَ طاقت جي زور تي ئي ملڪ شيرخان جت بالآخر سنڌ جي نئين حڪومت سان طاقت آزمائي ۽ ’چاٺي‘ واري جنگ لڳي. ان جنگ ۾ لاکاڻي جت ڪين وڙهيا ۽ ٻيا ڪي ’اوٺاڙي‘ جت ڀڳا. ’مٺائي‘ وڙهيا، پر منجهائن هڪ مڙس نيڀهندو عاليائي ميدان مان ڀڳو، پر ٻتال تي ويو ۽ مٽ پيرا ’چاٺي‘ نيو. هڪ پاسي کان گهڙي پئي پاسي وڃي وري موٽي. ان تان ٻهاڪو پيو ته ”نيڀهندو مٽ پيرا سير آڪتو.“ لاکاڻين ۽ نيڀهندي عاليائي جي هٽ ۽ ٻوٽي پوءِ پئي اها ڳالهه ڪئي ته ڪنهن ۾ ’چاٺي‘ واري ميار لاهجي.

* فقير مالڪڏني مٺائي ٽالي جت جي زباني قلمبند ڪيل.

لاڪاڻي لٽوڻ تي ويٺل هئا. ساڻن ٻيو راڄ ’متوئن‘ جو هو. ميان غلام شاه واري وقت ۾ انهن تي ”ماليات“ ٻڌي وئي، يعني ساليانو ڍل ڍاڳبندي يا ٻئي ڪنهن حساب سان رقم ٻڌي وئي. ڪلهوڙن جي زوال واري دور ۾ هنن ڪانه ڏني، ۽ ٽالپورن جي حڪومت ۾ انهن سر سرحدن تي انتظام ٿيا، جنهن موجب ڪوٽڪياڻ فوجدار، لشڪر ۽ ڪوٽن جو مختصر انتظام ۽ منشي ساڻ ڪري ’لوٽي‘ ڏانهن روانو ٿيو ته اتي لاڪاڻي جتن کان ماليات وصول ڪري.

اها خبر سڀ کان پهريائين جيوڻي نالي لاڪاڻي کي پئي، تنهن سڀني کي ٻڌايو. هي موقعو ڏسي مڙس تيار ٿيا ته مقابلو ڪن ۽ ’چاٽي‘ واري ميار لاهين. منداڻي جتن مان ٻه مڙس ساڻن پيڙا ٿيا جن ۾ عارب، سوٽڪ ۽ سهراب همٿ پريا هئا. نيهتندي عالياڻي جو پوٽو شير نالي همٿ ڀريو جوان ساماٽو هو، سو به اچي پهتو ۽ چيائين ته: ”آءٌ سر به ڏيندس پر ڏاڏي تان ڦاڪو لاهيندس.“ پوءِ هنن ويهي مصلحتون ڪيون. ٻار ٻچا ٻئي پاسي روانا ڪري ڇڏيائون. جتن کان سواءِ متوئا، واڍا توڙي ٻاڙي ۽ ويٺل مينگهواڙ پاڻ سان پيڙا ڪيائون. پوءِ ”لٽوڻي“ کان هليا ۽ ”پيتاري“ جي ويجهو اچي گس جهلي ويٺا ته جئن ئي سنڌ وارا رهڪي کان اچن ۽ هي مٿن حملو ڪن. رهڪي بازار کان جيڪا واٽ لٽوڻي ڏانهن ويندي هئي، ان تي رڻ کان پريان پهريون پڙاءُ (پاڻي پيڻ جي منزل) پيتارو هو، جنهن تي منداڻي جت ويٺل هئا.

هي اڪواڻ جنگ جي تياري ڪري ويٺا هئا. جڏهن سنڌ وارا پريان روانا ٿيا ته هنن کي خبر پئي ته انهن ۾ ڪي ته دفتري منشي ۽ عملي جا ماڻهو آهن، باقي سپاهه ايترو گهڻو ڪونهي. جڏهن هو رڻ وارو پند ڪري اچي پيتاري جي اترئين طرف رڻ جي ڪنڌي تي پهتا ته پيتاري ۾ پاڻي پيئي ۽ ساهي کڻي اڳتي لوٽي ڏانهن روانا ٿين. ته هنن مڙسن

ديرٿيءَ ڪاڻ ڪئي ۽ مٿن حملو ڪيائون، جنهن ۾ عارب منداڻي سامهون لنڊ پروچ کي ماريو ۽ ٻاڻ ٻه، مٿو ۽ شير عالياڻي ڪنياڻ کي ماريو ۽ ٻاڻ ۾ مٿو. ڪوسا جيڪي ڪنياڻ جي اڻالي ۾ هٿا سي ميدان ۾ ڪين بيٺا. پر ڪنياڻ جي اڳواڻي ۾ لنڊ ۽ ٻيا جيڪي مڙس هٿا سي آخر تائين ميدان ۾ بيٺا ۽ جتن، مٿوئن، واڍن ۽ مينگهواڙن مان گهڻن کي ماريائون. سنڌ جو باقي بچيل اڻالو لاشا ڪٽائي ٻوٽي موٽيو. جتن ۽ ٻين کي ٻئي طرف ڪٽائي "ٻلر ڪر جي تڙ" کان اتر ۽ "لوٽي جي تڙ" کان ڏکڻ دفن ڪيائون. ٻودلو شيھ، ٻه هن مقابلي ۾ ماريو. هو درويش قبيلي جو هو، سو هن مقام تي "شهيدن جو مقام" ڻالو ٿيو. ڇگي جت هن جنگ تي بيت چيا جن مان جيڪي مالڪڏني فقير کي ياد هٿا سي اسان لکيا ۽ هيٺ ڏجن ٿا.

١- ساراهيان سو ڏئي جنهن جي وڏي وڏائي
"لاڪائي" لٺوٽي ۾ هٺدائي (١)
"مٿوئا" ان ماليات ۾ پيڙا هٿا پائي (٢)
"جيوي" ڳالھ، جتن کي سورهيہ سٽائي
تہ آهڙي تي اتر ۾ ڪا ٻيليا ٻلوائي (٣)
مانجهيا مٿان ڪا ڪريو ڪوجهي ڪمائي
تن مردن مچون رتيون ڪني ڪيرڪائي (٤)
هنو نهرا نيوائي، راوت رکي آيا (٥).

٢- راوت رکي آيتا سي لاڪائي لٺوڏار
مهندان ڏنو مير کي قيصر شينهن قرار (٦)

(١) هٺدائي (بلوچڪي ٻولي جو اچار) = خُدائي، ڏٺي جا پيارا (٢) ماليات = زمين ۽ پيدائش (٣) ٻيليا = اي ٻيليو، ساٿيو. ٻلوائي = پچار، چئو ٻول (٤) ڪني = ڪن، ڪنڌر (٥) نهرا ('ن' جي پيش سان، جتن جو اچار) = نَهرا، وڏن سڱن وارا، ڏاڍا جوان. نيوائي رکي آيا = تياري ڪري جنگ لاءِ اٿيا. (٦) قيصر شينهن = شير نالي جتن، لَسڪ عالياڻي، پاڙو مٿاٽي.

ته: وک ۾ ڪڇ ورتي هي آهن پاروچاڻا پار
ڪس تي پٽ گکهيرين جا آهن ياري وڏا يار (١)
مر سٽي ڪيچ قندار، ته مانجهي ميرن گڏيا.

٣- مانجهي ميرن گڏيا سهندان ماهيا سانَهه
روڙ پچايائون رڳ جا سي مرڪائي موڻن خان (٢)
هي دفتري ديوان، وڃي ڏين سماچار سنڌ کي (٣).

٤- ڏين سماچار سنڌ کي، کهي ڪاگريا (٤)
ته: هي قيصر شينهن ڪاڇي جا، هو پروچ ٿي پيا (٥)
سورهيه ڪندا سان جا ڪي سوپدار سنڌ سان (٦).

٥- جا ڪيي سوپدار سنڌ سان، اهڙيءَ منجهه آهين (٧)
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ تا ويڙهه وڌائين (٨)
پڙتا پنجاهين جا سر ڳچان ڳوٽ ڳاهين (٩)
راوت سپ راهين، لاڪائي لوٽي ۾ (١٠).

٦- لاڪائي لوٽي ۾ سڙيو مصلحتون ڪن
ته: جوانا ڪوجواب ڏيو "ڪيئن وڙهيو سين ڦيرين!
لڄون، لڏون، لاڏڪا چڏيا ڪين پڇن (١١)

---

(١) ياري = ڳرا، وڏي همٿ وارا: ياز = يائر (٢) رڳ جا = ترارين جا، خان = سنڌ جي لشڪر جا اڳواڻ، سپه سالار ڪنيان (٣) دفتري ديوان = سرڪاري منشي جيڪي اڪثر هندو هئا ۽ 'ديوان' سڏبا هئا ۽ جيڪي لشڪر سان به لکپڙهه لاءِ گڏ هوندا هئا (٤) ڪاگريا = ڪاغذن وارا، دفتر رکندڙ (٥) ڪاڇي جا = ڪڇ جا، هو پروچ = سنڌ وارا پيا پروچ (٦) سوپدار = ملڪ شيرخان جت، جنهن لڙائي ڪئي پر آڻ نه مڃي (٧) اهڙي منجهه = اهڙي رڻ ۾ (٨) وڌائين = رڻ کي وڌو ڪن (٩) پڙتا = پلٽا، جنگ ۾ ڪيڏون. پنجاهين جا = اهي جيڪي جنگ ۾ اڪيلا پنجاهن جا مٽ. ڳچان = ڳوٽ.. ڳاهين = وراڻي ورائي بيان ڪن (١٠) راهين = جنگ جي فيصل جون راهون ڪن (١١) چڏيا = پوئتي گهرن ۾ چڏيا.

حرم ڪريو هلندا ٿهرو نہ ڀاسي تن (١)
نان وڙهي سين ويرين، سانو سوڀارا ٿيو."

٧- سانو سوڀارا ٿيو، انهين اهڃاڻن
ڪٽا ٿي ڪنوڻهر ڀناري ڀڙن (٢)
آيو عارب ات هٿا منجهان منڊائين (٣)
ليئاٽي رکيو لنڌ ڪي هاٽينگ هٿين هڻن (٤)
مهندين لڳيون منهن ۾، جهليا ڀير ڀوين (٥)
کوما ڪيسي چڙيا، ڪنئي لوٽ لنڌن (٦)
خوشيءَ سان خانن، تن ڪٽي ڪنڪ واريا.

٨- ڪٽي ڪنڪ واريا، ڀاونگ ڪوڙي ڀير (٧)
هڪڙيون شيرون شاه بدين تان، ڀيو شيرون
مٿان شير (٧)
ڀيرين شرم شهيد ڪري، ڀوءِ ڀريائين ڀير (٨)
ڪني سان ڪنيان ڪي ڏڪ ڪيائين ڏير (٩)
سڄو ڏيهہ سانڪي ٿيو، شال ڏنو جو شير (١٠)

(١) زالن ڪي اڳتي هلندو روانو ڪريو ۽ انهن سان ڀهريدار مڙس موڪليو (٢) ڪٽا ٿي ڪنوڻهر=هنن اچي ڪوهر (ڀاڻي لاءِ) ڪوٽايا. ڀناري=ڀناري وٽ. ڀڙن=ڀڙ مڙسن (٣) عارب 'منڊائي' جتن جي ڀاڙي مان (٤) هاٽينگ=ڀهلوان (عارب) (٥) اڳين ڪي جو تراريون لڳيون تي ڀويان ڀيهي رهيا (٦) ڪسي چڙيا=ميدان مان ڪسڪي ويا. لوٽ= ڌڙ آن لنڌ جو (٧) ڀاونگ=ڀهلوان جيڪو ڀڙ ڪري ڀيهي وڙهي. شيرون=ڇيرون فتح جون. شاه بدين (مهاب ڏين)=بدين جي ولي ڪي (٨) شرم شهيد ڪري=ڀنهنجي زال نالي 'مکان' کي ماري. ڀوءِ ڀريائين ڀير=ڀوءِ اچي جنگ ۾ بيٺو (٩) ڪنيان=سنڌ جي لشڪر جو سپه سالار (١٠) سانڪي ٿيو=ساکي ٿيو، شاهد ٿيو. شال ڏنو=چال ڏنو، ڪنڌي اچي ترار هنئي. شير=شير مٿاڻي جتم

هن جهوري مت جهوڙير، وجي اکيون
ڪُر اجاريو (١)

٩- آيو بودلو آري، تيتي تيڏيءِ وار (٢)

— — — — —
— — — — —
— — — — —

جن پٽي شاهه شيرن جي سي ڇُريا ڪين ڇمار (٣)
متي شرم ماهو ٽيا مري مينگهواڙ (٤)
واڍي پنهنجي وار، ات مري تنهن ملهاني.

---

(١) جهوري = زخمي ڪري، ماري. مت = پنهنجي مت ڪئي، آڏو مقابلي ڪندڙ ڪئي. جهوڙير = جهوڙي وارو، وڏي ٻڌڪي وارو، وڏي ٽري وارو (ڪنڀاٽ). اکيون ڪُر = اکب وارو، ٻَڻ، سِندس پنهنجو ڏاڏو نيپهدو، جيڪو اگ 'چاڻي' واري جنگ ۾ ٻتال ٿيو هو ۽ نه وڙهيو هو. (٢) بودلو = 'بودلو' نالي جتن جي 'شيهه' (= شيخ، يعني فاقيري ۽ درويش) پاڙي مان (٣) شاه = ڇاهه، لسي. شيرن جي = جتن جي. ڇماڙ = مينگهواڙ (٤) متي شرم = سندن ننگن تي. ماهو ٽيا = وڙهندي وڙهندي مارجي ويا. واڍي (اسم جنس طور، واڍن، لام آندل) = واڍا جيڪي جتن طرفان وڙهيا.

١١. مير ٺاري خان جي جنگ*

هيءَ جنگ ذوالحج مهيني سن ١٢١٨هه (١٨٠٣ع) ۾ لڳي. هڪ طرف مير پورخاص جو حڪمران مير ٺاروخان ۽ سندس سپاهه هو ته ٻئي طرف حيدرآباد طرفان مير محمد خان ۽ سندس سپاهه هو. هن جنگ لاءِ ڪو خاص سبب ڪونه هو. مير پورخاص جي طرف وارن مرين ۽ حيدرآباد جي طرف وارن لغارين ٿوري جهيڙي کي وڏائي وڏو ڪيو. مير ٺاروخان ان وقت موجود ڪونه هو، ۽ پنهنجين ڪينين ۾ هو. جي هتي هجي ها ته ايڏو معاملو نه مچي ها. ڪيس خبر ڏنهن ملي جڏهن طرفدار قبيلا جنگ لاءِ تيار ٿي ويا هئا.

سهراب فقير چارڻ جو ان وقت جو وڏو داناءُ سگهڙ هو، تنهن پنهنجن منظوم بندن ۾ هن جنگ جو سمان چٽيو آهي ۽ جنگ ۾ جيڪي بهادر وڙهيا ۽ ماريا، تن جا نالا وٺي ڪين ڳايو آهي. سگهڙ سهراب جا اهي منظوم بند "جنگنامي" جي نظم جو هڪ انوکو ۽ اعليٰ مثال آهن.

قادر قدرت جو ڌڻي، رازق رب جبار
خاوند خالق جو، آ قدرتي ڪلتار
جنهن جوڙي راس جهان ڪيو، درس ڪري ديدار
خاصو خلقيائين خلق ۾ نور نبي سرور
سو شفاعت سائين ڪندو، امت تي اظهار
بيو علي شاهه سخي جوان، دين سندو دهوار

---

*سهراب فقير جو هن جنگ بابت هي منظوم بيان، اسان ميان دين محمد چارڻ (دادو) جي معرفت سکڻ فقير چارڻ کان پڌو ۽ قلمبند ڪيو.

تنهين جي تعريف جو شرح ناهه شمار
حيدر حمايت ڪري ڏني سنڌ ميرن کي مختيار
سي سڀ جڙيا سنڌ ۾، عامن سندو سينگار
بيحد بلوچن ڪيو، تي تابلن قرار
تن دزد مارائي ديس مئون، ڪڍيا چور چڪار
امن ۽ امانت جو آهي بانڪن ميٿي بار
پر فائق مير فتح علي هو سنڌ جو صاحبدار
جنهن جو وڄندو هو ويرن سر نوبت نيت نقار
رکندو هو راوت سو سندو شوق شڪار
سو هاٿڪ هزارن سان چڙهندو هو دولهه، دل سينگار
تنهن جي تيک ترار کئون ني ڪنبيو ڪڇ قندار
جنهن جو داب دهلي تئون ڌ لٿو، ڪابل ناهه قرار
جيسلمير ۽ ٻوڏپور، هوڏانهن ڪر هالار
پيو پڇ پڇنيءَ آتي، ڏر وڏو ڏهڪار
مٿبي سڌني ملڪ ۾، ناميو ٿيو نروار
تنهن جو گنونجو کنداواءِ تي دارو ڏند آنڌار
تنهن جا سوين سلامي هيشا، سهراب جهڙي سئووار
جنهن جو ايڏو هو اختيار، سو راوت رب رضا رسيو.

هاڻي سن ٻارهن سئو ذوالحج ماهه ارڙهن ۽ رهيو اظهاري
داري مير غلام علي کي، صاحب سنڌ ڏني سرداري
شير سلامت تخت تنهن جو، بخت بلند ٿيو بسياري
زابر زور زبر سان ظاهر، بيبر مسند منصبداري
ڪئوبي سان ڪرامت قائم، عارف اعلي ٿيو اظهاري
ڪرمعليءَ تي ڪرم الله جو، جسوت جنگ
سندو جهو نجهاري
شان شعور شناخت بو رهيو، ڪوهو قابل ڪلانداري
ميرمراد علي ميرڪي ساڄو، صاحب سخن سچاري

اُن کي سڏيو بهادر بانڪو، لڇپت لائق اعتباري
تنهن قرار تنهين جو ثابت، نام بلند ٿيو نرواري
جنهن جو لشڪر آهي جوانن، سنڌ ميرن ۽ سنگت ساري
هوڏانهن ٺارو مير موچارو، مرڪي جسو تجويز ڏي جنساري
سو اڙٻنگ ارتل، سرجو سورهيه، ڪوهو، ڪيلي قرب قراري
تن ڪڏ سنڌ جو ٿان وڌايو، همت ڪئي هوشياري
تيز تکي جا نائب تهڙا، لائق خان لغاري
آٿ ڏسي تن ڏاڍي چڙهي جنهن تي ول ٻڌي ويچاري
سري سيڪ هتا ميرن جا ديريدار اني درهواري
تن سڏائي سوگهو ڪاريو، سان حڪومت حڪمداري
تڏهن ٻيلي ٻول ڪيو ٻولاڻي، دانهين ۽ دانهن پسي پوڪاري
تڏهن لغاري لائق هليا، وير چڙائي تنهن کي واري
آولا يا آئي سي الڪي، تن سرواهين ڪئي سنڪاري
سري مڪ وڌانون ماري، ڪڙڪي ڪونڌ هنيس ڪاهاري
هن ٻي هنيا هٿيار هڪل سان، هاڙهي ڦٽي ڦٽ وڌا ڦهڪاري
هڪ ٿيو ماري ٻن ماريو، اجل آهي سڀني اختياري
هيڏانهن سرين وچي ڪيو سيڙو، هوڏانهن واهر لغارين واري
جنگ ڪندا سو جوڌنون جوڙي، ذات جني کي ڏاتر ڏياري
جني آ امڙي اختياري، سي مر سوپ ڪني مرها ٿين.

ڪوسي هيءَ خبر، وچي ڏانهن ڏياري ديري تي(١)

... ...

خط پرواني خوب تي ناسٽي ڪئي سو نظر
تنهين ترت تيار ڪيا، سڏي سڀ سڪر
تن کي چاڙهيون ٿو جوي ڪوني هيءَ ڪفتر:

---

(١) هن سٽ کان پوءِ ڪي سٽون ڪُتل آهن، جن موجب اندران ڪوٽ مان ڪنهن معزز يا مير صاحب جي ڪنهن ڪاردار ڏانهن سفارش جو خط مليو. ڪوسي اهو خط پهچايو. انهيءَ لکيل خط تي لاسٽي نظر ڪئي. بهرحال مير ٺاروخان ان وقت موجود نه هو.

تہ ارڏا اڳيئون اٿو ٻيو بلوچ بشر
تن سان تلوارن جا کيجو ڪونڌ ڦهڙ
سي مرڪي مرد چڙهي هليا لائق سان لشڪر
تن اڳي غازي خان لغاري سان ڪيا هل هنگام حشر
هي پڻ سڀ سچا هٿيا ساردُو، گل گوني گوهر (١)
تن ڪيو ماڳ مقابلو، ٽيو سنڌي منجهہ شهر
ٽيا سٽ ڦٽ شرواهڻ جا، ڪڙڪيا ڪونڌ ڪپر
هيڏانهن ٽٽو ماريا نرمل، هوڏانهن پارهن ٽيا پاهر
جن ڦهہ ڦهہ ڦهڪائي وڌا، ڇهڪا سان ڇڪر
سي سوٽي ماراڻي ويا، جدا ٿين جگر
جن کي ذات ذني ذاتي سي مرسوپ ڪٽي سرها ٿين.

تڏهن لکي خاص خبر، هن، مير ٿاري ڏانهن موڪلي (٢)
تان قابل ڪرهہ نہ ڪجي، ماڇا مٺ ڪنهن مهر
اها مصلحت اٿئي منهنجي ٽون، عقلئون اڪابر
جي پاڻ ڏي پائن جو، تن کي ڪرهين ناهہ ڪٿر
هوند ساري ملڪ سنڌ انجي، پرائو پرڏر
اها سڌ سگهو، جوڙ اٿئي ٻہ جنگ جو.

واهہ پڏي تنهن ويرہ وهنڊ وراڻي سڪو (٣)
تہ جودنون انهي جنگ جي، ترت اٿم تدبير
جيڻري جنگ جي جڳهون، ڪين ورندس وير
تون تان پرمل پڙهين جو، مٺ صاحب مير مدبر
آءٌ بہ بچيندس تير، جيڪي جوان آيا مُر جنگ جي.

---

(١) ساردُو = شينهن (٢) مير ٿاري خان کي حيدرآباد طرف جي مير محمود خان جي مصلحت. (٣) مير ٿاري خان جو جواب.

هاٿي ميرن ميڙ موتائي، قابل ڪنڪ ڪيا ڪوتائي
ظاهر مير چڙهيو سڀ لشڪر پنهنجو پاڻ پيو مرڪائي
سانچو سرو صنوبر سورهيه، سوار پيادا چوڪن چائي
فائق فقيرن سان فقيرن، سنگت سڀ سپاهه سڏائي
چتو چوهٺن هليو چنگي، نال هليو هو نام لڳائي
گوهر ڪنوهر چڙهيو تت غازي، راوت رڏ هليو رنگ لائي
هڪ سهٽو، پيو مير جو سورهيه، ڪوبو ڪستئون
ڪنٿونت ڪڏائي
سڀ سوار سنگت جا مير سان، دولهه دل چڙهن دل لائي
منزل منزل سائين ميرا، ڪاڻ ڪرن ڪيڪان ڪڏائي
هڪ پڻي ڪي هو چون حقيقت، مڙس نچو ميدان مچائي
اڻ جيها افضل ايمانيءَ، ڀڳن ڀول چڙهن ڀولائي
جوڙ سنجهان جنگ اتي جوڙي، نرڪيا نخرا ناز نچائي
نيلا نيزن سان نرسانا، تازي هليا تيز تهائي
سرخ سنجاف سينگاري سورهيه، برچا پنج ڪليان پڙائي
چيٽ ڪميت وهن تت ڪاچي، سرخ سفيد سمنڊ سڏائي
پور پوراق بچائون بلخي، عربي ابلق اسپ آڻائي
ترڪ اتي طائوسي ترڪي، مشڪي مردن ڪنيا مچائي
ثابت سنج ڪي نتي سهنا، پاڻ چڙهيا پوشاڪون پائي
تن پوشاڪون کهڙيون ڀريون، جامل هول ڪنڪول هلائي
سهڻا شير پهڏن تت شالون، مرد مسنديل، پهڏن مرڪائي
پسيتو بيري بجوا اسري، صاف صفاف پهڏن سانباني (١)
پيچئون پيچ وجهن سرپيچين، پنڪا پٽ پهڏن پهراني
زري ظاهر ڪن زرينا، بونگيون لعل ڪرن لڪائي
گنديون ڪلبدن جون گهتريون، سرشيون پانيون تن سپائي
ڪيمخاپون تت ڪرن ڪليلا، مرد مٿي ڪن مغزي لائي
ابرلاچا اطلس عنبر سان، ريزه راز ربا رنگ لائي

(١) اصل ائين.

سون رتيون سرياڻون سونهن، هال رتيون هالار هوائي
تاس ڏکيو سير ٻانن طرا، جنود ڪرڻ ۾ جنگ جڳائي
ملتاني مردانيون ڇيڻون، چنيون ڏکيون تن ڇنو نڊائي
واهه ٻنات ڏکائن ڏالهن، بيحد بخمل ساڻ ٻنائي
ڪلنگيون ڪوڏ ٻڌيون سرڪوهن، سوسيون سرخ سبز سڏائي
ڪان ڪمان هٿن ڪانوتا، مرد چڙهيا سي موزا پائي
هيڏين هار ٻڌا تن هاڙهن، سون سرو ٻاڌون سبائي (۱)
سرس صقيلان لعل لهورو، چيلهن ٻڌيون تن چوچائي
ميصريون موڪ ڪنيون متوالن، اصفهاني عرق اڙائي
جمدر جوڙ ڪيون جوانن، پختا ٻڙ پولاد پچائي (۲)
تت تلواريون ذات ٻڌاتيون، جونهردار جڦت جڙائي
هٿنداسين هاڙهن ڪي هيڪر، ڪيلي منجهه ڪڍي ڪڙڪائي
تن ڪنيون بندوقون ٻهت ٻڌاريون ڇڙيون چوٽ ڪڍيون ڇڙڪائي
شتشڪانيون ۽ شيرِ دهانيون، رسيون راز هٿن رنگلائي (۳)
متڻيون ڇڻيون ڪڻيون قابو، وڏ ڦڙو جئن مينهن وسائي (۴)
ٻل بلوچ بهادر بانڪا، چليا سي سڀ ڪسٽون ڪاهي
جلد جمالي جنگ جهونجهاري، سري هليا سچ سچائي
نظاماڻي ناميا نرمل، چل ڪري هليا ڇل ڇنائي
پتڙ باگراڻي ڪن پلڪارون، جود جاداڻن جس جڳائي
واهه لغارن ڪيون للڪارون، ٻورا پوندا پاڻ پچائي
ڪترن ڪاه ڪلوئي قابل، چاڪ چڙهيا سڀ چونڪ چتائي
واهه ڪليري ويڙ وڙهڻ جا، جعفر ڪي مر جس جڳائي
لوحاڻي سڀ ناميا ناطق، چڙهيا چوڙنگ چستون چائي
ڪيل ڪنياڻ اتي ڪن خاصا، ڪٺاوڙ ڪنو خوب ڪيٺوائي
ڪورڪاڻي سڀ خان ڪنهي جا، شوقئون آيا شور چتائي
جلالاڻي جوان جنگ ۾، آڙن آيا سي ٻه آلائي

(۱) اصل ائين (۲) اصل، همدرد جوڙ ڪيون (۳) بندوقن جا ڪالا
(۴) ترارين جون صفتون.

پڻ بلوچ پرڳڙي ٻانڪا، جوان آيا تت جهرڪا لائي
چانڊيا، لنڊ، لشاري لاڻن رند رمت ات رمن رهائي
ڪنمتائي ٻوهڙ ٻڇايون، دل سلهن سڀ ديميون لائي
ڳنڍ ڪوهانگ ڳاڌي غازي، مڪسي آيا سولهہ ملهائي
جت جوڻي سي جوان جنگ ۾ پنڌي آيا پڙڪا لائي
ڪلهيرن ڪاهہ ڪئي تت ڪڙڪي، جويا جوان رکن جلدائي
ٻانڪا سي ٻوزدار بهادر، نئون لهنگ آسنگ آڻائي
ملوڪائي مرد مشيرا، سوڍا سنگت ساڻ سوائي (١)
ڪوسا خان اتي مرڪيلن نيزا هٿندا نر نچائي
هي سڀ اڙد آڻايو اچن، ڌهہ ڌهہ ديميون ڊرس ڏيائي (٢)
تن ڪاري ٿي منزل ڦاٻو، وڏي ڪلي تي ڪاهہ ڪڍائي
مير ٿاري جو ملڪ سناڙي، ترت وڏو تن طنبو لاهي
مير محمود مردانو آيو، نر آيو نريان نچائي (٣)
ساڻ ڇو صاحب سو ڏو سورهيہ، چڙهيو هراسان چيت لائي (٤)
پيرو سنڌير بهادر ٻانڪو، آڙن آيو سو پہ آڻائي
مير اچي ات مصلحت ڪئي ڦان ڏيرو وجهو درس ڏيائي
هاتڪ ڏي ٿا چوڻ هلايون، راوت رازر ڪورنگ لائي: (٥)
”ٻانڀهہ آ پترچاءِ موچارو، وڙهڻ وات اسان تو ناهي
سمجهہ صحيح ڪر مير موچارا، جنگ اسان کي تو نہ ڇڳائي“
تڏ ڏنو جواب جوانا جسوت، ٿارو مير چڙهيو ٺهڪائي
تنهن سان خان هٿا سڀ چڙهيا، ڇو رنگ چستئون چائي
سڀ جوان هٿا سي سورهيہ، اچن چاهہ سنجهئون اچارائي
عبدالله خان احمد خان آيا، ٻانڪا پاڻر سي پڙڪائي
نهال خان چوهڻون آڻن، آڙن آيا سو ڀہ آڻائي

---

(١) شايد صحيح ملوخائي (٢) هي سڀ = مير محمد خان سان گڏ حيدرآباد طرفان (٣) نريان = نر گهوڙو (٤) اصل ائين (؟)
(٥) هاتڪ ڏي = حاذق ڏي، يعني مير ٿاري خان ڏي جيڪو وڏو سياڻو آهي.

سجاول سري سگهه ميلي، سرس صقيلان ساڻ ستائي
لال خان فتح خان لائق، سري آيا مولهه ملهائي
صوبيدار لغاري آيو لائق، ستهيو ساڻ وڙهيو مرڪائي
سعد خان پرڪڙي بانڪو، جوان آيو تت جهڙڪا لائي
ڏيتو جمالي جوان جنگن پر، پيارو ساڻ وڙهيو پرچائي
پياپي سوين سپاهه وڙهي ڪن وارا، جهڪا جهڪ ڪرن جهڪائي
خدمتگار هئا نيي خاصا، آيا سي اڻ موت آتائي
وَنڪا وِير آيا تت وهلئون، ڪوني ويئا گاجون لائي
وٺي شينهن اچي آڙ ويٺو، ترتئون تير تفنگون تائي
هيجان هيڏانهن جيو هلائن، اڪيئون مير چڙهي موتائي
آڙن منجهه آسر جو آسري، بيئا بانڪا توفون تائي
ماري مڙس وڏا تنهن مانجهي، دهرا دس هنيا دس لائي.

تڏ مير محمود پڌا تت مورچا، قري آيس قوجون لاهي
ظاهر ٿيي ترڙ پڙ تپي ڪي، هيس پڇاڙي سو هريائي
وزنته، وير وڙهيو تت وَهندو، ڪيهر ڪٽئون آيس ڪاهي
آتلي پيو ات ظاهر آنڪي، جهت جهت ڪن اتي جهڪائي
مورمقابل ٿيا ات ميرڪي، وَهندو واهه، وڙهيو ونگ پائي
ٿيا امام جوان جنگن جا، ڪوڪر خان وڙهيا ڪوپسائي
چٽي تڪبير تني تت تيئين، لت پت لوهه هٿن لڪ لائي
هڪ پئي ڪي سي هٿن هٿيلان، لاشا لعل وجهن ليٽائي
ٿاري ٿاهه، وڏا ٿي ٿهڪا، کوڏن کاهه پڌا تت کاهي
واهه هٿن جو مورچو ميلين، لڙن پيڙن آت لحظا لاهي
جئو چارڻ تون تن جون صفتون، سڪنهن سورهيه، سچ سهائي.

ڏيمي درس ٿيا ڏودستاڻ ڪليون ڪڙڪ وهاون خستا
ماريو مست وهاون مستا، راوت رڪ پڌا تت رستا
ڪڙها ڪيلي پهون ڪاهيئون

طاهر خان ڪيون ۽ طفيلان، ڪوسي ڪڙڪ ڪئي ڪيون ڪيلان
زنگ وڌي پيو زرهان زيلان، پڙ ۾ پتنگ پيون ڪنيلان
ماري آت وچي مٿنهن ڪايون.

طاهر تيز وڙهيو تت تائئو، غازي ڪڏ ڪري تيت گهائئو
وير وساڻ صقيلن سائئو، پير بهادر جنگ جنبائئو
آرڏو اڌ ڪري آئلايون.

واه وڙهڻ جا جنهن ڪيا وارا، چهڪا چاهه وڌا تن چارا
سندس سپاهي سي سوڀارا، ڪڙڪي ڪونڌ ڪئن ڪپارا
وهندو وڍ وجهن وهايون.

دالته، درس هٿن دودستي، ڪوهو ڪپي ڪيهر ڪستي
هٺوڪ هنئي تنهن هاڙهي هستي، ماري ست مناون مستي
تائئو تيز وڙهيو هو تايون.

گوهر گنوهر چڙهيو غازي، ست ڪٽ سيف صقيلن سازي
پير بندوقن سان ڪئي بازي، آرڏو آلت وڙهيو اغمازي
عارف اڙينگ هيو الايون.

جسوت جلد وڙهيو تت جائي، ڪنا ڪڙڪ ويس تت ڪائي
سر شهيدن موت لڪائي، وڙهي ورنهه وڪ وڌائي
رڻ ۾ رڙ رهي ڪن رايون.

جوان وڙهيو تت جهڙڪا لائي، اڪ ۾ اڙينگ ويو آلائي
پيو پتنگ جان پاڻ جلائي، بانڪو هشت بهشت سڌائي
ناميو نيڪي ويو نباهيئون.

غازي خان مري موچارو، وجهن ساڻ وڙهي ڪيائين وارو
سر صقيلن جو سنڪارو، چهڪو چست تنيو چوڏارو
ورنهه واه وڙهيو وڪ وارو، غازي ڪنڌي تني ڪي گهايو
ڪونڌ مڙئي آٿ چهه چهڪايئون

عارف عقل ساڻ آلايون، مري مرد وڙهيو مرڪايون
غازي خان تنهن تي ڪهايون، سهڻو شير شهادت پايون
جعفر خان ڪليريءَ ڪاهيو، نيڪ جو جنهن ننگ ملهايو
هرڻن پير اڪيڻون ٽي پايو، ڇهڪو ڇسٽ هٽي ڇهڪايو
ورڻهه واهه وڙهي وڌ ڪهايون.

ڪيهر ڪونڌ اتي ٽي ڪٽا، پارا پهلوان وڄهون تنهن پٽا
نامي نسنگ هٿون لڪ لٽيا، ڇسٽون ڇسٽ اتي ٽي ڇٽا
مڙي ڪليري پاڻ ملهايون.

سيهڙ شاهه ملهايون مارو، ڏوڪن ڌار وڄهيو تن ڌارو
نامي نيڪيءَ ننگ نهاريو، اڪبر اڙٻنگ ويو اٿايون.

ڪوڪر خان وڙهيا تت خاصا، سورهيه شيو ڪيئن شاباسا
رڻ ۾ رت پريا تن پاسا، جن مقابل هنيون مٿهايون.

ٻيڙو ٻول وڙهيو ٻولائي، نهرو ناميو نسنگ نوائي
بهادر ٻان نشان بجائي، سڀ وڙهيا ات سچ سچائي
رڻ ۾ ريلا پاڻ رچايون.

رتو راض وڙهيو رنگ لائي، ڪيهر ڪسٽ سنجهون پيو ڪاهي
فوجون ڦاڙ وجهي ڦهڪائي، ڇتو ڇوهه هليو ڇمڪائي
مگ وڙهيا سي پاڻ مرڪايون.

فتح خان اتي ڦهڪايون، ڪوهي ڪونڌ اتي ڪڙڪايون
مصريون مگ هنيون ٻه مٽهايون، لاشا لال وجهن ليٽايون
سٽا شير شهادت پايون.

ونگ ونگارو وهنگ وهائي، شير شمشيرون ڪوپو ڪاهي
تنهن ڪي ٽپ ڪيا تنهن ڌاهي، ڪٽا ڪوڪر پيا ڪينوائي
واهه وجهن سي جلد جلايون.

ڪوپر ڪڙڪ جتان آت ڪٽن، پارا پهلوان جت پٽن
ناميل نسنگ هنيو لڪ لٽن، چورنگ ڇسٽ اتي ٽا ڇٽن
ڏهرا دسٽ هٿن ڏيکايون.

ڪمال خان ڪليري ڪڙڪيو، سورهيه سپڻ ساڻ ٿي سرڪيو
انڪيون اڌ ڪيون ٿي اڙڪيو، غلام الله ملوڪ تت مرڪيو
چوور جهڪور ڪنگور ڪڙڪيو، تائو تيز وڙهيو تت تايون.

جهان خان جوان لغاري، جلمل جن ڪنيا جو نجهاري
جهڪا جوڪس ڪري جوڌاري، ڪهي هول ڪنگول هزاري
ڪوپو ڪيئڙهه ڪيلي ۾ ڪاهيون.

خيري خان ڪيا تت سنڪا، لغاري لايا جوکس جنڪا
ٿهه ٿي ٿهه، وڏا تنهن ٿنڪا، لوهو لعل ڪيا تت لنڪا
شير شهيد ڪيو سر سهيون.

وهه وهه واهه وڙهي ڪن وارا، ڪٽن سٽن ڪونڌ قرارا
ماريو وڃن موت نقارا، ڪونڌ ڪٽا تت قرب قرارا
جودئون جود وڙهيا جنگ لايون.

واهه ولي محمد جت وڙهيو، جنگ ۾ جوان غازي تت گهڙيو
ٿهه ٿهه ٿيهه وجهي وڏ ڦڙيو، ستو سٽ ستن کي مڙيو
بيحد باز بندوقين لڙيو، ناميي لحظي ڪيون لڙايون.

لائي لغاري ڪيا وهه وارا، غلام الله وڏا گلزارا
وڏا شير تني سنڪارا، ڏنگ ڪپي ڪيا تنهن ڏڏ ڪارا
غازي گهوٽ وجي تت گهايون.

شير وڙهيو سهراب سوائي، جنهين جوهر خوب ڪنوائي
زاوت رڏ ٿيا رڻ وائي، واهه ٻئوهڙن خوب ٻچايون.

عالم شاهه سيد سوپارو، وڃڻ ساڻ ڪيو جنهن وارو
سوڙهيه صقيلن ساڻ ڪيو وارو، محب مري ٿيو مک متارو
جنهن جوانسي جس جڳايئون.

وڏو ڪرم علي رند ور وڏائي، ڪيهر ڪست سنجهئون پيو ڪاهي
مهرا مڪت ڪيون ڪڪ ڪائي، ستو شير شهادت پائي
... پيو پتنگ جان ٻاڻ جلايئون ...

غلام علي مرزو رند حيدر، هٿي هٿيار سچا ٿيا سنبر
ڪُٺهن ڪوند اتي ٿا ڪيهر، وڻڪا ويز وجهن ٿا ويهر
چهڪا چهڪ وجهن چهڪارو، گل محمد محمد خان مارو
تائن تيز هنيو تڪرارو، وڏئون وڏ و ڪائن وارو
ڪڙڪيو ڪوند ڪڻ ڪاپارو، دانهه، دربي هڻن ڏل لايون،

خيرو خان جمالي جنگي، ناهر نسنگ وڙهيو تت ننگي
راوت رت منجهئون ٿيو رنگي، ترت ترارن جي ڪئي تنگي
ڦنڊڪا ڦاڙ وجهن ڦهڪايون.

اميدعلي اتي اچي انڪيو، قابل ڪوند ڪپر جان ڪڙڪيو
ٻوڙهيو، سيفن سان جٺن سرڪيو، هيبت سان، وڙهي اتي سرڪيو
مصريون مرد هڻن مڳو نڌهايئون.

حيات خان هٿو حسم‍يلان، ڪوسي ڪڙڪ هٿي ڪيون ڪيلان
ٻهادر هٿ اتي ڪيون ٻيلان، محمد خان پڌا تت ميلان
ناميا نسنگ وجهن ٽر ٽايئون.

جنگ جمالي جودئون جوڙن، مصريون ماڪ مٿنهايون موڙن
ٽيڪان مار تتان آت ٽوڙن، ڪنان خان اتان آت ڪوڙن
واهه جمالي ڪن جلدايئون.

شيرخان آنڪيو شير ٻهارو، فتح خان وڏو ڦهڪارو
چاڪر دودي وڏو چهڪارو، سونو عرضي جيٺو جهونجهارو
چاڪ وڙهيو تت چهڪا لايئون.

پيا ڪٽياڻ اتي جنگ جوڙي، ڪنان خانن وڏا ڪوڙي
موسو مٺنهين مور نہ موڙي، واهه اسماعيل وڏو ولوڙي
قابل ڪولڌ وجهن ڪيرايون.

جوان خضر ٻيو جنگ ۾ جائي، جيري جوان وڙهي جنگ لائي
قوم ڪٽياڻ خوب ڪينوائي، جن ٺٺوٺا ڪيون سرسايئون.

کھاوڙ کيل ڪيون آت ڪپلان، زنگ چنان ۾ زرهان زيلان
ٻڙ ۽ پتنگ پٺي ڪيون پيلان، تائو ترت ڪيون ۽ تفيلان
لائق لڏيون رڻ ۾ لانئون.

بهادر پيل ڪئي تنهن پيلي، هنيون تراريون مڱ جان مهلي
رڻ ۾ تڙقي هيو طفيلي، وڏو بندوقن رڻ ۾ ريلي
جوان وڙهيا هولڊ جنڊ جلايون.

عزت خان آيو ات آسري، دانهه درس وهائي دسري
ناميي نسنگ هنئي ات نسري، ماري موڪ هنئي ات مصري
سري سوت پنهنجو سرڪايون.

آدم خان ڪوهو هيو ڪاهي، اڙن ۾ اڙينگ آڻائي
سري محراب وڙهيو مرڪائي، ستو شير شهادت پائي
سانچن ثابت هنيون سرواهيون.

سري مڱ هٿا مردانا، خاني خان وڙهيا وچ خانا
جن لائق سرناما، سريد هٿ هيا هروانا
ڏوکي ڏار وجهن تت ڏايون.

ڪاهه فقير وپيو واهه واري، سنگت منجهه هيو سو ٻاري
مصريون مڱ هنيون تنهن ماري، دانهه درس هيو دلداري
ٻانڪو پڙ وڙهيو پڙڪايون.

ڪوهو ڪاهه وڙهيو تت ڪاهي، اڙن ۾ اٺ سوٽ آڻائي
قابل ڪونڊ هنيو ڪڙڪائي، جنهن ستوٽا ڪيون سرسايون.

پٺي آهه ڏتو پڙ ٻانڪو، دولهه دست وڏو تنهن ڏاڪو
ستقت شير وڏو واهه واڪو، جهڳ مڱ جوڙ جهڳوڙ جهڙاڪو
وهندو وجهي هن ٻه وهايون.

گل محمد مگسي مارو، ڏاتو ڏار وجهي تت ڏارو
نامي نمڪ جو ننگ ٻاريو، پتنگ وڙهيا پهچي پٽ پايون.

جعفر خان، ڪلوڻي آيو، ٻاگي ٻانڻ کي پڙڪايو
سنگت فقيري ساڻ سوايو، سورهيه سڙنڊ ڪيون سرسايون.

سوين سپاهه وڙهي ڪن وارا، ڇهڪا چاهه وڏا تن چارا
شير وڙهيا سي سخن سچارا، رڻ رهيا سيءَ رت وهايون.

پيا جي هوءَ آيا لڳيي لاٿي، سيڪو پنهنجو قدر سڃاڻي
پير پنهنجا ٿو هرڪوئي چاڻي، کهڙي ڳالهه ڪيان وا ڪاڻي
ليڪا موڙن منهن لڪايون.

ٿاري ٿاهه وڏا تنهن ٺهڪا، ٿني ڦٽ وڏا تنهن ڦهڪا
چورنگ چست وڏا تنهن ڇهڪا، آگي اڏ ڪين آٿلايون.

ڦهه ڦهه ڦاهه چٽان ات ڦهڪن، لاون لحظي ڏي وچ لهڪن
چقمق چست چوڏاري چهڪن، دلمل دست ڏيايون ڏهڪن
ڪنڙهه ڪيلي ۾ پون ڪاهيون.

ڇهڪا ٺهڪا ٿيا چوڏاري، ڪڙ ڪيون ڪان لڳن تت ڪاري
ڪونڌ ڪرن ات هفت هزاري، ڇنڪيا ٻاڻ اتي پڙڪاري
ڏهرا دست هڻن ڏيايون.

کهڳل ڪوچ ٿيو ڪيڏارو، دارون ڏنڌ ڪيو ڏنڌڪارو
رڻ ۾ رڏ وڙهي ڪن وارو، سورهيه سيفن ساڻ سنڪارو
ڇهڪا ڇهڪ وجهن ڇهڪايون.

ڇٽو سهراب تني جو وارو، پيڙ ۾ پتنگ ڪرڻ پوڪارو
ڇنڪيا موت نقارا مارو، سورهيه ساڪ هٿي ڪن سارو
زنگ هڻن تت زور وهايون.

زابر زهوان چاون ڙيلان، ڪنهي ڪوڙ اٿان ڪن ڪيلان
هاڙهيي مارن تت حميلان، رهه رهه ريچ ٿيا تت ريلان
خانا خان وجهن تت ڪايون.

ڪوہر ڪرنگھ، جتان رت ڪتن، پارا پھل جتان ات پٽن
ناميا نسنگ هنيو لڪ لٽن، لت پٽ لال لھو ۾ ليٽن
ڪڙھ ڪيلي ۾ پون ڪاهيون.

جھان جھان جھور جھڪور جنبياون، ڪھ، ڪھ، ڪونڌ ڪپيو ڪيرائن
وھ، وھ، ويراٿان ورڪاون، ڪوہر ڪرپ ڪلنگ ڪيرايون.

دھ، دھ، دس هٿن سي دهرا، متھ، متھ، ملھ، ٿيا تت مهرا
لايون لال ليکن لهرا، غازي گل پڌن تت گھرا
بيحد بان نشان بچايون.

پڙڪيو باز ڏيون پلڪاري، ڪٽن سٽن ڪونڌ قراري
سر شهيدن موت پڪاري، مرڪي موڙ پڌن مٽياري
جوان وڙهن جت جنگ جنبايون.

ٿاڙي ڪٿي ٿاھ، سا سيف صلاح، رتا رڻ ۾ راھ،
ڇھڪيو وجھن چاھ، اتي دلخواھ، ڪيل ڪيلن اتي خان خماري.

سندس جو سپاھ، وڙهيا اتي واھ، ڇھڪي اتيا چاھ،
اتي دلخواھ، ڪيل ملنگ اتي امير انباري.

سي پاون هول، اٿان ڪن پول، ڪي ڪنگول
ڪوڏيا ڪن قول، جودئون وڙهيا نت جوان جونجهاري.

رڻ ۾ ٿنيو رڏ، پيو تن سان گڏ، سورهيہ ڪن سڏ
ماري پچن هڏ، سير سٽن ڪندو ڪون مياري.

ڪيلي ان ڪبير، ڇٽي تڪبير، وڙهيا تت وير
لکين تقدير، مرن مهمير، جو ڪڙھ ڪيلي ۾ پون قهاري.

دلو پکو دت، رڻ ۾ ڏسي رت، آتان چوڙيس ست
ٿيو بي همت، سوئي ڪائي يت، جي پاهر پٽا ڪهندو هوڪراري.

اتي ٻچل جي شاهہ، گهوڙي ڪئي ڪاهہ، سا سيف صلاح
رميو اتي راهہ، ميرن جو مياري.

هيڏنهن سڀ شير، جي دل جا دلير، سڀڪو سڏ ڪلير
ڪيو ڪن ڏير، جو ڦهہ ڦاهہ وجهن ڦهڪاري.

چڱاون چوٽ، اتان اٺ سوٽ، ڪراون ڪوٽ
جوڙيو جنگ جوٽ، سي ڪونڌ قزاق هاڪ هزاري.

وڙهيا جت واگهہ، سي ڪونڌ قزاق، هاڙهي وجهن هاڪ
ڇهڪي وجهن چاڪ، سي سورهيہ سخي سخن سچاري.

ڪن سورهن سينگار، گلي گل هار، ڪليو چڙهہ انار
جنگي گل جوان آٺن اختياري.

اتي اڙٻنگ، خاطو تہ ختنگ، هون پٺنگ
وڙهيا پاڻي ونگ، ڪپن سڻن ڪلي ۾ قهاري.

ڏوڙي وڙهيا ڏوڙ، ڪني ڪيائون ڪوڙ
پڌائون موڙ، جتا جنگ جوڙ، ڪني سوڀ ساري.

ڪتي جنگ جن، مٽيارا مرڪن، ڪپيا ڪٽڪن
ڦٽيا ڦڙڪن، ڪلمون ڪهن، چڙهي سنگت سوڀاري.

---

١٢. نوحاڻين جو جهان خان پرڳڙي تي حملو

نوحاڻين اهو حملو ٥ محرم سنه ١٢١٢هه ۾ جهان خان جي ڳوٺ ۽ سندس ڪوٽ (حويلي) تي ڪيو، جنهن ۾ جهان خان وڏي بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو.

اول جمالين ۽ نوحاڻين جو جهيڙو ٿيو، جنهن ۾ جمالي پڄي نه سگهيا سو وڃي جهان خان پرڳڙي کي دانهيائون. جهان خان ميرصاحب جو ماسو هو. هو سڙي واري جاگير سندس هئي، ۽ 'جيوڻ شاهه' جي تڪيي جي پرسان سندس حويلي ۽ ڪوٽ هو. پر وڏي ڳالهه ته جهان خان سرڪش ۽ سورهيه مڙس هو. هر دانهيءَ جي دانهن اوتائيندو هو، ۽ هيڻن جي مدد ڪندي پرائي جهيڙي ۾ ، گهڙي پوندو هو ۽ خود پاڻ ڏر تي بيهندو هو.

جمالين جا ماڻهو ماريل هئا، سو انهن جي پلاند لاءِ جهان خان جمالين کي ساڻ ڪري چڙهيو. نوحاڻين کي خبر پئجي وئي سو لشڪر گڏ ڪيائون. جهان خان اتان مڙيو جو گهڻا ماڻهو مرن ها. بلوچن جي ريت موجب، وير اوترو پاڙيو جيترو هوندو. نوحاڻين اوچتو مٿان پئي جمالين جا ٿي ماڻهو ماريا هئا، انهيءَ ڪري نوحاڻين سان به اوتروئي پلاند ڪرڻو هو ۽ نه وڌيڪ. اتي رکيي پرڳڙي، جهان خان کي خبر ڏني ته به نوحاڻي پاڻ ڏرو ۽ دولت فتح واغ وٽ جدا ويٺل آهن. پوءِ جهان خان اوڏاهين اٿليو، ۽ دري ۽ دولت کي وڃي چتايائون ته مڙس ٿيو جو وير پاڙڻ آيا آهيون. ان وقت ونن پيڙي معرفاني چانڊيي جو پٽ مهمان هو. هي ٿيئي مڙس مقابلي لاءِ اٿيا پر مارجي ويا. مڙسن جي ميار رکيي پرڳڙي تي رهي جو جٺوٽيي (چٺغلي)

ڪنيائين. درو ۽ دولت ٻئي راميڻ (پٽ جلّوَ جو) غلاماڻي جا سوٽ هئا، پر ڪاوڙجي وڃي فتح باغ ويٺا هئا. رکيي پرڪڙي جي ساڻن سنگت هئي، پر هن ڪين خاطري ڏني هئي تہ جمالين جي ٻاران سندن وار بہ ونگو نہ ٿيندو.

دري ۽ دولت جي مارجڻ تي نوحاڻي اچي تتا تہ جمالين ٻدران هاڻي سنهون سڌو جهان خان کان وير وٺنداسون. نوحاڻي گهڻا حيدرآباد جي لشڪر ۾ هئا، ٻيا ميرن صاحبن جي نوڪري ۾ هئا. راميڻ خان خود ميرصاحب جي حاضري ۾ هو، تنهن دانهن ڪئي تہ جهان خان جمالين جي جهيڙي ۾ ٻہ ٽي اسان جا مڙس ماريا آهن. هاڻي اسان جو مقابلو سنهون سڌو جهان خان سان آهي. ميرن جو دستور هو جو راڄداري فيصلو ڪندا هئا ۽ راڄن کي پاڻ ۾ وڙهڻ نہ ڏيندا هئا، سو راميڻ کي منع ڪيائين، ۽ چيائين تہ عيدالضحيٰ گذري تہ فيصلو ڪنداسون.

عيدالضحيٰ اچڻ واري هئي جو مير صاحب جا نوحاڻي نوڪر ۽ سپاهہ موڪل وٺي ڪوٽ روانا ٿيا، پر راميڻ جو رخ ڏسي ميرصاحب کيس پاڻ وٽ جهلي ڇڏيو. ٻئي طرف جهان خان ڏانهن ماڻهو موڪليائين تہ ٻنهي کي روبرو ڪري فيصلي لاءِ تاريخ مقرر ڪجي. جهان خان آيو تہ راميڻ اڳ ۾ ئي ڪچهري ۾ ميرصاحب آڏو ويٺو هو، ۽ جهان خان کي ڏسي مڇن تي هٿ هنيائين. تڏهن ميرصاحب گهور وجهي ڏانهس نهاريو. جهان خان بہ ٽورو ويهي اٿيو ۽ فيصلي لاءِ چيائين تہ جڏهن ٿيو تڏهن ڏسنداسون. تنهن تي ميرصاحب کيس آگاهہ ڪيو تہ: ٿيستائين پنهنجو خيال رکج، متان نوحاڻي توسان ٻلهہ ڪن. جهان خان ارڏو مڙس هو، تنهن راميڻ ڏي نهاري چيو تہ: ريڍر ڪهڙو ٻلهہ ڪندا. اتي راميڻ ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ هوڏانهن جهان خان ترار ڪڍي، پر ميرصاحب وچ ۾ هٿي جهليو، پر جهان خان جا ٻانهن

ورائي ته مير صاحب جو تاج ڪيري پيو. مير صاحب انهيءَ ڏينهن توڙي ٻئي ڏينهن غم ۾ ويٺو رهيو، ۽ راميڻ ۽ ٻوءِ ڳڳهار وٺي عيد لاءِ موڪلائي روانو ٿيو.

راميڻ جو مير صاحب کي غم ۾ ڏسو سو پانيائين ته جهان خان کان ناراض آهي. هي جو چڙهيو ته پنهنجي ڪوٽ ڪونه ويو، ۽ سڌو آيو "ڪنگوري" لڳ هيسب خان وٽ، جيڪو ان وقت لوحاڻين جو پڳدار هو. هن ماڻهو موڪليا ۽ سڀ لوحاڻي اچي گڏ ٿيا. ٻوءِ خود جهان خان کان پلئه وٺڻ جو فيصلو ڪيائون ۽ ان لاءِ سنبت ڪيائون. هڪ سؤ مڙس نوتڪ خان سنجراڻي (نوحاڻين جو پاڙو) سان حيدرآباد روانا ٿيا ته جي جهان خان اتي عيد جي ڏينهن اچي ته ماريندس. واقي پيا مڙس غلاماڻي، هيسباڻي، سيرياڻي ۽ سنجراڻي پاڙن سان راميڻ ۽ هوت خان جي اڳواڻي هيٺ جهان خان جي ڪوٽ تي ويا.

پروچن جي جنگ جي رسم هئي ته ٻولائي وڙهن، سو پهرياڻين جهان خان جي ڪوٽ جو گهورڙيو واٽيو تنهن کي پاهران ڦري اماڻيائون ۽ چيائونس ته: اسين نوحاڻي آهيون. وڃي جهان خان کي دانهن ڏي ۽ پڌاءِ ته اسين سندس مهمان آهيون. واٽيو دانهن ڪئي ويو ۽ جيئن چيائون تيئن وڃي چيائين، پر جهان خان هن جي ڳالهه ڪن تي ڪانه لاتي. ٻوءِ نوحاڻين ٺارو چانڊيي (پيڙي معرفاڻي جي هٿ کي جنهن جو پاڻ دري ۽ دولت سان گڏ ماريو هو، ۽ جيڪو پاڻ جي وير وٺڻ لاءِ نوحاڻين سان گڏجي آيو هو) کي چاري ڪري موڪليو ته جهان خان کي ڏسي اچي ته ڪٿي آهي ۽ ڪوٽ ۾ اندر ٽپڻ جي واهه جانچي اچي. هي جو اچي ڪوٽ جي چوڌاري ڦريو ته ڪيس جهلي وڌائون ۽ جهان خان جي آڏو آندائون ته هي ڪو جاچوس آهي. جهان خان پڇيس پر چانڊيي سچي ڪانه ڪئي، تڏهن حڪم ڏنائين ته هن کي ماريو.

اهو ٻڌي هن چيو ته: منهنجي مٿي چانڊيا ٽورا ڪين ٿيندا؛ ٻر لوحاڻي جي تنهنجا گهورا آهن سي توکي اڄ ڪِر سيان ڳڌجن، تون الهن جو ڪو جتن ڪج! اتي جهان خان چيو ته: هاڻي جيڪي چوي ٿو سو سچ ٿو چوي. مڙس کي چڙي ڏيو ته جيڏهن جو آهي تيڏهن وڃي. ڦارو چانڊيي موٽي اچي سڄي خبر ڪئي ۽ ٻڌايو ته: ڪوٽ جي ٻاهران هڪ شاهي اروڙي آهي، جنهن تي چڙهيو ته مٿان ڪوٽ جي چوٽي ۾ هٿ پڄي ويندو ۽ مڙس اندر ٽپي پوندا.

هاڻي جڏهن لوحاڻين کي پڪ ٿي، ته جهان خان کي چاڻ ٿي چڪو، تڏهن سانجهيءَ ڌاري وڃي ڪوٽ تي ڪڙڪيا. گبرخان لوحاڻي ايندي ئي بندوق چوڙي ته پل جهان خان سڄاڳ ٿي. سمي غلاماڻي، جهان خان جي اوطاق جي ٻاهران اچي بلوچڪي جنگ جو 'شعر' هنيو(١). جهان خان اڳ اندر ڪوٽ ۾ داخل ٿي چڪو هو، ٻر جيئن ته مڙس وڏو دلير ۽ بي پرواهه هو، سو خبرن سان تي ٻه مقابلي لاءِ مورچا پوريءَ طرح ڪونه ٻڌائين. پيو اتفاق اهڙو ٿيو جو جهان خان اندر ويو ته ڪوٽ وارو دروازو پوريءَ طرح بند نه ٿيو ۽ هڪ طاق کليو رهجي ويو. پوءِ هڪڙا لوحاڻي وڃي دروازي مان اندر گهڙيا، ته ٻيا وڃي ڪوٽ جي مٿان اندر ٽپڻ لاءِ اروڙي تي چڙهيا.

دروازي وٽان جيڪي گهڙيا تن جي اڳ ۾ رامين هو. انهن سان آڏو مڙسن مقابلو ڪيو ۽ جهان خان رامين کي ماريو. ساٿس گڏ جاني غلاماڻي ٻه ماريو. اروڙي تان اڳ ۾ حيدر سحاقاڻي(٢) وڃي ڪوٽ تي آچانيو، پر پويان ملهڻ محموداڻي ٻه پٺ هوس. تنهن چيس ته: 'اندر ڪوٽ

(١) بلوچي ۾ 'شعر' معنيٰ 'جنگ جو شعر' يا جنگي 'رجز'.

(٢) يعني اسحاقاڻي پاڙي' مان لوحاڻي.

۾ ٽپ، نہ تہ جاءِ ڏي“. حيدر چيو تہ: ”جاءِ ڪونہ ڏيندس. ٽيان آءٌ ٽيو ڀاڱو منهنجي مٽ جو وارو وٺجان“ (يعني تہ آڏو ھو مون تي وار ڪري تہ تون سپر ڏيئي جھلجان). ملهغ چيو تہ: ”واھ جو وارو وٺندس“. انهن مڙس ٽپي پيا، ۽ نوحاڻين کي دروازي ۽ ڪوٽ تان ٻہ-طرفي حملي جو وارو ملي ويو.

ٻہ جهان خان وڏيرو دلير ھو سو ڍاليوئي ڪونہ. دروازي وارن کي چوٽ ڏيئي وري اچي ڪوٽ وارن کي سامهون ٿيو. ٻنهنجن مڙسن کي جيڪي نوحاڻين کان ٿورا هٿا، همٿايائين ۽ ٻچون ڪيائين. پاڻ هڪلون ڏنائين ۽ جاهون ڪيائين. ليڪ هڪل ڏنائين تہ: ”هيسب خان ڪٿي آهي، منهنجو مٽ آهي ۽ ميدان ۾ اچي“. هيسب خان ڪونہ هو ۾ سندس ڀاءُ هوت خان سامهون هو، جنهن جواب ڏنو تہ: ”هيسب خان آءٌ آهيان، جهان خان هليو آءُ“. تڏهن جهان خان وڪ وڌائي چيس تہ: ”ٻروچ، منهنجي اڱڻ آيو آهين، سو مهماني جو اڳ ۾ وارو اٿي“ (يعني تہ پهرين اڳ ۾ تون مون تي ترار جو وار ڪر). هوت خان وڏي وار ڪيو، ٻر جهان خان جبل هو، رڪو سپر چنبڙيائين ٻہ مڙس چڙيوئي ڪونہ. پوءِ جهان خان وار ڪيو تہ هوت خان سپر آڏو ڏني، جيڪا ڏڪ سان اٽڙي اچي سندس مٿي ۾ لڳي، ۽ هو پاڻ پوئتي ٿڙهي ويو. جهان خان ٻيان چوٽ ڪيس ۽ ماريس ها، ٻر هوت خان جو ڀاءُ جعفر خان جيڪو ٻنهنجو مٽ ماري ٻيٺو هو، تنهن تڪو ٿي اچي پاسي کان جهان خان تي وار ڪيو ۽ سندس ڪيڙي (سپر) واري ٻانهن ڪٽي ڇڏيائين (ڏڪ سان وڃي ويئي)، ساڳئي وار ۾ هيٺان وري سڌري (ٻيڙي ترار) ڪري ٻيءَ ٻانهن ۾ هنيائين تہ جهان خان جي ٻانهن مڙي ويئي. پوءِ مٿان ٻيو وار ڪري اها ٻانهن وڍيائين. پوءِ جعفر خان هوت خان کي چيو تہ: ”اچي ماريس، جو

تنھنجو مَٽ آهي“ (١). ائين جهان خان ۽ ٻيا ٽيرھن مڙس پرڳڙي ڪوٽ اندر مارِيا.

جڏھن جهان خان ماريائون تہ الدران رُوَج ٿيو ۽ اوسارو ڪنيائون تہ:

”جهان خان، خان آهيا“
”ڪٿيرين ماريا، خان آهيا“
”ريڍرين ماريا، خان آهيا“

جهان خان جي ماءُ وڏي حوصلي واري مائي هئي، تنهن منع ڪئي تہ ائين نہ چئو، چئو تہ:

”خانين ماريا، خان آهيا“

اتي جعفرخان هليو آيو ۽ چيائين تہ: اڃان امان جو پلءُ رهيل آهي سو وٺڻ ٿو اچان. جهان خان جي ماءُ پڇيس تہ: باقي ڪھڙو پلءُ رهيل آهي؟ چيائين تہ: دولت خان جي ماءُ اڃي وڃان پئي هئي تڏھن جهان خان جي بندوق جو ڪُنداڪ مائي کي لڳو هو، سو جهان خان جي ماءُ ڪئي آهي جو اهو پلاند ڪرڻو آهي. تڏھن مائي چيو تہ: اھا آءٌ آهيان، ۽ آءٌ اچان ٿي. جڏھن مائي آئي تہ: جعفرخان مٿي تي ادب وارو هٿ رکي، ڪُنداڪ ڪئي پُٺيءَ تي ڇٽو.

رستم خان پرڳڙي نوجوان هو، سو ڪنهن محبت ۾ گرفتار هو ۽ ڪوٽ کان ٻاهر ڪٿي ٻاسيرو هو. نوحائين ميدان ماري بندوقن جو دس ڇوڙيو ۽ ٻوءِ وڃي گهوڙن تي چڙهيا. رستم خان اهي ٺڪاءُ ٻڌا ۽ ٽپ ڏيئي اٿيو. تڏھن چيائونس تہ: توکي ڪنهن ڏنو تہ ڪونهي، تون ڇو ٿو وڃين. جواب ڏنائين تہ: تو تہ مون کي ڏٺو آهي، سڀاڻي تون ئي چوندين تہ آءٌ ٺڪاءُ ٻڌي ويهي رهيو هوس. سو بندوق کنيو ڊوڙندو

(١) دستور هو تہ مَٽ مَٽ کي ماري. اهو وڏو عيب ۽ وڏي گلا هئي جو ڪو گهٽ ماڻهو ڪنهن نالي واري مڙس کي ڌڪ هڻي ماري.

آيو ۽ نوحاڻين کي هڪل ڪري چيائين ته ”اچان آءٌ جيئرو آهيان، مقابلو ڪري ڀوءِ وڃو. انهن چوڻ سان، سامهون گوڏو کوڙي هنن تي بندوق سڄيائين. اتي ڪن چيو ته، ”ڇڏيا ٿيو، نه ته هڪ ڪان ۾ مڙس ماريندو. ٻين چيو ته، مڙس پڪي سر آيو آهي، ڇڏيوس ته اول وارو وٺي، هڪ مٺي پاڻ ٿورا ڪين ٿينداسون. تڏهن سعيد خان سحاقاڻي جيڪو سکهو چوڙي-ڀت مڙس(١) هو، تنهن چيو ته: آءٌ ٿو مڙس کي سامهون ٿيان: آءٌ سندس سٽ آهيان، پهرين تم مڙس وارو وٺي. انهن ڇٽي ترار ڪڍي منهس سٺو ڙهه ڪيائين. رستم خان بندوق هنيس ته ڪانُ سيني مان لڪري ويس، ٻر چيائين ته گٿو آهين! رستم خان چيس ته: ”آءٌ گٿو ڪونه آهيان پر هوٿي هڪڙو“ (يعني ته ڪانُ هٿوٿي هڪڙو، ٻيو آهي ڪونه جو هٿان). انهن ڇٽي بندوق ڪٽي اڇليائين ۽ سعيد خان کي سامهون هٿ نه وارياٿين جو مڙس ڪانُ جهليو ٿي آيو. سعيد خان اڃي ترار جو وار ڪيس ۽ هيڏانهن رستم خان وڃي ڪريو ته هوڏانهن سعيد خان وڃي ڪريو.

نوحاڻي، جهان خان ۽ ٻين کي ماري هليا ويا ۽ ٻويان ٻيو ڪو پاٿي يا ساٿي ڪونه بچيو هو. جهان خان جي والده ٻوءِ چڙهي وٺي حيدرآباد. جڏهن اها خبر اتي پهتي ته مير صاحب سخت ڪاوڙيو ته نوحاڻين ڏاڍائي ڪئي آهي. ٻوءِ حڪم آيو ۽ نوحاڻين کي گهراياٿون. سڄي راڄ مان ست ڇٽا چونڊ ويا. مير صاحب جي خاص ڪچهري ۾ هرڪو هٿيار چوڙي پوءِ اندر ويندو هو. نوحاڻي به دستور موجب هٿيار چوڙي اندر ويا، پر ان کان اڳ مير صاحب ڪچهري مان اٿي ويو هو. ٻيا جيڪي هٿا تن رٿ ڪري ڇڏي هئي ۽ ماڻهو ويهاري ڇڏيا هئا ته جڏهن ٿي نوحاڻي هٿيار چوڙي حاضر ٿين ۽ ويهن

---

(١) چوڙي ڀت=اهڙو سکهو جو ڪلل ڏور جي تنگ مروٽي ڇڪي ٻڌي ڪهي.

۽ ڪٽي ٻڌجؤن ۽ ٻوءِ ماري ڇڏجؤن. سؤ هي جڏهن هٿيار ڇوڙي آيا ۽ اچي ويٺا ته ڪين ڪٽي ٻڌائون ۽ ٻوءِ ٻڌل مڙسن کي مارڻ لاءِ ٻاهر ڪڍيائون. جهان خان جي ساءِ جيڪا اندر هئي ۽ فيصلي جو ٻڌي ٻڌائين، تنهن کي خبر پئي ته سيت نوحاڻي آيا جن کي ٻڌي ٻاهر ڪڍيو اٿن ته انهن کي مارين. مائي وڏي مرداني هئي، تنهن چيو ته: ٻڌل مڙسن کي مارڻ سان جهان خان جو بدلو ڪونه ٿيندو. مائي ڊوڙي ٻاهر نڪتي ۽ سڏو هلي آئي. ٽيستائين پنجن مڙسن کي پورو ڪري ڇڏيائون جو مائي اچي وڃان پئي ۽ باقي ٻن مڙسن گبر خان ۽ شير خان کي ٻچايائين ۽ ڇڏايائين.

هن مقابلي تي پانڌي فقير ڪيبر، جيڪوان وقت ٽنڊي باگي لڳ "ڪاڪ" جو ويٺل هو ۽ ٻوءِ مال ڪاهي اچي نوحاڻين سان گڏ ويٺو، بيت چيا، جن مان ڪي دستياب ٿيا، جي هيٺ ڏجن ٿا* ظاهر آهي ته فقير اهي بيت نوحاڻين جي طرفان چيا.

رامڻ خان روان ڪيو چانڊين سان چاري
ڀڳڻ پٽ پيڙي جو ڦارو عيتباري
چانڊيو چارالي آئيو ته سوپ اٿو ساري
هو اچي ڪڙڪيا ڪوٽ تي هام ٻري ٻاري
غوث پير گودڙي هن تي ڊار چڱي ڊاري
سا پنجاهين ٻاري، جا ڪري چڙهيا هٿا
ڪنب مان (۱).

چانڊيو چاري جنگ جو، واقف ٿيو ويهي
ٿر نوحاڻي نيش هٿا نلي جا نيهي (۲)

---

* اهي بيت شاه محمد خان نوحاڻي جي ڳوٺ ۱۴ مارچ ۱۹٦۸ع تي ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪيا ويا (۱) ڪنب = هڪ ڍورو جو غالبا "نڙان" جي چاڙهه، جنهن کي "ڦتي جا ڪنب" ڪري چون، جتي نوحاڻي ويٺل هٿا (۲) نرُ ۽ نيش = همت ڀريا، وڏي طاقت وارا. نلي = نوحاڻين جو اصلي تدير ملڪ.

مَلهي آيا، مينهن جيئن، ٻاٽي جيئن ٻهي
ڪوٽ قذاق تي آيا، آڙ پڇي ايهي
ڪِالهہ اڪريان ڪيهي، هٿن جي واجب
وير وٺڻ جي.

راڻ روڻڪو منديو، زور ٻلي ٻاٽن
چڙهيو ڪُونر ڪميت تي سَر مورو سرتن
حويليءَ ۾ هٿل ٿيو ڪيو راڳاٽو رندن
هٿي ڳڙهہ ڳاڙهو ڪيو، ساندهہ سِرائين (١)
مٺو پٽ مراد جو هو سنجراڻي ماٽن (٢)
واريو وير وجن، ڏُري دولت خان جو (٣).

جهان خان جبل ٿي سنڌ ۾ ساماڻو
آڏڪيو ٿي پيٽ ۾ نروتي ناڻو (٤)
ناحق نوحاڻين سان وڳيو ويڳاڻو (٥)
ٻيلي تڏ ٻرڪڙي جو ٻڳائون ٻاڻو
هو پنجاهيا پانڌي جني هميشه هاڻو
پڌ متي پاڻو، ڪڏهين ايندو ڪينڪي (٦):

جهان خان جبل هو، ڏاڍو ماڏو مير (٧)
ڪوڻ ڪاهڻ سان ڪيو اڇڻ سان انڌير
تنهن حاذق حويليءَ ۾ ڍڪ ڪري ويا ڍير
واري ويا وير، ڏُري دولت خان جو.

(١) يعني نوحاڻين جي 'سرائي' پاڙي جي مڙسن (٢) مٺو نوحاڻين جي سنجراڻي پاڙي مان هو (٣) واريو وجن=وٺيو وجن. دري دولت خان جيو=ڏُري جو ۽ دولت خان جو. (٤) آڏڪيو ٿي=اڏميو ٿي (ناڻو). نروتيي=نروتيي کي، نر مڙسن کي (٥) وڳيو=وڙهيو (٦) جهان خان پاڻ مري ويو سو وري ڪونہ ايندو (٧) ماڏو مير=ڏاڍو ڏونگر، ڏکيو پهاڙ (تشبيهہ موجب).

خان تہ مڙيئي خان هئا، پر خان تہ هيسب خان
هو سوالين آئي سرهو ٿئي، ڏئي مهمانن کي مان
قلعي وير ڪاوڙ ڪري لڳيءَ جنگ جوان (١)
سر مورو سرتن جو، هو هاڙهي هوت خان
هيڏي ڪندو ڪير پيو ڪي جيڏي جعفر خان
نر نوحاڻي نيش هئا 'نتلي' جا نيشان
جوڙي ڪنياڻون جنگ جا سيئي سامان
کهاڙا ڪتبن ۾، پيا وادين ساڻ وريام (٢)
مي اچي ڪڙڪيا ڪوٽ تي سمهاڻيءَ سلطان
ڏوڙي تن درن تي اچي ڪوهن هنيا ڪان
اکيان اُهي آئي پيا ڪٽن مٿان خان
جن جنگ پٽ چاوا جوهري، تن ماڻ لڏا مان (٣)
ڌان منجهه نڪاءَ ٿيا سڀ جڳ جهان
'مٺي' هنيون ٿي مصريون سنجراڻي سروان
'تاجو' وڙهيو تار ۾ اچي سان ايمان (٤)
ملهغ ڪيا ٿي مجرا، لڏا محموداڻيءَ مان (٥)
صوبي سعيد خان، پڳا در پرڪڙيءَ جا.

هڪ روايت موجب ٿنڌي پاڪي طرف جا پڻ زئونر بلوچ، منگو ۽ فريد، جهان خان وٽ مهمان هئا ۽ اهي پڻ جهان خان جي طرفان پاهرئين دروازي تي حملي وقت وڙهيا ۽ مارجي ويا.

---

(١) قلعي وير = جنگ وقت (٢) ڪتبن ۾ = انن مٿان پاکڙا ۽ انهن جا ڪتب (تن ۾) (٣) جهان خان جهڙن جنگ مڙسن جي ماڻن مان لڏا (٤) اچي ايمان سان = پوري پڪي سچي ايمان سان (٥) ملهغ محموداڻي.

ڏينهن جمعي ٻجي ڏور پڙهيائون ڇنهن ٿيو ڇنڇار
ڏکن رايون ڪيون، لهڪن ٿا لهڪار
رات چانڊوڪي، آيا ڍوڪي، ويري هن آوار
آيو عبدالله آساني ڪڍي تيغ ترار
ڏک هنيائين ويرين کي ڪي چاليهن مٿي چار
حسن، حمزي ٿيه، وڃائي جن جا ڏور ڀڄهن ڍهڪار
اٿين غلام حسين ڪرهو ڪڍائيو جنهن آڪ پتنگن آر
رامڻ ڪي رائي وڏو، توفڪ جي تڪرار
زنتونڊر زوراور زور وڙهيا جن جي ڪرهه
ڪيلو هئي ڪار(١)

ٻرڪزي جيڪي جنگ ۾ ماريا سي 'ٽنڊه جهان خان' (جيڪو هن وقت ويران آهي) لڳ دفن ٿيا. اهو مقام (تعلقي حيدرآباد ۾) ٽنڊي حيدر کان ٽنڊي قيصر ڏانهن ويندڙ رستي لڳ ٽنڊي حيدر کان اٽڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن مقابلي ۾ شهيد ٿيل ٻرڪزين مان ستن جي قبرن تي، جيڪي پٿرن جون آهن ۽ مٿن سنگتراشي آهي، شهيدن جا نالا ۽ تاريخون لکيل آهن(٢).

- شهيد رئيس جهان خان ٻرڪزي ١٥ محرم سن ١٢١٢ هجري ڏينه جمعه، معمار استاد جمع خان .
- شهيد رئيس عبدالله خان، ١٥ محرم سن ١٢١٢ هجري ڏينه جمعه
- شهيد رئيس رستم خان ٻرڪزي، ١٥ محرم سن ١٢١٢ هجري ڏينه جمعه، ڪمدار ڪرم خان ٻرڪزي فقير، مالڪ نواب خان

---

(١) هيءَ روايت ۽ بيت ماستر شفيع محمد ٻگهيي جي مضمون "ٽنڊو جهان خان" تان ورتل آهي، جيڪو رسالي نئين زندگي، مهيني سيپٽمبر ١٩٦٧ع ۾ ڇپيو (٢) اهي نالا به جنهن مٿين مضمون ۾ ڏنل آهن تنهن ڏنا ويا آهن.

- شهید رئیس محمد خان پرکزي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ډینه جمعه
- شهید رئیس غلام حسین خان پرکزي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري، ډینه جمعه
- شهید رئیس حسن خان پرکزي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ډینه جمعه
- شهید رئیس بهادر خان پرکزي، ۱۵ محرم سن ۱۲۱۲ هجري ډینه جمعه.

١٣. لغارين ۽ رندن جي جنگ

ٽالپورن جي دؤر ۾ ”شهداد پور تعلقو“ جن ضلعي جي برابر هو، جنهن ۾ موجوده سانگهڙ ضلعي جي شهداد پور، سنجهوري ۽ سانگهڙ (الهنديون پاڳو) تعلقن واري ايراضي شامل هئي. مير شهدادخان هن ايراضي مان شهداد واه کڻايو هو. ان بعد شاهوخان، مارڪ واه کي کوٽائي وڏو ڪري اوڀر طرف ان کي شهر ”جهول“ کان به اڳتي وڌايو، جنهنڪري ان کي ”شاهو واه“ سڏيو ويو. انهن واهن جي ڪري گهڻي زمين آبادي هيٺ آئي. شاهو واه مان لاڪيو ڏکڻ طرفان (موجوده سنجهوري تعلقي واري حد ۾) اندازاً موجوده جمڙائو واه کان وٺي اوڀر ڏانهن وينديءَ ڪوٽ پرڙا ٽائين، مير محمود خان (جنهن جي نالي سان ٽنڊو مير محمود سڏجي ٿو ۽ جنهن جي اولاد مان هن وقت مير حاجي علي احمدخان ۽ مير رسول بخش خان (١) وڏي همت ۽ حوصلي وارا آهن) جي جاگير هئي، جيڪا ”مير محمود خان جي پٽي“ (وڪ واري زمين جنهن ۾ فصل کان سواءِ گاهه، ٽڪي ۽ مال چري) سڏبي هئي. هن ”پٽي“ جي ڏکڻ طرف ”ستهلي“ واري ايراضي (موجوده ڪوٽ ”شاهن رند“ وٽ) ۾ رندن جو راڄ هو، جنهن جو وڏو نهال خان رند هو. هن حيدرآباد جي حڪمران گهراڻي کي سڳ ڏنو هو ۽ انهيءَ ويجهي ميٽي جي ڪري سندن مقامي اثر رسوخ ۽ طاقت ۾ اضافو ٿيو. نهال خان پاڻ وڏو لائق هو، پر هڪ اوڏڻ گهرواري مان ڪيس گل محمد نالي پٽ هو، جيڪو نهايت سرڪش ٿي ساماڻو ۽ نه رڳو پاڙيسري راڄن سان اهنج ڪيائين، پر مير محمود خان واري

(١) مير رسول بخش خان ڏيڍ سال کن اڳ (١- مئي ١٩٨٢ع تي) گذاري ويو.

ھني ۾ پنھنجون گھوڙيون ۽ ٻيو مال چوري چڏيندو ھو، جيڪو ٻيو پيل ڪندو ھو.

انھيءَ تي اتي جي ھاڙين ۽ ٻاگين حيدرآباد ۾ وڃي مير محمود خان وٽ دانھيو، جنھن پنھنجا ماڻھو موڪليا ۽ نھال خان ڏي ٻہ چواڻي موڪليائين ۾ ھن ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. تڏھن مير محمود خان پڇا ڪرائي تہ انھيءَ طرف ٻيو ڪھڙو ھمت وارو مڙس آھي جيڪو رندن کي جھليندو؟ تڏھن کيس ٻڌايائون تہ جعفرخان لغاري اھڙو آھي، جو اوھان جي طرفان کيس خاص پيغام ويندو تہ ان کي مانُ ڏيندو ۽ رندن کي منھن ڏيندو.

جعفرخان جو ڪوٽ شاھو واھ جي اتر طرف ھو ۽ منجھوري ڪان ڏکڻ ويندي شاھو واھ تائين ساڻس راڄ ٻيڙا ھئا ۽ سندس وڏو اثر رسوخ ھو. جڏھن مير محمود خان جو وٽس خط آيو تہ سڀني کي سڏي صلاح ڪيائين، جن اھا راءِ ڏني تہ ۽ اسان جو تعلق گادي وارن ميرن سان آھي، جن سان رند سڱيئا آھن، انھيءَ ڪري رندن سان مقابلو ڪرڻ ڄڻ خود ميرن سان مقابلي جي برابر ٿيندو. جعفرخان چيو تہ ۽ مير محمود خان کسي اھو سڀڪجھ معلوم ھوندو، پر انھيءَ ھوندي ۾ ھن مدد لاءِ لکيو آھي. مناسب ناھي جو مدد نہ ڪجي. ٻيو تہ نھال خان رند وڏو لائق آھي ۽ منھنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ آھي. ان سان ڳالھائيندا سون تہ معاملو صلح سانت سان نبري ويندو. تڏھن سڀني جي اھا صلاح ٿي، ۽ جعفرخان پوءِ مير محمود خان ڏي لکي موڪليو تہ ۽ اوھان حجت سنڀاري اسان ڏي لکيو آھي، سو اسان ان جو تدارڪ ڪنداسون ۽ ڏٺي ڪندو تہ سڀ چڱي ٿيندي.

جعفرخان پوءِ نھال خان ڏي سلام موڪليا ۽ چيو تہ ۽ اسان تي مير محمود خان جو بار پيو آھي تہ سندس ”ٻني“ کي پيل ڪان بچايون. تون ڀاڻ لائق آھين ۽ پنھنجن ماڻھن کي

منع ڪر ته ”ٻني“ ۽ گهوڙيون ۽ مال نه چڏين. نهال خان سلامن جو مان رکيو ۽ پنهنجي مائهن کي زباني هدايت ڪئي پر گل محمد کوله مڃيو ۽ ويتر وڏيڪ پيل ڪرائي، تڏهن جعفرخان پنهنجي سوٽ شاهعلي خان کي موڪليو ته وڃي ”ٻني“ واري ايراضي ۾ اوطاق ڪري ۽ غريبن کي پيل کان بچائي. شاهعلي خان وڃي اوطاق اڏي ويٺو. مقامي آبادگارن کي آسرو ٿيو، پر گل محمد حملو ڪري اوطاق ڊٺي ڏني ۽ چيو ته: ”جعفر کي جي چيڙي لبيري ڪرڻي آهي ته شاهو واه جي پريان (اتر طرف) ڪري“! شاهعلي خان پوءِ جعفرخان ڏي حال موڪليو ته: اوطاق ڊٺي ڏني اٿن پر آءٌ هن هنڌ جو اچي ويٺو آهيان سو ڪونه اٿندس. اُٿي جيڪي ٿيو تنهن کي منهن ڏيندس، پر رند صلح واري ڪا ڳالهه ڪانه ٿا مڃن.

سؤ سؤ ڳالهه سرائي جي رند ڪين ڪنين ٿو لائي(١)
وڏيو پانهان پاڄهه سان ويٺو سنگ سٺا سي لاهي
اوڏڻ چاڙو سي کان سائو، سنج گهوڙي تي ساهي
چئي: زور گهٽو جو لائي، تنهن سان ڪريان
طور ترار جو.

الله بخش پيروزاڻي (موجوده ڊلڙي شهر جي لغارين مان ان وقت وڏو) کي معلوم ٿيو ته رند جنگ لاءِ تيار آهن، سو شاهعلي خان جي ٻٽ پيروز ڏانهن چوائي موڪليائين: رند (گل محمد) وڏا هٿل هٿلايا آهن ۽ هو جنگ ڪرڻ وارا آهن، انهيءَ ڪري اوهان به پنهنجي تڪڙي تياري ڪريو.

الله بخش ماڻهو موڪليو وَهبت روانو
منهنجو تنهن پيروز کي ڏجؤ ظاهر زبانو
ته: رند ڏاڍي اچي رانءِ ٻڌي آ دل تي ديوانو
ستت سمانو، اوهين جوان ڪريو ڪو جنگ جو.

---

(١) سيرائيءَ جي، يعني جعفر خان جي

تڏهن جعفر خان راڄن کي چاڙ ڏنو ۽ تڪڙو لشڪر ڪري چڙهيو ته متان شاهعلي خان کي ماري وجهن. ساڻس سنڌ ۾ پنهنجا ويجها عزيز پيا ڪُلڪلي ٻاڙي جي لغارين مان ڪي ايرا مڙس، ٻاڙيسري راڄ ”آرادين“ جن مان آڊو آرادين وڏي همت وارو هو، خاصخيلي ۽ ٻيا شامل هئا. ٻيا وارن لغارين مان پليو خان ۽ مير محمد خان همت وارا هئا پر وقت سر پهچي نه سگهيا:

هوڏنهن مگ مير محمد هو، هوڏنهن پليوخان
جي ڪا وٺي وقت جي ته ڪڏائن ڪيڪان.
پر ويو وقت قضا ٿي پهتا نه پهلوان.

ٻئي وارن پيروزاڻي لغارين مان ”نظر“ نالي آيو ۽ ڪڏڙي طرف جي ”بوداڻين“ مان ٻه ڪي آيا پر وڙهيا ڪين:

نظر نسريو ڪونه، ڪو ٿيو اکين جي آچار
”بوداڻي“ ٻه ٻس ٿيا جن هنيو ڪونه هٿيار.

جعفرخان جي پٽن مان علي بخش ترار جو وڏو ڪيڏاري هو ۽ خدا بخش بندوق جو وڏو توبچي هو. علي بخش کي هڪ پيري حيدرآباد ۾ ميرصاحب تلوار ڏيکاري ۽ سنڌس راءِ پڇي. چيائين ته: ”ميرصاحب! واه جا آهي“. تڏهن ميرصاحب چيو ته: ”هائو! پر مٺ ۾ ذرا ڪوتاه آهي“ (يعني ذرا ننڍي آهي)، تڏهن علي بخش چيو ته: ”آها وک وڌائي هڻبي“. مير صاحب چيو ته: ”جنگ ۾ وک رتيين وڪامندي آهي“. علي بخش جواب ڏنو ته: ”سر ڏني سهانگي ملندي“.

جڏهن جعفرخان لشڪر ڪري چڙهيو، تڏهن علي بخش کي چيائين ته: تون وڃي هلي چاچي شاهعلي خان سان پيڙو ٿي متان ڪيس ڪو نقصان پهچي. هن وٽ ٻاي گهوڙي هئي سو وٺي وڃي پهتو، پر جنهن اوطاق طرف ويو سا رندن جي هئي ۽ هويان رندن جو لشڪر تيار هو. گل محمد ٻري ڪاڻ ڏسي چيو ته: ”علي بخش مون توکي آسمان تي

پئي گهوليو ۽ تون ته زمين تي ملي ويو آهين". علي بخش اهو ويٺ پڌي لهي پيو، ايتري ۾ جعفرخان وارا شاهعلي خان واري ماڪ تي پهتا. ۽ علي بخش ڏانهن ماڻهو موڪليائون ته اچي ساڻن پيڙو ٿئي. علي بخش چيو ته: رند ويٺ ڪيڏيو آهي، هاڻي فيصلو اتي ٿيندو جتي آءٌ بيٺو آهيان، زمين چٽري ته علي بخش چري. تڏهن جعفرخان به لشڪر سان اتي آيو ۽ چيائين ته اول صلح جون ڳالهيون ڪنداسون ۽ صلح ٿيو ته جنگ نه ڪنداسون، هن طرفان ڪو به اڳرائي نه ڪري.

جعفرخان، نهال خان ڏي ساڻهو موڪليو ته ۽ ادا، ڳالهيون ڪنداسون. نهال خان اها ڳالهه قبولي ۽ پنهنجن ماڻهن سان اڳتي وڌي آيو. ٻئي طرف اچي هڪٻئي کي ويجها ٿيا. تڏهن جعفرخان ۽ نهال خان پاڻ ۾ ڳالهايو. هو پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي ٻهڪ وارا هئا، جو گل محمد کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ هن اوچتو جنگ جي ٻاهه دکائي، يعني ته جعفرخان جي طرف وارا جيڪي اويسرا بيٺل هئا ۽ جن سان پيروزخان سپ کان ويجهو هو، تنهن تي گل محمد جلهه ڪئي ۽ ترار جي ڌڪ سان پيروزخان کي پورو ڪري ڇڏيائين. اتي علي بخش خان ترار ڪيڏي چوٽ ڪئي ۽ وڃي گل محمد سان آڙا اٽڪايا. نهال خان جي پرسان بيٺلن ماڻ ڪن جعفرخان کي چتايو، تڏهن خدا بخش خان به خود نهال خان تي بندوق سڃي. هن طرفان مڙس وڌيا ٿي مس ته خدا بخش جي بندوق نهال خان کي نشان ڪري ڇڏيو. پوءِ ٻنهي طرفان مڙس جنبي ويا. آڏي آرادين اچي ٻئي طرف جي هڪ خاصخيلي جوان کي ڪنيو، جيڪو نيٺ پڳو ۽ آڏو پويان ترار جون چوڪون چڪائيندو ويس. علي بخش خان اچي گل محمد کي ڪنيو ۽ نيٺ ترار جي اهڙي ته تکي وارو وار پڌائين جو گل محمد وارو وڻي نه سگهيو ۽ رکيو ڪيڙي ڏيئي ۽ پاڻ بچائڻ ۾ پورو هو. نيٺ علي بخش جو ڌڪ

لڳس جو وچي ڪريو. علي بخش ميدان ڪري بيهي رهيو ۽ ڪريل مڙس کي پيو ڏڪ نہ هنيائين. ڪن بيانن موجب گل محمد جا وار وڏا هئا، ڪيس علي بخش جي ترار ڪجهہ لڳي جنهن تي سندس وار رتائجي ويا. ٻانيائون تہ هاڻي هي مڙس ڪريو سو ڪونہ اٿندو. پر هن پوءِ وار هڻائي، ٿوري وڙائي ڏنو تہ پيروزخان پاسي سان اوسرو بيٺو هو، جنهن کي ترار هڻي مارياٿين ۽ پوءِ پاڻ بہ ڪريو ۽ مئو.

نهال خان جي مرڻ تي ٻئي طرف جا ماڻهو ميدان ۾ نہ بيٺا ۽ جعفرخان ٻڙ ڪئيو.

جنگن ۾ جنگ هو، جنگ ۾ جعفرخان
راڄن ۾ راڄائتو، پڙ ۾ پهلوان
ڪاٿين[٢] ڪيائين ڪانڪا، ڏنئين ميرصاحب
کي مان (١)
"ٻئي[٣] هلياٿين، پيل جهلياٿين، هيٺا همٿياٿين
چاڙهي شرطئون شهلي خان
اڪيڙن ۾ نرسنگ هو نهرو نهال خان
سو جي ٻلي پنهنجن کي تہ لهن هٺل هنگام (٢)
پر هن جي هلي ڪانڪا پئرر نہ موڪيو پاڻ
چيبي ٻيچ مان ڪين ٿئي چگيي منجهہ، چوگان (٣)
اوڏڻ چاڻو ڪين چاڻو، جنهن هنيا هوند شغان (٤)
تنهن تي آسري "علي بشڪ"[٩] آئيو مرد ڪري ميدان (٥)

---

(١) ڪاٿين ڪانہ ڪياٿين = انڪار ڪونہ ڪياٿين. مير صاحب = مير محمود خان. (٢) سو نهال خان جيڪڏهن پنهنجن کي پيل ڪان جهلي. (٣) چيبو ٻچ = چيبي وارو ٻچ، جنهن ۾ ان جي ٻلي ڏلي هر قسم جي جنس پيل هجي. (٤) شغان هنيا = وڏڻ ڏنا، ڏيڪ ڏنا، ڊاڙ هنئي. (٥) تنهن تي = اوڏڻ چائي گل محمد تي. علي بشڪ = علي بخش، جعفر خان جو پٽ. اسري آيو = حملو ڪري آيو.

پيا تراريـن ڀـاڻ ۽ سڳـ اڙائي سانھ،
ٿي سٽ ڀٽ سرواھين جي گھوگھٽ ۾ گھمسان
سچي بندوق سرائي آت، ٿر ڪري نيشان (١)
ڪڙڪڙ ڪري ڪان ويو جنھن ٽيو نھال خان (٢)
”آڏي“ آراديـن ات مـلھـايـو مـيـدان
اوڏڻ ڀٽ اُلٽي پيو جڏھنپس ڏڪ دگران (٣)
ٻانڪو پوءِ ٻيھي رھيو جنھن سوڀ ڏني سبحان (٤)
چئي: پيو ڏڪ ھٿندس ڪينڪي جو مڙس
ڪريو ميدان
ھـر ھـن چڱائي ڪانہ ڪيي، جنھن ماريو
ويسرو وريام (٥)
پـيـروز پـٺـي پـڙ ۾ سينگاريو سامان (٦)
جٿڙيو جعفرخان جنھن جو شاھہ رکيو ھوڙشان
”متھلي“ جو مان، لغاري لاھيو وڃن (٧).

---

(١) بندوق سچي=ڏڪ ھڻڻ لاءِ بندوق سڌي ڪئي. سرائي=خدابخش، جعفرخان جو پٽ. (٢) نيو=ٺھوڙيو، ماريو. (٣) الٽي پيو=اٿلي پيو، ڪري پيو. دگران=پھلوان (علي بخش). (٤) ٻانڪو=بھادر علي بخش.
(٥) ھن=گل محمد، جنھن کي علي بخش پيو ڏڪ نہ ھنيو. ويسرو=ويسرو بيٺل، پيروزخان. (٦) پٺي پڙ ۾=ميدان ۾ مارجي ڪريو. (٧) جٿڙيو=ڪامياب ٿيو. متھلو=’متھلي‘ تعالي علائقو (ھن وقت ديھہ جو نالو).

۱۴. احمدپور لما واري جنگ*

ٻگهو دستي تنهن کو ماڻهو ڪارو ڪري ماريو ۽ الهيار خان شر وٽ ڀيروني ٿي اچي پناه ورتائين. دستين چيو ته مارين ته عورت به مارن پر هن ائين نه ڪيو. دستي انهي تي الهيار شر وٽ آيا. الهيار چيو ته: هو بانٺ تي آيو آهي. انهيءَ کي ڪيئن ڇڏيندس؟ انهيءَ تي وڏي جنگ لڳي. هڪ طرف الهيار شر وارا ۽ ٻيا ڪي لنڊ ۽ کوسا سائس، ٻئي طرف دستين جي مدد ۾ بهاول خان رياست جو نواب (وفات ۱۲۲۴هه/۱۸۰۹ع) جنهن پنج سؤ روهيلا چاڙهيا. احمدپور لما ۾ جنگ لڳي. الهيار شر هڙ ڪئيو. هن جنگ ۾ دستين وٽ توب هئي جنهن کي بخش ڀٽ سخيءَ جو جهنڊو کڻي سامهون ٿيو. الهيار خان جو ڀٽ دين محمد ۽ پناهه صوبدار خان ڀڻ اهڙي سورهيائي سان وڙهيا، جو نواب جا ڪپتان مارجي ويا ۽ انهن جا جنازا احمدپور ۾ کڻي آيا. انهيءَ جنگ مان بارڻ دستي ڀڄي ويو، ڀر پوءِ مڙس وٺي آيو ۽ ڀيروني ۾ اچي الهيار خان کي ماريائون. ڀر پوءِ شرن به بارڻ دستي کي ''مانسنگ جي ڪڙهه'' ۾ وجهي ماريو ۽ وير ورتائون. ان وقت شرن سان به کوسا ۽ ٻيا مڙس لنڊ گڏ هئا. احمدپور لما واري انهيءَ جنگ تي هڪ بيت هيٺ شامل آهي:

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

بَشڪ پٽ شخيءَ جي، ڪيون سچايون(۱)
ڏينهن سان هٿن، جهنگير جايون(۲)
صوبدار، علي جي يار، وَهُ جو وير وڳايون(۳)
اِتان آوَن، ڪلمان ڳاوَن، آڻان ڪنا خوب ڪنوايون
آيون احمد پور ۾، ڪپتانن جون ڪايون
ٽُڪ هٿي بارڻ دستي ڪي، وِيو منهن ڀِڄتي هايُون
ٽِيڪ ڪنون تلوار نہ ڪڍيس، ويندو آليءُ لڪايونَ(۴)
پر ۾ بارڻ دستي ڪي، ويا رڻ ۾ رڪ ڇپايون
لنڊِ ڪوسي شر بازيون ڇايون، ويا وير پڄايون.

---

(۱) بخش پٽ سخيءَ جو (۲) ڏيهن محمد پٽ الهيار جو (۳)، صوبدار
پائ الهيار جو (۴) ٽيڪُ = ڪَپُ.

باب نائون

سنڌ جي سورهين جون انگريزن سان جنگيون

١. انگريزن طرفان ملڪ فتح ڪرڻ جي سازش ۽ قنڌار جي افغانن، بلوچستان جي خانن ۽ سنڌ جي ميرن جون انگريزن سان لڙايون*

جن ڏينهن ۾ شاهه شجاع بادشاهه ڪابل ۾ حڪومت ڪندو هو، تن ڏينهن ۾ دوست محمد خان سندس وزير هو. شاهه شجاع بادشاهه، دوست محمد خان جي ڀاءُ فتح خان کي غزنيءَ جي حاڪم ڪان (جو شاهه شجاع جو نائب ۽ ڏن ڀرو هو) ساليانو لوازمو وٺڻ لاءِ موڪليو ۽ ايترو به چئي ڇڏيائينس ته جي نه ڏي يا ڏياري موڪلڻ جو انجام نه ڪري، ته جنگ ڪري تابعداري مڃائي اچجانس. انهيءَ تي فتح خان غزنيءَ ۾ آيو ۽ اچي اتهون جي حاڪم ڪان لوازمي جي تقاضا ڪيائين. جنهن ڏيکاريو ته هن سال فصل جي نه ٿيڻ ڪري ڍل ڪانه اڳڙي آهي، پئي سال اڳين سان بادشاهي ڏن موڪليندس. پوءِ فتح خان ڪي ڏينهن اتي رهي پيو. هڪڙي ڏينهن غزني جي تلاءَ تي، فتح خان مجلس ڪئي ۽ اتهون جي حاڪم کي چوائي موڪليائين ته: پنجن سوارن

* هي احوال "اخبار تعليم" مطبوع قيصريه پريس حيدرآباد سنڌ، مارچ ۱۹۰۹ع، آڪٽوبر ۱۹۰۹ع، مارچ ۱۹۱۰ع ۽ مئي ۱۹۱۰ع ۾ قسطوار ڇپيو.

سان اچي مجلس ۾ شريڪ ٿيئه، جنهن تي هي حاڪم
بي ڏيهي مجلس ۾ آيو، مگر فتح خان ڏڪ هڻي ماري وڌس
۽ اهڙي ظلم ڪرڻ بعد يڪدم ان جي محلات ڏي ويو ۽
سنديس راڻي (شاهه شجاع جي ڌيءَ) کي چوڻ لڳو ته
تنهنجي پيشگير ۾ جو نئون لڪن رهين جو قيمتي اڪ پيل
آهي سو ڪڍي ڏي. راڻيءَ چيس ته ائين توکي لائق ناهي،
مگر هن ماري ڇڏڻ جو ڊپ ڏنس. تنهن تي لاچار ويچاري
راڻي ياسيرو وڃي اهو اڪ لاهي آڻي ڏنس، اهڙي ظلم ۽
بي مروتي جو سارو احوال راڻيءَ يروقت پنهنجي خاص ماڻهو
هٿ پنهنجي پيءُ شاهه شجاع ڏي لکي موڪليو. بادشاهه
اهو احوال پڙهي دل ۾ سور ساندي في الحال صبر ۾ رهيو.
فتح خان جڏهن غزني کان موٽي آيو، تڏهن شاهه شجاع کي
اچي چيائين ته غزني جي حاڪم دل ڏيڻي نه ڪئي، لاچار
حڪم پٺاندر جنگ ڪيسون، جنهن ۾ هو مري ويو.
بادشاهه چيو ته ٺهيو. مگر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪڙي
ڏينهن فتح خان بادشاهه جي ڪچهري ۾ آيو. بادشاهه وجهه
وٺي ترار جا اڪيانس رکي هڻي، ان سان فتح خان جو سر
لاهي رکيو. حاضر اميرن وزير کي الهيءَ تان ڏاڍي مٺيان
لڳي ته بي قصور وزير جي پيءُ کي ڇو ماريائين؟ اڄ
هڪڙي کي ماريو اٿس سڀاڻي ٻين کي ماريندو. انهيءَ ڪري
کيس تخت تان لاهي، دوست محمد خان کي ڪٺي تخت
تي ٽاڪيائون (١).

شاهه شجاع کي دوست محمد صلاح ڏني ته هتي پٺاڻ
سڀ تنهنجا مخالف آهن، متان توکي ماري وجهن، تنهنڪري
ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ وڃي رهه. تنهن تي شاهه شجاع چيو ته:

---

(١) ايستائين نثر ۾ خود راوي جي زباني آهي. ڏسو اخبار تعليم
مارچ ١٩٠٩ع.

آءٌ فرنگين جو لشڪر آئي ٿو. هڪ ڀيرو ڪابل قنڌار جو تخت ضرور هٿ ڪندس ۽ اوهان کان وير وٺندس. ائين چئي پنهنجي وزير کي وٺي ڪلڪتي ڏانهن رخ رکيائين. چو جو ان وقت انگريزن جي ڪئمپ اچا رکو ڪلڪتي ۾ هئي.

جڏهن ڪلڪتي جي ڪوٽ ۾ شاهه شجاع ۽ سندس وزير کي ويٺي گهڻا ڏينهن گذري ويا، تڏهن هڪ ڏينهن وزير کان صلاح ورتائين ته هاڻي ڇا ڪرڻ کپي؟ وزير صلاح ڏني ته فرنگي جي در تي وڃي فرياد ڪر، من ڪو داد ٿئي. نيٺ ائين ڪيائون. فرنگي سندن دانهن ٻڌي کين دلاسو ڏنو ته: آءٌ اوهان جي دانهن ضرور اونائيندس، پر مون کي سربستو احوال ڏيو. تنهن تي شاهه شجاع ٻڌايو ته: آءٌ پنهنجن چئن دوستن سميت قنڌار جي ڪوٽ مان نڪتو هوس ۽ واپار سانگي سنڌ مان ٿيندو جيسلمير وڃي نڪتس.

سنڌ امن وارو ملڪ هو. اتي جيترو وقت رهيس ۽ وڻج واپار ڪيم، ڪنهن به مون سان ڪڙنس ڪانه ڪئي. پر جڏهن جيسلمير ۾ آيس ۽ منهنجا چارئي دوست واپار سانگي شهر ۾ ويا ته ڌاريا ماڻهو ڏسي اتي جا رهاڪو ساڻن وڙهيا ۽ چئني کي ساري ڇڏيائون. هاڻي اوهان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته مون سان ڪجهه لشڪر گڏي ڏيو ته جيسلمير سان جنگ ڪنداسين. ملڪ اوهان جو ٿيو پر سنگتين جو وير آءٌ وٺندس.

انگريزن کيس ڀريائين پنج هزار لشڪر ڏنو، جنهن سان جيسلمير تي حملو ڪيائين، پر ٻه هزار لشڪر مارائي ويٺي موٽيو. وري بي مدد وٺي ساڍن ستن هزارن لشڪر سان ٻي چوٽ ڪيائين، پر انهي ڀيري به هڪ هزار ماڻهو مارائي موٽي آيو.

آخرڪار باقي بچيل لشڪر کي گڏ ڪري الهن کي شراب جا شيشا پياري، جيسلمير جي سوڍن کي سامهون ڪيائين. انهي نشي حملي ۾ جيسلمير فتح ٿيو. پوءِ مال خزانو لٽي سيني کي خوش ڪيائين.

اتي افغانستان کي وري هٿ ڪرڻ ۽ دوست محمد کي شڪست ڏيڻ جي تياري ڪيائين. هاڻي انگريزن وٽ بيشمار لشڪر اچي گڏ ٿيو. سموري لشڪر کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جي بدران، لشڪر جا جدا جدا جٿا ٿاهي روانا ڪيائين. پهرئين جٿي ۾ ويهه هزار لشڪر هو جنهن کي مسقط واري واٽ کان افغانستان ۾ پهچڻ جو حڪم ٿيو. ويهن هزارن کان به وڌيڪ لشڪر جو ٻيو جٿو، ٿر واري واٽ کان ڪابل قنڌار ڏانهن روانو ٿيو. باقي ست هزار لشڪر سنڌ واري گس کان روانو ٿيو.

انگريزن جو لشڪر سنڌ اندر پهريائين گهوڙا باري ۾ آيو. اتي ڪجهه ڏينهن آرام ڪري پوءِ درياءَ جو ڪپ ڏيئي لشڪر وچ سنڌ مان ستي هليو ۽ هلندا هلندا اچي شڪارپور ۾ پهتا. جيڪو لشڪر ٿر واري واٽ سان روانو ٿيو هو، تنهن مان ڀڪ ۽ آڃ وگهي ماڻهو مرندا، باقي ڪي ٿورا اچي سکر وٽان نڪتا، سي به اچي شڪارپور ۾ پهتا. هو ڏانهن ڪوهستان واري واٽ کان ويندڙ لشڪر جڏهن "ميري" (قلات) جي ڪوٽ وٽ پهتو، تڏهن "ميري" جي حاڪم کي چواڻي موڪليائون ته: ڏن ڏي، نه ته جنگ ڪر. ان وقت قلات جو حاڪم محراب خان هو، تنهن جنگ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڪوٽ تان توفن ۽ بندوقن جي ٺڪاٺوڪي شروع ٿي. انگريزن جي لشڪر به مقابلو ڪيو. آخرڪار بروهين جي لشڪر جو گهڻو تعداد پنهنجي ملڪ لاءِ وڙهندي ڪم آيو ۽ محراب خان به شهيد ٿيو. انهي جنگ ۾ محراب خان جو پنج هزار لشڪر ۽ انگريزن جا ڇهه هزار ماڻهو مارجي

ويا. محراب خان جو پٽ نصيرخان وڏو سورهيه سردار هو، تنهن دودي آڻ ڪانه مڃي، پر يڪدم. آسپاس کان لشڪر گڏ ڪري، انگريزي لشڪر سان مقابلو ڪيو ۽ آخرڪار کين قلات مان تڙي ڪڍيائين.

انگريزن جو لشڪر ڪابل قنڌار کي ويجهو پهتو ته شاهه شجاع، دوست محمد کي چوائي موڪليو ته ۽ جي پڇڻو هجئي ته مهل اِها اٿئي. تنهن تي دوست محمد جواب ڏنو ته: ڪابل قنڌار جي بادشاهي آءٌ مٿي مارائي کان سواءِ نه ڇڏيندس. توکي جيڪو لشڪر چاڙهڻو آهي، وٺي اچ.

پهريون حملو جرنيل جي ڪمان هيٺ ٿيو، پر پٺاڻن اڳتي وڌڻ نه ڏنس. جنگ جو نمونو ڏسي جرنيل صلاح ڏني ته هتي بچڻ پيٺي ناهي، پڇو ته پڇون. ٻيو حملو قنڌار جي ڪوٽ تي جيڪب صاحب جي اڳواڻي هيٺ ٿيو. جيڪب صاحب اهڙي حرفت سان پٺاڻن کي گهيري ۾ ورتو جو پٺاڻن پنهنجا پنج سؤ ماڻهو مارائي ڀاڄ ڪاڍي. انهي جهلي ۾ انگريزن جا ڇهه سؤ ماڻهو مري ويا. دوست محمد پنهنجي لشڪر سميت جنگ جي ميدان مان اُٿي پڳو جو پنهنجي پٽ عبدالله خان جي هه خبر ڪانه ورتائين، جيڪو قنڌار جي ٺي قلعي ۾ رهيو. عبدالله، پيءُ جي پڇي وڃڻ کان پوءِ باقي بچيل لشڪر جيڪو هزارڪن هو، تنهن کي گڏ ڪري بهادري سان انگريزي لشڪر جو مقابلو ڪيو ۽ ميدانِ جنگ ۾ ٺي وڙهي سر ڏنائين. اتي ڪابل کان هڪ قاصد ڊوڙندو آيو ۽ دانهن ڪيائين ته: "قنڌار مان پڇي جيڪي ڪابل ويا، سي اتي ٺي ماريا."

شاهه شجاع، انگريزن جي مدد سان قنڌار تي قبضو ڪري ويهي رهيو. لشڪر جا جيڪي ماڻهو هند سنڌ مان نيا هئائين، تن موڪل جي ڪئي. اهي انگريز جرنيل جي ڪمان هيٺ موٽيا ۽ سڌو اچي سکر ۾ ساهه پٽيائون. مير علي مراد سنڌ سات ڏنو، باقي مير رستم خان حيدرآباد ڏانهن

مير نصير خان کان مدد وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. مير نصير خان کيس دلداري ڏيئي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو، پر مير صوبدار انگريزن کي چوائي موڪليو ته: مهل اها آئي آهي جو سنڌ هٿ ڪري اٿو ته يڪدم لشڪر وٺي اچو. اهي خط تي انگريزن پنهنجو لشڪر وڌائي هالن تائين آندو. اهو خط ملندي ئي انگريز حيدرآباد ڏانهن وڌيا ۽ مياڻي ٻيلي ۾ ڪنبڻ جو لوڙهو ٺاهي، ان جي آڙ ۾ ويهي رهيا. ساڻن سادا ست هزار لشڪر هو. هوڏانهن مير به انگريزن کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجو ٻارهن هزار لشڪر وٺي مياڻي ٻيلي وٽ ڦليلي جي ڪپ تي اچي ويٺا (١).

صبح جو پهر، ٿيڻ مهل ٻنهي طرفن کان هڪڙي ٻاسي توفون ۽ بندوقون هليون، ته ٻئي پاسي آمهون سامهون ترارين جي جنگ شروع ٿي. هڪڙو صبح جو پهر، ٻيو بارود جو دونهون. انگريزي لشڪر وجهه وٺي ميرن جي لشڪر کي پٺيان ڦري اچي ميرن جي لشڪر تي حملو ڪيو. هن جنگ ۾ انگريزن کٽيو. ميرن جا اٺ سؤ ماڻهو ماريا ۽ انگريزن جو هڪ هزار لشڪر مئو.

انهيءَ جنگ ۾ ميرن کي هارائڻ ۾ مير صوبدار جي سازش جو وڏو هٿ هو، انهي اميد سان ته سنڌ جي حڪومت جي پڳ کيس ٻڌائي ويندي، پر انگريزن کيس نوڙ جي پڳ ٻڌائي، پري بازار ۾ بي عزت ڪيو ۽ ٻين ميرن سان گڏ کيس جهاز ۾ چاڙهي قيدي بنائي روانو ڪري ڇڏيائون.

---

(١) اهي انگ اکر انگريزن جا ڏنل آهن ۽ صحيح ناهن. انگريزن ويساهي حملو ڪيو هو ۽ سنڌ جو لشڪر وقت سر گڏ ٿي نه سگهيو.

شاعر ڪامل جا چيل بيت

۱. ساراهيان سچو ڌڻي، آهي عالمن الله
ڪابل آئون[۲] قنڌار هو شاهه شجاع بادشاهه
دوست محمد خان پٺاڻ هو، تنهن جو وهلو وزير آهه
شاهه شجاع سوڙهو پيو تن ماڻهن جي متاهه
رعيتن راهون بنديون، آيا دانهين در متاهه
وري وزيرن تي چيو، تون راضي نه قيناءِ راهه
سمجهيو شجاع ڪينڪي، توڙي در آئيو داناهه
فتح خان پٺاڻ هو، 'دوسن'[۲] سندو پاهه(۱)
شجاع سو ماري وڌو، کهوٽ وهائي ڪهاهه
پر 'دوسن'[۲] در منجهاهه، ڪٽي تخت تان تالان ميو.

پوءِ دوست محمد چيس:

۲. هيڏهون ٿئين هيڪلو، هوڏنهن ڦري پٺاڻ پياءِ
آئي ٻي ڪا درس چتاءِ، اتي کهم م هيڪلو.

جواب شاهه شجاع جو:

۳. ڪنڌ ڪا نه ٻري ڪهڙئين، اچي ٿيونئن منجهه ساڙ پانئو
وڃي ڪنهن ولايت تون، چول چليون آئيانئو
پوءِ فيرنگ فرنگي آئيانئو، وڃي ڪنهن ولايت مؤن.

۴. ڪلڪتي سندي ڪوٽ ۾ گهٽا لڳاسين ڏينهن
والي من وسائي موتڻ سندا مينهن
تنهن وري وزير کي چيو: ادا هاڻ ڪريون ڪيئن
راتين ڏينهان ڏينهن، ائين لنگهي ويندا ڪيترا.

---

(۱) 'دوسن'=دوست محمد، جيڪو پهريائين شاهه شجاع جو وزير هو، پوءِ افغانستان جو بادشاهه ٿيو.

٥. فرياد ڪري فرنگيءَ ڪي ساجهر سويرو
ڏانهين وچ در تي، دائم ڄهلي ڏيرو
ته مون کي موڪل ملهيرو، ساجهر ٿيڻي سهنج سان.

٦. ڦيري فرنگين پڇيو: خبر ڏيو خير جي
ملتان کي ماندا ٿيو، اوهين مڙس ٿيو مڇي
ٻوءِ لکن سان لوچي، دارون ڪندو سانئو ڏل جو.

٧. جي ۽ قندار سندي ڪوٽ مان، مون سان يار چڙهيا چار
سونهاريءَ تنهن سنڌ جا، ٻڌ ته ٻڌايانءِ ٻار
ڪنهن نه ڇيو ڪڍهين، توڻي وڃ ڪيم واپار
آيس جيسلمير ۾، ٻري لٿو ٻيو هوس ٻار
سودي خاطر سُود جي منهنجا چلي ويا ها چار
جنگ ته جيسلمير ۾ لڳي چڱي سان چوڌار
صاحب ڇنڇل ماريا چار، شاهه شجاع جا سنگتي.

٨. فرنگي فلڪ چاڙهيي ٻهريان ٻنج هزار
جنگ ته جيسلمير ۾ وڃي ڪنداسين ڪا ڪار
ماڻهن ٻه هزار، مارائي، سوٽيا ٻوٽي.

٩. وري ٻيجهيءَ چوٽ تي چڙهيا ساڍا ست هزار
وري ۾ هيڪ هزار، مارائي موٽيا ماڳ تي.

١٠. ٽيجهيءَ چوٽ تي چڙهيا، ٽيا رڻ مٿي راهي
راند ڪيائون ريب جي تڏهن سازي ٺاٺي
ڏيئي شام شراب جا، تن جي واٽي وڃائي
ٻوءِ سوڍا سوائي، اچي ويڙهي ورتائون هٿ سان.

١١. ٻوءِ هلو هلو پائرو، ٻچون ”دوسن“ جا ٻار(١)
”ڪامل“ چوي، انهيءَ ڪوٽ مان چڙي هليا چوڌار
لشڪر ليکو ناهه ڪو، سوا لک هزار

---

(١) دوسن

هڪڙن جو منهن مسقط ڏي سي وڙن ويهه هزار
ٻين جو منهن ٺٽو تر ڏي، سي ٻه واڻ ويهه هزار
ٿيو سڄا سٺ هزار، سمهون هلي تنهن سنڌ مان.

١٢. راتيان ڏينهان ٻنڌ تي هئي سنگت سا ساري
شاهه شجاع سان سنگتين ٻڌ چڱي ٻاري
ٿورين گهٽي ڏينهڙي آيا گهوڙي جي ٻاري
جتي ڪا واري، ويهي ڪيائون ورونهن جي.

١٣. ڏيٺي لٽ لنگهيا هئا، سنڌهون سنڌ منجهان
رعيت رنجايان ڪينڪي، ڇانئي نيان نه ڇان
ڪاٺيون گاهه پنهنجو ٽڪين ڪينهندس گاهه
ڇانئي هيڪ الله، سو سوکنڌ توسان ٿو ڪٺان.

١۴. ڪهندا وهندا ٿي ويا، پٺس مٿيائون ڀاري
آيا شڪارپور ۾ وانگي وڇائي
تر وارا ٿورا بچيا، آيا سڪر ڪؤن ساهي
جن جو مٿنهن مسقط ڏي، سي آيا لڪن ڪؤن لاهي
اچي سوڙها ٿيا ساهي، شوقينا شڪارپور ۾.

١٥. آسٽر ويل آٿي ڪري جٽيا جڙيائون
ٿورين ڪٿين ڏينهڙي اچي ميري مٿيائون
اچي ٿيڙيون ويڄهڙيون فرنگي فوجائون
ٿيو ميريءَ مير چوايائون، اچي سلام ڪر سيکهه سون.

١٦. سلام ڪريان ڪينڪي، جنگ ڪريان جائي
محراب خان ميريءَ تؤن توب ٻه گهرائي
ڌهه ڌهه بندوقن جي ٿي، ٻي توفن تپائي
قلات سندي ڪوٽ سان رڪ ٻڌي رائي
رڪ تنهن راهو سنڌيو قلات ڪوٽ تانئي
ٻانڪن بروهين ملهائي، ميريءَ جي ڏٺي آتان.

١٧. ڀوءِ قلات سندي ڪوٽ ۾ ٿي ڏاڍي لڙائي
ٽڪ سا عيسيٰ خان کي آهي جو پڳو پرائي
چونڊي ڇنيي مٿي تي ڏني مٿلي کي مائي
مٿنهن تي محراب خان جي آئي هيري لڙائي
هڻ هڻ وائي وات ۾، ڀيو سوڌا سوائي
پنجاهه مٿو ميريءَ مٿون، هوڏانهن سٺ سا سوائي
ڀوءِ هن ٻه ميري ملهائي، ڏيئي سر سرهو ٿيو.

١٨. پٽ ته محراب خان جو، نصير خان ٻه نر
وڙهي تنهن ويريءَ جو ڪنّي ٻڳائين ڪَر
هو سورهيه سنگ سپر، تڙي ڪڍيائين تخت تان.

١٩. هلو هلو پائرو، هلو هٿانئون
ٽورين گهٽين ڏينهڙي اچي ويجها پيا هٿا واهئون
ڀوءِ دودل جي مٿانئون، اچي پيا اوچتا.

٢٠. ڀرينءَ چوٽ تي چڙهيا، دودل سندا يار
اچي پيا اوچتا ڌوڌو ڪري ڌڌڪار
ڀوءِ ڀريان پنج هزار، دودل ماريس ديم مؤن.

٢١. ٻيجهيءَ چوٽ تي چڙهيو، دودو سو داناءُ
اچي پيس اوچتو رات ڏيئي راءُ
دودل ماريس ديم مؤن ٿي سؤ ۽ پنجاهه
ڀوءِ ڪيدي ٿيا ڪڏ ڪاهه، ڀؤر ٻچائين پاڻ ۾.

٢٢. ٽيجهيءَ چوٽ تي چڙهيو، ويو وٽ ڪري وائي
ڪٽي ڪُرمائين سان تن جي وائي وڃائي(١)
دودل ماريس ديم مان سٺ سا سوائي(٢)
وڃڻ جي وائي، سٺ ڪيائون سيکهه مان.

---

(١) ڪُرمائيون=تراريون. (٢) سٺ سا=سٺ سؤ.

٢٣. هلو هلو پائرو، هلو هتائون
پڇو دودل جي ڏير مان، متان هئيءَ اڇيئون
اڇي ڪنهن پٽ تي، متان پنجي ماريئون
دوست محمد سندي در ڏي، اسين قنڌار ڏي ڪاهيون
اڇي ڪوٽ ۾ ڏٺائون، تورين گهٽي ڏينهڙي.

٢٤. اسر ويل آئي ڪري پوتيون پاتائون
جوڙ ڪئي سڀ جنگ جا، جٽيا جڙيائون
دوست محمد ڪي ديمن جا ماٺهو مڪائون
هاڻ آئي پيچ آتائون، قنڌار سندي ڪوٽ مان.

٢٥. قنڌار سندي ڪوٽ مان، اسان کي پڇڻو ناهي
وڃهانءَ لڪن ڪوڻ لاهي، ڏيندوسانءَ ديمن کي.

٢٦. پهرين چوٽ تي چڙهيو جرنيل ڪٽي ڏاتيون
هٿائن ڀري جهليو، توڙي رهي هليو راتيون
پوءِ بانڪا ناهن ٻاتيون، موڻو سوٽون هوئتي.

٢٧. ٻيجهيءَ چوٽ تي چڙهيو، جيڪب تهي آيو
فرنگي پنهنجي فلڪ سان ستت ڪري سعيو
ٽيو ڊوهه تنهن ڪوٽ سان، پيو ريب ۾ رهايو
اڇي رڪ پڌو رايو، قنڌار سندي ڪوٽ سان.

٢٨. رڪ تي راهو منڊيو، قنڌار ڪوٽ چون
ڪاڙها ڪاٺا ڪچين ۽ پاتا هٿائن
لڳي ترار تنهن ڪوٽ ۾ يڳا پوٽ وچن
چهه سا فرنگين جا مئا، پنج سا پٺاڻن (١)
پوءِ يڳا پٺاڻ وڃن، هيءَ چڊيو تنهن ٻٽ کي.

٢٩. پڙهو فاتحه عبدالله جي ته ثواب ٿيوَ سوَ وار
ڏسڻ ايندا ڏينهن ڪي فرنگي سوَ هزار

(١) چهه سا=چهه سوَ. پنج سا=پنج سوَ.

شڪ نہ پين ڪوڙ ڪو مَتَ ڪنسين سردار
سڄي سڪيلن سان ڪٽيائون ڪاہار
ڏڙ ڪيائون ڏار، تڪي ترارين سان.

۳۰. ڪرور ڪٺو ڪي آيو، ڪاهي ڏانهن قندار(۱)
دانهن ڏنائين در تي ڪند پٺي ڪاہار
تہ جا ويئي ڪابل ڏانهن قطار، آهي اتيئي ماريا.

۳۱. هنڙا جيڪي تِڪيا، منجهہ سي ڪوٽ قندار
پير تہ پاڙئون پٽي شاهہ شجاع ويڙهہ سار
متان پويان رلن پار، موٽو موٽون پوئتي.

۳۲. "ڪامل" چوي قندار مان تي پکيا آتان ئي
ويلونہ تڪيا وچ تي، ڪيائون سڪرَ منجهہ ساهي
اچي ٺهيون ڪيائين، علي مراد کي هٿ سان.

۳۳. علي مراد جو آڪيو سو فرنگي سوهانو
رستم کي رات جو ڪيائين لاڙ ڏي روانو
مير آيو ميريءَ ۾ تنهن جو بتليو بانو
پوءِ خوش ڪرين خانو، نصيرخان توکي ننگ آئيي.

۳۴. صوبيدار لکيو لنگهائيو، فرنگيءَ ڏي فيري
ڪونہ چوندو ڪڏهن، وچ وطن ڏي واري
سگهو آءُ چاڙهي، ملڪ اچي ڪر مات تون.

۳۵. فرنگي فلڪ چاڙهي سگهيرو ڪرين سعيو
سڀهون تنهن سنڌ مان اوهين ڪوٽ آئي ڪاهيو
هالن منجهہ آيو، اچي ويئن ويجهڙو.

۳٦. صوبيدار لکيو لنگهائيو، آءُ اڳاهون آءُ
لشڪر ايندءِ لاڏ مان ڪاڇي وارو ڪاهہ
دودل وارو داءُ، ويل تہ وڙهڻ جي اٿئي.

---

(۱) ڪرور = قاصد.

٣٧. هليو تنهن هالن مان ٻن سٺيائين ٻار
فرنگيءَ جي فلڪ جا ,آهن ساڍا ست هزار
ٻارهن هزار مير مان نڪري ٿيا نروار
اچي ويٺا آڙ ۾ ڪري ڪنڌن جي واڙ
ٻوءِ ٿيا توفن جا ڌڌڪار، ڦليلي جي ڪپ تي.

٣٨. هل حشر هل ٿيو صبح ساويرو
ٿيائي توفن ڌنا ڪيائون ٻاسو ٻسارو
موٽي تنهن مٺهاڙيءَ ڪان فرنگي ڪيو ڦيرو
توفن ٿي تڪرار ڪيو، ٿيو اوندهه انڌيرو
ڌهه ڌهه بندوقن جي ٿيو گوڙ ۽ غبارو
ٿي ٻاهه ڇپي ڇيرو، ترار نڪتي ڪانڌ ڪا.

٣٩. ڦليليءَ جي ڪپ تي ٿيا توفن جا ڌڌڪار
ٻيڙ مٿي ٻرزا ٿيا چانگ ٻڙني چوڌار
لڌي لشڪر هليا، ڪري ڪانڌ قطار
سر ڏيئي سرها ٿيا جي سچا هئا سردار
آٺ سا ماريا ميرن جاءِ فرنگي هڪ هزار(١)
ٻوءِ ٻڙني ڪاٺي صوبدار، آئي ڏني هٿ مان.

٤٠. ٻڳ جي خاطر ٻنهنجي سنڌ ۾ ڏنائين
آيو تنهن ٻازار مان مار ۾ ڪاڏائين
ٻنهنجي مُلڪ مٺڪائين، وجهي تن اٺونبن ۾ (٢).

---

(١) اٺ سا = اٺ سئو (٢) ٻٺونبن=جهازن.

٤. سنڌ جي لشڪر جي انگريزن جي ڪامپني ڪاهه

ڏکڻ هندستان ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ٽيڻ کان پوءِ، انگريزن اتر هندستان تي قبضي ڪرڻ جا گهاٽ گهڙيا ۽ سڀ کان پهريائين سنڌ ۾ اکيون وڌيون. پنهنجي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اميرن کي هڪڙي پٺيان ٻئي عهدنامن تي دستخط ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ١٨٣٠ع کان حيدرآباد ۾ پنهنجو سفير رهايائون، پنهنجي لشڪر جي سنڌ ۾ حد دخلي ڪرايائون. پهريائين پنهنجي خاص ايجنٽ "پاٽنجر" ۽ پوءِ "اوٽرم" کي موڪليائون ته حڪمرانن کي هرقسم سان مجبور ڪري هرقسم جا شرط شروط مڃائين. آخر ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، هرقسم جا بهانا ڳوليائون. چارلس نيپئر فوج وٺي ملتان سکر طرفان اچي پهتو. باوجود انهيءَ جي حيدرآباد جي حڪمران مير محمد نصير خان، انگريزن سان ڪيل معاهدن جي شرطن مطابق سرڪاري طور ڪو به اهڙو قدم کڻڻ نٿي چاهيو، جنهن سان انگريزن کي حملي ڪرڻ جو بهانو هٿ اچي. ٻئي طرف وزير نواب احمد خان لغاري، خاص صلاحڪار مير شهداد خان ۽ ٻيا امير آمراءِ انگريزن جي منافقي ۽ ان سان گڏ دٻاءُ کان تنگ ٿي چڪا هئا، پر مير محمد نصير خان بهرحال عهدنامن کي ٽوڙڻ نٿي چاهيو، انهيءَ ڪري ڪليو ڪلايو ڪنهن به قدم کڻڻ کان مجبور هئا.

حيدرآباد ۾ موجود سنڌ جي لشڪر جيڪي ڪجهه ٻئي ڏنو، سو ڪانئڻ سٺو نه ٿيو. جڏهن کين معلوم ٿيو ته نواب احمد خان ۽ مير شهداد خان انگريزن جي آره زوراڻي جي برخلاف آهن، تڏهن حڪومت طرفان اختيار ڪيل خاموشي

واري پاليسي جي پرواهه نه ڪري، درياء جي ڪنڌيءَ تي انگريزن جي ڪئمپ تي حملو ڪيائون، وڏي همت سان ڪئمپ جو بنياد اکيڙي ڇڏيائون ۽ اوترو پڇي جند ڇڏائي، ۽ سڌو وڃي نيپئر وٽ ساهه کنيائين. انهيءَ ڪاهه جو ڪجهه بيان انهن بيتن ۾ آهي جيڪي علي مگهڻهار جي ٽاليءَ سان پوءِ انگريزن جي قبضي بعد بين جڙتو بيتن سان گڏ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. انهن سان هيٺيان اسان سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ٻڌا.

السلهه جل جلاله! ماهيون ٿيون مٺلڪن (١)
جنگيون، جهيڙا، جهڳڙا ڪيا اڳ اميرن
هيلوڪي هن جنگ جون ٿيا شاعر سئون ڪن
پلڪارون جرنيل جون، پڙها ٿيا پون (٢).

—

وَرنه وڪيل پنهنجا پيو ننڊو حمال هلائي (٣)
ڀهيو پائينجر سان ننڊو ڳالهه وڃيو ڳالهائي (٤)
جو ڪئمپ وڃيو ڪوٺڙي ۾، ٿو بنگلا خوب بنائي (٥)
وڃي بنگلا ويٺو ساري سنڌ چٽائي (٦)
ڏُرس پنهنجا درياهه ۾ ٿو آڳبوٽ آڻائي
سيگها ٽڪا سنڌ جا مون کي پئسا ڏيو هٿائي. (٧)

—

(١) ماهيون=لڙايون. (٢) پلڪارون=طاقت ۽ زور جون ڌمڪيون. جرنيل=نيپئر. (٣) وَرنه=مير محمد نصير خان. وڪيل=ايلچي، جيڪي سنڌ جي حڪومت طرفان انگريز ايلچين سان ٿي مليا ته عهدنامن موجب هجي ۽ زورآوري نه ڪجي. (٤) ننڊو حمال هن بيت موجب اهڙو هڪ ايلچي هو جو اڳ پائينجر سان مليو هو. (٥) جو=يعني پائينجر. (٦) سنڌ چٽائي=سڄي سنڌ کي اک ۾ ڪري. (٧) انگريزن جي لشڪر جي خرچ لاءِ وڏيون رقمون پيو گهري.

سورهيه ميـر شهداد کي ٿـو خـبـرون سڻائي(١)
آئو انـگ يز اهڙو، جنهن سان هيٺي کو م هلائي
گهٽيون ولاتون ورتيون فلنگيءَ دڙڪي سان دٻائي
سنڌ لـ ڏجـو سـورهيہ! ھنھنجا مـرد ڏجو مارائي
تنهن تي ٽڙي ميرن مصلحت ڪيي، صوبا سپ سڏائي.

—

سٺيان لـڳي ميـر کي، ڪاوڙ قـصـد ڪمايا(٢)
”جنگ ڪريسون ملڪ نہ ڏيسون“ وائي مير ورايا.

—

ڪاهي ٻـيـڙا ڪامپ ۾، غـازيـن ڪين گهٽايو
ٻـجائـي آتـرام کي، غازيـن غـوراب لٽايـو.

—

آتــرام ٻچي آتهون ٻـيـو ٻـيـڙيـن ۾ ڪاهــي
اچيو تنهن جـرنيل کي ٿـو ڳالهيون ٻــڌائــي
اٿـي سنهر ساچو ٿيءُ، تنهنجي ڪامپ لٽئي آهــي.

—

اها ڪاهہ جيتوڻيڪ وزير نواب احمد خان لغاري جي پوري پٽنيرائي سان ٿي هئي، مگر سرڪاري طور مير محمد نصيرخان جي اجازت کان سواءِ ٿي هئي. انهيءَ ڪري ٿي مير صاحب طرفان خسرو بيگ ۽ محمد يوسف خدمتگار خاص طور تي چارلس نيپئر ڏانهن سفير ڪري موڪليا ويا تہ وڃي حڪومت جي پاليسي جي وضاحت ڪن ۽ هو ڪامپ تي لشڪر جي ڪاهہ باٻت غلط فهمي دور ڪن. مگر چارلس نيپئر اڳيئي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو هو، تنهن کي هڪ بهانو ملي ويو. باوجود انهيءَ جي منافقي کان

(١) سورهيہ=ننڊو حمال. (٢) سٺيان لـڳي ميرڪون=مير شهداد خان ڏانهن اشارو، جنهن کي ڪاوڙ لڳي.

ڪم وٺي، ٻاهرين طور هنن ايلچين کي ڪوڙا وعدا ڏيئي
ڇپائين ته: اسان جو لشڪر سنڌ مان لنگهي رهيو آهي ۽
اسان کي جنگ جو ڪوبہ خيال ناهي.

"مياڻي جي جنگ" کان پوءِ نواب احمد خان وڃي مير
شير محمد خان سان گڏيو ۽ گڏجي انگريزن خلاف جنگ
جاري رکيائون، پر مير شهداد خان پنهنجي چاچي مير
محمد نصيرخان ۽ ٻين سان گڏ انگريزن جو قيدي ٿي ويو.
جيئن ته صلاحڪار جي حيثيت ۾ هو ۽ انگريزن جو مخالف
رهيو هو، انهيءَ ڪري هاڻي انگريزن ساڻس سختي وارو
برتاءُ ڪيو ۽ هن وطن جي آزادي جي حامي نوجوان مير
کي ٻين ميرن صاحبن کان جدا ڪري سورت ۾ قيد ڪري
رکيو ويو، جو نيپئر کي چيو ويو هو ته حيدرآباد ۾ انگريزن
جي ڪامپ کي باهہ ڏيڻ ۽ ڪپتان اينس کي قتل ڪرڻ ۾
مير صاحب جو هٿ هو. آخر پنجن سالن کان پوءِ ٢٠ مئي
١٨٤٨ع ۾ هڪ عدالت قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ ميرصاحب
تي ڪيس هليو، پر مٿس ڪابہ ثابتي ڪانہ بيٺي. باقي هڪ
سورهيہ محمد پٽ ڏتو لغاري تنهن کليو اقرار ڪيو ته هن
۽ ٻئي لشڪر حملو ڪيو هو. انهيءَ تي هن کي حيدرآباد
قلعي جي دروازي تي ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو. باقي ٻين
کي، جن ۾ لغاري، نظاماڻي، ڪنياڻ ۽ ڪوڪر هئا، تن کي
قلعي جي ٽڪري هيٺان ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو. ميرصاحب
کي عدالت جيتوڻيڪ بي ڏوهہ ٺهرايو، تڏهن بہ انگريزن
کيس وطن وڃڻ بدران وري بہ ڪلڪتي ۾ نظربند رکيو،
جتي ٨ محرم ١٢٨٤هہ ۾ وفات ڪيائين. مير شهداد خان وڏو
ديرينو، داناءُ شاعر ۽ اديب هو. سندس تخلص "حيدري"
هو. سندس ديوان موجود آهي.

٣. مياڻي جي جنگ

هيءَ جنگ ماهه محرم سنه ١٢٥٩هه (١٧- فيبروري ١٨٤٣ع) ۾ انگريزن جي سنڌ جي آيل فوج، ۽ سنڌ جي ٽڙتڪڙ ۾ گڏ ڪيل لشڪر جي وچ ۾، ڦليلي جي ”مياڻي“ وٽ لڳي (١). انگريز ان وقت هندوستان ۾ وڏا طاقتور هئا. ڪڇ کان وٺي ڪلڪتي تائين سڄي سامونڊي ڪناري، توڙي ملڪ جي اندروني حصن ۾ اڌ هندوستان تي سندن قبضو هو. سنڌ هڪ ننڍڙو ملڪ هو، انهيءَ ڪري ڪلهوڙن توڙي ٽالپورن جي دور ۾، سنڌ جي حڪومت سياسي حڪمت عملي کان ڪم ورتو ۽ انگريزن سان سفارتي تعلقات جاري رکيا ۽ سياسي معاهدا ڪيا. انگريزن ١٨- صدي ۾ تجارتي بهاني سان هندوستان ۾ حد دخلي ڪري قبضا وڌايا، ۽ ١٩- صدي ۾ سنئون سڌو طاقت جي زور تي سڄي هندوستان تي حڪومت قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اتر طرف قبضي وڌائڻ لاءِ هنن ٻهرياڻين سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي سٽ سٽي ۽ سنڌ جي حڪومت تي زور آڻي پنهنجي فائدي ۾ عهدناما ڪرايائون.

سنڌي معاشري جي شرافت ۽ صلح جي لاڙن توڙي دوستي دشمني وارن اصولن موجب، مڙسن جي ڪيل قول ۽ ڳڃن جي اقرارن ۽ خاص طرح حاڪمن جي عهدنامن کي وڏي

(١) اهو ماڳ هن وقت حيدرآباد کان هالا ڏانهن ويندڙ رستي ۽ پيلي ڪاٽي جي مياڻي واري تجرباتي ٻيلي ايراضي کان ميل کن ڏکڻ طرف آهي. اتي ڦليلي کي ٿورو ور هو. انگريزن جي فوج اتر طرف ۽ سنڌ جو لشڪر ڦليلي جي پيٽ ۾ توڙي ان کان ڏکڻ طرف هو. اصل اتي ڦليلي مان سڄي ساڻ لاءِ ميربحرن جا گهر هئا ۽ انهيءَ ڪري اها ’مياڻي‘ سڏبي هئي.

اهميت هئي. سنڌ جي حڪومت انگريزن سان ڪيل عهدنامي جي باوجود ڪن بيجا شرطن جي پوئواري ڪئي ته، پئي طرف انگريزن وقت بوقت هڪڙا عهدناما رد ڪري بيا پئي ڪرايا، جنهن ڪري بالاخر تنگ ٿي بلوچن جي لشڪر اوٽرام جي ڪيمپ تي حملو ڪيو ۽ ڪيمپ ڇڏي ڪيس ڀڄائي ڪڍيو. پوءِ چارلس نيپئر فوج وٺي چڙهيو.

١ انگريزن جي طرفان تيار ڪيل گهوڙي سوار توڙي پياده فوج، توبن ۽ هٿيارن سان، سنڌ جهڙي صلح پسند ملڪ ۽ صلح پسند حاڪمن جي بربادي لاءِ، اتر سنڌ کان پنهنجون ڪارروايون شروع ڪيون. هن فوج جو سپهه سالار چارلس نيپئر هو، جنهن سنڌ کي انگريزن جي غلامي ميڄائڻ لاءِ چالبازي ۽ ڌوڪي بازي ۾ ڪسر ڪانه ڇڏي. خيرپور جي گهراڻي مان مير علي مراد ۽ حيدرآباد مان مير صوبدار پنهنجن سان رنجيده هئا، جن کي نيپئر لالچون ۽ دلاسا ڏيئي پنهنجن کان پري ڪيو. پنهنجي گهراڻن جي منشين ۽ دفتري ڪاروبار هلائيندڙن مان ڪن کي چونڊي پنهنجو ڪيائين. هنن انگريزن طرفان جاسوسي ڪري، پنهنجن هردلعزيز حاڪمن تي چوڪسي رکڻ ۽ حملي ڪندڙ دشمن کي مدد ڏيڻ ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن سان غداري ڪرڻ ۾ جيڪي ڪجهه ڪري سگهيا، سو ڪيائون.

خيرپور جو والي مير رستم خان پيرمرد هو. هن نيپئر جي فوجي مظاهري ۽ بد ارادي، توڙي علي مراد کي لالچائي پنهنجي پاسي ڪرڻ واري چال کي ڏٺو، پر پاڻ کي بيوس ڏسي حيدرآباد جو رخ ڪيائين ته نيپئر به پويان ڪوچ ڪندو لڳو آيو. مگر وڏي حرفت سان جنگ يا حملي واري ارادي کي مخفي رکيائين. مير رستم خان جي حيدرآباد پهچڻ تي مير محمد نصيرخان پنهنجن صلاحڪارن کي سڏايو. هڪ طرف هي ظاهر هو ته نيپئر فوج سان چڙهي آيو هو، پئي

طرف هي ڳالهه هئي ته حڪومت جا انگريزن سان صلح ۽ دوستي جا عهدناما ٿيل هئا، جن جي حيدرآباد طرفان ڪابه ڀڃڪڙي ڪانه ٿي هئي. انهيءَ ڪري هڪ انگريز جرنيل کي ڪهڙو اختيار هو، جو هو خواه مخواه حملو ڪري! مير محمد نصيرخان طرفان موڪليل ايلچين انهن عهدنامن ڏانهن نيپئر جو ڌيان به ڇڪايو هو.

جڏهن مير محمد نصيرخان وٽ امير ۽ اڪابر حاضر ٿيا ته ٻه رايون ٿيون؛ هڪ اها ته عهدنامن تي اعتبار ڪجي ۽ ڪوبه تکڙو قدم نه کڻجي؛ ٻيو ته هي جرنيل جيڪو چڙهيو پيو اچي، تنهن تي اعتبار نه ڪجي ۽ پنهنجي طرفان حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪجي. وڏيڪ سڄاڻ صلاحڪارن انهيءَ ٻوئين راءِ تي زور ڏنو، ۽ جڏهن نيپئر جي بد ارادن بابت پڪيون خبرون پهتيون ته اهو فيصلو قائم ٿيو. پر هاڻي وقت تمام ٿورو هو. حيدرآباد ۾ جيڪو لشڪر موجود هو يا جيڪو لشڪر حيدرآباد کان اوڀر طرف ۽ ڏکڻ طرف وارن راڄن مان گڏ ٿي سگهيو، تن کي وڏي همت سان گڏ ڪيو ويو. ٻي رٿ اها پيشي ته حيدرآباد ۾ قلعي بند ٿي ويهڻ ڪمزوري ڏيکارڻ جي برابر ٿيندو، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته وڏي وڃي دشمن جو اڳ جهلجي. ٻيون ته قلعي کان ٻاهر اهو ضروري آهي ته اهڙي جاءِ جهلجي جو جنگ لاءِ آڙ ٿي سگهي. انهيءَ جنگي تدبير مطابق سنڌ جي سڄاڻ سپهسالارن، حيدرآباد جي قلعي کان ٨ ميل اتر طرف، ڦريان ايندڙ دشمن واري گس کي سامهون، مياڻي لڳ ڦليلي جي پيٽ ۽ پسگردائي ۾ وڃي مورچا ۽ آڙون ڪري پنهنجي لشڪر کي ويهاريو.

نيپئر چپ چاپ ۾ ڌوڪي سان حيدرآباد تي قبضي ڪرڻ جو جيڪو منصوبو رٿيو هو، سو رُلي ويو. سنڌ جي لشڪر کي آڏو مقابلي لاءِ ڀيٽل ڏسي ويتر ششدر ٿيو. اڳتي وڌڻ

وارو خيال لاهي ڪيمپ هنيائين. اتي مخفي طور مير صوبدار جو خاص منشي آوتراءِ وٽس پهتو ۽ اُن جي معرفت پوءِ حيدرآباد جي طرف جا سڀ احوال نيپئر تائين پهچڻ لڳا. نيپئر جي اها ڪوشش هئي ته خيرپور جي مير علي مراد وانگر مير صوبدار به سنئون سڌو اچي سندس ساٿ ڏئي، پر سنڌ جي سورهين ۽ سروچن جي مرڻ ۽ مارڻ واري ماحول ۾ مير صوبدار اهڙي جرئت ڪري نه سگهيو. نيپئر جڏهن ڏٺو ته ٻئي طرفان ڪوبه ماڻس اچي ملڻ لاءِ تيار ناهي ته جنگ شروع ڪيائين، ۽ پهرئين حملي ۾ شڪست کائي هٽيو. ان بعد جاسوسن کان ڪم ورتائين، جن جنگ هلندي لشڪر کي برغلايو ته انگريز پٺي ڏيو. انهيءَ لاءِ ته هو پنهنجا مضبوط مورچا ڇڏين، جن کي ٽوڙڻ مشڪل هو ۽ آڙن مان آئي ٻاهر نروار ٿين ته انگريزن جي توبخاني جو شڪار ٿين. نيپئر جو اهو ڏوڪو ڪامياب ٿيو. ڦليلي جي پيٽ وارن مورچن ۽ آڙن ڇڏڻ سان سنڌ جي لشڪر جا پير آکڙي ويا، پر ان هوندي به سرن جي سٽ ڏنائون ۽ پيهي مقابلو ڪيائون، ۽ جڏهن فتح جي باقي ذري جيتري به اميد نه رهي، تڏهن باقي بچيل لشڪر لاچار ٿي ميدان ڇڏيو.

"مياڻي جي جنگ" جو احوال انگريزن لکيو، جن پنهنجي ساراهه ۽ سورهيائي بيان ڪئي ته اسين تمام ٿورڙا هئاسون ۽ ٻئي طرف ٻيڻو ٽيڻو لشڪر اسان تي حملي ڪرڻ لاءِ سنبري آيو هو. حقيقت ۾ سنڌ جو لشڪر نه فقط ٿورو هو پر ٽڙ تڪڙ ۾ گڏ ڪيو ويو هو ۽ ان جو خاص مقصد بچاءُ هو. نيپئر شروع کان آخر تائين سڀ جنگين کان اڳ، جنگين ۾، توڙي جنگين کان پوءِ ڪوڙ ۽ فريب، جاسوسي ۽ فتني، دلبي ۽ ڏوڪي سان صلح پسند سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو، جو پاڻ جيڪا خبر پوٽني موڪليائين، تنهن ۾ چيائين ته : مون گناهه ذريعي سنڌ قبضي ڪئي آهي.

سنڌ جي طرفان "مياڻي جي جنگ" جو صحيح احوال بروقت ڪونہ لکيو ويو ۽ پوءِ جڪي لکيو ويو سو انگريزن جي بيانن مطابق هو. جيڪي سورهيہ مياڻي جي ميدان ۾ شهيد ٿيا هئا (جن مان ڪي "شهيدن جي مقام" ۾ دفن ٿيل آهن، جيڪو مياڻيءَ واري ماڳ تي آهي)، تن جي پوين مان ڪنهن وٽ زباني خبرون هيون، جن مان پوري تصديق ٿي ٿي سگهي. انگريزن جي پيٽ ۾ سنڌ جو لشڪر ٿورو هو؛ ٽڙ تڪڙ ۾ حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس مان گڏ ٿيو ۽ جنگ ۾ وڏي همت سان وڙهيو ۽ جنگ هلندي ڪوبہ ڪونہ ڀڳو. اهي ڳالهيون پوءِ انگريزن ۽ سنڌن خيرخواهن هلايون. ان جي تصديق انهيءَ مان ٿئي ٿي جو مياڻي توڙي دوآبي وارين جنگين ۾، سنڌ جي سورهين جي بهادري تي ڪن سگهڙن بيت چيا هئا، جيڪي ڪن ماڻهن کي ياد هئا. ۽ پوءِ حيدرآباد جي ڪن عامل هندو آفيسرن (جن جا وڏا اڳ ميرن جا منشي هئا ۽ پوءِ انگريزن جا خيرخواه ٿيا) جي ذريعي جڏهن انگريزن جي ساراهہ ۽ پنهنجن وڏن جي ڪوتاهين کي ڍڪڻ لاءِ 'ميرن جي حڪومت' خلاف ننڍا وڏا ڪتاب لکجڻ ۽ ڇپجڻ شروع ٿيا (١)، تڏهن اصلوڪن بيتن ۾ انگريزن جي شان، ڪن هندو سورمن جي واکاڻ ۽ ميرن ۽ سنڌ جي لشڪر جي گِلا جا بيت عليَ مگڻهار جي نالي سان شامل ڪري ڇپايا ويا. اهڙن وڌايل بيتن کي ڇڏي، باقي بيت جن مان ڪي هن ٻوليءَ دور ۾ سگهڙن سان ڪيل ڪچهرين ۾ ٻڌا ويا، سي هيٺ ڏجن ٿا:

ڦلنگي وڏي ڦيڪل سان وڙ و ڏيهن ۾ ڏهڪار
پر مير رستم ڪين قبوليو انگريزن جو اختيار
اتان مير رستم لڏيو ڇڏي محل منار
آيو مير نصير وٽ ٿي ٻانٺ بي‌اختيار

(١) ڏسو "دوآبي واري جنگ". هيٺ حاشيہ.

تنهن کي ڏيوَ دلاسو ڏنو تنهدليون تڪرار
"سنڌ نه ڏيسون جنگ ڪريسون" اهڙا قول قرار
فلنگي وڏي فڪل سان ڪيو جنگ سندو جنسار
هتان سورهيه سامهان ٿيا "سرگهور ڪرن سردار"
محڪم مير نصير هو مانجهي مرد مزار(١)
هر رضا جا رحمان جيءَ اڇي بند پيو سردار.

گهڻا ماريا جنگ ۾ ڪريان نالا چيا نروار
مٿهڙ چڪي "مَري" آيا مرد مستاني وار
ڪمال خان، خان محمد هٿا جنگ ۾ جانب يار
فتح خان ماريو ناسڪيو نروار
گوهر خان سلهائيا مڙني قول قرار
گمن چاڪرائي ماريو ڪنڌ ڪري ڪوڪار
پير ته پهڻ شهر جو هو مانجهي مرد متار.

فتح محمد سيد تي هو تيز ترارين تاءَ
واڪهه وڙهيو سر ويرئين ڏس ورنه سندي واهه!
علي اڪبر سيد ماريو، ڪوڏو پڏي ڪاهه
ناميا وڙهيا ننگ تي، سر صدقي تيڙو ساهه،

مينهن پاڻي پلٽا ڪري پيو آتر ڪانءَ اچي
آت ڪاجُون غلام شاهه جون. ٿو نيزي سر نچي(٢)
پيڙ گهڙي ڪيائون پڌرو، من غلام شاهه اچي.

غلام شاهه شهوائي جي ڪندو ڪونه ڪچي
ويري ڏسي وهسي گهٽو، وڃي تا نه هچي.

---

(١) مزار = شينهن (٢) ڳاجُون = گجگوڙون ...

نظاماڻي ننگ ڏٺي ڏهشا ڀڏرا ڀاٽاري
آتَ کوڪر ڪنياڻ ڪيليا، ڀي لاتي لغاري.

جي ڪيهر شينهن ڪلام ڪيا، سي مير جان محمد ملهايا
عملو مير جان محمد سان وِڪ وڌندي آيا.

جان محمد جوانن ڪي، مير ورله ڪي واڳهڙ(١)
ٺا ٺا بندوقن جا، هوڏانهن توفن جا ڏڏڪر
لڳا مٿن مٿن سين، سيهي ڪيا سڱڪر
چانگ پروچ ماريا، ڀي ڊگهي جهرڪي جهر.

مراد علي آئيو مڳ پٺ شير مڇر
جڻهه ويلي جنگ جي چانگن ڪوپن ڪڻي آلير.

آنڌو مڻلو مسيت جو، تنهن سورهيه، ڪئي سٽ
”علي علي“ ڪري آئيو لاتئين ڏاڍي لٽ
اکين ڏاران آدمي، ناهي انڌي جو وس.

سورهيه مرد ميدان ۾ ٺا سر جا سودا ڪن
اها جنگ اتي ڏريو ٺا ٻيءَ جو سعيو ڪن
اها جنگ اتي ڪريو ٺا ٻيءَ جا ٻول ٻڌن.

”مياڻي جي جنگ“ بعد مرثين جي شاعر ثابت علي شاه جي پٽ احسان علي شاه هڪ مرثيو چيو، جنهن ۾ جنگ بابت احوال آهن ۽ ۾ افسوس جو جنگ جي حقيقت ۽ نيپئر جي منافقت ۽ سنڌ جي لشڪر جي همت ۽ مدافعت ڪي آشڪار

---

(١) واڳهڙ = هڪل

ڪرڻ بدران، احسان علي شاهه مخمس ”مرثيو“ جيو ۽ ”مرثيي“ جي لوازمات کي پوري ڪرڻ لاءِ هن تاريخي واقعي جو غير حقيقي تصور پيش ڪيائين ۽ ان کي مخصوص ”مذهبي“ رنگ ڏنائين؛ يعني ته ”مياڻي جي جنگ“ کي ”ڪربلا جي جنگ“ تصور ڪيائين. مير محمد نصيرخان کي امام حسين واري ڪردار سان تشبيهه ڏنائين؛ سندس عزيزن ۽ صلاحڪارن سورهين سپاهين ۽ راڄدارن کي شامي ڪوفي پڌايائين؛ مير صاحب کي مظلوم جي حيثيت ڏيئي، سندس واسطي هاءِ واءِ ڪيائين ۽ سنڌ جي پنهنجي طرفدارن کي شامي ڪوفي قرار ڏنائين ته هنن مير صاحب سان دوهه ڪيو جو ڪين جنگ لاءِ آماده ڪيائون ۽ جنگ جي ميدان ڏانهن نيائون ۽ انهيءَ ڪري انهن کي ڪوڙو ۽ يزيد ڪوٺيائين، متن مير صاحب کي ميدان ۾ اڪيلو ڇڏي ڀڄي وڃڻ جي تهمت مڙهيائين ۽ لعنتون وسايائين:

هاءِ راڄن ۽ اميرن دوهه ڪيو ڏيئي دغا
جيئن امام حسين کان ڪوفي ۽ شامي هٽا ڦريا
سنڌ جو لشڪر هو شامين جهڙو ڪوفي بي حيا.

سندس سچو ڌيان انهيءَ طرف ويو ته ”مير مومن، مولائي، حسيني، حيدري؛ ماتمي هو، جنهن سان وڏو ظلم ٿي ويو. احسان علي شاهه ويچارو محدود نظر ۽ شعور وارو مرثيه گو شيعو شاعر هو، انهيءَ ڪري ڌاريي انگريز دشمن ۽ پنهنجي وطن جي سپاهين ۽ سپه سالارن جي جنگ کي ”شيعي سُني جنگ“ جو غير حقيقي رنگ ڏنائين. سندس ”مرثيي“ جي انهن جزئيو تشبيهن ۽ ڪيلا غيبت وارن بيانن کي ڇڏيندي، باقي نظم جا ڀاڱا، جن ۾ ڪجهه اعتدال ۽ نسبتاً صحيح صورتحال سمايل آهي، سي هن طرح آهن*.

---

* احسان علي شاهه جو هي ”مرثيو“، رسالي مهراڻ (سال ١٩٥٧ع، نمبر ١ ۽ ٢) ۾ ڇپيو، جتان آهي اقتباس ورتل آهن.

نامور سلطان سرور سنڌ جو هو بي نظير
جنهن جو بابو بادشاه ۽ ڏاڏو عالم جو امير(۱)
ملڪ مالڪ، راڄ سرور، صاحب صدر وزير
نيڪ سيرت، نيڪ صورت، نامور محمد نصير(۲)
تنهن کي لشڪر سنڌ جي چيو: 'مير صاحب نامدار!
جنگ ڪر ٻيڙين مشرڪ سان، مومن ديندار!'

سوڻ تنهنجا سي توهان سان گڏجي سڀئي ٿا هلن
تنهنجا لشڪر، راڄ پائر، سي مڙئي ٿا ميڙ ڪن
سي سڀئي سنهري چڙهي آيا ۽ هيئن ٿا عرض ڪن:
تي مجاهد في سبيل الله، پنجتن
تنهنجو عباس علي همراه شهدائي شاه
چاڪرائي، ماڻڪائي، هي سڀئي تنهنجي سپاهه

---

(۱) مير نصير خان جو والد مير مراد علي خان ۱۸۲۸ع ۾ مسند تي ويٺو، ۽ ۱۸۳۳ع ۾ وفات ڪيائين، سندس تخلص 'علي' هو. مير نور محمد خان ولد مير مراد علي خان، مير نصير خان جو وڏو ڀاءُ هو، ۱۸۳۳ع ۾ مسند تي ويٺو، ۽ ۱۸۴۱ع ۾ گذاري ويو.

(۲) آخري حاڪم سنڌ، سرڪار فيض آثار، هزهائينس مير محمد نصير خان ٽالپر، المتخلص "جعفري"، تاريخ ۱۴- محرم ۱۲۱۷ هجري، حيدرآباد جي قلعي ۾ ڄائو؛ ۱۸۴۰ع ۾ مسند تي ويٺو ۽ مياڻي واري جنگ هارائڻ بعد ۱۷- فيبروري ۱۸۴۳ع تي هو ٻين اميرن سان گڏ انگريزن جو قيدي ٿيو. انهيءَ حالت ۾ سنڌ ڇڏي ۽ بالآخر انگريزن کيس 'دمدم' ڪلڪتي ۾ نظربند ڪيو، جتي تاريخ ۷- ربيع الثاني ۱۲۶۱هه ۾ وفات ڪيائين. سندس جنازو حيدرآباد آڻي ميرن جي قبن ۾ دفن ڪيو ويو. مير محمد نصير خان وڏو شاعر ۽ اديب هو. سندس تصنيفون هي آهن: ديوان فارسي، ديوان اردو، 'مختيارنامو' (فارسي، مصور)، "مثنوي مرزا صاحبان" (فارسي)، ۽ "سفرنامه جعفري" (فارسي نظم ۾).

پرڪڙي ۽ چانڪ، مري، ٽالپر ڏوٽا هزار
۽ نظاماڻي، مري، ڪوسا ۽ ڪوڪر نامدار
چانگري، گوپانگ، لاشاري، لغاري بيشمار
رند، ڪوراڻي، جتوئي، باگراڻي ٿيا تيار
خان خاناڻي ۽ شهواڻي ۽ شهداداڻي شير
چاڪراڻي، ماڪاڻي، نامور سورهيه دلير.

مير مومن مرتضائي، مصطفيٰ جو ديندار
حُرِ حسين ابن علي جو دائما نر نامدار
ها امير وزير جنهن جي در تي دائم بيشمار
خاص خدمتگار ۽ ديوان ڪئين مختارڪار
تنهن روانا ڪيا وڪيل وزير عاقل بينظير
مرزا خسرو بيگ، خدمتگار يوسف بئي امير(١).

---

(١) ميرزا خسرو بيگ ابن القندر اصل گرجستان جو ويٺل هو. سن ١٧٩٠ع ۾ طفلس شهر ۾ ڄائو. ١٨٠٥ع ۾ ملا محمد اسماعيل کيس سنڌ ۾ آندو ۽ مير ڪرم علي خان جي حضور ۾ پيش ڪيو. مير صاحب کيس پنهنجي اولاد وانگر پاليو، جو کيس پنهنجو اولاد ڪونه هو. ميرزا صاحب شاعر ۽ طبيب هو. "طب خسروي" سندس تصنيف آهي، شاعري ۾ سندس تخلص "غلام" هو. سندس ديوان، مير صاحبن جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جنهن تي سندس سجع هن طرح لکيل آهي:

"سلطان ڪرم علي ست که خسرو غلام اوست"

محمد يوسف ولد محمد صالح ذات منگواڻو، اميرن وٽ وڏي عزت ۽ عهدي وارو هو. حيدرآباد ۾ "ٽنڊو يوسف" سندس نالي تي ٻڌل آهي. مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ مير صاحبن جا ديرا آتي وچي رهايا هئائين. شاعر هو ۽ 'يوسف' تخلص هوس. "ديوان يوسف" ۽ "مثنوي ماه و مشتري" (فارسي) سندس تصنيفون آهن.

تن وچي انگريز سان ڪيو عهدنامو برقرار
مير صاحب جي دوامي دوستي ڪيائون يادگار
چيائون: چارئي ملڪ تنهنجي آنڪي ۾ پائدار
تنهنجا جانز عهدناما، تون اسان جو دوستدار
چون فرنگي دوستي ميرن جي ٿي سالن ڪنان
آئين اسان جا دوست آهيو، ناهيو دشمن اصل ڪان.

—

سي رکي هڪيئي جي مرضي ٿيا دلاور دوستدار
مير رستم کي به چيائون: هل اسان سان ٿي تيار(۱)
مصلحت ميرن سان تنهنجي ٿي ڪريون اڄ ڪامگار
سي به تنهنجي مصلحت ۾ مونس آهن غمگسار
سان رستم کي وٺي آيا ۽ اچي ڪيائون سلام
مير صاحب جي اڳيئون احوال سارو ڪيئون تمام.

—

چيئون: خصومت خرخسا طرفين جا ناهن روا
دوستيءَ سؤن دشمني هرگز نه، ڪن صادق سچا
سنڌ جي لشڪر جا آئين سردار واقف اصل جا
بعد بابي پاڻ جي تون عقل عالم ڪيئين خدا
مير صاحب سنڌ سرورا توتي مڙني جو مدار
تنگ پرور مير مومن شاهه عالم شهريار.

—

پوءِ سڏيائين راڄ ۽ لشڪر جا ڪوپا نامور
جنگ جا جهونجهار جنگي، رڻ جا راوت شير نر
چيائين: يارو! آئين ته آهيو منهنجا مونس معتبر

(۱) مير رستم خان ابن مير سهراب خان، خيرپور جو آخرين والي سنه ۱۸۲۰ع ۾ مسند تي ويٺو ۽ ۱۸۴۳ع ۾ خيرپور ڇڏي حيدرآباد آيو، جتان کيس انگريز قيد ڪري پوني وٺي ويا، جتي سال ۱۸۴۲ع ۾ وفات ڪيائين.

ڇا صَلاح آهي اوهان جي، مصلحت ڏيو ڇا خبر؟
جنگ جي هُئي مصلحت، يا صلح جي آهي صلاح
ڇا اوهان جي مصلحت، ما تي اسان کي پڻ مباح.

تڏا تي شهواڻي سرڪش ٿيو، چيئين : هي فڪر خام (١)
عهد نامن کي ولي ڦاڙيائين پيا خشم، تمام
خان محمد ۽ غلام محمد لغاري ڪيو ڪلام (٢)
چيئون: فرنگيءَ جو اسان کي ناروا آهي سلام
امتي آهيون محمد جا اسين صادق سچا
۽ اسان کي صلح هن ڪفار سان ناهي روا.

مير رستم سام تنهنجي آهي، تون ڪان ڪامياب،
تنهن سان ٻٽ ۽ پائينيا ۾ ٽالپر پا ذر رڪاب
آن سوا پيا راج پايئون، خلق عالم بي حساب
تنهنجا پائينيا مير صاحب! نامور عالي جناب
سنڌ جي سردار جا ڏهٿا ۽ پوتا مير جا
پنهنجي لشڪر سان گڏ همراه ٿي توسين هليا.

سنڌ جي شمشير جي ناموس عالم آشڪار
تا ڪنين ڪونيا دلاور، شير سرڪش هر ديار
آهي ناموس بزرگان نيت اسان کي يادگار
ڪيئن ڪريون ناموس ڪم، آي خسرو عالي تبار!
آڄ ڪنداسين جنگ هن ڪفار مشرڪ سان ٺيڙي
مير سين ويندا سين پر هرگز نه ورنداسون وري.

---

(١)، ٽنڊي عالم خان جي ميرن جو وڏو مير، غلام شاه شهواڻي ۽ مير خان محمد ماڻڪاڻي، ٽنڊي غلام عليءَ وارن جو وڏو.

(٢)، غلام محمد لغاري، مير شهداد خان جو خاص مصاحب، ويٺل ڪنهبڙي (تعلقو ميرپور خاص).

هٿن ڇپائون ۽ ڪهائون جنگ تي لشڪر تيار
مير ڪي ڏني مصلحت ڪيئون شير غازي شهسوار
۽ ڪٿي فرقان رب جو ڪيائون وعدو برقرار
پڻ نغارو جنگ جو جنگي علم ڪيئون آشڪار
اڳ ۾ ڪيئون نوبت نغارا، پٺ ۾ جنگي پهلوان
تيا غضنفر شير غران، جنگ جا سورهيه سجان ؛

تيا ٻنهي لشڪر مقابل ۽ وڇايائون نفير
جوڦ صف سيڻي دلاور جنگ تي تيا جانگير
نامور نصرمن الله چئي آتيا غازي اسير
جنگ جو جهونجهار جنگي، جان محمد شيرگير(۱)
تنهن سين گڏ سيد فتح محمد لڪياري پهلوان
تيا بهادر بي مثل، جنگاه ۾ سورهيه سجان ؛

پهرين حملي ۾ هڻائي ڪيئون فرنگي خسته جان
تير باران چوطرف ميدان ۾ ڪيا پهلوان
صف شڪن صفدر صفون ڪيون صاف مرد پهلوان
ڏڙ ڏڙن تي ڍير ڪيا هرسٿو سٺي سورهيه سجان
فتح هٿي اسلام جي لشڪر جي بيشڪ بيدرنگ
هر گهڙو ڏشمن ڪري ني جنگ جو ويو ڀڄي هور ننگ ؛

ديس جا دشمن تيا ڏيٿوٺ دولابي ڪتا
زر جي لالچ تني فرنگي سان وڃي شامل تيا
۽ انهن جي ني اشاري تي قليليءَ پار ويا
تڏ پروڃن سيجهو هاٿي آهن هي پولڙو پڳا
پوءِ قليليءَ پيٽ مان نڪري ٻنهي نروار تيا
هٿ ڪٺي شمشير، سورهيه دوبدو تي تڏ وڙهيا.

---

(۱) ٽنڊي ڄام جي ميرن جو وڏو، مير جان محمد خان خاناڻي.

پر جڏهن ڪاري قضا جي امر ۾ هئن هو لکيو
جان محمد ميرڪي آتَ ڪونه ڪمڪ ۾ رسيو(١)
هو سپاهين صادقن سان جوان جنت ڏي هليو
شاهه شهداء جي ڪچهريءَ ۾ شهيدن سان ڳڏيو
تنهن تي "رضي الله عنهم" جي سدائين خاص و عام
"يرزقون فرحين" ٿيو داور وٽ جي دارالسلام.

تنهن سين گڏ محراب جو پٽ سٺوءَ جنت ٿيو روان
نامور سورهيه غلام شاهه خاناڻي جوان(٢)
ڏيئي هٿ هٿ ۾ هليو هو آن سين آن منزل مڪان
هڪڙي هنڌ ماريا هڪپئي سان همدم توأمان(٣)
تن پٺيءَ ماريا سپاهي چانگ، مري جان فدا
آن تي رحمت رب جي، جن حق نمڪ جو ڪيو ادا.

پوءِ غلام شاهه شهواڻيءَ امير نامدار
ڪاهي لشڪر سان آڙه ۾ آچي ٿيو پائدار
۽ سندس همراه هو همت علي سيد سچار(٤)

(١) مير غلام شاهه خاناڻي به ٽنڊي چام جي ميرن مان هو.
(٢) ڪمڪ، ڪومڪ=مدد.
(٣) توامان=گڏ، پٽ.
(٤) سيد همت علي شاهه جا وڏا خراسان مان لڏي بکر ۾ اچي رهيا هئا.
سيد محمد يوسف شاهه، مرزا جاني بيگ جي حڪومت واري زماني ۾ روهڙيءَ مان لڏي ٺٽي ۾ اچي رهيو. تنهن جو پاڻيٽيو ۽ ٻاٽي سيد اسحاق شاهه، جنهن کي "پير پرڏيهي" ڪري سڏيندا هئا، تنهن جي ستين پيڙهيءَ مان سيد ذوالفقار علي شاهه، ميرن جي حڪومت ۾ وزير سلطنت هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ سيد همت علي شاهه، مير غلام شاهه شهواڻيءَ جو خاص مصاحب هو.

تنهن کي هٿن هو مير صاحب چيو ته: اي غمخوار يار!
زال ۾ مار يو جان محمد جوان کي ويرين آدا
ڪر مدد آن جي وڃي، هرگز م ٿي آن کان جدا.

همٿ ڀري هاتڪ هلي غازي وٺي رخصت رضا
چيائين ڀرتين رب کي حامي سنڌ ٿئي مصطفيٰ
سير ۽ همت علي ٻئي ڪڌ جي مقتل ڏي هليا
۽ "رَضِيْنَا بِالْقَضَا" اقرار ڪيئون رب جي رضا
اڪ ۾ سائس پيرزادو سيد محمد شاه پير
تنهن پڻيان ايمان سان ڪنجڪ ۾ ايماني فقير.

بعد تنهن جي ماريئون عبدالله نظاماڻي جوان
ٽالپر سائس غلام علي دلاور پهلوان (١)
في سبيل الله غازي نامور ايمان سان
ڪڌجي ٻئي ماريا، مري ڪيئون هڪڙي هنڌ مقتل مڪان
پنهنجي پياري وطن خاطر سر ڏيئي سرها ٿيا
تن مٿي رحمت خدا جي شل هجي صبح و مسا.

هنن سورهين ميدان ۾ سر ڏنا ۽ جنگ جو نقشو بدلجي چڪو آهي. انگريزي فوج جو غلبو ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري باقي بچيل سنڌ جي لشڪر لاچار ٿي ميدان کي ڇڏيو. مير محمد نصيرخان خيرپور جو، مير رستم خان ۽ سندس ساٿي ۽ مير شهدادخان جنگ جي مرڪز ۾ ڪين هئا، ٻر هڪ ڪنڊ تي بيٺل هئا. وزير نواب احمدخان جو سپاه سندن بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ بيٺل هو. هنن تي دشمن جي جنهن چالاڪي حملو ڪيو، انهيءَ کي مقابلي ۾ هٽايائون. شاعر جمالين جو نالو پڻ کنيو آهي ته اهي به سائن هئا ۽ ڏهه ڄڻا هن مقابلي ۾ مئا.

---

(١) غلام علي ولد مير فيروز خان ولد مير لندو خان ولد مير بهرام خان.

شيردل غازي غضنفر شاهزادو نوجوان
انور از نور محمد نامور شهداد خان (۱)
ٻيگ ڏٺي ٻاڪارو، ناني ڏاڏي جي مسند مڪان
ڏاڏي ۽ ٻيءَ جهڙو نيت چاچي جو مشفق مهربان
جنگ جي ميدان مقتل جو بهادر نامدار
آڻ ڪان لڪري ٿيو نروار عالم آشڪار.

ڄيائين : چاچا مير صاحب! هاڻ لشڪر ڪان سوا
جنگ جي ميدان ۾ بيهي رهڻ ناهي روا
جي آسان جا راڄ لشڪر نامور امراء هٿا
تن مان ڪي ماريا ڦٽيا، ٻيا سڀ ڀڄي ويا ڀيڄيا (۲)
مير صاحب! هاڻ غازي ڪر جٿلهه ميدان ۾
هاڻ ٻٽي ٿيوء پوڻ ناهي اسان جي شان ۾.

هٿن ڇٿي ڪياڻون جٿلهه حملو ڪري اڳتي هليا
چاچو ۽ ڀائٽيو بهادر جنگ جا سورهيه سدا
چاڪراڻي مير سڀ رستم سان گڏ همراه هٿا
خاص خدمتگار منصبدار سيڪڙين مير جا
سيڪو پنهنجي مير سان همراه ۽ غمخوار هو
شيردل شهداد غازي مڙني جو مهندار هو.

---

(۱) مير شهداد خان ولد مير نور محمد خان پنهنجي چاچي مير محمد نصير خان جو صلاحڪار هو.

(۲) شاعر هي ڪارو لفظ ڪم آندو آهي. جنگ هارائڻ کان پوءِ جيڪي هٽي ويندا آهن، تن کي 'پيگا' نه چئبو. 'پيگا' اهي جيڪي جنگ هلندي ڀڄن.

هڪڙي هٿ شمشير، ٻئي هٿ ۾ بهادر ڪئي سپر
چوطرف ميدان ۾ حملا ڪيا آن شير نر
آن جٿاھ ۾ ڍھہ چڙا ماريا جمالي نامور
مير محمد علي، غلام محمد، مبارڪ ٽالپر(١)
شيردل شهداد دولهہ نامور جي روبرو
سي شهادت جي شرف، مومن مري ٿيا سرخرو.

تير باران؁ رڻ ۾ ڪئي انگريز آت بيانتها
چوطرف ٿيا تير بي پايان چوباران بي خطا
۽ پليتن دشمنن جا تير زرهن ۾ لڳا
۽ لڳي سيني جوانن جي چٽي ڪمرن ۾ پيا
مير مومن نامور کي تير ڪنهن بي پير جو
۽ ڪلهي ساڄي ڪان ڪٽرتي مٿون لنگهي سو پار پيو.

مير صوبدار جنگ جي ميدان ۾ ڪونہ آيو هو ۽ گهر ويٺو هو. سندس وزير ڪوڙو جمعدار ناريجو هو ۽ مير جو وڏو اعتبار وارو منشي آوتراءِ هو. هي ٻئي ٽيپڙ سان ڳالهين ۾ پڌل هئا. مير صوبدار جو سهرو محمود، جمعدار ڪوڙي ۽ منشي آوتراءِ سان هم صلاح هو ۽ انهيءَ وهم ۾ هو تہ انگريز مير نصيرخان کي هٽائي مير صوبدار کي تخت تي وهاريندا، انهيءَ ڪري مير صوبدار کي تاڪيد پئي ڪيائين تہ پنهنجي جمعدار ۽ منشي تي ڀروسو ڪري. هوش محمد شيدي مير صاحب جو خاص نوڪر هو، سو بہ ساڻن گڏ هو ۽ جنگ جي ميدان ۾ ڪونہ هو پر مير صوبدار کي سڄاڳ پئي ڪيائين ۽ سمجهايائين تہ ڪوڙي ۽ آوت جي صلاح تي نہ لڳي ۽ پنهنجي سوٽ

(١) مير محمد علي ولد مير مبارڪ خان، مير غلام محمد خان ولد مير رستم خان ۽ مير مبارڪ خان ولد مير سهراب خان، ٽيئي خيرپور جا مير.

ميرمحمد نصيرخان سان وفاداري ڪري. مير صوبدار جي سهري ڪيس چيو ته:

مصاحت ڪوڙي جي ڪوڙي ناهه اي صادق سچا (١)
تنهنجو خدمتگار صاحب عقل جو آهي سدا
هن جو ثاني سڀ اميرن ۾ ٻيو ڪونهي، شها!
هڪڙو 'آوت' هن جو ثاني آهي منصدي ڀچا (٢)
هوش ۾ ڪوڙو ۽ آوت ٻيئي آهن بي نظير
رڪن دولت جا سنڌ، اي صاحبِ صدر و سرير!

اهڙيءَ تي هوش محمد، مير صوبدار کي چيو ته:

هوش محمد عرض ڪيو، اي مير صاحب نامدار (٣)
هوش ڪر، بيهوش هرگز ڪيم ٿي، اي ڪامگار!
مون سين ڏي فتح علي سو شاهزادو شهريار (٤)
پنهنجي لشڪر راڄ سان ڪر شير غازي شهسوار
مير محمد ڪوٽ ۾، هي ڪوٽ ٿي قائم ڪريه (٥)
۽ اوهين لشڪر اميرن سان نڪري ڀڄ پڌو!

---

(١) جمعدار ڪوڙو خان ولد الهرکيو ناريجو، مير صوبدار خان جو مالي وزير هو، کيس اولاد ڪونه هو. سندس ڀاءُ ميان ڀيرائي خان جو اولاد ڀريائين ڀائي خان جي چاڙهيءَ تي رهندو هو، پوءِ انهن مان ميان الهورايو خان ٽنڊي يوسف ۾ رهندو هو.

(٢) منشي آوترام پٽ منشي صاحبراءِ ملڪاڻي، تخلص 'آزاد' مير صوبدار خان جو خاص منشي ۽ مالي وزير هو. هو انگريزن سان مليو هو ۽ جاسوسي جو ڪَدو ڪم سندس حوالي هو.

(٣) هوش محمد حبشي، مير صوبدار خان جو خاص خدمتگار هو ۽ وڏو بهادر هو. هن سورهيه سر تريءَ تي رکي، دٻي جي لڙائيءَ ۾ سنڌ جي آزاديءَ تي پنهنجي جان قربان ڪئي.

(٤) مير فتح علي خان ابن مير صوبدار خان، تاريخ ٢٤ شوال ١٢٦٣ھ تي ڪلڪتي ۾، نظربنديءَ جي زماني ۾ وفات ڪئي.

(٥) مير محمد خان ولد مير غلام علي خان.

مصلحت ڪوڙي جي ڪوڙي، مير ڀلا هوش ڪرا
ڏوڙ پٺي آوت جي مٿئن ۾، ناهي آوت معتبر
هي مبارڪ توکي نا محمود آهي در نظر
جا ڏني محمود سهري تنهنجي بدخبري خبر!
هي تہ بچڙا ٿيا جهان ۾، معرڪي کان پوء پيا
سڙس ساراڻي، هٺاڻي، جنگ هاراڻي پيا.

هي سنڌ سهرو ۽ سالو، هي سنڌ ڪوڙو امير
سو امير ن خاص خيلان ۾ سنڌ خاصو وزير
مصلحت مقبول آج ڪوڙي جي آهي دلپذير
۽ اسان جي مصلحت ۽ عرض توکي ناپذير
تو پڌائي پاڪ توکي معرفت انگريز جي
هن جون فوجون تو سڌائي، پنهنجو لشڪر توکڏي.

مير صاحب! سوٽ پنهنجي جي مدد ڪر، نامدار!
فتح هن جي فتح تنهنجي آهي بيشڪ، شهريار!
بعد پاڻن جي جٺن جنگ ۾، اڄايو شرمسار
شير محمد کي مونا ڏيو ز عزم ڪارزار (١)
سڀ ميڙي همراه ٿيو، رڻ تيغ ماريو پيد زنگ
پاڻ سؤن سان وفاداري ڪرڻ ناموس ننگ.

هوش محمد جي انهيء صلاح مير صوبدار تي اثر ڪونہ ڪيو. ان بعد هوش محمد ڪيس ڇڏي وڃي ميرپور جي مير شير محمد خان جي لشڪر ۾ شامل ٿيو.

جنگ هارائڻ بعد، وزير نواب احمد خان، ميرا نصيرخان کي سهڻي صلاح ڏني تہ درياء ٽپي الهنديء طرف نڪجي، جو

(١) مير شيرمحمدخان ميرپور جو حڪمران جيڪو جنگ جي تياري ڪري آيو هو.

ان پاسي وڏو لشڪرڳڏ ٿي سگهيو ٿي. ملير مان چارم مهرعلي جو سپاه، ڪوٽڙي ۽ ڪوهستان مان برفت ملڪن جو سپاه، سن مان ميدن جو سپاه، سيوهڻ مان نواب الهداد لغاري (تاجپوري) جو سپاه ۽ مٿي نواب چانڊيي جو سپاه موجود هو. افسوس جو ميرزا خسرو بيگ ۽ محمد يوسف خدمتگار ميرصاحب کي نواب احمد خان جي ڏنل انهيءَ صلاح تان موڙي ڇڏيو.

خان احمد خان چيو: لنگهه پار دريائون شها(۱)
مير مولائي، حسيني! تنهنجي واهر مصطفيٰ
مير سلامت شال هُئين تنهنجو سدا، پالڻ پلا
ڪوٽ ۾ ناهي روا توکي هلڻ ۾ مدعا
ڪوٽ ۾ سڀ تنهنجا دشمن، ڪوڙ تنهنجو خيرخواه
دوست ڪر همراهه پنهنجا، پاڻ سان حافظ الله!

همٿ پڌي علي بخش خدمتگار چيو: اي شهريار(۲)
تنهنجا خدمتگار آهيون، مير صاحب نامدار
مصلحت سوچاري احمد خان ڪئي، اي ڪامگار
۽ خزانو خرچ جو منهنجو ذمو، اي ذي وقار!
لک مرادون تو سان اي لڪپال غازي خسروا
ڪيم ٿي حيران هرگز، تنهنجو حامي مصطفيٰ.

ميرزا خسري چيو ڪر: اي مير صاحب دينندار
پار دريائون لنگهڻ ناهي روا، اي هوشيار
هل ته گڏجي سڀ هلون يڪبار عالم آشڪار

---

(۱) نواب احمدخان ولد نواب ولي محمد خان لغاري.
(۲) علي بخش خدمتگار، حيدرآباد شهر جو ڪوتوال هو. سندس پيءُ ميان فقيرو مير غلام علي خان وٽ برڪ هو. حيدرآباد ۾ "فقير جو پڙ" سندس نالي تي آهي.

پنهنجا مونس سڀ ڪريون معلوم دشمن دوستدار،
۽ خزانو خرچ زر اسباب شاهي سلسلا
۽ عيال اطفال ۽ ناموس سي تنهن کان سوا.

سؤٽ تنهنجا مير صاحب! سي سنڌ ۽ جاني جگر
يار يائر هڪڙي ھي ۽ جا پٽ ۽ پوٽا نامور
سي ڪڏهن هرگز نہ ٿيندا تنهنجا دشمن سربسر
تنهنجي غم کان بلڪ سڀ غمگين ٿيندا نوحہ گر
تون سندن ٻاڙو ٻرادر، هو ٻرادر تو سندا
تو ڪڏهن قيدي نہ ڪيا، سي توکي ڪئن قيدي ڪندا؟

هائي تون هل مير صاحب، ڪوٽ ڏي ياڻين پلا
مصلحت سؤٽن سان ڪر يڪبار حسب المدعا
جي اچي غمخوار ٿيا مونس ۽ جانب دلربا
ورنہ حق حافظ سدا، خالقِ خدا مالڪِ خدا
مير صاحب کي وٺي هي ۽ مصلحت غمخوار جي
پوءِ چڙي آڙهہ، چڙهي اٿ تي هليو هسوار ٿي.

مير صاحب سان رستم ۽ پيو هو شهداد خان
ڪاهي آيا ڪوٽ ۾ او نامور سورهيہ سجان
ڪونہ ڪو سؤٽن مؤن آيو، نوحہ گر ٿي وازدان
هاءِ ٿيا غمگين محزون، خاطر خستہ جان
هاءِ، ميرن ڪالہ ڪئي هرگز تلافي شاهہ جي
برجِ عقرب ڪوٽ جو ٿيو، هاءِ منزل ماه جي!

٤. مير شير محمد خان 'شير سنڌ' جون انگريزن سان جنگيون

١. 'دو-آبي' واري جنگ

مياڻي جي جنگ کان ڏيڍ مهينو پوءِ (٢٤ مارچ ١٨٤٣ع، جمعي ڏينهن) مياڻي وارو ٽڙيل پکڙيل لشڪر، مير صوبدار جي ماڻهن سان هوش محمد شيدي ۽ ڪي ٻيا، مير شيرمحمد خان جي جهنڊي هيٺ اچي گڏ ٿيا. مير شير محمد خان ميرپور کان لشڪر وٺي چڙهيو ۽ حيدرآباد شهر کان اٺ ميل ڪن اوڀر طرف ناريجن جي ڳوٺ وٽ اچي جنگ جا جهنڊا کوڙيائين. انگريزن جو لشڪر حيدرآباد مان آيو ۽ اچي سامهون ڪئمپ هنئي. جيئن ته ناريجن جو ڳوٺ 'ڦليلي جي دو-آبي' ۾ هو، انهي ڪري هيءَ "دو-آبي واري جنگ" هئي. 'دو-آبي' کي انگريزي ۾ غلط نموني سان "دبي واري جنگ" ڪري لکيو ويو. ٻئي نالي سان هيءَ 'ناريجن جي ڳوٺ' واري جنگ هئي. هن جنگ کي "حيدرآباد جي جنگ" يا 'ناريجن واري جنگ' به چون.

'مياڻي جي جنگ' وانگر هن جنگ ۾ به انگريزن جي فوج جي مقابلي ۾ مير شير محمد خان جو لشڪر ٿورو هو، پر هن 'شير سنڌ' پنهنجي لشڪر ۾ سنڌ تان سِر گهورڻ جو جذبو جاڳايو. مير شير محمد خان جو توبخانو ۽ ان سان گڏ گولي انداز تيار هئا. بندوقن ۽ ترارين سان گڏ توبخاني دشمن تي گولا وسايا ۽ آخرڪار سنڌ جي سورهين انگريزن جي فوج کي گهڻو پوئتي هٽائي ڇڏيو. پر حيدرآباد تي قبضي بعد نيپئر سان ڪيئي چغل ۽ جاسوس اچي مليا هئا. هاڻي

ليپڻر انهن کان ڪم ورتو ۽ مير شير محمد خان جي بارود خاني کي باهه ڏياري، جنهن تي گولهاندازن جو توبخاني وارو عملو بيڪار ٿي ويو.

مير شير محمد خان هاڻي يڪ وقت سڄي لشڪر سان حملي ڪرڻ جي رٿ رٿي، جو هاڻي يا ته مري ميدان ملهائڻو هو يا ته هن آخري ڀرپور حملي سان دشمن کي ماري مات ڪرڻو هو. سندس سپهه سالارن دوراندبشي ڪري چيو ته: اها رٿ قبول آهي پر انهيءَ شرط سان ته مير شير محمد خان پاڻ جنگ ۾ نه هجي ۽ سلامت رهي، جو دشمن سان اڳتي لاءِ مقابلي جي اڳواڻي ڪري. اهو انهيءَ ڪري جو ٻيا حڪمران قيد ٿي چڪا هئا ۽ باقي ٻيو ڪو به ڪونه آهي جو جنگ جاري رکي. اهو مڃائي، مير غلام علي خان ماڙڪاڻي، هوش محمد شيدي، احمد خان لغاري، مير غلام نبي خاناڻي، گوهر خان مري ۽ ڪن ٻين، مير صاحب کي سلامتي واري جاءِ تي پهچايو ۽ احمد خان لغاري کي به، مير شير محمد خان جي وزير ۽ صلاحڪار طور ساڻس گڏ رهڻ تي زور رکيائون. پوءِ سلام ڪري موڪلائي اچي هن آخري ۽ ڀرپور حملي جي اڳواڻي لاءِ بيٺا. هنن سورهيه سپهه سالارن سڄي لشڪر سان وڏي وڏا حملا ڪيا پر انگريزن جو توبخانو سلامت هو، جنهنڪري سڄي انگريزن جي فوج جي مرڪز تائين پهچي ان کي ڇڙوڇڙ ڪري نه سگهيا.

گهڻي عام سپاهه کان سواءِ جيڪي سورهيه ۽ سپهه سالار هن جنگ ۾ آخر دم تائين وڙهندي شهيد ٿيا، سي هي هئا: مير غلام علي خان ماڙڪاڻي ۽ سندس فرزند، مير علي خان ماڙڪاڻي، مير عبدالله خان ماڙڪاڻي، گوهر خان مري ڀيراڻي وارو، دائود خان ۽ ڪمال خان مري ننڊو آدم ۽ نواب خان ۽ قربان علي خان علياڻي لغاري، هوش محمد شيدي، جعفر خان ڏاهياڻي مري، فتح علي خان منڌيراڻي مري، مرزو خان بڙاڻي

مري، شاد مان خان کهري، مير بلوچ خان خاناڻي ٽالپور، ٻالاچ خان ۽ عنايت خان ترڪ، علي ٻڊاڻي، غلام محمد خان ۽ مير صاحب جي ذاتي خدمتگارن مان قيصر قنبراڻي ۽ ٻيا (۱).

مير شير محمد خان جي هن جنگ کي ۽ سنڌ جي سورهين جي سورهيائي کي ان وقت جي سگهڙن ۽ شاعرن ڳايو، جن مان ڪي بيت جي اڄان ويندي هن پوئين دور تائين ڪن سگهڙن کي ياد هئا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا: *

---

(۱) "شير سنڌ"، ڇپايل مير محمد بخش خان ٽالپور (ميرپورخاص، سن ۱۹۶۹ع) تان ورتل.

* اهي بيت سگهڙ الله بخش لاشاري (لڳ دڙو) ۽ فقير محمد هاشم مڱڻهار (لڳ اونڪر)، حاجي شير محمد نظاماڻي (ٽنڊو قيصر) ۽ ٻچو ڪور (ٽنڊو قيصر) کان ٻڌا ۽ قلمبند ڪيا ويا. انهن کان تورڙي ڪچهرين ۾ ڪن ٻين سگهڙن کان سنڌ وارن جي گلا ۽ انگريزن جي تعريف جا ڪي ٻه بيت ٻڌڻ ۾ نه آيا، جيڪي ڪن هندو پڙهيلن طرفان ڇپايا ويا.

انگريزن جڏهن دغا ۽ ڌوڪي سان سنڌ تي قبضو ڪيو تہ بيانن تي بيان ڪيئي، ڪتابن جا ڪتاب لکيئي، ڪانئن اڳ واري مُلڪي حڪومت کي هر لحاظ سان خراب ۽ سندن پنهنجي غاصبانہ قبضي ۽ ڏاري حڪومت کي هر طرح سان بهتر ۽ رعيت لاءِ نعمت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. حيدرآباد جا عامل ۽ منشي، جن کي انگريزن نوڪريون ڏنيون، تن سڀ کان اڳ، انگريزن کان اڳين دور جي احسانن کي وساريو ۽ ان دور خلاف ننڍا وڏا ڪتاب لکي انگريز آفيسرن کي خوش ڪيو. 'مياڻي' ۽ 'دو-آبي' جي جنگين بابت انگريزن جي طرف جي ساراهہ ۽ سنڌ جي طرف جي گِلا جا بيت نهرائي، لنڍڙن ڪتابڙن ذريعي ڇپايا ويا. گلا وارا اهڙا "انڌي مڱڻهار جا چيل بيت" يا "علي مڱڻهار جا چيل بيت"، انگريزن جي ڪن خيرخواه هندو آفيسرن جي اشاري تي حيدرآباد مان ڇپايا ويا. 'دو-آبي جي جنگ' بابت سنڌ جي سورهين جي تعريف ۽ انگريزن خلاف جيڪي بيت

مرد چڙهيو ميرپور مان کوري ڳالهه ڪٿهي (١)
بانڪا باشا شير سان، چڙهيا قول ڪٿهي (٢)
اچي ڪڙهن ڪيڏارو ڪيو، ناريجن لهي. (٣)

شير محمد شير هو، ڏاڍو ڏونگر مير (٤)
ايندي ئي انگريز جا ڏرڪ ماري ڪيئين ڏير.

هلندڙ هئا، تن جي اهميت کي گهٽائڻ خاطر انهن سان پيا بيت ملايا ويا، جيڪي نه فقط انگريز جرنيل جي تعريف ۽ سنڌ جي لشڪر ۽ سپه سالارن جي گلا جا هئا، پر انهن ۾ 'هندو سورمن' جي ساراهه جا بيت پڻ شامل ڪيا ويا. اهڙي قسم جا بيت "علي" جي جُڙتو نالي سان هڪ لکيل پڙهيل حيدرآبادي منشي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جا مير" (سوتي پريس، حيدرآباد، ١٩٣٨ع) ۾ شامل ڪري ڇپايا. انهن ۾ ٻهريون بيت انگريز جرنيل جي تعريف ۾ جوڙي شامل ڪيو ويو ته:

جرنيل جوڌو جوان هو ڪٿي منزل وڌائين
سٿي شيرمحمد مير جو وجهي توفون ڪنيائين
جنگ ناريجن شهر ۾ آئي ڏنائين.

هن بيت جي ٻولي ۽ سٽاء مان ظاهر آهي ته ڪنهن سگهڙ جو چيل ناهي ۽ ڪنهن اڌ پڙهيي ٺاهيو آهي. نه فقط ايترو پر انهن بيتن ۾ ملتان جي ديوان مولراج جو نالو پڻ آلدو ويو ته:

مولراج مهتي ڪين گهٽايو، ٻيئو مرد مڇي
جنگ اڙايائين ملتان سان تنهن جي ڪندوڪوله ڪڇي.

(١) جنگ واري وڏي ڳالهه من ۾ ڪري (٢) قول ڪيائون ۽ ٻول ٻڌائون ته مارينداسون ۽ نه مڙنداسون (٣) ڪُڙهن=بهادرن. ناريجن جي ڳوٺ وٽ اچي جنگ لاء ميدان ڪري بيٺا (٤) مير=جبل.

جوڻي جنگ فلنگيءَ سان سورهيه شير سچي
آيس بادل بحر جا مٿان رڪ رچي(۱)
جنگ ۾ سورهيه شير جي ڪندو ڪون ڪچي.

آحدي پٽ علي مراد جو سدا سوڀارو(۲)
هٿي ٿو هڪلون ڪري "مارو ڙي مارو"
اٿلائي انگريز جو وڏئين پورو پاسارو(۳)
رڳي هليو رت سان ڦليليءَ ڪپ سارو
جاسين جيئرو جڳ ۾ تاسين ڳوڙو ڳاهه ڪندو ڳارو(۴).

ديوان مولراج (۱۸۴۴-۱۸۴۹ع) ملتان جو والي هو جنهن سنڌ ڏينهن ۾ پنجاب مان سکن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو ۽ انگريز قابض ٿيا. انگريزن مولراج کي ملتان جو ناظم مقرر ڪيو، ليڪن انگريزن جو ساٿس نباهه نه ٿيو، تنهنڪري سردار ڪاهن سنگهه کي ملتان جو ناظم مقرر ڪيائون. ديوان مولراج انهيءَ فيصلي خلاف انگريزن سان جنگ ڪئي، پر آخرڪار پيش پيو. پوءِ ڪيس پن انگريز عملدارن جي قتل جي ڏوهه ۾ (جنوري ۱۸۴۹ع ۾) جنم ٽيپ ڏني وئي.

الهن جڙتو بيتن ۾ اصلوڪن بيتن تان نقل ڪندي ناهيو ويو. الهن ڪانءِ سواءِ سنڌ جي لشڪر جو ميدان ۾ وڏي سورهيائي سان وڙهڻ واري وصف کي گهٽائڻ خاطر آڳاٽو انگريزن جي اشاري تي گلا جا نهايت گندا بيت جوڙيا ويا ته سنڌ جي طرف وارا وڙهيائي ڪين. اهڙن بيتن جي اشاعت پڻ حيدرآباد جي منشين طرفان ٿي.

(۱) رڪ جا بادل رچي آيا=ترارين جا جهڙ لڳي ويا (۲) احدي=اڪيلو هزارن جو مٽ، وڏو بهادر (۳) انگريزن جي لشڪر جي هڪڙي پاسي جا ميدان مان پير اکوڙي ڇڏيائين (۴) جيستائين مير شير محمد جيئرو آهي ته انگريز سان جنگين جي ڳاهه ڳاهيندو.

هلي هوش محمد آئيو، ڪري قنبراڻي ڪاهه
ايندي آڙدن ۾ تنهن گهوٽ وڇايا گهاءِ
ڦلويان ڪڙو ڪيو شيدي پنهنجو ساهه،
سٺو لشڪر سان شيدي ماريو، ميار متس ناهه،
سوڀون هٿ صاحب جي جني ڏنيون الله
مرد سڙيا ڪينڪي، واهه، خانن جي واهه!

٢- ڪونئيري يا شهدادپور واري جنگ

مير شير محمد خان ٻيءَ جنگ لاءِ وري لشڪر گڏ ڪيو. وزير نواب احمد خان لغاري ۽ ٻيا، جن انگريزن کي ڌاريو ۽ دشمن ڪري ٿي سمجهيو، سي به اچي مير شير محمد خان سان مليا. جنگ جي حڪمت عملي لاءِ اها صلاح ٿي ته، جيڪو لشڪر موجود آهي ۽ ميرپور وارو باقي توبخانو ساڻ ڪري درياهه جي الهندين پاسي ٽپجي، جيڪو سڄو پاسو سلامت هو ۽ ڪئي طاقتور قبيلا موجود هئا، جن مان وڏو لشڪر تيار ڪري انگريزن تي زوردار حملو ڪجي. اها صلاح وزير نواب احمد خان ڏني، جنهن اڳ اها ساڳي صلاح مير محمد نصير خان کي ڏني هئي. حيدرآباد طرف انگريزن جو قبضو هو ۽ اتر طرفان سندن طرفدار مير علي مراد ڪوچ ڪري آيو هو. انهن ٻنهين جي وچان سڪرنڊ وٽان درياهه اڪرڻ جي رٿ ٿي. مير شير محمد جا قاصد سيوهڻ طرف ويا ۽ ٻين راڄن ڏي ويا. ڪن روايتن موجب سڪرنڊ طرف جي انڙ سردارن ۽ سن جي ساداتن طرفان اهڙا پيغام مير شير محمد کي پهتا هئا ته انهي رستي سان اچي ته، سندن مدد ساڻس ٿئي. جيئن انگريزن کي انهيءَ نئين جنگي رٿا جو پتو پيو، سو مير شير محمد خان ميرپور کان اوڀر طرف ڪوچ ڪيو جو چڻ سنڌ ڇڏي ٿو وڃي. پوءِ ورڪ ورڻ ڪري سانگهڙ ۽ اپپور (لڳ جهول) کان شاهپور

(شاهپور چاڪر) پهتو. انهيءَ عرصي ۾ شهدادپور کان سانگهڙ تائين لغارين جي راڄن مان گهڻا مڙس اچي مير شير محمد سان شامل ٿيا. هيڏانهن انگريزن پنهنجن جاسوسن ذريعي مير شير محمد خان جي گس پنڌ ۽ رٿن ارادن تي چوڪسي رکي. جڏهن سنڌ جو لشڪر شاهپور پهچڻ وارو هو ته انگريزن کي چاڻ مليو ۽ ٽيهر گهوڙي سوار فوج شهدادپور موڪلي ڏني ته اها مخفي طرح اڳ جهلي رستو روڪي حملو ڪري. سنڌ جو لشڪر شاهپور کان ڪوچ ڪري "ڪونهيري" واري پٽ يا پوٺي* مان لنگهي رهيو هو جو انگريزن جي گهوڙي سوار رسالي کي مينهن ۽ رڻ نظر آئي ۽ هنن آڙ جهلي اوچتو حملو ڪيو(۱). ٿوري وقت لاءِ، مگر گهمسان جي جنگ لڳي، جنهن ۾ مير شير محمد جي پيدل سپاهه جا ڪجهه ماڻهو شهيد ٿيا. بالاخر پڻ لشڪر پوٺي هنيا.

٣- ايپور وارو مقابلو

انگريزن جي گهوڙي سوارن، مير شير محمد خان جي لشڪر جو رخ معلوم ڪري پوٺي شهدادپور رخ رکيو ته وڏيڪ فوج سوڪلڻ لاءِ حيدرآباد چاڻ ڏين. مير شيرمحمد خان ۽ سنڌ سائين جڏهن ڏٺو ته انگريزن ڪسي سنڌس ڪس ۽ رخ جو پتو پئجي ويو آهي، تڏهن پوٺي موٽي سانگهڙ کان ٿيءَ نارو ٽپي 'راولي بند' يا 'راورو' وٺي مير علي مراد

* ڪونهيري وارو پٽ يا پوٺو=موجوده شهدادپور تعلقي جي ديهه موٺاچورا، ديهه يارو ڏاهري ۽ ديهه گپچائي (جي ڀاڱي) واري ايراضي.

(۱) ڪن مقامي روايتن موجب انگريز جو اٿالو 'سمير واري ڍوري' ۾ لڪل هو ۽ ڪن جي چوڻ موجب هو 'د'ڪاڪ جي دڙن' پويان هئا. خاطري سان فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته هنن کي جاسوسي اطلاع مليل هئا ۽ هو اڳوات اڙ ڪري ويٺا هئا.

جي قبضي ۽ اثر واري علائقي کان مٽان ميرپور ماٿيلي وٽان وڃي درياه ٽپي، انهيءَ رت سان لشڪر پوئتي موٽيو. هوڏانهن نيپئر کي حيدرآباد ۾ خبر پهتي، تنهن وڏي فوج موڪلڻ جو انتظام ڪيو ۽ ان سان گڏ شهدادپور واري گهوڙي سوار فوج کي مير شير محمد خان ۽ سنڌ جي لشڪر جي پٺيان ڀوڻ جو حڪم ڏنو. سنڌ جي لشڪر موٽ تي اپور (موجوده شهر جهول کان چار ميل کن اولهه طرف) ۾ رات جو منزل ڪئي(١). صبوح جو سنڌي ڪوچ ڪرڻ تي هئا جو انگريزن جي گهوڙي سوار فوج اچي پهتي. هن مقابلي ۾ انگريزن جا چار پنج گهوڙي سوار مارجي ويا ۽ مير شير محمد خان جي طرفان فقط ٻه گهوڙي سوار (دريا خان لغاري ۽ غلام حسين لغاري) مئا(٢). انگريزن جي فوج کي وڌيڪ همت نه ٿي جو سنڌ جي لشڪر سان جنگ جاري رکن.

٤- مير شير محمد خان جو گهوٽڪي جي قلعي تي حملو

مياں محمد خان ولد رستم خان احمداڻي لغاري (مولوي عبدالله جو ڏاڏو) مير شير محمد خان جو گولهانداز هو. اپور وٽ انگريزن سان جنگ ۾ ٻيهر شڪست بعد ميرصاحب وارا جهول طرف روانا ٿيا، پر انگريزن سندن پيڇو نه ڇڏيو. آڏو ناري جي آتل سبيان هميشه پاڻي هوندو هو. مقامي ماڻهن کي اتي جي زمين جي نشيب و فراز معلوم هئي ۽

(١) 'اپور' سنجهوري تعلقي ۾ موجوده شهر جهول کان ٻه-چار ميل اوپر طرف (شهدادپور-جهول واري) پڪي رستي تي آهي. ان وقت جو پراڻو ڳوٺ موجوده ڳوٺ کان ڪجهه پري هو، جنهن جي پٽين جا ڪي ڪنڊر اجا تائين رستي لڳ اتر طرفان موجود آهن.

(٢) دريا خان لغاري ۽ غلام حسين لغاري، جيڪي لغارين جي انهيءَ دستي جا سوار هئا، جيڪو جعفرخان لغاري طرفان، مير شيرمحمد خان جي لشڪر ۾ شامل ٿيو هو.

ٺهڪري گهوڙا ڀاڄي ڀڳا هنيائون ۽ انگريزن جو لشڪر ڀوڳيان ايهي رهيو. مير شير محمد وارا سانگهڙ آيا يعني "سانگڙو" اهو "ناري" جو سانگ هو، جنهن جا نيشان سانگهڙ جي اڀرندي طرف موجود آهن. سائن چار پنج ٽوپون هيون. ٻن ٻن خچرن تي هڪ هڪ توب رکي کڻي آيا هئا. بارود سائن هو. پوءِ انهيءَ سانگ سان چوٽيارين ۾ ويا، اتان وري "راولو بند" ورتائون (يعني ناري جي ڀريان پٽن ۽ ريتي واري مٿين زمين، "رائي وارو بند"). ملتان وارا فقير ٻه اکي راولي واري بند سان ويندا هئا، جو سڌو ميرپور ماٿيلي ويندو هو. مير شير محمد خان وارن داد لغاري جي ڳوٺ ۽ "چانڊن" (جيڪا داد لغاري کان هڪ ميل اوڀر طرف آهي. اصل چانڊو جو ڇنو جيڪو لغارين ٺاهيو هو ۽ سڀ بلوچ اتي اچي گڏ ٿيندا هئا. ان بعد اتي ڳوٺ ٿي ويو جو اڃا تائين موجود آهي) جي وچ تي اچي طنبو هنيا. سيني بلوچن کي سڏيائون ۽ لغاري، خشڪ، ڀتافي، گذائي ويندي مسو واهه ۽ ڏهر واهه جا بلوچ به آيا (اهي واهه ميرن انهيءَ لاءِ کوٽايا هئا ته مارواڙي ڌورن جو رستو بند ٿئي ۽ ماڻهو به واهين ته آبادي به ٿئي. ماڻهن کي چيائون ته جيڪو جيترو واهه کوٽيندو اوتري زمين انهي جي. پوءِ بلوچن توڙي ٻين واهه جا حصا کوٽيا ۽ مارواڙي ڌورو بند ٿي ويا). بلوچن، کهڙا، ڪڻون، جانور ۽ آنڙا وغيره ميرصاحب جي مهماني لاءِ آندا. انگريزن گهوٽڪي جي قلعي بندي ڪري ڇڏي هئي. مير علي مراد خيرپور واري جو انگريزن سان تعاون هو، جو اهو علائقو کيس ڏيڻو ڪيو هئائون (ٻر پوءِ ڪونه ڏنائون)، ٻن پٺاڻن جو لشڪر انگريزن کيس حفاظت لاءِ ڏنو هو. ست سئو لشڪر گهوٽڪي ۾ هو. انگريزن جو خيال هو ته مير شير محمد جيسلمير يا بهاولپور ڏانهن وڃي. مير شير محمد گهوٽڪي جي قلعي تي حملو ڪيو. صبح کان شام تائين مير

جون تو بون هليون. آڏو هنن وٽ به توبون هيون (اول مير صاحب هنن کي چيو ته قلعو ڇڏي وڃو ۽ هر هنن چيو ته جنگ ڪنداسين). آخر ٻن پهرن بعد هنن آڻ مڃي. فيصلو ٿيو ته ٻيا هٿيار ڇڏي ٻه ٻه ماڻهو هڪ گهوڙي تي سوار ٿي فقط تيرڪمان کڻي نڪري وڃن. ٻئي ڏينهن صبح جو انهيءَ طرح لشڪر نڪري ويو ۽ خوشيون ٿيون. مائي صاحبه چيو ته: جهول ڪان ميرپور ماٿيلي تائين ويندي اسان تي هڪ اهڙو به وقت آيو جو فقط هڪ لپ اٽي جي ورهاست ۾ ملي؛ آن سان لپ ڇيڪي مٺي جي ملائي ٻچائي ڪاڍيسون.*

٥. مير شير محمد جو شڪارپور تي قبضي جو ارادو

هاڻي مير شير محمد شڪارپور تي حملي جي رٿ ڪئي؛ خيال هو ته ٻيڙين ذريعي درياءَ اڪري فوج شڪارپور تي حملو ڪندي. پر انهيءَ رات سنڌ جي طرف جا ڪي ماڻهو آيا، جن سان رات جو ڪي ڳالهيون ٿيون. هنن مير شير محمد کي ٻڌايو ته مير علي مراد کي انگريزن اطلاع ڏنو آهي ۽ هو لشڪر وٺي چڙهيو آهي. ٻئي طرف شڪارپور ۾ انگريزن جو بندوبست آهي ۽ شايد حملو ڪامياب نه ٿئي. انهيءَ ڳالهه جو اثر اهو ٿيو جو مير شيرمحمد کي شڪارپور تي

* هي بيان مرحوم مولوي عبدالله لغاري ولد نهال خان لغاري ولد محمد خان لغاري جي زباني سنه ١٩٥٦ع ڌاري قلمبند ڪيو ويو. هن هي سڀ احوال پنهنجي والده مائي بصري کان ٻڌو، جيڪا پنهنجي گهر واري نهال خان ۽ سهري محمد خان سميت مير شيرمحمد خان سان آچپور واري جنگ کان وٺي 'سماتري' تائين گڏ هئي. مائي صاحبه سنه ١٩٤٢ع ڌاري (جڏهن حر تحريڪ ۾ سنڌ جو گورنر سر ڊو موڪل تي وڃي) ١٢٤ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. مولوي عبدالله کان اها سربستي ڳالهه گورنر ڊو ۽ لئمبرڪ عمرڪوٽ ۾ قلمبند ڪئي ۽ سندس آخري حياتي واري دور ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ اسان کي ٻڌائي.

قبضي ڪرڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ رات ئي رات درياءَ ٽپي مزاري علائقي ۾ هليو ويو. سائس فقط هڪ ٻيڙي جيترا ماڻهو هئا.

پويان جلد ئي مير علي مراد جو لشڪر اچي پهتو. مير علي مراد چيو ته جن به بلوچن مير شير محمد سان مدد ڪئي آهي، تن کي قتل ڪيو وڃي. انهيءَ تي سڄي علائقي جا بلوچ لڏا ڪري جيسلمير طرف روانا ٿيا. ساندارا ٻانئي جا ڪين سان هئا. سماتيري ديهه (جا نئون لڪ ايڪڙ مير پور ماٿيلي ۽ جيسلمير جي وچ تي) ۾ ٿي هئا ته، ٻانئي ڪپي ويو. موت اکين سان پئي ڏٺائون. اوچتو صبح جو ڏکڻ طرف جهڙ ٿيو، مينهن پيو ۽ تلاءِ ڀرجي وياءِ اچا اتي ئي منزل هئي ته، انگريزن طرفان ماڻهو اچو جهنڊو کڻي 'خير خير' ڪندا اچي پهتا ۽ چيائون ته، موٽي هلو، اوهان کي ڪوبه هٿ نه لائيندو. بلوچن چيو ته، اهو علائقو انگريزن علي مراد کي ڏنو آهي، ڪهڙو اعتبار؟ شرط اهو ته مسو واهه ۽ ڌهر واهه وارو بلوچي علائقو انگريز پنهنجي هٿ هيٺ رکن ته موٽي هلون. اهو شرط قبول ٿيو. ان بعد روهڙي ڊويزن وارو سڄو علائقو انگريزن مير علي مراد کان کسي ڇڏيو. جڏهن بلوچ موٽي آيا ته خبر ملي ته، مير شير محمد خان اديرو غازي خان فتح ڪيو آهي، جنهن تي ميان محمد خان لغاري سڀ بلوچ وٺي ديري غازي خان ويو. مگر اها ڳالهه ڪوڙي هئي. پوءِ اتي ئي رهي پيا، جو چارلس نيپئر جو خط آيو ته اوهين موٽي اچو. اوهان جي جاگير قائم آهي. محمد خان پنهنجي سڏايو ته، ڪهڙي صلاح آهي؟ چيائون ته، مصلحت انهيءَ ۾ آهي ته موٽي هلجي. آخر هاڻي هو سنڌ جو حڪمران آهي. انهيءَ تي محمد خان خط ڦاڙي باهه ۾ وڌو ۽ چيائين ته: "سنڌ فتح ڪري آهي".

۵. راڻپور جي سوڍن جون انگريز ٽروٽ سان جنگيون

انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪان پوءِ ٽروٽ (Captain Trywhitt) ٿرپارڪر جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. ٿرپارڪر مان اچا راڻپور جي سوڍن راڻن ۽ کوسن بلوچن انگريزن جي آڻ ڪانه مڃي هئي. ان وقت راڻپور جي پونجاڻي سوڍن مان ڪرڻجي ۽ اڊيسنگ انگريزن جي مقرر ڪيل ڪامورن جا حڪم رد ڪري پنهنجي علائقي ۾ پنهنجا حڪم جاري ڪيا ۽ پاڻ وصوليون پڻ ڪيائون. کوسن ۾ ماڳيو ڪم ڪيو، جنهن تي ٻيا زميندار ۽ ستيا ۽ انگريزن جي احڪامن ڪان انڪاري ٿي ويا.

تڏهن ٽروٽ، ڏيئوملن کي هدايتون ۽ اختيار ڏيئي ڪاردار (مختيارڪار) ڪري موڪليو، جنهن اچڻ سان پاهه پاري ڏني. ڪرڻجي سوڍي پنهنجي يار پاراٽي کوسي(۱) کي خبر ڏني جيڪو ڪاردار جي مقابلي لاءِ تيار ٿيو، جنهن کي ڏيئومل حرفت سان پڪڙائي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. هڪڙي ڪولهن ڪرڻجي ٺڪر وٽ دانهون ڪندي آئي ته، تنهنجي راڄ تي ڏيئومل اچي ڏاڍائي ڪئي آهي ۽ تنهنجو لشڪر به قيد ڪري ڇڏيو اٿس. اتي ڪرڻجي اٿيو. هوءِ غريب ڪولهين، رٻارين ۽ سامين سميت سڀني قومن کي گڏ ڪري انگريزن جي ٿاڻن ۽ آفيسن تي حملو ڪيائين. اتي ڏيئومل، ٽروٽ کي لکي موڪليو ته، مون ڪان معاملو زور ٿي ويو آهي. پوءِ ٽروٽ گهڻا سيٺ زميندار

(۱) پاراٽي کوسن جو ڳوٺ ننگرپارڪر کان ۱۵ ڪوهه اتر اوڀر طرف آهي.

سڏائي انهن کان مدد ورتي ۽ سرڪاري سپاه وٺي وڏي اٽالي سان ڀيٽو ۽ سوڍن جي لشڪر مقابلو ڪيو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ بندوق بازي ٿي، آخرڪار ڪرڻجي ۽ سنڌ مان ساٿي ڀاڄ کائي، پوڍيسر ۽ ڪارونجهر کان ٿي ڪچ طرف هليا ويا.

هي ٻيو مقابلو هو، جنهن کي شاعر تاجي دل ڳايو*.

سـاراهـيـان سـچـو ڌڻـي ۽ سـاراهـيـان سـتـار
واگهن ويرا واه تـي ڪـيـو سـوڙائـيـن مدار(١)
اڙينگـ آڏ ڀسنـگ هـو، ڪـرڻـجـي ڪنڌار(٢)

پوٽ سنگـ پڙجوان هـو، سـائـو تـيـغ سچار
سڙڙي تن ميواسين جو پئي مانجهين ڪاڏو مال(٣)

سياڻون ڪاڻ ساڻڙ چئي، ڪنهن حاڪم جي هلڪار
شـرا تـورو ڀنهنجو، تـي نـجـيـريـائـون نـروار
پيٽ پـريـا ڀرڏانن جـا، تـيـا زورون زميندار(٤)

تروٽ مڪو هو تاڻ منجهان ڪري مهتو مختيار ڪار(٥)
ڏيـئـومـل ڏيـهـه ۾، اچـي ڏاڍو وڏو ڌڪار

ڪرڻجي ڪـاردار سـان، تـوڏيـو منجهه تڪرار
وچ پـاراٺـي پـرم سـان، هـاڙهـي هاسيڪار(٦)

---

* هي روايت ١٩٦٤ع ڌاري ڪڇهري پنگريو (تعلقو ننڊو باگو) ۾ صوبيدار ستيڏاڻ سوڍي جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.

(١) سوڙائي = واگهن جو ڀاڙو. (٢) ڪرڻجي = ڪرڻ سنگهه. (٣) ميواسين جو يعني واڻين ۽ ڪولهين جو مال پئي هنيائون (٤) ڀرڏان = راڻن جا وزير ۽ سڪ. (٥) مهتو = ڏيئومل. (٦) ڌڪر ڀنهنجي يار پاراٺي کوسي کي چيو.

ڪولهڻ آئي ڪوڪندي، جنهن جي دانهن ٻڌي دربار(۱)
ته هيڪڙ تنهنجو ڪرڻجي، سوکهو ڪيو سرڪار
هاڻي وڃي ڏجان ڏيهه ۾، منهنجي ڀڙي جي ڀڪار
ٻوءِ ڪوڙي، ناري، رانڪ ربابي، سامي سڙا،
درزي ڊُرڙا، ڪاوڙيا(۲) ڪنڀار
هيڪا ڀيل پالوڙن سان، پيا لٺين ساڻ لوهار(۳)
ڪاهيو اچن ڪنهن تي، ڪندا مار وسار
ڀروانو تي ڀڄيو، تاء منجهان تڪڙار(۴)
پڙهي ڀروڙي ڀروانو اچي ڪاوڙيو ڦهار(۵)
هڪدم آڻايائين امرائن کي، سڏايائين صوبيدار
فوجون آيون فلنگي جون، جن جو انت نه پار
هن جون دم ڀرينديون ديرنه ڪن، هنکي بلڪ لنگهيو وڃن ٻهار(۶)
سيسيڪانين سٽ ڪئي لاتي، لسون لارولار(۷)
برج لوٽين تي با هيون ڪيون، سي هيون ڪاروڻجهر ڪنار(۸)
پوڏيسر جي پر ۾ هئي، لاهورين جي للڪار(۹)
جا مڪيون تن جوانن جون، هيون چولي منجهه چوڏار(۱۰)
جوڏي وڏي جنگ جي، ڪلنگي منجهه ڪپار

---

(۱) ڪولهڻ اچي چيو ته تنهنجي راڄ تي ڏيئومل اچي ڏاڍائي ڪئي آهي (۲) ڪوڙي = ڪولهي، رانڪ = غريب (۳) پالوڙا = پالا (۴) ڀڄيو = سوڪليو، تڪڙار = تڪڙو (۵) ڏيئومل تروٽ کي لکي سوڪليو ته معاملو مون کان زور آهي. تروٽ اهو ڏيئومل وارو لکيو پڙهي اچي ڪاوڙيو. (۶) انگريزن واريون بندوقون يڪدم تيار، پر هنن جون منهان پرڻ واريون بندوقون دير ڪن. (۷) سيسيڪانيون (ششڪانيون)، لس ۽ لاري، سنڌ جي بندوقن جا قسم (۸) برڄ لوٽي = برج لوڊ بندوقون انگريزن جون (۹) لاهوري = بندوق جو قسم. (۱۰) جامڪي = بندوق جو قسم. چولي = بندوق جو پوش.

ميرپور ۾ مردن جي هٿي پڙسن جي پچار(۱)
'تاجا' کو ترس ٿيو ته، وري ڪر ويچار
اکيان چنڊ اڪتي، هاڻي ڏي هوين جا ٻار.

هي جنگ پوڙيسر جي ٻيرو ۾ لڳي. انگريزن جو لشڪر ڪارونجهر جبل واري پاسي کان هو ۽ سوڍن جو لشڪر هيٺ پوڙيسر واري طرف کان هو.

راٺوڙجي راڻن جي تروٽ انگريز سان ٿي جنگ*

انگريزن جي سنڌ تي قبضي بعد، ٿرپارڪر سان راٺوڙ جي راڻن (آڪاسوڊا، ڀُونڇاڻي ٿِسڪ سان) ڪلجي ۽ لاڌي انگريزن خلاف جنگ جوٽي. ان تي ٽروٽ جيڪو ٿرپارڪر جو ڊيپوٽي ڪمشنر هو، سو حيدرآباد سان چڙهيو. هن عمرڪوٽ سان راٺوڙ ۽ ٻيا زميندار پاڻ سان ڪنيا ۽ اسلام ڪوٽ جي تر سان جان محمد خان نون، جاني لنجو (سخي)، مانجهي مهراڻ پوٽو، ملوڪ لنجو، ٻاٽري جو ٺڪر اکيراج، رحم علي وسائي پوٽو، عباس ٿيٻو ۽ ٻيا پاڻ سان ڪري ٿرپارڪر ويو. پوڙيسر وارا آڪا ٺڪر، جي راٺوڙ وارن جا سٺوٽ هئا، سي به تروٽ سان شامل ٿيا، جن هلي راٺوڙ وارن جا گهٽ گهيڙ ڏيکاريا. ان وقت ٿرپارڪر ۾ مختيارڪاري هئي.

ڪلنجي ۽ لاڌو ٻئي ڀائر هئا. ڪلجي تروٽ جو مقابلو ڪيو. لاڌي جو پٽ آڏيسنگ (ڪلجي جو ڀائٽيو) سو جوڌپور ۾ هو جتي سندس پيءُ پرٽيل هئي. ڪلجي وڏو بهادر هو،

(۱) سيرپور ۾ به هن جنگ جون ڳالهيون هليون.

* هيءَ روايت سگهڙ ساهڙ پٽ سارو ٿيبي جي زباني (۱۹سئي ۱۹۶۱ع) ۽ ان بعد ۱۹۶۴ع ۾ صوبيدار سٽيڏاڻ سوڍي جي زباني پنگريي واري ڪڇهري ۾ قلمبند ڪئي وئي.

تنهن ڪارونجهر سان قول ڪيا هئا ته: توکي رت سان رڱينداسون: مرنداسون پر توکي نه ڇڏينداسون. انهيءَ ڪري ٻهاڪو مشهور ٿيو ته:

"ڪارونجهر ري ڪوڙ، مريئين ته ٻه، ميڙلهئين نهين"
[ڪارونجهر جي وٽ مرنداسون ته ٻه نه ڇڏينداسون]

جنگ ۾ ڪلجي زخمي ٿي پيو، تڏهن ڪارونجهر کي رت جا ڇنڊا هڻي قول پاريائين. نيٺ ڪلجي مارجي ويو ۽ سندس پٽ لاڏو قيد ٿي پيو. آڏيسنگ ان وقت گجرات ۾ هو. سندس پٺيان اهو واقعو ٻڌي ڪيس ٻانهيءَ جي هٿان ڪڇهري ۾ وڃڻ چوائي موڪليو ته: "ٻڌهن جيل ۾ پيو آهي، تون وڃڻو آفيم ڳاڙين." اهو مهڻو ٻڌي آڏيسنگ اتان چڙهيو.

هيڏانهن تروٽ جي فتح ٿي ۽ جيڪي سانس گڏ آيا هئا سي ٻه موڪلائي ويا. گورا پلٽڻ رواني ٿي ۽ "موڪٽي" ڏاري اڇي ٻهتي. تروٽ صبح جو چڙهڻو هو ۽ پنهنجي ذاتي اثالي سان اجان ننگرپارڪر ۾ هيو ته آڏيسنگ مٿان اچي ڪڙڪيو. سپاهي ۽ پهريدار مارياڻين ۽ آخر اچي تروٽ واري طنبو جون قناتون ڪپيائين. تروٽ جان بچائڻ لاءِ وٺي ڀڳو. اتي ڪنهن صلاح ڏنس ته: پاڻ بچائڻو اٿئي ته وڃي ميگهواڙن جي اڏوڙن ۾ لڪ جو انهي پاسي ڪين ايندا. سو هڪڙي ميگهواڙ جي گهر ۾ وڃي لڪو (جنهن کي پوءِ پنجين رهڻين جي معافي ملي ۽ چوڙي جي قيمت ڪانئس ڪين ٻه نه وٺندو هو. ان جي پوين مان 'واگهو' ميگهواڙ هو جيڪو ١٩٣٨ع ۾ جيئرو هو.) ان کان پوءِ آڏيسنگ جيل وڃي ڀڳو جتان تيرهن ڇڙا ٻيا ڪڍيائين، جن جون هٿڪڙيون ڀڳائين. هڪ ڪولهي جي هٿڪڙي نه ڀڳي، جنهن چيس ته مون کي ماريو وڃ ۽ جيئرو ڇو ٿو ڇڏيو وڃين؟ آڏيسنگ ۽ سندس ساٿي فتح ڪري وڃي ڪنهن مندر ۾ ديويءَ جي پوڄا ۾ ويٺا.

هوڏانهن تروٽ جان بچائي ماڻهو بچايا، جن وچي پلٽڻ ڪي ”موڪٽي“ مان واريو. پوءِ جنگ لڳي جنهن ۾ آڏيسنگ گرفتار ٿيو. تروٽ چيو ته بندوق نه هٿجوس، جيڙو جهلجوس. جڏهن ڪيس هٿڪڙيون ٿي هنيائون، تڏهن چيائين ته: آءٌ راجپوت آهيان، پڇندس ڪونه. انهيءَ تي هٿڪڙي ڪانه هنيائونس ۽ اٺ تي چڙهيو آيو. پوءِ آڻي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ نظربند ڪيائونس، جتي گذاريائين. ٺڪرن ۽ انگريزن جي انهيءَ جنگ تي شاعر تاجي ڏل، ويڙهل اسلامڪوٽ ڪان ڪوهه الهندي ”پورڪي“ جو، تنهن بيت چيو.

سارهه ڪر ڪنهن سورهيه جي رڪ مردن تي ميار
دل تي چڙهي ويا ”ڏل“ ڪي، ڪي هونجائين جا پار (۱)
وانڪا ويرا واهه، تي هٿا سائو سلحدار (۲)
پوڏيسر جي پر ۾ هٿا مانجهي مل متار
ڪارونجهر جي ڪور ۾ هٿا هندن لک هزار
’ڪلجي‘ جهڙو ڪنهن نه ڪيو، تروٽ سان تڪرار
لاٿڪ پٽ ”لاڏي“ جو، هو ڪپهر ڪوند ڪنڌار (۳)
چوڪس ’چوڙيو‘ ’ڀهراڻو‘ ٿيو ننگر تي نروار (۴)
راوت ”راڻي واڙي“ مان، ڪهنڊ چڙهيو ڪينوار (۵)
پيل سڏي ٻيڙا ڪري، پڏئين ڪولهين جي ٻه قطار
ڏيئي ٽڪ ٺڪورپڻ جي، تند وڍيائين تار (۶)
وسايائين وڏ ڦڙو، سنجهان تيڪ تُرار
هٿ سپ ستا هٿا نند ۾ تن ستن کهڙي سار (۷)

(۱) هونجائي=ٺڪرن جو پاڙو (۲) وانڪا=بانڪا، سورهيه (۳) لاڏو تنهن جو پٽ آڏيسنگ (۴) چوڙيو ۽ ڀهراڻو ٻئي ڳوٺ (لوڻي جنڪشن ڏان اوڏاهين ريل اوڇي ٿي) جتي سنڌس پيڻ پرڻايل هئي. چوڪس=سڄو (۵) ڀهريائين اڇي ننگر لڳ پنهنجي ڳوٺ راڻپور ۾ پهتو، اتان وري چڙهيو ۽ اچي ننگر ۾ حملو ڪيائين. (۶) ننگر کان ڏيسا تائين ٽيليفون جي تار ڪپيائين. (۷) تروٽ جي فوج وارا جن ڪلجي کي گرفتار ڪيو هو، ۽ آرام ۾ هئا.

در ڀڳائين، دَل ڇڄي، ڏيئي لت لغار
ٽُرم ڀڳائين، ٽاجو ڇڄي، هٿن سان هيڪار
ٻاندين جو ٻند موڪ ٿيو، ڪلڀائين قيدين جي قطار
ڀيڻو ٻاپ ڪڍي ويو، ثابت سان سرڪار
رَکيائين ٽيڪ طنبو تي، ڏسو آرڏي جو اختيار
تڏ "ٽروٽ" سو گهر تڪيو، جو موچين جو مهندار
اڏيسنگ آجاريا، ٻارڪر چارئي ٻار
ڪتلجيءَ ڪارونجهر تي، ڪٿيا رنگ خرار (١)
سوڍي سپ چمار، متئي پتوَ سُرها ڪيا (٢)

لاڏڻ پٽ حاجي فقير (ويڙل ڪارڙي) ڏاڏي مڱڻهار، اڏيسنگ جي جنگ تي هيٺيون ڇند چيو.*

ٿيين ڪهڙي نارائڻ تڻا، جوراور سين جنگ
اڏمل سوڍا آپ نهي راءِ شوڀا ڏي رنگ

يعني: اي نارائڻ جا پٽ! تو زوراور سان جنگ ڪئي، تنهنڪري اي پيارا اڏيسنگ (لاڏ جو نالو)! توکي سپيٺي راءِ ۽ صوڀا رنگ ڏين ٿا، يعني آفرين چون ٿا.

---

(١) ڪٿيا رنگ خرار= گهڻيون شاباسون ڪٿيائين.
(٢) سائن= بهادرن. پتوَ= جنگ.
* هيءَ روايت سروهي مڱڻهار جي زباني سنه ١٩٦٠ع ۾ قلمبند ڪئي وئي.

٦. شادي خان کوسي جون انگريزن سان جنگيون

ٽالپور اميرن پنهنجي حڪومت واري دور ۾ سنڌ جي سرحد تي مختلف قومن ۽ قبيلن کي وهاريو ۽ وسايو، يا جيڪي اڳ ويٺل هئا تن جي پٺڀرائي ڪئي، ته جيئن سرحدن کي سنڀالين. انهيءَ حڪمت عملي سان راڄ طاقتور ٿيا ۽ سنڌ جي حڪومت جو موجوده بدين ۽ ٿرپارڪر ضلعن کان ڏکڻ طرف توڙي ٿرپارڪر ضلعي کان اولهه طرف سنڌ جي طاقت وڌي. انگريزن پوءِ اهي سنڌ جون سرحدي اراضيون ڇني، پر وارين رياستن کي ڏيئي ڇڏيون. ننگرپارڪر تعلقي جي ڏکڻ آپرندي ۽ ڇاڇري تعلقي جي اڀرندي طرف سنڌ جي سرحد اڳتي هئي، انهن سرحدن تي ڪوسا، چانڊيا، سوڍا ۽ سميجا راڄ سنڌ طرفان طاقتور هئا. اڀرندي ڏانهن جوڌپور واري سرحد تي خاص طرح لڱڏائي، گهمٽائي، ٻليلائي ڪوسا سنڌ جي فوجي طاقت جو اهم حصو هئا. ڇوڻ جبل ۽ ان جي ڀسڪردائي وارو سچو سلڪ (بعد ۾ تعلقو ٻاهڙ ميرو، رياست جيسلمير) سنڌ سنڀال هيٺ هو. ان جون حدون هي هيون: ”ٻنڌي ٻاٿري“ کان وٺي ڏکڻ-اوڀر رامسر جي ڏونگري تائين، رامسر جي ڏونگري کان ڏکڻ-اوڀر طرف ڇوڻ جبل تائين، ۽ ڇوڻ جي جبل کان اوڀر طرف ”ڏوري منڌو جبل“ تائين. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، ته ننگرپارڪر طرف راڻپور جي راڻن ۽ اوڀر طرف ڇوڻ ڏانهن ڪوسن جي طاقت ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروايون ڪيائون.

ڇوڻ واري پاسي ڪوسو شادي خان سنڌ جو سچو ۽ سورهيه مڙس هو. عزت خان جو پٽ ۽ ڪوسن جي گهمٽائي پاڙي مان هو. هن مڙس انگريزن جي پلٽڻ سان مقابلا ڪيا،

۽ انهن کي ماري ڦٽي ڇڏيو. ان وقت 'سوڀاري' (تعلقو مٺي، ضلعو ٿرپارڪر) جي درويش سيد جهنڊ ولي شاهه (پٽ فخرالدين شاهه) جي زبان مان شادي خان لاءِ دعا جا هي لفظ نڪتا جيڪي مشهور ٿي ويا.

سنڌ ۾ شادي هند ۾ شادي
ٿرين شادي برين شادي بحرين شادي
هن ڙي شادي هن

آخرڪار انگريزن جسلمير ۽ جوڌپور سان عهدناما ڪيا ته هو شادي خان جي ڪابه مدد نه ڪندا. خود شادي خان ڏانهن معتبر ماڻهو موڪليائون ۽ کيس لالچايئون ته هو هٿيار ڇڏي ته کيس ڇهوڻن، ننگر يا ڇاڇري ۾ جتي چئي اتي جاگير ڏني ويندي. جواب ۾ چيائين ته منهنجي پٽ تي جيڪي ترارن جا ڌڪ لڳل آهن، سي اوهان انگريزن جي برخلاف ئي لڳل آهن. انگريزن وري ماڻهو موڪليس ته ترار ڇڏ! شادي خان وري به اهوئي جواب ڏنو ته: ترار سر سان آهي ۽ سر سلامت آهي ته ترار نه ڇڏيندس. پوءِ فرنگي جوڌن سؤ لشڪر ساڻ ڪري اچي مٺڙڪ کي گهيرو ڪيو. شادي خان کي چيائون ته! "هاٿي جو ٽي چوڙي آهه" (يعني سر اگهاڙو ڪري اچي آڻ مڃ ۽ پيش پئو)، پر شادي خان نه آيو ۽ جوابي موڪليائين ته:

"لت پٽ لوهن سان، هوندين ڪڏ ڪڙ هي هو"

پڌاياڻونس ته انگريزن وڏو لشڪر چاڙهيو آهي. چيائين ته: "ايڪ سون لڙتا هي، لاک سون لڙتا هي". پوءِ لڙندي لڙندي شادي خان شهيد ٿيو.

ڪيتو فقير مڱڻهار ويٺل پاڪاسرجو، تنهن شادي خان جي سورهيائي تي "ڏوڻا" ۽ شعر چيا ته: *

ڏوڻا

جلو چلو چهڻ وچان، ڏيئي سر سادان
ڏونگر ڏهڪڻ چو لڳين، تو ڪوسو شادي خان.

—

گهمرائي گهوڙي چڙهي، فوجن پاڙي ڦير
اڙ پنگ عزت خان رو، شادي پنڪو شير.

—

شادي ڙي شمشير، عزت ڙي پانڊي آڏ ڪ
هٿيئل پاهڙ مير، ڪلڪتي تعريفان ڪري.

شعر

اول نام علي شير محمد نبي اڏڪ مير
سيسهر آب ڏرتي سور مردون بڙا هئي مذڪور
مردون بڙا هئي ايمان جنگان ڪري پنڪا جوان
ڪاڳان هٿي شادي خان.
پورا مار ڪافر گهير صاحب چڙهي آيا شير
آيا فضل ڪي ڦيري چلو انگريز ڪي ڏيري
حاڪم حڪم هلائيا نڻهنڊل ڪري تيڙايا (۱)
اوتاري خان دي آيا گنوڙها آمل گلايا (۲)
پهلوان پيلايا (۳)

---

* هيءَ روايت سروپيي مڱڻهار پٽ ڏيري جو پٽ آسپي جو پٽ ڏورنگي جو پٽ ويري جو پٽ حسن جو، ڏاڏي فقير، اصل ويٺل ننگر پارڪر، عمر ٦٢ ورهيه جي زباني، ڪڇهري مٺي (۱۹٦۰ع) ۾ قلمبند ڪئي وئي.

(۱) نڻهنڊل = تڪڙ. تيڙايا = گهرايا. (۲) گوڙها امل گلايا = جڏهن شادي خان اوتاري تي تڪڙ آيو، تڏهن گهاٽو امل ڳارايائون.
(۳) پهلوانن کي پيارايائون.

"زاري" ھوچئا جواب شادي مرڻ ڪا شباب (١)
شادي حق مرتا ھئي ڪيسي ڪا ڊپ نہ ڪرتا ھئي
ايڪ سون ٽي لڙتا ھئي لاک سون ڀي لڙتا ھئي
جيسا آرابا پستول ٻاوَل ٻلوچين را ٻول (٢)
اميد علي چانڊيا ھئي ايم جاٿي لڙيا شينھان" جيم (٣)
گبٽن گڏ گجرات ڏاڍي ٻلوچين ري ذات (٤)
شادي چوڙ ڏي تلوار "چوڙون لجي سب منسار
مير صاحب ڪيي تلوار ڏرتي نھين جھلي ٻار" (٥)
ڳاوي ڪيتلا مگڻھار.

---

(١) زاري = انگريز. (٢) آرابا = نغارا. (٣) اميد علي چانڊيو شينھن وانگر وڙھي لڙيو. (٤) گسٽن = گٽن. (٥) شادي خان چيو: مير صاحب جي تلوار ڏاڍي آھي جنھن جو بار زمين بہ سھي ڪانہ سگھندي؛ چڏيان تہ سڄي منسار ۾ لڄي تيان.

٧. حرن جون انگريزن خلاف بغاوتون ۽ جنگيون

سنڌ ۾ 'پير صاحب پاڳارن' جي قادري سلسلي جي اسلامي تبليغ ۽ تحريڪ جو بنياد پير صاحب محمد راشد رح عرف "روضي ڌڻي" (١١٧٠-١٢٣٣هه) ٻارهين صدي هجري جي آخر ۽ تيرهين صدي جي پهرين ٽيهن سالن واري عرصي ۾ وڌو. توحيد، ذڪر الاهي، تقويٰ (پرهيزگاري)، نيت ۽ عمل جي سچائي ۽ صفائي، سعيي ۽ ڪوشش سان حق حلال جي ڪمائي ۽ همت ۽ مردانگي سان دنيا ۾ ڪاميابي سندن تبليغ ۽ تلقين جا مکيه اصول هئا: يعني ته ذڪر الاهي، رياضت ۽ عبادت سان دين جي سربلندي ۽ آخرت جي نجات سان گڏوگڏ سعيي ۽ ڪوشش، همت ۽ مردانگي سان دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻي آهي. پير صاحب محمد راشد رح کان پوءِ سندن سجاده نشين پير صاحب صبغت الله شاه اول، جماعت ۾ همت ۽ مردانگي واري جذبي کي جهاد واري منزل تائين پهچايو ۽ ڌارين جي غلبي ۽ قبضي خلاف جنگ جوٽي آزادي برقرار رکڻ جو سبق سمجهايو. ان وقت سکن پنجاب تي قبضو ڪري اتر طرف سرحد جي پٺاڻن واري پرڳڻي تي غلبو حاصل ڪيو هو ۽ سندن آئينده رخ هيٺ ڏکڻ ڏانهن سنڌ طرف ٿيڻ وارو هو. هندوستان مان سيد احمد بريلوي سکن جي وڌندڙ طاقت ۽ مسلمانن تي سندن حڪومت خلاف جهاد جو جهنڊو بلند ڪري سنڌ ۾ پهتو ته پيرصاحب صبغت الله شاه سندس پوري پذيرائي ڪئي ۽ سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلائي مسلمانن کي جهاد جي ترغيب ڏني ۽ مجاهدن جو چڱو تعداد سندن سڏ تي اچي حاضر ٿيو. پنهنجن مريدن ۽ محبن مان هڪ مضبوط لشڪر تيار ڪري، کين حريت ۽ آزادي جو علمبردار بنائي جهاد لاءِ روانو ڪيو.

جماعت ۾ اهو حريت ۽ جرائي وارو جذبو، سندن پوٽي پير صاحب حزب الله شاه (تخت ڌڻي) جي دور ۾ وڌي وڻ ٿيو، جڏهن سورهيه سرويچن جي ”فرق جماعت“ جو بنياد پيو. پير صاحب حزب الله شاه سنه ۱۲۶۲هه (۱۸۴۷ع) ۾ سجاده نشين ٿيو. ان وقت سندن عمر پنجن سالن کان به گهٽ هئي. ان کان ٿي چار سال اڳ مهيني محرم سنه ۱۲۵۹هه (فيبروري ۱۸۴۳ع) ۾ انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪري سنڌ جي آزاد حڪومت جو خاتمو آندو هو ۽ سندن طرفدار مير علي مراد ٿئين رياست (خيرپور) جو والي ٿيو هو. سنڌ جي اڳين حڪمرانن ٽالپورن اميرن کي انگريزن قيدي بنائي ٻاهر هندوستان موڪلي ڇڏيو، ۽ سنڌ ۾ پڻ هر همت ۽ حوصلي واري سنڌ جي خيرخواه ۽ آزادي جي خواهان کي سازشن ۽ مالي مشڪلاتن جو شڪار بنائي ڇڏيو هو. پير صاحب حزب الله شاه جڏهن ٿي عاقل بالغ ٿي درگاهه ۽ جماعت جي واڳ سنڀالي ته کيس سنڌ ۾ مسلمانن جي خسته حالي ۽ انگريزن جي غاصبانه قبضي جو احساس ٿيو. جڏهن انگريزن جي خيرخواه مير علي مراد، پير صاحب پاڳاري، درگاهه ۽ جماعت خلاف قدم کنيا، ته پير صاحب حزب الله شاه وڏي دورانديشي سان جماعت کي وڌايو ۽ نهن سنگت جي ٽڪن يا ”چوڪين“ ذريعي جماعت کي منظم ڪيو. ساڳئي وقت پير صاحب ۽ درگاهه جي مخالفن ۽ انگريزن ۽ سندن حامين حمايتين خلاف مقابلي لاءِ خليفي غلام نبي لغاري ”فرق“ فرقي جو بنياد وڌو. هي شروع ۾ ٿورن سورهيه سرويچن فقيرن جو ٽولو هو، جيڪو پوءِ آهستي وڌڻ لڳو. مخالفن سان مقابلا ڪرڻ ۽ سر گهوري قربان ٿيڻ هنن جو هڪ بنيادي اصول هو.

پير صاحب حزب الله شاه سياسي بصيرت رکندڙ ۽ نهايت داناءَ ۽ دورانديش هو. جماعت ۾ انگريزن ۽ سندن طرفدارن خلاف نفرت جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو، ۽ هر هند ۽ سنڌ ۾ انگريزن

جي تسلط کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته ٻين ٻاهرين طاقتن سان ڪو سلسلو قائم ڪجي ۽ کين انگريزن جي دور ۾ ملڪ جي اندروني حالت کان آگاهه ڪجي. پير صاحب جن ترڪي جي سلطان عبدالحميد ڏانهن اهڙو هڪ خط موڪليو(١) جنهن ۾ لکيائون ته:

’هن وقت جڏهن هندوستان چوڌاري بي دين نصارن جي قبضي ۾ اچي ويو آهي: جڏهن دين ايمان منجهي خلط ملط ٿي چڪا آهن ته بگهڙ ڌڻ جا رکوال آهن، شريف ۽ رذيل پنهي کي هڪجهڙو سمجهيو وڃي ٿو، هندو زوران زور ته مسلمان ڪمزور آهن. مفلسي گهٽي ۽ بيحد ته سرڪاري مطالبا وڌان وڌ ... ...
’اهي صليب جي نشان کي ايمان جي تعويذ کان وڌيڪ اثرائتو سمجهن ٿا ۽ ناقوس جي آواز کي اذان ڪري ڀائين ٿا........... نه حڪمرانن کي رعيت جي تباهي تي فڪر ۽ غور، ته نه وري رعيت جي هٿ ڪرائي ۾ زور. هڪ طرف زراعت بي برڪت ته ٻئي طرف ڏيل وصول ڪندڙن جي ڪثرت. باوجود انهيءَ جي، قلم ۽ زبانون، انگريزن ۽ سندن طرفدار تابعن ۽ نوابن جا ٻول ٻولي ۽ ڳڻ ڳائي رهيا آهن‘. (٢)

---

(١) هن خط جو مسودو سلامت رهيو آهي جنهن جي ڪتابت حضرت پيرصاحب جن جي فرزند ميان علي اصغر شاه ڪئي هئي. ان ۾ ڪيترائي خال آهن. آخري طور انهن ۾ ڪهڙا الفاظ لکيا ويا ۽ انهيءَ مسودي ۾ خود پير صاحب جن پيا ڪهڙا اضافا ڪيا سو معلوم ناهي، مگر مسودو ميان علي اصغرشاه نهايت سهڻو تيار ڪيو هو ايتري قدر جو پنهنجي والد کان خلعت جي تمنا ڪيائين. اهڙن موقعن تي پير صاحب بيحد خوش ٿيندا هئا ته پنهنجن فرزندن کي خاص خلعتون پهرائيندا هئا.

(٢) خط جي متن ۽ مسودي لاءِ ڏسو مقدمو ”ديوان مسڪين“ (پير صاحب حزب الله شاه تخلص ”مسڪين“ جو فارسي ديوان، شايع ڪيل مفتي محمد رحيم، درگاهه پير صاحب پاڳاره).

هيءَ نهايت مخفي قسم جو خط هو ۽ اها ڳالهه راز ۾ رهي ته پير صاحب جن کيئن ۽ ڪڏهن اهو سلطان عبدالحميد ڏانهن موڪليو. سنه ١٣٠٨هه (١٨٩٠ع) ۾ پير صاحب جن جي وفات بعد شايد هن خط جي پاڙ پاهر نڪتي هجي ۽ انگريزن جي خيرخواه جاسوسن اهڙي خبر حڪومت کي پهچائي هجي پر جيئن ته ڪوبه ثبوت موجود ڪونه، هو تنهنڪري هي ڳالهه زباني رهي ۽ لکيت ۾ ڪانه آئي. البت اڳتي لاءِ انگريزن پير صاحب جي اثر رسوخ کي گهٽائڻ بلڪ ختم ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ۽ جماعت جي همت ۽ حوصلي وارن ماڻهن خلاف عام طرح ۽ حرن خلاف خاص طرح ڪارروايون شروع ڪيون. انگريزن ڪان اهو ڳجهو ڪونه هو ته سنڌ تي سندن قبضي (١٨٤٣ع) ڪان ٽيهن سال اڳ سنه ١٨٢٩-١٨٣٠ع ۾ پير صاحب پاڳاره جن سيد احمد شهيد کي فوجي امداد ڏني هئي. انهيءَ ڪري جيئن پوءِ ٿيئن پير صاحب پاڳاره، درگاهه ۽ جماعت تي ڪڙي نظر رکيائون.

پهرين حر تحريڪ ۽ بغاوت

سنه ١٨٩٦ع ۾ پهرين حر تحريڪ ۽ انگريزن خلاف بغاوت شروع ٿي، ۽ انگريزن جي پوليس ۽ ڪامورن طرفان پير صاحب جي جماعت ۽ حرن خلاف سازشون ۽ ڪارروايون شروع ٿيون(١). جواب ۾ حرن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو؛ انگريزن جا قاعدا قانون ٽوڙيائون ۽ سانگهڙ لڳ "مکي جي ڍنڍ" کي پنهنجو جنگي مرڪز بنايائون؛ انگريزي حڪومت خلاف ڪارروائن خاطر پارهن ڄڻن جي "پنهنجي سنگت" قائم ڪيائون، جيڪا هڪ "جنگي ڪؤنسل" هئي. ساڳئي وقت اها انگريزن جي حڪومت جي بجاءِ هڪ

(١) تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب جي سلسلي جو نائون ڪتاب "واقعاتي بيت"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي-حيدرآباد، ١٩٦١ع، ص ص ٣٣-٤٢.

متبادل حڪومت هئي، جنهن ۾ "بادشاهه"، "وزير"، "ڪوتوال" ۽ "منشي" (مراسلات جو سيڪريٽري) ۽ ٻيا ميمبر شامل هئا. اها ٻارهن - رڪني ڪائونسل هيٺين سورهين تي مشتمل هئي، جن کي انگريزن ڌاڙيل، باغي ۽ قانون کان ٻاهر (Outlaws) قرار ڏنو ۽ انهيءَ ڪري هو "ڀڙوتيا" به سڏيا ويا.

(۱) ٻچو پٽ وزيام ذات خاصخيلي ويٺل مٺڙائو تعلقو سانگهڙ. کيس "بادشاهه" بنايائون ۽ هو پوءِ ٻچو بادشاهه جي نالي سان مشهور ٿيو. پيرصاحب جن جي نظربنديءَ بعد، سندن اعلان تي سردار محمد يعقوب وٽ سنه ۱۸۹۸ع (؟) ۾ پيش پيو، جتان کيس گرفتار ڪري "عيسي ڏاهريءَ" سان گڏ ميرپورخاص ڏياري موڪليائون، جتي انگريز جج مقدمو هلائي کين ڦاسي جي سزا ڏني.

(۲) پيرو پٽ صالح فقير وسان ويٺل ڪنڊو تعلقو سنجهورو، "جهوڙي لئي" وٽ سنه ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو.

(۳) ٽڳيو چانڊيو پٽ دوسو چانگ ويٺل ساٽري تعلقو سانگهڙ، "جهوڙي لئي" وٽ ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس سان وڙهندي سر ڏنائين.

(۴) گلو پٽ پريو موچي ويٺل ڳوٺ نظاماڻي تعلقو سانگهڙ، "جهوڙي لئي" وٽ ۱۸۹۸ع ۾ ليوڪس سان وڙهندي سر ڏنائين.

(۵) پيلٽو پٽ گلو ڪاهو ويٺل سوجن، تعلقو خيرپور. "مکي" وٽ غلام محمد جي ڪَهٽ جي ڀريان ٽڪنبي (ٽڪنڊي) وٽ، پنهنجن ٻن سائين مصري ڪاهي ۽ عثمان هگوري سان گڏ ميدان ۾ آيو. "ٻچو" جي سهري ڏينو کي ليوڪس وٽ موڪليائون ته هاڻي اچي مقابلو ڪر. ليوڪس آيو ۽ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ٽيئي ڄڻا ليوڪس سان وڙهندي شهيد ٿيا.

(٦) مصري ڪاهو پٽ خانڻ ويڙهل ٻجر واهه تعلقو شهدادپور، مڪيءَ وٽ غلام محمد جي ڳوٺ جي ڀريان ٽڪنبي وٽ ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(٧) عثمان هڱورجو پٽ ملوڪ ويڙهل چراڻو تعلقو ٽنڊوالهيار، مڪيءَ وٽ غلام محمد جي ڳوٺ جي ڀريان ٽڪنبي وٽ ليوڪس سان وڙهندي مارجي ويو.

(٨) عيسو ڏاهري هالن واري ٿاڻي تي پيش پيو، جتان گرفتار ڪري، ٻچو بادشاهه سان گڏ مٿس مقدمو هلائي کيس ڦاسي ڏني وئي.

(٩) خميسو وساڻ پٽ سچل ويڙهل ٻاڪوڙو تعلقو سانگهڙ ڪم ٿي ويو: غالباً ڪنهن مقابلي ۾ مارجي ويو.

(١٠) سومار ڪاهو، پير صاحب جي انهيءَ نوڪر کي مارڻ ويو، جنهن کي پير صاحب طرفان حرن کي انگريزن جي پيش پوڻ جو اعلان ڪيو هو، پر پاڻ مارجي ويو.

(١١) قتلو قاضي، سومار ڪاهي سان گڏ مارجي ويو.

(١٢) راڻو وساڻ ويڙهل ٻاڪوڙو، مرشد جي حڪم موجب پيش پيو، جنهن بعد کيس ست سال ٽيپ ڏيئي ڪاري پاڻي موڪليو ويو.

ٻچو بادشاهه ۽ پيرو وزير ۽ ان جي ساٿين جي ڌهڪاءَ سبب پوليس سرڪاري ٿاڻا ڇڏي ڀڄي ويئي. سڀئي ڀڄي وڃي وڏن شهرن ۾ پناهه ورتي. هڪ طرف حرن جو ڌهڪاءُ ٻئي طرف پوليس ۽ فوجي سپاهين جي مسڪينن تي مار، سو ملڪ ۾ هيڪاري هراس پکڙجي ويو. جوالاسنگهه نالي سانگهڙ جو دفعدار هو، جنهن حرن کي پڪڙڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پر کيس ڪو به حر هٿ نه آيو. سانگهڙ ضلعي ۾ هر سال مانگهه مهيني ۾ ”ٻهرام اري“ جو ميلو لڳندو آهي. جوالاسنگهه به حرن جي ڪولا سانگي اچي ميڙي ۾ پهتو، جتي ڪنهن موچي جي بندوق لڳڻ ۽ مارجي ويو.

سنڌن ٻين ساٿين ۾ جدا جدا جاءِ تي مقابلا ڪيا ۽ ٻيٽ سال کن سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيائون. سنڌ جي عوامي شاعرن هنن سورهين جهي سورهيائي کي ڳايو ۽ ڪين جسون ۽ شاباسون ڏنيون. هيٺ شاعر محمود ٻلي عرف ”مل“ ۽ شاعر شادمان مري، ۽ شاعر تاجي ڏل جا بيت ڏجن ٿا جي هنن بهادر حرن جي تعريف ۾ چيا.

شاعر محمود ٻلي عرف ”مل“ جا بيت.

شاعر ”مل“ حرن جي بغاوت ۽ حملن واري دور ۾ موجود هو. سندس جملي ٻيت تفصيل سان اسان لوڪ ادب سلسلي جي نائين ڪتاب ”واقعاتي بيت“ (صفحا ٤٢-٦٣) ۾ ڏنا آهن، جن مان ڪي ٿورا هت مثال خاطر ڏجن ٿا.

انگريزن جي صاحبيءَ ۾، چوڏهين صدي مير
پڙڏر اڇي پيدا ٿيا، ٻانڪا بي نظير
ٻارهن ڇٽا ٻاهر وٽيا، مڪيءَ پاسي مير
”ٻچو“ آن جو بادشاه، ”پيرو“ اکيان وزير
ڪري ڏاڪي مان دلگير، تن ڏيهه ڏڪائي ڇڏيا.

—

ڏيهه ڏڪائي ڏيا سان، ڪيائون زير زبر
اک ۾ هين انگريز تي، پيو ڪنهن نه مٽي ڪلٽر(١)
ماريءَ ستو سپاهين جا، ٿي لوڙهيائون لشڪر
ڏسي هيبت حرن جي، ٿي ڪهٽن ڇڏيا گهر
پوءِ اتي ويا افسر، الهن جي ٿاٽن پٺي ٿڪون جهليون.

—

(١) يعني ضلعي جا حاڪم ”ڪليڪٽر“.

مانجهي مرد 'مٽڪي' جا، غازي ڪين ڳئسن
عداوتي اونداهه جو، تا ڏڏي تي ڏسن
جت تڪيائون تت هنيائون، تر نه ڳتو تن
رڳا ڇغل ڇٽيا، بات متي بانڪن (١)
انهي ڪي انصاف جا، مڃرا تا ملن
ڳالهيون پيون ڳائجن، تن مردن جون 'مل' ڇٽي.

ڏسو مٽيا مردن جي، ايڏا جن ايمان
پارهن سير سچي ڏيهه ڪي، سامهان ٿيا سلطان
حاڪمن مٿن هلائون ڪيون، پيا طرحين طرحين طوفان
پٿرين سوڏا پيڙجي ويا، آهي جنهن ڳاري جوان
ته به اڪر هڪڙي انگريز جي، ڪاڻ ڪيائون ڪان
بانڪن پنهنجي بهادري سين، ڇڏيو توري آپ آسمان
آخر خاڪ مڪان، هتان هرڪو ويندو هليو.

هتان هرڪو ويندو هليو، پنهنجو وارو وڃائي
هيڪر دانهن دهليءَ سوڏي، ڇڏيائون نالو ڪڍائي
ميڙي 'بهرام بري' جي تي آيا ڪٽڪ ساڻ ڪاهي
بندوق جولاسنگ ڪي، ڀڃيائون پولائي
سوڏي ڳتلي موچيءَ جي، اها ڪٿي آهي
ڏهلي ڇڏيائون ڏر تي، ڪتو ڪيرائي
ڏينهن پڙهو سي ويا سڀني سٺائي
هتان ڪو ان حساب ۾، صبح غريب ڳهلائي
ڏچي ان جي ڏائي، تي ڳهٽن رضائون ڳهريون.

پارهن ڇٽا پتهروتيا، سورهيه هٿا نه سنڌر
لنڊن سوڏا لڪجي ويا زور پڙيا زبر

---

(١) ڇٽيا = هنن نشانو ڪيا، ماريا.

راڻيءَ ڏاڍو روح ڪيو سُٺي خوب خبر (۱)
وڌيو سنڌ ساري تا هاڻي وچن حر
ڪري ڪؤنسلون ٻاڻ ٻ، ٻيا منجهه ٻچر
'دِليءَ' ۾ ٻاچا ويا، 'ڪلڪتي' ڪاڳر
'پوني' دانهن وڃي پڳي، آئي 'امبراسر' (۲)
لکنوءَ لاهور کان، چڙهيا 'گڊگام' کان گورنر (۳)
بمبئي بندر 'بڙودي' جا، ڪئين آيا ڪمشنر
اسپيشلون آئيون، ڪٽي فوج اهر
'اسٽيل' بيهي رهيو، ٻنهنجا ويڙهائي ور (۴)
'ليوڪس' اچي لوڪ جا ڪاٽيا ڪانڊيا گهر (۵)
بي قانوني ڪيترا، تنهن هلايا هنر
تڏهن آيا ڪين ڪپر، انگريزن جي آمر ٻه (۶)

ٻاڙهن چڙها ٻهروٽيا، سورهيه هٿا سجان
ڏٺي هيبت حرن جي، دڙڪو ۽ دهمان
پوري پئو نه جهليو، پيو هانءُ هندستان (۷)
مددون مگيائين راڻي کان، ڏيئي تارن جا طوفان
ڇوڏس چوڪيون بيهي ويون دنگن تي دربان
ڏاڍا مڙس ڏيسي آيا جوڌپور ڪٿون جوان (۸)
ڪي جنگي جيسلمير کان، ڪي مانجهي کان ملتان
ڪي ڪوها ڪراچي کان، آيا پنگجي پهلوان (۹)

---

(۱) راڻي وڪتوريا (۲) امبراسر = امرتسر (۳) گڊگام = گڙگانؤن (۴) 'اسٽيل' انگريز آفيسر جو نالو (۵) 'ليوڪس' انگريز جيڪو حرن خلاف ڪاروائين لاءِ مقرر ٿيو. هن ماڻهن جي گهرن کي باهيون ڏياريون ۽ بي قانوني ڪشي (۶) ڪپر = ڏاڍا مڙس (۷) پورو = انگريز (۸) ڏيسي = انگريزن جي ڏيهي رياستن جي فوج (۹) پنگجي = سنهري، تيار ٿي.

ڪاهون اچي ڪئيون ٽيون، ميڙا منجهہ ميدان (۱)
پر جهلي ڪو ايمان، مور نہ اڙي مڪيءَ ڪي.

ساري منڪر ڪيترا، ڏَهليا تن ڏڦير
هوند ڪين وَٽائن ها، ڪنهن ڪان ڪنهين پت پير
ٻر مڃي امر مرشد جو آيا آني وير
”ٻيروُ“ سندي ٻادر ۾، ٻيو قدم وجهي ڪير
ڪٽان ليهن ڪوڏيا، ”ڪُلي“ جهڙا شير
اڙ ٻنڪ ڏيئي الپر، آيا ملهہ ميدان تي.

آيا ملهہ ميدان تي، سانڱو هلي ساهہ
ماٿهو مڪائون سير ڪي، جو ٻچُو ٻادشاهہ
تہ: لڙائي اٿون لوڙر سين، تون سگهو اچ صباح
تنهان اڪي چغلي هنئي، ”ڪيريي“ ڪري ڪاهہ
تنهن تي ڪامپ چڙهي ڪيتري، جنهن جي نہ سڌ سماءُ
ڏسي هيبت حرن جي، دهلي ويا داناهہ
منشين مٿت موڙها، سڪي وٽڙن ساهہ
تہ: آهيون اجل سامهان، کهڙو ورندو واءُ
آيا گوڙيون ۾ گوگاءِ، ڪن ٽيئي ٽيلٽي وچ ۾.

غازي گوءِ ڪٽي ويا، ٽيئي منجهان ٽيلي
”ٻيرو“ توکي پيدا ڪيو ٻلي رب ٻلي
وهہ واهہ تنهن وساڻ جي، ٻلي ڙي ٻلي!
ٻروچ وڏي ٻهڪ سين، ٽو هاڏيون ڪيو هلي
ڪوڏيون وچي ڪلهو هنيو، غازين ساڻ ڳلي

(۱) ڪاپون = ڪئيون.

موڏين هٿي سوچي ڪي، ڪيو ڏار ڏاهي
ته ٻه ڪوڏيو منجهه قلعي، وڙهيو ٿي ويرين سان.

ٻارهن ٿي چٽا ڀروٽيا، هوند هڪڙي مٺ هنجن
تہ ڪٿا ڪاهڻ منجهہ سي، اهڙا وڍ وجهن
تہ جيڏرا هن جنگ جون ڳالهيون ڪيئي ڪن
هر فوجون ڦري آئيون، ڏاروڏار سڀن
اصل انهيءَ پت جو، مرڻ سٺيرن
ٻوءِ مکيءَ جي مردن، وڻ ٻہ وڃائي ڇڏيا.

شادمان مري جا بيت.

شادمان پٽ حاجي امام بخش ٻبڊاڻي مريءَ، ويٺل 'ڪنڀير، تعلقو ڪپرو. شادي ۽ شادمان ٻئي ڀائر شاعر هئا. ٻنهي وڏي بيماري (۱۹۱۸ع) ۾ ساڳئي ڏينهن وفات ڪئي. شادي کي دفن ڪري وري اچي شادمان کي ڪنيائون.

۱. ساراهيان سچو ڌڻي، سڀني جو سردار
'مري' چئي، محمد مير کي آهي ذات ڏني ڏاتار
شافع ٿيندو، شادمان چئي، اچي امت جو آڌار
آهي اميد امت کي اچي پير آڪاريندو پار
اچي سانگهڙ شهر ۾ ٿيو 'جولو' جمعدار
ڪئين ڪريزون ڪيتريون، هن جو ڏاڍو ٿيو
ڏهڪار(۱)
هڪ حڪم حاڪم جو پيو آئي نہ اختيار(۲)
ڏيو قول قرار، ڪري پٽڇائون 'پير و' جون(۳).

---

(۱) ڪريزون=ماڻهن سان جنيون (۲) پرواهہ نہ ڪيئي، ڪنهن تي سندس اِڪ ڪانہ ٻڌي (۳) انعامن جا وعدا ڏيئي، پڇا پيو ڪري تہ پيرو وساڻ ڪٿي آهي.

٢. ڪري پڇائون ”پيرو“ جون، مانا مٺنهن چڙهي
ماڙهُو سانگهڙ شهر جا تو ڪُٺيو گڏ ڪري
ڪن صدائون سيد کي، ايءَ منڪر مانَ مري
هڪُ حڪمِ حاڪم جو، هرڪو ڏاڍي ڪوُن ڏري
قادر ڪم ڪري، ڪوڙين تئين ڪلاڪ ۾.

٣. ڪوڙين ڪم ڪلاڪ ۾ تو باري بڻائي
فقير ديگون فقر جون تو چوڏهين چاڙهائي(١)
ميڙو ميهرم شير جو لال ٻيٺو لائي
اچي گوهر ڪٺل کي تو سيڪ ٻه ستائي(٢)
”سائين! آهه ٻخيلي ٻچوءَ کي تو سورهي سڏائي(٣)
هادي انهي ڌرن سان مون کي ملائي“(٤)
”ڪفر کي ڪاهي، ماريندا سون ميدان ۾.“(٥)

٤. مارو ڪيو ميدان ۾ جنگ ڏيئي جوانن
سڏي آتاريو سيڪ کي اچي ايمانن(٦)
تيا ڪٽڙ ڪئل تهي ويا جيت ڪڙ ڪوڪيو ڪانن(٧)
هڪ لغاري لڙي پيو تنهن کي وڍيو وريامن
ڪنهي جي خانن، ڏني جنگ جزيد سان.

٥. ڏيئي جنگ جزيد سان، هليا منڪر کي ماري
جولهي تي جولان ڪيا، قول ڏنا ڪاري
سڏي آتاريو سيڪ کي آئي بچڙو بيهاري
هنيائين ڪان ڪاهار ۾ سيد سنڀاري
هٿن تي هٿوراڙيون ڏنيون، ڏنس ٻه ناليِن پاري
ورن وهاري، ڏنس تاثيرا طنبوءَ ۾(٨)

(١) فقير، يعني ٻهرام ٻري جي درگاهه جو گوهر فقير. فقر=لنگر.
(٢) گوهر فقير کي دٻائي ۽ پڻ چوي ته دعا ڪر ته مون کي حر ملن.
(٣)-(٤) اهي الفاظ چڻ جولاسنگ جا آهن (٥) اهي الفاظ چڻ فقيرن جا آهن. (٦) ايمانن=بهادرن (٧) تيا ڪٽڙ=ٽئين ڏر وارا، يعني ته عام ماڻهو جيڪي ڪنهن جا طرفدار ڪين هئا. (٨) تاثيرا=ايذاء.

٦. ڏيئي تاثيرا طنبوء ۾ هليا ٻتيون ٻجائي (١)
فوجون جي فرنگ جون چڙيون ڪانن ڪنبائي
”پيرو“ پنهنجي پاڻ کي تو سڏيو سمجهائي:
امان تيي ماڙ مرشد جي، آجهو سو آهي
مار ڀنداسون ميدان ۾ ڪفر کي ڪاهي
متڪيي ملهائي، وئي جوان ويهي رهيا.

٧. وئي جوان ويهي رهيا ڪانء ڪڍيائون ڪاڻ
پوشاڪون جي پٽ جون سونهريون تن ساڻ
اکي هئا متشر ملڪ ۾، وري تيئن واڪاڻ (٢)
گهٽو گهرن ڪينڪي، جيئڻ جو جيڏاڻ
سڀي صاحب هليو حال حقيقت هاڻ
انجنري اهجاڻ، اچي سهڙيا سانگهڙ شهر ۾. (٣)

٨. اچي سهڙيا سانگهڙ شهر ۾ تيو طنبن تي تاهوت
پاڪيا ڪل پڇي ويا، تيو متڪيء ۾ ماهوت
حضرتي حرن جو تيو سندرو ثابوت (٤)
بازيون ڪيون بتهوت، پر هنن کي پتو پيوئي ڪونڪو (٥)

٩. پتو پيو ئي ڪونڪو، ڪيائون هنر هزار
ڏاها پورا ڏيهه ۾ تڏ چلائيون چؤڌار (٦)
وزيرين وڪيلهن کي تي آچيائون پاڻ پگهار (٧)
ڏيون انعام انهن کي جيڪي طور لهن طومار
ڪا تن جي خبرچار، آئي سڌ سڻائيو.

١٠. صاحب آن جي سڌ جون تو ڪرين پڇيو پچارون (٨)
هتي غازين گهائي چڏيون ڪيئي قطارون

---

(١) ٻتيون ٻجائي=ڪانء هٿي (٢) متشر=مشهور (٣) انجنيري=جرنيلي، انگريز جي ملٽري جي جرنيلن جا (٤) حضرتي=حضرت پير پاڳاري جا (٥) انگريزن جي فوج گهٽيون حرفتون هلايون (٦) ڏاها پورا=جاسوس (٧) پگهار تي آچيائون تہ حرن کي پيدا ڪريو (٨) آڏو ماڻهن جو جواب.

سپاهين کي سانگهڙ وات ۾ سوهيو ڏين مارون(۱)
اڻن جاسو جنگ جو، آئي ڏڙا ڪيائون داروں(۲)
تن جون تڪراروں، صاحب! اڻشي سر تي.

۱۱. صاحب سر نہ ڪڙو ڪيو، انجنيري اڻليو(۳)
منهنجو مڪيءَ وارن سان حڪم ڪولہ هليو
آءُ نہ وڃان اوڏهين، وڃي پنهنجا پاڻ ڀليو
هُن کي حفيظ وارن مان هٿ آيو، تہ ڪر ڇنيءَ
چور جهليو(۴)
ڪڙو ڙيو ڪنڌ ڏاڙهين جا، ڏا ني ني کن ڏلو(۵)
قيدي قيد پلو، انهن حرن جي حڪمات ڪنڻون.

۱۲. حرن جي حڪمات جو ڏاڍو ٿيو ڏهڪار
پارهن چٽا پيلي ۾ آهن نام ڪنيا نروار
هڪ نيڪي نالو تن جو، پيا سورهيہ هٿا سچيار
ساري تن منڪرڻ جا ڏڙ وڏي ڪيائون ڏار
هڪل ٿي، هٿ-تاڙ ٿيا، ڪيا سپ ڪوليار
پيدا چٽائن پره جو، آني هٿن تون هٿيار
سيني جا هن ساڏ جيي وڏي ويا ونڊيار
’نيمي ڪنل ناس ڪري، ڪيائون ڳروء جو
سنهن‘ ڪار‘ (۶)
ڀوء چڏي پڇا پار، پڇي ويا هن پوء مان(۷).

۱۳. پڇي ويا هن پوء مان واٽيا ويجهيءَ جا
سٽائون سانگهڙ شهر ۾ ڪڙڪا ڪانن جا

---

(۱) سواهيو=چٽي ڪٽي (۲) دڙا ڪيائون= گڏ ڪري ڍگ ڪيائون
(۳) جرنيل هنيو (۴) هن کي=حرن کي. حفيظ وارن مان=آفيس وارن
مان، انگريزن جي پگهاردارن سان (۵) ٽن ٽن کي پڌيو ڏلو ڪريو
آمائين. (۶) هٿ وارن شاهوڪار سيٺين جي زباني تہ: ”ڳروء جو
سنهن، روڪ ڏاٿو سپ کٽي ويا“ (۷) پوء=دپ. سيٺ پڇي ويا.

ٻڌي سهڄڻ ڀاڻ ۾ ڪڙا خط ڪيا
”صاحب! ماڙهو ملڪ ڇڏي ويا، تو ڪي ڪل نہ ڪا“ (١)
ٽپالون جي ٽپشڻ تان واچيندي ويا
پرزا پهچن جا، وڃي راڻي وٽ رجوع ٿيا (٢).

١۴. پرزا پهچڻ جا ڪٽي ويهي وانچيائون
ڪري ڪاغذ اوڏهون لاءِ ”لُوڪس“ لکيائون (٣)
صاحب آيو سيگهہ، سان تنهن ڪي، ائين چيائون
سائين! سواسيا گهٽمن مکيءَ ۾ پارهن آهن پانڌهون (۴)
ماري ڪنهي ملڪ کي پنهنجو جڳ ڪڙو ڪيائون (٥)
هنن سان حاجت ناهي هڪ جي، آهن ڪي ٻيهر، ٻلائون
تنهنجي رعيت رولائون، پلڻ وٺي وڃ پاڻ سان.

١٥. پلڻ وٺي وڃ پاڻ سان، ڪر پنهنجي پختائي
هو رکي وڙهن ٿا رات جو، آڇي لاٿين لڙائي
هيڪاري حُرن سين آهي راڄن رهائي (٦)
ميلت آهي ماريو ”جولي“ کي جائي (٧)
ڊپ گهڻو ڪچ ڊوه جو، متان ڪوٽ وڃي ڪائي
مکي سڀ سواسيا آهن صوبا صلاحي (٨)
ڪر پنهنجي پختائي، اتي قانون هلي ٿي ڪانڪا.

١٦. قانون جي ڪيائين ڪانڪا، اختيار رکي آيو
آرانيو مکيءَ ۾ ليوڪس اڇي لايو (٩)
حُر اوهان تي ڊُر ٿيا، مدد ڏيئي جهلايو (١٠)

---

(١) واٿين لکي فرياد ڪيا (٢) پرزا = درخواستون (٣) ليوڪس = Lucas نالي انگريز آفيسر (۴) سواسيا گهمن = مست ٿيا گهمن (٥) پنهنجو جڳ = پنهنجو جڳ ۾ جيڻ (٦) راڄ يعني عام رعيت ۽ راڄ حرن سان ٻڌل آهن (٧) ملت = حرن ۽ راڄن جو ملي هڪ ٿيڻ. جولي کي = جولاِسنگ کي (٨) مکي جي ڊنيد (٩) آرانيو لايو = پارڻ اڇي پاريو (١٠) در ٿيا = اوهان تي ثابت ٿيا (تہ اوهان ئي کين لکايو آهي).

زابر اوهان جي زور تي تا وڙهن ٻولايو
نيٺ نه ٻير نايو، ويٺي ويل گذر تي.

١٧. ويٺي ويل گذر تي، ان کي پٽو ڪونه پيو
هن گهريا ڪم ڪريم ڪڙن جنهن جڳت آ جوڙيو
مُلڪ آ محمد مير جو جنهن تي ڪلمون راس ٿيو
آهي اميد امت کي لال لهي ايندو
شافعُ ٿيندو، شادمان ٿيئي، سُرسل اچي منهنجو
جمجما سلطان جنهن روءِ زمين جو چڙهي سير ڪيو
ڪونه ٻڌوسون ڪڏهين نيٺ آ نيبهه جو
آمرُ سين آيو، هي پارت ٿيو آ پير جو(١).

١٨. پارت پنيان پير جي ڏنا سورهين سمن(٢)
ڦيري چيتايو فيلنگ کي وَڙڪي وزيرن
چڙهي آيا چوڳان تي، اچي املهايو مردن
وانگاري ويهي رهيا، هو آڙ نه اوڏو ڪن
هو ”ڪئلو“ گذ منجهن، ”تڪيو“ ”پيرو“ پاڻ ٻہ.

١٩. ”تڪيو“ ”پيرو“ پاڻ ٻہ، هو مَت ڪڙن ڪيئن مڙن
هوڏنهن آسي ڪڙن امت گهٽي، هيڏنهن نوليي
ڪيي آهي ٽين
ٽيڪ پيلي ناهڙو لڳا، ڪڙڪا ڪيا ڪانن
تي زاري زميندارن سين، سي اوڏا ڪين اچن
ڪري ڪاٺ ڪٽاهن تي تا پوڙ مان دور پڇن
جو سوَرهيه سيڪ منجهن، سو عقاب جيئن آئيو(٣).

(١) پير صاحب جو هي حڪم آيو آهي ته اوهان اچي سير ڏيو (٢) سمن=پيغام (ته فلاڻي ڏينهن فلاڻي جاءِ تي حاضر ٿينداسون). پير جي پارت پنيان=پنهنجي مرشد پير صاحب جي چوڻ پويان (٣) سورهيه سڪ=جولاسنگ جو پٽ مياسنگ، جيڪو گهوڙو ڪڏائي اڳتي وڌيو ته پنهنجي پيءُ جولاسنگ جو وير وٺي.

۲۰. عقاب جيئن آئيو ڪُتڙ هو ڪڙڪائي
ڦڙڦائي ”ڦيرو“ چئيا سنگتي سمجهائي؛
افسر آيو ڪونڪو ڪمانيءَ جهڙو ڪاهي
هيءَ مهل هن ڪڏهن مٽڙ ٽوڻي ناهي
هو ٻه مينهن مٿي تي آيو ويري ورسائي
ڪانن ڪيرائي، ليمي آنوڙي آبتو ڪيو.

۲۱. آنوڙي آبتو ڪيو، ڪيا رئفلن رڙهات
زور وٺي ظاهر ٿيا ڪٿي سي ڪنوات
پلٽڻ تڏ هلڻي پئي، ساڙهن لڳي مات
ٽڪي ويا سپاهين ڪي ڪلهن مٿي ڪاٺ
انجڻيون آئلي هيون ڦيٽن ڏنا ڦات
رئفلن ريڙيون ڪيون، ڪانن ڪيا ڪنهات
ٻارا ڏيئي ٻات، ٿيا شير شهيد، شادمان چئي.

۲۲. ٿيا شير شهيد، شادمان چئي، جوڌون ڏيئي جوان
هلي آيا جنب مان، ڪيائون ڪنوڙن واري ڪان
بيشڪ بهادر هئا، گهٽو تڪيا تان نه
هڪڙي جا حاضريءَ ۾ جاڙ ڪري ويا جوان(۱)
ساراهجي سبحان، حرن هيڪڙيائي ڪئي(۲).

۲۳. حرن هيڪڙيائي ڪئي، وڙهي انهيءَ وير
نه ته سر ڪٽي سامهون ٿئي ڪانن اڳيان ڪير
ڪاهي پيا ڪٽڪ ۾ هو دهليا ڪين دلير
فرنگ فريشان ٿيو، جنهن هاڻ سڏايو سير
ڪيڏي چئيا ڪمان جا اخوانن آڏيڙ
پوءِ پڇي ورتائون پيڙ، ٽاٽا ڪٽل تڏجي ويا؛

(۱) بچو پوءِ ورتو حاضري ۾، اها ميار مٿن رهجي وئي (۲) هيڪڙيائي
ڪئي = هڪ اهڙي بهادري ڪري ڇڏي جيڪا بيان کان ٻاهر آهي.

۲۴. ٽاٽا ڪُلَ ٽُنڊجي ويا، ويٺا نه واپاري
آسالڪ آئي ويا اهي ڪمي ۽ ڪاري
هندو هٽ تاڙيون ڪري لڏيا لاچاري
ٽڙيئون ڪنهن تحصيل سان سانگهڙ جي صوبيداري
ڪچ، پنج ۽ ناڙي، ويون اخبارون انگريز جون.

۲۵. اخبارون انگريز جون، چليون ويون چوڌار
جن اصل ٿي انعام ڪنيو پيروجن پگهار(۱)
ڏليون ٽلهي پاڻ ۾ ڪيا وڏا ڪن ويچار
ته اصلي سورهيه سنڌ تي هئا ٽالپور ٽيليدار
ستان ڪا ميراثي ٿئي انهن جي آڌار
حيلا لک هزار، انهن ڏاڍيون ڏاهپون ڪيون.

۲۶. ڏاڍيون ڏاهپون ڪيون، وڏا ڪيائون وس
سارو سڪي ڪنڌ يين ٻنهي نه ٽٽي ٻس
هنيائون ٿي حڪم سان ڏيو ڏُنالين ڪي دس
ڀيا هئا ڀڙ هٿن تي ڪارتوسن جا ڪس
اهي ڏيندا ڏيهن کي ڏس، جن کي گڏيا هٿ حرن جا.

هي بيت سکهڙ حاجي محمد علي ولد رحيمداد خان ٻنڊائي مري، ويٺل لڳ ٺلهڏيون ٻڏايا، جنهن سان اسان جي ۹-اپريل ۱۹۶۸ع تي ڪچهري ٿي. چيائين ته جڏهن ٻچو ۽ پيرو ٿيا تڏهن شادمان ۽ سندس پياءُ شادي ڀڪا جوان مڙس هئا. حاجي محمد علي چيو ته اها عام خبر آهي ته حرن ست ورهيه حڪومت ڪئي.

تاجي دل جو چيل بيت

تاجو ذات جو دل، ويٺل ڪانئيو تعلقو مٺي، ان وقت جو عوامي شاعر هو، جنهن جڏهن راڻيپور جي راڻن ۽ تروت

(۱) پروجن = پروجهن، سياڻن سمجهه وارن.

واري جنگ (۱) تي پيت چيا ته شروعات ئي حُرن جي بهادري ۽ جولاسنگ جي مارجڻ سان ڪيائين ته:

پارڻ تن ڀَهروَئين جو ٿيو هندوءَ کي هرکان
ته: ڏاتر مون ڏيکارين تن ڏيمين جو دهمان
پوري ويهه "پيرو" ڪئي جنهن ڀَڪي ڪئي ميدان
ويهون رنگ وساڻ کي جنهن پوءِ نه لڪايو پاڻ
"جولاسنگ" جبل هو جنهن سک وڌايو شان
پر پهلوان پهري جو ڏُريون رکيو له ڏيان
پيٽ پيلاسي چڙيون پاهه پندوقون پان
"جولي" جي جسم مان لنگهيا ڪَراپين ڪان.

پي حر تحريڪ ۽ انگريزن سان جنگ

پهرينءَ حر تحريڪ (۱۸۹۶ع) بعد انگريزي حڪومت کي يقين ٿي چڪو هو ته جيڪڏهن "حر جماعت" ۽ "پير پاڳاري" جي گاديءَ کي ختم نه ڪيو ويو ته هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ جي پئيراني ٿيندي رهندي، تنهنڪري هنن حُر جماعت توڙي پير صاحب پاڳاري کي ختم ڪرڻ لاءِ منظم طور تي ڪارروايون جاري رکيون. جماعت مان هر سگهي ۽ صحتمند نوجوان کي سنڌ اندر لوڙهن ۾ بند ڪيائون ۽ هر چڙندڙ ۽ طاقتور فرد کي هندستان ۾ جدا جدا جاين ڏانهن جلاوطن ڪيائون. "لوڙهن" جو اهو سلسلو هلندو پئي آيو، تان جو پير پاڳاري شمس العلماء شاهه مردان عرف ڪوٽ ڌڻي، حُرن تان انهي عذاب لاهڻ لاءِ انگريزي حڪومت کي مطمئن ڪرڻ جي هر طرح ڪوشش ڪئي. ۱۹۱۴ع واري پهرين جنگ عظيم ۾ حڪومت آزمائش طور ڪاٺن ماڻهو گهريا. پير صاحب نه فقط

(۱) متي ڏسو.

پنج سؤ ماڻهو فوج ۾ ڏيئا ڪيا، ۽ ٻي مالي مدد پڻ ڪئي، تڏهن وڃي لوڙهن جو خاتمو ٿيو. انهيءَ هوندي به انگريزن هن گاديءَ کي اک ۾ رکيو.

ٻئي طرف پير صاحب پاڳاري توڙي سندن جماعت، انگريزن کي نفرت جي نگاهه سان ٿي ڏٺو، انهيءَ ڪري جو هڪڙو ته انگريز ڌاريا حاڪم هئا، ٻيو ته انگريزن، ڪيترن ئي بيگناهن کي سخت سزائون ڏنيون ۽ حرن تي بيجا سختيون ڪيون هيون. تنهن ڪري انگريزن سان وفادار ٿي رهڻ بدران، حرن هنن جي خلاف محاذ کڙي ڪرڻ لاءِ موقعا پئي تلاش ڪيا. آخرڪار پير صاحب پاڳاري سورهين، صبغت الله شاهه (ثاني) جي دور ۾ عملي طرح ”ٻي حر تحريڪ“ شروع ٿي.

پير صاحب صبغت الله شاهه ثاني ٻارهن ورهين جي ننڍيءَ عمر ۾ گادي نشين ٿيو. سندن ولادت ۳۱-صفر سنه ۱۳۲۷ هه ۾ ٿي ۽ پنهنجي والد شمس العلماء شاهه مردان شاهه جي وفات (۷- ربيع الاول ۱۳۳۹ هه) بعد ”پير پاڳاري“ جي حيثيت ۾ دستار بندي ڪيائون. سندن ننڍي عمر هئڻ ڪري، هڪ طرف سندن ويجهن ۽ وڏن عزيزن کي اها اميد ٿي ته هيءُ ننڍو پير پاڳارو سندن صلاح تي اٿندو ويهندو، ٻئي طرف انگريز حڪومت جي هوشيار ۽ چالاڪ ڪامورن اهو ويچار ڪيو ته هن ننڍڙي پير تي اثر وجهجي ۽ کين سکيا اهڙي نموني ڏجي جيئن خانداني روايتن کان منهن موڙي انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رهي. پر پير پاڳاري صبغت الله شاهه پنهنجن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي آفيسرن جي اشارن تي هلڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

پير صاحب جي آزاد طبيعت انگريزن کي سخت ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ الهن اهو فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن

پير صاحب تي جلد ئي کو قدم نہ کنيو ويو تہ انگريزن جي خلاف هڪ وڏو ممڻ مچي ويندو. جلد ئي انگريزي حڪومت کي پير صاحب جي پنهنجن عزيزن مان فريادي ۽ شاهد ملي ويا، جن پير صاحب تي هنيل الزامن جي سلسلي ۾ شاهديون ڏنيون ۽ انگريزن جي ججن ڪيس هلائي کيس ڏهہ سال سزا ڏيئي سنڌ کان ٻاهر رتناگري جيل ۾ نظربند ڪيو.

اتان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پير صاحب جن نئين سر پنهنجي مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف ڌيان ڏنو. سانگهڙ جي پرمان "ڪرنسگ" بنگلي کي پير صاحب جن پنهنجي نئين تحريڪ جو مرڪز بنايو. مريدن کي حڪم ڏنائون تہ ڪوبہ ماڻهو انگلنڊ جو ٺهيل ولائتي ڪپڙو نہ پائي. هن حڪم انگريزن کي پڙڪائي ڇڏيو ۽ حڪومت طاقت پير صاحب جي خلاف حرڪت ۾ اچي ويئي. انهيءَ دور ۾ پير صاحب جن جي طرفان جماعت کي حڪم پهتو تہ اهي مڙس جيڪي غازين جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهين سي پنهنجا نالا لکائين. هن حڪم کان پوءِ ڪيترائي مريد غازين جي صف ۾ شامل ٿي ويا ۽ روزبروز سندن تعداد ۾ اضافو ٿيڻ لڳو.

هن جماعت ۾ شامل ٿيل غازين ۾ سرفروشي جو زبردست جذبو پيدا ٿيڻ لڳو. پير صاحب جن انگريزن جي تسلط کان پوري طرح واقف هئا. پاڻ اندروني طور جماعت جي اصلاح ڪندا رهيا ۽ کين قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ڪندا رهيا. ولائتي ڪپڙي نہ پائڻ واري حڪم کان پوءِ غازين جي تحريڪ انگريز حڪمرانن کي سخت ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو تہ هاڻي شايد سندن خلاف هڪ باقاعده تحريڪ ٿي شروع ڪئي وڃي. انگريزن "غازي تحريڪ" کي ناڪام بنائڻ جون عملي ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. هر هڪ ڏوهہ کي بنا جانچ جوچ جي حرن ڏانهن منسوب ڪري، خاص خاص

پرجستن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ رڪارڊ ٿاهيا. لنڊن وڏن حرن لاءِ پوليس ٿاڻن تي هفتيوار حاضريون مقرر ڪيون ويون، ۽ ڪن تي هفتي جي بدران هر ٽئين روز، بلڪ روزانيون حاضريون مقرر ڪيون ويون. پير صاحب جن جي گرفتاري واري بنگلي تي چوڪي لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو. پير صاحب انهن پابندين خلاف احتجاج ڪيو ۽ حرن جي حاضرين ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته جيڪي ماڻهن آٺن-ڏهن ميلن جي مفاصلن تان پيدل هلي اچي ٿاڻن تي حاضريون ڏيندا، سي پنهنجن ٻارن ٻچن جي گذران لاءِ ڪهڙو پورهيو ڪري سگهندا. پر هن احتجاج تي انگريزي حڪومت ڪو ڌيان نه ڏنو، ويتر حرن تي ظلم ۽ سختيءَ ۾ واڌائي ڇڏيو. انهن حالتن کان متاثر ٿي پير صاحب حاضري ڏيندڙن مان ڊزن کن پرجستہ ماڻهن کي سڏي چيو ته "فقيرو! هاڻي اڳتي لاءِ اوهين حاضري نه ڏيو".

حرن جي حاضرين نه ڏيڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو پير صاحب کي انگريزن نظربند ڪيو ۽ مٿن بغاوت جي الزام ۾ مقدمو هلايو. آخر ٢٠-مارچ ١٩٤٣ع تي ائين بجي هيءَ آزاديءَ جو اڳواڻ سر ڏيئي سرهو ٿيو. هن صدمي حرن جي جماعت جي جذبي کي اڀاريو. انهن سڀني اڌو اهوئي مقصد هو ته ڪنهن به طرح انگريزي اقتدار کي ختم ڪيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ هنن جو پهريون قدم ١٩٤٢ع ۾ ٽنڊي آدم وٽ لاهور ميل کي ڪيرائڻ وارو هو، انهيءَ لاءِ ته حڪومت جي آمدرفت واري وسائل کي ڌڪ هڻجي. انهيءَ واقعي بعد حرن مٿان هيڪاري ٻاهه ٻري ويئي، بي انداز فوج ۽ پوليس سانگهڙ ٿرپارڪر، نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ ڪاهي پيئي، هزارين بيگناهہ جهنگلجي جيلن جي حوالي ٿيا. سوين حرن کي ڦاسي ڏني ويئي. سڄيءَ سنڌ مٿان "مارشل-لا" لاڳو ڪيو ويو، جو ٻه ٽي سال هليو، انگريزن

جي، حڪومت جي دؤر ۾ دنيا جو اهو پهريون مثال هو جو ايڏي ڊگهي عرصي لاءِ هڪ علائقي سان "مارشل-لا" لاڳو ڪيو ويو.

جيئن جيئن حرن خلاف سرڪار طرفان سختيءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو، تيئن تيئن حرن به پنهنجون ڪارروايون زور ڪيون. سرڪاري عملدارن کي مارڻ توڙي پوليس ۽ فوج سان مقابلن ۾ ڪونه گهٽايائون. هزارين بيگناهه شخص عيال سميت لوڙهن ۾ بند ڪيا ويا. سوين ڳوٺ ساڙي ميدان ڪيا ويا. مکيءَ جي ڍنڍ کي سڱائي، ٻيلو وڍايو ويو. اهڙي طرح حرن جا ڳوٺ، ٻنيون ۽ ٽاڪ سڀ تباهه ڪيا ويا. ايتري مصيبت ۽ سختي سهندي به حرن آڻ نه مڃي ۽ مقابلو ڪندا رهيا. انهيءَ تحريڪ ۾ جن حر فقيرن انگريز ڪومت جي طاقت جو مقابلو ڪيو سي هي هئا: وريام فقير خاصخيلي، غلام علي چانگ، علي شير خاصخيلي، مٺو خاصخيلي، شيخيو راڄڙ، محرم ڏاهري، عبدالله راڄڙ، سهراب راڄڙ، دودو ڪوري، مصري لغاري، امام بخش سنجراڻي، راڻو مري، عثمان هگورو، گلو وساڻ، جڙيو خاصخيلي، اهل ماڪاٽي، عمر ورياهه، ڦوٽو چانگ، همير ماڇي، چاچڙ ٽانوري، ميرو نظاماڻي، رحيم هگورو ۽ ٻيا، جن وڏيون همتون ڪيون. سرڪار طرفان انهن فقيرن جي گرفتاري يا مارجڻ تي انعامن جو اعلان ڪيو ويو. ڪي فقير دوبدو مقابلا ڪندي شهيد ٿيا، ۽ ڪي جهلجي وڃي جيلن جي حوالي ٿيا. مقابلن جو اهو سلسلو ١٩٤٧ع تائين هليو. جڏهن انگريزن ملڪ ڇڏيو، ان بعد، قومي آزادي واري دؤر ۾ پاڪستان اندر پنجن سالن تائين انگريزن جا پڙهايل ڪامورا حرن خلاف ڪارروايون ڪندا رهيا، ۽ حرن به ويندي ١٩٥٢ع تائين اهڙن ڪرتوتن وارن ڪامورن جا مقابلا ڪيا.

ان بعد جڏهن پير صاحب پاڳاري جي گادي وري بحال ٿي، تڏهن موجوده پير صاحب پاڳاري جناب شاهه مردان شاهه ثاني سيني حرن اڳواڻن کي پاڪستان حڪومت جي پيش پون جو اعلان ڪيو. هيءَ ٻي حر تحريڪ (١٩٤٢-١٩٥٢ع) انگريزن خلاف آزاديءَ جي جنگ هئي، جنهن جي اڳواڻي خود پير صاحب سورهيه صبغت الله شاهه ڪئي.

هن ٻي تحريڪ ۾ حرن جيڪي جنگيون ڪيون، تن کي سنڌ جي عوامي شاعرن ڳايو. اهي بيت ۽ بيان لوڪ ادب سلسلي جي ٽائين ڪتاب "واقعاتي بيت" ۾ تفصيل سان ڏنل آهن (ص ص ٥٢٩-٢٧٧). هت مثال خاطر سگهڙ قادر بخش جا ميري فقير نظاماڻي جي مقابلن ۽ شهيد ٿيڻ بابت چيل بيتن مان ڪي ڏجن ٿا.

مَردن ڪيا مقابلا، ڏسو مَردن جا ميدان
حڪومت هڪل ڪري، جا ڳايا جوان
"بچو" منجهن بادشاهه، "ميرو" پهلوان
لڳي جنگ غوغاءِ، ٿيو گوڙ وڏو گهمسان
سوال سٿا پڇاسون ڪيترا آدم مان انسان
پوءِ "ميري" جو ميدان، مون آهي ڏٺو اکين سان.

آهي ڏٺو اکين سان، مون ميري جو ميدان
ڪيائين مقابلا ملٽري سين، جنگيون جوٽيون جوان
جنگيون هن جوان ڪيون، جت هئا ملٽري مڪان
الله ڏنو هو ايڏو ان آدم کي ايمان
پهريون پهلوان، ميرو انهي ملڪ ۾.

ميرو الهي ملڪ ۾، ڪيو پهلوان پرور
پنج سو پنڌرهن چٽا، ملٽري ۾ مشر
گهيرو ڪيئون تنهن گهوٽ کي، اچي واهن جهليا ٿون ور

ڪي ڪري پيا هٿا ڪڙيي ۾، ڪنين جهنگ جهليا ٿي جهر
حڪومت واري هڪل ڪئي، ٻئي خان خبر
گجي شينهن گـڙي نڪتو، نعرو هڻي نـر
هڪل سان حاضر، اچي مرد بيٺو ميدان ۾.

مـرد بيٺو ميدان ۾، سنجهي ٿيو هو سوار
"علي" اچ ڪـٿي ويو، هاڻي سڀ هٿيار
هڻي نعرو حيدري هن ڏاڍو وڏو ڌهڪار
ڪيا قـير فقير ٿـي، ڌهڪايئين ٿـي ڏار
هلي سـو هـڪ وار، اچي مرد بيٺو ميدان ۾.

مـرد بيـٺـو ميدان ۾، هـڏرو پـاڻ اچـي
گوليون جوُ تنهن گهوٽ تي ٿو مٿان مينهن وسي
ٻارهين ڪان پوءِ ٻي ٻجي، ڪاڙهو قيام هجي
ٻئي ملڙي منجهي، ٻڌيو هڪل حاڪم جي.

ٻڌيو هڪل حاڪم جي، هٿا ڪوهن منجهه ڪڙڪا
ٻن ميلن ۾ "پروچ" چئي، هٿا گولين جا کڙڪا
ميل پنڌ ۾ ماڙهن سٿا، ان دانهه جا دڙڪا
ميري جڻ ڦهڪا، ڪيا هٿا بندوقن جا ٻر ۾.

بندوقن جـا ٻـر ۾، هٿا گولين جا گهمسان
گهوگهٽ هٿا کهن مشن جا، دونهن جا دوفان
جهنـگ ڇڏيو ويا جانور، هاڻي سڀ حيوان
پکي سڀ پرڏيهه ويا، چـرخ چڙهي چوغان
ات بـيٺو آهي ٻـر ۾، مـرد جهليو ميدان
واڪا هٿا وٽن ۾، ڪڙڪا ڪن پيا ڪان

زمين مٿل ٽانڊي جيئن، آپ ڳجي آسمان
اتي ٻه ٻيڙ جهليو پهلوان، ٻيئو آهي ٻَر ۾.

ٻيئو آهي ٻَر ۾، پيئو کيهر کَنڊائي
وڏائين مارو ملٽري ۾، ٻيو ڪنڪ ۾ ڪاهي
"مَٽَڪي" "سانگهڙ" سي ٻيئو مَرد ٻه ملهائي
ٻوءِ لاڪاپا لاهي، سر ڏيئي سرهو ٿيو.

باب ڏھون

انگريزن جي دور جا جھيڙا ۽ مقابلا

ا. نومڙين ۽ جوکين جي جنگ*

نومڙين ۽ 'آري پوتن' جوکين جي ھيءَ جنگ اندازاً ۱۸۷۰-۶۵ع ڌاري لڳي. نومڙين جو 'آري پوتن' جوکين تي ڪو ويـر ٻيٺل ھو، سو وير وٺڻ لاءِ حملو ڪيائون. جوکين جو "پنڊ" پاڙو، آري پوتن سان انھيءَ حملي ۾ نه ھيو، "پنڌيچا" جوکيا، آري پوتن سان پيڙا ٿيا. مقابلي ۾ ترار يون ھليون ته جوکيا آئين جي ھيئان ۽ پويان وڃي لڪا. پوءِ حمزائي جوکيو جيڪو ھمت وارو مڙس ھو سو ھڪلي ڪري ميدان ۾ آيو، تڏھن ٻيا جوکيا به اچي وڙھيا. پنھورن جو ڏرار سچيڏنو زنگياڻي پروچ اتي آيو ته ڪنھن پنڌيچي جوکيي ھن کي ناحق ماري وڌو. آن کي آتي ئي دڪيائون. جوکين جو مرشد ڪڙيو شيخ، تنھن کي جنگ جي خبر پئي ته اھو پنھان سنجن گھوڙي تي سوار ٿي، سچ لڻي مدد لاءِ اچي پھتو.

ھن جنگ جو احوال براھم منڌي حمرائي ٻراھماڻي ڪرمتي بلوچ پنھنجي ھيٺين بيت ۾ بيان ڪيو آھي:

اللہ جل جلاله، اللہ توھارو
جيئن جنھين کي لکيو، صحيح پاڙيندا سو
پاڻاري "آري پوتي" جي، ھمين پنڊ پيڙو(۱)
ڪٽي ڪنر ڪيسي وٺين، پيراڻا ھيرو(۲)

(۱) آري پوتا=جوکين جو پاڙو.

(۲) پيراڻو جوکيو.

باڊل جو، براهم چئي، ڪڙوءَ مٺنهن ميرو(١)
اوباهي پنهنجي آئيهين تان، جهليو ڏيپ ڏيرو
هڪڙا ٻيهي ٽيا ٻٺنين هيٺ، ٻيئين کي ٽيو وکيـ ويرو
لاڪو پنهنجي لڄ تان، ڏئي ٿو ٻانهون نہ پيرو(٢)
"آري" تو نہ آجاريو، ڪري دل ديرو(٣)
واگهہ واڍوڙي هليا، ڪري مٿي ٻيڙ ٻيڙو
هڪل ڪري حمزائي آئيو، ڪو اکيئون اربيلو(٤)
هڪل ڪري حمزائي آئيو، ڪو سورهيہ سويلو
چئي: "ڪوڙ هڙان ڪاڏي وَيسي" جي آئيون اويلو(٥)
لڇون لوڏيون جن جون، تن کي سور جا کپي ويـو سو
ڪاچائيءَ گبول سين، وجي حاجي هٿين پيو
تنهن کي مٿي تان، منڊو چئي، ڪو ٻنيي ٻانڊو ويو
سرواهين شتر سين، ان کي چڙهي چوتا ڪيو(٦)
سو ناحق ماريو نڱ تي، نيائين گنج شهيدي گو
ڪن جون ٻنيون وڃن ٻنود ٿي، ڪن جو ٻاٽي اکهيو پوءِ
ٻنديچا، براهم چئي، ڪنهن قضيو ٿيو(٧)
زنگياڻي جي زهر جو پيتوءِ پيالو
سچيڏنو شتر سين، جيسين وير ورائي نہ ويو(٨)
تانسين آڏيءَ کينڊين آڏ ڪا، صبوح سويلو
جٺن چاڪر رکي چٽ پر، عارب وير ورائي ويو(٩)
تان ڪو آڏر (عذر) اني کي، تون کهڙو پلؤ چڪيندين پوءِ

---

(١) باڊل جو کيو شايد پيرائي جو پيءُ هو (٢) لاکو نوڙيو (٣) آري جو کيو (٤) حمزائي جو کيو، جو وڏي همت وارو هو (٥) "ڪوڙ هڙان ڪاڏي وَيسي" جو کين جي ڪوهستاني ٻولي جا الفاظ (٦) سرواهين=ترارين. شتر=جلدي. (٧) اي بنديچا، تو کان گناه ٿيو (بنديچو پاڙو جوکين جو) (٨) سچيڏنو زنگياڻي پنهنجي پٽ يا پاءُ جو وير وٺندو. (٩) عارب برفت جو چاڪر کان وير وٺڻ ڏانهن اشارو.

"ٻاگي" برحال ڳالهڙي، ته مڙهه نه منزل کو(۱)
"سومي" سرهي ڳالهڙي، ته هي مٽر امانت هوءِ(۲)
جيڪي هوندس جيترا، سي پاڻهي ڪيندس پوءِ
هڪ پاڌا پنهوارن جا، ٽين جهڻ جهلوءِ

"ڏنا" ڏوتي ڏيهه ۾، چؤڪس ٻيئي چوءِ:
ته هت نه رهندي هارپيا، ٿو احمد ائين چوءِ
وير پاڻ تي پرائو آهي، لاچو لٽبين جو(۳)
آڇهو آسڻ اوهان جو، مٿان تڏو ٿيي پوءِ
ڇتوءَ ۾ چاڪر جي، اڳي ڳانڍو ڳودڙ هو(۴)
ڏاڙهي جا ڏيوڙي تنهنجي، سڪيي سمجهه پوءِ
هيڪڙا آهن مٿئي، ٻيلا ٻارائين جا، پيو آهين قرضي ڪرمت جو
آڪڙ رک ۾ ان مين، تون هل ڳڌر غاريبو
تان ڪو تڪبين ڏينهڙو، تون ڪيڏي وڃان ڪو
وجهين جوک چيل ۾، ڳاگين ڳاري ڪو
ڪيڙين ڪانئي ڪارڙيهن، توتي آهي آهنر اڏوهي ڪيو
جيئن ماه ڀچي ميثر، تيئن تنهنجو ميخين سڙي ساهه پيو(۶)
اوءِ تان ولن ساريون، ڪيٽڪن ڪاريون، ان جون
ٻاليون پٽڪن پيوءِ(۷)
ميران جي مٿهن مين، ڪرڪنهي سو(۸)
الٿهي جو اولاڻيءِ تي، ڪڙيو ڪاهي پيو
ملاڻي مجليس مين، آهي دعاگي دنڪن جو
ڪلمو جو چوندو، هوندو سو ايمان مين.

---

(۱) ٻاگي پنهور چيو ته هي مڙهه ماڻهين پيڙو به ٿي سگهندو سو هتي ٿا ڏيکيونس (۲) سومسو پنهور (۳) لنبين جو = ڏگهن زوراورن (نومڙين) جو (۴) مٿان اوهان جو تڏو پوءِ تيتي (۵) اهي الفاظ ۽ ٻيا هيٺيان گفتا شاعر "ڏنا" نالي وڏ-واتي ماڻهي جي زباني چوايا آهن، جيڪا چوي ٿي ته: اوهان ۾ به ڪي ائين آهن جئن چاڪر جو ڪيي جي نسٽ ۾ "ڳودڙ" هو جو ڪيس جنگ ۾ ڇڏي ويو (۶) ٻيئر = ٽانڊن جي جر (۷) پوءِ = واهه واهه (۸) ميران ڪڙيو شيخ.

۲. گبولن ۽ ٻرُن جو مقابلو*

انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته ماڻهن ۾ پياچ پئي. ملير جا خوجا ۽ ميمڻ، گبولن جي راڄ مان ڀڄي، حب ندي جي ڀراڙ لاڪيٽي لڪ تي وڃي ويٺا. آخر جڏهن ملڪ ۾ امن ٿيو تڏهن ميمڻ، گبولن کي چيو ته هاڻي اسان کي پنهنجي ملڪ پهچايو. پوءِ انهن جو قافلو نڪتو ۽ گبول ساڻن ساڻي ٿي نڪتا، جن مان ٻچو وڏو ۽ ٻچو ننڍو (ٻئي ڀاڙو نوتاڻي، پاڻ ۾ ماسات هئا) وڏا پهلوان هئا. واٽ تي ٻرُا ساٽ ڦرڻ لاءِ سامهان ٿيا، تڏهن ميمڻ مان ڪنهن چيو ته اسين سيّد آهيون، انهي تي ٻرُا مڙي ويا. پر ٻرن چيو ته ڀڪيا آهيون ماني هجيو ته ڏيو. هنن ماني ڏني جا ٻرُا وٺي ھنڌ پيا. ان وقت ٻچو وڏو جو شڪار سانگي نڪري ويو هو سو به اچي سهڙيو. حقيقت معلوم ڪري چيائين ته: مڙي پوءِ آڻ منجهينداسون. چوندا ته مڙس سچي ساٽ مان مانيون ڦري ويا، سو مانيون ٻرُن کان ڪَسي کٽي ٻڌائين. ٻرُا روانا ٿيا پر اِڪٽي هلي آڻلي پيا، جو چيائون ته: مڙسن کان آندل مانيون ڦري ورتائون. هڪ ٻرُو جوان مڙس اڪٽي وڏي آيو، هتان ٻچي وڏي بندوق سچي. پر هو مڙس ڪڏندو، ور ڪندو، وڏندو آيو. نيٺ ٻچي وڏي بندوق هنيس ته وڃي ڪريو. اتي وري جو ٻرُن بندوقون ڇوڙيون سو ٻچو به وڃي ڪريو. اتي ننڍي ٻچي جٿلهه ڪئي پر ماين ورائي ڪٽي جهليس. تنهن جي

* هي روايت پريي خان گبول جي زباني تاريخ ۲۰ اپريل ۱۹۵۱ع تي چڪري (ڪراچي) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ قلمبند ڪئي.

هڪل ڪئي هوندي ته "هڻ ڙي ٻچا هڻ". ننڍي ٻچي کي مايون جهليو ويٺيون هيون جو هڪ ڀٽري وڏي اچي ترار هنيس، جنهن ڇيله وٽان ڪٽي ڇڏيس. ٻئرا ٻوءِ پنهنجو مڙس ڪٽي هليا ويا.

ڪجهه وقت بعد ٻئرا ڪڏجي سيڙ ڪري پوري ۽ ملوڪ خان ڪبول وٽ خون بخشائڻ آيا. تنهن چين ته: اوهين ڏراڙ آيا آهيو ۽ اوهان جو وڏو ڪونه آيو آهي. پر اوهين وري به وڃو ملڪ ابراهيم وٽ. هو آئي ويا ته ملڪ به ساڳيو جواب ڏنو ۽ چيائين ته: انگريزن جي وقت تائين اسين ڪونه ٿا ڪڇون، باقي خون اوهان تي آهي، جنهن جو پاڻهين حساب ونداسون.

شاعر جعفر ڪبول پاڙو نوتاڻي ويٺل لياري ۽ حب ندي جي وچ تي، هن مقابلي جو بيان پنهنجن بيتن ۾ ڪيو، جن مان ڪن جا ٽاٽا هن طرح آهن.

١. ڪياسون پيڙا ڪراچي تي خوجا ميمڻ واپاري
تن کي ڏناسين لاڪيٽا لانچائي، پٽي شير شڪاري (١)
قضا ڪلتاري، جو اچي ماريا مڙس مياڇ ۾ (٢).

٢. ماريا مڙس مياڇ ۾ نرمل نوتاڻي
جٽڙي جنگ، جعفر چئي، ڪو سنگتي نه هئن ساڻي
نه ته ٻئرين ۾ ٻروچ چوءِ، هوند ڪهوٽين وڏي ڪهاڻي
اها هئين آهجاڻيي، 'هڻ هڻ' وائي وات ۾.

٣. لاڪيسٽي لٽڪ تان اچي ٻچي پريو پار
سو مٽيا مٿهاري هليو، توڏا ڪري تيار

---

(١) لانچائي=جانچي. پٽي=وڏو ۽ ننڍو ٻچو پٽي جٽا. (٢) مياڇ= ڪراچي جي الهندي هڪ جڳهه.

سر ڏيئي، سرڏيون جهان، اهي پنجاهين جا پار
ڏيئي سر ذاتار، تون ملڪ ۾ مشهور ٿئين.

۴. ملڪ ۾ مشهور ٿئين، آڱ پنگ آنگهيرا
پٽرين جا پروچ چوء، تبو ٿي دپايا ديرا
هو جا واهه چون ويرا، سا نر توکي نصيب ٿي.

---

۳. گبولن ۽ گدرن جو مقابلو*

ملير طرف مباڪائي (هاڻي) عليائي گبول، جن جو وڏو حاجي نالي هو. انهن جو گدرو ملير نالي سو ٻه ڏاڍو مڙس ساماڻو، سندس پٽ نيدو ٻه همت وارو هو. انهيءَ ڪري ملير گدري، گبولن جي غرض ڪان تي ڪيو. گبولن جي پاڙي گدرن جي مينهن ڦري، جنهن تي ملير مينهن ڪي ونگ وجهائي مٽ سوراني چڙيو(۱). گبولن ڏٺو ته مڙس جي متي ۾ واءُ آهي، سو حاجي ۽ ٻيا جملي ست همت ڀريا مڙس نڪتا ۽ ملير جون مينهون ڪيڏي ڪاهي هليا.

صبح جو نيدي ٿيءُ ڪي چيو ته: زالن جي پيرن جهڙا ننڍڙا پير مڙسن جا، تن اچي مينهون ڪيون آهن. اتي ملير چيس ته: پٽ ڀلا! هنن جو هڪڙو پير رڪيب ۾ ته ٻيو ڪٽ تي آهي. اهي ملير جا سور آهن ۽ گڏيي خبرون پوندي يون.

پوءِ ملير گدرو ۽ ٻيا ست مڙس چوند واهر لاءِ پويان نڪتا. ونيچي ۽ ٻهري جي ڊوري جي وچ ڏاري شاه حسن جي سامهون ڪاري جو ڊورو، آتي مڙسن کي وڃي گڏيا. ڏٺائون ته عيدو گدرو مينهن سان بيٺو هو ۽ گبول ستا پيا هئا. عيدو ڪان پڇيائون، تڏهن چيائين ته: اول مون سين وڙهي پوءِ اڳتي وڃو. پوءِ ان کي مارياڻون. پوءِ ٻنهين طرفان ست ئي مڙس، هڪٻئي کي مٽ مٿين کي سامهان ٿيا ۽ ٻولائي وڙهيا.

---

*راوي هاشم گدري جي زباني ڳوٺ محمد صديق ۽ علي بخش هديهه (تعلقو ميرپورساڪرو) واري ڪچهري ۾ تاريخ ۲ جنوري سنه ۱۹۶۲ع تي قلمبند ڪيل.

(۱) مٽ سوراڻي چڙڻ = ڦر وارو ٻچ ڪيڏائي چڙڻ.

وڃيو سير ملير مان، حاجي سينهون ڪاهي
جن مينهن مان منگهيون ڏُڏيون، تن ساريون ٿي سعيي
پيٺِ ٻرهه ڄو ٻيهر تي چڙيا گڏرا رَند رمائي(۱)
پُٺ نيدو هيءَ ملير، مليو ڪاڻوٽي ڪالهائي:
"ابا! متان وڃن مينهيون ڪنڊيون ڪرڪي ڪچولائي
سر ڏيندا سين سوپ ٿيندي، جيئن جان ڪي آهي
اڄي ٻهتا پنهنجين ڪي خيلا هٽ هلائي
اول گڏين اڪب ۽ عيدو شير اٿائي
عيدو اورانگهي هليا موٽي مردن ذي
اڳيان گيهانچ، سهتڪ، ٻراهم، ٻُرتوس، ميرل، حاجي آهي
ڪڍيا ڪڪب ڪين مان تن چڳيرن چٽڪائي
سورهيه ٿمڙا سهين ٻروچ مصريون مرڪائي
ٻراهم ندو گڏ ٿما ٻڌي ترارڙين تا ڪي
ٻهرين ٻيل ڇڏي اچي ندي ناڏ ڪري
ما خان جهلي هٿي ڪيڙي ۽ خانبيري ڪهٽي
نهنگ ندو ماريو سو ڪونٺر وڏائون ڪيري
حسين گڏرو هلي چڙيو ٿيو لنڊين جي ليکي(۲)
لڪي جئن ڪانگ ليٽن ۽ ٿو ڪٽيل ڪوڪائي(۳)
وجهو پانهين ٻروچ ڪي هاٿي چوُرنگ چيرائي
گهگهو وجهوس گوجرو ٻي چڻي چڙائي
"ملير" ميهي سانهه جئن آيو هاٿينگ حاجيءَ ذي
سانهن سگ اڙائيا، وڙهن واري تي
مانجهي، "ملير" مهٽيو وڏئين گڏرو راهه ڪري.

---

(۱) راد رمائي=ٻيرا ڪٽي (۲) هلي چريو=پيگو (۳) ڪٽيل گبول سو به لين ٿو وڃي لڪو.

۴. سُڪڻ نئَن لڳــ اٿين واري لڙائي*

انگريزن جو دور هو. وَسوُن ٽيون تہ پٽوا ٻروچ ويٺل کهکهر جا، سي ساڳ مان لڏي اچي سڪڻ نئن (۱) تي ويٺا، جتي ٻئي ٽال مان گڏ سندن گهوڙيون ٻہ چيڪ پيون چرنديون هيون. جوکين مان کي ڏنگا مڙس هئا، سي گهوڙيون ڪاهي ويا. پٽوَن جو چڱو مڙس ڪَرَمل پٽوو هو، سو ٻارهن مڙس ساڻ ڪري گهوڙيون وراڻڻ نڪتو. ساڻس قادو گبول، ملهوغ، موليڏنو، حاجي درياهي، سکيو منداڻي، شيرخان، جلاب، حمر، پنهو، عمر، عالي ۽ ڪرمل جماڻي (ڪاٺو) گڏ هئا. رَند (پيرو) ڪٽي ملير جي نئن ڏانهن روانا ٿيا. هڪ هنڌ جبل جي ٻَٺي تي چڙهي ڏٺائون تہ گهوڙين تي وڃي نظر پين. ان وقت گهوڙين سان رکو ٻہ مڙس چاري هئا. واهر کي ڏسي هڪڙو وٽن جي آڏ ڏيئي نڪري ويو، ٻاقي ٻئي کي جهلي وڌائون. اتي جوکين جي 'مهمت' ٻاڙي مان عيسو وڏيرو لنگهي آيو ۽ ٻروچن کي چيائين تہ: اها ميار مون تي، ٻاقي هي ننڍو آهي، هن کان ٿي، هن کي ڇڏيو. اتي ڪرمل راڇداري ڪري عيسي کي مانُ ڏنو ۽ مڙس کي ڇڏيائون. ان ڏينهن ڇاماڻي جوکين ۾ شادي هئي. راڇوٽي صلح بعد ڪرمل ۽ سندس سڄي واهر کي دعوت ڏنائون تہ ماني کائي پوءِ وڃو. مڙس وڃي ويٺا ۽ جيستائين هنن ماني کاڌي، تيستين ٻانڌي نالي ٽيپرن جي

---

* سگهڙ حاميدخان رند، هاشم گبري ۽ حاجي پيرمحمد جي روايتن کي پيٽي ترتيب ڏنل.

(۱) سُڪڻ جي نئن، ملير جي لٺن کان اوپر طرف آهي.

ٻاڙي مان، تنهن ڪرڦل ۽ عيسي جيڪا راڇوٽي ڪئي، تنهن کي ڦٽايو ۽ فتور وڌو، ۽ اها ڳالهه ٻيهاري ته هنن ٻارهن مڙس کي سٽي سولو ڪنداسون ۽ کهوڙيون ٻه ته ڏينداسون. سو وچي مقابلي لاءِ جهجها مڙس تيار ڪيائون. ٻروچن مان حاجي درياهي کي سٽس ٻنجي وئي، تنهن همراهن کي هڪل ڪئي ته مڙس جهيڙي لاءِ گڏ ٿيا ٿين، اوهين ٻه اٺي سنهرو. پوءِ هي مڙس ٻه آٺي ٿيا. ٻڙ وارن وٽن جون لٺيون وڍيائون. جيستائين هو مڙس سنهري آيا تيستين ڪرڦل پنهنجي همراهن کي همٿايو ته: مڙس ٿي بيهو، اڄ مرڻ جو ڏينهن آهي. ڏيسر ۽ نورمحمد حملاڻي جوکيو کهوڙين تي چڙهي ٻاهران اچي پهتا، تن هنن مڙسن کي ڏسي چيو ته: هنن سان پڄڻ پيٺي ڪانهي. ٻانڌي جن کي جهيڙي لاءِ تيار ڪيو هو، تن کي سمجهايائون ۽ هو ميڙي منهن ٿيا، ۽ مڙيا ۽ جٺلهه ڪيائون.

ٻنهين طرفن سڀني مڙسن وٽ لٺيون هيون ۽ هن مقابلي ۾ رڳي لٺبازي ٿي. جوکين جو تڏو هو ۽ جيڪي چڱا هٿا سي جهيڙي ۾ نه پيا، باقي چاليهن مڙسن، هنن ٻارهن تيرهن مهمانن تي حملو ڪيو. ملهوغ ۽ ڪرڦل پائر هٿا. ملهوغ سامهون هڪڙي مڙس کي ٻڪ وجهي ٿوري وقت لاءِ ڍال ڪري جهليو، ائين جيو جيڪا لٺ اچي سا ان کي پٺي لڳي. ٻين سڀني مڙسن لٺيون هنيون ۽ ميدان ڪري بيٺا، باقي ٻه چٺا ڪرڦل ڪاٺو ۽ عالي جٺماڻي لٺين جو تاءُ نه جهلي سگهيا ۽ ڀڳا. ٻانڌي جي چوريل طرف ٻه ٽيرا جٺلهون ڪيون، پر هنن چوويهه مڙس ڪيرائي انهن کي هٽايو ۽ سوٻارا ٿي، کهوڙيون ڪاهي آيا. قائم سٺاڙ هيٺين بيتن ۾ هن مقابلي کي بيان ڪيو آهي. ڏهن مڙسن جي همت کي ساراهيو آهي ۽ ٻه جيڪي ڀڳا تن کي ننديو آهي.

آللهِ جَلّ جلا لهُ، الله ٿيي توهار
مينهن وٺا، منڊ ٿي، آيا سانگ لڳي سنگهار
ٻَٽ سڃاڻيو پانھنجا، هوچارين ٿا چوڌار
چوڙي آني چڏيون، گهوڙيون مٿي ڊار
ڪن چنڊن کي چوريءَ جي هٿي لب لغار
اچي هيرياڻون هوتين جون، گهوڙيون منجهان ڊار(١)
صبح جو سونهو ٿيو، ڪي ٻوڻڪين ايءَ ٻچار(٢)
مينهن مباڻينداڻي سنهوڙا، ڪري گهوڙيين جي گفتار(٣)
ماڻهو تني موڪليو، آءٌ تون ڪراڙل قلعيدار(٤)
تن مين گڏجي ڪبول آئيو، قادو ڪنگٽهار(٥)
ڪبولين جي ڪهٽ جي، هٿي ٻاڻارين ٻچار(٦)
اڪي 'مٿو' چڙهندو هو 'مل' تي، ڪٿيو چيل چڱار(٧)
هي ٻن ڪيرائيندا ڪوٺن کي، وجهي ڏوڪين ڏار
هن نيٺي رند، روانو ڪيو، ملير سامهين مهاڙ(٨)
سي خان چڙهيا 'ڪرڪٽڙي' تان جان درس ڪياڻون ديدار(٩)
تان ڪهوتين جو گهوڙين تي، وجي لظر نميو نروار

---

(١) هرياڻون= پڌاڻون ۽ (ڪاهياڻون). ڊار= جهنگ (٢) ٻونڪين = ملوڪ مڙس. (٣) ساڻينداڻي= پٽون جو ٻاڙو جنهن مان ڪي اٿي هٺا (٤) ڪرقل جيڪو ڏاڍو مڙس هو. اِن سان ٻيو ڪرقل جماڻي (ڪاٺو) به واهر سان گڏ آيو پر پوء اهو ڀڳو. (٥) ڪنگٽهار = گهورو ۽ سهڻو. قادو ڪبول همت وارو ۽ ملوڪ مڙس هو. (٦) ڪهٽ جي= حملي ۽ همت جي. (٧) مٿو ڪبول اڪيب تي. گذريو، جنهن جي گهوڙي جو نالو 'مل' هو. ("ڏسو مٿي پنيو وارو مقابلو") (٨) گهوڙين جي پيرن وارو رند. ملير جي ٻٺن طرف لڳو جيڪو هو وني هليا. (٩) ڪرڪرو= ٻيري جي اسٽيشن کان اتر طرف ڇٽن پنجن ميلن تي مڪان.

آڏو آئي چڪاسيو، تہ آهي ڪنهن ڪاروٽيار،
تڏ هڪ لسو ٽيو ليٽن ڏي، وڃي وٺ وچار
هڪڙو مڙس هٿين جهلي، وريا تيڏيءَ وار
اچي پهتا پانهنجين کي، وٺي ڏمس ڏنار(١)

عيسو مهمت آئيو، تنهن گويا ڪي گفتار؛
تہ هي ريت آهي راڄوڻين جي، ناهہ صلاح سرڪار(٢)
ڇڏيو اوهين چوڪر کي، رکو موٺ تي مياڙ
تڏ مانُ ڏنائون مهمت کي، ڇڏيائون پرس پچار(٣)
تنهن ماڻيون ڪارايون مردن کي، ڪل ڪري ڪينڪار(٤)
پاروُنڙو "پانڌي" هو، "ٽيپر" ات ٽنو نٽيار(٥)
تنهن چوري مڙس چڙهايا، جملي لاءِ هيڪار
هڪڙا ويٺا هٿيي وٽ، پين ٽي جنگ جوڙي جنسار
سي سينهن چڙهي سيچاٽين تي، نڪري ٽيا نرواز(٦)
"سٽڪڻ" آڪري سنوان ٽيا، ڪي "بيڪائي" بچڪار(٧)
ڏسندي تنهن ڏيسر کي، پيو دل منجهہ ڏڏڪار(٨)

---

(١) پانهنجين کي= پنهنجين گهوڙين کي. (٢) ريت آهي راڄوڻين= راڄداري رسم موجب راڄوٽي ڪنداسون، باقي (انگريز) سرڪار وٽ فرياد جي ضرورت ناهي. (٣) جنهن مڙس کي جهليو هئائون تنهن جي پچر ڇڏيائون. (٤) عيسي مهمت پوءِ هنن جي ماني ڪئي. (٥) پارونڙو= پہ ويڙهائو، فتني باز، پانڌي نالي ٽيپرن جي پاڙي مان. ٽنو نٽيار= جهيڙو مچائيندڙ. (٦) سيچاٽين تي= گهوڙين تي. (٧) سٽڪڻ جي لٺن. بيڪائي= چوڪين جي بيگ پاڙي جو. آن آٽ ويٺل پروچن مهمانن تي بچ ڪئي. (٨) حملي ڪندڙن ۾ ڏيسر نالي هو، جنهن جڏهن پروچن کي سامهون ٽيندي ڏٺو تہ دهلجي ويو، ڇو جو هو پہ وڏي نالي ۽ همت وارا هئا.

"حملائي! هوتن ڏانهن تون "نورمحمد" نهار(۱)
واڳه وڏوڙا، سينهن سنهوڙا؛ اچن ڪرمتي ڪڙ آجار" (۲)
ٽيپرندي تکاءُ ٿيو، ڪيي وانجهيٽن وارو وار (۳)
ڪرڦل ڪسونبوءِ ڪئيو، ٿي هيالين ٻچار
ٻڪون تن پيتيون، هٿي مٿي جن مدار
سونو نڪ سيني منجهه، هو ڪرڦل ڪڙ آجار
ڪرڦل تنهن ڪڙهي جي هٿي اڙدن منجهه آهڪار
شيرو جلاب ماريان، هٿا جنگ جا جهونجار
هنيو نوڙو، لايو جهيڙو، جلاب اوڏي وار
مرڪڻ مٿائي، سدا سائي، آيو آيڏ وڏي آهڪار
سکيي سانگو نه ڪيو شاه، جون مر ڪوڙا ٿيئي ڪهار
ڏينهن ڏاڏي جو آهيسين اچوڪون مرڻ گهاٽ سزار
قائم چئي، ڪرمتين جا، آءُ کهڙا ڏيان ٻار
ملوغ ماريون، خوب ڪاريون، جنهن جو جيءُ نه آيو جار
حمر هنيون چيٽيون چيون جوکيا جاڏ ڪندا جهونجهار
درياهي هنيون ديميتن ۾ جيئن هٿي دودو دعويدار
عمر وڏيون آچلون ڪيون، جيئن ڪرڪي لوڏي لار
ٻوليڏنا، تو جي چنا، تن جو جيءُ ٻيو منجهه چار
ڳجي ڳبول آئيو، ڪري ڪوڙ ڪرنار
ڦادو ٿيو واڏو، جنهن ڏنا ور وينجهار
ٻيءُ ڏاڏي ٻڏرا، اڳين جا اوچار

(۱) ڏيسر، تنهن پنهنجن همراهن سان نورمحمد حملائي جو ڪيي ڪي چيو ته: مڙسن ڏي ڏس ته ڪرمتي شينهن واري ڏک پيا ڏين. (۲) وڏوڙا=وڏوڻا، غصي ۽ ڪاوڙ واري حالت ۾. اچن=سامهون هو به مقابلي لاءِ پيا اچن. (۳) ٽيپرندي=گڏجندي، پنهنجن طرفن جي مڙسن جو مقابلي ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪرندي.

تن چوويھ مڙس چڪي ڪيا، ھاڻ متن ناھ ميار
عالي ويو خالي، جنھن ھٿ نہ سَچيو ھيڪار
جَسُ جُمائي وڃائي، تيو ڪانئرين جي قطار
ڪرؤل ڪاٺو، ٽَڪن ھاٿو، ناھي پَوَنُ سندو يار،

۵. رندن ۽ هديه قبيلي وارن جي ٽئين ساڻ لڙائي*

انگريزن واري وقت ۾ رند ۽ هديه قبيلن جو ڪڪرانڊ جي ڍوري جي آڀرندي ۽ ماڪي جي الهندي تعلقي ميرپور ساڪري ۾ زمين تان تڪرار ٿيو. تڏهن ترار ڪانه هئي رکي لٺ هئي. رندن زوري زمين تي نار چاڙهيا، جيڪي هديهن ٻئي ڀيري ورتايا (آڇلايا). الهڏنو ۽ عيسب هديه ٻئي همت ڀريا مڙس هئا. راڄوائين جي پاڙي مان حسن، سُهند، سومار ۽ مبارڪ ساڻن گڏ آيا. چاڙو گبرو هديهن جو طرف وڙهيو. رندن مان همت ڀريو 'سمهڻ' هو، جنهن زوري نار چاڙهيا. پيو ساڻس قادربخش هو.

اللّه جل جلاله ڪري اللّه ٿي توهار
سُمهڻ سنبهي نڪتو، هو منجهن قادربخش قرار
همت وجهي هدَين وجي ڪڍيا نانڙو ڪوڙي نار
جهڙي هئي روح ۾ رندن کي، تهڙي ڪيائون خاشيء ۾ ڪينڪار
۾ ڪڙهو ليڪيان ڪرمتي، تنهن ٿي ماريا بهادر ٻي ميار
اللّه ڏنو احدي هو، منجهن عيسب اجهي دار
راڄوائي راڄ مان آيا پورا چار (۱)
تن ۾ حسن رکيا هوڪارا ڪيا، اجي دريائي دڏڪار

---

* هي بيان سکهڙ هاشم گبري جي زباني، هديهن جي ڳوٺ واري ڪچهري ۾ تاريخ ۲- جنوري ۱۹۶۳ع تي قلمبند ڪيو ويو.

(۱) راڄوائي، ڪرمتين جو پاڙو.

مٿهند مٽڙيوني ڪينڪي، منيون ني سومار
مڙدن ۽ مبارڪ جمڪيو ني چوڌار
ڪدري جي کهنر ۽ هني "جاڙي" جي جيڪار،

واڪهه هت وليداد جو سٽهق ساماڻو
ڪاهي پيو ڪنڪ ۾، جنن کهمي تو کهاڻو
لکيس لت ڪهار ۾، چڙيائين پولهوا پتراڻو.

٦. علي بخش نظاماڻي جا ميرعلي مراد جي پهلوانن سان مقابلا*

مير علي مراد خان جي وقت ۾ علي بخش نداماڻي (نظاماڻي) خيرپور رياست جي سوراهه تعلقي ۾ هڪ وڏو سورهيه مڙس هو. مير جي گاهين جي ڪاٺ نه ڪيندو هو ۽ گاهه توڙي آن جي اڌ بڻي ڪان وڌيڪ هڪ تيلي يا هڪ ڪٺو ٻه ڪٽڻ نه ڏيندو هو. گاهين ٻئي اهڙو ڪو وجهه ڪوليو جئن علي بخش جو گاهه ٻئي مٿا ڪٽن.

هڪ سال مير علي مراد ناري جي شڪار تي چڙهيو ۽ اتان موٽيو ته اچي "ڏاڏر" ۾ منزل ڪيائين. وهڻن لاءِ گاهه پني جي ضرورت هئي. علي بخش جا جتو ٻوڪيل هئا ۽ اها بني ويجهي هئي. گاهي سچ لٽي جو اها بني جانچي آيا ۽ ڀوءِ وڏي اسر اچي ان ۾ ڏانتا وڌائون. علي بخش کي خبر پهچي وئي، تنهن گاهين کي ماري ڪڍي ڀوٽي روانو ڪيو. هنن مٿا اگهاڙا ڪري اچي مير آڏو فرياد ڪيو ته: سائين! علي بخش نه ڪڏهن گاهه جي ٻئي جو اڌ ڏئي ته نه وري ان جي ٻئي ڏئي. اج اسان کي ڪٽيو اٿس، سپائي سرڪار جي ٻئي ڪنهن نوڪر کي ڪينندو.

* هن ڳالهه جو بيان اسان ناري ۽ چونڊڪي ۽ سوراهه ۾ ڪيل ڪچهرين ۾ پڌو. سوراهه لڳ وڏل نظاماڻين کان پڇيو جن چيو ته ان وقت جو هڪ بيت آهي پر اهو ماڻهو موجود ناهي. اتفاق سان اهو بيت جيڪو هيٺ ڏنل آهي سو اسان کي مرحوم محمد عالم خان شاهل زئي جمالي (تعلقو اوستو محمد، بلوچستان) جي ڳوٺ سندس اوطاق تي ۲۹ ڊسمبر ۱۹۷۲ع تي ڪيل ڪچهري ۾ اتي اچي ڪنهن سکهڙ کان مليو.

ان ڏانهن تي مير صاحب پنهنجي خاص ماڻهو ٻياري مگسي کي حڪم ڏنو ته وڃي علي بخش جي پيدايش تي ٽپو رکي ۽ علي بخش کي به وٺي اچي حاضر ڪري. سرڪاري ٽپيدار شيخو ميمڻ به ساڻس گڏ چڙهيو. مگسي سگهو مڙس هو، سو جڏهن علي بخش جي ڪوٽ آيا ۽ علي بخش کي سڏيائون ته مگسي دڙڪي داب سان ڳالهايو ته سرڪاري حڪم آهي ۽ تنهنجي پيدايش ضبط آهي. علي بخش چيو ته: اڌ ٻني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، باقي پيدايش(۱) تڪو ٽپڻ ڏيندس ته تڪو ڪٽڻ ڏيندس. اتي ٻياري مگسي زور ڏيکاريو ۽ اٿي وڃي علي بخش تي جلهه ڪيائين، پر علي بخش جي ڀيرٽين ڏڪ سندس ٻئي ٻانهون وڍي ڇڏيون. اتي شيخو ميمڻ ۽ ٻيا پيگا ۽ اچي مير کي ٻڌايائون ته علي بخش حملو ڪري ٻياري جون ٻئي ٻانهون وڍي وڌيون ۽ ٻيارو مري ويو هوندو.

تڏهن مير صاحب، بکرخان لاشاري کي سپاهه ساڻ ڪري حڪم ڏنو ته علي بخش کنهن به طرح آڻي حاضر ڪري. ان وقت دستور هوندو هو ته جڏهن به ڪو اچي حاضر ٿيندو هو ته فيصلو ٿيندو هو ۽ فيصلي کان اڳ کنهن کي به ڪا تڪليف ڪانه پهچندي هئي. پر ان کان اڳ بکرخان مير جي حڪم تي کنهن ڪلهوڙي کي حاضر ڪيو هو جنهڪو فيصلي کان اڳ مير جي نوڪرن جي هٿان قتل ٿي ويو هو، سو بکرخان مير صاحب کي چيو ته، مون کي اهڙو لکيل حڪم ملي ته فيصلي کان اڳ علي بخش کي ڪا تڪليف ڪانه پهچندي. مير اهڙي "لکيي" ڏيڻ جو حڪم ڪيو. مير صاحب ان وقت ڏيپ ۾ شڪار لاءِ لٿل هو.

---

(۱) پيدايشي ٽپي، يعني اَن ۽ گاهه تي، سرڪاري ٽپو هڻي جو کوبه ڪٽي نه سگهي جيستائين فيصلو ٿئي.

بکرخان اهو لکيو ھو، کنيو ۽ قرآن شريف ۾ کنيو. علي بخش اهو ڏسي بکرخان جي پليکار کئي. بکرخان چيو ته: مير صاحب توکي گهرايو آهي، پر هو توسان ناراض ڪونهي؛ ڀلو ٿيندو. علي بخش چيو ته: مير مون سان ڪئن نه ناراض هوندو جو ڪالهه ڪالهوڙي سندس ڳاهي ماريا اٿم ۽ تازو تازو پياري مگسي کي ماريو اٿم. تڏهن بکرخان کيس لکيو ڏيکاريو ۽ قرآن شريف جو قسم ڏنو. تڏهن علي بخش بوچهڻ کي ڪمربند ڪري ان ۾ شڪليو هنيو ۽ هلڻ لاءِ تيار ٿيو. سندس ماءُ مائي سونهن جهليس ته: ابا! تو تي خون جو نامرو آهي، سو سمجهي قدم کڻ. علي بخش چيو ته: امان، آءٌ سر تو ڏيان قرآن شريف تي، جي مران ته منهنجو لاڙو ڪٽي ڀوڻي تي رکجان (١).

جڏهن بکرخان کيس وٺي آيو ۽ علي بخش اچي ڪچهري ۾ مير صاحب جو سلام ڪيو ته مير سلام نه جهليو ۽ حڪم ڪيائين ته: هٿيار ڇوڙي ڪچهري ۾ آءُ. علي بخش چيو ته: هٿيار، سر ۽ ڏاڙهي سنوان آهن. تڏهن سيد صالح شاهه کي مير حڪم ڪيو ته: ڀروچ کان هٿيار کس. علي بخش چيس ته: سيد تون نه اچ، پر هن حملو ڪيو ۽ علي بخش جي ڀرڻين ڏک کيس کٽي ڇڏيو. اتي ڪو ڀلهه هو جو مير جو پهلوان هو. مير ان کي بچ ڪئي، جنهن علي بخش کي واروڻي نه ڏنو ۽ يڪا ست وار لاڳيتا ڪيا، جيڪي هن سپر ڏيئي جهليا، ۽ پوءِ جو ڀلهه کي علي بخش پاسيارو ڌڪ هنيو سو چيلهه وٽان ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيائينس.

پوءِ علي بخش سڌو مير علي مراد جي طنبو تي جلهه ڪئي ۽ هڪ رسي ڪپيائين جنهن مڙس جي ڪانچ طنبو جي اڪڻ واري 'جهڪڙ ڪيلي' ۾ وچڙي وئي. اجان اٿڻ وڄڙ ۾

---

(١) هن مان ظاهر آهي ته علي بخش ان وقت ڇاليهن پنجيتاليهن سالن جو هوندو جو سندس ڀڻن کي ٻه ٻار ٿي چاوا.

هو جو گهرام مري اچي ۽ ويان ڏک هنيس. علي بخش ڏسي چيس ته:
تون منهنجو مٽ هئين، توکي ته سامهون ٿي وڙهڻ کپي ها.
اٿين چيئي ڏک جهلي گهرام کي ڏک هنيائين جو ڪجهه،
مير ۽ ڪجهه ڀنگي ۾ لڳو ۽ گهرام پاهڙجي وڃي ڪريو
۽ ذرا دير کان پوءِ ساهت ۾ آيو. پوءِ وڃي مير کي چيائين ته:
علي بخش کي ڏک لڳو آهي سو چاڻ ته مٺو. پر هت
شڪارگاهه ۾ رکيو شڪار وارا آهن ۽ سپاهه ٿورو آهي.
انهيءَ ڪري سرڪار کي هتان منزل ڪوچ ڪرڻ گهرجي
جو نظاماڻي چاڻ ته علي بخش جي واهر ۾ پهتا. پوءِ مير
حڪم ڪيو ته مڏي کڻو، تڏهن قائم شر مير کي دلداري
ڏني ۽ عرض ڪيو ته: منهنجي دعوت قبول ڪريو ۽ ميون وٽ
هلي منزل ڪريو. آءٌ شرن کي چؤڪي ٿي پيهاريندس ۽
ڪنهن جو به وار ونگو نه ٿيندو. پر مير صاحب جيئن چڙهيو
ته مهراڻ واري واٽ سان سڌو اچي ڪوٽ ڏجي پهتو.

علي بخش جي هن سورهيائي کي ان وقت جي سگهڙ
خيرمحمد نالي پنهنجي هيئين "تڪ بندي" ۾ بيان ڪيو:

ناري جي ٻـــه شڪار تـــي مـــير صاحب چڙهيو آ
ڪيڏي شڪار ناري جـــو، مير "ڏاڏر" لـــٿـــو آ
هت ســـج لٿي جـــو گاهين، جـــؤ جانچي چـــڏيـــو آ
ســـج آيريو ئي ڪينڪي گاهين ڏانـــٿـــو ڪـــوڙيـــو آ
خبر پئي علي بخش کي، ڪيڏيائين گاهين ڪـــٽ چتاءُ
ڪـــاهـــي ســـڌو مـــٿـــي اکهاڙو، مـــيـــر ڏي پـــکيو آ
چئي: اج ماريامي ڪاهي سائين، سٺيـــٺـــو پئي جي مٿي آ
مير سڏيو: ڙي پيارا مگسي تنهنجي مهل اچوڪي آ
شيخـــو ميمڻ ڪوهـــڙ هـــو ســـو پـــيـــل چـــاڙهـــيـــو آ
هڪلي اچـــي نـــداماڻـــي کي ڪـــيـــٿـــون ســـڏ وراءُ
نڪري آءٌ ڙي نداماڻي، توتي حڪم مير جـــو آ.

(علي بخش چيو:)
چار ڳهڙيون گهوڙي خاطر مون ته ھرکيون آ(۱)
